

رائي پير رت ڪيا
(آتم ڪٿا)
امير بخش شر
Publication

# رائي پير رَتُ ڪيا

(آتم ڪهاڻي)

## امير بخش شر

ماءِ پبليڪيشن، سکر
2015ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | رائي پير رَتُ ڪيا |
| موضوع: | آتم ڪهاڻي |
| ليکڪ: | امير بخش شر |
| ڇاپو: | پهريون |
| سال: | 2015ع |
| ڪمپوزنگ: | نظام جمالي |
| ٽائيٽل: | سهيل احمد شيخ |
| ڇپائيندڙ: | ماءِ پبليڪيشن، سکر |
| قيمت: | 350 روپيا |

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”رائي پير رَتُ ڪيا“** اوهان اڳيان پيش آهي. آتم ڪهاڻيءَ جي هن مجموعي جو ليکڪ **ڪامريڊ امير بخش شر** آهي. سنڌ جي هن سباجهڙي ليکڪ امير بخش شر پنهنجي زندگيءَ جي لاهن چاڙهن، ڪاميابين ناڪامين، ڏکن ۽ خوشين کي قلم بند ڪيو آهي، اهو خود هڪ حوصلي وارو ڪم آهي. هو لکي ٿو:

”ها اڄ تائين سڀ ڪجهه سچ لکيو اٿم ۽ جيڪي ڪونه لکيو اٿم سو گهڙيءَ ڪن لاءِ توهان پڙهندڙ سمجهجو ته ڪوڙ آهي، ۽ اهو ڪوڙ آهي منهنجا عشق. هي سٽون لکندي اهي سڀ خوبصورت چهرا اکين آڏو پيا ڦرن. پر مِني به ماٺ ته مُني به ماٺ. هونئن به ڪير پيو پيريءَ ۾ زالن جا سُهما سهندو. يا گنجي ٽِڪڻ تي سينڊل سهندو. باقي جي ٿي ملي موڪل ته خوشونت سنگهه جي ڪمپني آف وومين کي ميل نه ماريان ته پنهنجيءَ ڏِس کي گهروڙي ٻنهي هٿن جا پوندا ڏجو. “

هي ڪتاب **ماءِ پبليڪيشن، سکر پاران** 2015ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون ڪامريڊ امير بخش جي فرزند اياز امير شر جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail. com
**www. sindhsalamat. com**
**books. sindhsalamat. com**

# پبلشر نوٽ

ڪنهن به ماڻهوءَ جي آتم ڪٿا تيستائين ان جي ئي آتم ڪٿا هوندي آهي جيستائين اهو لکي نه ٿو وٺي ۽ لکجڻ ڪانپوءِ ڇپجي وڃڻ بعد اها آتم ڪٿا جڻ ته عام جي به ٿي ويندي آهي. سڄي دنيا ۾ پرائي جيءَ ۾ جهاتي پائڻ ۾ گهڻي ئي دلچسپي ورتي ويندي آهي، ان ڪري جن به شخصيتن جون آتم ڪٿائون/آتم ڪهاڻيون ڇپيون آهن انهن کي سٺي موٽ ملي آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته ان مان سکڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ملندو آهي. ڪن آتم ڪٿائن مان رڳو حوصلو نه پر جيئڻ جو به حوصلو ملندو آهي. سو دنيا ۾ انهن ماڻهن کي قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو آهي، جيڪي پنهنجا تجربا توڙي حقيقتون ٻين تائين پهچائيندا آهن. جنهن کي ايئن ڪٿي چئجي ته جيئڻ لاءِ حوصلن جي ڊونيشن ڏني ويندي آهي.

سنڌ جي هن سڄاڻ ليکڪ امير بخش شر به پنهنجي زندگيءَ جي لاهن چاڙهن، ڪاميابين ناڪامين، ڏکن ۽ خوشين کي قلم بند ڪيو آهي، اهو خود هڪ حوصلي وارو ڪم آهي.

اداري پاران هن آتم ڪٿا کان اڳ سنڌ جي ڏاهي سوڀي گيانچندڻيءَ جي آتم ڪٿا "روشنيءَ جي پنڌ ۾" سڄي دنيا ۾ سنڌي پڙهندڙن وٽ مانُ ماڻي چڪي آهي. اميد ته ڪٿا جو هي ڪتاب به موٽ ماڻيندو.

**پبلشر**

# پنهنجي پاران

آئون بنيادي طور تي نه ئي ڪو ليکڪ آهيان ۽ نه ئي وري ڪو اديبڙو غريبڙو، پرايئن چئجي ته ادب جي الف ڪان به اڻ واقف ماڻهو آهيان. جيتوڻيڪ لکڻ ۽ پڙهڻ، گهڻي وقت کان منهنجين عادتن ۾ شامل رهيو آهي. جنهن جو ذڪر هن سموري ڪتاب ۾ به هنڌين ماڳين ڪيو اٿم. مون 1978 ۾ پهريون مضمون روزاني هلال پاڪستان ۾ لکيو هيو، ۽ هي اهي ئي ڏينهن هيا، جو ڪميونسٽ پارٽيءَ جا ڪامريڊ مون کي پنهنجن چنبن ۾ چائي ويا هيا. تن ڏينهين اجان ڪوئي ويهارو ڪن ليک منهنجي پنهنجي نالي سان ڇپيا هيا، بس پوءِ الله الله خير سلا تي وئي. ۽ پوءِ مون به ڪامريڊن جي پَرِ پاريندي، لکڻ ۾ هرويرو جو پاڻ کي اندر گرائونڊ ڪري ڇڏيو. پوءِ مون جيڪي ڪجھ لکيو هيو، سو ڇپيو به، پر ايرن غيرن نالن سان ڇپيو هيو. يارڙن مٽي ۾ هڪڙي ڏُن ويهاري ڇڏي هئي ته بس پاڻ کي مِڙوئي ماڻهن تائين انقلاب جي ڳالهه پُڄائڻي آهي. تنهن ثواب جي ڪم ۾ پنهنجا نالا نه آيا ته به خير آهي. ايئن اهو مواد به سانديجي ڪونه سگهيو، يا سنگت پاران سانڍڻ جي منع هئي. نذير عباسيءَ جي شهادت کان پوءِ ڪجھ ورهيہ پارٽيءَ کان آڏو پاسيرو رهڻ بعد وري ٻيو دور آيو. سو هيو ڪامورپ جو، سو به اهڙو ڪِنو جو بنهي ٽانءِ ۾ پرچي ويس. انهن ڇپيل پنن مان جيڪر ڪو انڌو مندو ڪاڳرڙو سانڍيل به هيو، سو به مينهوڳيءَ ۾ ماساتِ کي باهه ٻارڻ ۾ مدد ڏيندي ڦلهيار تي الائي ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن اُڏاڻو هيو. بس پوءِ ڪيل ئي ختم تي ويو. مون وٽ رڳو وڏ ماڻهپي ۽ وڏ ماڻهپيءَ وارا پوزٽ رهيا، باقي رهيو نام الله جو. الاهي سارن ورهين بعد وري ڦرڪو ڦِريو. ۽ هڪڙو دور اهڙو آيو، جو اوچتوئي اوچتو اها ڪامورپ به هلي ڇُري. ته به اندر مان ٽيڳر ۽ ترڙپ ڪانه نڪتي. هرڪنهن کي ٽڻي ٽامڻي سمجهڻ جي عادت به ڪانه نڪتي. ها اهو ضرور هيو ته 1973 کان 2001 تائين جي انهيءَ دور ۾ يا اڄ تائين ڪتابن پڙهڻ جي عادت اهائي اصلوڪي رهي، سا نُپ ڪانه نڪتي هئي.

تان جو 2007ع ۾ هڪڙو اهڙو جهٽڪو آيم، جنهن صفا جهوري وڌو هيو، جيتوڻيڪ ايستائين دل به ڀيرا بي ايماني ڪري چڪي هئي، پر انهيءَ کي به ڪونه ڪنگهيو هيم. پر هن نئين جهٽڪي هٽي صفا پورو ڪري ڇڏيو هيو. اصل مکڻ جون ماڙيون ئي وکيري ڇڏيون هيائين. سولي سنديءَ ۾ چئجي ته جتي پير هيا اتي متو اچي ڪُتو هيو. تڏهن اندر ئي اندر ۾ ڀڄڻ ۽ ڀُرڻ لڳو هيس. لوڪ جي نظرن ۾ پنهنجو پاڻ کي ڪريل ۽ نيچ سمجهڻ لڳو هيس. ۽ دنيا جهان کان ڪاٽا ٽي هڪڙي ڪُنڊڙي وسائي وجي ويهي رهيو هيس. اهڙو ڪو يار دوست به ڪونه ٿي سُجهيو جنهن سان اندر جو حال اوري هينئين جو بار هلڪو ڪريان ها. نيٺ گهڻن ڏينهن کان پوءِ هڪڙي پيري مصطفي اڄڻ سان اندر جو حال اوريم. جنهن ڪافي نيڪ ۽ عالماڻيون صلاحون ڏنيون، پرانهن ڦڪين فرق ئي ڪونه ڪيو. نيٺ پراڻي پڳ مٺ يار لائق ٽيبي سان صلاح ڪيم، تنهن صلاح ڏني ته هاڻ تنهنجو علاج مُلپ ۾ آهي، مانڙي ڪري وجي نمازون پڙهه، پيڏيءَ تي سڻڻ رک ۽ الله الله ڪر. ايئن ڪري به ڏٺم، پر جهوراڻو پوءِ به ڏينهون ڏينهن جهوريندو ويو.

تان جو وسڪارا آيا ته بدر ابڙو، پنهنجي سموري ڪيڙ سوڌو ٿر مان موٽندي ڳوٺ آيو. پندار جي ٻن چئونرن واري آفيس ۾ رات جي مانيءَ کان پوءِ جڏهن هئو مئو ٿريو، چوڏهينءَ جو چنڊ پنهنجي پوري جوبن سان چئونرن جي آڌو اوٺي تي ٻن ڪٽن تي وينل اسان ٻنهي جي مٿان چمڪڻ لڳو هيو، ته بدر منهنجي اکين ۾اکيون وجهي مون کان پڇيو هيو، ادا اڄڪلهه تنهنجي فون تان ايندڙ نياپن مان نااميدي ۽ نراسائيءَ جي بوءِ ٿي اچيم، ٻڌاءِ ڪهڙي ويڌن اٿئي.؟ بس انهيءَ هڪڙي ئي سوال تي قِسي پيو هيس، اندر جو سمورو اوٻر ڪڍي سندس آڏو بيان ڪيو هيم. پوءِ انهيءَ ٽڏڙيءَ رات ۾ بدر پنهنجي سموري ڏاهپ سان مون کي جيئڻ ۽ جياپي جو اتساهه ڏيڻ ۾ ڪامياب ويو هيو ۽ انهيءَ جو حل اهو ڏسيو هيائين، ته مون کي ٻيو ڪجهه نتو ڏانءُ اچي ته پنهنجي جيون ڪٿا ئي لکڻ گهرجي، سندس بقول ته لکڻ مهل ڪاغذ ۽ قلم ئي انسان جا بهترين دوست هوندا آهن. انهن سان اندر جا احوال ايمانداريءَ سان اوري ماڻهو پنهنجو پاڻ کي هلڪو ڦلڪو پائيندو آهي.
۽ پوءِ ايئن ئي ڪيم، ته لکندي لکندي الائي ڪهڙا ڪهڙا سورن جا قصا ياد ايندا ويا، گڏوگڏ پنهنجو ماضي لکندي لکندي اکين مان لڙڪ ايئن هليا جيئن مينهن وسندي گهر

جي چِتِ جا نيسارا هلن. هڪڙي ڪاپي، ٻي ڪاپي، ٽين ڪاپي پرجي وئي پر ڳالهيون ڪٿڻ جو نالو ئي نہ وٺن. لکيو وريو پڙهان تہ الائي ڇو اوچنگارون نڪريو وڃن. ايئن هينئين جو بار هلڪو ٿيندو ويو. هلڪو ٿيندو ويو. تڏهن سنڌيءَ ۾ ڪمپيوٽر تي لکڻ ڏانءُ ڪونہ ايندو هيم. سو انڙپور واري زاهد ميسي کي وڏو ڏٽو ڏنم تہ هي ڪمپيوٽر تي سنڌيءَ ۾لکي ڏي، چار پئسا بہ ڏيندو سانءِ. هن ويچاري سئو ڪن صفحا لکي موڪليا، سندس سنڌي ڏسي، اڄڪلهہ جي ننديءَ ٿيءَ جي ٻوليءَ بابت ڄاڻ تي وري روئڻ اچي ويم. نيٺ انهن سئو ڪن صفحن کي سڌارڻ لاءِ مون کي پاڻ کي ڪمپيوٽر تي سنڌي لکڻ سکڻي پئي. زاهد جو تہ ٿورو ٿيو، جهڙي تهڙي جڏي ڦڏي لکيائين، پر ڪيس اجوري جو هڪڙو ٽڪو بہ ڪونہ ڏنم، رهندو ٽُڪ بجو بہ ڪيو مانس تہ تو جهڙي پڙهئي لکئي جي هيءَ سنڌي آهي.

۽ پوءِ زاهد ميسي جي انهيءَ لکيل سنڌيءَ کي ڪمپيوٽر تي سڌاريندي مون جهڙي سيڪڙات کي بہ ٽي مهينا گذري ويا. نيٺ هٽي ماري، مَس جيئن وڃي، اهي اکرڙا سِڌا ڪري، انهن جو ڇاپو ڪڍي، هڪڙي فائيل ۾ رکيم. ڪجھ ڏينهن بعد ڪامريڊ جميل لاشاري ڪنهن دوست سان گڏجي ملڻ آيو هيو، تنهن کي هڪڙو بہ صفحا پڙهي ٻڌايا هيم. تنهن وٺي پنيور کي باهيون ڏنيون. اوڙي پاڙي ۾ ايندن ويندن کي اصل ڪنهن مگٿهار جيان دهل ٻڌي، ٻڌائيندو وتيو تہ همراهہ ڪوئي ڪتاب پيو لِکي. جميل جون دبون ٻُڌي، هڪڙي ڏينهن ملو ابراهيم شر لنگهي آيو تہ اهو ڪتاب مون کي بہ ڏيکار. مون کي کهڙي خبر تہ ابراهيم پڙهيو لکيو هوندي بہ، مُلو ٿيندي ئي ٿورڙو دقيانوس خيال جو بہ ٿي ويو آهي. همراہ مون وارا پَنڙا پڙهي، وٺي ابتيون سُبتيون ٽوڪون ڪيون. ورندي تہ ڪونہ ڏني مانس پر اندر ئي سڙي ويو. اڳتي لکڻ ڪان ارواح ئي ڪتو ٿي ويو. انهيءَ قصي کي ڇهہ ست مهينا گذري ويا. ڳاراٽو ڳاريندو رهيو، سور ساڙيندا رهيا، پر لکيم هڪڙو پنو بہ ڪونہ. تان جو هڪڙيءَ رات مُلو نيڪو عرف ارباب نيڪ محمد اچي نڪتو، ماني ٽِڪي کائي چنئوري ۾ آرامي ٿيو، تہ ننڊ نہ آيس، اٿي ٽڙيل پکڙيل پنا ڦلهورڻ لڳو. تان جو اهو فائيل ور چڙهيس. رات ۾ اهي سئو ڪن پنا پڙهي پورا ڪري پوءِ ڪو سُتو. ورنديءَ صبح جو جيئن ئي چاندو پاٽي کٽي آيو سانس تہ همراہ کٽي هٿن کي چميون ڏنيون هيون. چئي يار تو تہ حد ڪري ڇڏي آهي. اڃان بہ لِک، پر بنهي گهٽو لِک. تنهنجي ٻولي سادي ۽ عام ڳوناٽي آهي. پوءِ اچي لکڻ جي روڙ روڙان ٻڌم. ڪمپيوٽر تي ڳچ جيترا ڪاڳر روڙي

ويس. هڪڙي ڀيري نور احمد جنجهي، ڄام ساقيءَ جي ڳوٺ ۾ مليو، چيومانس يار مون ڪجھ لکيو آهي، توڏي اي ميل ڪريان ٿو، انهيءَ ڪي سڌاري بہ ڏي، ۽ ڪا صلاح ثواب بہ ڏي. ڪو خاص سڌارو تہ ڪونہ ٿيو، پر نوراحمد جي تبصري مان مطلب اهو ڪڍيم تہ هيءَ ٻُندڙ ڳرو آهي، پنهنجي ڪٽڻ کان پانيان ٿو زور آهي. ايئن وري اهو قصو اتي ئي پورو ٿي ويو. تنهن وچ ۾ هن لکت مان هڪڙو بہ باب، ڪجھ اخبارن ۽ رسالن ڪي موڪليا بہ هيم. پر ڪٿان بہ ڪا هاڪاري موٽ ڪونہ ملي هئي. تن ڏينهين ڪاوش ميگزين نڪرندو هيو، سواڄان ڪاوش دنيا ڪونہ ٿيو هيو. اوڏانهن بہ هڪڙو باب موڪليم، بہ چار مهينا گذري ويا، پر ٿيو ڪجھ بہ ڪونہ. تيسين ڳاراٽي اهو ڪم ڪيو جو رت ۾ مناڻ جو درجو وڃي پنجن سوَنِ تي پڳو هيو. تان جو هڪڙي ڏينهن ڪاوش دنيا جو اشتهار ڏٺم تہ ٻن ڏينهن کان پوءِ ڪاوش دنيا ۾پڙهندا، ڪامريڊ مان ڪاتڪو ٽيڻ جي کهاٽي. گهڙيءَ ڪن لاءِ سوچيم تہ خدا نٽو ڀُلائي تہ متان اهي مون وارا ڪارناما هجن. پر وري سوچيم تہ ڪاوش وارن اڳي ڪڏهن مون ڪي ڪنگهيو بہ ڪونهي. سو وري هاڻ بہ کهڙو گاهہ وجهندا، اهو ڪو ٻيو هوندو.

سو جنهن ڏينهن منهنجو لکيل اهو سچ ڪاوش دنيا وارن ڇپيو هيو انهيءَ ڏينهن رت جو مناڻ پنجن سوَن کان اُڪري وڃي ڇهن سون جي ويجهو پڳو هيو. ۽ آئون جيئن تيئن ڪري پنهنجو پاڻ ڪٽائي، ميرپورخاص جي وڏي ڊاڪٽر بالچند موتياڻيءَ جي ڪلينڪ تي پڳو هيس. جيڪو يوڳن يوڳن ۾ مون ڪي واٽيو بروچ چوندو آهي. اسپتال جي اسٽريچر تي ستل هيس جو مون واري هٿ فون تي واقفڪار يارن جي گهنٽين جا ڏوڙيا ٿي ويا. هرڪو پيو ساراهون ڪري، ڪو ڪيئن تہ ڪو وري ڪيئن پيو داد ڏئي، ڪيڏانهن ويو رت جو مناڻ تہ ڪيڏانهن ويو اسٽريچر، ڊاڪٽر بہ ڪِلي ڪٽي چيو "يج واٽيا بروچ تنهنجو علاج ٿي ويو". تنهن کان پوءِ ڏڙاڏڙ لکندو ويس ۽ ڪاوش ۾ ڇپبو ويو، راڄ مڙسن ۽ مائين جا فون ڪري مبارڪون ڏيندا رهيا. تنهن وچ ۾ ڪوڙ سارن وڏن وڏن نالن بہ هنن لکٽين ڪي ساراهيندي، فونن تي داد ڏيندي واڄٽ وڄائي ڇڏيا. سوچيندو ضرور هيس تہ ٻيلي مون جيڪا ٻولي پڙهي آ سا لکي اٿم، ڪو وڏو ڦاڙهوتہ ڪونہ ماريو اٿم. هرويرو جو همراهن ڪٽي پُڇ ٻَڌي مَهرِي ناهيو آ، باقي ڳالهہ ۾ ڪجھ ڪونهي. ها اڄ تائين سڀ ڪجھ سچ لکيو اٿم ۽ جيڪي ڪونہ لکيو اٿم سو گهڙيءَ ڪن لاءِ توهان پڙهندڙ سمجهجو تہ ڪوڙ آهي، ۽ اهو ڪوڙ آهي منهنجا عشق. هي سٽون لکندي اهي سڀ خوبصورت چهرا اکين آڏو پيا ڦرن. پر مِني بہ ماٺ تہ مُني بہ ماٺ. هونئن بہ ڪير پيو ڀِيريءَ ۾ زالن جا

سُهما سهندو. يا گنجي ٽِڪڻ تي سينڊل سهندو. باقي جي ٿي ملي موڪل ته خوشونت سنگهه جي ڪمپني آف وومين ڪي ميل نه ماريان ته پنهنجيءَ ڏِس ڪي گهروڙي ٻنهي هٿن جا پوندا ڏجو.

سو ٻيلي جيڪر مونکي ڪير ليڪ ٿو مجي ته پوءِ مونکي توڙي انهيءَ ڪي اهو مڃڻو پوندو ته منهنجو استاد بدر ابڙو آهي، جيڪر انهيءَ سال بدر مون وٽ نه اچي ها ۽ جيئڻ جو اتساهه ڏيڻ ۽ هينئين جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ لکڻ جي صلاح نه ڏئي ها ته نه اوهان منهنجيون لکڻيون پڙهو ها نه لکان ها، پر الائي ڪڏهوڪو قبر پيڙو ٿيان ها ۽ هيستائين هڏا به هوند ڳري وڃن ها.

**امير بخش شر**

# آتم ڪٿا

وڏڙا چوندا هُيا تہ مون اميري حَياتيءَ جو پهريون ساهہ هڪڙيءَ جُهوپڙيءَ ۾ ڪنيو هُيو. اها جُهوپڙي موجوده تعلقي سنڌڙيءَ جي ديهہ بي ڪيراهو ۾ سنڌ جي اڳوڻي حڪمران خاندان جي پوين مان هڪڙي مير تاج محمد ٽالپر جِي سڏجندڙ وڏيءَ زمينداريءَ واري "چَنَ ڳوٺ " تي آباد هارين جي سئو سوا سئو ڪن جُهوپڙين مان هڪڙي مسڪين هاريءَ، اڪبر جي هئي. جنهن کي عام طور تي ڳوٺ جا ماڻهو اَڪُو سڏيندا هيا، ڪي ڪي وڏڙا تہ وري ڪيس اَڪُ بہ چوندا هيا. جيڪو انتهائي غريب، مسڪين، يتيمءِ پراوَن دَرن تي پَلجِي، پاروتا ٽُڪر کائِي، مَڇِي مُڙس ٿيو هيو.

ڳالهہ ڪَندا هُيا تہ تنهن زماني ۾ اسان جي موجوده ڳوٺ کان اُتر طرف، سڏ پنڌ تي هڪ ننڍڙو شهر نالي " سمون جوٽيجو" آباد هوندو هيو. جنهن ۾ ڪوڙ سارن پائيبندن جا هَٽَ هوندا هيا، دنيا جهان جي سِيڌي سامان جو هرهڪ وَڙُ انهن هٽن تان سودي سگهبو هيو. جنهن شهر جو مُکي سيٺ واڌو مَل، هَرِ آئي وَئي جي آڌرياءُ ڪري، غريبن، مسڪينءِ مُحتاجن جي واهُر ڪري سُڪون محسوس ڪندو هُيو. شهر ۾ مسلمانن جا صرف ٽي گهر هوندا هيا. جن مان هڪڙو شرن جو، هڪڙو ڪنيارن جوءِ هڪڙو مغلن جو هيو. باقي جملي آبادي پائيبندن جي هُئي. 1943 ڌاري شهيد سورهيہ بادشاه پاران شروع ٿيل وطن جي آزادي واري تحريڪ دوران شهيد سورهيہ بادشاهہ جي گرفتاريءَ کان پوءِ، تحريڪ پنهنجي سِر جڏهن هلڻ لڳي، تڏهن حُرن جي آڙ ۾ عام ڦورن هِن شهر ۾ ڌاڙا هڻڻ شروع ڪيا، حُرن جي آڙ ان ڪري ٿو چوان جو اُن وقت سمي جوٽيجي جو فرزند دين محمد جوٽيجو وڏيءَ هليءَ چليءَ وارو هوندو هيو، ءِ پڻ سورهيہ بادشاهہ کي تمام گهڻو ويجهو بہ هوندو هيو، هاڻي جي لَنڊن برٽش لائبريريءَ وارن خطن موجب سورهيہ بادشاهہ جيل مان سپرٽنڊنٽ معرفت وقت جي سرڪار کي ساڻس دين محمد جوٽيجي سان ملاقات ڪرائڻ جي خواهش ظاهر ڪئي هئي. ان ڪري اهو يقين ٿو ڪجي تہ حُرن دين محمد جوٽيجي جي والد پاران جوڙايل هن شهر ۾ ڪا بہ واردات ڪونہ ڪئي هوندي. تڏهن انهيءَ روز روز ڦُر ڦُران ءِ ڌاڙا گرديءَ جي سورن کان اول اول پائيبند مُنيون پيڙي وني يَڳا ءِ اهڙا يَڳا جو وطن جا وڻ ئي ڇڏي ويا، باقي رهيل مغل مسلمانن جو گهر مير پور خاص لڏي ويو جن جي پونيرن مان غلام حسين شيزب، جهانگير مغل ءِ ايم پي اي خَير النساءِ آهن ءِ ٿورڙن سالن بعد

چئو ڦير سُج ئي سُج ڪي واڪا ڪندي ڏسي ۽ گدڙن جي اوناڙن ڪان تنگ ٿي، شر ۽ ڪنيار جا ٻئي گهر موجوده ڳوٺ جي جاءِ تي، ميراثيءَ زمين تي، مير صاحبن جي اجازت سان، واريءَ جي وڏي دڙي تي پنهنجا جُهوپڙا اڏي اچي آباد ٿيا. تيستائين هندستان انگريزفيل مست وارو هندستان ٻه ڪونه رهيو هيو، سندس ڪُڪ مان مذهبي مت ڀيد جي نتيجي ۾ پاڪستان ۽ هندستان نالي ٻه نوان ملڪ جنم وٺي چڪا هيا. انگريز فيل مست پنهنجا ٽپڙ گول ڪري پنهنجي ديس روانو ٿي چڪو هيو، اوڙي پاڙي ۾ واڻڪي بلي پائِي ۽ دٻدٻو ٻه ٻيهجي چڪو هيو. پئسي ۾ پُرِ واڻين جي جاءِ ايڪڙ ٻيڪڙ سنڌي مسلمانن پئي پرِي، باقي گهڻي ڀاڱي هندستان مان آيل مسلمين پائر هر شيءِ جا وصي وارث ٿيو پئي آيا. ايئن پئي لڳو ته سنڌي واڻين جون ملڪيتون پريان ڪان ئي سندن نالي لِکجي چڪيون هيون. نڪوئي هتي جي رهاڪن ڪي ٻه اندازو هيو ته واڻيا ڪي هميشهه لاءِ ٿا وڃن.

چون ٿا ته تن ڏينهين منهنجو نانو عرس خان ۽ ڏاڏو ڪٽوريو خان، ميراثيءَ زمين پوکڻ سان گڏوگڏ مُکيءَ واڻئي جو ٻه هارپو ڪندا هيا، الائي ته سيٺ مُکي ويندي ويندي سرڪار کي لکرائي ويو هيو، يا ڪو ٻيو سبب هيو، جو ڏاڏي ۽ ناني ڪي مختيارڪار جي آفيس جو سڏ ٿيو، مڙسن کي پهريائين ته ڊپ ۾ سيئو تپ اچي چڙهيو، نيٺ ٻئي ڏينهن، ٻئي ڄڻا تپ ۾ هُڙڪندا، ڳتا اوڊي وڃي مختيارڪاريءَ ۾حاضر ٿيا. سرڪاري حڪم مِليُن ته اوهان جو سيٺ وطن ڇڏي ويو آهي، هاڻي اها زمين اوهان کي ڏجي ٿي. همراهِ لِيلڙاٽيون پائي وڃي مختيارڪار جي پيرن تي ڪريا، چئي صاحب! تون اسان کي نيمڪ چور نه ڪر. اسان سڄي ڄمار مُکي مل جو نيمڪ کاڌو آ، اسان ڪڏهن ٻه سندس ٻنيءَ جا ڏٽي ڪونه ٿينداسون. جنهن کي وٽئي تنهن کي ڏئي ڇڏ. رڳو هارپو ڏجانءِ ۽ هينئر ٻه اسان کي موڪل ڏي ته گهر پڄون.

اسان جي موجوده ڳوٺ جي آس پاس جون گهڻيون تڻيون زمينون سنڌ جي اڳوڻن ٽالپرحڪمرانن جي چوياريءَ مان هڪ يارَ، مير ناري خان ٽالپر جي پوٽي يا پڙ پوٽي مير تاج محمد خان جي جاگير جو حِصو هُيون. سندس والد مير غلام حيدر ٽالپر جي نندپڻ ۾ گذاري وڃڻ سبب اُهي زمينون انگريز سرڪار نيلاميءَ ذريعي مقاطعن تي ڏيندي رهندي هئي، ۽ مير صاحبن کي اها مقاطعي جي رقم موڪليندي رهندي هئي. ميرن جي زمين ۾ موجوده ڳوٺ جي واريءَ جي دَڙي واري سروي نمبر ۾ انهيءَ گهرن واري دڙي کان سواءِ باقي سموري زمين آباديءَ لائق هئي، جيڪا منهنجو ڏاڏوڪٽوريو مرحوم آباد ڪندوهيو. نئين ڳوٺ ۾ آباد ٿيڻ جي سال ٻِن اندر يعني پاڪستان ٺهندي ئي ڏاڏو ڪٽوريو،

جوانيءَ ۾ ئي ڪنهن اوچتيءَ بيماريءَ سبب راهه رباني وني ويو. ٻروچڪي رواج موجب ڏاڏيءَ جا عزيز ڪيس زبردستي پاڻ سان گڏ نوابشاهه لڳ سٺ ميل وٺي ويا هيا ۽ ٻه معصوم ٻارڙا پنجن ورهين جو بابا ۽ چئن ورهين جي پُڦيءَ کي هتي ئي الله جي آسري تي ڇڏي ويا هيا، جيڪي اوچتا نِڌڙڪا ۽ ڇورا ڇنا ٿي پيا. تڏهن ڏاڏي ڪٽورئي جي غريباڻي گهر کي ٻه جهڙوڪر ڊنگهر اچي ويو هيو. ٻئي معصوم ٻارڙا ڪڏهن ڪٿي، ته ڪڏهن ڪٿي رُلندا وتندا هيا. جيئن ته سندن ويجهڙو ۽ رَتُ جي رشتي وارو ڪوئي عزيز هِن دنيا ۾ڪونه هيو جيڪو کين سنڀالي، تعليم ۽ تربيت جو بِلو ڪري. تعليم ۽ تربيت ته پري رهيا پر پيٽ گذر ٻه سندن لاءِ وڏو مسئلو ٿي پيو هيو. هونئن ٻه هڪ ڇوڪري آهي ته ڇورو ٻار ٻي زورو هوندو آ. اُن ڪري هي ٻارڙا ٻه ڪڏهن ڪڏهن برادريءَ جي خوشيءَ غميءَ ۾ ايندڙ يا ويندڙ عورتن سان گڏ هنگورني، ولواريءَ ۽ تگوسر تائين ايئن ئي پويان لڳا هليا ويندا هيا.

بابا ڳالهه ڪندو هيو ته اُن زماني ۾ شادين تي شاميانا لڳرائڻ جو رواج ڪونه هيو. ڪاچَ ڪان مهينوڪن اڳ راڄَن جون ڇيڙُون ڪري ڪاٺَ جي ٿُوڻين تي ڪکن جا ڇپر ناهبا هيا، جنهن کي ڇَنو چوندا هيا. اهڙيءَ ئي هڪڙيءَ نه ڄاڻ ڪنهن جي شاديءَ ۾ ٻَئِي ڇورا ڇنا پاءُ پيڻ، بمشڪل ستن ۽ ڇهن ورهين جي ڄمار ۾، مَتل شر جي ڳوٺ ۾، جيڪو بان واهه جي نئين موريءَ کان اتر طرف، وڏيري سادي راڄڙ جي ڳوٺ سان لڳ آهي. اُن ۾ شادي جي ڇَني ۾ اچي وينا سين. اُن رات تمام گهٽو سيءُ هيو، ڇني ۾ گنب پت جهڙي ماني ٻه ته وڏين ڇڙٻن سان مِلي هئي، پر ڇَنيءَ جي ڇورن کي هَنڌُ بِسترو ڏيڻ وارو ڪير ٻه نه مِليوهيو. نيٺ سيءَ ۾ سُڙڪندي، ڇَني جي وچ ۾ بينل ڳهاٽي سرينهن جي وڻ هينان رَڪِيل، ڦُٽين جي خالي ٻَرڪِين کي مٿان وجهي سُمهي پيا هُياسين. اُن رات اسان جي ڪَسمپرسيءَ، مسڪينيءَ ۽ يَتيميءَ جهڙي حالت برادريءَ جي جملي وڏڙن توڙي جوانن پئي ڏٺي. ڪن اسان جي حال تي، نڪ تي آڱريون گهي توبهائون ٿي ڪيون ته وري ڪِن ٺٺا شوڪارا پئي پريا. مُبادا ڪنهن مَشوري سان يا انساني همدرديءَ خاطر، صُبح جو ماني ڪائڻ بعد عُرس خان، ٻنهي پاءُ پيڻ کي سَڏي گهوڙيءَ تي پاڻ سان گڏ ويهاري، پنهنجي مرحوم پيءُ جي پراڻن پَڊڙن تي آندو هيو. ڄتي هاڻ عرس خان جي گهر ۾ رهڻ لڳا هياسين. هُن شريف النفس انسان اُن سال ئي مون کي اَٺَ آنا في ڍور جي حساب سان، پاڙي وارن جا ڍور چارڻ جي ڏنتي سان لڳايو. جيتوڻيڪ ست سال مال چارڻ جيڏي عمر ڪانه هُئي، پر ٻين ڏراڙن جي مدد سان پنهنجي ڳوٺ وارن جو مال چارڻ شروع ڪيُم.

پيلاڙن جي ڏينهن ۾ ڦُٽين جا چُوندا ڪري شام تاڻي ڪنهن دوڪان تي اهي ڦُٽڙيون وڪڻي، نِنيڙيءَ پيڻ لاءِ ڪوڙ سارِيُون شيون وٺي ايندو هُيس.
مرحومُ ٻڌائيندو هيو تہ آرهڙ جي جهولن ۾، ڪڏهن ڪڏهن، وڻن جي ٿڌڙين ڇانوَنِ ۾ ويهندي ئي ننڊ اچي ويندي هئي ۽ ڊور وڃي، اوسي پاسي جي فصلن ۾ پوندا هُيا. يا اجان سيڙهي تي ئي پُڄندا هيا، تہ ٿوريءَ گهڙيءَ پيلَ تان ٻہ وڏيرن جا ڪمدار ۽ واهي ڏاڍيون مارُون ڪَيندا هُيا. ڪي تہ اهڙا ظالم هوندا هُيا جو ڪانديرا وڍي انهن تي پيرن اُگهاڙو هَلرِ جيان هَلرائيندا هُيا. ڪانديريءَ جا سونهري ۽ ننڍڙا ڪنڊا پيرن ۾ چُپندا ويندا هُيا تہ تمام گهڻيون رڙيون ڪندو هُيس. ان وقت مرحيات ڪٽورئي جي هن يتيم ۽ اڪيلي پُٽ جون بيوسيءَ واريون رِڙهون ٻُڌي، اوسي پاسي جي ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ هاري ناري ٿيڏيءَ اک سان ڏسي، ڪمدارن ڪاراون جي ڊپ ۾ وري هيٺ ڪنڌ ڪري پنهنجي ڪرت سان لڳل رهندا هيا. ڪو ٻہ هاري، مون يتيم کي ڪِيهون ڪندي ٻُڌي ڪمدارن کي رحم جي لاءِ نہ چوندو هيو. ۽ جڏهن شام جو پيرن ۾ ڪانديريءَ جي چُپيل ڪَنڊن سان سور ۾ ٻَرندو، پَبَن تي يا کُڙين تي جيئن تيئن هلي، گهر پهچندو هُيس. تڏهن ننيڙيءَ پيڻ ڏي ڏِسي، ڏينهنَ جو وڏيرن جي ڪمدارنءِ واهين هٿان مليل مارُن ۽ دانهن ڪوڪن سان پوڳيل عذابُ ياد ڪري روئي پوندو هُيس. ۽ پوءِ ٻئي ياءُ پيڻ، لالٽين جي جهيٽي روشني ۾ روئيندي روئيندي، پيرن مان سُئيءَ سان سنهڙا ڪنڊا ڪوٽي ڪيندا هُياسين. اِيئن پيرن مان ڪنڊا ڪوٽيندي، لالٽين جي ٿڌڙي روشنيءَ ۾، جهوپڙيءَ نما گهر جي ڇيٽي جي پورِ واري اڱڻ ۾، ٿڌڙي هوا جي جُهوٽن تي، ٻنهي کي الائي ڪيڏيءَ مهل ننڊ وٺي ويندي هُئي. ڪڏهن، ڪنهن، مٿان ڪا رَلي وِڌي يا نہ وِڌي، رات گذري ويندي هُئي. اُن وِچ ۾اَسان ياءُ پيڻ جي حال تي رَحم ڪائِي، برادريءَ جي چڱن ماڻهن، هڪ ٻہ پيرا سٺ ميل ( نوابشاهہ) تائين پنڌ ڪري، امڙ (منهنجيءَڏاڏيءَ) جي عزيزن کي مَجائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو ٻہ هيو" تہ ڪٽورئي غريب جي گهر کي ڊنگهر اچي ويو آهي، سندس معصوم ٻچڙا در بدر پيا ٿين، هيڏانهن ماءُ جي مامتا ٻہ پئي تَڙپي، ٻنهي جي حال تي رحم ڪائِي، ٻچڙن جي ماءُ کي اجازت ڏيو، تہ هلي مُڙس جي ڪکن ۾ ويهِي، ٻچڙا پالي، يا جي ايئن نہ ٿا ڪريو، تہ ٻچڙا هِتي ئي گڏ رهائِڻ جي اجازت ڏِيوس. تہ جيئن نہ ئي معصوم ٻارڙا در جون نوڪرون ڪائن ۽نہ سندن ماءُ ئي جهوريءَ ۾ جهجندي وتي.
اڳيان امڙ(ڏاڏيءَ) جو ياءُ، مامو حسين بخش، ٻنهي ڏِنگو ماڻهو ۽ بلا ڳالهائُو هُيو، ڳالهيون ڪندا هيا تہ مڙس کي وِچَ جا پاڻي هُوندا هيا. تنهن مڙس، هتي جي لنگهي ويندڙ سمورن

راڄ وارن ڪي جي ڳالھ ڪي چندي ڪين ڪُتو جواب ڏيندي چيو هيو، تہ هائو ادا اوهين سچا هوندئو!!! پر نندي نيٽي پيڻ آئون بنان ڪنهن آسري جي ڇڏيان تہ وجي ٻچن تي ويهي، ايئن ٿي نٿو سگهي، جيڪر اوهان راڄ وارن ڪي ڪٿورئي جي ٻارن جو ايترو ئي خيال ٿئي ٿو تہ ٻہ سَڱ ڏيئي، نينگري مون ڪان پرڻائي ونڃي وڃو، باقي ايئن نہ پيڻ موڪليندس نہ ئي ٻار رَڪندُس. هڪ ٻہ سال تائين ڳالهين جا اُهي سلسلا هلندا رهيا، ان دوران عُرس خان جي ٻي گهر واري بہ گذاري وئي هئي.

بابا ٻڌائيندو هيو، تہ اُن دوران برادريءَ جي وڏڙن طيءِ ڪيو، تہ امڙ( منهنجي ڏاڏيءَ) جو سَڱ عرس خان سان ڪرائجي، اُن ڪري منهنجي نندڙيءَ پيڻ ( پڦيءَ)ءِ ناني گل حسن جي ڌيءَ جا ٻہ سَڱ باسي، امڙ (ڏاڏيءَ) جو سڱ عُرس خان لاءِ ورتوويو. جيڪا عرس خان جي ٽين شادي هئي، سندس اڳيون ٻئي گهر واريون گذاري ويون هيون. تڏهن اسين ياءُ پيڻ ڏاڍا خوش ٿيا هياسين، ورهين جي وڇڙيل امڙ جڏهن اسان ڪي، اهڙي ننڍڙڪي حال ۾ڏٺو، تہ ڇِهڄي پئي، پوءِ روئيندي روئيندي، اسان جا مهينن جا ليڙون ٿيل، مَرُ ۾ ٿڦيل ميرڙا ڪپڙا ڌوتائين، اسان جي جسمن تي اُيري آيل، مَلي جي ڦُرڙين تي مينديءَ جا ٿَڏڙا پَها رکيائين، اسان جي وارن مان جُوئُون چوندي ماريائين، راتين جو پنهنجيءَ ڪوسيءَ ڪَڇَ ۾، منڙيون لوليون ڏيئي سمهاريائين، تہ اسان ياءُ پيڻ جا سالن جا سمورا ٿڪ، هڪ لحظي۾ لَهي پيا. امڙ، صبح جو سويل اُٿي، منهنجي ڍور کولڻ ڪان اڳ، مانيءَ جو ڍوڍو پَچائي، مَهِيءَ جي وٽي سان اڳيان رکندي هُئي، منجهند جو ٻنيءَ تي ايندڙ ڪنهن هاريءَ ناريءَ هَٿان، ڳُڙ جي ڳَنڍِ سان ماني موڪلي ڏيندي هئي. تڏهن آئون واٽر جي ڪَپر تي ويهي، ڳُڙ سان ماني کائي، ڪنهن بينل دُٻي، يا وهندڙ واٽر مان پاڻي پِي، ڏاڍو خوش ٿيندو هُيس. بقول بابا جي سندن اهي خوشيون، ٿورڙن سالن تائين هليون هُيون. ڏاڏيءَ ڪي، عُرس خان مان هڪڙي ڌيءَ پيدا ٿي، جيڪا اجان ڇهن ورهين جي ڄمار ڪي پهتي هئي، تہ هڪ ڏينهن ماني پچائيندي چُلھ مان اٿيل چڻنگ اچي ڏاڏيءَ جي ڪپڙن تي ڪِري، جيستائين ڏاڏي پاڻ سنيالي، باھ وسائڻ جي ڪَري، ايستائين باھ پيڙ تي چُڪي هُئي، گهڙيءَ پلڪ ۾ ڏاڏيءَ جو جسم سڙي خاڪ ٿي چُڪو هُيو. تن ڏينهن گورن جي صاحبي تازي تازي ختم ٿي هئي، قانون ڪي اجان قانون سمجهبو هيو، اجڪلھ واري ڪار ڪونہ ٿي هئي. سو ڏاڏيءَ جي سڙي فوت ٿيڻ جي ڪري، ڳوٺ ۾ تمام گهڻو هراس پکڙيو هيو، پوليس جي ڊپ مان هرڪن هندوءَ توڙي مسلمين پنهنجا ڪَنَ لِڪائڻ جي پئي ڪئي. انگريز بهادرپاڻ تہ ويو هليو هيو پر پنهنجي پويان قانون اهڙا سخت ڇڏي ويو هُيو، جو

شينهن ٻڪري ساڳئي گهاٽ تان پاڻي پيئندا هيا، ٿوري گهڻي قانون جي پيچڪڙيءَ تي سُڪن سان گڏ ساوا ٻہ لُوساٽجي ويندا هئا.
بابا ٻڌائيندو هُيو تہ جڏهن سندس امڙ باھ وگهي سڙي، هيءُ جهان ڇڏيو هيو، اُن سال سندس جوانيءَ جا ڏار پي ڦُٽا، ڪيس مُڇن جي ساوڪ هُئي، ماڻهو پوليس کان ڏاڍا ڊڄندا هيا، بابا جي امڙ جي سڙي فوت ٿيڻ جهڙي اڻ ٿيڻي واقعي جو ڪانڙيءَ جي پوليس ٿاڻي کي اطلاع ڪرايو ويو، گڏوگڏ هڪڙو ماڻهو، مير تاج محمد ڏانهن بہ پلي گهوڙي تي ڊوڙايائُون، تہ جيئن مير تاج محمد، پنهنجي زمين تي آباد غريب ڳوٺ وارن کي پوليس جي قهر کان بَچائي سگهي. ٿاڻي تي رپورٽ لکائڻ بعد، گهڙِي نہ گُذري هئي جو، گورکوجمعدار ٻن سپاهين سان گهوڙن تي اچي موقعي واردات تي وارد ٿيو هيو، ڳوٺ وارن تي هڪل هاهوڙ ۽دڙڪا دهمان شروع ٿي ويا. ان ڏينهن غريب ڳوناڻن جي رونءَ رونءَ ڏکڻ لڳي هئي. بابا ٻڌائيندو هيو تہ پوليس وارا، گهڙيءَ گهڙيءَ مونکي ٻاهر ڪڍي، وَچِيو پُڇا ڪن تہ ٻڌاءِ ڪنهن تنهنجي ماءُ کي باھ ۾ اُڇليو؟ تون رڳو ڪنهن نہ ڪنهن تي ٻِيهُہ پوءِ ويٺو ڏِسُ اسان جا قانون. بقول بابا جي ڳالھ ۾ ڪجھ هُجي ها، تہ آئون بہ ڪنهن تي ٻيهان ها، اُن ڪري هر گهڙيءَ منهنجو روئيندي روئيندي ڪين جواب هُجي تہ منهنجي امان کي ڪنهن بہ ڪونهي ساڙيو، هوءَ ويچاري پاڻهي سڙي آهي. اُن هوندي بہ پوليس وارن سڄو ڏينهن نہ لاش کي هٿ لائڻ تي ڏنو ۽ نہ دفنائڻ تي ڏِنائون، سڄو ڏينهن مشير ناما ۽ بيان لکندا رهيا. ۽ آڏيون پُڇائون بہ ڪندا رهيا. تڏهن شام ڌاري ڪرڙ خان، پلي گهوڙي تي مينهن واءُ ڪندو، گورکي جمعدار لاءِ مير تاج محمد جو خط کڻي آيو هيو، خط ڇا آيو هيو، ياڻءِ تہ ٽپي ٽاندا ٿيل، گورکي جمعدار جي هيانءَ تي ڪو بنهي ٿڌي پاڻيءَ جو ڇنڊو پيو هيو ۽ خاموشي سان پوليس وارن کي وني، پويان پير ڪيا هيائين. ڳالھ ڪندا هيا تہ ان زماني ۾ مير تاج محمد ٽالپر جي وڏي هَلندي پُڄندي هُئي. انگريز سرڪار ڪانئُن ميرپورخاص جي حڪومت ڦُري، ڪين معمولي جاگيرون عطا ڪري، معمولي وظيفا مقرر ڪري خوش رکيو ويني هُئي. تہ نئين نهيل ملڪ پاڪستان ۾ بہ سندن دبدبو اهو ئي هيو، علائقي ۾ مير صاحب جي مَدِ مقابل ڪوئي، ڍِنگُ يا خانِ خانان ڪونہ هوندو هيو. چور چَڪار، چڱا مَنا سندس دَرَ جا سلامي هوندا هئا. مير صاحب جڏهن بہ جاگيرون گُهمڻ ايندو هُيو تہ سندس ويهڻ لاءِهِڪَ سُهڻي کٽ ۽ نئين نکور بستري جو بندوبست ڪري ڪيس ڪنهن وڻ هينان ويهاربو هيو. باقي خداجي مخلوق زمين تي ويهندِي هُئي. سچ ڪوڙ جي پَرکَ اها هوندي هئي جو جنهن بہ ماڻهوءَ کان ڪا لِڪَ چوريءَ واري ڳالھ پُڇڻي هوندي

هُئي يا جهيڙي ڦڏي ۾ارڏائيءَ، اڳرائيءَ جو ڦسڙ ونڊو هوندو هيو، ته ڪانئس مير صاحب جي ڪٽ تي هَٿُ رَکائي ڳالهه پُڇبي هُئي. ڇا جا سُنهنَ، ڇا جِيُون ساکُون؟؟؟ اڳلو مير صاحب جي ڪٽ تي هَٿُ رَکِي اندر ۾ لِڪايل جملي حقيقت اوڳاڇي وِجهندو هيو. اهو هوندو هيو ايمانداريءَ جو انوکو مثال. هاڻ ته حالت اها آهي جو مُڙس اڳيان چوريءَ جو مال ڪنيو وجن، پويان چڱا مَنا ڏسندا وجن، ته به روڙيو وجيو قرآن ۾ هٿ وجهن.

سو ڳالهه پي ڪيم ڏاڏيءَ جي سڙي فوت ٿيڻ جِي، پوليس جي ريڙه پيڙه جي ڪري پهريون سڄ لهي ويو، ڳوٺ ۾ نه ڪنهن رڏو نه پڪو، بئي ڏينهن ڏاڏيءَ مرحومه جو مڙهُ چِٽوڙيءَ جي تاريخي قبرستان ۾، شيرِ سنڌ، مير شير محمد ٽالپرجي عاليشان مقبري جي اُتر طرف، چند قدمن جي مفاصلي تي ڏاڏي مرحوم جي قبر لڳ دَفنايو ويو هيو. جيڪا قبر به ڏاڏا جي قبر جيان ڪجهه سالن بعد ميسارجي متيءَ برابر ٿي وئي. پوءِ بابا کي به انهن قبرن جي جاءِ ۽ نشان به ياد ڪونه رهيا هيا. گهڻو پوءِ تائين به هر سال نائين محرم تي بابا خود، توڙي آئون ڪڏهن ڪڏهن چِٽوڙيءَ جي قبرستان ٻاهران بيهي چار ڦُل پَڙهِي ڪين بخشي هليا ايندا هُياسين. باقي قبرن جو ڪو اتو پتو ڪونه هيو ته ڪهڙيون آهن.

ڏاڏيءَ سان عُرس خان جي شادي ٿيڻ وقت سندس به زالون گذاري چُڪيون هيون. ڪيس پهرين گهر واريءَ مان هڪ پُٽ محمد رمضان، ٻي گهر واريءَ مان هڪ ڌيءَ ۽ هاڻي ڏاڏيءَ مان به هڪ ڌيءَ تي. ڏاڏيءَ جي گذارڻ بعد عُرس خان جي ٽن ٻارن ۽ ڪٽورئي جي ٻن ٻارن کي سنڀالڻ لاءِ ڪا به وڏڙي نه هُئي. ٻار به هاڻ جوان ٿي رهيا هُيا، عُرس خان پنهنجي ٻيءَ گهر واريءَ مان ٿيل نياڻيءَ جو نڪاح بابا سان ڪرڻ جو رِٿيو. اُن وقت اوڙي پاڙي جي عام ماڻهن عُرس خان جي انهيءَ فيصلي کي تمام گهڻو ساراهيو هيو، ڇاڪاڻ ته هڪڙي يتيم ٻار کي پنهنجي گهر ۾ رهائڻ ۽ پنهنجي نياڻي پرڻائي ڏِيَڻُ وڏي دل گُردي جو ڪم هُيو. جيڪو هرڪنهن ماڻهوءَ يا جهڙي تهڙي جي وَس جو ڪم به ڪونه هيو.

بابا ٻُڌائيندوهُيو ته غُربت جو اهڙو حال هُيو جو، ڪيس سندس شاديءَ جي ڏينهن، پائڻ لاءِ بافتي جو پراڻو وڳو هُيو، پراڻي چَتيون لڳل جُتي هُئي، شلوار ۾ سوتليءَ کي وَٽي اڳٺ ٺاهي وِڌو هُيائين. ڏاڏاڻي آڪهه مان نه هيو چاچو، نه مامو، نه پاءُ نه ماءُ، بس ٻن نندڙين پيٽُن خوشيون پئي ڪيون. غريب جي خوشي به ڪهڙي هُئي نه ميندي نه موڙهه معصوم پينرن جا ٻاتڙن ٻولن ۾ به چار ڳيچ، پرائي گهران گهڙي پلڪ لاءِ جنسي وٺي ٻانهن ۾ ٻڌل ڳانوءِ موڙه هيا، بس، رڳو مُلو گهرائي، نڪاح پڙهايو هُيائون.

ابي مرحيات جي چوڻ موجب شايد اهو پاڪستان ٺهڻ کان ڪجهه سال اڳي جو ئي زمانو هُيو، جو ميرتاج محمد ٽالپر صاحب جون ڇَن واريون هي زمينون، ديهه ڪپريءَ جي ٻن واڻين، سيٺ چٽي مل ۽ سيٺ ڪاري مل مقاطعي طور، ڏهه روپيا في ايڪڙ ورتيون هُيون، رگهو مينگهواڙ بہ ڪِپريءَ جي انهن واڻين جو اُتي ڪپريءَ ۾ ڪو ڪمدار ڪارائو هيو جو واڻين جي اچڻ وقت هو بہ پنهنجي سموري ويڙهي سميت انهيءَ سال هن پَٽ ۾ آيو هيو ۽ موجوده ڳوٺ جي اوڀر طرف، سليمان شاهہ جي قبرستان لڳ، دڙي تي موجود ديوين جي گهاٽي جهنگ ۾ ڪچا گهرڙا ٺاهي اچي آباد ٿيو هُيو. ۽ اُهي انگريزن جي حڪمرانيءَ جا پڇاڙڪا سال هيا، ۽ فيل مست جي مستيءَ ڪي سنڌ ۾ سورهيہ بادشاهہ ٽوٽا ڇٻائي ڇڪو هيو. شايد اهي شهيد سورهيہ بادشاهہ ۽ انهيءَ سرفروش حُرن پاران هلندڙ آزاديءَ جي تحريڪ جا پڇاڙڪا ڏينهن هُيا، سورهيہ باد شاهہ جي گرفتار ٿيڻ بعد، حُرتحريڪ جي سرواڻيءَ ڪرڻ لاءِ ڪو بہ نالي وارو ماڻهو ظاهري سرواڻيءَ لاءِ ڪونہ رهيو هيو، تڏهن ٽڙيل پکڙيل حُرن جي تحريڪ جي گمنام ۽ روپوش ڪمانڊرن جي حڪم تي حُر فقيرن، پويان پساهہ ڪڍندڙ، انگريز سرڪار سان ٽڪر ڪائڻ سان گڏو گڏ، علائقي جي انگريزن سان ٻڌُ مقامي ماڻهن تي بہ راتاها هڻڻ شروع ڪيا هيا. ايئن آزاديءَ جي تحريڪ جي ڏوهاري ۽ انگريز جي وفادار مقامي هندن توڙي مسلمانن، مطلب تہ سُکن سان گڏ ڪيئي بي ڏوهہ مقامي ساوا بہ لُوساتجڻ لڳا هيا. جن ۾ اڪثريت هندن جي هئي، ايڪڙ ٻيڪڙ ڪو مسلمان بہ هوندو هيو. جن تي حُرن کي شڪ هوندو هيو تہ اهي پنهنجن سُکين سَنهنجن سيٺين جي معرفت گورن وٽ سندن مخبري ٿا ڪن. ماڻهو چوندا هيا تہ شايد رُگهي مَل جي سيٺين جي، انگريز فيل مست سان بہ ڪا چڱي موچاري راهي پوکي هئي، جنهنڪري حرن فقيرن کي رگهي مل تي بہ پڪو پڪو چُغلپائيءَ جو شڪ هيو، جنهن جي ڪري ئي حُرن جي ڪن ٽولن، بہ ٽي ڀيرا رُگهي مَل جي ويڙهي تي هلائون ڪري ڦُرون ڪيون بہ هيون. تہ گڏوگڏ ڪافي ڀيرا هُن جون واتون جهليو، گهات هڻي رگهي مل جي سِرَ ونڻ جا بہ جتن ڪيا هيا. پر ڪاڪي ر(گهي جو ڪو لولو اگهاٽل هيو يا ڪي ڀِير زور هيس جو هر ڀيري هو بچي ويندو هيو. جيتوڻيڪ بہ ٽي ڀيرا حُرن هٿان ڦُرجڻ ۽ سِر ونڻ لاءِ گهٽ جهلجڻ باوجود بہ حُرن کان بچي نڪرڻ ٿائين تہ رُگهو مَل ٺُپ ڪونہ ٽِڙيو هيو، پر جڏهن هندستان جو ورهاڱو ٿي ويو، ۽ مذهب جي نالي تي هڪڙي ملڪ مان بہ ملڪ ٿيا، تہ مقامي مالدار واڻيا ۽ ٻيا سُکيا هندو، بہ ڏڙاڏڙ هندستان ڏي ڀڄڻ شروع ٿيا، سمي جوڻيجي جو شهربہ خالي ٿي ويو، واڻين جو دٻدٻو بہ هوريان هوريان گهٽبو ختم ٿي ويو، تہ رُگهي مَل کي بہ

ٻڌ مَتائڻ ۽ اُتان ٽپڙ ڪڻڻ لاءِ هورا ڪورا ٿيڻ لڳي. سوال اهو هيو تہ رگهي مل جي سينين ۽ ٻين هڏوڪين جي راتوواھ وطن ڇڏي هلئي وڃڻ بعد، هو ويچارو آخر وڃي تہ وڃي ڪيڏانهن.؟ ڪير ڪيس پاڻ سان گڏ ويهاري ۽ ٻرنديءَ باھ ۾ هٿ وجهي حُرن سان ڦٽائي؟ اهڙو اڙٻنگ ڪيس ڪوئي ڪونہ ٿي سُجهيو. اُتي ڪيس ناني عُرس خان سان رڪيل پراڻو ڏِينپو ياد آيو، جيڪو پڻ هن وانگر ئي غريب مسڪين ۽ ميراٽيءَ زمين تي هر هاري هيو، پر ڏُکيءَ سُکيءَ ۾ آڏيءَ اسر مهل رگهي مل جا ساٿس چڱا ڀير ڀريل هيا. ۽ هو بہ هميشھ نہ آڏي ڏسندو هيو نہ مانجهي رگهي مل جي هڪل تي هٿين خالي هليو ايندو هيو. ايئن رگهي مل جون ڳچ ڏينهن تائين ناني عرس سان لڏو ڪٽي سندس سانگي سان ويهڻ لاءِ صلاحون هَلِيون ۽ نيٺ هڪڙي ڏينهن، عُرس خان اوڙي پاڙي جو ڳچ ساريون ڏِڳي ڳاڏيون جوٽائي، رُگهي مَل جي سموري ويڙهي ڪي لڏائي، پنهنجي پاڙي ۾ وني آيو جيڪو بہ ساڳئي ميراٽي زمين تي ئي هيو ۽ اڄ بہ آهي. شايد ان خيال سان تہ عُرس خان شر ٻروچ هُيو ۽ شرن ٻروچن جي پاڙي ۾ ڌاڙو هڻڻ کان مَنَ تہ حُر فقير پاسو ڪَنِ ها. يا ٻيا ڏوهاري بہ ٽارو ڪن ها، پر هتي لڏي اچڻ بعد بہ عرس خان ۽ رگهي مل جي سوچ ۽ سمجھ مطابق ائين ڪونہ ٿيو، پاڪستان ٺهڻ بعد بہ حُرن رُگهي مَل تي هِتي بہ هَلاٿُون ڪيون. پر سدائين سندس ڀير زور هوندا هُيا، يا ڪو ڏِنو آڏو پئي آيس، الائي مڙس ڪو وڏو سئوٽي هوندو هيو. جو هو هر ڀيري جي حملن کان بَچي ويندو هُيو.

ابو سائين ڳالھ ڪندو هيو تہ هڪڙي ڀيري حُرن جو هڪڙو ٽولو، رُگهي مَلتي هلان ڪري سندس ويڙهي ڪي ڦُرڻ لاءِ اُتران سمي جوٽيجي جي قتل ڳوٺ وٽان اچي لٿو هيو، هنن پنهنجي مٿان اوڍيل ٻُڙين اَجرڪن ۾ بندوڦُون لِڪائي رکيون هيون، اهو ٽولوميراٽي ڇَنَ جي ٻنيءَ جي پاٽيءَ جي واري تي بيٺل هڪڙي مينگهواڙ هاريءَ کي پريان کان ئي سُونهون ٺاهي اڳيان ڪريو آيو هيو تہ اسين عُرس خان شر جا مهمان آهيون، اسان کي سندس اوطاق تي پهچاءِ!! ۽ جڏهن سادڙو سٻاجهڙو ۽ حرن جي دلبي ۾ آيل مينگهواڙ هاري، عرس خان جي نقلي مهمانن جي اڳيان ٿيو، ڳوٺ جي ويجهو پهچي، عُرس خان جي جهُڳيءَ جهڙي اوطاق طرف مُڙيو هيو، تڏهن فقيرن اجرڪن مان هٿيار ڪڍي ورتا هيا، ميگهواڙ هاريءَ کي بہ چار ٺڦڙون هڻي، ڪٽي اڳ ۾ ڪيو، تہ اُٺ جا پُڇ ايڏانهن ڪيڏانهن ٿو هلين؟ اسين عرس ٻُرس جا مذمان ناهيون، پِٺهين رُگهي جا مذمان آهيون. اسان کي هلي رگهي جو گهر ڏيکار! اِيئن انهيءَ ميگهواڙ ٽڙڪندي ٽڙندي، حُرن فقيرن جي انهيءَ ٽولي کي وڃي رُگهي مل جي اوٽي تي بيهاريو هيو. ۽ پوءِ انهيءَ ڏينهن هُنن ميگهواڙن جو جُملي پاڙو، گهرُ

گهرُ ڪري ڦُريو هيو ۽ رگهي جي ٻُولا توڙي پُڇا ڪندا رهيا، تڏهن عرس خان، دينپي جو پرم نباهيندي دليريءَ سان حُرن فقيرن وٽ واردات هلندي هليو ويو هيو، وڏي ڳالھ تہ رگهو مل انهي ڏينهن سندس گهر واريءَ سوڌو ڪيڏانهن ٻاهر ويندي، پنهنجو هيڪلو پُٽ بيکو مل، عرس خان جي گهر ڇڏي ويو هيو. سو عرس خان رُگهي مَل جي اڪيلي پُٽ، بيکي کي پنهنجين نياڻين جا ڪپڙا پَهرائي ڇيچ مان جهلي وڃي فقيرن جي وچ ۾ بيٺو، تہ فقيرن رائيفل سيني تي رَکِي پُڇيس "پوڙها! رُگهو ڏيکار ۽ رگهي جو گهر ڏيکار!! عرس خان وراڻين تہ " فقير رگهي جي گهر ۾ تہ پاڻ بينا آهيون، باقي رگهو ۽ سندس گهر واري هتي ڪونهن. فقيرن جي وڏي هوا ۾ هڪڙو فائر ڪري ڏهڪاءُ پکيڙيندي عرس خان کي ڇيو تہ پوءِ جي رگهو گهر ۾ ناهي تہ سندس اولادُ ڏيکار؟ ناني عرس خان، رگهي مل جي پٽ بيکي جي مٿي تي هٿُ رکي وراڻيو هيو فقير رُگهي کي هڪڙو ئي پٽ آهي، جيڪو رات کان بنهي گهٽو بيمار هُيو، فجر جو ئي ٻئي زال مڙس ٻئي ڊِڳي گاڏي جوٽي کيس علاج لاءِ شهر وٺي ويا آهن، هاڻ ورڻ وارا هوندا. اعتبار نہ اچيوَ تہ آئون اوهان جو مسلمان ڀاءُ آهيان ۽ هي ڏسو تہ آئون پنهنجيءَ نياڻيءَ جي مٿي تي هٿ رکي، جهڙوڪر سُنهن ساک سان اها ڳالھ ڀِيو چوان. عرس خان جي اهڙي اکر تي فقيرن کي يقين اچي ويو هيو ۽ ايئن عرس خان جي انهيءَ ڪوڙيءَ ساک سان، رگهي مل جي اڪيلي پٽ بيکي مل جي حياتي بچي وئي هئي.

ڳالھ ڪندا هُيا تہ اُن زمانيءِ گلو ميگهواڙ نئون پَرڻِيو هيو، سندس گهر واريءَ کي تنهن ڏينهن نئون وڳو ۽ ڪوڙ سارا زيور پَهريل هُئا، سا فقيرن جي پَئوَ کان گهر ڇڏي وٺي ٻاهر ڀڳي هئي تہ فقير بہ پويان ڀڄندا آيا هيس، سامهون ڪجھ ٻروچياڻيون فقيرن جي حملي کان بيخبر، ڳوٺ جي الهندينءَ ڪوهيءَ تان پاڻيءَ جا دلا ڀرڻ لاءِپئي ويون، تہ انهن جي گهگهيلي ويس تي نظر پوندي ئي، فقير ميگهواڙ مائيءَ جو پيڇو ڇڏي، هيٺ ڪنڌ ڪري پُٺ تي موٽي ويا هيا. پوءِ ڳالهيون هليون تہ اها سا منجهن ساڃاھ هئي تہ ٻروچن جي گهرن کان پاسو ڪرڻو آهي. يا ٿي سگهي ٿو تہ منجهن ئي ڪو ٻروچ بہ حُر فقير بہ هجي. سا خدا کي خبر ٻي انهن فقيرن کي خبر. پر رگهو مل پوءِ بہ ڪونہ ٽڙيو. نہ ملڪ ڇڏي ڀڳو. ڇو جو هو ويچارو وڏي نالي وارو تہ هيو پر وڏي مال وارو ڪونہ هيو. جيتوڻيڪ وڏي مال وارا پائيبند سڀ جا سڀ هلڪي ڦلڪي هلان تي مال مڏيون اڏ ملھ تي هلائي هندستان هليا ويا. پر رگهي مل پوءِ بہ پنهنجو اباڻو وطن ۽ اباڻا ڪک نہ ڇڏيا ۽ ايري سيري حال سارو هتي ئي رهيو. جيتوڻيڪ پاڪستان نهڻ بعد بہ انهيءَ رگهي مل پنهنجيءَ سخا،

مروت ۽ آئي وئي جي آڌر عيوض وڏي اوج ڏني ۽ پنهنجي پويان وڏو نالو ڇڏي ويو. اڄ ﺑﻪ سندس هڏڙا هن ئي مٽيءَ ۾ دفن آهن پر مٽيءَ سان مِلي مِٽي ٿي ويا آهن. اهو هينئر جي سنڌي ماڻهن ٽڪي پئسي جي ڳالهه تي اباڻا ڪک ڇڏي پرائي ديس پڌارڻ وارن لاءِ هڪڙو وڏو مثال آهي.

ڳالهه ڪندا هُيا ته پاڪستان ٺهڻ بعد حرن جي وارداتن ۾ ڪجهه ناپر آئي هئي، پر مير صاحب جون زمينون پوءِ ﺑﻪ مقاطعن ۾ ئي رهيون، اڳ واڻيا مقاطعيدار هوندا هيا ۽ واڻين جي وڃڻ کان پوءِ، هاڻ مسلمانن مقاطعا وٺڻ شروع ڪيا هيا. مير صاحب ڪي زمينن سنڀالڻ جي ڪا ﺑﻪ اُون ﺑﻪ ڪونه هوندي هئي، نه ئي ڪا ٻنين جي دنگن ڊڙن جي ڪَل هئي. بس چنيءَ ڇَماهيءَ ڪنهن دانهن دڙيءَ تي يا شڪار جي شوق سان مير صاحبن جيڪر ڪو ٻنين تان ڦيرو ڦڳوته واه نه ته ٿيو خير. اُونَ ﺑﻪ ڀلا ڇو هجي چوندا هيا ته مير صاحب وٽ ايتري دولت هئي، جنهن جو ڪاٿو لڳائڻ مشڪل هيو. چوندا هيا ته اسان جي تر ۾ توڙي هند سنڌ ۾، اها عام خبر هئي ته مير تاج محمد ٽالپر، روزانو صبح جو هِيرن ۾ تورجي ٿو.

ڳالهه پي هلي بابا جي شاديءَ جي، غريباڻيءَ شاديءَ کان پنج ست سال پوءِ تائين بابا بي اولادي ئي رهيو، ۽ ٻُڌائيندو هيو ته شاديءَ جي ڪجهه سالن بعد ئي ڳوٺ جا ميگهواڙ توڙي ڪنيار، صبح جو سوير منهنجو منهن ڏسڻ کان لَهرائڻ لڳا هئا. ۽ اويل سويل سامهون ايندي ئي گس مَٽي ويندا هيا، چاڪاڻ ته مَنجهنِ وهم هوندو هُيو ته بي اولادي ماڻهو معني ته نياڳو ۽ نيرانو ڪنهن بي اولادي ماڻهوءَ جي مُنهنِ پوڻ سان اڳلي جا سنئوڻ خراب ٿين ٿا. ۽ اُنهيءَ ڏينهن کهڙي ﺑﻪ ڪم ڪار تي نِڪرجي ته اهو ڪم ڪار نه ٿيندو آهي. هونئن ﺑﻪ پنهنجي سنڌ ۾ ميگهواڙن سميت سمورا هندو قبيلا، ۽ سمورا ٿَري قبيلا سنئوڻن ۽ وهمنِ ۾ اڳ جيان اڄ ﺑﻪ سرس آهن. اڻائي سَٽائي پکيءَ جي ٻولڻ تي، گڏه جي هِينگ تي، رَن زال جي سامهون اچڻ تي، پويان سڏ ٿيڻ يا ڇڪ ڏيڻ تي وڏا وهم ڪندا آهن. انهيءَ تان هڪڙي ڳالهه ياد پئي اچيم سا ﺑﻪ ڪندو هلان. گهڻو پوءِ 1992 ڌاري حبيب بينڪ چور چانوٽيءَ جو مينيجر هيس ته ڊسمبر جي ٽارگيٽ ۾ ڪي ﺑﻪ چار لک ڪُٺا ٿي. ڏينهين محبت نوهڙي، ڪَس جو نالي وارو ٻِليڪي هوندو هيو. تنهن سان جو ڳالهه ڪيم ته " چيائين اٿي منهنجي جيپ ۾ چڙه. پئسن جي لالچ ۾ مون ﺑﻪ دير ڪونه ڪئي. رستي ۾ ڳالهه ڪيائين ته حويليءَ جي ڳوٺ ۾ ٻِليڪ جا ڪوڙ سارا پئسا هڪڙي ٺَڪُر ( نالو وسريم ٿو) وٽ رکيل اٿم سي ڪڍي ٿا اچون. ايئن هڪلي هوڪاري همراه جي اوتاري تي

پُڳاسين، تہ مُڙس جو ڏَسُ ٻنيءَ تي پيو. ٻنيءَ تان وچي جيپ ۾ ڪنيوسونس، رستي ۾ حالي حوالي بہ ٿيندا آياسين، همراهہ اسان کي اوتاري ۾ ويهاري “ اوهين ٻيسو، هون چانهہ نہ اوهان جا پئسا لي پَنچان مِنٽان مين آئون ٿو”. ايئن چئي گهر ڏي ويو، ڳچ دير ٿي وئي، چانهہ تہ آئي پر مڙس موٽڻ ۾ کوڙ ساري دير ڪئي ۽ دير سان ئي جڏهن آيو تہ چيائين“ محبتيا! تان جي امانت سون جهڙي، ڏُڌ مين ڌوئي ڏئيس، پڻ اج کو ڏيان”. منهنجي ٻروچڪي رڳ ٽِڙي سوچيم پئسا منهنجي يار جا بليڪ جا ۽ نَڪُر بي ايمان ٿي اسان کي مڙوئي پيو سُرمو پارائي. هوڏانهن وري مُحبت هُن جي ڳالهہ تي آمين چئي ٿوال ڇنڊي کُلهي تي رکي اٿيو ۽ مون کي بہ اُٿاريائين. رستي ۾ هُن مونکي گهڻو ئي سمجهايو تہ سوڍي جا سنئوڻ خراب ٿيا هوندا نہ تہ هي يڪ سُخنا ماڻهو آهن. پر مون نہ مڃيو هيو. واقعي بہ هن واري ڳالهہ سچي ٿي هئي. ٻئي ڏينهن بينڪ کلڻ کان اڳ هو ٿوال جي ٻن کُنڊن ۾ الڳ ڳنڍيون ٻڌيو آيو هيو، جيترا محبت جا اوترا سندا پئسا بہ بينڪ ۾رکي ويو هيو. ڳڏوڳڏ ڪالهہ سنئوڻ نہ ٿيڻ جي ڪري پرايا پئسا گهر مان نہ ڪڍڻ تي معافي بہ ورتي هيائين.

بابا ٻُڌائيندو هُيو تہ هندستان پاڪستان ٿيڻ وقت واٽين جي لڏي وڃڻ جي ڪري سمي جوٽيجي جو شهر ڦِٽي ويو هيو. انهيءَ ڦٽل شهر جي آس پاس ڪنڊيءَ ۽ ٻَٻُرن جا وڏا وڏا وڻ هوندا هُيا. جيڪي پري کان ڪنهن گهاٽيءَ هُڙهيءَ جي ڏِڪ پيا ڏيندا هيا. تن ڏينهين اسانجي گهر ۾ غربت بنهي گهٽي هوندي هئي ۽ کائڻ لاءِ رات هوندي هئي تہ ڏينهن ڪونہ هوندو هيو. آڏيءَ اسر ڏکيءَ سکيءَ ۾ ڪٽ ڪٽائڻ وارا واٽيا بہ ويا هليا. وڏيرن وٽان گهڻو قرضي هجڻ ڪري وروءَ واٽ جو بہ کو آسرو ڪونہ هوندو هيو. تنهنڪري انهيءَ کوٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ واندڪائيءَ جي وقت ۾ خاص ڪري رات جو ماما ۽ بابا، کهاڙا کڻي هڪ اڌ سگهو موچارو ڪنڊيءَ جو وڻ يا ٻبر جو وڻ وڍي ٽُڪي، فجر ڏاري، ڏاند گاڏيءَ ۾ وِجهي ميرپورخاص روانا ٿيندا هُيا. تن ڏينهين مير پورخاص وڃڻ لاءِ ڪوبہ پڪو رستو ڪونہ هُيو، ڪچي رستي تان وڃبو هيو، سَستائيءَ جا ڏينهن هُيا، ڪاٺين جي هڪڙيءَ گاڏيءَ مان هڪڙي هفتي جو گهر جو سموروراشن ٿي ويندو هُيو. تڏهن راشن بہ وري کهڙو هوندو هيو؟ ڪٽڪ، جوئر ٻاجهر يا چانورن جو اٽو! ۽ بس ٻيو ڪجهہ بہ نہ!!!. تڏهن ٻوڙ ڪنهن گهر ۾ رڌبو ئي ڪونہ هُيو. صبح جي ماني لسي مکڻ ۽ مَهيءَ سان ۽ رات جو کير جي وٽي سان کائي اوڳرايون ڏبيون هيون. لٽي پٽي لوڻ ڪپندو هيو سو بہ عام طور تي ماڇي قبيلي جون عورتون ڳڏهن تي کڻي گهر ويني پهچائي ويندِيون هُيون جنهن جي

عيوض گري لتي ڪين اَن ڏبو هيو. صابڻ جو رواج ڪونہ هُيو، ڪپڙا لاٽي مان ٺاهيل ڪار ۾ ڏوپندا هُئا، سا بہ عام طور ماچاٽيون ئي پهچائينديون هُيون. ۽ اسان جي قبيلي جون وڏڙيون تہ پاڻ بہ ڪار ٺاهڻ جون جراح ڪاريگر هونديون هيون. انين ڏهين ڏينهن وڏڙيون واٽر جي ڪپ تي ڪُنو چاڙهي ميرا ڪپڙا پاٽيءَ ۾ وجهي، ٻُڪ ڪن ڪار جو وجهي باھ تي ٻڙهڪائي، ٽڏي پاٽيءَ مان ڪڍي، نپوڙي سڪائي ڇڏينديون هيون. ٻنين ۾ ڪٽڪ جي ٻَئِن تي سرنهن جا داڻا ڇَتي ڇڏبا هُئا، ۽ انهيءَ کي ڪُتي سُتي گهاٽي تان پيڙائبو هيو تہ وارن کي مَکڻ جو تيل انهن مان تي ويندو هيو. ميٺُ ئي اهڙي شئي هئي جيڪا دوڪانن تي ملندي هئي، يا ٻتيءَ ٻارڻ لاءِ گاسليٽ. بس الله خير صلا.

1959 ڌاري مير صاحب جون زمينون، مختلف مقاطعيدارن کان ڦِرنديون، گِهرنديون قيصر خان راڄڙ وٽ، اوڻيتاليھ روپيہ في ايڪڙ مقاطعي تي آيون هيون. جنهن چونڊڪي جي رهاڪو سيٺ رائت مل سان چارآنا حصي جي ڀائيواري رکِي هئي. هتي اهو بہ ذڪر ڪندو هلجي تہ ايئن ڀانئبو هيو تہ سنڌ مان ورهاڱي وقت ٽيندڙ لڏپلاڻ ۾ چونڊڪي جا واڻيا يا تہ بنهي گهٽ لَڏيا هيا، يا تہ مورڳو لڏيا ئي ڪونہ هيا. سو حاجي قيصر خان راڄڙ جي نئين ڀائيوار سيٺ رائت مل ڳوٺ جي اوڀرنديءَ ڪُنڊ تي، وڏو ڪوٽ ڏياري، هڪڙو دوڪان رکيو هيو. ڳوٺ جي جملي هارين کي سيڌو سامان بہ اوڌر تي انهيءَ دڪان تان ملڻ شروع ٿيو. اُن سال کان هن ڳوٺ جا جملي ماڻهو قرضن ۾ وڪوڙجڻ شروع ٿيا هيا. چوندا هُيا، تہ چونڊڪي جا هي سيٺ اهڙا تہ ڏکيا هوندا هُيا جو روزانو ڪنهن نہ ڪنهن هاري تي ڪونہ ڪو بِلو لکندا رهندا هُيا. پڇا ڪبي هئي تہ چوندا هيا، اري بابا تون فلاڻي ڏينهن هَٽَ تي آيو هُئين، تہ ڪجھ نہ ڪجھ ورتو ضرور هوندئہ ني. بس ايئن ڳالھ لئہ مِٽي تي ويندي هئي. ڪي تہ وري ڪلندي ڪلندي چوندا هيا تہ واڻين جو ڪنڌي جو بِلو بہ عجيب هوندو هيو، بہ روپيا ڏاٺ جي سور جي دوا لاءِ روڪڙا، تہ وري ٻين روپئين جي دوا، تہ وري بہ روپين جي شِودارا. مُئا سينيا وري لکندا بہ واڻڪي اکر هيا، جيڪا ڪو بہ انڌو مندو پڙهيل يا بنهي گهٽو سنڌي پڙهيل بہ ڪونہ سمجهي سگهندو هيو. اِئين هن ڳوٺ جي جملي هارين جو ڦُٽين جو روڪڙي ناٽي ڏيارڻ وارو فصل تہ اڳي بہ قرضن ۾ زميندارهونئن بہ ڪٽي ويندا هُيا، پر هنن رائت مل وارن واڻين جي اچڻ بعد، جيٺ جنهن کي عام ٻوليءَ ۾ پيٽ بہ چئبو هيو، سو بہ سمورو واڻين وٽ اڳ ڪٽت ۽ دڪان قرض ۾ ويندو هليو هُيو. موت ۾ مڙني کي مِلندو هُيو، هڪ مڻ وِرئو في خاندان. پوءِ انهيءَ هڪڙي مڻ مان ڪنهن عياليءَ گهر جي پوري ٿئِي يا نہ ٿئِي، انهيءَ ۾ نہ قيصر راڄڙ جو ڪجھ

وجي نہ رائت مل جوڪجھ وجي. ڪو اُجيو سمهي يا ڪو بڪيو سمهي، رائت مل ڪو نيڪو ٻولي ڪونهي ڪنيو، جو هرڪنهن ڪي ورئو ڪان بہ وڏيڪ ڏئي. ها ڏِبو، پر حساب ڪتاب سان ڏبو، ڳائي وڄائي مَتِڪي ونبي، سا بہ هيڪوڻ جي ٻيڻ، يا ويندي ويندي ٽيڻ بہ هوندي، جهڙو ماڻهو تهڙو مُلھ. انهيءَ ۾ قيصر خان جو ڪو واسطو ئي ڪونہ هوندو هيو، نہ ئي ڪا خبر چار. رائت مل ڄاڻي تہ هاري ڄاڻن.

سرڪاري ڪاغذن موجب منهنجي جنم جو سال پهرين مئي 1960 آهي. پر مزي جهڙي ڳالھ اها آهي تہ آمر ايوب خان جي لاڳو ڪيل زوريءَ تعليم جي قانون ۾ هر اسڪول جو ماستر پاڻ وٽ هڪڙو طفل شماري رجسٽر رکندو هيو، جنهن ۾ ڳوٺ جي جنهن گهر ۾ ڪوئي ٻار ڄمندو هيو تہ انهيءَ جي داخلا ڪندو ويندو هيو. تہ جيئن ٻار پنجن ورهين جو ٿئي تہ زوريءَ تعليم جي قانون موجب ڪيس اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ ويهارجي ۽ جي ڪو مائٽ ٻار کي اسڪول نہ موڪلي تہ ڪيس سزا ڏجي. گهڻي وقت بعد جڏهن پاڻ ئي انهيءَ اسڪول جو ماستر ٿي آيو هيس تہ طفل شماري رجسٽر مان پتو پيو هيو تہ اتي وري پنجين جنوري 1960 آهي. اهو پنج، هڪ سڻ، مان قِري، هڪ، پنج، سڻ ڪيئن ٿيو ۽ ڪهڙي ماستر ڪان ٿيو تَنهنجي ڪا خبر ڪانهيم، پر اها سا خبر اٿم تہ بابا ۽ امان اصل ۾ڪورا اڻ پڙهيل هُيا، ڪين ڪهڙي ڪَلَ تہ منهنجي جنم جا سال تاريخون ۽ ڏينهن ڪهڙا هيا. . . .! بس ايترو سو ياد هُين تہ منهنجي جنم وقت ايوب جي بادشاهي هئي. جنهن کي پاڻ آمريت جا ڏينهن چئي سگهون ٿا. ماڻهو چوندا هيا تہ تن ڏينهين فوجي بابوئن ڪان خلق ڏاڍي ڏجندي هئي. چوندا هيا تہ اهي فوجي بابو ڪنهن جي بہ ڳالھ نہ ٻُڌندا هيا نہ سمجهندا هيا. اصل جهنگ جي ماڻهن جيان جيڪي مُنهن ۾ ايندو هُيِن سو ڪري گذرندا هيا. ڪنهن ڳالھ ڪئي هئي تہ هڪڙي ڀيري فوجي صاحبن هڪڙيءَ لاريءَ کي روڪي ڊرائيور کي بہ چار ٿڦڙون هڻي ڪڪڙ ٻنجڻ جو حڪم ڏنو. موچڙن جي سُوران جلدي جلدي ڪڪڙ ٻڌيل ڊرائيور ڪنجهندي چيُن، سائين منهنجو قصور تہ ٻڌايو؟ تنهن تي فوجي صاحبن ڪيس بہ ٽي ٿُڏا هڻندي چيو تہ لاريءَ جي ڇت تي ماڻهو ڇو ويهاريا اٿئي. ڊرائيور کي تڪڙو عقل اچي ويو هڪدم چيائين سائين، لاريءَ جي ڇت تي ماڻهن جو سامان رکيل آهي، سو ڪِري نہ پوي، انهيءَ جي ڪري مٿي ماڻهو ويهاريا اٿم. تنهن تي همراهن خوش ٿي سندس ڏاهپ تي داد ڏيندي مڙس جي جان ڇڏي هئي، پراڳئين ڊرائيور جي عقلمنديءَ تي پويان ايندڙ ٻيءَ لاريءَ واري ڊرائيور جي شامت اچي وئي هئي، ڇو جو انهيءَ لاريءَ جي ڇت تي ڪوبہ ماڻهو وينل ڪونہ هيو. هن هروبرو پادر ڪاڏا تہ ماڻهو مٿي ڇو ڪونہ ويهاريا اٿئي، جيڪر

ڪنهن جو سامان ڪِري پوي تہ ڪير پري ڏيندو. اهڙا ڪوڙ سارا واقعا هوندا هيا، بس يارڙن ڪي جنهن جيڪو مُنهن ڏنو، تنهن تي ڳِنڍِ ٻڌي بيهندا هيا تہ ايندا ويندا جَهرڙجي ويندا هيا. سو اهڙن مورن جي بادشاهيءَ جي ڏينهنِ ۾ منهنجو جنم ٿيو هيو.

امڙ سائڻ ٻڌائيندي هُئي تہ منهنجو ڇَنيءَ جو نالو عارب رکيو هُيائون، عارب جي نالي سان ابي جي ڪنهن پيڙهيءَ ۾ ڪوئي وڏڙو شايد هيو تڏهن. پوءِ اهو عارب سال کن تائين تہ لاڏ ڪوڏ ۾ عارب مان ڦري عارُو تائين جي منزل طيءِ ڪري چڪو هيو. يا ڳوٺ ۾ ميگهواڙن جي اڪثريت ۽ اڌ نالي ونڻ واري رواج تحت ايئن ٿيو هيو. ۽ هر سال جي سياري ۾ بابا سائين جو مرشد ۽ زنده ولي پير بقا محمد قريشي مريدن وٽ ڏن پٽ لاءِ ايندو هيو، سو جڏهن هتي آيو هيو تہ بابا ڪي منهنجو نالو مٽائڻ جو حڪم ڏنائين ۽ پوءِ سندس چوڻ تي منهنجو نالو عارب ۽ عاروءَ مان ڦيرائي رکيائون امير بخش. جيڪ بہ اڳِتي هلي ٿيو هيو اميرو. بقول امڙ جي، منهنجي جنم جي وقت اسان جي گهر ۾ تمام گهڻي غُربت هوندي هُئي، ايتري قدر جو رات جي ماني کائي، رب جا شڪرانا ڪندي وري اُونَ ڪبي هُئي تہ صبح جو کائڻ لاءِ ڪِتان آڻبو. ۽ پوءِ ڪڏهن ڪڏهن اوڙي پاڙي مان اٽي جو تس اڌارو ونبو هيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن نيرانو ئي رهبو هيو تہ ڪڏهن ڪڏهن تہ نانو، عرس خان، اسان ڪي(امان ۽ جيجان) فجر جو ننڊ مان اٿاري، جنڊ پيهڻ لاءِ سڏ ڪندو هُيو، تہ اٿندي ئي وراڻينديون هُيونسين "ابا، ڳُنديءَ ۾ تہ اَنُ جو تہ داڻو ئي ڪونهي، ڇا پيهنداسين"؟ تڏهن نانو چوندو هُيو تہ پُٽ توهان جنڊ تي وجو تہ سهي، جام سارو اَنُ اتي رکيو آهي. ۽ پوءِ سچ بہ وجي جنڊن تي ڏسنديون هيون سين تہ ٿوال جي چئني پلاندن ۾ چار ڳنڍيون ٻڌيون پيون هونديون، ڪنهن ۾ سير بہ ڪڻڪ، ڪنهن ۾ سير بہ ٻاجهر، ڪنهن ۾ سير بہ جوئر هوندي هئي. ايئن لڳندو هُيو تہ شايد نانو عُرس، رات جو ٻارن جي کائي پي سُمهڻ بعد، پنهنجي گهوڙي پلاڻي اوڙي پاڙي جي سَرند سنگتين وٽان لڪ چوريءَ لنگهي ويندو هيو ۽ ڪي اَنَ ڪٽا اُڌارا ڪٽي ايندو هُيو. ڪڏهن ڪڏهن، ويلن تي ويلا پوندا هُيا، تہ مرحوم سائينڏني ڪنيار جي گهرواري مرحوم رحم ڪائي، مُڙس جي ڪِروڌ ڪان لِڪي، پاڻيءَ پرڻ جي بهاني سان دلي يا مَٽَ ۾ اَنَ ڪٽا وجهي، ڳوٺ جي پويان ننڍڙيءَ کوهيءَ تي ڪٽي پُڄائيندي هُئي جتان وري اسين پنهنجي دلي ۾ گهر ڪٽي ايندي هيون سين. . سائينڏنو ڪنيار تن ڏينهين اسان جي ڳوٺ جي واڻين ڪان پوءِ ٻئي نمبر جو وڏو تُجار ماڻهو هوندو هيو. رائت مل وارن جيان هڪڙو وڏو هَٽُ بہ هيس، تہ ڳڏوڳڏ اڙيالن

سان ڪٽڪ جي ڪچي ٻول ٻه جام ڪندو هيو. جنهن مان هيڪوڻ جي ٻيڻ ملندي هيس. تنهن ڪري سندس گهر ۾ ان جا انبار پيا هوندا هيا.
جنڊ تان ياد آيو اتم ته اڳئين زماني ۾ گهرن جون وڏڙيون فجر جو اُٿي جنڊ تي ڪٽڪ، جوئر، ٻاجهر ۽ چانورن جو جو اٽو پِيهنديون هُيون، عام طور فجر جي تڏڪار ۾ سانت ۽ مانار جي اُنَ ويل يا ته ڪارڪٽڇيءَجي مِنڙي لات ٻُڌڻ ۾ ايندي هئي يا وري جَنڊَ جي گهرڙات تي ماڻهو سجاڳ ٿيندا هُيا. ڪو ماڻهو ڪيترو به غريب هجي، جَنڊُ گهر ۾ ضرور هوندو هُيس، ڪِن قبيلن ۾ ڏيئرن ڪي ڏاج ۾ جنڊ ڏيڻ جا رواج هُيا. هاڻ ته ايڪڙ ٻيڪڙ گهرن ۾ جنڊ آهن پر جنڊ جو اٽو هاڻ ڪير ڪونه ٿو پِيهي ۽ ڪائي. اڄڪلهه جي جوانن کي اها به خبر ڪونه هوندي ته جنڊ جو ڪِير ڪهڙو هوندو هيو ته جنڊ جو تنوار ڪهڙو هوندو هيو. انهي کي ته ڇڏيون پر اها به سوچڻ ۽ کوجنا ڪرڻ جي ڳالهه آهي ته سنڌي هندن ۾ هڪڙو جنڊآهوڙا جي نالي سان قبيلو اڄ به موجود آهي. اڳي جنڊ آهوڙا هر ڇهين مهيني هر ڳوٺ مان ڦيرو ڪندا هيا، جن کان ماڻهو جنڊن جي پٿرن کي آهوڙائيندا هيا. پانيان ٿو ته ڪنيارن، ڪارِين ۽ ڪورين جيان انهن جو ڌنڌو ئي جنڊ آهوڙڻ هيو. ايئن ٿو لڳي ته تن ڏينهين جنڊ آهوڙڻ به هڪڙو ڌنڌو هوندو هيو. جنهن جي پويان اهي ماڻهو اڄ تائين جنڊ آهوڙا سڏجن پيا. جيتوڻيڪ بجليءَ اچڻ بعد اسان جي ڏيهه مان جنڊن جو رواج ڪڏهوڪو موڪلائي ويو آهي. پر همراهن جي ذات ئي جنڊآهوڙا ٿي وئي آهي.
تڏهن چانهه جو رواج ڪٿي به ڪونه هُيو، نه ڪنهن ڏني هئي نه ٻڌي هئي. هڪڙو چانهه جو ٻوٽو ٻنين ۾ ٿيندو هيو جنهن جا ساوا پن ڪوسي پاڻيءَ ۾ ڪاڙهي زڪام جي علاج طور ماڻهوءَ کي پيارِبا هيا. وڏڙا ننڊ مان اٿي، مُنهن تي پاڻيءَ جو ڇنڊو هڻي، ڏٽي جو نانءُ وٺي صبح جا سائين تو ٻيڙي ٻني لائين جي دعا گهري، الله توهار ڪري وجي ڏاندن جي ڪلهن تي پاجاري رکندا هُيا. تيسين وڏِڙيون جنڊ تي اٽو پيهي نڪر جي تَس ۾ رکنديون هيون. مال مان ڪير ڏهي هڪڙي پاسي لئيءَ جي تلهڙين مان نهيل ڪاري هينان رکي، راتوڪو ڄمايل ڪير ولوڙي، انهيءَ مان مکڻ جو وڏو چاٽو ڪڍي، چاڏيءَ ۾ نهيل لسي ڊِڪي ڪاري هينان ڪري، پوءِ وجي ماني ۽ جا به چار لولا ٿڦي اهي به رلڪي ۾ ٻڌي ساڳئي ڪاري هينان رکنديون هيون. ، تيسين ڳوٺ جو ڏراڙ اچي مال پهرائڻ جو هوڪو ڏيندو هيو، مايون مال مال پهرائي، ڦرڙا اولي ۾ ٻڌي، مال جو وٿاڻ ميڙي، آلا ڇيٽا پٿين تي ٿڦي. جهڙوڪر گهر جي سموري ڪم ڪار مان وانديون ٿينديون هيون ۽ سج به جهڙوڪر ڪانو ٻه چڙهي ايندو هيو، پوءِ لوٽيِ لَسيءَ جي، مکڻ جي ڦوٽي سان ڪَڇَ ۾ وِجهي، اڳڙيءَ ۾

مانيون ٻڌي، گهر جي گهٽيءَ ڪي ڊنگهر ڏئي ٻنيءَ ڏانهن راهي ٿينديون هُيون. اتي پڇي پنهنجي مَردن ڪي ماني ڪارائي، پوءِ سڄو ڏينهن ساڻن ٻنيءَ جي ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊرائينديون، ٻنيءَ جي ڪم مان وانديون ٿي وري مال جي گاهه ڪي لڳنديون هيون، شام ڌاري جڏهن گهرن ڏي واپس ورنديون هُيون ته ساوڙيءَ، ڏنهه ۽ ٻئي گاهه جون ڀ سگهيون پريون زال مڙس ٻنهي جي مٿن تي هونديون هيون. شام جي سانجهڻ ۾ ڀ، ڀ مانيون ڪير سان هرڪنهن کي ملنديون هيون، جيڪي ڪائي وڏيون اوڳرايون ڏئي، اوڳرائيءَ اوڳرائيءَ تي شڪرالحمد لالله چئبو هيو. ڇا جا ٻوڙ، ڇا جي ست رڇي. باقي ڪجهه ڀ ڪونہ هوندو هيو جو رڌجي يا ڪائجي.!!.

وڏڙا ڳالهيون ڪندا هُئا ته تن ڏينهين ديهه ڪاٽي مگريا ۾ خليفي دائم مگريو جي ڳوٺ جو پرائمري اسڪول الائي ڪهڙي سبب جي ڪري ڦِٽي بند ٿيو هيو، رڳو اسڪول ڪونہ ڦٽو هيو پر الائي ڪهڙيءَ ڪُمهريءَ جي ڪري خليفي دائم مگرئي جو سمورو ڳوٺ ڀ ڦٽي پڙو ٿيو هيو. تڏهن رب سائينءَ، رُڳهي مل جهڙي ڪوري اڻ پڙهيل ميگهواڙڪي الائي ڪيئن هيڪاندي همت ڏني هئي، جنهن تعليم کاتي ۾ مقررسندس مائٽ ڪلارڪ معرفت، سرڪار وٽ درخواست ڏِني هئي ته خليفي دائم مگرئي جي ڳوٺ جو ڦِٽل اسڪول اسان وٽ اچي آباد ٿئي. ڀانيان ٿو ته اهو زمانو 1961 جو هوندو، رُڳهي مل جي اها درڪاش (درخواست) قبول ٿي هئي. اسڪول جي بدلجڻ جو پروانو ڳوٺ ۾ اچي پهتو هيو ته سندس ئي اڳواٽيءَ ۾ خليفي دائم جي ڳوٺان، ڊڳي گاڏين تي اسڪول جون بينچون، ماستر جي ميز، ڪُرسي ۽ رڪارڊ توڙي لائبرريءَ جي ڪاٺ واري پيٽي ڪچي آيون هيون. رُڳهي مل، زميندار مير تاج محمد ۽ مقاطعيدار حاجي قيصر خان سان مشوري ڪرڻ ٻنان، هِمت ۽ مُڙسي ڪري، پنهنجي خرچ سان، هارين کان ڇيڙون وني، ڳوٺ جي اُيرندئين ڇيڙي تي، مير تاج محمد جي زمين تي ئي اسڪول لاءِ ڪَچِي ڪوني جوڙائِي، پنهنجيءَ اوطاق تي ماستر جي رهائش جو ٻلو ڪيوءِ ماني جو ذمو ڀ پنهنجي سِرَ تي ڪنيو. موٽ ۾ سرڪار اسڪول جو نالو ئي ڏنو، گورنمينٽ پرائيمري اسڪول رڳهو مينگهواڙ. گڏوگڏ رڳهي مل لاءِ ڇهه روپيه ماهوار مسواڙ ڀ مقررتي هئي.

رُڳهي مل جي اهڙيءَ هِمت، مير تاج محمد مرحوم کي ڪي ڇيڙائي وڌو هيو، جنهن جي زمين تي، جُڙيل نئين اسڪول جو نالو، بجاءِ سندس نالي جي هڪڙي عام ميگهواڙ جي نالي پويان ٿيو هيو. گڏوگڏ ان وقت جي مقاطعيدار، حاجي قيصر خان کي ڀ رڳهي مل جي اهڙيءَ اُبهرائيءَ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئِي هئي، جيڪو ايوب خان جي خاص وزير، محمد

خان جوڻيجو جو گهاٽو دوست بہ هُيو. گڏوگڏ اسان جي وڏڙن ڪي بہ اسلامي جذبو ان وقت جاڳيو، تہ مار اسان سڀ مسلمان رهياسين اتي اسڪول تي وجي نالو پيو ميگهواڙ جو.!! مير صاحب ۽ مقاطعيدار جي تہ ڪاوڙ نهي ٿي باقي اسان وارن جهونڙن تہ حب علي ۽ بغض معاويہ وارو قصو ڪندي هرويرو جو رگهي مل تي پئي خار ڪاڍا. ڇو جو رگهي مل کي هٿ آڻڻ وارا هنن جا وڏڙا هيا ۽ سمجهيائون ٿي تہ اسڪول تي نالو بہ سندن هجي ها. هونئن بہ منهجن ٻي تہ ڪا ڦُوم ڪونہ هئي، جو ڪجھ ڪن ها، باقي شام جي پهر ٻنيءَ ٻاري جي ڪم ڪار مان واندا ٿي جيڪي وڏيرن جون ٻُڌل خبرون ڪندا هيا، تن مان لڳندو هيو تہ اڄ يا سڀاڻ مير صاحب يا قيصر خان رُگهي مينگهواڙ کي اهڙيءَ ابهرائيءَ واري حرڪت ڪرڻ ۽ اسڪول پنهنجي نالي ڪولائڻ تي ڪنهن ڪٺاهيءَ ۾ ترائي ڇڏيندا. پر پوءِ بہ رگهو مل سنئين ڳاٽ هلندو رهيو، سندس ڪن تي ڪائي جونءَ ڪونہ چُري ۽ پنهنجيءَ ڪُٺيءَ مُئو. ڪنهن وڏيري وڙي هٿان سندس وار بہ ونگو ڪونہ ٿيو هيو. ۽ پوءِ اهو اسڪول رُگهي مل جي نالي پويان هلڻ شروع ٿيو۽ اَڄُ ڏينهن تائين هلندو اچي. اهو ئي اسڪول اڳتي هلِي هن ڳوٺ ۾ تبديليءَ ۽ ترقيءَ جو اهم ٿنڀو ٿيو. اهو اسڪول نہ کُلي ها تہ نہ ئي آئون پڙهان ها ۽ نہ ئي اڄ اوهان هي قصا ٻُڌي ۽ پڙهي حيران ٿيو ها. ۽ نہ ئي وري سڄو ڳوٺ پڙهي سگهي ها، ۽ نہ ئي هينئر جا موجود ڪوڙ سارا ڪامورا هجن ها.

پوءِ جڏهن مون پنهنجي پيرن تي بيهڻ شروع ڪيو تہ انهيءَ اسڪول کي ترقي وٺرائي پهريان مڊل اسڪول ۽ پوءِ هاءِ اسڪول تائين پهچايو. گڏوگڏ نياڻين جي پرائمري تعليم جي اسڪول کان وٺي مڊل تائين بہ الڳ اسڪول ڪولايو. انهيءَ سڄي عمل ۾ڳوٺ جو ٻيو دوست جيرام جيڪو وفاقي وزارت اطلاعات ۾ ڪامورو آهي، سو هرگهڙيءَ ٻانهن ٻيلي رهيو. ۽ ڪي ڪيترا ورهيہ اڳ تائين اهي اسڪول اهڙا هليا جو ضلعي جي اسڪولن ۾ اول اسڪول ڳڻبا هيا. پر پوءِ جيئن سياسي صاحبن جي تعليم ۾ سياست شروع ٿي تہ انهيءَ سياست بہ اچي هنن اسڪولن تي ڇيھ ڪيو، اڳي اٺ ڪن ماستر ۽ ساڍا ٽي سئو ٻار هڪيا تڪيا موجود هوندا هيا، اتي هڪڙو ماستر ڳن ڪڍيو وينو آهي. نہ هاءِ اسڪول ۽ مڊل اسڪول جي بجيٽ منظور ٿي نہ ماستر مليا، ڇيڙون ڪري، ڳوٺ جي واندن ٻي روزگار پڙهيل ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين ڪان ٻارن کي بہ ٽي سال سبق ڏياريا سين. هوڏانهن سرڪار وٽ بہ دانهون ڪوڪون ڪيون سين، پر نہ ڪجھ ٿيڻو هيو ۽ نہ ٿيو. نيٺ مجبور ٿي مونکي اڌ لڏو ڪٽي ٻار پڙهائڻ لاءِ شهر وڃڻو پيو.

نيڪ انهن ڏينهن ۾ جڏهن اسڪولن ۾ تعليم جو تي تارو ڪوٽي ڪڍيو ويو هيو ۽ مون ڪي ٻار پڙهائڻ لاءِ مجبوريءَ ۾ پنهنجي اڌ مَڏي شهر ڪٽي وڃٽي پئي هئي، تڏهن هن تر ۾ مُلپ زور شور سان وڏڻ شروع ٿي هئي ۽ عرب ملڪن جي مدد سان هنڌين ماڳين بهترين عمارتن وارا مدرسا کلڻ شروع ٿيا هيا. تڏهن حاجي محمد اسلم ٻه دين جي خدمت ۽ ثواب خاطر ٻارهين ميل تي ٻه هڪڙو مدرسو کولايو هيو. جنهن کي هلائڻ وارو ٻه پنهنجو ئي ڇوڪرو هيو، ۽ پنهنجي ڇوڪري مُلپ جي شوق ۾ توڙي پنهنجي نوڪري پڪي ڪرڻ لاءِ هوريان هوريان ڳوٺ جي مسلمان ٻارن کي ريهي ريپي اسڪول مان ڪيرائڻ شروع ڪيو هيو. غربت جي لڪير کان هيٺ پهتل ڳوناٽن مدرسي ۾ مفت جي مانيءَ جي لالانگهي تي کوڙ سارن مائٽن ٻارن کي دنيوي تعليم جي جنجهٽ کان ڪڍي ديني تعليم ڏيارڻ لاءِ مدرسي ۾ موڪلڻ شروع ڪري ڇڏيو. باقي رهيل مينگهواڙن جي ٻارن تي وري هٽڙو ڦيريو ڳوٺ جي هڪڙي مينگهواڙ جوان، جنهن جڏي ڦڏي اين جي او ناهي سنڌ ايڊيوڪيشن فائونڊيشن کان پر واري ڳوٺ ۾ اسڪول ورتو هيو. تنهن وري امداد ملڻ جي آسري تي ٻار گڏ ڪري پنهنجي نوڪري پڪي ڪرڻ جي ڪئي. هاڻ جڏهن ٻه ڳوٺ وڃڻ ٿئي ٿو ته پڙپانگ ٿيندڙ اسڪولن جي بهترين عمارتن کي بي واهو ٿيندي ڏسي اکيون پرجيو اچن. پائنيان ٿو ته رگهي مل جو روح ٻه اسڪولن کي ڦٽندو ڏسي تڙپندو هوندو. پر گهٽي ڦٽ لعنت آئون پنهنجو پاڻ تي ڪندو آهيان ته ڪاش نوڪريءَ سانگي ۽ پنهنجي اولاد کي پڙهائڻ جي چڪر ۾ ڳوٺ کي نه ڇڏيان ها ۽ پاڻ ئي ويهي خدا ڪارڻي اهي اسڪول هلايان ها ته ڪيڏو نه وڏو ثواب ٿئيم ها.

ها سو ڳالهه پئي هَلِي منهنجي جنم ۽ ڇَنيءَ جي نالي بدلجڻ جي، امڙ ٻُڌائيندي هُئي ته منهنجي جنم جي ڇهن مهينن اندر ڪيس اڌ رنگ جي بيماري ٿي پئي، جسم جو ساڄو پاسو سُڪي سُنُ ٿي ويو هيو، منهن ڦري وڃڻ سبب زبان ٻه بند ٿي وئي هئي، ڇاتين جو کير سُڪي ويوهيو. حال سارو سُتيون، ڦڪيون، حڪيمنۡ ڊاڪٽرن جون دوائون ٿيون هيون، پر فائدو ڪتان ٻه ڪونه ٿيو هيو. ايئن سڄو سال گُذري ويو ۽ امڙ کٽ تي پَئِي رهي. ۽ منهنجي پرورش خان محمد جي والده ڪندي رهي. مون ٽَڄ ٻه اُنهيءَ جي پِيتي، ائين اسين ماروٽ پڦات مان ڦري ٽَڄ شريڪ ڀائر ٻه ٿيا سين. سنڌس اُن پرورش ڪري ۽سندس ڇيڄ جهلي ڌرتيءَ تي پهريان قدم رکڻ ڪري، ٻاروتڻ کان ڪيس جِيجان ۽ جِيجِي ڪري سڏيندو هُيس. مرحوم جيستائين جيئري هئي آئون ڪيس جيجي ئي سڏيندو هُيس ۽ حقيقي امڙ کي امان چوندو هيس.

ها جڏهن امان کي مِلندڙ جِنڪين سُتين ۽ ڦڪين ڪوئي فرق نہ ڪيو هيو، تہ هِن هُن جي ڏسن تي وڏڙا تعويذ ۽ ڦيٽي وارن پويان لڳا هيا. ايئن پُڇائون ڪندي ڏس پوڻ تي نانو گل حسن (امان جو چاچو) ٿَرَ جي نامياري فقير رحم علي وسائي پوٽي وٽ اسلام ڪوٽ لڳ ڪانڪٽهيار رحم عليءَ وجي پهتو ۽ امان لاءِ ڪي تعويذ وٺي آيو هيو. چون ٿا تہ انهن تعويذن ذريعي امان جي طبيعت ڪجهہ صحيح ٿي هئي. ڇهن مهينن بعد اوچتو سندس ساڄي هٿ ۽ پير ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، ۽ هڪڙي ڏينهن زبان بہ اوچتوکُلي پئي. امڙ جي مِٺن مائٽن خوشيون ملهايون ۽ تاهري پت جي ديڳ خيرات ڪري معصومن کي کارائي هئي. اُنهيءَ وقت رابطي جا ٻيا ذريعا نہ هوندي بہ نانو گل حسن واپس موٽندي فقير رحم علي کان خط جي ايڊريس وَٺِيو آيو هو. امان جي نيڪ ٽيڻ تي ڳوٺ جي ماستر کان خط لِکائي، فقير رحم عليءَ کي امان جي خيريت ۽ چڱڀلائيءَ جو اطلاع ڪَرايو هيائين. ڪجهہ عرصي بعد فقير رحم علي صاحب اُتر جي سفر کان واپس موٽندي، پُڇائون ڪندو اسان جي ڳوٺ ۾ آيو هيو، ۽ امڙ کي پوتي پارائي ڏِيءَ ڪونيو هيائين. ۽ پوءِ جيستائين جيئرو هيو، تيستائين سال بر سال ڏيءَ جي سنيار لهندو ايندو هيو. ۽ ڏڪار جي سالن ۾ پنهنجا ڍور هتي ڇڏي ويندو هيو، جن کي چارڻ لاءِ امان سڄو ڏينهن ٻنين مان ساوڙيءَ جي گاه جون پريون لُٽي، مَٿن تي ڍوئي، انهن ڍورن کي کارائيندي، چوندي هئي تہ منهنجي ابي جو مال آهي، آئون چو نہ گاهہ ڪريان!!.

آئون ستن سالن جي ڄمار ۾ امان ۽ نانا گل حسن سان گڏجي پهريون پيرو ٿر ويو هيس، ياد اٿم تہ تنهن زماني ۾ ٿر جو سفر سٽائو ڪونہ هيو، ۽ اسان مانيون ۽ ڳُڙ ڳنڍ ۾ ٻڌي، فجر جا نڪتل سج لهڻ مهل نئين ڪوٽ پهتا هياسين. جتان کان اڳتي روڊ رستو ڪونہ هيو ۽ اڳتي جو سفر ڪيڪڙي ۾ ڪرڻو هيو جيڪو سامان، مال ۽ ماڻهن سان سڄي لڙيءَ رات جو منيءَ لاءِ نڪتو هيو، ورندي رات منيءَ مان بہ ايئن ئي سلام ڪوٽ لاءِ نڪتاسين ۽ ٽين رات سلام ڪوٽ ۾ وڃي پُڳاسين. ٿر جي ڪيڪڙن تي ٽِن راتين جا اهي اَٽانگا سفر، بُکون، اُجون ۽ اوجاڳا اڄ بہ منهنجي دل تي اڪريل آهن، سلام ڪوٽ کان ڪانڪٽهيار رحم عليءَ لاءِ فجر ويل پنڌ نڪرڻ واريون اهي گهڙيون بہ چٽيون ياد اٿم، جڏهن هوٽل تان چار مانيون ۽ ڳُڙ جون بہ ڳنڍيون ٻڌي، سانداريءَ ۾ پاٽي ڪٽي اسان ٽن ڄڻن جي قافلي پيرين پنڌ اتر اولهہ طرف فقير صاحب جي ڳوٺ لاءِ پنڌ کي هوڪاريو هيو. اهو پنڌ تہ الائي ڪيترا ميل هيو سو ياد ڪونهيم پر اهو ياد اٿم تہ اسان فجر جا نڪتل سج لهڻ ويل ڪانڪٽهيار رحم علي پهتا هياسين. اُن سفر جون ڪي ٽڏيون يادگيريون اڄان بہ دل ۾ سانديل اٿم.

فقير رحم علي، ٻاڙهيءَ ڏاڙهيءَ سان ڪرڙوڊِ مڙس هُيو. ڏاڙهيءَ کي وَٽي سِڪن جيان ڳنڍيون ڏيئي ٻَڌندو هُيو، ڪٽ تي ويهندو هيو تہ اَلائي ڪهڙيون اَڻ ڏِٺل قوتون ڪيس بلور، ننڍڙا پَٽر ۽ نِڪريون اُڇلائي پِيون هٽنديون هُيون. پاڻ هٿن سان اشارا ڪري پيو چوندو هُيو، چورا ڇڏيو تنگ نہ ڪريو. اڙي تنگ نہ ڪريو. اسين ننڍڙا ٻار اوسي پاسي ۾ ڪنهن کي نہ ڏِسي پَڪ سمجهندا هُياسين، تہ فقير جِنَنِ يوتن سان پيو ڳالهائي، ۽ جن، يوت ئي ڪيس پٿر، نڪر ۽ بلور هٽي پيا تنگ ڪن. انهيءَ اسرار جي پڇڻ جي نہ اها عمر هئي ۽ نہ ئي اهڙي همت هئي جو هيڏي ڏيا ۽ حشمت واري فقير رحم عليءَ کان انهن پٿرن ۽ بلورن هٽڻ وارن جو پڇي سگهون. بس اها سا پڪ سمجهندا هياسون تہ فقير صاحب ڪا وڏي ازغيبي قوت رکندڙ ماڻهو هيو. مرحوم ايستائين پيو اسان جي تَرَ ڏي اويل سويل پيرا ڪندو هيو، جيستائين امان ۽ بابا حياتيءَ هُيا. پوءِ جي ڪا خبر نہ رهيم تہ فقير سائين جيئرو بہ آهي يا نہ.

انهيءَ زماني کان اٽڪل 43 ورهين بعد 2009 ۾ آئون هرو پروءَ جو وڏو ماڻهو بڻجي، ڻانءِ ۾ پريل ڪنهن ڪاموري جيان ڪرولا ڪار ۾ تُرُ گهمڻ سانگي ٻارين ٻچين ويو هيس، ۽ اسلام ڪوٽ جي سرڪٽ هائوس ۾ رهيل هُيس. هڪڙي ڏينهن ٿر جي روڊن تي گهمندي گهمندي وجي ساڳئي ڳوٺ ۾ نِڪتو هُيس. الائي ڪيئن مون کي، اُهي پِٽون ۽ اُهي چونرا ڏِٺل وائنل لڳا هئا. خاص ڪري فقير سائينءَ جي ڳوٺ کان ڏاکڻي اولهندين ڪنڊ واري پاسي واري اُها پِٽ، جنهن جي چوٽيءَ تي ٻين ٻارن سان گڏ چڙهي، پنهنجو پاڻ ڪٽي ڇڏيندا هياسون تہ واريءَ ۾ گسڪندا اچي هيٺ ڪرندا هياسون، سا تہ ايئن هينئين تي اُڪريل هئي جو يانءِ هينئرئي هن پِٽَ تي ليٽڙيون پائي ويو هجان. نيٺ اڳيان ڪُتل، ڳوٺ جي نالي جو بورڊ پڙهي ياد آيم تہ هي اهو ئي فقير رحم عليءَ جو ڳوٺ آهي، جِتي ٻچپن ۾ امڙ سان گڏ آيو هُيس. ايئن دل ۾ آيو تہ چو نہ انهن ماڻهن جي پچا ڪريان جن وٽ راتيون رهي ويو هيس. گاڏيءَ مان لهي وائڙن جيان هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هڻڻ لڳس. تڏهن اُتي موجود هڪڙي پوڙهي وڏي اچي ڪيڪاريو. جنهن جي پوءِ خبر پئي تہ پنهنجي دور جي پلوڙ شاعر، سُگهڙ ۽ درويش حاصل فقير جو پٽ هيو. ساڻس ڳوٺ گام سميت پنهنجي جاڻ سڃاڻ ڪرايم، پر ڪيس نہ منهنجو نالو پلئہ پيو ۽ نہ ئي ڳوٺ سُجهيس. فقير رحم عليءَ سميت گهڻا ٽڻا وڏڙا پنهنجو پنهنجو وارو وجائي وجي چُڪا هيا. جيڪر حياتيءَ هجن بہ ها تہ بہ مون کي تہ ٻار ئي ڏٺو هيائون، سي سڃاڻين ڪونہ ها. سو انهيءَ حاصل

فقير جي پُٽ کي چيم، پائو اسين فقير رحم عليءَ جي گهر جا مهمان آهيون، سندس اولاد مان ڪو هجي تہ ملاءِ.
تہ ۾ پاڻ وارا حجاب ۽ پردا ٿين ئي ڪونہ. سو هُن همراہ اسان جي سموري ڪيڙ کي وٺي اچي فقير صاحب جي گهر پُڄايو. ايڪڙ ٻيڪڙ جُهونڙيون جِيئريون هُيون، فقير صاحب جي گهر واريءَ سان ملياسين. نالو ٻڌايم "اميربخش". ۽ ذات شر بروچ، ويتل ٻارهين ميل جو. پوڙهيءَ ڪُڇ تائين ذهن تي زور ڏنو، پر تحت الشعور کان لاشعور تائين بہ منهنجو نالو ياد ڪونہ آيس. چانهہ پاڻي پيارڻ بعد گهڻيءَ دير کان پوءِ ويني ويني پڇيائين، اوهان شر آهيو نہ؟ اسان جي ها چوڻ تي پڇڻ لڳي، فقير مرحيات جا پري پري تائين شر قبيلي سان واسطا هيا، پر 12 ميل جي شرن جو ذڪر ڪڏهن مون سندس واتان ڪونہ ٻُڌو هيو. ايئن چئي وري پڇيائين تہ پلا اوهان سمي جوٽيجي جو ڳوٺ ڏٺو آهي؟ منهنجي ۽ منهنجي گهر واريءَ جي ها چوڻ تي ٻڌايائين تہ "سَمي جوٽيجي جي ڳوٺ جي هڪڙيءَ شرياڻيءَ کي فقير سائين ڏيءَ ڪري سڏيندو هُيو. ڪيس هڪڙو گُلن جهڙو پُٽڙو هُيو "اميرو". پلا اُنهيءَ اميري کي سڃاڻو ٿا؟ ۽ جڏهن ڪيس ٻڌايو هيوسين تہ اهو ئي اميرو هيءُ آهي، جيڪو هاڻ اميربخش ٿو سَڏجي، سوئي اوهان سان ملڻ آيو آهي، تہ ڳراٽڙيون پائي روئِي اوڙي پاڙي ۾ آباد ڏيئرن ۽ پُٽن کي سڏي ٻُڌائڻ لڳي، اچو ڏسو منهنجو ڏوهٽو 40 سالن بعد آيو آهي. تڏهن ماءُ پيءُ جا واسطا ڏِسيءِ ڪين ياد ڪري منهنجا لُڙڪ بہ لارون تي هَليا هُيا ۽ بند ٿيڻ جو نالو ئي نٿي ورتائون. انهيءَ ڏينهن ماءُ پيءُ جي واسطي سان مليل عزت ۽ مانُ ڏسي منهنجو اولاد بہ حيران پئي ٿيو.
سو ڳالهہ پئي هلي ڳوٺ جي ڪُليل نئين اسڪول ۽ اُنهيءَ جي ڪولائيندڙ رُگهي مل جي، رگهي مل جي همت هن تر جي غريب مسڪين ماڻهن کي تمام گهڻي ڪم آئي هئي، ڇو جو گهڻي ڀاڱي سيني جا پُٽڙا اسڪول پڙهڻ لاءِ وينا هيا. گهڻو پوءِ انهيءَ اسڪول جا گهڻا ٽڻا پڙهيل ڇوڪرا وڃي ڪامورا بہ ٿيا هيا، پر ٿلهي ليکي هرهڪ گهر مان هڪڙو بہ ماڻهو پڙهي پيا هيا، جيڪي پنهنجا ليکا چوکا پاڻ ڪري، وڏيرن ۽ سينين جي قرضن ۽ سورن کان آجا ٿي رگهي مل کي دعائون پيا ڪندا هيا. رُگهي مل جو نانا عُرس خان سان دينپو تمام گهاٽو هُيو، جنهن کي ڊاتڪيءَ ۾ ڏرميلو چوندا هيا. ڳوٺ ۾ اڪثريت مينگهواڙ قبيلي جِي هُئي. سندن ريتمن رسمن موجب، رگهي مل سان ڏرميلي جي ڪري، عرس خان جي نياڻي، رڳو عرس خان جي نہ پر سڄي ڳوٺ جي نياڻي هُئي. سڄي ڳوٺ جا مينگهواڙ امان کي اَدي سڏيندا هُئا ۽ آءٌ بہ ٻاتڙيءَ ٻوليءَ ۾ سيني کي مامو چوندو هئس. جيئن تہ

رگھي مل کي ڏِيئاڻو اولاد ئي ڪونہ ھُيو، سندس گھر واري ۽ ھو پاڻ امان کي سڀڳيءَ ڏيءَ جيترو مانُ ڏيندا ھُيا، شاديءَ مُراديءَ، عيد بَراد، ھوليءَ، ڏِياريءَ، ٽِيجَ ۽ ٽڏڙيءَ تي امان ڏيءَ جيان ڪونِجي ويندي ھُئي. ۽ ڏيئرن جيان ويس وڳا ڪيس ملندا ھيا. جيئن تہ رُگھي مل جو گھر اوڙي پاڙي نہ پر پوري راڄ ۾ سيني ڪان سُکيوءِ سَرندُ بہ ھوندو ھيو ۽ تنھن ڪري اوڙي پاڙي جي ماڻھن لاءِ حڪمت ۽ ڊاڪٽريءَ جو درجو رکندو ھُيو، سندس گھر واريِ، سُتيون ڦڪيون سانديِ رکندي ھئي. جيڪي آئيءَ ويل ھر ڪنھن کي ڪم ايندييون ھُيون. تڏھن ڊاڪٽريون ٻاڪٽريون وڙلي ڪي ٻُڏبيون ھيون، تپ تاءُ بہ ايترا ڪونہ ھيا، ماڻھو سُتين ۽ ڦڪين تي گھڻو پاڙيندا ھيا. سي آڏيءَ توڙي اسر جو رگھي مل جي گھران ھڪيون ٽڪيون حاضر ٿي ملنديون ھيون. رگھي مل جي اوطاق بہ اوطاق ھئي، ھلندي نہ پر وَھندي ھئيِ، وِيھارو ڪنُ ڪٽُون ھميشہ وِڇايون پيون ھونديون ھيون. اونھاري ۾ پاٽيءَ جون چِٽڪارون ٿينديون رھنديون ھيون، ھندو توڙي مسلمان مھمان ھوندا ھُيا، مسلمانن لاءِ ڪچو سيڌو اسان جي گھر ڏي يا منوءَ ڪنڀار جي گھر ڏي رڌ پچاءُ لاءِ ڏيندو ھُيو، ويلي تي يلي پنجاھي مھمانن جو ڪٽڪ اچي وجي پر رگھي مل جي مُنھن ۾ حرام ڪو گھُنج پوي. ڪلھي تي رڪيل انگوڇي سان پيو مکيون ھڪليندو ۽ مھمانن کي چوندو ھيو تہ اجان ڪجھ ڪاءُ، اجان بہ ڪجھ ڪاءُ. ھوڏانھن ھندو مھمانن کي سندس گھر واري ھٿن سان مانيون پچائي ڪارائيندي ھُئي. ايتري قدر جو لاباري جي وقت ٿر جي مختلف ڳوٺن جا مينگھواڙ مزدور، ٽولن جي صورت ۾ رُگھي مل جي اوطاق تي ٽِڪي، مفت جون مانِيون ڪائي پورھيو پنھنجي لاءِ ڪندا ھُيا. پر اسان ڪڏھن بہ رگھي مل جي گھر واريءَ کي گرمي توڙي سرديءَ، جُھڙيءَ توڙي ڦُڙيءَ مانيون پچائيندي مُنھن ۾ ڪو سَرُ ڪونہ ڏٺو ھيو. ٻئي زال مڙس چوندا ھيا تہ ابا، ماني ڪاني آھي.

رائت مَل جي دوڪان ڪلڻ بعد اوڙي پاڙي جا ننڍا ننڍا وڏيرا بہ ڳوٺ ۾ سندس دڪان تي اچڻ لڳا ھيا، جن مان قالو ڪيريو ۽ دودو ڪانھيو نالي وارا ۽ اھم ھوندا ھُيا. ناني عُرس جو بہ ساٽن واسطو ھوندو ھُيو. انھن ڪان پوءِ سندن اولاد عالم ڪيريو، احمد ۽ محمد ڪانھيو بہ ايندا رھندا ھيا. سيٺ رائت مل ھر مھيني ۾ ھڪ رات سَت سَنگُ ڪندو ھُيو، جنھن ۾ گھڻو ڪري مِٺي سِيري جي ديڳين جي خير خيرات ٿيندي ھئي. جيڪا اسان جا مائٽ بہ ڪائيندا ھيا تہ اسان کي بہ ڪائڻ ڪان ڪونہ جھليندا ھيا. جَھل ھئي نہ ھئي تہ مينگھواڙن جو رڌل پچايل ڪاڌو ڪونھي ڪائڻو، چو جو اھي ھندو آھن. آئون سوچيندو ھيس ھندو تہ واڻيا بہ آھن پوءِ انھن جو ڇو ٽا ڪائون؟ اھا ڳالھ سمجھ ۾ ئي ڪونہ ايندي

هيم. ها رائت مل جي انهيءَ ست سنگ بعد رات جو راڳ رنگ جي محفل ٿيندي هُئي، سيٺ جو ملازم ڏيالو مل، باجو ڪٽي ويهندو هيو ته مذهبي پُڄڻن بعد شاه جون وايون منڙي آواز ۾ آلاپيندو هُيو. چوندا هُيا ته ڏيالو مل گهراڻي گهر جو ٻار هُيو، سندس وڏڙن هُن جي تعليم، تربيت ۾ راڳ رنگ تي به زور رکيو هُيو، وقت ۽ حالتون ڦريون ته مائٽن جي ڪنگال ٿيڻ بعد، هو پاڻ ٻئي جي در جو نوڪر بڻجڻ تي مجبور ٿيو هُيو، تڏهن ته اندر مان درديلا آلاپَ ڪڍندي نيڻن جا ڪٽورا ڇُلڪندا رهندا هُيس. اُن هوندي به ڪڏهن ڪڏهن ساڻس گهڙي يا پکواز تي سنگت ڪندڙ بينجهي مينگهواڙ ۽ ٽيڪئي مينگهواڙ جي ليءَ مان ٽِڙي وڃڻ تي، ڪين راڳ روڪي هڪل ڪري دڙڪا به ڏيندو ويندو هيو.
بابا ڳالهيون ڪندو هُيو ته انهيءَ زماني ۾ چوريءَ جو وڏو آزار هوندو هيو. سڀي ڏينهن ٻنين ۾ لِڳ وِلوڙي هَڄُ ٿيل، هاري راتين جو وري پنهنجي انڌيءَ منڊيءَ مال مڏيءَ تي پهرا ڏيئي سج اُڀاريندا هيا. تن ڏينهين اوڙي پاڙي جي ڳوٺن جي پيٽ ۾وري اسان جي ڳوٺ مان چوريون تمام گهٽيون ٿينديون هيون، پر ايئن چئجي ته گهٽا ٽٽا سيڪڙات ۽ وات ڳاڙها چور ته پنهنجو هٿُ ئي اسان جي ڳوٺ جي چورين تان پَکو ڪندا هيا. ڇو جو ڳوٺ سڄو هيو غريب ميگهواڙن جو، باقي اسان شرن جا ٻه ٽي گهرڙا، سي به ڪهڙا وري شر؟ نه ڪَن چوري نه ڇَڪاري، نه جهيڙو نه ڦڏو، نه اڃين ڪڏهن ورهڙو نه وري ڪنهن جو ڪو مال به ٻڌن. مڙوئي ويچارڙا پيٽ جي پاندي پوري ڪرڻ ۽ ڪَن لڪائڻ ۾ پورا هوندا هيا. ٻئي پاسي جي مِٽن مائٽن جا هِتان هُتان چوريءَ جي مال هٽڻ جا واجهَ پيا وجندا هيا. پر هتي ٻيو ٿيو خير. ٿيندي ٿيندي پوءِ ته پَٽين پوتين، مِٽ مائٽ به اسان جي وڏڙن کي شرن بجاءِ رُڳهي جي ڳوٺ جا ميگهواڙ چوندا هيا. نه جهيڙو نه ڦڏو، نه اڙي نه سَڙي، نه اِڙتي نه ڦِڙتي، پوءِ ڇا جا شر!!!
سو انهيءَ ڪَن لڪائڻ واريءَ ڪار تان نيٺ هڪڙي ڀيري کي به چور، اسان جي ڍڳن جو جوڙو به ڪاهي ويا هيا، وَرهڙا ٻَرهڙا هلي گهمي موٽيا، پر چورن پير ايئن لِڪايا ڀانءِ ڍڳا توڙي چور آسمان کِڄي ويو هيو. پوءِ سائين راڄ برادريءَ ۾، اوڙي پاڙي ۾، سنگت سات ۾، مِٽن مائٽن ۾ وڏيون وڏيون وڙولون هليون، ميڙون منٿون ٿيون، ڇئوچوائون ٿيون، هِن هُن تي بار پيا، روز جا آسرا، وڏڙا ويچارا ڏينهن لڙئي جو وتاڻين وري، تڏا شوڪارا پري، هڪ ٻئي سان حال حوالي ٿيندي، تَر جي ڏاڍن مڙسن جي ڪلاڪ اڌ ساراهه ڪري، پوءِ اصل ڳالهه تي ايندا هيا ته هائو ٻيلي انهيءَ همراه اڄ پڪ ڏني آهي ته ڏينهن ٻن ۾ ڪم ٿي ويندو. اهڙن اڄ سڀاڻ جي آسرن ۾ به چار مهينا لنگهي ويا، پر ڍڳا نه موٽيا هيا سي نه

موٽيا هيا، تڏهن زميندارَ نوڪي اسان جي هارپ جي ٻَني بند ڪري ڇڏِي هئي، ڇئي بابا ڍڳن ڪان ٻنان هارپو ڪهڙو؟ هاڻ تہ نسورو ويل تي پيو، ڍڳا ڇا ويا گذر سفر جو وسيلو، هارپي جي ٻنيءَ جا چار ٻارا بہ ڦُرجي ويا. تڏهن زالين مُڙسين همراهن جا ڍڳن جي آهُري ڏي ڏسي ٿڌا شوڪارا نڪري ويندا هيا. اڄ تہ قصو ئي اور آ، هتان مال ڪاهيو، سواريءَ ۾ هنيو پنجين ضلعي جي پڙيءَ ۾ وڪامي بہ ويو، پر اڳي ايئن ڪونہ هيو، سال سال تائين ماٺهو چوراٽي مال ڪي پيا چاريندا هيا. اسان جو هڪڙو عزيز مرحيات يوسف نالو هيس سو ڪم جو ڪو بنهي ٿوتِي هيو، سوبہ خاص ڪري گاهہ پَني ڪان تہ نُپ ٻَرو چڙهندو هيس. تنهن جي ڪيتي هوندي هئي، تہ ٻجائيءَ جي ٽائيم تي دِسِ تان ڪنهن نہ ڪنهن جو جوڙو ڍڳن جو هٽي ايندو هيو. ٻجائي ڪدي وري اهي پُنگ تي واپس ڪري ڇڏيندو هيو. ڪاريگري اها ڪندو هيو جو اوڙي پاڙي مان مئل ڪڇي ڍڳن جا ڪارائيءَ سان ڪتريل سِڱ، هڏوارن ڪان وني گهر ۾ رکي ڇڏيا هيائين. ٻجائيءَ جي ڏينهن ۾ چوراٽي جوڙي ڪي اهي سِڱ پارائي، پيو ڪلئي عام ٻنين ۾ وهائيندو هيو. چون ٿا تہ هڪڙي پيري چوراٽن ڍڳن جو اصل ڏٽي ڪو اڇي اتان لانگهائو ٿيو، جتي هن مُڙس پئي هر ڪيڙيا. سو ڍڳن جي ٽور ڏي ڏِسي، شڪجي بيهي رهيو، ۽ هن همراه ڪي چوڻ لڳو ير خدا جي قدرت تہ ڏِس!! منهنجن چوري ٿيل ڍڳن ۾ هنن ڍڳن جي رنگ روپ، پند، وِڪ، پر ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي، آهي نہ آهي تہ تنهنجا ڍڳا ڪڇي آهن ۽ سڱ بنهي وڏا اٿن ۽ منهنجن جا سڱ بنهي مُنيانوان هيا. نہ تہ هِي بہ هُو ٻَهو نِس پِس جهڙا منهنجا ڍڳا. چون ٿا تہ ان زماني جا چور دُشمنيءَ ۾ يا ڪنهن پلَوَ پاند ۾ ڪنهن جا ڍڳا ڪاهيندا هُيا، تہ اڳلي سان وير پارڻ لاءِ انهن گگدامن ڪي ڪوسي پاٽيءَ جا ڏُڪ ڏِيندا هُيا، پوءِ پَلِي تہ اُهي ڏاند پُنگ تي يا ڪُريءَ تي موتي بہ اچن پر سندن اندر ۾ اوتيل ڪوسو پاٽي سَندُن آنڊا ساڙي ڇڏيندو هُيو ۽ ٿورڙن ڏِينهنِ اُهي ڏاند ڇُڙِي ڇُڙِي مَرِي ويندا هُيا. اڄڪلهہ تہ ماٺهو ڇانهہ جي نالي ۾ ڪوسي پاٽيءَ جا ڪيڏا ڪوپ آندن ۾ ٿا اوتين!!!

خير ڳالهہ پئي ڪئي سون اسان جي ڍڳن جي جوڙي جي چوريءَ جي، سو ڇهنِ مهينن جِي پڄ ڊوڙ ۽ هِن هُن ڪي ميڙن منٿن بعد اهي ڏاند، ٽي سئو رُوپيہ پُنگ تي مِلٽا ٿِيا هيا. تڏهن ٽي سئو بہ وڏي ڳالهہ هيا، تن جي لاءِ اسان جي وڏڙن ڪي هڪڙي سُوئا مينهن، هڪڙي پلوڙ ڍڳي ۽ هڪڙي گاهہ ڪُتر ڪرڻ جي مشين وِڪٽڻِي پئي هئي، نيٺ اهو ٽي سئو روپيا پُنگ يري ڍڳا ورائي ڏاڍا خوش ٿيا هيا ۽ هڪ ٻئي ڪي مبارڪون ڏنيون هيائون. هوڏانهن گهر جون وڏڙيون، ٻن ڍڳن جي بدلي ۾ سمورو وٿاڙُ خالي ڏسي، ڪيترا ئي ڏينهن

سُڏڪنديون رهنديون هيون ۽ نانو عرس وري هٿ ڪٽِي چورن کي پاراتا ڏيندو رهندو هيو. ماڻهو چوندا هيا تہ نانو عرس الله وارو ۽ درويش منش هيو، سندس دعا پِٽ لڳندي هئي. سا انهن چورن کي بہ رَسي هئي، جيڪي بيئي جوانيءَ ۾ ئي هلي چُريا هيا. اها تہ خبر خدا کي تہ اهي ناني عرس جي پِٽ سان پورا ٿيا هيا يا پنهنجيءَ ڪُنيءَ سان. پر اها سا خبر اٿم تہ نانو وڏو ناظِرُ هيو. شل نہ ڪا شيءِ وٺيس، اتي جو اتي ٻولائي چوندو هيو تہ ادا منهنجي ڪانِي وهِي وئي. ماڻهو چوندا هيا تہ نانو عرس ڪنهن تي ڪاوڙبو هيو تہ، اڳلي کي ٻولائي چوندو هيو، پائو هاڻ وڃي پاڻ سنيال پنهنجي ڪاني لڳي وئي اٿئي. چوندا هيا تہ ڪنهن جي بہ ڪنهن شيءِ ڏي دل سان نهاريندو هيو تہ اُها اُتي جو اُتي ٽِڙڪي پوندي هئي. مامو ڳالهہ ڪندو هيو تہ هڪڙي پيري ڪو ٻہر پاڙان ڪڍٽو هيو. ناني ڪيس انهيءَ ڪم تي لڳايو ۽ پاڻ گهران ماني ڪٽڻ ويو، ڪلاڪ اڌ ۾ جيسين مڙس وَرِيو، تيسين مامي ٻہر کي وڃي باَقي ڪو چڙيو هيو. همراه موٽندي ئي، چيو هل ڙي مڙس تنهنجون فلڪون.!! ايئن چئي هڪل ڪيائينس تہ هاڻ ڪُڙين تي زور رک ۽ پچي جان چڏاءِ، منهنجي ڪاني وَڙهل اٿئي. همراه گهٽو ئي پڳو، ۽ ٻہر بہ ڏانهس وريو، پر پوءِ بہ ٻہر جي ٿارِين جا چانبُر وڃي ڪُڙين ۾ لڳس.

مامو هڪڙي ٻي بہ ڳالهہ ٻُڌائيندو هيو تہ وَهيءَ ۾ بنهي سگهو هيس، زور ايترو هوندو هيو، جو سانَ پاڏي جيان ٿاڏيون ڏيندو وتندو هيس. هڪڙي پيري ڪِرڙ جي ڪمداريءَ ۾ مان ڪٽڪ جي گاڏي پرڻ ويس. اڍائي مَٽيون ٻوريون يڪي سِر پاڪر ۾ ڪٽي گاڏيءَ ۾ سَٽي روانو ٿيس. اتي ڪو بروهي ذات جو پائي چِتو ناظرو بينو هيو، تنهن جا ڪاني هنئي تہ هلنديءَ گاڏيءَ مان مڪڙيءَ واري ٻوري تي ٽڙي ۽ آئون ٻوريءَ سُوڌو گاڏيءَ جي چاڪ هيٺان اچي ويس. ڊڳا هيا سگها سو ڳچ تائين تہ ٻوريءَ سوڌي کي گهليندا آيا، پر نيٺ ٻوري ڦاٽي ۽ چاڪ منهنجي مٿان وهي ويو. جهوليءَ ۾ ڪٽي اچي گهر پُڄايائون. هوش ۾ آيس تہ ابي پُڇيو تہ گاڏي پريندي توکي ڪنهن ڏنو هيو. ٻُڌايم تہ فلاڻو بروهي هيو. ابي اوڏيءَ مهل گهوڙي پلاٽي ۽ انهيءَ بروهيءَ جي ڳوٺ وڃي پُڳو ۽ ٻولائي نظر هنيائينس. مڙس جو جوان پُٽ ويهي ويو. سا ڳالهہ ملڪان ملڪ مشهور ٿي وئي تہ اوڙي پاڙي جا ماڻهو چوندا هيا تہ عرس خان جي ڪانيءَ کان جيڪو بچيو سو جڻ تہ نئون ڄائو.

ان زماني ۾ ريڊيا هن ملڪ ۾ نوان نوان آيا هُيا، اسان جي ڳوٺ جي مُجيريءَ سيٺ رائٽ مل جي دُڪان تي بہ هڪڙو فلپس ڪمپنيءَ جو وڏو ريڊيو رَکيل هوندو هُيو، جنهن جي

ايريل هڪڙي سنهڙي تار هوندي هئي، جيڪا ريڊئي سان ڳنڍي پوءِ انهيءَ ڪي دڪان جي ڇت تي اچلي چڙهيندا هيا، تڏهن اهو ريڊيو پري پري جون ٽيشنون جهَٽي وجڻ شروع ڪندو هيو. تن ڏينهين حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ٽيشنن کان سواءِ، خاص ڪري سيلون جي ريڊئي اسٽيشن تان ايندڙ صبح جو سويل وارا پراڻا هندستاني گانا ماڻهو وڏي شوق سان ٻُڌندا هيا. جن ۾ شمشاد بيگم جو گانو "ميري پيا گئي هين رنگون، ڪيا هي وَهان سي ٽيليفون" ڏاڍو مشهور هوندو هيو. اسان جي ڳوٺ جا سڀاجهڙا ڳوناٺا، جن پنهنجين هيڏين سارين ڄمارن ۾ پهريون ڀيرو هيءَ ريڊئي جهڙي بَلا ڏٺي هئي، سي ريڊئي جي انهيءَ ننڍڙيءَ پيتيءَ کي ڇئني پاسِن کان ڦِري، وات تي آڱريون رکي، هڪ ٻئي کي اکين ئي اکين ۾ اشارا ڪري پِيا حيران ٿيندا هُيا، ڇئي هيترڙيءَ پيتيءَ ۾ هيڏو سارو ماڻهو ڪيئن وينو ڳالهائي ۽ ڳائي.؟ اصل اها ڳالهه پنهنجي ڊُول ۾ ويهي ئي ڪونه ٿي. ٻي مزي واري ڳالهه ته انهيءَ زماني ۾عام ۽ سادڙا سڀاجهڙا ماڻهو ريڊيو اسٽيشن کي عام طور تي ٽيشڻ چوندا هيا، ڪي ته مورڳهين ريڊئي جي ٽيشڻ ۽ريل جي ٽيشڻ کي هڪڙي ڳالهه سمجهندا هُيا. اُنهيءَ ڪري ئي ويجهڙائيءَ ۾ شادي پليءَ مان اسان واري ڳوٺ لڏي آيل، سوهجي ميگهواڙ کي جو پنهنجي اباڻن ڪڪڙن جي تانگهه ٿي، ته ڪانئس رهيو نه ٿيو ۽ هڪڙي ڏينهن سيٺ رائت مل جو پاسو وٺي هوريان هوريان ڪيس چيائين، سيٺ تو واري ريڊئي جو بيندِ گهمائي ڪا شادي پليءَ جي ٽيشڻ لڳاءِ ته ڪي منهنجي پراڻي ڳوٺ جون خبرون چارون به ٻُڌئون. انهيءَ تي سيٺ رائت مل کِلي وراڻيو هيس، ته اڙي چريا سوهجا مل، شادي پليءَ ۾ ريڊئي جي ڪا ٽيشڻ ئي ڪانهي ته اها ڪيئن ريڊئي تي لڳايان ۽ وڃايان جو تون پراڻي ڳوٺ جون خبرون ٻُڌين؟ سيٺ رائت مل جي اهڙي جواب تي سوهجي مل اُنلو سيٺ تي چٽر ڪندي چيوهيو، "واه ڙي رائت مل، واه تُنهنجو عَقُل، هيڏي وڏي ٽيشڻ آهي، جنهن تي روز ريل گاڏي بيهي ٿي، سوين ماڻهو چڙهنِ ۽ سوين لهنِ ٿا، توکي اها به ڪَلَ ڪانهي. پوءِ تو ڏنو ڇا آهي؟ هاڻ ٻڌاءِ چريو تون پاڻ آهين يا آئون؟".

چوندڪي جا هي واڻيا، ليکي چوکي ۾ هرڪنهن کي اُبتيءَ ڪاتيءَ سان ڪُهندا هيا. ۽ هميشه هارين تي هيڪوڻ جي ٻِيڻ لکندا هيا. اصل اُنڊن جا ٻُنڊ لکي ڳاڙهي پُڙ واريون بَنديون سدائين ڪاريون ڪريو وينا هوندا هيا. ٻي مصيبت اها هوندي هئي جو لکندا هيا واڻڪي اکر، جيڪي کو به ڪونه پڙهي سگهندو هيو. جيڪر ڪو انڌي منڊي سنڌي پڙهيل وڃي پاسي ۾ ويهي ليکو ڏسڻ جي ڪندو به هيو ته انهيءَ لاءِ اهڙا واڻڪا اکر ڊَٻي ۾ نڪرين برابر هوندا هيا. بس ليکي مهل ٻِلا به اهڙا عجيب ٻُڌائيندا هيا جو به روپيا ڳُڙ

جا، ٻه روپيا ڳُڙ واسطي ۽ ٻه روپيا ڳُڙ لاءِ شيءِ هڪڙي تي پيرا ايئن اُبت سُبت ڪري لکندا هيا. ۽ جيڪر ڪنهن هاريءَ اهڙي ڪوڙي ٻلي تي اَڙي سَڙي ڪئي ته چوندا هيا ته يائي ڪرم ڏرم توتي آ، پلا ٻُڏاءِ انهيءَ تاريخ تي اسان جي هٿ تي آيو هئين نه؟ هاري جيڪر چوندو هيو ته ها آيو ته هيس. ته نه پهه وراڻيندا هيا ته آيو هئين ته ڪجھ نه ڪُجھ ورتو ٻه هوندئي، ايئن توکي کهڙي اسان جي اُکير هئي جو آئين پلا يائي؟ هاريءَ وٽ اڳتي ڪو ٻه جواب ڪونه هوندو هيو ويچارو ماڻڙي ڪري نِري ويهي رهندو هيو.
هي واڻيا هڪڙي ٻي ٻه وڏي پيداگيري ڪندا هيا جو هندو توڙي مسلمان ڪي منع هئي ته اهي گهڙا منجيءَ تي پيل پاڻيءَ جي مَٽن مان پاڻي پِين پلي، پر ٻُڪ ۾ پيئن. ۽ سينين جي گلاس ۾ پاڻي نه پيئن، ڪڏهن پُل چڪ ۾ ٻه اسان پاري ڪنهن ٻار، پاڻي واڻڪي گلاس ۾ پيتو ناهي ۽ واڻين اسان ڪي گارين جا دسُوڙ چاڙهي اهو ڪائي جو گلاس پڳو ناهي، اصل دير ئي ڪونه ڪندا هيا. جيتوڻيڪ وڏيري قيصر خان ڪي ساڳئي گلاس ۾ پاڻي ڏيندا هيا. تڏهن گلاس ڪونه پچندا هيا. سندن انهيءَ عمل تي اسان ٻارن توڙي اسان جي وڏڙن ڪي ڪار ته ڏاڍا ايندا هيا پر رڳو هٿ مهٽڻ جي حد تائين. آئون تڏهن سوچيندو هيس ته هرڪو مُلو ته چوي ٿو ته اسان مسلمان مٿي آهيون ۽ هي هندو گهٽ آهن. پر هتي ته مسلمان توڙي هندو سيني هارين سان ساڳي جُٺ پئي ٿئي!!! اهي خبرون پوءِ جڏهن وڏا ٿياسون تڏهن ڪامريڊن پڙهايون ته يارو!!اهو هيو طبقاتي فرق. جو وڏيرو ۽ واڻيو ٻئي سُکيا هيا ۽ سندن طبقو ساڳيو هيو، تنهنڪري ٻنهي ڪي هڪ ٻئي ۾ ڪا وِڏ نظر ڪونه ايندي هئي. ۽ اوهين هندو توڙي مسلمان غريب ۽ تتڙينگ سُجيا هيئو، تنهڪري ٻيئي هنن لاءِ ڪِنا هيئو. اُنهيءَ جُٺ جي عيوض اسان جا وڏڙا ٻيو ته ڪري ڪجھ ڪونه سگهندا هيا پرساڻن مذاق مذاق ۾ اندر سڙندي، هلڪي قلڪي نڀي ڪري ويندا هيا. ٿيندو هينئن هيو ته سندن بورچي اُتمون مل ياٺُ، سينين ڪي ماني ڪارائڻ ڪان پوءِ کير گرم ڪري منجهس قوتا، بادام، پستا ۽مصري وجهي ديڳڙو چلھ تي رکي، بورچي خاني مان نڪري دڪان ڏي ويندو هيو يا بورچي خاني جي رُڳھ مان نڪري تڏڙي هوا وننڊو هيو، ته تاڙ ۾ وينل هڪڙو همراھ بورچي خاني ۾ داخل ٿي، کير جي ديڳڙيءَ جو ڍَڪُ پاسيرو ڪري، مٿس لٺ سان نُڙڪو ڪندي، رڙ ڪندو هيو ڇِر ٻِلي، ڇر ٻلي. اڙي اُتمان، نياڳا ڪيڏانهن مري وئين، سينين جو ڪڙهيل کير ته ٻلي وڃائي وئي. ايئن چئي پلڪن ۾ اهو همراھ پاسيرو ٿي لِڪي ويندو هيو.

سينيون ۽ بورچي، ٻوڙي بورچي خاني ۾ ڏسندا هيا تہ هائو ٻيلي برابر ديڳڙي جو ڍَڪُ لٿو پيو آهي. تڏهن سينين کي پڪ ٿيندي هئي تہ هائو ٻيلي برابر ٻلي ڪير لُٻي وئي آهي. پوءِ سيٺ چوندا هاڻ تہ انهيءَ لُٻيل ڪيرڪي لوڙهي ۾ هاريو. تڏهن تاڙ ۾ ويٺل اسان جي وڏڙن مان ڪو همراه اُٿي چوندوهيو، سينيون ٻيلي! ايئن نہ ڪيو، ڪير پٽارو آهي، انهيءَ کي هاريو نہ، اسان کي ڏيو، اسين پيئون ٿا، ٻلي اسان کي مرگهي ٿئي. پوءِ اهو ڪير هنن غريبن جي حوالي ٿيندو هيو. ۽ ہِ چارڄٽا ساهيون ڪٽي، اهو سمورو بادامن ۽ پِستن وارو ڪير پي ويندا هيا. اها ڪار مهينو ہِ هلي، واٽين ہہ انتظارڪيو، تہ ٻليءَ جو جُونو ڪير پي ڪڏهن ٿي مڙسن کي مرگهي وني. پر جڏهن همراهن کي ڪجهہ ئي ڪونہ ٿيو تہ نيٺ شڪ پئُن ۽ همراهن جي چوري پڪڙيائون. ۽ پوءِ اُتمي ياٽ کي ڪير گرم ڪري سينين جي پيٽ تائين پهچائڻ تائين چُلهہ کان پري نہ ٿيڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيائون. وڏڙا چوندا هيا تہ چونڊڪي جا واٽيا ليڪي چوڪي جا تہ ماهر هوندا هيا پر عام ڪار وهنوار ۾ سادڙا هوندا هيا، سا ڳالهہ مڄڻ جوڳي تہ ڪانهي پر مامو رمضان ڳالهہ ڪندو هيو تہ جڏهن ميرپورخاص کان ڪپري وارو روڊ پڪو پئي ٿيو، تڏهن ڏامر ساڙڻ جو دُونهاڙ ڏسي، سيٺ رائت جي ٻن واٽين ملازمن سترامداس ۽ ديالي مل ڪانئس پڇيو هيو، تہ ادا رمضان، اُلهنديان اهو دُونهاڙ ڇا جو آهي؟ تہ وراٽيو هيم تہ اڙي چربٽو اوهان کي خبر ڪانهي ڇا تہ روڊ کي باهہ لڳي آهي، ۽ باهہ ۾ سڙندڙ ڏامر جا ڇاپڙ اُڏاميو ميلن تائين پري پيا ڪرن، ٿي سگهي ٿو تہ اهي پنهنجي ڳوٺ تي بہ ڪِرن ۽ ڳوٺ کي باهہ وڪوڙي وڃي. اسان جي تہ گهرن ۾ آهن ڪاريءَ وارا ڪک، سو جي باهہ لڳي تہ بہ خير آ. اوهان جي هٽ ۽ مال ملڪيت جو اونو مون کي بہ آ. انهيءَ پئو ۾ همراهن قميصون لاهي اڇي دڪان جي سامان جي ڍوءِ ڍوئان ٻڌي هئي، چوريءَ جي پئو کان نہ وري ڪنهن هاريءَ ناريءَ کي ويجهو پيا ڇڏين نہ ڇا ۽ جيستائين شام ڏاري رائت مل پهچي ئي پهچي، ايستائين همراهن دڪان جو سمورو سامان ڍوئي وڃي ٻاهر ٻبرن هينان ڪَٺو ڪيو هيو. پوءِ رائت مل اچي ٻُڌائُن تہ چريا، رمضان اوهان کي وَهائي ويو آهي. ڀلا روڊ کي ڪيئن باهہ لڳندي ۽ ڏامر جا ڇاپڙ ڪيئن اڏامندا؟ هوڏانهن مامي رمضان سوڌو سمورا هاري واٽين سان ڪوڙي ليکي چوکي عيوض اهڙي جُٺ ڪري، ڪي ڪيترا ڏينهن رات جي ڪچهرين ۾ ڪانيون ٻڌي، وري وري اها ڳالهہ ڪري کِلي کِلي کيرا ٿيندا هيا.

منهنجي هاٺوڪي هنيل اندازي موجب اها سال 1965 جي شُروعات هُوندي، لڳ ڀڳ پنجن ورهين جو ٿيو هوندس، ڇَڙي چولي ۾ گُهمندو وَتندو هُئس، تڏهن اهو رواج ئي ڪونہ هيو

تہ ستن انن سالن جي ڪنهن چوڪري جا مائٽ سُتڻ جو ڪپڙو بہ ونن. هرڪو ڇڙي چولي ۾ هلندو وتندو هيو. سو آئون بہ مَٿو اُگهاڙوءِ پير اُگهاڙا ڪريو، مِٽيءَ جون رانديون ڪندو ۽ سڄو ڏينهن ڏوُڙ ۾ پيوتُ ٿيو، پيو هلندو هُيس. تن ڏينهين ئي هڪڙيءَ شام جو، بابا سائين، هن تر جي ڪاريگر واڍي، بهرام بوزدار کان مون لاءِ ننڍڙي تختي نهرائي آندي هئي ۽اُها تختي امڙ کي ڏيندي چيو هيائين، ياڳيري! ميٽ پُسائي هِنَ تختيءَ تي لڳاءِ، تہ سڀاڻ اميرو اسڪول ڪٽي پڙهڻ وڃي. ۽ ورنديءَ صُبحَ جو ڏينهن، اڄ بہ ذهن تي اهڙو چٽيل اَٿم، ياڻءِ هياڻُ جي ڦرهيءَ تي ڪا شيءِ هميشه جيان اُڪريل هجي. اهي سياري جا ڏينهن هيا، ان ڏينهن، اَمڙ سائنڻ، صبح جو سويل ئي، ڪوسي پاڻيءَ سان مُنهنجا هٿ پير ڌوئاريا هيا، وارن ۾ لَپ لَپ تيل جي وجهي ڦٽي ڏني هُئي ۽ منهنجي اکين ۾ جام سُرمو پارايو هُيو. امڙ سائنڻ اُنهيءَ ڏينهن اهڙي ڪم جي دوران هوريان هوريان جهونگاريندي رهي هئي تہ، منهنجو ٻچڙو ايمِيءَ چڙهندو، هفيسر ٿيندو، الله ڪندو، اهو ڏينهن بہ ايندو. تن ڏينهين، اُن ايميءَ جي خبر نہ امڙ کي هُئي نہ ابي کي، نہ ئي وري پوءِ ئي ڪا اهڙي خبر بہ پيِن. بسِ انهن بہ وَڏڙنِ جي واتان ٻُڌو هُيو تہ فلاڻو وري ڪهڙو ايمِيءَ پاس آهي. تڏهن امڙ بہ اها جهونگار ٻَڌيو بيني هئي، تہ منهنجو ٻچڙو بہ ايميءَ چڙهندو. ۽ جڏهن انهيءَ پهرئين ڏينهن، بابا سائينءَ جي چيچ جهلي، ڇڙي چوليَ ۾، پيرن اُگهاڙو، ميٽ سان ميساريل تختي هٿ ۾ ڪٽي، ڪچي ڪونيءَ واري اسڪول جي ورانڊي ۾ پُهتو هيس، تہ اندران ٻين ٻارن جا وڏي وڏي زور زور سان سبق ياد ڪرڻ جا آواز ٻُڌا هيم. هو الهبچايو ۽ قاسم، هو خان محمد ۽ جيرام، هو لوٽيو ۽ ڏيارام، سيئي ڪتابن ۾ ڪنڌ نِمايو زور زور سان، پنهنجا پنهنجا سبق پَئي پڙهيا. ان ڏينهن، ماستر ارجڻ داس، بابا سائينءَ سان ڳُڻ مون کي ڏِسي، بابا سائينءَ کي چيو هيو تہ، اَڄُ، اَڄُ، اَڪُو اڄ، مون بہ اڄ ئي سوچيو پئي، تہ طفل شماري رجسٽر موجب تنهنجي پُٽ جي عمر پنج ورهيہ ٽي چڪي آهي ۽ زوريءَ تعليم جي قانون موجب ڪيس اسڪول موڪلڻ لاءِ، تو ڏانهن نياپو ڪريان، چڱو ٿِيو جو تون پاڻ ئي پُٽ کي وني آئين.

تن ڏينهين ملڪ تي ايوبي آمريت جو راڄ هيو، جيتو ٽيڪ هُن پناڻ جي ٻچي هر طرح سان ملڪي قانونن جي لتاڙ ڪندي، ملڪ کي ڪنهن نہ وَٽُ ڏيندڙ سانَ پاڏي جيان بيدرديءَ سان پيليو پئي. هن جا اهي سڀ قصا جيڪر هڪڙي پاسي ڪري صرف هڪڙي خير جي ڪم تي سوچيون تہ اهو هيو زوريءَ تعليم وارو قانون. جيتوٽيڪ ان قانون تہ عمل، نڪي قانون جوڙيندڙن کي ڪرڻو هيو ۽ نہ ئي عمل ڪرائيندڙن کي ڪرڻو هيو. پر ان

هوندي ڪٽي مان ڪاسو، ماڻهن جو پلو ٿيو ضرور هيو. عام ماڻهن، جيلن ۾ روڪ رقم جي ڏنڊ جي ڊپ ۾ پنهنجن پُٽڙن کي اسڪولن ۾ موڪلڻ شروع ڪيو هيو. ۽ ڪجھ نہ ڪجھ تعليم وڌي ضرور هئي.

اِيئن اسڪول جي پهرئين ڏينهن، ڊڄندو ڊڄندو، تختي هٿ ۾ ڪٽي آخري بينچ تي وڃي وينُو هيس. گھڙيءَ ڪن ڪان پوءِ، سائينءَ ارجڻ داس ٻارن جا سبق پُڇڻ شروع ڪيا هئا. چوٿين درجي جي شاگردن مَتوءَ شر ۽ مولهاتي ڪيرئي جا حال ڪي بنهي جَڏا هُيا، سندن سبق ڪچا ٿيا هيا ۽ سبق ڪچا ٿيڻ تي، سائينءَارجڻ داس، سندُن هٿن جي ترين تي زور سان رُول هڻڻ شروع ڪيا هيا. متوءَ ۽ مولهاتيَ جا اُپ ڏاريندڙ ٻرڙاٽ ٻُڌي، مون جيان سيني ٻارن جي جسمن مان ڏُرڙيون پئي نِڪتيون. ٻين ٻارن کي تہ الائي پئو ٿيو يا نہ، پر مون کي مارَ جو ايترو تہ پَوءُ ٿِيو، جو ڏڪندي ڏڪندي بينچ تي ڪاڪوس ئي وَهي وِيو هيو. ۽ جڏهن سائينءَ ارجڻ داس، سيني دَرجن جا سبق ٻُڌندو، حصي موجب سزائون جَزائُون ڏِيندو، منهنجي بينچ وَٽ پُهتو هيو، تہ ڊپ ۾ منهنجو تَنُ بَدنُ پئي ٿَڙِڪيو، ۽ جڏهن مون کي ڪَنَ مان جَهلي بينچ تان اُٿاريو هيائين، تہ ڪاڪوس جي ڏَپَ ۽ مکين جي لامارن کي ڏِسي، سمورن ٻارن جو ڌيان اوڏانهن ڇڪجي ويو هيو. گھڻو ڪري سمورن ٻارن مُسڪرائي، ڪٽي مُنهن جي آڏو ڪتاب ڏِنا هيا. سائينءَ ارجڻ داس، دڙڪا دَهمانَ ڪري، مون کي گھر وڃڻ جو حُڪم ڏِنو هيو. ۽مَتوءَ ۽ مولهاتي کي سبق ڪچي هئڻ جي سزا ۾ بالٽيون ڀري بينچ ڌوئِڻ جو حُڪم ڏِنو هيائين. چٽو ياد اٿم تہ ان ڏينهن وَڏيون هِڇڪِيُون ڀَريندو گھر پهتو هُيس. اَمان سائڻ، منهنجي ڳِلن تي مِنيون ڏَئِي، مون کي وِهنجاريو هيو، قميص ڌوئِي، لوڙهي تي سُڪائِي، پوءِ پَهرائِي هئي، ايستائينِ نانگو وينو رهُيو هيس. ان ڏينهن متوءَ ۽ مولهاتي کي مارَ کائِيندو ڏسي، دل ۾ عهد ڪيو هيم، تہ پڙهڻُونُ ڪونهي. روئيندي، روئيندي الائي ڪيترا ڀيرا اَمان سائڻ کي چَيُو هيم تہ، امان آئون ڪونہ پڙهندُس.

اُن ڏينهن، اَمان سائڻ، منهنجن ڳِلنِ تي هَنِڙا ڦيري، سَمجهاٽيون ۽ دُعائون ڏِيندي، چَوڻ لڳِي هئي " پُٽَ! ڪجھ بہ ٿئي، توکي پَڙهي، ايميءَچڙهي، هفيسر ٿِيڻو آهي ". تڏهن حيرت مان، امان سائڻ کان پڇيو هيم "اَمان ايمِي ڇا آهي؟". اَمان سائڻ وراڻِيو هيو"ٻچڙا! جيڪو ماڻهو، کوڙ ڪتاب پڙهي، پاش ڪري، اهو ايميءَ چَڙهيو"!!.

ان ڏينهن شام جو، اسڪول جي موڪل بعد، جڏهن خان محمد وار گھر آيا هيا، تہ پَريان کان ئي هوڪِرا ڪندا آيا. اهو، اهو، اميري اسڪول جي بينچ تي هَنگِيو.!! اهو، اهو، اميري

اسڪول جي بينچ تي هنگيو!!. سندُنِ هُوڪرا ٻُڌِي، آءٌ تِهائِين وڏيڪ روئڻ لڳُو هئس. ۽ جڏهن شام جو بابا سائين ۽ ما ما رمضان، ٻنين تان موٽي گهر آيا هيا، تہ منهنجي بهادريءَ جو قصو ٻُڌِي ڏاڍا کِليا هيا. بابا سائينءَ تہ کِلَندي کِلَندي رڳو ايترو چيو هيو تہ هَلا ٺئي ياڙيا ماٺهو کِلايا اَٺئيِ!!. پر ماما رمضان، فيصلائتي ڳالهہ ڪندي چيو هيو ادا، اَڪُوُ تنهنجو پُٽُ ڊڄڻو آهي، ۽ ڪڏهن بہ پڙهِي ڪونہ سَگهندو. چڱو ياد اٿم، ان ڏينهن، ماما رمضان جي ڳالهہ مُون ڪي بہ ڏاڍي وَٽي هئي ۽ سوچِيُو هيم، رَبُ ڪري شال اِيئن ئي ٿِئي. ۽ وَرندي ڏينهنِ، سج ايرندي ئي، بابا سائينءَ ۽امان سائڻ جا پيارَ ۽ ڀُراتڙِيُون هجن تہ پُٽُ اسڪول وَڃُ. ۽ منهنجو ضِد ڪري روئِڻُ هُجي ۽ روئي، روئي وَٽانَ جي چيٽنِ ۾ ليٿِهڙا پائي وڏي واڪ رڙِيون ڪَري چوڻ تہ، گهوڙا ڙي، اَبا ڙي، آءٌ ڪونہ پَڙهَندُس، آئون ڪونہ پڙهندس. پر ڪلاڪ کن جي روئڻ ۽ وٽاڻ جي ياڻ ۾، آلن چيٽن ۾ ليٿهڙا پائڻ سان ڪجهہ ڪونہ وريو، بابا سائينءَ جي مِنين مِنين ڳالهِينءِ امڙ سائڻ جي ڀُراتڙِينِ تي، نيٺ آڻِ مَڃڻي پَئِي. ۽ جڏهنِ مائٽن جي ڏٽن ۽ پوزين تي ريهِجي ريپِجي اسڪول پُهتس، تہ سائينءَ ارجڻ داس، پنهنجي قميص جي پاسي واري کِيسي مان هڪڙو کٽمِنڙو ڪڍِي ڏِنو هيو. ان کٽمنڙي تي هِرکِجي، جلديءَ جلديءَ ۾ سائين ارجڻ داس جي هٿ مان کٽمِنڙو ورتو هيم ۽ وجي ساڳِيءَ بينچ تي وينو هيس. ان ڏينهن پهريون سبق مليو هيم، الف انب، بي بلا، بي ٻڪرِي. سنڌي صورتخطيءَ جي انهن پهرين ٽن اکرن کي سڄو ڏينهن وڏي زور سان پيرا ڏيئي ياد ڪيو هيم. ان ڏينهن، توڙي ان ڪان لاڳيتو ڪجهہ ڏينهن پوءِ، مٿوءَ ۽ مولهاٽي سميت ڪنهن بہ شاگرد جو نہ سبق ڪچو ٿيو، ۽ نہ وري ڪنهن شاگرد کي مار مِلِي، جو مون کي وري اسڪول مان گُسائڻ يا ڀڄڻ جو بهانو ملي. ايئن آهستي آهستي اسڪول جي ماحول سان هري مِري، پڙهڻ لڳس. ۽ اهڙو اڙيس جو پنجاه سالن کان مٿي ڄمار تي وئي اٿم، پر اجان پيو پڙهان، اجان پيو پڙهان. نہ ٿا ڪتاب کُٽن ۽ نہ ئي ٿو ڪتابن مان منهنجو ڍوءُ ٿئي.

اڄڪلهہ جي نئين ٽهيءَ کي ڀانيان ٿو اها بہ خبر ڪونہ هوندي تہ، اُنهيءَ زماني ۾اسڪول سڄو ڏِينهنُ هلندا هُيا، وِچَ ۾رڳو منجهند جي مانيءَ جي موڪل ٿِيندي هُئي. پري جي ڳوٺن جا ٻار ماني ٻڌي ايندا هيا ۽ ڳوٺ جا ٻار گهڙيءَ پلڪ ۾ لبو ٽبو ڪري واپس ورندا هيا. تن ڏينهن ۾ اُستادن جو تمام وڏو اِحترام ڪبو هُيو. پر ڊڄبو بہ گهڻو هيو، شام جو موڪل بعد ڳوٺَ جي گِهٽين ۾نُوس نُوس ڪونہ ڪَبي هُئِي. تہ مَتان سائين ڏِسي وَني ۽ پُڇي تہ ابا گهر ويهِي سبقُ پَڙهڻ بَجاءِ رُلِين چو پيو؟ ٻار تہ نَهيو پر وَڏِڙا بہ ماسترن جو

تمام گهڻو احترام ڪندا هُيا. هلنديءَ ڪچهريءَ ۾ ماسِتَر جي اَچڻ تي سَپِڪو اُٿِي ڪيس سَٽائِي جاءِ آڇِيندو هُيو. ڪچهريءَ ۾ ڪنهن بہ مُنڌل سُٽ ڪي سُلجهائڻ ويهندا هيا تہ بہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ متو هٽي، هڪ ٻئي سان ڏند چڪ ڪري، نيٺ ماستر جي ڳالهہ وزنائِتِي سمجهي ويندي هئي. پلي تہ اهو ماستر راڄ جو هجي يا ڏاريو، پر سپڪو چوندو هيو تہ ادا مڙس پڙهيو لکيو آهي، علم پيٽ ۾ اٿس، سَٽائي ڳالهہ ڪندو، ۽ سُني صلاح ڏيندو. چڱو ياد اٿم تہ تن ڏينهين اسان جو اُستاد ارجڻ داس، رُڳهي مل جي اوطاق ۾ رهندو هُيو. سائين پنهنجي رهائش جي ڪري، رگهي مل جي اوطاق جِي ٻُهاري ڪڍڻ، ڇٽڪار ڪرڻ ۽ رات جي ڪچهريءَ جي مَچَ لاءِ ڪاٺِيون ڪرڻ جو ڪم گهڻو ڪري اَسان شاگِردن کان ئي ڪَرائِيندو هُيو. ايئن بہ ڪونہ هيو تہ سندس انهيءَ ڪم ڏسڻ تي ٻارن جو ڪو مائٽ ارهو ٿيندو هجي. پر هرڪو خوش ٿيندو هيو، تہ ٻارڙا پلي پنهنجي استاد جي خدمت ڪن. وَڏِڙن واتان اسان جي استاد بابت ٻُڌندو هُيس، تہ اُستاد ارجڻ داس، ڪي1965ع جي پاڪ ڀارت جَنگِ سَبب ٿَرَ مان بدلي ڪري هيڏانهن موڪلِيو وِيو هُيو. رڳو استاد ارجڻ نہ پر سڄي ٿر ۾ جتي بہ ۽ جنهن بہ کاتي ۾، ڪو هندو نوڪري ڪندڙ هيو، تہ ان کي اتان بدلي ڪري، ٻئراجي علائقي ڏانهن موڪلي، اُنهن جي جاين تي ٻئراجي علائقن جا مسلمان رکيا ويا هيا. چاڪاڻ تہ تن ڏينهين پيارو پاڪستان اڃان ڇوڪراٽي وهيءَ ۾ هيو، جنهن جي عمر مُڇن جي ساول واري يعني ارڙهن ورهيہ کن مس ٿي هئي. انهيءَ جي فوجِي حُڪمرانن کي هندوُ ماسترنِ ۽ هندوُ ڪامورن تي ڪوبہ اعتبار نہ هُيو. وڏو ڊَپُ هُيِن، تہ مَتان اُهي هِندو هُجڻ جي ناتي، هندستان جا ايجنٽ بڻجِي، پنهنجي پاڪ مُلڪ جا نقشا ۽ ڪي اهم راز هِندستانيِ فوجَ جي حوالي نہ ڪَري وِجهنِ. ايوب خان جي فوجي جنتا ۽ سول بيوروڪريسيءَ هڪ ٻئي جي جوڙيوال بڻجي سِنڌ جي رهاڪن کي بہ مذهبن جي نالي محبِ وطن ۽ غدار جون الڳ الڳ سڃاڻپون ڏيئي، ڪن کي غدار ۽ ڪن کي هندستاني ايجنٽ، تہ وري ڪن کي محبِ وطن ناهي ڇڏيو هيو. حالانڪِ هنن يارن جي ذُول ۾ اها ڳالهہ الائي ڇو ڪونہ ٿي وِيني تہ ورهاڱي وقت جيڪا لڏپلاڻ ٿي هئي، ان ۾ هُتان تہ الائي کهڙي ڏاڍ ڏُوڍ اُٿلي پئي هئي، پر هتان رڳو امير طبقي جا هندو ويا هيا، پوئتي پيل ۽ مسڪين قبيلن جي هندن مان وڙلي ڪو لَڏيو هيو. ۽ اها وطن جي وفاداري چئجي جو ماڻهو پنهجي ديس کي ڏکين حالتن ۾ بہ نہ ڇڏي. ۽ جيڪر ان ماڻهوءَ جي وفاداريءَ تي ڪوئي اڻ چونديل ۽ پاڻ هرتو بڻيل حڪمران شڪ ڪري، تہ انهيءَ حڪمران کي کهڙي

خاني ۾ بيهارجي.؟ سا تہ پاڻ کي بہ خبر ڪانهي، اوهان ئي سمجهو ۽ سوچيو، پر پاڻ حال گهڙي هوڪاريون ٿا اڳتي.

سو جڏهن 1965 جي پاڪ ڀارت جنگ بند ٿي هئي، تہ هڪڙي ڏينهن اوچتواسان جي استاد سائين ارجڻ داس جو واپس ٿر ڏي بدليءَ جو پروانو بہ اچي پهتو، سائين ارجڻ داس سميت ٻين سمورن هندو سرڪاري ملازمن کي جنگ جي دوران رُڳو انهيءَ ڪري پري پري بدلي ڪيو ويو هيو جو سرڪار سڳوريءَ جي ڏاهن ماڻهن کي اهو شڪ هيو تہ متان هندو ملازم هندستان جي هندو فوج کي هن ملڪ جا ڪي گهڻ گهيڙ ڏسين ۽ هندستاني رات جي پيٽ ۾ ئي اچي سر تي چڙهي بيهن. ۽ سو بدلي ٿيندي ئي جلدي جلدي ۾ پنهنجا ٽپڙ ويڙهي، ڳوٺ وارن کان موڪلائي، ٿر وڃي پنهنجي ٻچن ڀيڙو ٿيو.

تڏهن اسان جو نئون استاد، سائين عطا محمد جروار آيو هيو، سائين عطا محمد، ڪاڻڙيءَ جي اوسي پاسي جو رهاڪو، سانوري پڪي رَنگ جو، پوري پِني قَدَ سان، بوسِڪيءَ جو پٽڪو ٻَڌِي گهمندو هيو. ڳرو ۽ وڏو آواز هيس، ٿورڙو ٻاتڙائي ڳالهائيندو هيو. ۽ هو جڏهن هو پهريون ڀيرو اَچِي اسڪول ۾ سائينءَ ارجڻ داس جي ڪرسيءَ تي وينو هُيو تہ ايئن پئي لڳو ڄڻ ڪو لاڙ جو ملھ پهلوان ماستر جي ڪرسيءَ تي زوريءَ ويهي رهيو هجي. شروع شروع ۾ سندُس حشمت ۽ ڏَيَا کان اسين سڀ ٻار ڊِڄندا هُياسين. پر پوءِ هوريان هوريان ساڻس ويجها ٿيندا وياسين. سائين عطامحمد اڪثر ڪري شام جي وقت اسڪول جي اڳُر ۾ بينل سَرِيَئهن جي وڏي ۽ گهاٽي وڻ جي ڇَانو ۾ ڪَٽَ رَکِي، فلپس ڪمپنيءَ جي ريڊئي تي وڏي آوازِ ۾ سنڌي عارفانہ ڪلام ٻُڌندورهندو هُيو. اُن زماني ۾ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان سنڌيِ فنڪار فقير امير بخش تمام گهڻو مشهور هُيو. سائين بہ فقير امير بخش جي ڳَايل ڪلام " سُڻ بات برھ دي ڪيهي، ايهي عجب جيهي "کي تمام گهڻو پسند ڪندو هُيو، ۽ جڏهن بہ ريڊئي تان اهو ڪلام وڄندو هيو تہ سائين سڀ ڪم ڪاريون ڇڏي الائي ڪهڙي جهان ۾ايئن غرق ٿي ويندو هيو ڄڻ " مِلِ معشوقان مصلحت ڪيتي، عاشق قتل ڪريسون" وارو مقتول عاشق سائين عطا محمد ئي هجي ۽ سُوليءَ جو سزاوار ٿيڻ لاءِ تيار ويٺو هجي. ۽ پوءِ جڏهن اهو ڪلام ختم ٿيندو هيو تہ ڪانئس وڏو شوڪارو نڪري ويندو هيو. انهيءَ وچ ۾ شاگرد يا ڳوٺ جو ڪو ماڻهو ڀلي ويٺو بہ هجي پر سائين کي ڪا ئي ڪل ڪونہ هوندي هئي.

انهيءَ ڳَائڻي جي نالي جي مناسبت سان مون کي اڪثر ڪري فقير امير بخش جي نالي سان سَڏِيندو هيو. سائِين عطا محمد، خود بہ فقيراڻي رنگ ۾ رَڱِيلُ هُيو. عطا محمد ٻَجاءِ

خود ڪي عطن فقير لِکڻُ ۽ چَوائِڻُ پَسند ڪندو هُيو. سندس زبان ٻاتڙي هُئي، لفظ چَٻي چِتي اُچارِيندو هُيو. خاص ڪري "ڙ" ڙي ماڙيءَ کي "ر" ري ماري ڪري اُچاريندو هُيو. هِڪَ پيري پهرئين درجي جي ٻارن کي سبق ڏِينديِ، سائينءَ پَڙهِيو، هي گهورو آهي. ٻارن بہ سائينءَ جي پويان اُچاريو، هي گهورو آهي. سائينءَ ٻِيهر اُچاريو، تہ ٻارن وري بہ سائينءَ جِيان اُچاريو. نيٺ تَنگِ ٿي سائينءَ چيو، بابا، اِيئن نہ پڙهو، جِيئنَ ماڻهو پَڙهنِ تا، تِيئَنَ پَڙهو. پَرَ ٻار اُستاد جي چَيَل جُملي موجب ئي اُچارڻ لڳا، تہ سائين چِڙي پِيو. سَمجهيائينِ ٻارَ منهنجيِ اَهَل تا ڪنِ. سيني کي چڱِي موچاري ڦيهہ ڪَڍيائينِ. ڪلاڪ ڪن بعد جڏهن وجي ڪاوڙ لٿسِ، گڏوگڏ پنهنجيِ زِبانَ جي ٻاتِڙائِڻ جو احساس بہ ٿيس، تڏهن هوريان هوريان پنجين درجي جي هوشيار شاگرد ڏيارام کي چَيائينِ تہ اُٿي تون هنن ٻارن کي اهو سبقُ ڏي. جنهن پهرئين درجي وارن کي صحيح تلفُظ سان سبق پڙهايو تہ وجي مرحوم مطمئن ٿي ٿورو گهڻو مسڪرايو. مرحوم سائين عطن فقير جا سنڌي اکر موتِين جهڙا هوندا هيا. هِجي، تَلفظ ۽ اُچارنِ تي ڪافي دَسترس هُيَس. اڄ بہ مُون سميت سنُدس سَڀِنيِ شاگردن جا اکر هُوبهُو ساڻس مِلنِ تا. ۽ هِجي توڙي تلفظ بہ درست اٿئون نہ تہ اڄڪلهہ جي جوانن جي سنڌي ٻوليءَ جي هِجي ۽ تلفظ ڪان تہ ڪنن جي پاپڙين تي هٿ رکڻا تا پون. يا مورڳهين گيسي تي ڪرڻي پوي.

سائينءَ تہ اسان کي پٽي ۽ پهريون ڪتاب پڙهايو هيو، ۽ جڏهن اسان رڙهند رڙهندا انگريزي اسڪولن ۾ پُڳاسين تہ سائين عطا محمد جتي بہ گڏبو هيو تہ چوندو هيو تہ "ابا هاڻي اوهين ذري گهٽ مون جيڏا اڇي ٿيا آهيو" هاڻ پيرين پوڻ واري پَرِ ڇڏيو. هاڻ بس ٻاڻ دوست آهيون، مون سان گڏ ويهي کِلو کُڏو، يوڳ چرچا ڪريو. استادي هئي اسڪول تائين. نيٺ سائينءَ جا سڀ شاگرد ڏِجي ڏِجي ساڻس حجائتا ٿياسين. پر حجائتا بہ اهڙا جو يوڳ چرچن تائين. پوءِ سائين ڪڏهن ڪڏهن اسان سان اهڙا تہ چرچا ڪندو هيو جو کلي کلي ڪيرا ٿي پوندا هياسين. سو هڪڙي پيري شاگردن جي هڪڙي شرارتي ٽولي جي صلاح ٻيني تہ چو نہ سائينءَ سان ڪو اهڙو چرچو ڪجي جيڪو يادگار ٿي وڃي.

سو ٻن ٽن همراهن گڏجي ميرپورخاص جي ڇوڪرين واري اسڪول جي هڪڙيءَ خوبصورت ماسترياڻيءَ جو نالو ٻُڌي، انهيءَ جي صحيح ائڊريس هٿ ڪري، اسان جي هن فقير تن ۽ درويش استاد سان شرارت رٿي. نوڪي ڪٽي انهيءَ مائيءَ صاحبہ جي نالي سان سائينءَ عطامحمد کي بہ ٽي عشقيہ خط موڪليا هيا!!. سائين عطا محمد، ويچارو درويشُ ماڻهو، اڌ وهيءَ جي عمر ۾ بہ ڪُوڙن خَطنِ جي دَلبي ۾ اَچيِ ويو، ۽ مائيءَ سان ملڻ لاءِ

ٽڪسات جوڙڻ لڳو. نيٺ هڪڙي ڏينهن بوسڪيءَ جو پَٽڪو ٻَڌيِ، ٻـ ٻـ ٽُرا ڇڏيِ، ڏاڍا تيل ڦُليل ڪري، اکين ۾ لپ لپ سرمي جي وجهي، ٻنهي ڪنن ۾ اوني درٻار عطر جا ڦُڙا وجهي، وڃي ڇوڪرين جي اسڪول ۾ مائيءَ صاحبہ سان ملاقاتي ٿِيو. حالي حوالي ٿيا تـہ مائيِ حيران پَريشان هُجي تـہ هيءَ ڪهڙي بلا اچي ڪنڌ ۾ پئي اٿم. هيڏانهن سائينءَ جو زور هجي، تـہ توهان هي خَطَ لِکِي خود ئيِ تـہ گهُرايو آهي، هاڻي مورڳهين سجاڻڻ کان ئي اِنڪارُ پيا ڪريو، اها وري توهانجي ڪهڙي ِ رَمز آهي؟ اِيئن چوَنديِ ئيِ ڪڍي اهي ٽيئي خط، ڪٽيَ مائيءَ جي اڳيان پيل ٽيبُل تي رَکيائينِ. مائيِ ٻنهي سَمجهدار هُئِي، غور سان ٽيئي خط پڙهي، پهريائين سائينءَ عطامحمد کان سَندُس ڪرت پُڇيائين، پوءِ پنو پين هٿ ۾ ڏيئي، ڪانئس سنڌيءَ جا ٻـ جملا لِکائيِ، پڪواندازو لڳائي، پوءِ چيائينس، قِبلا هيءَ شرارت توهان جي ڪَنهن شاگرد جيِ آهي. هي ڏسو، هُو ٻهُو توهان سان مِلندڙ اکر اَٿسِ. مون سان عشق ڪرڻ ٻجاءِ وَجيِ پنهنجا شاگرد ڳوليو، ۽ اڳتي لاءِ ڪنهن اوڦتوُ خط تي اِيئن مَڪِجِي چَڪجيِ، ڊبل گهوڙي بوسڪيءَ جي پَٽڪي جُون ٻـ ٻـ وَڙِيُون هَٽِي، نِڪرڻ کان اَڳ ڪُجهہ سوچي سمجهيِ پوءِ نِڪرندا ڪريو، ڪِٿي ڪاٺ ۾ نـہ ڦَيجي وجو!!!. سائين عطامحمد جي دل ۾ ٽن خطن جي دوران اوچتو اُڀري آيل عشق تـہ ويو پلڪن ۾ پورو ٿي. جيئن تيئن ڪري مائيءَ جي مٿي تي هٿ ڦيري، امان، نياڻي ۽ جيجان ڪري جان آجي ڪرائي ڪِسڪيو هيو،

۽ "عشق تي ڳيا ڦِشق ميڪون ٽڪا ولا ڏي" جيان پوءِ سائين عطامحمد مرحيات، ڪيترا ئي سال، جتي ٻـ پتين پوتين گڏبو هيو، اَسان ڪامورا ٻڌجي ويل شاگردن کان سُنهن ساڪون ڏئي پُڇندو هيو تـہ ابا هاڻ ڪٽي ٻُڌايو تـہ اها ڏُوڙ ڪنهن پاتي هئي. پر اسان سڀئي خبر هوندي ٻـ ڪن لاٽار ڪندي روڙي ڪٽي قسم ڪٽندا هياسون. نيٺ چڙي اڳهاڙيون گاريون ڏئيِ چوندو رهِيو تـہ هزارن شاگردن مان الائي ڪهڙي اها ڏُوڙِ پاتيِ آهي، ڪيئن خَبَر پَوي؟ ۽ جي نـہ اڄ ٻـ خبر پوي تـہ هٽي هڏ ڳُڏ پيجي ڇڏيانس. پر ڪار مُنهان چورا هاڻ ڪامورا ٿي ويا آهن سچي ٻـ نتا ڪن. گهٽو پوءِ جڏهن سائين هلڻ چلڻ کان ويهي ويو تڏهن شرارتي شاگرد سچي ڪئي. تـہ انهيءَ ڪي حال گهڙيءَ گهروڙي ٻوٽ تي پوندو رکيائين. پوءِ وڏو ٽهڪ ڏئي چيائين "چورا تو تـہ مورهيان سر وڃايو هيو". وري ٻيءَ گهڙيءَ چيائين " اسان تي ٻـ ذري گهٽ زماني جو رنگ چڙهيو هيو پر ٻچي وياسين نـہ تـہ ريل ۽ جيل جو جهان ئي اوکو هيو.

سو فقرائي طبيعت جي سائين عطامحمد سان آئون تمام جلدي هِرِي مِرِي وِيُو هيس. پنهنجي هم ڪلاسين ڏارو، هرجيِ ۽ پرتاب ڪان اڳ سبق ياد ڪَري وَنندو هُيس. پهرين درجي جا بيت، آءُ ته لاٿونئڙو ڦيرايون، واهه ڙي تارا روشن تارا، برزِبان ياد ٿي وِيا هيم، سي بيت اڪثر رات جو بابا سائينءَ ۽ امان سائنڻ ڪي ٻُڌائيندو هُيس، ته ٻنهي جي اکين مان خوشيءَ جا لُڙڪ لَڙِي پوندا هُيا ۽ ٻئي منهنجي ڳلڙنِ تي چُميون ڏئِي ٿڏڙا ساهه پَرِيندا هُيا. تڏهن آئون حيران به ٿيندو هيس ته بابا ۽ امان منهنجي بيت ياد ڪرڻ تي خوش ٿيڻ بجاءِ روئن چو تا؟ پر انهي اونهي سوال جو جواب گهڻو پوءِ سمجهه ۾ آيم جڏهن پاڻ پُٽ مان پيءُ ٿي چڪو هيس ۽ بابا توڙي امان ڏورانهين ڏيهه هليا ويا هيا. پر انهن جي ان وقت جي لاڙيل لُڙڪن وارين دعائن سان آئون الائي ڪٿان جو ڪٿي وجي پهتس. جنهن جو اندازو ئي ڪونه هيم.

ڳالهه پئي هلي اسڪول جي ۽ سائينءَ عطن فقير جي، سو سائين ارجڻ داس ته رڳو پٽي پڙهائي هئي ۽ پهريون پاس ڪرڻ بعد سائين عطا محمد جي به اوچتو بدلي ٿي وئي هئي. وري اسان جونئون اُستاد محمد حيات جروار آيوهيو، سائين محمد حيات، پوري پُني قد جو، خُوبرو جوانُ هوندو هيو. ٻارهوئي سنڌي ٽوپِي پَهِريل هوندي هيس، سا به گهڻو ڪري نراڙ تي هوندي هيس. شروع ۾ ته سيني شاگردن ڪي ڪانئس به ڊپ ٿِيڻ لڳو هو، پر آهستي آهستي ڊپُ ختم ٿيڻ شروع ٿيو هيو، آئون ٻيو درجو وٽس پڙهيُس، چِٽو ياد اٿم ته امتحان جي ڏينهنِ، بيٽ آفيسر محمد حيات مريءَ، جڏهن مُنهنجو اِمتحان ورتو هيو، ته آئون جُملي ڪم پاٽيءَ جيان پِيئڻ لَڳُس، نه ڪِي ڳِيٽُون ڏيئي پڙهڻ!!. ويتر منهنجي استاد، بيٽ آفيسر ڪي ٻڌايو ته هِيءُ ٻارُ ايترو ته هوشيارُ آهي، جو ٽِئين ۽چوٿين درجن جا سبق، صورتخطي ۽ حساب به فٽا فٽ ڪَرِيو وَجي. اُن ڳالهه تي بيٽ آفيسر، منهنجو ٽِئين درجي جو امتحان وَرِتو. ۽ رزلٽ شيٽ ڪولي، جنم جي تاريخ ڏِسيِ، وڏو شوڪارو پيرِي، سائينءَ ڪي چيائين ته، ادا هن ٻار جي عُمر ننڍي آهي، نه ته آئون پنهنجا پاور استعمال ڪندي، ڪيس ٻنهي درجن مان پاس ڪري، چوٿين درجي ۾ ويهاريان ها. يعني ڊبل، ٽرپل پروموشن ڏيانس ها. واضح ڪندو هلان ته اُن وقت امتحان اڄ جيان ڪونه ٿِيندا هُيا، جو ڏِنو پُٽُ چُٽي جو ٿي، گهڙِيءَ ۾ مارڪون پَري درجا ٿُپايا وجن تا. يا سپروائيزر صاحبان اسڪول ۾ پهچيو، مانيون ڪايو، پئٽرول جا پئسا وٺي، ماسترن ڪي چيو چڏين ته، رزلٽ شيٽون پاڻ ئي پري آفيس ۾ڪٽي اچجو ته صحيح ڪري ڏيندس. اڳُ امتحان جي ڏِينهن، ڳوٺن جا ماٺهو اِسڪول ٻاهران ڳاهَٺُ ٿيو انتظار ۾ بينا هوندا هئا، ته ڏِسَڻُون ڪنهن جو پُٽ فل پاس، پاس ۽ چڙهي

جي ڪيٽگريءَ مان نڪتوءِ ڪنهن جو پُٽ ناپاس ٿيو. نتيجي جي اعلان بعد پاس ٿِيندڙن جا مائٽ حال سارو، ريوڙيون، ڳڙُ، مِنا پُڳڙا ۽ نُقُل ورهائي خوش ٿيندا هُيا. ۽ ناپاس ٿيندڙن جا مائٽ وري پنهنجي اولاد کي پاس نہ ٿيڻ تي دڙڪا ۽ دهمان ڪندا هيا. تہ گڏوگڏ ٿڏا شوڪارا بہ پرپندا هئا.

هينئر هي ستون لکڻ وقت بہ هِنن لونءَ ساڙيندڙ لُکن جي مهيني ۾، سونهاريءَ سنڌ ۾ پرائمري اسڪولن کان وٺي مڊل اسڪولن جا امتحان پيا ٿين، فوٽو ڪاپين جي دڪانن کان وٺي، اسڪولن جي آڏو ماڻهن ۽ موٽرسائڪلن جي پِيهہ ڏسي، يادگيرو ٿو اچيم تہ اسان جي واري ۾ اسڪولن جي امتحانن کان مهينو کن اڳ ۾ئي تياريون شروع ٿينديون هيون، ڪَچين پڪين وارن اسڪولن جا ڪُندون پاس ٻهاري صاف ڪبا هيا، ڪکائن ڇپرن جي اسڪولن جا ڪک ڪانا سِڌا ڪبا هئا. اصل وڏي ڇَنڊ ڦُوڪ ٿيندي هئي، آڏيءَ مانجهيءَ ڪنهن گهر جي لوڙهي جو پاسو ڏئي مَتبو هيو، ان مان ايڪ ڏون ڏون، ٻہ ڏون چار، يا واهہ ڙي تارا، گول تارا، جا ٻاراڻا آواز ٻُڌڻ ۾ پيا ايندا هيا. معني امتحانن جي تياري زورن ۽ شورن سان هلندي هئي. تن ڏينهين ڳوٺن جي دڪانن تي گاسليٽ جو واهپو وڌي ويندو هيو، جنهن تي ٻرندڙ لالٽينن جي جهيڻي روشنيءَ ۾ ٻارڙا سبق ياد ڪندا هيا. ۽ امتحان جي ڏينهن مائرون توڙي ڀينرون، پُٽڙن يا ڀائرن کي وهنجاري سينگاري، ڏاڍا تيل ڦُليل ڪرائي، لَپَ لَپَ سُرمي جي اکين ۾ وجهي، اسڪول موڪليندي دعائون ڪنديون هيون "تہ ٻچڙا رب ڪندو شل ايميءَ چڙهندين ۽ پِيريءَ ۾ ابي امان جو سهارو ٿيندين". ۽ امتحان واري مقرر ڪيل ڏينهن، ڳوٺاڻا هاري ناري، ڪمي ڪاسبي، سڀ ڏنڊا ڏاڙِيون ڇڏي، اسڪولن جي ٻاهران اچي ڳاهٽ ٿيندا هيا، ڪي ڪينچي ڇاپ سگريٽ ڇِڪيندي، تہ ڪي پن جون ٻيڙيون ڇِڪيندي، تہ وري ڪي ڪپڙي جي ڳوٿريءَ مان تماڪ ڪڍِي پونگريءَ ۾ پريندي، ان تي تِيلي رکي نَرو ڪٽي اسڪول طرف نهاريندي چوندا هيا، " او اهو منهنجو پٽ پيو سبق پڙهي ٻڌائي. اهو اهو منهنجي پٽ جو آواز آ". هوڏانهن ٻارڙن ۾ وٺ وٺان هوندي هئي، ٽنگون پيون رڦنديون هُين، شل نہ ڪو اهڙو سوال ٿئي، جنهن جي معني نہ اچي، متان ڪو حساب غلط ٿئي، متان ڪا صورتخطيءَ ۾ چُڪ ٿئي. ۽ ها سچي جڏهن سپروائيزر جو گهوڙو ايندي ڏسبو هيو تہ هرڪو ڊوڙي انهيءَ جا واڳ وٺڻ جي ڪندو هيو، موچارا مهاندا بہ ڊوڙي ٻين کان اڳ ڪڍي، نوڙي وجي سپروائيزر کي هٿ ڏيندا هيا، تن ڏينهين سپروائيزرن کي عام ٻوليءَ ۾صاحب چوندا هيا. راڄ جي وڏڙي تي اهي فرض هوندا هيا تہ ان ڏينهن ڪوشش ڪري صاحب جي مانيءَ ٽڪيءَ جوحال سارو ٻِلو بہ ڪري.

۽ هٽي ماري شام ڏاري جڏهن نتيجا پڌرا ٿيندا هيا، تہ فلاڻو پٽ الاڻي جو فل پاس، فلاڻو پٽ الاڻي جو رڳو پاس ۽ فلاڻو ولد فلاڻو چڙهي، تہ فل پاس ۽ پاس ٿيندڙ ٻارڙن جي مائٽن جا منهن، باوجود زماني جي هزارين ڏکن ۽ دردن جي ڀڪندا هيا، وسين لڳي، ۽ وت آهر هرڪو ريوڙين ۽ نقلن جا جهول ڀري اچي ورهائيندو هيو. تہ منهنجو ٻچڙو امتحان ۾ پاس ٿي ويو آهي. ساڳي ڪار قرآن شريف پڙهي پورو ڪرڻ مهل بہ ٿيندي هئي، پر انهيءَ ڪان بہ ٻہ هٿ مٿي ٿيندي هئي، قرآن پورو ڪندڙ جو والد، حال سارو تاهريءَ، چاشنيءَ يا باصري ڀت جي ديڳ لاهيندو هيو، پُٽ کي ململ جي ڪپڙي جي پَڳ ٻڌائبي هئي، مِٽ مائٽ پنج ڏہ روپيا مبارڪ جا ڏيندا هيا. هرڪو نصيحت ڪندو هيو تہ ابا قرآن جو دور ڪندو رهجانءِ، ڳرو بارو تجانءِ، قرآن پيٽ ۾ اٿئي.
۽ پوءِ وقت بدليو، نوان زمانا آيا، نوان ماستر آيا، نوان نصاب آيا، نيون ريتون رسمون ايجاد ٿيون، هاڻ ٻار پڙهڻ بجاءِ ماستر جي گهر جون ڪانيون ڪرڻ بہ لڳا، تہ ماستر جي ڏڳيءَ يا مينهن ڀتاريءَ لاءِ گاہ جي مُٺ آڻڻ بہ انهن جي پڙهائيءَ جوحصو ٿيڻ شروع ٿي وئي. هوڏانهن وري اڳي جيان مسيت جي مُلان جي ماني گهر گهر مان پاڻهي اچڻ بند ٿي تہ اها بہ گهر ڏِٺِ "ڦڪَر" جي نالي تي ڀِني اچڻ ٻارن جي ذمي ٿي. تڏهن بہ ڪجھ نہ ڪجھ اسڪولن ۾ چاڙهو ڏسڻ ۾ ايندو هيو، سو بہ ان ڪري جو اسڪولن جي سار سنڀال جو پختو نظام موجود هيو، ماستر ٿورو کي گهڻو پڙهائيندا ضرور هيا. انهن ئي ڏينهن جي پڇاڙيءَ ۾ ڪاپي ڪلچر آيو، يا آندو ويو، ڪارتوس جو اکر پاڻ تڏهن رڳو بندوق ۾ هڻڻ وارو ٻڌو ۽ ڏٺو هيو. امتحان ۾ ڪاپيءَ ڪرڻ وارو ڪارتوس پهريون ڀيرو ٻُڌوسي. گهڻو پوءِ جڏهن، هي بندو نائين درجي ۾ هيو، اوسي پاسي ۾ ڪاپيءَ جا ڏوڙيا ڏسي، روح ڪونہ رهيو، سو عربيءَ جي پيپر ۾ سورت فلق جي معني ياد نہ هجيم، ان جو ڪارتوس ٺاهي، پاسي واري ڪيسي ۾ وڌم، ٿيو بہ ايئن جو اهوئي سوال اچي ويو. بسم الله ڪري ڪاپيءَ جي شروعات ڪيم، اوچتو مٿان بينل ماستر تي نظر پئي، اچي ڏڪڻي لڳي، ڪارتوس وجي پيرن ۾ ڪريو. ماستر هيو مُلو، سو قراني آيت منهنجي پيرن ۾ ڪريل ڏسي کڻي اکين تي رکيائين ۽ پوءِ جا پٽڪِي ڏُوڙ ڪيائين سا رب ٿو ڄاڻي. بس انهيءَ ڪان تہ سُنو هيو تہ بہ ٿڦڙون وهائي ڪڍي ها. اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن پاڻ بہ الائي ڪيترا امتحان ڏنا، الائي ڪيتريون ڊگريون ورتيون، پر ڪاپيءَ ۽ ڪارتوس ڪان ايئن وونءُ وياسي جيئن گنجو پاڪيءَ ڪان.

وري ٻيو نئون دور آيو، هاڻ ڪارتوسي ۽ ڪاپيءَ ڪرڻ وارا مڙس ڪرسين تي وارد ٿيڻ شروع ٿيا، ۽ پوءِ اصل ٿيو ايئن جو جنهن ڪي ٻي ڪا نوڪري نہ پئي مِلي سو وَڃِيو ماستر ٿئي، ڪجھ ڏينهن تائين تہ ڏنو پٽ چُٽي جو قصو هلائيندو رهيو، جنهن ۾ هي بندو بہ اڳتي هلي چوڏهين سوين ۾ ماستر ٿيو هيو. پر پوءِ سياسي صاحبن جي اک هن پاسي تي، تڏهن سمجھ آين تہ مار هيڏانهن تہ وڏا ڪانچا آهن، اسان هرويرو پيا ڏوڙ ۾ ٽاقوڙا هڻون. پوءِ مڙسن ڪيپ ڪٽيندي تعليم ۾ سياست کي ايئن ٺُپيو جيئن هينئر مُلن مذهب کي سياست جي رنگ ۾ رنگيو آ. ۽ پهرئين ڏک ۾ پنهنجا نواز پاليسي آٽيندي، ڏڙاڏڙ ماستر ڀرتي ڪيائون، ۽ پوءِ هنن اکين ڪوڙ سارا اڻ پڙهيا پائو ۽ پينرون بہ ماستر ٿيندي، پگهارون ڪٽندي ڏٺا. سرڪاري رڪارڊ ۾ تہ مڙس پڙهيل هيا، پر اصل ۾ لالا مال خلاص هيو. ان دور ۾ اسڪول اُجڙڻ شروع ٿيا، سنڌ ۾ تعليم ڪاتو، جنهن کي اڳي پوڳڻ پوڳڻ ۾ ”تڏي چانو، مِني بُک“ چوندا هيا، سو اوچتو ئي اوچتو سٽيو ٿي پيو. انهيءَ سٽ جو ئي ڪمال آ جو تعليم ڪاتي جي ڪرسيءَ تي لٺ پئي لڳي، جيڪا اڳي ٽاٽن، ٻاٽن تي لڳندي هئي. اهو سٽ جو ئي ڪمال چئجي جو نالو وڏو ديھ ويران ٿيڻ لڳي. ۽ ٿيندي ٿيندي قصو وڃي اتي پهتو جو پيغمبري پيشي سان واڳيل ڪوڙ ساراماٺهو ويزائن تي هلڻ شروع ٿيا. هينان ڪان مٿي تائين حق حلال جي روزي ڪمائي ڪائيندڙ ڪاتي کي اندران ئي اندران سُري ڪائي چَٽُ ڪري ڇڏيو، هاڻ تعليم ڪاتي جو اُپو ڪاٺ تہ بينل ڏسئون پيا، پر ايڪا قلم يارڙا ڄاڻين تا تہ انهي پُتل ڪاٺ کي هلڪو ڦُلڪو ٽيڙو ئي ڪيرائي وجهندو. هڪڙو مثال ٻڌائيندو هلان تہ ڪجھ سال اڳ سنڌ حڪومت هن بندي کي بہ وزير اعلي جي تعليمي مانيٽرنگ ڪميٽيءَ تي ٽاڪيو هيو. ڪاليجن جا امتحان پئي هليا، اسان کي ڪنهن ڪاليج تي ڇاپو هڻڻو هيو، لاريءَ مان لهي، لانگون هڻندو، پنڌ ئي پنڌ ڪاليج جي در تي وڃي پڳس، ٻي سنگت جو اجان ڏس پَتو ڪونہ هيو، ڪپڙا گهنجيل، سنڌي ٽوپي مٿي تي، سٽڻ جو هڪڙو پانڇو هيٺ ٻيو مٿي ڏسي همراهن پڪو گراهڪ سمجهيو، چيومان منهنجي پٽ جو پيپر آهي، مونکي اندر ڇڏيو تہ ڪارتوس ڏيانس، اوهان کي خرچي پاڻي ڏبي. خرچي وني وراٽيائون پلي اندر اچ، پر گهڙي ڪن لاءِ هن ڪبٽ جي پويان لِڪي بيھ، هڪڙي ٽيم ٽي اچي، اها ٽي وڃي پوءِ وڃي پُٺهين کي مال پاڻي پُڄائجانءِ. خير ٽيم آئي، ۽ منهنجو بہ راز ظاهر ٿيو، مڙسن جا رڳو ٻوٽ لٿا، ڪوبہ ڊپ ڪونہ ٿين تہ اچڻ واريءَ ٽيم جي هڪڙي ماٺهوءَ اسان جي هيڏي وڏي چوري پڪڙي ورتي آهي. ان ڏينهن سنڌ جي

اهم ۽ نالي واري تعليمي اداري جي هڪڙي بلاڪ مان ڪارتوسن جو پاچڪو پري ڪديو هيم!!!!!!

جڏهن ملڪ جي تعليم جا اهڙا حال ٿيا ته نيڪ ان مهل اسان پاري اچي ڪپڙي ۾ ويڙهيل طبقي ڏڙاڏڙ ذاتي اسڪول ڪولائي رجسٽر ڪرائڻ شروع ڪيا. هاڻ تعليم هرڪنهن جو بنيادي آئيني حق هجڻ بجاءِ ايئن ٿي پئي جو"هجئي ناڻو ته گهر لاڙڪاڻو". اميرن جا ٻارپئسا ڏئي الڳ اسڪولن ۾الڳ نصاب پڙهيا. غريبن لاءِ دودو ڏوڙ چنيسر چائي واري ڪار ٿي. ڇو جو ماستر صاحبن اسڪول وڃڻ جو ڄڻ قسم ڪٽي ڇڏيو. ڇٽي ڇماهي حاضريون لڳائڻ لاءِ ويا ته ويا، نه ته پندرهين سوين وارو مڙس پاڻهي صحيحون به ڪري ڇڏيندو. هاڻ وري جڻ اها به ٿي ته، جتي سترهن ٻار اتي ستاويهه ماستر، جتي سئو ٻار اتي هڪڙو ماستر، سو به دڪانداري ڪندڙ مڙس، ۽ تنهن به پندرهين سوين ۾ مون جهڙوبيروزگار ڳولي اسڪول ۾ ويهاريو. جيڪو پڙهائڻ بنان رڳو ٻارن کي اسڪول ۾ ايئين واڙيو وينو آهي، جيئن ڪاڙهي تتي جو ڏراڙ رڍن جو ڌڻ ڪنهن ڇانو ۾ واڙي وجي آرام ڪندا آهن. سو ايئن سنڌ جي ٻچڙن مان تعليم جو تارو به نڪري ويو. نڪري پيو ۽ شايد نڪرندو رهي.

هاڻ تا ڪريون جهيڙي واري ڳالهه، اسان جي سونهاريءَ سنڌ ۾ الاهي ساريون ڏيڍ چانور جون ديڳڙيون چڙهيل آهن، ڪوڙ سارا سماج سڌارڪ، ڪوڙ سارن ڪمن سان سلهڙيا پيا آهن. راڄ مڙسن جا دان+ شور تا سڌجن. پر ڏٺيءَ کي حاضر ناظر ڄاڻي ڪا هڪڙي ڏُر، ڪو هڪڙو مڙس ماڻهو ڇاتي ٺوڪي چوي، ته ٻيلي اسان جي مول متن ۾، اسان جي قول فعل ۾ اهو شامل آ ته پهريائين پنهنجي قوم کي علم جي زيور سان سينگاربو، پوءِ اها عالم قوم، اها ڏاهي قوم، انقلاب آڻڻ لاءِ پنهنجا رستا پاڻهي ڳوليندي، پاڻهي فيصلو ڪندي ته انقلاب، چيني هجي يا روسي هجي يا ڪو ٽيون هجي. پانيان تو ڪا به ڏر اهڙي ڪانه هوندي جيڪا ڇاتي ٺوڪي ايئن چوي. هلو جي ايئن ناهي ٿيو ته اجان به اربع خطا ڪانهي ٿي، هاڻ به ڪا صلاح ثواب ڪريون، ڪو مستقل حل ڳوليون، ڪو کهڙي ذميواري ڪٽي ته ڪو کهڙي، ٻيو ته نهيو پر ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر، اسڪولن جي مالڪي ڪريون، ايندي ويندي لامارا ڏئي، اسڪولن جي پڙهائي ڏسون، ته به گهڻو ڪجهه ٿي سگهي ٿو. يقين ڄاڻو ته جي قوم جا ٻچڙا سڌاري وياسين ته بهشت ۾ ايئن ويندا سين جيئن " ڏُو ٻاروچا پنيور ۾".

سو ڳالھ پئي هلي سائين محمد حيات جروار جي ۽ پاڻ وياسون هليا الائي ڪيڏانهن. پهريون درجو پاس ڪري اجان ٻئي ۾ پُڳاسين ئي مَس تہ اوچتو ئي اوچتو سائين عطن فقير جي بدليءَ جو پروانو اڏامندو آيو ۽ سائين عطن فقير پنهنجي فقيراڻيءَ مَڏيءَ کي ويڙهي سيڙهي هليو ويو. هاڻي اسان جونئون استاد محمد حيات آيو هيو، جيڪو سنڌيءَ ٽوپيءَ کي گهڻو ڪري نراڙ تي پائيندو هيو. ڪاريون پنئور مُڇون ۽ کل مُک چهرو هوندو هيس. شروع ۾ تہ اسان سيني شاگردن کي اڳوڻن استادن جيان ڪانئس بہ ڏپ ٿِيڻ لڳو هو، پر آهستي آهستي اهو ڏپُ ختم ٿيڻ شروع ٿيو هيو، ڇو جو سائينءَ جي ڳُوٺ ۾ ايندي ئي، ماما رمضان سان مٿو مٿي تي ياري ٿي وئي هئي، هوريان هوريان رڳو ماما سان نہ پر سائين محمد حيات ڳوٺ جي هرهڪ پيل، مينگهواڙ توڙي ڪنيار جو بہ يار ٿي ويو هيو. اهي ڳالهيون اسان کي گهڻو پوءِ سمجھ ۾ آيون هيون تہ سائينءَ کي منياڻي ڪاليج مان ماستريءَ جو ڪورس ڪندي ڪا قوم پرستيءَ جي لغار لڳي چُڪي هئي. تنهنڪري هر غريب غربو سندس يار هيو، ۽ يارانيءَ لاءِ شرط صرف اهو هيو تہ اڳلو سنڌي هجي. تن ڏينهين سائين محمد حيات زميني حقيقتن سان ملائي وطن جي حب ۽ سنڌيت بابت کوڙ سارا مثال اسان ٻارن کي سبقن ۾ ڏيڻ جي ڪندو هيو پر سندس ڳالهيون اسان جي مٿان گذري ويندڻيون هيون. آئون پرائمريءَ جا بہ درجا وٽس پڙهيُس، ڇٺو ياد اٿم تہ ٻئي درجي جي امتحان واري ڏينهن، بيٺ آفيسر محمد حيات مريءَ، جڏهن مُنهنجو اِمتحان ورتو هيو، تہ آئون جُملي ڪم پاڻيءَ جيان پيئڻ لَڳُس، نہ ڪِي ڳِيتُون ڏيئي پڙهڻ!!. ويتر منهنجي استاد، بيٺ آفيسر کي ٻڌايو تہ هِيءُ ٻارُ ايترو تہ هوشيارُ آهي، جو ٽِئين ۽چوٿين درجن جا سبق، صورتخطي ۽ حساب بہ ڦٽا ڦٽ ڪَريو وَجي. اُن ڳالھ تي بيٺ آفيسر، منهنجو ٽِئين درجي جي سبقن مان بہ امتحان وَرِتو هيو جيڪو ايئن ڏنم جيئن سمورا ڪتاب پڙهيل هجان. ۽ پوءِ رزلٽ شيٽ کولي، جنم جي تاريخ ڏِسي، وڏو شوڪارو ڀري، سائينءَ کي چيائين تہ، ادا هن ٻار جيِ عُمر ننڍي آهي، نہ تہ آئون پنهنجا پاور استعمال ڪندي، ڪيس ٻنهي درجن مان پاس ڪري، چوٿين درجي ۾ ويهاريان ها. يعني ڊبل، ٽرپل پروموشن ڏيانس ها. واضح ڪندو هلان تہ اُن وقت امتحان اڄ جيان ڪونہ ٿِيندا هُيا، جو ڏِنو پُٽُ چُٽي جو ٽي، گهڙيءَ ۾مارڪون ڀَري درجا ٽُپايا وجن ٿا. يا سپروائيزر صاحبان اسڪول ۾ پهچيو، مانيون کايو، پئٽرول جا پئسا وٺي، ماسترن کي چيو ڇڏين تہ، رزلٽ شيٽون پاڻ ئي ڀري آفيس ۾ڪٽي اچجو تہ صحيح ڪري ڏيندس. اڳُ امتحان جي ڏِينهن، ڳِوٺن جا ماڻهو اِسڪول ٻاهران ڳاهَٽُ ٿيو انتظار ۾ بيٺا هوندا هئا، تہ ڏِسَئُون ڪنهن جو

پُٽ فل پاس، پاس ۽ چڙهي جي ڪيٽگريءَ مان نِڪتوءِ ڪنهن جو پُٽ ناپاس ٿيو. نتيجي جي اعلان بعد پاس ٿِيندڙن جا مائِٽ حال ساروُ، ريوڙِيُون، گُڙُ، مِنا پُڪڙا ۽ نُقُل ورهائي خوش ٿيندا هُيا. ۽ ناپاس ٿيندڙن جا مائٽ وري پنهنجي اولاد کي پاس نہ ٿيڻ تي دڙڪا ۽ دهمان ڪندا هيا. تہ گڏوگڏ ٽڏا شوڪارا بہ پريندا هئا.

سو ڳالهہ پئي هلي سائين محمد حيات جروار جي سائين ٻن سالن بعد بدلي ٿي مدل اسڪول ڪانڊڙيءَ ۾ساڳئي پگهار تي انگريزي پڙهائڻ ويو هليو هيو، پوءِ اسين جيئن ئي پنجون پاس ڪري مدل اسڪول ڪانڊڙيءَ ۾ پهتاسين، جيڪو ڳوٺ ڪان پنج ميل پري هوندي بہ اسان لاءِ جهڙوڪر پرديس هيو، تہ اسان پارن اسان جي ڳوٺ جي جملي غريب شاگردن جو واقفڪار ۽ پرجهلو سائين محمد حيات ئي هيو جنهن جي ڏڍ تي ڪانڊڙيءَ جو اسڪول پاڻ پيو هيو. ۽ هو سچ بہ اسان جو اهڙوتہ پرجهلو ٿيو جو پنهنجن ٻچن جيان گهر ۾ رهائڻ ڪان وٺي اويل سويل حال سارو اٽيپيون سَٽيپيون مانيون ڪارائڻ ۾ ڪڏهن بہ ارهو ڪونہ ٿيندو هيو. تنهن زماني ۾ ويجهيءَ چڪ ۾ ڪانڊڙيءَ ڪان سواءِ ڪوبہ انگريزي اسڪول بہ ڪونہ هوندو هيو. اجڪلهہ جي اسان جي ٿهيءَ جي جملي ڪانڊڙيءَ جي پڙهيل ماڻهن ۾ جيڪر ٽڪو پئسو ڪو قومي جذبو، وطنيت جو اتساھ ۽ طبقاتي معاشري جي ٽڪساٽن جو ڪو پتو آهي تہ اهو ڪبيرو گناھ سائينءَ محمد حيات جو ڪيل آهي. سو پوءِ اسين سمورا شاگرد ڪانڊڙيءَ مان پڙهندا الائي ڪٿان ڪٿان پڙهي ڪامورا ٿيندا وياسين، پر سائين محمد حيات اويل سويل، توڙي مرٽي پرٽي هرهڪ شاگرد وٽ ٻارين ٻچين پير پريندو رهيو. ۽ اڄ بہ هيٽي حال هوندي رٽائرڊ زندگي گذاريندي بہ حال سارو پنهنجي پَرِ پاريندو اچي. سائينءَ جو هڪڙو قصو ياد پيو اچيم، جنهن تي لکندي کل بہ اچي پئي. ۽ انهيءَ قصي ڪرڻ ڪان سواءِ سائينءَ جو قصو ئي اڌورو ۽ اٽپورو هوندو. ها گهٽو پوءِ جي ڳالهہ آهي تہ سائين محمد حيات جروار عبدالواحد آريسر ۽ شفي سينهڙي جي گهٽو ويجهو ٿي ويو هيو. ڪڏهن قمر پٽي ڪَٽ، تہ وري ڪڏهن ڪنهن ٻيءَ ڪَٽَ جي ڏاڙهي رَکيو، سنڌي ٽوپي نراڙ تي پايو، سرڪاري ملازم هوندي بہ پڪو ديشِي ٿيو وتندوهيو. ها اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ ايستائين آئون ارڙهين اوٺهين گريڊن جون نوڪريون ڪري، گولڊن هينڊ شيڪ ۾ چڱا خاصا ڏوڪڙ روڙي، رٽائرڊ زندگيءَ هوندي بہ اڳئين ڪان اگرو ٿيو وتندو هيس. مٿان وري ملان نيڪوءَ سان ياري هجيم سا بہ جهڙي تهڙي نہ پر صفا لنگوٽيا هجون. ۽ درويش صفت ملان نيڪوءَ لاءِ خلقن جو هُلايل هجي تہ ملو ڏاڍن مُڙسن جو ماڻهو آهي. سو اسان واري سائينءَ لاءِ هڪ تہ تعجب جهڙي ڳالهہ اها هئي تہ آئون رٽائر ٿي

ٻہ اهڙي نٿ نانگر واريءَ زندگيءَ لاءِ پئسو ڏوڪڙ ڪٺان تو آڻيان. ٻيو وري مٿان ڪنهن يارڙي نوڪي ڪٽي ڦوڪ ڏنس تہ آئون ٻہ ڏاڍن مڙسن جو پڳهاردار آهيان. سو هڪڙي ڏينهن هڪلي هوڪاري مون وٽ آيو، ۽ انتهائي ادب جا هٿ ٻڌي چوڻ لڳو، ابا مون توکي پڙهايو، پُٽن جيان پنهنجي گهر ۾ رهايو، ٻيلي منهنجي پارت هجئي.!!! آئون پريشانيءَ مان سائينءَ جا جوڙيل هٿ کوليان ۽ سائين وَرِيو وَرِيو پيو هٿ ٻڌي. نيٺ گهٽي پُڇ پُڇان بعد اصل ڳالهہ ٻڌايائين. تنهن تي ڏاڍا پلي سونهاري ۽ جاميءَ جا قسم کڻي ڪيس يقين ڏيارڻ جي ڪيم تہ سائين ايئن ناهي جيئن اوهان ٻُڌو آهي. پر سائينءَ اهڙي ڳنڍ ٻَڌي جو ڦِريو ڦِريو چوي، ها ابا سڀ ايئن ئي چوندا آهن، پر هوندا ٻيو ڪجھ آهن. اهي ڏينهن اڄوڪا ڏينهن سائينءَ کي منهنجي ڳالهہ تي يقين ڪونهي آيو، جيتوڻيڪ سائين هاڻ آريسر وارن کان الاهي پري ٻيٺو آهي، پر پوءِ بہ وَسين لڳي منهنجي اڳيان ڪا بہ سياسي ڳالهہ ڪرڻ کان لَهرائيندو آهي، تہ نہ پر اصل وونءُ ويندو آهي. اجان بہ ڊپ اٿس متان ڪا چغلي هٽي پيريءَ ۾ تنگائي نہ وجهانس.

سائينءَ جي قصن سان چيڙ خاني ڪنداسون تہ ڪتاب پرجي ويندا پر پوءِ بہ هڪڙو ٻيو بہ ياد ٿو اچيم سو پانيان ٿو تہ اوهين بہ ٻُڌندا هلو. 1983 ڌاري منهنجي وڏي پٽ جو عقيقو هجي، رات جي مانيءَ ٽڪيءَ بعد سيني مٿن مائٽن يارن دوستن جي راءِ هجي تہ راڳ جي محفل ڪريون، جنهن لاءِ ڦلهڏين جو دوست ۽ شوقيہ ڳائڻو ابراهيم مري يڪتارو ۽ چپڙيون کڻي آيو هجي. هوڏانهن اسان جي برادريءَ جو بزرگ ۽ڪٽر وهابي مولوي حاجي ابوالحسن شر جو ضد هجي تہ مولودن جي محفل ڪجي. حاجي صاحب بزرگ هوندي بہ وڏو پوڳائي هوندو هيو۽ سائين محمد حيات جا پوڳ چرچا تمام گهٽا سهندو هيو. نيٺ انهيءَ رات سائين محمد حيات اسان جي بزرگ مولويءَ کي مڃائي ويو تہ صوفياڻو ۽ قومي راڳ بہ هڪڙي قسم جي بندگي آهي. نيٺ اسان وارو بزرگ هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ وڃي رلي تاڻي سمهي رهيو ۽ باقي سنگت سڄي رات راڳ تي پئي ڪنڌ ڌوڻيا. فجر ڌاري هرڪو وڃي آرامي ٿيو. هوڏانهن وري حاجي صاحب اٿيو، وضو ساري، چني جي لڳو لڳ واري مسيت ۾ وڃڻ ٻجاءِ، سُتل مهمانن جي منهن تان رليون پاسي ڪندي، سڄاڻپ جي ڪوشش ڪندي، جڏهن سائين محمد حيات وٽ پهتو تہ سندس سيرانديءَ کان ٻيهي ٻئي هٿ ڪنن ۾ وجهي شرارت طور اذان ڏيڻ لاءِ ڪيائين الله اڪبر، الله اڪبر. سائين اجان ڪچڙيءَ ننڊ ۾ هيو، سو رليءَ مان منهن ڪڍي چيائين مار! هن مُلي تہ چنو ئي مسيت ڪري ڇڏيو. تنهن تي بزرگ ابولحسن کان وڏو ٺهڪ نڪري ويو هيو ۽ پوءِ ٻئي هڪ ٻئي سان منهن منهن ۾

ڏئي ڪِچ دير ڪلندا رهيا. اها هئي انهيءَ دور جي بزرگن جي برداشت ۽ رواداري نہ تہ اڄڪلھ جو دور هجي ها تہ سائين محمد حيات اهڙي پوڳ ڪرڻ تي بنان پئسي ڪڏهوڪي بهشت جي ٽڪيٽ وٺي چڪو هجي ها.

۽ پوءِ سندس بدلي ٿي وئي. چوٿون ۽ پنجُون، مرحوم گل حسن جروار وَٽِ پڙهيُس جيڪو بہ فقيراڻي رَنگَ جو سادو ۽ سِڌو اِنسانُ هُيو. واضح رهي تہ مُنهنجيءَ زندگي ۾ تبديلين جو مُحرڪ والدين سان گڏ سائين گل حسن بہ بَڻيو، آئون جيڪي ڪجھ اڄ آهيان سو بابا سائين ۽ امان سائڻ سان گڏوگڏ سائين گل حسن جي ڪري آهيان، سائين گل حسن جي انهن احسانن جو گهڻو ذِڪر اَڳتي ايندو.

ٽن ڏينهين، پنجين درجي ۾ پڙهندا هُياسين، جو ميراڻي زمين تان قيصر خان راڄڙ جي مقاطعي جو مدو پورو پئي ٿيو. ڇن جون هي ميراڻيون زمينون ڪالھ بہ پلوڙ هيون تہ اڄ بہ آهن. سو زمينن جي زرخيزيءَ ڪي ڏسندي، مِير صاحب جي هن زمينَ جي مقاطعي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي ڊِنگ زميندار ٻَجَ ڊوڙ ۾ هيا. اُن وقت منهنجي عُمر ڏهَہ ورهيہ ڪن هوندي. جيئن تہ اَسان جي گهر ۾ صِرف هِڪڙي ڳئَ هوندِي هُئي جنهن تي بابا سُمهندو هُيو. ٻين ٻاتين لاءِ ڪاٺ جون پيهيون نهيل هونديون هيون. اَمان، جِيجان ۽ اَسين ٻار انهن ڪاٺ جي پيهينِ تي ڪِپُ وِڇائي مَٿان رَليون رَکِي سُمهندا هُياسين. آئون ڪڏهن ڪڏهن انگل آرا ڪري وجي، بابا سان گڏُ کٽ تي بہ سمهندو هُيس. جيڪا کٽ رات جي وڳڙي ۾ هميشھ گهر کي ڏنل ڊنگهرن واري لوڙهي جي ڪِهتيءَ تي رَکِيَل هوندي هُئي. بابا پاڻ سان گڏُ ماما رمضان جي لائسنس واري هڪ نالي بندوقَ ۾ ڪارتُوس وِجهي، رليءَ هيٺان رَکِي پوءِ سُمهندو هُيو. اها بندوق اڄ بہ خان محمد وٽ موجود آهي جيڪا بابا ۽ ماما ڪٽڪ جي هڪڙي ٻوري ڏيئي پاڙي جي ڪنهن وڏيري ڪان خريد ڪئي هئي. چاڪاڻ تہ اُن زماني ۾اسان جي تر ۾ چوريُون چَڪارِيُون گهڻيُون ٿِينديُون هُيون. انهيءَ ڪري ماڻهو پنهنجن ڳوٺن تي پهرا بہ ڏيندا هيا، هوندئن بہ هر گهر ۾ هڪڙو اڌ پاتي رات جو واري واري سان پيو جاڳندو هيو. جيئن مال متاع جو سماع کبو رهجي. اهڙيءَ ئي هڪَڙيءَ رات جو آئون، بابا سان گڏ گهِتيءَ تي رکيل کٽ تي سُتلُ هُيس، تہ اسان جي ڏارِيَل ٻُلِٽري کُتَنِ رُومَڙِ ڪري ٻاهران ايندڙ ڪنهن ماڻهوءَ کي وَجِي دَسِيو. بابا ۽ آئون ڇِرڪَ ڀري جاڳياسِين، ڏسون تہ رُڳهو مل، مٽي اگهاڙو، پيرين اُگهاڙو، کُتن ڪان پاڻ ڇَڏائِيندو، سهڪندواڇِي اسان جي کٽ تي ڪِريو. ۽ بابا جي ڳالهائڻ ۽ ڪجھ پڇڻ ڪان اَڳ ئي سَهڪندي چوڻ لڳو. اڪبرخان، اڪبر خان، ڏاڙيلن جي ٽولي اَسان ميگهواڙن جو سمورو ويڙهو ڦُري، هاڻ سيٺ رائت مل

جي دڪان تي ڪاھِيو آھي، اُوھين بہ گھرن مان ٿپَڙ تاڙي ڪدي پاسِرا ڪريو، ڏاڙيل رائت مل ڪي ڦُري، جاڻ اوھان ڏي پھتا.

رُگھي مل جي ڳالھ ٻُڌندي ئي، بابو سائين، ڪيس بنان ڪنھن ورنديءَ ڏيڻ جي، ڊِگھيون ٻرانگھون پَرِيندو، پريل بندوق ۽ ڪارتوسن جي پٽي سميت ڪنيون، واڻِين جي دُڪانَ طرف ھليو ويو. گھڙي ئي ڪونہ گُذري ھئي، جو واڻين جي دُڪانَ جي اُترينءَ پَرِ، مينگھواڙن پاران ناھيل جانورن جي ڪلون رڱڻ واري ماٽي لڳ بيـنل ٻِبُر وَڻان بندُوقن جا ڌُوڙِيا ۽ بابا جون ھَڪلُون شروع ٿِي ويون ھيون. آئون ۽ رگھومل ڊَپ ۾ ڏڪندي ھڪ ٻئي کي چنبڙي ويا ھياسين، چٽو ياد اٿم تہ انھيءَ ڏينھن رُگھو مل مون کان بہ وڌيڪ پَئي ڏڪِيو. نانا گل حسن جو پُٽُ قاسم، تن ڏينھين ڦوھ جوانيءَ ۾ ھُيو. سو بہ بندوق جي ٺڪاون جي آواز تي سجاڳ ٿي، ڪُھاڙي کڻِي ٺڪاون جي طرف ڊوڙندوھليو ويو. ٺَڪاوَنِ تي ڳوٺ جا ٻُڍا، ٻار، مايُون، دايُون، سڀ ڇِرڪَ ڀري جاڳندا، يا اِلاھِي خير جو وِردُ ڪرڻ لڳا ھيا. رگھي مل جي پُٽ بيکي مل، پنھنجي اسپين جي دونالي بندوق لوڙھي تان اسان جي گھر ۾ اچلي ڏني ھئي. تنھن کي ڪنھن ھٿ بہ ڪونہ لاتو. انھيءَ ڪري جو اسان سيني جو ھيانءُ اڳيئي ٺڪاون جي ڪري پئي ڦاتو، ويتر ٻيءَ بلا ۾ ھٿ ڪير وجھي ۽ ڇوڙي. نيٺ بندوق جا فائر ۽ بابا جُون ھَڪلون اوپر طرف وَڌنديُون ۽ ڇھيٽِيون ٿِينديُون ويون، تان جو فائر ٿِيڻُ بند ٿي ويا. اسان جي ڌڪٽي بہ ويتر وڌي وئي، رگھي مل جي وات مان گھڙيءَ گھڙيءَ ٿڙندڙ ۽ ڏڪندڙ زبان سان بابا جي خيريت لاءِ ڀڳوان کان وينتيون پئي نڪتيون. ڪلاڪ ڪنَ بعد بابا سائين ۽ قاسم، سھڪندا واپس موٽِيا ھيا ۽ رُگھي مل کان پُڇڻ لڳا ھيا تہ ڪاڪا رُگھا! واڻِينِ جي دُڪان ۽ تُنھنجِي اوطاق تي ڪُڪُڙوُ ڪُو لڳِي پَئِي آھي، ڳوٺَ جا سڀ ماڻُھُو ڪيڏانھنَ وِيا آھن؟؟ رُگھي مل کي بہ بابا سائينءَ وارن جي اھڙي سوال تي حيرت پئي ٿي، تہ آخر ھيڏا سارا ماڻھو ڪيڏانھن ويا ھوندا؟ نيٺ بابا سائينءَ وارن رُگھي مل کي ساڻُ ڪري، وڏِيءَ ڳولا بعد واڻِين جي اَن جي پَاندِي ۾ پُورِيل چَالھِيارو ھمراھ ٻاھر ڪڍيا ھيا. جيڪي ايترا تہ ڊِنَل ۽ ھِيسِيَل ھُئا، جو پَنھنجَن جا سَڏَ سُڃاڻي بہ ڊَپَ مان سَڏُ ئِي نہ پِيا وَرنائينِ. تہ متان اجان ڏاڙيل بيٺا ھجن ۽ ٻاھر نڪرندي ماري نہ وجھن.

ٻئي ڏِينھنِ بابا ٻُڌايو ھُيو تہ راتوڪا ھمراھ ڏاڙيل ڪونہ ھيا، پر ڪي چورَ ھيا، جن ڪاريءَ ڪانيءَ ۾ ڪپڙو ٻَڌي بندوق ٺَاھي، رگھي مل جي اوطاق تي ڪَچھريءَ ۾ مَحُو ميگھواڙن کي، سنُدنِ ئِي پَٽڪَنِ ۾ ٻَڌِي، ڪانُئنِ ئي واڻِيَن کي سَڏُ ڪَرائي، واڻين جي وڏي ڪوٺَ جو

ڌَرُڪولائي، واڻِين کي ڏاڍي مارَ ڪَڍي، سمورن مينگهواڙن سان گڏ ٻَڌي، جڏهن سمُورنِ مڙسن کي پاندي ۾ واڙِڻَ لَڳا هيا، تہ ڳَٽپَ ڪُٽي پِئي هين، ڇو جو مينگهواڙن جي اوطاق تان ٻَڌل مڙس ڳَٽي وني آيا هئا چاليهہ. واڻين سوڌا جڏهن ڳَٽي پورا ڪيائون تہ هڪڙو مڙس ڪُٽي پِيُنِ. تڏهن هڪ ٻِئي کي چَيائُون، شِڪاري سِگها ٿِيو، پوڙهو پَڃِي ويو اتوَ، جاڻ وَڃِي سموري ڳوٺ کي جاڳِائِيندو. پوءِ تڙ تڪڙ ۾ اجان ٿورو گهڻو سامان هڙوتين ۾ ٻڌي ڪَٽڻ جي تياري پئي ڪيائون، جو بابا جي ڪيل فائِرن جو آواز ٻُڌي وَڻي پيڳا. راتِ چاندوڪي هُئي ڦورُو اڳيان پَڄندا پَئي وِيا ۽ بابوسائين پويان فائِر ڪندو پَئي وِيو. جيڪر وَٽن ڪوهتِيارُ پنهوار هُجي ها، تہ ضرور بابي سائينءَ تي جوابي فائرُ بہ ڪَنِ ها. ان رات بابو سائين، بہ پَنجوِيهنِ مان ٿيوِيهہ ڪارتُوس ڳپائي، سليمان شاهہ جي قبرستان وٽان واپس وَرِيو هُيو.

گهڻو پوءِ جڏهن وڏا ٿياسون تہ خبر پيئي هُئي، تہ اِهو ڪارنامو مِير صاحب جي زمين مقاطعي تي حاصل ڪندڙ زميندارن جي پاڻ ۾ تنگا ڪشيءَ جو نتيجو هيو، رگهو مل انهيءَ ۾ اڙيو هيو جو هن انهيءَ وڏيري لاءِ مير صاحبن کي سفارش ڪونہ ڪئي هئي. گهڻن ماڻهن جون آگريون تر جي مشهور وڏيرن ڏي کڄنديون هيون. پاڻ جي نالا ڪنيا تہ ڪِنَ ٿيندا ان ڪري مِني بہ ماٺ، تہ مُني بہ ماٺ. رب تو ڄاڻي تہ سچ ڇا هيو. نيٺ ٿيو ائين هيو، جو ٻيا زميندار رهيا سِتون سِتيندا، ۽ قُر قُران ڪندا، وچان وچ چوڏري اسلم گهمڻ ٻني مقاطعي تي ڪٽي ويو. يا وري رگهي مل ئي اهو مقاطعو ڪيس وٺرائي ڏنو هيو.

هاڻي اسان جو نئون مقاطعيدار ۽ مُجيري، چوڌري اسلم گهمڻ آيو هيو، جيڪو سُفيد ڏاڙهيءَ سان، پُوري پِني قَدُ وارو، نيٺ سِنڌي ڳالهائِيندڙُ ۽ نيڪ نِمازِي هيو. سندُس اَچڻ ڪان جلدي پوءِ ئي، سيٺِ رائِت مل بہ هوريان هوريان پنهنجو دُڪان ڳوٺ مان پَٽِيو هيو. باقي رُگهومل وري بہ چوڌري اسلم جو ڪمدارُ ئي رَهِيو، باقي ٻي خلق ۾ مُنشي، واهِي، منيجر، چوڪيدارءِ بورچي، مطلب تہ ڪوڙَ سارا ماڻهو اَچِي زميندارِي اوطاق تي وارِد ٿيا هيا. چوڌري اسلم جي ملازمن ۾ خاص طور تي هِڪڙو مينيجر، چوڌري اسحاق هوندو هيو، جنهن کي اسان چوڌري ايساڪ چوندا هياسون. هو تمام سخت، رُکوءِ بَدماغ هوندو هُيو. پنجابيءَ گاڏڙِ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو هُيو، ڪُلِيَل هودِ وارِي وليس ڪمپنيءَ جي جِيپَ هُوندي هُيس جنهن ۾ چڙهي گهمندو هيو، ٿوري گهڻي ڪم ڪار جي ڪوتاهيءَ تان هارين کي زَنُ دُختر گارِيون ڏِيندو هيو. تنهنڪري سيڪو هاري ڪانئس ڏاڍو لهرائيندو هيو. هو

حاجي اسلم گهمڻ جي پلوڙ طبيعت جي بلڪل اُبتڙ هوندو هيو. خبر ئي ڪونہ پوندي هئي تہ حاجي اسلم جهڙي شريف ماڻهوءَ اهڙو رُڪو ماڻهو ڪيئن ملازم ڪري رکيو آهي.

ان سال نئين مقاطعيدار حاجي اسلم سموريءَ زمين جا پراٽا ٻَنا ۽ اَڏوُن، ناليون ۽ نائڪا ٽريڪٽرن سان ڪيڙائي ڍَهرائي ڇَڏِيا هيا. سَمُورِين ٻَنِين مان ڍڳن ذريعي سُڪيءَجا پنج ڇَهہ هَرَ نِڪتا هيا، ہ ہ پيرا ڍڳن جون ڪِيٽون لَڳيون هُيون، لوهي شِيخُن واري ليٽڻ، جيڪا الاهي ڳري هئي سا ہ آندي هيائون، جنهن ۾ لوهہ جا سُنيا لڳل هوندا هيا، مٿس ڪاٺ جي تختي نما ڪرسي ہ نهيل هئي جيڪا انهيءَ ۾ جوٽيل ڍڳن ڪي هڪلڻ واري هاريءَ جي ويهڻ لاءِ هئي. جنهن ڪي ڏاندن۾ جوٽي ٻنيءَ ۾ هلائڻ سان ڪيڙيءَ جا سمورا پٽر پُرِي ٽي وِيا. سا ہ ہ پيرا ٻنيءَ ۾ ڦيرايائون. مقاطعيدار، حاجي اسلم پاڻ فجُر جي نِماز ويلَ ٻَنيءَ ۾ پُهچي ويندو هيو. هاري، ڪمدار، ڪاراوا، مينجرءِمُنشي ڪلاڪ ڪُنُ اڳ ۾ وجي ٻنيءَ ۾ هڪيا تڪيا حاضر ٿيندا هيا. سَيني جون نِنڊُون حرامُ ٿي وِيون هيون. حيرانيءَ ۽ پريشانيءَ ۾ رڳو هڪ ٻئي جي منهن ۾ سواليہ نظرن سان پيا ڏسندا هيا، چاڪاڻ جو سيئي هاري ليڪن چوڪن ۾ الائي ڪيترن سالن کان واٽين جا کهڪايل هيا. انهيءَ ڪري ڪجهہ چوڻ، آکڻ جي ڪنهن ۾ همت ئي ڪونہ ٿيندي هئي. باقي اکين ئي اکين ۾ هڪ ٻئي کان وڏا سوال ڪري ويندا هيا. جن جو مطلب ڪين ئي سمجهہ ۾ ايندو هيو، ڪو ٻاهريون يا اوڦتو ماڻهو، سندن اکين ۾ سمايل سوالن کي پڙهي ڪونہ سگهندو هيو.

اُنهيءَ زماني ۾سرڪار اسڪولن جا ٽائيم ہ بدلايا هيا ۽ هاڻي پنجين وڳين بجاءِ ٻين وَڳين اسڪول جي موڪل ٿيڻ لڳي هئي. جنهن جي ڪري شام جي ويلي اسين ٻارڙا ہ ٻنيءَ ٻاري جي ڪمَ ۾ وڏڙن جو هَٿُ وَنڊائڻ لڳا هياسين. ٻيو ڏنڌو تہ اسان ٻارن جي وس کان ٻاهر هيو، پر پوءِ ہ مائٽ اسان ٻارن کان اڪثر ڪري ڪوڏرن ذريعي ٻَنَا نُپرائِڻُ ۽ پڪين سِرُن کي چُن لڳائي ٻَنَنِ تي قطارن ۾ اُيو ڪرڻ جو ڪم وٺندا هُيا. نئين مقاطعيدار جي پهريَن ڇَهَنِ مهينَنِ ۾ مِڙني هارين، ٻارن ٻچن سميت ايتري تہ مِحنت ڪئي هُئي، جواڳ ۾ ئي ڳٽِتيِنِ جي ماريل، ۽ قَرِضن جي ڪوٽن ۾ پوريل هارين جا مُنهن هيدا، پِيلا لڳندا هُيا، سي هاڻ ويتر وڌيڪ ڪومائجي ۽ ڪاراٽجي ويا هيا. واندڪائيءَ ويل جڏهن ہ ڪنهن ٻبر جي ڇانوَ ۾ ويهي ڪو ڍابو ڪندا هيا، تہ ٿڌن شوڪارن پريندي، هڪ ٻئي سان اندر جا احوال اورينديِ، هڪ ٻئي کي چَوندا هُيا، يار پاڻ ڇاوا ئي سُور پِٽِڻ لاءِ آهيون، ابن ڏاڏن کان پيا پورهيا ڪيون ۽ نيٺ ڪَمائي مَرِي وِينداسِين پرقرضَ ڪونہ لَهندا، شايد ڌٽيءَ پَنهنجو مُقدر ئي اهڙو لکيو آهي.!!!

تنهن زماني تائين هرڪنهن هاريءَ وٽ پنهنجو ڏڳن جو جوڙو ۽ ڏڳي گاڏي هَڪِي تَڪِي ۽ لازمي هوندي هئي. جنهن هاريءَ وٽ پنهنجو جوڙو ۽ ڏڳي گاڏي نه هوندي هئي تنهن کي اول ته هاري ئي ڪونه مجبو هيو ۽ ڪيس ٻُڳڙيو هاري چئبو هيو. هرڪنهن هاريءَ جي انهيءَ ڏڳي گاڏيءَ جي بانڪن تي به اڳيان توڙي پويان ڳُوڻ جي ٽپڙي ٻَڌل هوندي هئي ۽ هرڪو هاري هر روز صبح جو ٻنيءَ تي ويندي مال جي وٽاڻ جو ياڻ پنهنجيءَ ڏڳي گاڏيءَ ۾ هرروز ٻنيءَ تي ڪٽيو ويندو هيو، ۽ اهو پنهنجي آئيني ۾ پکيڙيندو ويندو هيو. ايستائين موجوده ڪيميائي ياڻ ۽ زهريليون دوائون اسان توڙي اسان جي وڏڙن هارين مان ڪنهن به ڪونه ڏٺيون هيون ۽نه ئي وري ٻُڌيون هيون. فصلن تي اُڙي ٽُڙي بيماريءَ جي حملي يا جيت جٽي جي نقصان کان بچاءُ لاءِ هرڪو هاري رتابنديءَ سان پنهنجيءَ ٻنيءَ جي ٻنن تي ٿوري گهٽي جوئر يا ٻاجهري جا داڻا ڇَٽي ڇڏيندو هيو، جنهن مهل فصلن جي مند پربي هئي ته جوئر ۽ ٻاجهر جي تيار ٿيل ۾ به داڻا لڳندا هيا ۽ پوءِ انهن داڻن تي جهار لڳندي هئي، تڏهن جهرڪيون، وهيا، ڪبرون ۽ ڳيرا انهن سنگن جا داڻا چُڳندي آس پاس بيٺل ٻئي فصل تي جيت ڏسي انهن کي به کائڻ شروع ڪندا هيا. اهڙيءَ طرح فصلن جي بيمارين جو جهڙوڪر بنان پئسي علاج ٿي ويندو هيو.

حاجي اسلم گهمڻ، انهيءَ سال پهريون ڀيرو هن تر ۾ ڪيميائي ياڻ ۽ جيت مار دوائون آنديون هيون، جن جو اِستعِمالُ اسان جي وڏڙنِ وڏيءَ آنا ڪانيءَ ۽ سورن بعدِ ڪَيو هيو. سو به تڏهن جڏهن ڪمدارن ڪاراون دڙڪا دهمان ڪري چيو هُين ته هيءُ ياڻ ۽ دوا ٻنيءَ ۾هٽو، جي نه ته به اوهان جي ڪاتي لکجي چڪو آهي. پوءِ به ڪي ڪي همراه ته ڪڏون ڪٽي انهن ياڻ جي ٻورين ۽دوائن کي پوري ڇڏيندا هيا. ۽ پنهنجي پَرِ ۾ چوندا هيا ته اسان ڪو پنهنجي آئيني ۾ هٽ سان ڪلر وجهندا سون ڇا؟ پوءِ به گهٽا ٽٺا جهونا هاري ڪيميائي ياڻن کي اڄ سوڌو ڪلر چوندا آهن، ۽ اُتر ڏي ته هرڪو ماڻهو اجان به ڪيميائي ياڻهن کي ڪلر ئي چوي ٿو. ها سچي ٽريڪٽر جهڙي وڏن ڦيٿن واري بلا به اسان انهيءَ سال ئي پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ پهريون دفعو ڏٺي هئي. ٽريڪٽرنِ کي ٻَنيون کيڙيندي، ڪِيڏُون هَٽندي ڏِسيِ، اسين تَعجُبَ ۾ وَنبا هُياسِين. حيرت ٿيندي هئي ته مار! هيءُ بلا ڪيئن پئي سموريءَ ٻنيءَ کي اٿلائي پُٿلائي کيڙي ۽ ڪيڻ هٽي؟ انهيءَ سال نئين مقاطعيدار حاجيءَ اسلم پاران سمورن هارين کي سائي رنگ جو هڪڙو ننڍڙو ڪتاب ڇپرائي ڏِنو ويوهيو. جنهن کي پاس بوڪ ٿي چيائون. انهيءَ ۾ هرهڪ هاريءَ جي روڪَ ڳٽتِ ٻِلي سميت، ٻَنيءَ جا سمورا خَرچ، اهي سمورا ڪنهن جي هٿان مليا يا ٿيا، تن جي ڏِيندڙ ۽ وَٺندڙ جي صحيحنَ

سميت انهيءَ ڪتاب ۾ دَرج ٿِيندا هُيا. تن ڏينهين ماڻهو ڳالهيون ڪندا هُيا، تہ حاجي اسلم صاحب وَٽ پنهنجي يا مقاطعن جي زمين هزارن ايڪڙن ۾ هُئي ۽ هر هنڌ هاريءَ لاءِ اَهڙي پاس بوڪ جو رَواج هوُندو هيو. جيڪو جڏهن بہ ڪا روڪ ڪٽت ڪندو هيو، پاڻ پتر يا وروءُ واٽ ڪٽندو هيو تہ اهو ڪتاب پنهنجي قميص جي پاسي واري کيسي ۾ ڪٽيو ويندو هيو. ۽ انهيءَ ۾ منشيءَ هٿان داخلا ڪرائي، ڪمدار ڪارائي سميت پاڻ بہ ڪابي هٿ جو آڱوٺو مس ۾ ٻوڙي هٽيو ايندو هيو.

تن ڏينهين اسان جي وڏڙن وٽ ڪو پنهنجو تڏو ٿُوٽي ڪونہ هوندو هيو، گهٽو ڪري رڳهي مل جي اوطاق ئي اسان جي وڏڙن جي مهمان تائيءَ جي آئي وئي جي ڪم ايندي هئي. گهٽو پوءِ نانا گل حسن کي پاڻ هرتو خيال آيو ۽اوطاق لاءِ هڪڙي اوڏڪي پِٽِ جي ڪوني ۽ چِپرائِين لاندي ناهيائين، ۽ اتي هڪڙو ننيڙو هَٽُ بہ رَکِيو هُيائين. اها چپرائين لانڊي، پوءِ اها چپرائين لانڊي اسان جي وڏڙن کي اوطاق جو ڪَمُ ڏِيندي هُئي. مرحوم ناني گل حسن، پنهنجن پراڻن پيل واڍِڪن اوزارن سان ڪاٺَ جِي هڪڙي وَڏِي صَندُل بہ ٺاهي لانديءَ ۾ رکي هئي. لانديءَ جي آڳر ۾ سرينهن جي هڪڙي وڻ جي چڪي آٽي لڳائي هيائين جيڪو پوءِ اسان جي سانيڙ تائين وڏو وڻ ٿيو بينو هوندو هيو، گڏوگڏ ڪجهہ ٻبرن جا وڻ بہ پاڙهي تي پيا هيا. جنهن جي ڪري لانديءَ جي آڏو سجو ڏينهن ڇانو ۽ ٿڌڪار لڳي پئي هوندي هئي. ڪاڙهي تتي جو ٻنين تان ٿڪي، ٽٽي، هَڄُ تي ورندڙ هاري، صندل کي ڳِهلي سَرينهَن ۽ ٻَبُرن جي ٿڏڙي ڇانوَ ۾ رکي، پَٽڪا سيراندي ڪري اَچِي آرامِي ٿِيندا هُيا. نانا گل حسن لانديءَ جي وِچَ ۾ سياري جي مَچَ لاءِ هڪڙي چُلهہ بہ ٺهرائي هئي. جنهن تي سِياري توڙي اُونهاري، نانا جي ياءُ، مرحوم هاشم جِي چانهہ جي ڪِتِلِي ڏينهن لڙئي ويلَ چڙهندِي هُئي. مرحوم هاشم چانهہ جو اهڙو تہ ٻانڌاڻِي هوندو هُيو، جو پلي تہ اوطاق ۾ ڪيترائِي مِهمانَ وينا هُجن، پلي تہ ڪيترائي سَلهٽيل هاري بہ وينا چپ چَٽِين. پر مرحوم هاشم، چانهہ جي ڪنهن کي سَڪٽِي صلاح بہ ڪونہ ڪندو هُيو. جڏهن پاڻ چانهہ جا ڪوڙ سارا ڪوپ پي ڍوءُ ڪندو هيو. تڏهن پر ۾ وينل ڪنهن ماڻهوءَ يا مهمان کي رسم پوري ڪرڻ لاءِ سَڪٽِي صلاح ڪندي چوندو هيو تہ، پائو چانهہ جو ڍُڪ ڪن بچيو آهي، جي پيئين تہ اچي پيءُ. هاشم مرحيات صفا درويش ۽ سڌو سادو ماڻهو هوندو هيو. پنهنجي ٻنيءَ سان عشق جي حد تائين چاهت هوندي هيس، رات ڏينهن ٻنيءَ ۾ هڻ وٽ ۾ هوندو هيو. پاندي پوري ٿئي يا نہ ٿئي تنهن سان مرحيات جو ڪو ڊُول ڪو چمتو.!! بس هلٽو آ ۽ ڪم ڪرٽو آ. هلي هلي مرحيات جا پير ڍڳي جي ڪُرن جهڙا سخت ٿي ويا هيا، هڪڙي پيري

پيرين اُگھاڙي، هَر ڪاهيندي ڪنهن لُنديءَ تي پير اچي ويس، لُنديءَ بہ ڪُڙيءَ ۾ نوڪي ڪٽي چڪ وڌس، هن جا پير بہ ڏڳن جي کُرن جهڙا هجن، سو همراهہ کي ڳَل ئي ڪانہ پئي، تہ لُنديءَ چهتي پئي آهي، هلندي هلندي گهڙيءَ گهڙيءَ کُڙيءَ جي زمين تي کُپڻ سان لُنديءَ تہ ڪڏهوڪي پُوري تي وئي هئي، هي همراهہ الائي ڪيتري دير انهيءَ لُنديءَ کي گهليندو وتيو. ۽ جڏهن ڪنهن تو مون پاري ڏڳن جي وراٽي تي ڏسِيُس تہ ميان هاشم پير ۾ لنديءَ چُهتي پئي اٿئي. تہ همراهہ جوڙو ڇڏي لنديءَ جي سراپ ۾ ڏڪرجي پيو. پوءِ تہ رڙو رڙ ڪري کي ڪلاڪ اوڙو پاڙو ۽ هاري ناري پريشان ڪري وڌائين.

مرحيات هاشم بنهي گهٽو ڏڃٽو هوندو هيو، جهيڙي جهتي توڙي ڦڏي فساد کان اهڙو لهرائيندو هيو جهڙو گنجو پاڪيءَ کان. ڳوٺ ۾ يا اوڙي پاڙي ۾ ڪو تورو گهٽو گوگاءُ ٿيو يا ڪو هڪ ٻئي ۾ ٺُڙڪو سُڙڪو ٿيو تہ مرحوم پاڻ بچائڻ لاءِ گهٽو ڪري اَن جي ڳوٽين جي سَٿيءَ جي پويان لِڪي ويندو هيو. هڪڙي ڀيري کي چورن چڪارن تي بندوقن جا وڏيڪ ڏوڙيا ٿيا تہ هن مڙس کي اچي سِر جي لڳي، گهر ۾ اَن جي سَٿي نہ لڌس تہ ٺُپ ڏيئي وجي اَن جي گُنديءَ ۾ لِڪو. جڏهن هئو مئو ٽريو تہ هن مڙس جي ڳولا شروع ڪيائون. تان جو گُنديءَ مان هڪلون ڪري چيائين ٻيلي جي خير ٿي ويو هجي تہ وارو ڪيو مون کي ٻاهر ڪڍو، پئو ۾ اندر تہ ڳِهڙي ويس هاڻ نڪري نٿو سگهان.

سو هيءُ مڙس جڏهن ٻنيءَ جي ڪم ڪار کان وينو تہ وڏيرن وڙن ۽ ڪمدارن ڪاراون کي چئو چوان ڪرائي ڪٽڪن توڙي ڦتين جي ڪرن تي ڪانگتڙو ٿي ويهندو هيو. پوءِ بس ڪٽ تي وينو ئي رهندو هيو ۽ چانهہ ڪاڙهي ڪري تي رسائڻ جو بار پُٽس عنايت جي ڪنڌ ۾ اچي پيو. جنهن کي هو گهٽو ڪري ٻوڙو ٻوڙو ڪري سڏيندو هيو. خدا جي قدرت اهڙي ٿي آهي جو سندس وڏو پُٽ عنايت بہ نِسُ پِسُ پيءُ جهڙو آهي. ايئن جو ايئن ديڳڙي چاڙهيندو، پر حرام جو ڪنهن کي چانهہ جي ڏُڪ جي بہ صلاح ڪري، پوري ديڳڙي چَٽُ ڪريو وجي. همراهہ مون کان کي بہ چار ورهيہ ننيو ٿيندو. جوانيءَ ۾ پير ڏنو سين تہ شهيد ڀُٽي خلاف اچي واويلا ٻري، تان جو ضياءُالحق اچي ڏُو ٻاروچا ڪيو ۽ ڀُٽي صاحب کي جيل ۾ وڌائين. هڪڙي ڏينهن عنايت سهڪندو اچي منهنجو پاسي ۾ وينو ۽ هوريان هوريان هوريان پڇڻ لڳو يار! مون کي اهو تہ ٻُڌاءِ تہ ڀٽو صاحب تہ جيل ۾ هليو ويو. هاڻ بيگم نصرت ڀٽو کي گهر ۾ اٽو ڪير وٺي ڏيندو هوندو؟ آئون سندس سادگي ۽ ڀورپ ڏسي حيران ٿي ويس. 1990

جي ڏهاڪي ۾ جڏهن ڏاڙيلن سموريءَ سنڌ ۾ رڻُ باري ڏنو هيو، تڏهن هيءُ همراه حاجي محمد حسن جو هاري هيو، سو هڪڙيءَ رات ٻن ٽن ميگهواڙ هارين سان گڏجي پاڻيءَ جي واري تي پئي ويو، تہ اوچتو ڪمند جي فصل مان ڏاڙيل عباس چانڊئي جو ٽولو اچي منهن ۾ پيُنِ. همراهہ ٻڌو ٿُپ ڏئي وڃي هڪڙي ڪامي ۾ بينو، چيلئي ميگهواڙ ڏاڙيلن ڪي هَڪل ڪري روڪيو. تہ ڏاڙيل عباس چانڊئي پنهنجي سيني تي سَجيل گوليون ٽارچ هٽي هنن ڪي ڏيکاريون. ميگهواڙ ويچارو هونئن تہ گهڻو ئي دلير هيو پر گوليون ڏِسي صفا ڍَرو ٿيو هيو، تہ هڪڙي ڏاڙيل هڪل ڪري ڪانئن پڇيو، هاڻ اوهان ٻڌايو تہ ڪير آهيو؟ چيلئي ميگهواڙ سيني هارين جون ذاتيون ٻڌايون. شر ذات ٻُڌي ڏاڙيل عباس چانڊئي ڇرڪ ڀري ٻئي ڏاڙيل ڪي چيو، فقير هوشيار تي اهو ڪامي ۾ بينل همراه شر ٻروچ اٿئي ۽ پانئيان ٿو تہ ڏک تاڙيو بينو اٿئي.!! هي عنايت مڙس اڳي ئي ڊڄڻو هيو ۽ ڏاڙيل ڏسي ويتر ساهہ ٿي نِڪتس، مَٿان وري جو ڏاڙيلن بہ هڪ ٻئي ڪي هِن تي اک رکڻ جو چيو تہ مڙس جو هينيون ساهہ هيٺ ۽ مَٿيون مٿي رهيو. خير جيئن تيئن ڪري ڏاڙيلن مان جان آجي ڪرائي هي يارڙو ۽ ٻيا هاري ڳوٺ ٻچائڻ ٻجاءِ ڳوٺ ڪان پرتي جهنگ منهن ڪري وني پڳا ۽ ڏاڙيل ڳوٺ ڏي وريا پر اسان واري اوطاق ڪان پاسو ڏيندا، اڳتي وڃي احمد ڪانهي ۽ ٻيڪي ميگهواڙ جي نالي چنيون ڏيندا هليا ويا. هنن هاري همراهن جو اُتر ڏي منهن ڪيو سو ڪٽو ڪٽو تي ويا عنايت سيني ڪان الڳ تي ٻن ٽن ميلن جو ڦيرو ڪري، ڳوٺ جي الهندئين چيڙي تي سندس سوٽ مرحيات الهبچائي جي گهر وٽ جيئن تيئن رَسيو، اُتي ئي وڏي رڙ ڪري ڍَڪرجي ويو، گڏوگڏ سيئو تَپُ بہ اهڙو تہ چڙهيس جو ڇاڙِيون نہ پِيون ٻيهنس. جيڏيءَ مهل سَوڙِ مان منهن ڪڍي، تيڏيءَ مهل مٿان بينل ڪنهن نہ ڪنهن عزيز ڪي ڏسي تہ رڙ ڪري چوي تون ٻچي وئين؟ تون جيئرو آن، هان، پوءِ ڏاڙيلن ڪنهن ڪنهن ڪي ماريو؟ ڇا ڇا ڦريائون؟

ساڳين ئي ڏينهن ۾ هڪڙيءَ سنجها جيءَ ويل جو ئي اچي ڪنهن ماڻهوءَ ٻُڌايو هو تہ ڳوٺ جي ايرندين پاسي ڏاڙيلن جو ٽولو ڍِسي آيو آهيان. انهيءَ رات اسان جي برادريءَ جو ڪو يَٽُ هجي نندو وڏو قطارجي اوڏنهن هليو هُجي. گهر گهر ۾ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ مَڙها ۽ ڪي مَڙِهيون موجود هجن. ۽ ميگهواڙن واري راڄ ڪان سواءِ شرن ۾ مرد ماڻهو مورڳهين ڪي ٽي چار هجون. چئني جي صلاح بيني تہ ڳوٺ تي حملي ٿيڻ ڪان اڳ۾ ئي جنهن ٺُم ۾ ڏاڙيل لِڪل هجن تنهن تي پاڻ ئي هلان ڪري ڏيون. هڪڙو همراهہ گهرن واري مورچي تي چڙي پاڻ مان تي ڄڻا اڳتي ٽا نڪرون. عنايت ڪان پڇيم تہ ڏي خبر تون ڪيئن ڪندين؟

تہ پنهنجي ڪُبي چاتي نوڪي چيائين، “ پائو هاڻ پاڻ اڳيان ڊڄڻا عنايت ناهيون، پاڻ وارا اڳيان ڊپ ڊاوَ ويا الائي ڪيڏانهن، هاڻ صفا مڙس ماڻهو بہ نہ پر شينهن ٿي ويا آهيون، ڏاڙيل هجن يا ڪي ٻيا پاڻ اصل واھ جو وڙهنداسين. سندس اهڙيءَ دليريءَ تي حال گهڙي حيرت تہ ٿي هئي ۽ پوءِ اسين ٻئي جڻا ڏاڙيلن جي ڏسائيندڙ ٽُمر طرف وڌيا هيا سين. ميل کن پنڌ ڪيو سين تہ ڏڪڻان وات سان هَنيل سِيٽي ٻُڌڻ ۾ آئي، وري ايتري ئي پنڌ تي اُتران بہ سِيٽي وَڳي. اسان ٻنهي جا ڪن بہ سَرلا ٿيا. پڪ ٿي تہ همراھ ٽُنل آهن ۽ هڪ ٻئي کي پيا ٻُولين. تڙ تڪڙ ۾ هِن کي چيم تہ اُترين سيٽي پري آ ۽ ڏڪڻين ويجهي آ. تون هينئن ڪَرِ جو هِن واٽر جي قِنل پَڏي ۾ ويهي سيٽيءَ جو جواب ڏي، آئون چوڪڙي کن اڳيان ناليءَ جي پَڏي ۾ ٿو ويهان. ڏڪڻيان همراھ تنهنجي سِيٽيءَ تي واڪيا ايندا. ۽ بي خبريءَ ۾آئون ڪين پُجي لاهيندس. مون ناليءَ جي ڪپ کي مورچو ناهي پير پڪا ڪيا، هُن بہ وجي سيٽي هنئي، هڪڙي ٻي ٿي، سامهون بہ جواب آيس. پوءِ ٻنهي پاسي هوريان هوريان بلڪل ماٺار ٿي وئي. ماٺار تي منهنجي پريشاني وڌڻ لڳي. نہ ڇُري سگهان نہ پُري سگهان. نہ ڪو ڳڙڪو ڪري سگهان چو جو اندازي موجب جي ڏاڙيل هِن واريءَ سيٽيءَ تي آيا هوندا تہ هاڻ منهنجي آس پاس ئي هوندا. ڪلاڪ کن ساھ گهُٽيو پيو هيس، نيٺ ڊپ اچي ورايم تہ عنايت ڪنيجي ويو الائي ڇا؟ پوپيٺ پَر ريڙهيون پائيندو، ناليءَ جو پيٽ ئي پيٺ وٺي هُن واري ٽُمر تي پڳس تہ ڪاريءَ وارا ڪک هجن. همراھ جو ڏس نڪو پتو. زمين پيرن هينان نڪري وئي، وري بہ ريڙهيون پائي جُوءِ ڇڏڻ جي ڪيم. ڪلاڪ کن جي اندر اچي ڳوٺ جي ويجهو ٿيس تہ ڳوٺ جي ٻاهران مُک مورچي جي هينان باھ ٻمڪندي ڏٺم. ويجهو ٿيندي ڏسان تہ هي يارڙو سيني ڳُٽين کان آجو ٿيو چانھ جو ڪِٽل باھ تي رکيو سُڪون سان وينو آ. هڪل ڪري چيو مانس نياڳا ايئن ڪيئن پجي آئين؟ تہ ڏاڍي سڪون ۽ اعتماد سان وراڻيائين “ ادا سيٽيون وڄائڻ کان پوءِ عقل آيم تہ، سُکيو بہ تونآهين، مال ملڪيت بہ تو وٽ آهي، ڏاڙيلن هٿان قُربين بہ تون، جي ڪجندين تہ بہ تون. پوءِ مان ڇو پنهنجو پاڻ ٻُوهي ۾ وجهان؟ ان ڪري دل ۾ چيم تہ ڊوڙ وجي پائي اميرو!!! اُت ڙي عنايت ۽ هلي ڪي ڪڙڪ چانھ جا ٻہ ٽي ڍُڪ پيءُ تہ ڊپ بہ لهئي ۽ ٿڪُ بہ.

ساڳئي زماني ۾ ڳوٺ تي پهري جي صلاح بيني، هرڪنهنجا وارا نهيا، هن کي ڪير ڳڏ ڪٽي ئي نہ، سڀ چونس تون ڊڄڻو آهين، پاڙيا اسان کي ئي مارائيندين. تہ وڏو ٺهڪ ڏيئي وراڻيائين، اڙي بابا هي بندوقن جا ڏوڙيا ٻُڏي ٻُڏي هاڻ شينهن ٿي ويو آهيان، اوهان آزمائي تہ ڏسو، پر هڪڙو هٿيار بہ ڏيو. پوءِ ڏسو منهنجي مُڙسي. نيٺ مڙس کي ڳڏيائون، هٿيار

مون ڏنومانس، قدرتي ٿي ڦِٿيس. جنهن رات هن جو وارو هجي، تنهن رات ڳوٺ کي ڏکڻين پاسي کان ٿي باهه لڳي. ٻيا همراهه پڳا باهه وسائڻ ۽ هن گوهي ڏني گهر ڏانهن. رڙوڙ رڙ تي سمورو اوڙو پاڙو اُٿي پيو، اچي مَچي کري باهه وسائي وڌائون. نيٺ سيني کي عنايت ياد آيو. اڙي هي درويش عنايت ويو ڪيڏانهن؟ هرڪنهن جي وات تي آيو ابا مڙس جي خبر چار ونو. . ڪيڏيءَ مهل ڏسئون ته ڳوٺ جي اپرندين پاسي کان ريشمي سوڙ مٿي تي رکيو، هڪڙي ڊڳي جو رسو هٿ ۾ جهليو پيو اچي، پويان مڙهي ماءُ به ڳِهلبي پئي اچيس. پڇيومانس، تون ته پهري تي هئين. پوءِهينئر آڌيءَ رات جو ماءُ ۽ ڊڳي سوڌو سَوڙ مٿي تي رکيو، ڳوٺ جي ٻاهران ڪٿان پيو اچين؟ ته منهن تي پڪائي آڻيندي وراڻيائين ادا ڪڏهن ڪڏهن سُجائي به ڪم اچِيووجي. ڳوٺ کي لڳل باهه ڏنم ته سوچيم، سُکين جا مال متاع ۽ گهر سڙندا، پنهنجي پونجي آ هڪڙو ڊڳو، هڪڙي ريشمي سوڙ ۽ هڪڙي امان، سو انهن کي وٺي ڳوٺ مان هليو ويس ۽ هو تو وارو هتيار به ڊڳي جي آهُري ۾ اچليو اٿم، بيهه ته امان ۽ ڊڳو گهر ڇڏي هتيار ڳولي اچان، ڏئيس نه ڪو ياروءَ پارو چورو ٻَرو. ۽ پوءِ لوهه نه ٿيون وري تو منجهان!!!

هونئن ته مڙس چوريءَ چڪاريءَ کان وونءُ وجي، پر چانهه جي چُوس تي آڌيءَ اَسُر ماٺهن جي گهرن ۾ ڳِهڙي ٻڪرين مان کير ڏُهي اچڻ، اچ به هِن جي ڏائي هٿ جو کيل آهي، جيتوڻيڪ هن عمر ۾ انهي تان هڪڙي هلڪي ڦُلڪي نيپَ به ڪاڏي اٿائين پر مُڙي پوءِ به نٿو. نيپ ڪائڻ وارو قصو ٿيو هينئن جو هڪڙيءَ رات لُنڊي واٽر جي پاڙِيءَ جي واري تي هجون. همراهه اسان کان لِڪي ٻنيءَ جي ٻَر ۾ وينل ڪنيارن جون ٻڪريون چوريءَ ڏهڻ ويو ته جيئن ڪڙڪ ۽ دوڊپتي چانهه پي سگهي. اوڏيءَ مهل کي چور ڪنيارن جون ٻڪريون چوريءَ ڪرڻ لاءِ اڳي ئي گهٽي جهليو بيٺا هيا، چنڊ لڙي چڪو هيو پر چانڊاڻ اجان به هيس، پري کان ماٺهو سُڃاڻجي نه سگهي پر ڌُڦ ڏسڻ ۾ اچي پئي سگهيو. سو هن همراهه به تاڙيو ته، هائو ٻيلي مون کان وڏا شڪاري ته اڳي ئي بيٺا آهن. هاڻ اچي ڦاٿو، جي ٿو هڪل ڪري ته چور تا مارين ۽ جي ٿو رڙ ڪري ته چور ڀڄي ويندا، پر پاڳين مان تو اڙجي، ته ميان تون رات جو ٻين وڳين هتي ڇو آئين؟ نيٺ عقل جي دوڙ لڳائي پنهنجو پاڻ ڪٽي زمين تي ڇڏيائين، ۽ ڪِرندي ئي رڙ ڪيائين، گهوڙا ڙي!! ٺنگ ڀڄي پئي. چورن جو اوچتي رڙ ٻڌي سي وٺي ڀڳا، پاڳيا به ڪونه جاڳيا ته هن به رکي رَلي کُلهي تي. چورن جو ٻڌو ته ٻئي ڏينهن نه را را ٿي نه ورهڙو ٿيو ته انهن کي به پڪ ٿي ته مڙس پاڳيو نه پر ڪو ٻيو هيو. نيٺ هڪڙي رات اڳ ڦري آيس، گهٽيئي قرآن کنيائين، ته اهو مان

ڪونہ هيس پر منهنجو ياءُ هيو پر هنن مڙسن بہ ڪو آواز مان سجاڻي ورتو هيس. سو ڪِيسي پيل بہ تي سئو روپيا بہ ڪڍيائونس، ٻيڙين جو پاڪيٽ بہ ڦريائونس، توري گهٽي ٽڦا توڦي بہ ڪيائونس، جيڪا اڄ ڏينهن تائين باسڻ لاءِ تيار ڪونهي. ۽ پوءِ بہ پراين ٻڪرين مان چوريءَ ڪير ڏُهڻ ڪان اجان بہ پان ڪونہ ڪئي اٿس.

خير اهي قصا پوءِ ڪبا پاڻ هلون ٿا اڳتي، ناني گل حسن جي جوڙيل اوطاق جِي انهيءَ لانديءَ ڏي. جنهن جي پويان ۽ لڳولڳ اَسان جا جُهڳين جهڙا چار پنج گهر هُوندا هيا. جِن ڪي مال جي پاڻ جا وَڏا ڍِڳ جنهن ڪي اروڙي بہ چئجي، سي اوطاق ڪان اَلڳ ڪَيو ٻينا هُيا. اوطاق مان نِڪري اولهہ مُنهن ڪَبوهيو تہ گهر نظرِ ئي ڪونہ اِيندا هُيا. رڳو پاڻ ئي پاڻ هوندو هيو. تن ڏينهين مال جي گاهہ ڪُترڻ جون مشينون نيون، نيون آيون هيون، اسان جي سَيڻِي وڏڙن، گهر ڏِٺ ڦوڙِي ڪري، گاهہ ڪُترڻ جي هڪڙي مشين وَرتِي هئي، جيڪا اوطاق جي ٻَٻُرن هينان پٽرن سان فٽ ڪري رَکِيلَ هُوندي هُئي. سيڪو پنهنجي مال جو گاهہ انهيءَ مشين تي اچي ڪُتر ڪري، بوه سان مَلي، مال ڪي ڏيڻ لاءِ گهر ڪٽي ويندو هيو. هرروزشام ويلي، جڏهن بابا سائين، قميص لاهي گاهہَ ڪُترڻ جي مشين چڪِيندو هُيو، تہ آئون خَرچِيءَ لاءِ بابا جِي قميصَ جا کِيسا ڳولِيندو هُيس. پر اُتي سدائين ڪارِيءَ وارا ڪَڪَ هوندا هُيا. آئون بابا جي سهڪندڙ ساهن ۾ نيٽن جا ڪٽورا پرجندا محسوس ڪندو هيس، سندس نيٽن جا ڪٽورا ڇُلڪڻ تي هوندا هيا، يا ڪڏهن ڇُلڪي بہ پوندا هيا. پنهنجي اڪيلي پٽ جون محروميون ڏسي. ايئن قصو هلندو پئي آيو، هڪڙي پيري ٿيو هينئن جو بابا پاران گاهہ جي پري اڇليندي، ڪُڪڙ جا ڪجهہ ٻچا گاهہ جي پَرِين هينان دَٻجِي ويا هيا ۽ گاهہ جي مُٺِ سان گڏ ڪُترجِي، ڳترا ڳترا ٿي، سامهون نِڪرَندا ڏِسي، بابا اُلٽين جا ڏَڏَڪا لائي ڏنا هياۓ پوءِ باقي سمورِي حياتِيءَ ۾ ڪُڪڙ جو گوشت نہ کاڌائين. ٻيو تہ نهيو پر ڪٽي رت جا ٻہ ڦڙا بہ ڏٺائين تہ اُلٽين جا ڏڏڪا شروع ٿي ويندا هيس. ڪٽي ٻنيءَ ٻاري تي ڪو نانگ بلا ڏسندو هيو تہ، انهيءَ جي مُنڍيءَ تي لٺ رکي، پڇڻ ڪان روڪي، پُنيرو ٻيهي، اوسي پاسي ۾ ٻينل ڪنهن ٻئي هاريءَ کي سڏ ڪندو هيو، تہ ٻيلي وارو ڪر اچي مارينس. جيتوڻيڪ اوڏانهن منهن بہ ڪونہ ڪندو هيو، پر پوءِ بہ تصور ۾ اهي ڪڪڙ جا ٻچا ايندي ئي، الٽيون شروع ٿي ويندي هيس.

چون ٿا تہ ميراڻيءَ ٻنيءَ جي حاجي اسلم صاحب پاران مقاطعي ڪٽڻ بعد اڳيون مقاطعيدار حاجي قيصر خان راڄڙ، رڳهي مل تي تمام گهٽو ڪاوڙيو هيو، ڪيس رڳو شڪ ڪونہ هيو پر اها پڪ هئي، تہ حاجي اسلم کي مقاطعو ڏيارڻ ۾ رڳهي مل ئي ميرصاحب کي سفارش

ڪئي آهي. انهيءَ ڪاوڙ ۾ ڊينگاڻ پرڳڙيءَ ڏي وجي، پرڳڙين جون ڪوڙ ساريون زمينون مقاطعن تي ورتيون هيائين، ۽ ماما رمضان کي هاريءَ مان ترقي ڏيئي ڪمدارُ ڪري، ڊينگاڻ پُرڳڙي ڏي وَنِي وِيو هيو. هاڻي جو ماما اوڏانهن ويوهيو، ته بابو سائين اڪيلو ٿي پيو هيو. ۽ جيئن ته انهيءَ زماني ۾ اسان ميراڻي ٻنيءَ جي مقاطعيدارن وٽ ٻن جوڙن جو هارپو ڪندا هياسين، تنهڪري بابا سان ٻئي جوڙي تي هڪڙي ٻئي سرڙئي هاريءَ جو گڏ هجڻ ضروري ٿي پيو هيو. جنهن لاءِ انهيءَ سال ڪان بابا سان گڏ، ٻئي جوڙي تي، جانجهو ميگهواڙ سِرڙِيو هاري ٿِي ڪَمائِڻ لڳو. جنهن لڳ ڀڳ پندرهن سال بابا سان گڏ اها جوڳ پچائي هئي. هونئن ته اها خبر اسان کي به ڪونه پوندي هئي، ته جهانجهي ڪيترا سال بابي سان گڏجي سور پٽيا هيا. پر پيريءَ ۾ هو پاڻ اسان کي ٻُڌائيندو هيو ته مون پندرهن ڪَتيون اڪبر سان گڏ هارپو ڪيو هيو. واضح رهي ته تنهن زماني ۾ سال به فصلن جي حساب سان ڳڻبا هيا. جانجهي جون پندرهن ڪَتيون معني پندرهن ڪَتيءَ جا فصل ٿيندا.

حاجي اسلم صاحب جا گهٽي وقت ڪان جماعتي فقيرن سان تعلقات تمام گهاٽا هوندا هيا، نه رڳو جماعتي فقيرن سان پر پير صاحب پاڳاري سان پڻ تمام ويجها تعلقات هيا. پير صاحب، ته هميشه جيان اڄ به ڪيس تمام گهڻو پانئيندو آهي. انهيءَ ڪري سندس هرهڪ واٽر تي ڪونه ڪو جماعتي فقير، قاضي يا ڪمدار هوندو ئي هوندو هيو. سندس هرهڪ واٽر تي هڪڙي اڌ جماعتيءَ فقير جو گهر به لازمي هوندو هيو. سوانهي ڪري ئي هُن، اسان جي ڳوٺ ۾ رائت مل وارن جي خالي پِيَل ڪوٺ ۾ ڦتوءَ نالي هڪڙي مهرفقير کي ويهاريو هيو. ڦتُو مهر، قداورمُڙس هيو، پر جي پاڻ ايئن چئون ته پنج هَٿيو مڙس هيو ته به ڪو وڌاءُ ڪونه ٿيندو، چاپئين ڳاڙهِي ڏاڙهِي هوندي هيس، سُفيد مَلمَل جي پَٽِڪي، سُفيد قميِصَ ۽ گوڏِ سان وڏيءَ ڏيا ۽ هَشمتَ سان ڳوٺ ۾ هَلندو وتندو هيو. اسين پنهنجي وَڏِڙن جي واتان اڪثر اهي خبرون ٻُڌندا هُياسين ته ڦتُو فقير مهر، پنهنجي وَقتَ جو وڏو ڏاڙيل هيو. ڏاڙيل ٻُڌي اسين ٻارَ ويتَرِ سندُس هَشمت جا ڊِيوانا ٿِي چورِيءَچوريءَ ڏانهَس ڏِسندا هُياسين. جيتوڻيڪ چاچو ڦتو پوءِ ڪجهه وقت بعد هتان لڏي ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي آباد ٿيو هيو. ۽ گهڻو پوءِ مون کي خبر پئي هئي ته جنهن ڦتوءَ مهر کي اسان جي ڳوٺ جا سياڄهڙا ماڻهو ڏاڙيل چوندا هيا. سو ڏاڙيل نه پر آزاديءَ جو ويڙهاڪ اهڙو غازي هوندو جنهن پنهنجي مرشد جي حڪم تي لبيڪ چئي انگريزن جي خلاف جنگ جوٽي هوندي. جيئن عام ويڙهاڪن لاءِ انگريزن هُلائي ڇڏيو هيو ته اهي ڏاڙيل آهن. سو ڪاڪو ڦتو مهر

ٻه اهڙو ئي سرفروش هوندو. پوءِ ته وري ڪاڪي ڦتوءَ سان ملڻ جو شوق جاڳيو، پر ايستائين ڪاڪو ڦتو ٻه اوڏانهن وڃي چڪو هيو جتان ڪوبه ڪونهي وريو.

تن ڏينهين الائي ڪتي جا شر ۽ مري، ڪنهن ٻانهن جي چڪر تان پاڻ ۾ ٽڪريا هيا، ۽ هڪ ٻئي جي گهرن تي هلائون ڪيون هيائون. تنهن تان اسان جي وڏڙن ڪي اڇي ڦِڦڙيءَ ورايو هيو، ته متان مري ٻروچ اسان جا هيڪلا گهر ڏِسي حملي آور نه ٿين. يا پانيان ٿو ته حاجي ورند نالي هڪڙي مندڙي مريءَ، سندس راڄ پاران ٿيندڙ صلاحن بابت ڪو اندر جو احوال اوريو هين. ڇو جو حاجي ورند ۽ هن جا وڏڙا ڪي ڪيترا سال مال جي سانگي سان هتي رهيا پيا هوندا هيا. ۽ اسان جي وڏڙن سان ايئن رستو ٿي ويو هين جهڙا گهر جا ڀاتي هجن. انهي ڏِپ جي سوران مامو رمضان اڳئين ٻوٽ واري هڪڙي ويگن ڀاڙي تي ڪري آيو هيو جنهن ۾ چڙهي سمورين مائين جو لشڪر، اسان ڇوڪرن سميت پٽيل سمي جي ڳوٺ ۾ وڃي رهڻ لڳو هيو، مال متاع تي ابو اڪيلو واهي ٿيو وينو هوندو هيو. پٽيل سمي خان هيڏين سارين آکهن ڪي جيءَ ۾ جايون ڏيندي پنهنجو گهر خالي ڪري ڏنو هيو، گڏوگڏ اٽو، ٻاٽ توڙي لوڻ مرچ ٻه هڙان وڙان وٺي پيو هڙني ڪي ڪارائيندو هيو. تن ڏينهين مرين پاران ٿيندڙ ڪنهن اويل سويل جي امڪاني حملي ۾ مدد لاءِ ڪاڪو ڦتو مهر ۽ حاجي محمد رحيم مهر پاڻ هرتو، پنهنجون رائفلون ڪٽي اچي، سڄي سڄي رات ابي سان گڏ اسان جي خالي گهرن تي پهرا ڏيندا هيا. تورين گهٽين ڏينهين اهو قصو هڪڙي پاسي ٿي ويو ته سيڪو وري اچي پنهنجي ڪکين آباد ٿيو هيو. ڦتوءَ ۽ محمد رحيم مهر جي ڏکئي وقت ۾ ڪيل مدد تي اسان توڙي اسان جا وڏڙا سندن اهي ڳُڻ هميشهه لاءِ ڳائيندا ايندا آهيون.

گهٽو پوءِ مرحوم محمد خان جوڻيجي جي بادشاهيءَ واري دور ۾ هن علائقي جي حُرن فقيرن ۾ توڙي عام خلق ۾وَڏِي ناماچار پيدا ڪندڙ، فقير عبدالله مَهر، اُن وقت تمام گهٽي ڪَسمپرسيءَ ۽ غُربت جي حالت ۾ حاجي اسلم جو سَٺ روپيه ماهوار پگهار تي ڪمدار ٿِي ڄَنَ ۾ آيو هُيو، هو پنهنجي ذات پائيءَ ڦَتُوءَ ٻَجاءِ، نانا گل حسن وٽِ مانِي ڪائيندو هُيو. ڇاڪاڻ جو نانا گل حسن جي گهر واري جماعتڻ هوندي هئي، عبدالله فقير، پنهنجن وڏڙن جي ڏرميلي جي حساب سان ڪيس پُڦي چوندو هيو. اَڪثر ڪري مَلمَل جو پَٽِڪو سيراندِي ڪَري، مَنجهند جي ننڊ ٻه نانا گل حسن جي اُنهيءَ اوطاقي صندُل تي ڪندو هُيو. پوءِ مٿس رب سائين راضي ٿيو ته سندس وارا نيارا ٿي ويا، مرحوم هوندو ٻه راڄن جو مَٺُ هيو، سوالي ايندڙ امير هجي غريب، واقف هجي اڻواقف، آڏي هجي اَسُر هجي،

عبدالله فقير، سندس سڏ تي نڪرندو ته پٽڪي ٻَڌڻ جي ٻه دير ڪونه ڪندو هيو، پٽڪو ڪڇ ۾ ڪٽيو ايندو، سو ٻه انهيءَ جي ڪم لاءِ هلندي هلندي ٻَڌندو هيو. ۽ گهڻو پوءِ مرحوم جڏهن هي جهان ڇڏيو هيو ته سندس جنازي ۾ ماڻهن جا انبوهه ڏسي ڪامريڊ رمضان ميمڻ مون کان پڇيو هيو ته، هن ماڻهوءَ جي زمين ڪيتري هئي، مون جڏهن ٻُڌايو هيو مانس ته صفا غريب هيو ۽ پانيان تو ٻني صرف اٺ ايڪڙ هيس، ته ڪامريڊ رمضان ٻه، مڙس جي هيڏي وڏي راهوٽي ڏسي حيران ٿي ويو هيو.

مهيني ماس، جڏهِن ماما رمضان ڪمداريءَ تان اِيندو هُيو ته اُن جا پاڙيسرِي دوستَ، عالم ڪيريو، آچر ڪورِي ۽ ٻيا گهڻا اَچِي گڏُ ٿيندا هُيا. اوطاق تي وَڏِي ڪچهري مچندي هُئي. اُنهيءَ ڪَچهريءَ جو مورُ هوندو هُيو مجنو مرحياتُ. مجنو، پنهنجي نالي پٽاندڙ سادِڙو، سَٻاجِهڙو، الله لوڪُ بَندو، ڊِگهي قد سان، چاپُئين ڏاڙهِيءَ سان، مَلمَل جو پَٽِڪوٻَڌِيو، ميرڙا ڪپڙا پَهرِيو، سُٿڻ جو هِڪُ پانچو هيٺِ ٻيو مَٿي ڪَرِيو، سڄي ڳوٺ ۾ مُرڪندو پيو هلندو هُيو. سندس سادگي اهڙي هُئي، جو جيڪَر لُوسڻ جو گاهه لُٽَڻَ ويهندو ته وِيندو لُٽندو، ويندو لُٽندو، پهر گذري ويندا هيا، مرحيات پوئتي لَوَٽو ئي ڪونه ڦيريندو هيو. پويان ڪونه ڪو شاهِينگ پَرِيُون ٻَڌِي گاهُ ڪٽِي وِيندو هيو. مجنو مرحيات، گاهه لُٽي، لُٽي جڏهن دل ئي دل ۾ سَمجهندو هيو، ته هاڻي ٻه ٿي پَرِيُون گاهُ ٿِي ويو هُوندو. تڏهن پوئتي لَئوٽو ڦيرِيندو هيو ته گاهه جُون مُرڳهين ٻه ٿي سَترِيُون پيون هونديون۽ پري پري تائين ڪو ماڻهُو ٻه ڪونه ڏِسبو هيو. تڏهن مڙس حيران ۽ پريشان ٿي ويندو هيو. ۽ شام جو حيرت مان ڳوٺ وارِن ڪي ٻُڌائيندو ادا اڄ، جان پانِيان تو، جِنَ منهنجو لُئل گاهُ ڪٽِي وِيا هيا، جان پانِيان تو، گاهه لُئو ئي تورڙو هُيم. وڏي ڳالهه ته گاهه جا چورَانهيءَ ڪچهريءَ ۾ موجود هُوندي پيا کِلندا هيا ۽ مجني مرحيات جي خبرن جا مَزا وَٺندا هئا.

آچر ڪوري ۽ عالم ڪيريو، مجني مرحيات سان تمام گهڻا چَرِچا ڪندا هئا، ته خلقَ وڏا ٽهڪ ڏيئي کِلَندي هئي، اصل ڪُوڪِريا ٿِي ويندا هيا. ۽ جڏهن مجنو مرحيات، هُنن جي هر چَرچَي جو جوابُ چَرچي ۾ ڏِيندو هيو، پر سندس چرچي تي کِلندو ڪير ٻه ڪونه هيو، سڀ چپ ڪري وينا هوندا هيا. مرحيات هيڏانهن هوڏانهن نهاري چوندو هيو، ادا، پانيان تو ته مون وارو چرچو ڪونه لڳو. اِئين چئِي پاڻ ئي کِلَ ۾ ٻُڏِي ويندوهيو. سَهِپَ ۽ سادگِي اَهڙي هوندي هُيس جوهِڪڙي پيري ڳوٺ ۾ ڪدڙا فقير ساليانو لاڳُ وٺڻ آيا، ڪَنهن ماڻهوءَ ڪين هڪڙو روپيو ڏَئي سَمجهايو ته مجني سان جهيڙو جوٽيو، ته تو اَسان جِي حَدَ ۾ ڪِنو ڪمُ ڪَيو آهي، گهڙِي ئي نه گُذرِي ته ڪدڙن فقيرن همراهه کي ذوڙ ۾ دَسي، پير ۾ مينهن جي

رسي جهڙي سُرڪڻ وجهي، وڏيءَ ٽوٽيءَ ۾ ڪلي وَرُ ڏئي ڪٽي ٻڌو، چئي، اسان جي حَد ۾ ڪِنو ڪمُ ڪَيو اٿس، اُن ڪري مَڙهِيءَ۾ڪٽِي ويندا سُون‌س. چئوڪنيپي ٻڌل، مجني مرحيات جون رَڙيون ۽ رڙين سان گڏ ڪِل بند ئي نہ ٿِئي، وَرِيو وات تي آگُر رکي سوچي، چوي ٻيلي، اهڙو ڪِنو ڪم تہ يادِ ئي ڪونہ ٿو اَچيمِ، پَر اَوهان سَچا هُوندا، اِنسانُ خطا جو گهرُ آهي، مونکان بہ ڪونہ ڪو ڪنو ڪم ٿي ويو هوندو. هِيءُ پيرو مونکي معافِي ڏِيو، آئينده اِيئن ڪرڻ ڪان توبهہ ڪَيَمِ.

تن ڏينهين، سانگهڙ جو رهاڪو جمعو ميربحر، هن تر ۾ مکيءَ ڊنڊ جون مَڇيون وڪڻندي وڏي راهوٽي ڪري ويو هيو. هر نندي وڏي سان قرب جا پير پريل هُيس. انهيءَ جي پَٽَ تي هن تر جي هرڪنهن راڄَ جا ڌِرَنُ ڪن همراهہ سنبِريا. تڏهن سانگهڙ وَڃڻ جو واحد ذريعو ريل گاڏي هُئي. جهول جي اسٽيشن تي ريل گاڏيءَ مان لَهِي، پوءِ پيادل، ڍڳي گاڏين يا ٽانگن ۾سانگهڙ وَڃبو هُيو. سو هن راڄ جا مڙس پَٽُ ڪائي واپس ورندي مهل، جڏهن ريل جي اسٽيشن تي پهتا، تہ ان وقت ٽڪيٽون وَٺڻ واري هَمراهہ ٽڪيٽون تہ سِيني جون پوريون وَرتيون، پر سنگت آڏو ڪينچي ڇاپ سگريٽ جي پاڪيٽ جو ڳاڙهو ٽُڪرو ڪَٽِيو ڪٽيو آيو ۽ چيائين، ادا پوري ٽيشڻ تي مَرداٽيون ٽِڪيٽون هُيون ئي ياره‍ن ۽ پاڻ ڄڻا آهيون ٻارهن، مجنو رَهجِيو تي ويو، سو اُن لاءِ مجبوريءَ ۾ هيءَ زَنانِي ٽِڪيٽ آندِي اَٿمُ، ٻي ريل بہ الائي ڪڏهن اچي، تنهنڪري مڙس اٺائو سٺائو پاڻ سان گڏ ئي هلي گهر پيڙو تہ هلي ٿئي. تڏهن مجني مرحيات، سندس لاءِزناني ٽڪيٽ آڻيندڙ انهيءَ ڳوٺائيءَ جو اَحسان مند ٿيندي، ڪيس چيوهيو تہ، چڱو ڪيئہ يارنہ تہ رُلِي وجان ها. هاڻي مجني مرحيات لاءِ مسئلو اهو ٿيو هيو تہ همراهہ ڀائيءَ مان مائي ڪيئن ٿئي. ان تي سموريءَ سنگتِ صلاح ڏِنَسِ تہ، ڀائوُ مائِي ٿيڻ لاءِ، پَٽڪو لاهي چيلهہ سان ٻَڌُ، جُتي لاهي ڪَڇَ ۾ ڪر، ۽ انهيءَ ٻِپُڙي اَجرڪ ۾ ويڙهِجِي سيڙهِجي وڃِي ريل پيڙو ٿيءُ، پوءِ ڳَنن ڀاڳ. ۽ پوءِ سنگت جي صلاح تي عمل ڪري، ٻِپُڙيءَ اجرڪ ۾ويڙهجي سيڙهجي، گهونگهٽ ڪڍي اچي ريل گاڏيءَ جي گاڏي ۾ ڪُنڊڙي وني مُڙسن جي وچ ۾ وينو. ۽ جڏهن ريل جو ٽڪيٽ ڪنڊيڪٽر گاڏي ۾ ٽِڪيٽون چيڪ ڪرڻ آيو. تڏهن مجني مرحيات جي سنگت، زور سان هِڪَ ٻِئي کي چَوي تہ ادا! ڏسو ماڻهو ڪيڏا نہ شيطان، اَڪِ پور ۽ نرجا آهن، جو مَرد هُوندي بہ مائيُون ٿِيو پِيا ريل ۾ سَفرُ ڪَنِ، اصل نہ حياءُ نہ شرم. تہ مرحيات ڪينِ نونئيون هَٽِيو، هوريان هوريان ڪري اُوُن هُون، اُوُن هُون. مارايو نہ ٻيلي. ايئن جهول ڪان ريل جو اهو ڏکهو سفر ڪاٽي، جڏهن مڙسن جو اهو قافلو ميرپورخاص پهتو، تہ ميرپورخاص جي

اسٽيشن تي مجنو مرحيات اَجرڪ لاهي، جوتا ڪڇ مان ڪڍي ڇنڊي پائي، تڪو تڪو هلندي، ٽِپي ٽِپيءَ ڪي ڇاتيءَ ۾ سڏيون ٽِريون هڻي، ٻُٺ پَڄِي وِيو هيو.
تن ڏينهين، مرحيات وٽ پنهنجو ڪو ڍڳو ڍور ڪونہ هوندو هيو، سدائين سرڙيو هاري ٿيو پيو هِن يا هُن وٽ ڪمائيندو هيو. حاجي اسلم صاحب جي هارپي واري ڪم ۾ سختي ڏسي ۽ مجني مرحيات جي سادگي ڏسي، ٻنيءَ جي ڪم رُلڻ ۽ حاجي صاحب جي ڪمدارن ڪاراون جي ڇڙٻن جي پئوَ ڪان ڪير ڪيس سرڙيو هاري بہ ڪونہ بيهاريندو هيو. ان ڪري حاجي اسلم صاحب ڪيس واندوءِ بيڪار وينل ڏسي ڪٽي پگهار تي رکيو، تہ هو ڇَنَ ڏانهن ايندڙ ڪچيءَ رستيءَ تي چٽڪار ڪندو ڪري. پوءِ مجنو، بالٽيون ڀري سڄو ڏينهن رستيءَ تي چٽڪارون ڪندو وتندو هيو. تن ڏينهين حاجي صاحب وٽ هڪڙو سماٽ قبيلي جو ڏِنگو مڙس ڪمدار هُيو، سو ايندي ويندي، ڏني نہ ورتي، مجني مرحيات کي روزانو دڙڪا ۽ داٻا ڏيو ويندو هيو. نيٺ مُڙس تنگ ٿي هِن، هُن سان صلاح ڪئي تہ، ٻيلي! مان جهڙو تهڙو تڏهن بہ رئيس آهيان، ٻروچ آهيان، هي ڪمدارڙو، سو بہ سماٽ جو، سو اچيو روزانو مونکي دڙڪا ٿو ڏئي، صلاح ڏيو تہ ڇا ڪريانس؟ ڪنهن صلاح ڏنس تہ، ڪمدار کي ڪن ۾ چَڪُ هڻي، ڪِري پئو. ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن اصل دير ئي ڪونہ ڪيائين. ڪمدار جو اچي ڪيس هاها ڪرڻ ۽ هن جو ڪيس ڪن ۾ چَڪُ هڻي ڪري پوڻ. هاڻ ڪمدار سميت ڏُوڙ ۾ ٻنهي جون ليٽڙيون هجن. ۽ هوڏانهن ڪمدار جون رڙيون هجن، ٻيلي وارو ڪريو، مڙس ڪَنُ پَٽي ويندو. تڏهن خدا جي خلق اچي مَسين، مَسين، ڪمدار جي ڪن مان مجني جي ڏندن کي جيئن جا تيئن زور لائي تہ نهيو پر ڪانين جا گهوڪا هڻي آجو ڪرايو هيو. جڏهن اهڙي دانهن مقاطعيدار حاجي صاحب کي مِلِي هئي، تڏهن پڇيائينس تہ، رئيس مجنا خان، ٻُڌاءِ ڀلا ايئن ڇو ڪيئہ؟ تنهن تي نہ پهہ وراٽيائين، سائين مان جهڙو تهڙو تڏهن بہ رئيس آهيان، ڏِس تون بہ ماڪي، رئيس ۽ خان ٿو ڇئين، تہ هن سماٽ جي ماٺهوءَڪي ڪيئن ٿي اهڙي همت ٿئي جو ماڪي روز روز داٻا ڏيو وڃي. تڏهن حاجي صاحب سميت ڪچهريءَ ۾ وينل سمورو راڄ ڏاڍو کِليو هيو. ۽ اهو فيصلو ايئن ئي آيو ويو ڪندي، حاجي صاحب ٻنهي همراهن کي ڀاڪر پارائي، اڳتي لاءِ ڪمدار کي بہ سختيءَ سان هدايت ڪندي چيو هيو تہ هو مجني کي اڳتي لاءِ رئيس مجنو خان چوي. تڏهن مجنو خان خوشيءَ مان ڪنڌ ڌوڻي حاجي صاحب جي انصاف تي ڏاڍو خوش ٿيو هيو.
سو اهڙا دَرويش ۽ سادڙا، سٻاجهڙا ماڻهو، اوطاق جي اُنهيءَ صندُل تي، ڏينهن نارڻ لاءِ اچي، صُبح جي پورهئي جا سمورا ٿَڪَ لاهي، کِل خوشيءَ جا ڪُوڪِرا ڪري، اوراڻ پَراڻ

جُون خبرون ڪري، شام ٽاڻي، وري پنهنجين ٻَنين ٻارن جي ڏنڌي ڏاڙيءَ تي راهِي ٿيندا هُيا.

مجني مرحيات واري قصي ڪان پوءِ دل چوي ٿي ته ته هنن جي گهر جو به سمورو قصو ڪندو هلجي. قصو هيئن آهي ته اسان ڪي جڏهن ڪان ٿوري گهڻي متِ اچڻ لڳي هئي تڏهن ڪان ڏٺو هيم ته هيڏي ساري ڳوٺ ۾ اسان جي ٻروچڪن چئن پونگن مان هڪڙو هُنن جو به هيو. نه هُين ڪا ٻائي نه ئي ڪا ٻُتي، هُيون ته هُيون سڄيون ساريون چار سِرن جون بلائون پنهنجن سِرن سان. هڪڙو قاضي سَنهيون، ٻيو مَجنون، ٽيون حُسين ۽ چوٿون قاضيءَ جو پٽ مَتو. مُڙس پاڻ پچائين، پاڻ ڪائين، نه ڪا رڌڻ واري نه پچائڻ واري. ۽ وري جي ٻنيءَ تي ڪيڙيءَ ڪاٻار لاءِ وڃن ته نيرانا ئي الله توهار ڪن، پويان ڪا مانيءَ ڪٽي وڃڻ واري ته نهيو پر پچائڻ واري به ڪونه لَيين، تنهنڪري مانجهاندي وارو ويلو پر پاسي جي هاريءَ جي آيل اٽيي سٽييءَ مانيءَ تي ئي گذاري وننڊا هيا. گذارو به ڪهڙو، مڙوئي لَٻو ٽٻو ٿي ويندو هين. باقي رهي رات جي ماني، سا مڙس پاڻ پچائيندا هيا، اسين اجان چڙي چولي ۾ هلندڙ ٻلونگڙا هياسين، سو مُڙسالن ڪي اٽو ڳوهيندي، ٻوڙ رڌيندي، مانيون پچائيندي، ٽانوَ ڌوئيندي ۽ ڦَريو( ٻُهاري) ڏيندي ڏسي حيران ٿيندا هياسون. ڇو جو اسان جي سمجهه موجب اهي سڀ زالاٽا ڪم هيا ۽ مُڙسالن جي ڪرڻ جا ئي ڪونه هيا.

وڏڙن واتان ٻُڌو هيوسين ته جڏهن هو هتي پنهنجيءَ پڦيءَ ( نانا گل حسن جي گهر واريءَ )جي سانگي سان لڏي آيا هيا تڏهن پرئي ترئي گهر وارا هيا. قاضي سنهيون ۽ مجنون ٻئي سڳا ڀائر هيا ۽ حُسين فقير سندن سوٽ هيو. حسين فقير ڪي به پيٽون هيون جيڪي قاضيءَ ۽ مجني سان پرڻيون هيون. قاضيءَ مرحيات تي ڪي هڪڙو پُٽڙو مَتو پيدا ٿيو، ٿورن ڏينهن جي وٿيءَ سان ٻئي پيٽون راهه رباني وٺي ويون هيون. ۽ پوءِ هوريان هوريان مجنون ۽ قاضي به رمندا رهيا، پر قاضي مرحيات ويندي ويندي پنهنجي پُٽ مَتوءَ ڪي پرڻائيندو ويو هيو. رهيو حسين فقير، تنهن باقي سموري ڄمار پنهنجي ڀاٽيجي متوءَ جي در تي گذاري ڇڏي ۽ جَتي سَتي رهيو، نه پرڻيو نه پتريو. نه ڦُٽو نه ڦاٽو، نه وڌيو نه وِيجهيو. بس جهڙو آيو جن ڪان، تهڙو ويو تن ڏي.

حسين فقير ڪائيندو پيئندو ته پنهنجي ڀاٽيجي متوءَ جي گهران هيو پر سندس رهائش هوندي هئي اسان واري گڏيل اوطاق. جيتوڻيڪ سندس وڏڙا پيرصاحب پاڳاري جي فرق واري جماعت سان تعلق رکندا هيا، نه ڪنهن جي ٽانو ۾ پاڻ ڪائيندا هيا ته نه وري ڪنهن ڪي ڪارائيندا هيا. جيئن ته اسان جي سموري ڳوٺ ۾ حسين فقير هڪڙو ئي جماعتي

هيوءِ سو بہ فرق وارو، سو الائي ڪڏهن کان هوريان هوريان فرق کي ڦٽو ڪري، سالم جماعت جو حصو ٿي ويو هيو.

مرحيات مال جون ڳانيون، ڳانڊيا، نُڪتا، مُهرا ۽ مُچيون ناهڻ کان سواءِ ڪوڙ سارن قسمن جي ڪٽن واٽڻ جو جراح ڪاريگرهوندو هيو. جن ۾ ڪانءَ پيريءَ ڪٽ واٽڻ کان وٺي ڪِلين تي سنهڙي مُڄ سان ٻارين ۽ گلن واري واٽيل ڪٽ بہ هوندي هئي. تنهن ڏينهين اسان جي گهر ۾ هڪڙو سرينهن جو وڏو وڻ هوندو هيو، ابي مرحيات انهيءَ کي وڍي، چيرائي ڪوڙ ساريون هارپي جي ڪم جون شيون نهرايون هيون، انهن کان سواءِ چار کن ڪٽون بہ هيون، جيڪي حسين فقير کي واٽڻ لاءِ ڏنائين ۽ مونکي سندس مدد ڪرڻ لاءِ چيائين. مُڄ جي واڻ جي لڙهيءَ کي کولي پري تائين وڪڙن کان بچائي سڌي رکي پوءِ انهيءَ جا ڍيرا ناهيندي مرحيات حسين فقير چيو "ابا هيءُ ڪٽن واٽڻ جو بہ بنهي وڏو هنر اٿئي. سکي وٺندين تہ ڪڏهن اوکيءَ ويل ۾وڏو ڪم ڏيندئي". ايئن انهن ڇئن ڪٽن کي لڳ ڀڳ ٻن اڍائين مهينن ۾ واٽيندي، هن مرحيات مونکي بہ ڪٽن واٽڻ جو هنر سيکاري ڇڏيو هيو. پوءِ ڪي ڪيترا سال گهر جون توڙي اوڙي پاڙي جي ويجهڙن عزيزن جون ڪٽون، مفت ۾ گهٽو ڪري آئون ئي واٽيندو هيس. ۽ مٽن پنهنجي پنهنجي ڪاريگريءَ جو ڏاڪو بہ ويهاريندو هيس.

گهٽو پوءِ حسين فقير جا هٿ ڪنهن بيماريءَ جي ڪري بنهي گهٽو ڏڪڻ لڳندا هيا پوءِ بہ ڳوٺ جا ماڻهو پڇاڙيءَ تائين بہ مرحيات حسين فقير کان مينهن جي مُچين جون ڳنڊيون ڏيارڻ ايندا هيا. ۽ هو ڏڪندڙ هٿن سان بہ ڏاڍي ڏُکيائيءَ سان اهي ڪين ڏئي ڏيندو هيو ۽ ڪٽون واٽائڻ وارن کي چوندو ٻيلي هاڻ هٿ چيو ڪونہ تا ڪن، اوهان پاڻ واٽيو آئون مٿان بيهي ٻُڌائيندو ٿو وجان تہ هتان نوڙي هينان ڇڪيو ۽ هُتان مٿان واريو. جيتوٽيڪ جوانيءَ ۾ هو ڍڳن جي ڳچيءَ ۾ پارائڻ لاءِ پلوڙ ڳانيون ناهيندو هيو. ۽ اهي بہ جي ڪنهن سنگتيءَ ساٿيءَ کي وٽيون تہ ڍڳن جي ڪنڌ مان زوريءَ ڇوڙي ويندو هيس. مرحيات ارهو ٽيڻ جي بجاءِ اڳلي جي ارهہ زورائيءَ تي رڳو پيو کلندو هيو. وري ٻئي ڏينهن هِتان هُتان چار پئسا اُڌارا سُڌارا هٿ ڪري، شهر ويندڙ ڪنهن ماڻهوءَ هٿان رنگ برنگي مٽيا گهرائي واندڪائيءَ ۾ ويهي، وري ٻي ڳاني ناهڻ شروع ڪندو هيو. حياتيءَ جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ شوڪارا پري چوندو هيو " ير ڳانيون تہ ويون ڳانين جي ماڳ، هاڻ تہ ملڪ ۾ ڍڳو بہ ڳولئي ڪو وڙلي تو لڀي. الائي پٽارين ڍڳين ويامڻ ئي ڇڏي ڏنو آ الائي ڇا.

حسين فقير جي شروع ڪان اوطاقي هجڻ ڪري، اسان جي جوانيءَ واري دور جي سمورن روپوش ڪامريڊن سان سندس ڪچهريون ٿينديون هيون، جلالي طبيعت ۽ سنهڙي هاٿي هجڻ ڪري ڪيس وچ جا پاٽي هوندا هيا. ڪامريڊن جي ڪيل طبقاتي چيدن تي پڙڪو ڪائي چوندو هيو، هلو اٿو، هينئر ئي ٿا هينئن يا هوئن ڪريون. ڪامريڊ غلام حسين شر پارا تہ ساٿس هڪل ۾ حامي هوندا هيا. پر تاج مري جنهن سان هن جا پيچ مرڻ گهڙيءَ تائين اهڙا گهرا هيا جهڙا جوانيءَ ۾، سوئي ڪيس سمجهائي ٺڏو ڪندو هيو. پر جي ڪنهن ڪامريڊ حر جماعت لاءِ ڪجهہ غلط سلط چيو تہ همراهہ اهڙو بگڙندو هيو جو ڏٺي ڏئي امانُ. پوءِ ٻہ ٽي ڏينهن هنڌ بسترو ڪٽي مَتوءَ جي گهر هليو ويندو هيو، نيٺ ميڙون منٿون ڪري مَس جيئن پرچائيندا هياسونس. پڇاڙيءَ ۾ اها ريت نہ ڇڏيائين، پائيجي سان ڪاوڙيو تہ ٻہ ٽي ڏينهن ماني ٽُپ نہ ڪائيندو هيو، اوڙي پاڙي واري سان ڪاوڙيو تہ ٻہ ٽي ڏينهن ساٿس ڳالهائڻو ناهي ۽ جي اوطاق تي ڪنهن چوڪر چبر جو ڪو گفتو نہ وڻيس تہ مڏي مٿي تي هل مَتوءَ جي گهر. ٻہ ٽي ڏينهن گذريا، وري ساڳي اوطاق، ساڳيو حسين فقير.

سندس آخري وقت ۾ اسڪولن جي پڙهاين جي گهٽجڻ جي اُلڪي سبب مونکي منهنجي اڏ مَڏي شهر ۾ اڏ ڳوٺ ۾ ڪرڻي پئي. ۽ پوءِ منهنجو ڳوٺ وجڻ انين ڏهين ڏينهن ٿيندو هيو، پر جڏهن ٻہ ويندو هيس تہ لڙيءَ رات جو ڳوٺ جي مسيت مان سندس ذڪر جي مِنڙي هُو هُو تي گهريءَ ننڊ مان جاڳ ٿي پوندي هيم ۽ صبح جو جيڪر حسين فقير منهنجي ڳوٺ اچڻ جو ٻُڌندو هيو تہ لٺ تي رڙهندو الله لله ڪندو، ڊگهي تسبيءَ جا مڻيا سوريندو اچي پهچندو هيو، ۽ ڏک سُک جا قصا اوري هينئين جو بار هلڪو ڪندو هيو، گڏوگڏ هڪڙي نصيحت ٻہ ڪندو هيو تہ ”ٻيلي تنهنجي ابي جو جوڙيل هي ٺڏو نہ ڦٽاءِ، ڇڏ شهر جي پچر، بنهي نہ رهين تہ جوان پُٽن کي اوڏانهن موڪل، تون هتي موٽي اچ تہ ڏکيءَ سُکيءَ ۾ هڪ ٻئي جا حال پائي هجون ۽ ويڙهو ٻہ ويران نہ ٿئي“. نئين زماني ۾ اسان جي ڳوٺ جي نئين ساماڻل ننڍي پوش مُلپ ڏي گهٽو وري پئي هئي، حسين فقير جي انهن سان ٽُپ ڪونہ پوندي هئي، نماز ٻہ ڪانئن الڳ پڙهندو هيو. جي نماز جو ٽائيم ٿي ويو تہ بسم الله ڪري اذان ڏئي، نماز پڙهي هليو ويندو هيو، ٻانگي ۽ پيش امام لاءِ ڪونہ ترسندو هيو. خاص ڪري فجر جي اذان ختم ڪرڻ مهل لائوڊ تي ئي هڪڙي دل کي وڻندڙ دعا گهرندو ” تہ اي صبح جا سائين!! جڳ جهان جو خير ڪجانءِ، هندوءِ مسلمين جو خير ڪجانءِ، حُر جماعت جو خير ڪجانءِ، جيت جٽي جو خير ڪجانءِ، پکيءَ پکڻ جو خير

ڪجانءِ، ۽ انهن سيني جي صدقي هن ڳوٺ جي ماڻهن جو، ماڻهن جي مال رزق جو بہ خير ڪجانءِ".
پڇاڙڪن ڏينهن ۾جڏهن بہ ساڻس ڪا ڪچهري ٿيندي هئي تہ وصيعتون ڪندو هيو ۽ سڄو سنئون ڳوٺ جي نندي پوش وارن مُلن ڏي هٿ کڻي انهن جي سامهون ئي چوندو هيو تہ " منهنجي مرڻ کان پوءِ نہ مون کي هي غسل ڏين ۽ نہ ئي منهنجو جنازو پڙهن، (جيتوڻيڪ سندس پُڦيءَ جي سڳ ۾ اُهي سيئي سندس بہ ڏوهٽاڻ ٿيندا هيا) ۽ ها مونکي دفن بہ شڪور شاهہ جي قبرستان ۾ عبدالله فقير مهر جي قبر جي پاسي ۾ ڪجو جتي منهنجي سڄي جماعت جا دوست دفن ٿيل آهن". چوندو هيومانس "فقير! تنهنجون باقي سڀ شرطون منظور، باقي قبرستان واري ضد تان لهہ ٻيلي ڏاهو ٿيءُ، انهيءَ قبرستان ۾ نہ پنهنجو مِٽ نہ مائٽ، ڪنهن سان ڪچهريون ڪندين ۽ ٻيو آهي بہ پري ڪير چار قل پڙهڻ بہ ڪونہ ايندئي". تہ وڏو ٺهڪ ڏئي وراڻيندو هيو" منهنجا مِٽ مائٽ منهنجا جماعتي آهن، جيڪي اُتي ڪوڙ آهن، پيا ڪچهريون بہ ڪنداسين تہ ذڪر بہ، پُٽ پَهي هونئن ئي ڪونهيم، باقي اوهان جي دل نہ چوي تہ پنڌ ڪٽي نہ ڪجو، چار قل هتان ئي پڙهي بخشي ڇڏجو، پاڻهي ثواب ملي ويندم". ۽ پوءِ خدا جي ڪرڻي ٿي بہ اهڙي جو جڏهن سئو ورهيہ پورو ٿيس، تہ سچ لهي منهن ميراڻ ٿي هئي، قدرتي سيئي نوڪرين وارا بہ ڳوٺ ۾ ئي هياسون. جڏهن سندس ڪفن لاءِ ڪنهن کي ڏوڪڙ ڏيندي سنبيريم پئي تہ پريان هڪڙي همراهہ روڪيندي ٻُڌايو تہ مرحوم حسين فقير ڪفن ۽ دفن جي خرچن جي رقم گهڻا سال اڳ گڏ ڪري، ٽن ماڻهن کي شاهد ڪري ڳوٺ جي فلاڻي دڪاندار وٽ رکي ڇڏي آهي. انهن پئسن مان ڪفن آيو، غسل ڏيندي، عبدالله فقير مهر جي پُٽ سميت پنجن ستن جماعتين جا فون آيا تہ "ابا حسين فقير اسان کي غسل ۽ جنازي نماز بابت بار بار وصيعت ڪندو هيو تہ حُر جماعت جا ماڻهو ئي اهو ڪم ڪن ٻيا نہ. توڙي دفنائڻ لاءِ بہ شڪور شاهہ جي قبرستان بابت چوندو هيو". ڪين وراڻيم " ادا، فقير مرحيات مون سميت سموري ڳوٺ کي بہ اهي وصيعتون ڪندو هيو، هڪڙي غلطي سمجهو يا ڏوهہ تہ سندس جنازي کي غسل اسان ڏياري ڇڏيو آهي، باقي رهيل ڪم سندس وصيعت موجب صبح جو اچي اوهين ئي ڪجو". ۽ پوءِ جيئن ئي درويش جي وصيعت هئي، تيئن ئي سندس ميت حر جماعت جي هٿان سينگارجي شڪور شاهہ جي قبرستان حوالي ٿيو.
ايئن منهنجي ڪٿون واڻڻ جو هنر سيکارڻ واري هن خوددار اُستاد جون جملي وصيعتون توڙي چَوٽيون پاڻهي پوريون ٿيون. اڄ سندس خود داريءَ کي سلام ڪرڻ تي دل ٿي

چوي، چو جو جو سال ڪن اڳ۾ ئي پرديس پلاٽڻ جا پروڻ پوندي ئي، پُٽ پهي نہ هجڻ جي ڪري، ڪفن دفن جي خرچ جو ڪنهن تي بار ٽيڻ بجاءِ الائي ڪيئن ۽ ڪٽان بلو ڪري، پاسيرا ڪري رکي ويو. پر پنهنجي لڳ ڀڳ اسي سالن جي عمر تائين ڪوڙ ساري ڀج ڊوڙ ڪرڻ جي باوجود هن ڪي پاڪستان جي شهريت نہ ملي سگهي هئي. يعني شناختي ڪارڊ نہ نهي سگهيو هيس، ڇو جو سندس والدين جا ڪارڊ ڪونہ هيا ۽ ڪٽي پڙهڻ جو بہ رڪارڊ ڪونہ هيس. ۽ والد مَٽائي ٻئي جو پُٽ لِڪائي شناختي ڪارڊ هن بہ نٽي نهرائڻ چاهيو. پٽ ڏٽيءَ بہ پانيان ٿو هي سٽون اهڙن ئي فقيرن لاءِ جوڙيون هيون تہ” جهڙا آيا جڳ ۾ تهڙا ويا موٽي. تنين جي چوٽي پورب ٽيندي پَڌري“

آچر ڪوري، جنهن جي اڳ ۾ ڳالهہ پئي ڪئي سون تہ مجني مرحيات سان ڏاڍا چرچا ڪندو هيو. سو بہ وڏو نِڙُهہ هوندو هيو. مڙس قدآور هيو، ماتا جا سيئرا منهن تي هوندا هيس، رنگ پڪو ڪِرسيءَ جهڙو، صفا مسڪين ماٺهو هيو. مجني مرحيات جيان پنهنجو ڪو ٻنيءَ جو ٻارو ڪونہ هيس. پر ڏٽيءَ پاڳ اهڙو تہ لکيو هيس، جو وجي ٽيا ست خير. مُڙس هر هميشهہ ٿُو باءِ ٿو جي اچي پاپلين جو ڏوٻيءَ جو ڏوتل وڳو پهريندو هيو. ڪينچي چاپ سگريٽ بہ مُٺ تي پيئندو هيو. تنهن جي بہ ڦُلي اُجلڻ ويل جيڪا چپٽي وڄائيندو هيو، سا اڄ ڏينهن تائين ڪو بہ مائيءَ جو لال ڪونہ وڄائي سگهيو آهي. چڱن مَنن سان پير پريل هوندا هيس. جتي بہ ويندو هيو اتي محفل جو مور هوندو هيو. مير تاج محمد ٽالپر سان تہ پَن ٻولِيل هيس. ٻارهوئي مير صاحب جي بنگلي جي حاضريءَ ۾ بيٺو هوندو هيو ۽ تر جي هڪڙي ٻئي وڏيري محبوب درس سان بہ مٿو مٽي تي ياري هوندي هيس. مرحيات جهڙو پڪي گفتي جو شاهہ ڪاريگر اسان اڄ ڏينهن تائين نہ ڏٺو ۽ نہ ئي وري ٻُڌو. ڪچهريءَ ۾ ويهي گفتو گفتي سامهون ڏيندو، اکر اکر جي سامهون چوندو، توري تڪي چوندو، پري وڃائي چوندو، پر مجال آهي جي سندس وات مان ڪو ڪچو اکر نڪري، چرچي جو گفتو اهڙو پڪوڪيندو هيو جو پلي تہ ڪچهريءَ ۾ نياٽيون سياٽيون بہ وينيون ٻُڌن. مرحيات پنهنجي دور ۾ غريبت سريبت جي ڪاڻ ئي ڪونہ ڪدي. نہ ئي وري ڪا لوڪ کي لڪا پوڻ ڏنائين تہ آچر ڪو ايترو غريب بہ آهي. پوءِ پيريءَ ۾ پٽن رُلايس، هن تر مان لڏو پَٽيائون ۽ الائي ڪهڙي جُوءِ وڃي وسايائون. پانيان ٿو آچر ڪوريءَ مرحوم آخري پساهہ بہ ڪنهن ٻيءَ جُوءِ ۾ وڃي ڪنيا هيا، پر پوءِ بہ جنهن تر ۾ ڄائو نپنو، جتي نٽ ٺانگر سان رهيو، اُتي جي ماڻهن لاءِ اهو اڄ بہ اسرار رهيو، نہ ٻني نہ ٻارو، نہ ڏنڊو نہ ڏاڙي، آچر ڪوري هيڏي ساري عيال جي پوري ڪيئن ڪندو هيو.

اڳ ۾ بہ ذڪر ڪيو اَٿم تہ مال جي گاھ ڪُترڻ مهل، بابا جي لاٽل قميص مان خرچيءَ ڳوليندو هيس، ۽ سدائين بابا جا کيسا خالي ڏسي، ٻُوٿُ ڦِلهو ڪري ويهندو هيس. ڪڏهن قِسمتيءَ، بابا ڪي ڪو روپيو ٻہَ هَٿِ ايندو هُيو، تہ آنو ٻہ آنا خرچي مِلندي هُئي، نہ تہ ٿيو خير.! واڻِيَن جا ۽ قيصر خان جا قرض جا ڪوٺ چڙهيل هوندا هُيا، آمدنيءَ جو ٻيو ڪو بہ ذريعو ڪونہ هوندو هيو. ٻيو تہ نهيو پر، ڦُٽين چوندڻ جي ڏِينهنِ ۾ امان سائڻ ۽ جيجيءَ جِي ڦُٽين جِي چُونڊاڻِي بہ بابا وارن جي پراڻي قرض ۾ جَمع ٿيندي هُئي. نئين مقاطعيدار حاجي اسلم، اچڻ ساڻ ئي نئون قانون ڪڍيو هيو تہ، هارين جي عورتن جي چُونڊاڻيءَ جي رَقم قرض ۾ جمع ڪرڻ بَجاءِ ڪين هفتيوار روڪڙي ڏِني وجي، ۽ جڏهن انهيءَ چونڊاڻي جي پئسن ملڻ جي بسم الله ٿي هئي تہ، پوءِ ڦٽين جي ڏينهنِ ۾ اسان جي گهر ۾ هفتيوار سَتَ، اَٺَ رُوپيہ اَچڻُ شُروع ٿيا هيا. جن مان گهر جا گهٽا ٽٽا خرچ بہ نڪرڻ شروع ٿيا هيا، ۽اسان ٻارن جا تہ جاوا ٿِي پيا هيا. ڦيرو ڏيئِي ماڻُرن ڪان آنو ٻہ آنا وَٺِي، رُگهي مل جي نئين دُڪانَ تان ڪَتَل، پَڪُڙا ۽ نُقُل يا ريوڙِيون وني، انهن جا کِيسا ڀري چَرَڪندا وتندا هُيا سين.

۽ جڏهن حاجي اسلم وٽ هارپي جو پهريون سال پورو ٿيو هيو، تڏهن بہ ڪنهن بہ هاريءَ ڪي ليکي جي ڪا اُون هئي نہ ئي وري ڪو اُلڪو هيو. ڇو جو سڀئي هاري ورهين ڪان قرضن ۾پوريل هوندا هيا. نئين مقاطعيدار بني مقاطعي تي وٺڻ مهل سيني هارين جو رهيل قرض رائت مل ۽ حاجي قيصر خان ڪي ڀري ڏنو هيو. سو ڪين پڪ هئي تہ نئين مقاطعيدار جي هيڏن سارن نون خرچن ۽ اڳئين قرض جي هوندي ڪين رڳو ٻِلا ئي ٻُڏٽا پوندا. هونئن بہ هنن لاءِ ليکي جو ڏينهن ڪنهن عيد جي ڏينهن بجاءِ رڳو ٻِلا ٻُڏڻ جي ڏينهن برابر هوندو هيو، باقي ڪجھ بہ نہ. هڪڙي ڏينهن مقاطعيدار سيني هارين ڪي پهرئين ليکي ٻُڏڻ لاءِ پاس ٻُوڪنِ سميت سي پوني جي زمين واري اوطاق تي سَڏايو هيو، تہ مُصيبتُن جا مارِيل هاري اها سُس ڦُس ڪندي سي پوني سَنِبريا، ڇي، ڪهڙا ليکا، مڙئي اڳئين جيئان ٻِلا ٻُڏِي، نئون قرضُ لِکائي موٽنداسين، ٻِيووري ڇا ٿيندو!!. پاڻ هيل سال نئين زميندارِيءَ ۾ نت نوان نوان خرچ ٿيا آهن، سو قرض وارو قصو اڳئين ڪان ٻيڻ ٽيڻ تي پڪ سان وڌندو ئي وڌندو.

اُنهيءَ شام پَڪِي پَڪڻَ جي واهيري ڏانهن وَرَڻ جي ويلَ، ٻين هارين سان گڏ بابا بہ واپَس وَرِيو هيو تہ سَندُس چِهرو ٻَهڪِي رَهِيو هُيو. اَمان ۽ جيجيءَ ڪي سَڏي چَيوهيائين، ياڳَ پَرِيُون مُبارڪُون هُجَنوَ، سڀئي اڳيان پويان قرض لاهي پوءِبہ سڄا سارا ٻہَ سئو ستاسي

روپيہ بَچتِ روڪڙِي مِلي اَٿم. اسان ٻارن سميت سموري گھر جي ڀاتِين جا بي يقِينيءَ وارا چِھرا ڏِسي، اَڳِئين ڪِيسي مان سَئو پَنجاھ ۽ ڏَھَنِ جا ڪَڙڪ نوٽ ڪَڍِي ڏيکاريندي، سَندُس نيڻ بہ اُٿلِي پِيا هئا. سمورن گھر جي ڀاتِين زِندگيءَ ۾ پھريون ڀيرو سئو، پَنجاھ ۽ ڏھن جا نوان نوٽ ڏِٺا هُيا. وَرِي وَرِي هَٿڙا ڦيري نوٽ پِيا ڏِسُون، ۽ انهن تي واري واري سان پيا هٿڙا ڦيرايون. اُنهيءَ رات سَڄن سَارن پَنجن روپين جُون ريوڙِيون وٺي خدا ڪارڻ معصومن ۾ وِرهايون هُيونسِين. گھڙيءَ گھڙيءَ رب جي راضي ٿيڻ تي سندس شڪرانا پئي بجا آنداسون. ۽ حاجي اسلم کي هٿ کڻي پئي دعائون ڪيون سين. نيٺ رات جو سانجھڻ پاڻيءَ کان پوءِ سمھڻ مهل، هڪڙي نئين مسئلي ڪر کنيو، تہ بچت وارا اهي پئسا ڪِٿي رَکُون. اسان جي گھر ۾ نہ ڪا ڪوٺِي هئي، نہ ڪَٻٽُ هيو، نہ دَرُ هيو نہ دَرِي هئي، نہ ڇِتِ هئي نہ جارو هيو، ڪڙي پَڳَل ڪاٺ جي هڪڙي پيٽِي هُئي، جيڪا الائي ڪيترن جَنَمنِ کان اسان جي خاندان جو اَهم اَثاثو هُئي. اهي سِياري جا ڏينهنَ هُيا، اسان جي گھر جي ٿُوٽِين تي نَھِيل ڇِپرَ هينان مَڇَ تي ويني، ڇَپَر جِي وِچِينءَ ٿُوٽيءَ تي امان ۽ جيجان ٻاران ڳَپَءِ مِٽِيءَ سان، ٿَڦِي ناهيل ٿنڀَ تي بابا جِي نظر پَئي، تہ يَڪدم ڇيائِين، ڇونہ هن ٿنڀَ ۾ رَنبي سان ننڍڙو جارو ناهي، ڪوپَر جي داٻلِي ۾ پئسا وِجھِي، جاري ۾ رکي مَٿان ڳَپَ مِٽِيءَ سان راڳِي ڇَڏِيون!!. اها صلاح گھر جي سَيني ڀاتين کي وَڻِي هئي، پَلڪنِ ۾ رنبي جي ڪوٽ ڪوٽان سان جارو نَھيو هيو، ڪوپر جي داٻلي ۾ پئسا پِيا ۽جاري جو ڳُرڪو راڳِجي ساڳِيو ٿنڀُ تي بينو هيو. تڏهن هرڪنهن جو اُلڪو لٿو، ۽ سيڪو وجي ٿانيڪو تي سُتو هيو. ٻئي ڏينهن اها مِٽي سُڪِي، تہ ٿنڀُ ٿَنِيَن جھڙو تي بينو. پوءِ بہ اِيندي وِيندي، اُٿندي ويهندي گھَرَ جي سمُورن ڀاتِين جِي اَکِ اُنهيءَ ٿنڀَ ۾ پُوريَل قِيمتي اثاثي ڏانهن ضرورُ وِيندي هُئي. اثاثو ڪھڙو؟ بہ سئو ستاسي روپيا!!!.

ان زماني ۾ضرُورَتُون بنهي محدوُد ۽ نہ هجڻ جيتريون هونديون هُيون، پَئسي جو ڳَپُ ٿُپ ڪونہ هُوندو هُيو. جو ماڻهو اويل سويل ڪو رپيو بہ بہ هرويرو جوخرچي. هوڏانهن پئسا بہ ٿنڀ جي جاري ۾ محفوظ هوندا هُيا. ڪنهن کي ڪائي اون ڪونہ هئي. ڇهن مهينن بعد، روزن واري عيد ويجھِي آئِي، تہ اچي بابا جا ڪَنَ ڪاڏا سين نَوَنِ ڪپڙن لاءِ. اِيئن نيٺ هڪڙي ڏينهن بابا راضي ٿِي، اَمان کي چيو تہ، پئسا ڪَڍِي ڏي تہ گھَرَ جي سمورن ڀاتين لاءِ عيد جا نوان ڪپڙا وٺي اَچان. جاري جِي سُڪِي مِٽِي ڪوٽي، داٻلي مان پئسا ڪڍِي ڳڻيا وِيا، تہ پنجاھ جو نوٽ گُم هُيو، سيني کي مٽي تي هَٿَ اَچِي وِيا. گھر جي ڀاتين کان سواءِڪنهن کي ڪھڙي ڪَلَ تہ اسان جا پئسا هِتي پُورِيَل آهن؟ ڪير تو چورُ ٿِي

سگهي؟!سچو گهر هڪبئي ڏانهن پيو شڪي نظرن سان نهاري، اصل ۾ ٿيو هِيئن هُيو جو ماما رمضان جو پُٽ خان محمد، پنج ڪتاب پاس ڪري ڇهين درجي ۾ ڪانڊڙيءَ پڙهڻ ويوهُيوءِ رَهندو بہ سائين گل حسن جروار جي گهر ۾ هُيو، ڪيس زماني جي هوا لَڳِي چُڪي هُئي، سو مرحيات الهبچائي پاران پٽ شاھ جي ميلي گهمڻ جي صلاح تي جارو يَڃِي، پنجاھ روپيہ چورِي ڪري، باقي پئسا ساڳِيءَ جاءِ تي رکي، جاري ڪي لنبي، پٽ شاھ جي ميلي تي وِيو هُيو. بئي ڏِينهن سُهٽو بُوٽ بہ آندو هُيائين، پچا ڪرڻ تي ٻُڌايو هُيائين تہ الهبچايو ميلي تي وَڃِي ويو هُيوءِ بُوٽُ مسجد مان چورايو اَٿم. مسجد مان چوريءَ جِي ڳالھ تي بابا ڪيس نِيڪ ناڪُ دڙڪا ڏِنا هُيا. اِيئن اُها ڳالھ آئِي وَئِي ٿِي وَئِي هئي. هاڻ جو پنجاھ روپيہ کُٽا تہ سيني جو ڌِيان خان محمد ڏانهن وِيو. بابا ڪيس چڱِي موچارِي ڦيهَہ ڪڍي تہ باسِيائِين. گڏوگڏ آئينده لاءِ پنهنجي يا ٻِئي ڪنهن جي چورِي نہ ڪرڻ جو واعدوبہ ڪيائين.

الهبچائي جو قصو ڇيڙيو اٿئون تہ ان جو بہ ذڪر ڪندا هلون. اسان ڇڙي چولي ۾ هلندڙ گينگها ڇوڪرا، جڏهن زوريءَ جهلجي پهريون پيرو اسڪول ۾ پڳاسين تہ هو پنجين درجي ۾ پڙهندو هيو، اسان ڪان الاهي ڏگهوءِ قداور لڳندو هيو. اسان اجان پٽيءَ ۾ الف انب بي بلا پئي ڪئي تہ هو پنجون پاس ڪري انگريزي پڙهڻ لاءِ اسان جي زميندار قيصر خان راڄڙ جي ڳوٺ هليو ويو هيو، جتان روزانو ميرپورخاص وڃي الائي ڪهڙي اسڪول ۾ پڙهندو هيو. اسان جي ڳوٺ مان اهو پهريون ٻار انگريزي پڙهڻ ويو هيو. ٻين ڪي مائرون ئي پرديس تي موڪلڻ لاءِ تيار ڪونہ ٿينديون هيون، هو تہ ڇنيءَ جو ڇورو هيو، ماءُ تي رڳو پيٽ ۾ ڪٽڻ وارن نون مهينن جو بوجھ بٽيو هيو. سا ويچاري ڪيس ڄٽيندي ئي راھ رباني وني وئي هئي. هن ڪي پاليو ڏاڏيءَ هيو تنهنڪري ئي ڏاڏيءَ انگريزي پڙهڻ واري ڳالھ تي راضي ٿي ڪيس شهر موڪلي ڇڏيو هيو. هو منهنجي امڙ جو سوٽاٽي سوٽ ۽ منهنجو مامو هيو.

اسان جڏهن پنجين ۾ پڳاسين تہ هو ڏهين مان ناپاس ٿي حاجي قيصر خان جو ڳوٺ ۽ ميرپورخاص ڇڏي واپس موٽيو هيو. تڏهن پيءُ شادي بہ ڪرائي ڇڏي هيس، ٿورن ئي ڏينهن بعد ڳوٺ بہ راس نہ آيس تہ هڪڙيءَ صبح جو ڏاڏيءَ جا ٻہ ڪُڪُڙ چورائي، پير ٻڏل ڪُڪڙن ڪي ٿوال جي پُنارڪ جيان ڪلهي تي رکي، الائي ڪيڏانهن جي پنڌ ڪي وڍيائين. بس پوءِ ڏينهن گذرندا ويا، هڪڙو وسڪارو ويو، ٻيو وسڪارو ويو، ٽيون وسڪارو بہ ويو پر همراھ جي نہ ڇِني، نہ ڇَپاني نہ خط نہ پَٽُ، نہ ڏس نہ پتو. ڏاڏيسَ بہ ٻہ چار ڏينهن

لڙڪ لاڙيا، ڏاهين ماين ڪان قارون وجهرايون، پيرن فقيرن ڪان پُڇائون ڪرايون، نيٺ رُليو سهسائي، ٻُڌو سهسائي الائي مُئو سهسائي مانڙي ڪري ويهي رهي.

تنهن زماني ۾ هن سموري تر ۾ حاجي احمد بخش ناريجي جي ڳوٺ ۾ هڪڙي پوسٽ آفيس هوندي هئي ۽ اسان رڙهندا رڙهندا جڏهن انين درجي ۾ پهتا هياسين ته مڊل اسڪول ڪانڙيءَ ۾ هڪڙي ڏينهن ٽپالي مونکي هڪڙو خط اچي ڏنو هيو، جنهن جي لفافي تي پوئين پاسي موڪليندڙ جو نالو " لياقت بلوچ، رانگيواڙهہ ڪراچي" لکيل هيو. خط کي کولي جو پڙهيم ته اڙي هي ته مون وارو وڃايل مامو الله بچايو هيو. هن پنهنجي تفصيلي خط ۾ لکيو هيو ته هو ۽ هڪڙو جاٽو ميگهواڙ( جيڪو ڪراچيءَ پهچي مسلمان ٿيو ۽ نالو عزيز شيخ رکايائين) هتان ڀڄي ڪراچيءَ پهتا هيا، هلڪي ڦلڪي مزدوري ڪندا هيا ۽ شام جو انهيءَ مزدوريءَ جي ڪمائيءَ مان فلمون ڏسي، فوٽ پاٿن تي سمهي رهندا هيا. ٿوري وقت بعد ڪيس ڪنهن بحري جهاز تي خلاصيءَ جي نوڪري ملي وئي هئي ۽ هو اوپر پاڪستان ڪان وني برما سميت هندستان جا بہ ڪجهہ بيٺ گهمي آيو هيو. پوءِ اها نوڪري ڇڏي اجڪلهہ ڪراچيءَ جي هڪڙي نٽ بولٽ ناهڻ جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪري ٿو، جتي جي مزدور يونين جو بہ اڳواڻ آهي.

خط ڪٺي اسڪول مان اڏامندو ڳوٺ پهتو هيس، واهہ واهہ ٿي وئي، مڙني ماين توڙي پائين گڏجي ڏاڏيس سميت هُن جي ونيءَ ۽ پيءُ کي هن جي جيئري هجڻ ۽ وري لَڀي پوڻ تي مبارڪون ڏنيون هيون تہ خوشيءَ مان لُڙڪ بہ لاڙيا هيا. ۽ رات جو اسان جي يونگن جي ننڍڙي راڄ مڙي صلاحون ڪيون تہ "هائو ڀيلي همراهہ تہ هٿيڪو آ پر مئي ڪاراڇيءَ ۾ پُڄي ڪير"؟ نيٺ ناني گل حسن ( سندس چاچي) پنهنجي سُلفيءَ ۾ ڊين جي ٻور سان ملايل تماڪ سان پري، تيلي ڏئي، دونهين جون لاٽون ڪيندي اعلان ڪيو" مان خاجا اجمير ( اجمير شريف) تائين اُٺ لَڏيا آهن، ڪاراچي تہ هيءَ پئي آ، سياٽي ئي ٿو وڃي ڪن مان جهلي وني اچانس". وينلن مان ڪِن تہ رڳو دل ئي دل ۾ سوچيو، پر گهڻن تہ چئي ڏنس، " ادا گُلسن!! بچايو تہ هونئن ئي رُليو، پر تون بہ ڪاراڇيءَ ۾ ڪُن جيڏي شهر ۾ رُلي ويندين". پر هو نہ مُڙيو، ٻئي ڏينهن ان جي پَليءَ مان مڻ ڪن ڪٽڪ جو ڪيائي، ڪاڪي رُگهي جي هٿ تي وڪٽي، چار مانيون ۽ ڳڙ جي وڏي ڳنڊ ٽوال جي ڪنڊ ۾ اٽڪائي، ململ جي پٽڪي ۾ ياڙي ڪان وڏيڪ پئسا لليچن ڪان بچائڻ لاءِ ٻڌي، لئيءَ جي وڏي لَٺِ هٿ ۾ ڪٽي ڪراچيءَ هليو ويو هيو ۽ انين ڏينهن الله بچائي سوڌو واپس موٽيو، نہ پر ڪيس اڳ۾ ڪريو آيو هيو.

هن پيري ڳوٺ آيل بچايو ڳوناٺو بچايو نہ پر، هندستاني فلمن جي اداڪارن جهڙو وڏن وارن وارو پتلون پهريل بيل باٽم بچايو هيو. هو دنيا جون ڪجھ ڪندون گهمي موٽيو هيو، زماني جي هوا بہ لڳل هيس. ڏنگايون چڱايون بہ سِڪيل هيو. تہ زماني سازي تہ هونئن ئي در در جي نوڪرن سيڪاري چڙي هيس. پوءِ هن نئون جهان جوڙڻ لاءِ هتي ئي ميرپورخاص ۾ روزيءَ روٽيءَ جي ڳول ڳولان شروع ڪئي، غريب آباد ميرپورخاص جون گهٽيون اڄ بہ انهيءَ ڳالھ جون گواھ آهن تہ هن پنهنجن پيرن تي بيهڻ لاءِ ڪيترا پاپڙ ويليا هيا. ڪڏهن ڪنهن ڊاڪٽر وٽ ڪمپائونڊر تہ ڪڏهن ڪنهن مسافرخاني جو منشي، ڪڏهن اسٽيٽ لائيف ۾ سيلز مين تہ ڪڏهن وري بايو گيس پلانٽ لڳائڻ وارو پر نہ پاڻ پيرن تي بيٺو ۽ نہ سندس روح کي ڪٿي بہ سڪون آيو. رهندو هڪڙي دلگهرئي يار تہ مُئو سمجهي رڻ ۾ تڏهن رُلايس جڏهن هنن جي موٽرسائيڪل جو عمرڪوٽ ويجهو حادثو ٿي پيو هيو ۽ اللهبچائي جون ٻئي ٻانهون ڀڄي پيون هيون. اهو دل گهريو يار، پنهنجو هلڪڙو ڏک سهسائي ڪيس مئل سمجهي، پنهنجي موٽرسائيڪل ڪٽي گم ٿي ويو هيو.

هاڻ دور بہ ڪافي بدلجي ويا هيا، اسان ننڍي پوش وارا ڇوڪرا بہ ڪامريڊ ٿي ويا هياسين ۽ مامي الله بچائي جي بہ اسان جي ڳوٺ اينڊڙ سيني ڪامريڊن سان ياري ٿي وئي، خاص ڪري تاج مريءَ سان تہ مٿو مٿي تي ياري ٿي ويس. انهيءَ زماني ۾ ڳوٺ وارن کي توڙي اوڙي پاڙي وارن کي ڪراچيءَ توڙي حيدرآباد ۾ ڪم پوڻ لڳا تہ سيني جو سونهون الله بچايو هوندو هيو، ڪراچيءَ جي تہ گهٽي گهٽيءَ جو اهڙو واقف هوندو هيو جو ايئن پائنبو هيو تہ مڙس ڪو ڄائو ئي هتي هيو. مون کي جڏهن پهريپن پيرو پي ٽي وي ڪراچيءَ ۾ پروڊيوسر جو انٽرويو ڏيڻو هيو تہ بہ هو منهنجو سونهون ٿي هليو. توڙي ڳوٺ جي سمورن اسان جي ٿهيءَ جي جوانن کي همٿائيندو رهندو هيو تہ " اڙي ابا هتي ڇا رکيو آ ڳوٺ ۾، نڪرو ٻاهر دنيا گهمو، ڏسو، هتي تہ کوھ جا ڏيڏر ٿيا وينا آهيو. "

وچ ۾ وري هڪڙو دور اهڙو بہ آيو جو همراھ جون حاجي قيصر خان جي پُٽ سردار صالح راڄڙ جي دوستيءَ ۾ راڄن سان ياريون ٿي ويون، جن ۾ ڄام معشوق ڪان وٺي جمال شاھ تائين جهڙا امير توڙي وزير بہ شامل هيا، ڪجھ ڏينهن غلام مصطفي جتوئيءَ جي نگران وزير اعظم واري دور ۾ پير آفتاب شاھ جيلانيءَ جي تمام گهڻو ويجهو ٿي ويو، پر جيترو جلدي سندس ويجهو ٿيو هيو اوترو جلدي پري ڀڄي ويو. هو هميشھ صاف سُٿرو رهندو هيو، ڪپڙي لٽي جو انتهائي شوقين هيو ۽ ڊنهل يا گولڊ ليف ڪان گهٽ ڪو سگريٽ بہ ڪونہ پيئندو هيو. هو بلا جو پياڪ بہ هيو، پر پيتي ڪان پوءِ اسان ڪڏهن ڪيس

ٽڙندي ٽابڙندي يا ڪي ڪِن ڪندي نہ ڏنو نہ ٻڌو. هڪڙي پيري سندس والد مرحوم ڪي ڪا ڪل پئي تہ همراهہ خمارن ۾ اوطاق ۾ وَڻيو پيو آهي، سو لٺ تي ٽيڪجي اوطاق تي هليو آيو ۽ پوندو گهروڙي ڏنائينس، پر هيءُ همراهہ مجال جي ڪجھ ڪُڇي، اصل هيٺ ڪنڌ ڪريو وينو رهيو.

وچ ۾ هن ڪي ڪهڙيءَ بہ حالت ۾ آمريڪا ۾ وڃي ڪا نوڪري ڪرڻ جو شوق جاڳيو، ۽ انهيءَ شوق ۾ وري 1988 واريءَ ٻوڏ ۾ رلي ڪلهي تي رکي ڪراچيءَ هليو ويو، پر هن پيري هو اڪيلو ڪونہ هيو ساڻس گڏ حيدرآباد جو مشتاق ٻڙدي بہ هيو، پوءِ بقول سندس ٻنهي ڄڻن ساندهہ بہ ٽي سال گلشن اقبال ۾ رهندڙ هڪڙي سنڌي وڏيري جا ديڳڙا ڌوتا. نتيجي ۾ مشتاق ٻڙديءَ جو لنڊن تائين تہ جڳاڙ ٿي ويو پر مامو بچايو ويزا ملڻ ڪان رهجي ويو. ۽ مشتاق بہ لنڊن تہ پهتو پر اڳتي آمريڪا جي پاڙي ۾ جهڙوڪر ٻَڌل هيو، تہ هن همراهہ پنهنجِيءَ ٻنيءَ جا چار ٻارا زرعي بينڪ ۾ گروي رکي، گهر جا زيور وڪڻي ڪيس پاڙو ڪري ڏنو. موٽ ۾ مشتاق ساڻس الائي ڪيترو نڀايو پر اهو سو ضرور ٿيو جو هُن پنهنجي والد مرحوم وڪئي ٻڙديءَ سان گڏ هن يار ڪي بہ ملائيشيا، سنگاپور ۽ ٿائليند گهمايو، پر ايئن گهمايو جو پنهنجو بينڪ جو اي ٽي ايم موڪلي ڏنائين تہ جيڪو وڻي سو خرچ ڪندا وڃو.

نيٺ هڪڙو ڦيرو اهڙو آيو جو الله بچائي، اوچتو ئي اوچتو وڃي مسيت وسائي ۽ پوءِ حياتيءَ جا باقي ڏهاڪو ڪن سال دنيا جهان ڪان ڪنارهہ ڪش ٿي صفا مسيت جو ئي ٿي ويو. ٽور ڳالهائو تہ هونئن ئي هيو، مولوي ٿيڻ ڪان پوءِ تہ مورڳهين ڪي بہ چار اکر وات مان ڪڍندو هيو تہ واهہ نہ تہ ٿيو خير. باقي ڪا ڳالهہ دل سان لڳندي هيس تہ رڳو مسڪرائيندو هيو. جوانيءَ ۾ ڪنهن زماني ۾ اداڪاريءَ ۽ ڳائڻ جو شوق هوندو هيس ۽ مڪيش جا غزل ڏاڍي پرسوز انداز ۾ ڳائي پاڻ بہ روئي ڏيندو هيو تہ وينلن ڪي بہ روئاڙي ڇڏيندو هيو، تنهنڪري آخري وقت ۾لائوڊ تي اذان بلڪل انهيءَ انداز ۾ ڏيندو هيو جنهن ۾ جوانيءَ ۾ ڳائيندو هيو. تہ سندس جواني ياد ڪري هرڪنهن ڪان ٽڌو شوڪارو نڪري ويندو هيو. آخري وقت ۾ سونهاري اهڙي تہ سهڻي لڳندي هيس جو عام ماڻهو ۽ اڻواقف بہ کيس ڪوئي درويش، بزرگ ۽ زندهہ ولي سمجهي هرويرو بہ پيرن تي ڪري پوندا هيس. مرحوم سموري ڄمار آمريڪا وڃڻ جي خواهش دل ۾ سانڍي نيٺ جڏهن دنيا جهان ڪان لاتعلق ٿيو ۽ مسيت سڳوري وسايائين، تڏهن بہ پنهنجن ٻنهي پُٽن ڪي همٿائيندو رهيو تہ ٻيلي ٻاهر نڪرو، دنيا ڏسو، گهمو ڦرو، ۽ پوءِ ڪين ڪراچيءَ موڪلي ڇڏيائين. ۽ هڪڙو

تہ رڙهندو رڙهندو اڳتي نڪتو ۽ وڃي سعودي عرب جا وڻ وسايائين، پر سو بہ تڏهن جڏهن مرحوم پاڻ هيءُ جهان ڇڏي ويو. باقي بيو پيءُ جي جهان ڇڏڻ بعد وري واپس موٽي اچي گهر ويهي رهيو. حياتيءَ جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ پڇندا هياسونس تہ "ماما تنهنجيون وڏن وڏن ماڻهن سان هيڏيون ياريون دوستيون هيون، پر ڪوئي لڙي بہ ڪونہ ٿو اچئي طبيعت پُڇڻ. تہ چوندو هيو " ابا انهيءَ ڳالهہ ۾ اوهان ڪامريڊ سچا آهيو تہ واقعي هن معاشري ۾ طبقاتي فرق آهي ۽ وڏيري، ننڍيري جي دوستي هلڻ يا نباهڻ ناممڪن آهي". ۽ پوءِ سندس ڳالهايون ڪير جهڙيون اجريون نڪتيون" هن جي لاڏاٽي تي ڪو بہ وڏو ماڻهو لڙي ڪونہ آيو، شايد هن جي ياريءَ وارا سپ سياسي ماڻهو هيا تنهنڪري ڪونہ آيا هوندا. يا ڪين هڪڙو ووٽ وٺي وري اليڪشن ۾ بيهڻو ڪونہ هوندو تڏهن ڪونہ آيا هوندا.

ڳالهہ پئي ڪئي سين عيد جي ڪپڙن ۽ جاري ۾ لڪايل پئسن جي چوري ٿيڻ جي. سو ڪپڙن تان ياد آيُم تہ اُن زماني ۾ اسان جي عورتن جا ڪپڙا درزيءَ وٽ سِبجَڻ لاءِ ڪونہ ويندا هُيا. زالاڻو ڪپڙو درزيءَ وٽ وڃڻ وڏو عيب سمجهبو هيو. غيرت جو سوال ٿي پوندو هيو جيڪر ڪوئي زالاڻو ڪپڙو درزيءَ ڪان سبرائيندو هيو تہ سيڪو ڪيس ڦٽ لعنت ڪندي جام سِنيندو هيو. غربت جي ڪري گهرن ۾ سِلائيءَ جُون مَشينُون بہ ڪونہ هُونديون هُيون. سيني ماين کي ڪا وَڏِڙي ڪپڙا ڪَٽِي ڪوري ڏيندي هُئي، پوءِ هر ڪا مائِي سُئيءَ سَڳي سان پنهنجا ڪپڙا پاڻ سِبندي هُئي. تن ڏينهين اسان ٻروچن ۾ مائين جي حلواڻ جي ڳاڙهن گهگهن پهرڻ جورواج هُيو. تن لاءِ واندڪائيءَ ۾ مايُون پاڻ پرت پري ٽَڪا ناهينديون هُيون. گربِيءَ جي سُٽڻ ۽ حلواڻ جوگهگهو، تِنِ والِنِ جي پوتيءَ سان زَنانو ٻَروچڪو ويس هُيو. سو انهن ڪپڙن سبڻ واريءَ ڳالهہ تان ڪاڪو پوڄو ياد آيو اٿم تنهن جو ذڪر بہ ٻُڌندا هلو. تنهن زماني ۾ اجوڪي ڪار ڪونہ هئي تہ پڙهجي رڳو نوڪريءَ لاءِ، تڏهن نوڪريءَ کي ڪو سنو ڪم ڪونہ سمجهيو ويندو هيو ۽ هڪڙي مشهور چوڻي هوندي هئي، " نيچ نوڪري، وڏندڙ واپار ۽ اتم ڪيتي". سو پڙهبورڳو انهيءَ لاءِ هيو تہ ڪجهہ پِرائجي ۽ نہ ئي ڪي اُٺ ڪتابن جا پڙهي وڃي سرڪار جو نوڪر ٿجي. چوندا هيا تہ ڪيتيءَ سر سيتيءِ ڪان سواءِ ماڻهوءَ کي ڪونہ ڪو هنر بہ پيٽ ۾ هجي. ۽ جيڪر ڪيتيءَ ۾ ڪو ڏڪار ٻُڪار پئي، وارا ڄمارا ٿين، سدائين مٿُ ماتيءَ تي هوندو آ ۽ جيڪرڪڏهن ماتي ڦري مٿ تي ٿئي، تہ ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ ڪونہ ڪو هنر هوندو تہ بُک ڪونہ مرندو. انهيءَ ڳالهہ کي اک ۾ رکندي ابي امان بہ رٿيو تہ اميري کي بہ ڪونہ ڪو هنر سکڻ گهرجي، جنهن لاءِ هٽي ماري وڃي صلاح بيٺن تہ درزڪو ڪم سکڻ گهرجيم.

ڇو جو ابي امان جي ناناڻن واري پاسي، ٻڇيريءَ جي شهر ۾ پيارو نالي ڪوئي عزيز درزي ٻڻجي روزانو ڪجهه نہ ڪجهه پئسا ڪمائي ايندو هيو. تن ڏينهين اڃان پنجين ڪتاب ۾ پڙهندو هيس جڏهن اهي صلاحون پئي هليون.

اسان جي ڳوٺ جي ميگهواڙن جي هڪڙي اوطاق هوندي هئي، جنهن ڪي هو ڏُڪڻ چوندا هيا، تنهن ۾ هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ڪاڪو يارو موچڪو ڪم پيو ڪندو هيو تہ وري ٻيءَ ڪنڊ ۾ ڪاڪو يوڄو سلائيءَ جي مشين رکي سموري ڳوٺ وارن جا ڪپڙا پيو سبندو هيو. ڪاڪي ياروءَ جو تہ ڳوٺ جي سمورن گهرن سان آهت رکيل هيو جيڪي سڀ جا سڀ ٻني ٻاري سان جي ڪرت سان هيا. آهت جي رواج موجب هو آهتيءَ گهر جي هرهڪ گهر ياتيءَ کي سال ۾ هڪڙي ڪُرم جي جتي ناهي ڏيندو هيو ۽ باقي سمورو سال انهن جي ڦاٽل جُتين جي ڳنڍ ٽوپ ۽ جنڊا ٻڌڻ جو ڪم ڪري ڏيندو هيو ۽ موٺ ۾ ڪٽڪ جي ڪري لٽي کيس گهر ڏِنَ ڪٽڪ جي ٻوري ملندي هئي. باقي يوڄي درزيءَ لاءِ ذهن تي گهڻو ئي زور ڏنو اٿم پر ياد ئي ڪونہ ٿو اچيم تہ انهيءَ جو کهڙو حساب ڪتاب هوندو هيو.

خير قصو ڪوتاهہ ابي امان جي صلاح بيني تہ مونکي اسڪول مان واندي ٿيڻ بعد يوڄي درزيءَ وٽ ڇڏيو وڃي تہ جيئن آئون پڙهڻ سان گڏوگڏ درزڪو ڪم سکي وٺان. ڪاڪي يوڄي لاءِ ٻُڌائيندو هلان تہ هو مينگهواڙن جي ٻوچيا نُک جو هيو، اصل ٿر جي ڳوٺ روهيراڙي جو هيو ۽ هتي جي جوڳو مينگهواڙن مان پرڻيو هيو. الائي ڪهڙي سال ٿر ۾ آيل ڪنهن ڪاري ڏُڪار ۾ لڏو ڪٽي اچي هتي ساهرن ۾ ڪکڙا اڏي وينو هيو. هندن جي ريت مطابق ڳوٺ ۾ ڄاول نينگري سموري ڳوٺ جي نياڻي” گان رِي ڏيکري“ سڏبي هئي ۽انهيءَ جو مڙس وري سموري” گانءَ جو جُنائين“ ( ڳوٺ جو نياڻو ) سڏبو هيو. سو ڳوٺ جي جنائينءَ لاءِ اهو لازمي هوندو هيو تہ هو هميشهہ مٿي تي پٽڪو ٻڌي ۽ ”رهاڻ“ يعني ڪچهريءَ ۾ وري پٽ تي وڇايل رليءَ تي ويهي. ڪاڪو يوڄو جيئن تہ ڳوٺ جو جُنائين هيو، سو بہ اها ريت پارڻ لاءِ انهيءَ تي عمل ڪندوو هيو سدائين ململ جو پٽڪو ٻڌندو هيو، سواءِ ڪنهن مرڻي جي اسان کيس سدائين ململ جو پٽڪو ٻڌل ڏٺو، باقي ڳوٺ ۾ ڪنهن مرڻي جي موقعي تي هو پٽڪو ڇڏي ٽوال ۽ مٿي تي ٻڌندو هيو. پر درزي هجڻ جي ڪري يانيان ٿو کيس اڻ اعلانيل اجازت مليل هئي تہ هو ڪاٺ واريءَ ڪُرسيءَ تي ويهي يلي مشين هلائي.

سو هڪڙي ڏينهن بابو مونکي ڪاڪي يوڄي وٽ درزڪو ڪم سکڻ لاءِ ڇڏي ويو. باقي ڳالهيون مهاڙيون يانءِ اڳ۾ ئي ڪيل هيس. هن پهريان ئي مونکي سُئيءَ سان ڪاڄ ٻڌڻ

جو ڪم ڏنو، ٻن ٽن ڏينهن بعد ٻڌڻ ٽاڪڻ سيکاريائين. ۽ پوءِ سُٿڻن جي پائنچن تي سُئيءَ سان ڪنڊڙو هڻڻ سيکاريائين. تڏهن ماٺهن ۾ سُٿڻ جي پائنچي تي هٿ جي ڪنڊڙي جو وڏو شوق هوندو هيو. ايئن هوريان هوريان ٻهريائين شلوارن جو ڪوريل ڪپڙو سبڻ لاءِ ڏنائين، اها ٻه الڳ ڳالھ آهي تہ شروع شروع ۾ الائي ڪيترين سُٿڻن جا ابداٺا اُبتا سبيم تہ وري الائي ڪيترين جون لانگون ڦيرائي ڇڏيم. جيڪي وري ڪاڪي پوڄي کي ٽاڪا اُڌيڙي نئين سنئين سبٽيون پيون هيون. مونکي سيکارڻ دوران ابتا ٽوپا اچڻ ۽ اڌيڙي نئين سر ٽوپو هڻڻ جي ڇئوٽيءَ هلاڪيءَ دوران هن کي ڪڏهن بہ ڪا ڪاوڙ ڪونہ ايندي هئي. پر رڳو سندس وات مان نڪرندو هيو" هاءِ رام" يا " هاءِ مانهجا راميا" يا ٻنهي گهٽو ڪم خراب ڪندو هيس تہ چوندو هيو " اي مِنيا پڳوان تانهنجي پلي ڪري اين ڪوني اون ٽانڪو هڻ" ( اي نِنڍڙا خدا تنهنجو پلو ڪري هينئن نہ پر هونئن ٽانڪو هڻ).

درزڪو ڪم سکڻ ۾ مون کي ڇھ مهينا ڪن لڳي ويا هيا، ۽ انهن ڇهن مهينن ۾ ڪاڪو پوڄو مونکي رڳو درزڪو ڪم ڪونہ سيکاريندو هيو، پر هو پنهنجي تجربن جي آڌار تي جيئڻ جا جملي گُن بہ سيکاريندو رهندو هيو. ڪپڙن سبڻ واري مشين جو هلڪو آواز هلندو رهندو هيو، ڪاڪي پوڄي ٻئي هٿ ڪوريل ڪپڙي جي ٽاڪڄڻ تي هوندا هيا تہ اکيون بہ انهيءَ جي سڌائيءَ ۽ صفائيءَ تي ڪتل هونديون هيون، پير سائيڪل جيان مشين جي وڏي ڦيٿي کي ڦيرائيندا رهندا هيا ۽ زبان جهيٽن لفظن سان نصيحتن ڀريا لفظ اچاريندي رهندي هئي. " ڏيڪرا اي ڪل جڳ اهي، اِٽ جهڙا پَگ پرسو، پڳوان اوهان نان اُوئي رو اُتو پرسو ڏيسي" ( پُٽ هي ڪل جُڳ آهي هتي جهڙا پير پريندئو خدا اوهان کي انهيءَ جو اوترو ئي سِلو ڏيندو). ۽ ٻيا بہ انيڪ نصيحتن ڀريا گُن ۽ گفتا، نياز ۽ نوڙت، هٿ جوڙي، صبر ۽ برداشت جهڙا مثال مون اسڪولن ۾ استادن وٽان اوترا ڪونہ سکيا جيترا ڇهن مهينن ۾ درزڪي ڪم سکڻ دوران ڪاڪي پوڄي وٽان سِکيا.

وقت گذرندو ويو وقت جي ويرن ۾ لڙهندي اسان واري ٿهي بہ ڪٽو ڪٽو ٿيندي ڪيڏانهن ڪان ڪيڏانهن هلي وئي ۽ ڪاڪو پوڄو صفا جهور پوڙهو ٿي ڪم ڪار کان ويهي ويو. ڳوٺ ۾ ڪپڙي لٽي پهرڻ جون تبديليون اچڻ شروع ٿيون، پٽڪي جي جاءِ ٽوپيءَ ورتي ۽ پوءِ انهيءَ جي جاءِ آڏيءَ سينڊ ورتي، لانگوٽي جي جاءِ سُٿڻ ورتي ۽ هوريان هوريان پتلون اچڻ شروع ڪيو. پر ڪاڪي پوڄي نہ پٽڪو ڇڏيو نہ لانگوٽو. ڳوٺ جي گهٽن ماٺهن جي اٿڻين ويهڻين ۾ توڙي ريتن رسمن ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ بہ هوريان هوريان اهڙيون

تبديليون اچڻ شروع ٿيون جو نندي پوش" ڳِٽ مِٽ ڳِٽ مِٽ ۽ تيريون ميريون " ڪرڻ شروع ٿي پر ڪاڪي پوڄي پنهنجي اباڻي ڏاتڪي ٻولي نہ ڇڏي سا نہ ڇڏي.
سندس حياتيءَ جي پڇاڙن ورهين ۾ ڳوٺ جي ٻن جاين تي پوڙهن ۽ ڪم ڪار کان واندن ڏوڪرن پنهنجي ڪچهريءَ ڪرڻ جا ٻہ نڪاڻا پاڻ هرتا ناهيا هيا. سياري ۾ الياس ڪنير جي دڪان آڏو لوڙهي کي پُٺ ڏئي، پَٽ تي وينا سج جي تپش تي پاڻ سيڪيندا هيا تہ اونهاري ۾ وري هرجيءَ جي چَڪيءَ جي آڏو بينل ٻبر جي هينان پٽ تي ويهي، گوڏن ۾ ٿوالن جون ڪانيون ٻڌيو، پنهنجي گذريل زمانن جي يادن کي ساري ٽٽا شوڪارا ڀريندا ۽ اوراڙ پراڙ جا احوال ڪندا هيا. انهن قصن جي بسم الله الياس ڪنيار ۽ ڪنگهار ميگهواڙ کان ٿيندي هئي جيڪي خبرن جي حوالي سان ڳوٺ جي بي بي سيءَ طور اڄ بہ مشهور آهن. ڪاڪو پوڄو بہ انهن ڪچهرين ۾ شريڪ هوندو هيو. پر هنن جي عجيب ۽ انوکن احوالن تي ڪوئي تبصرو ڪرڻ بجاءِ سندس وات مان پهريائين مان سرد شوڪارو نڪرندو هيو، پوءِ پنهنجي سڙيل ڪاٻي هٿ جي اشهد آڱر نڪ تي گسندي هئي ۽ چپن مان نڪرندو هيو" هاءِ ڀڳوان يا هاءِ رام" يا ڪڏهن ڪڏهن الياس ڪنير کان سِکيل اکر " توبهہ توبهہ ۽ اي مانهنجا خدا" اچاري خاموش ٿي ويندو هيو. اها هئي منهنجي درزڪي ڪم جي استاد ڪاڪي پوڄي جي زندگي، جيڪو پنهنجيءَ پوريءَ ڄمار ۾ نہ ڪنهن جي ٻن ۾ آيو تہ نہ ٻارهن ۾. جيتوڻيڪ زماني هن جا ٻہ توڙي ٻارهن ٻگاڙي پُٽن ۾ وڏا ڦيتهڙا وڌا، پر هن اشراف وسين لڳين ڪڏهن ڪنهن سان ڪڙو ڪونہ ٻوليو. ۽ عزت سان پنهنجو وارو وڃائي ويو.

مارچ 1970 ڏاري ڳوٺ جي اسڪول مان پنجون درجو پاسِ ڪري، ڇهين درجي لاءِ گورنمينٽ مڊل اسڪول ڪانڙي وڃڻ جي تيارِي ڪيم. خان محمد، مون کان اڳُ ۾ ئي ڪانڙيءَ وڃِي چُڪو هُيو. هُو سائين گل حسن جروار جي گهر ۾رهندوهُيو، هوڏانهن اڄڪلهہ جو پي آئي ڊي ڪراچيءَ وارواخبارن جي اي بي سي ڪرڻ وارو جيرام داس وري ٽنڊو جان محمد هاءِ اِسڪول ۾ پڙهڻ وينو ۽ اتي جِي هاسٽل ۾ رهندو هيوءِ مرحيات الهبچايو، قيصر خان راڄڙ جي بنگلي تي رَهِي ميرپورخاص ۾پڙهندو هُيو. مُنهنجي ۽ پرتاب ميگهواڙجي ڪانڙي وڃڻ بعد، انهيءَ سانگي سان، خان محمد بہ اسان سان گڏ ڳوٺ اچَڻُ شروع ڪيو هيو. تڏهِن ٻارهين ميلَ جي شهر( جتي هينئر سنڌڙي تعلقي جو هيڊڪوارٽر آهي) جو ڪو وُجُود ئي ڪونہ هُيو. چئوطرف گهاٽوجهنگ هوندو هُيو. چئو

طرف وڏيون وڏيون ديويون هونديون هيون، سامهون الهندي پاسي کان پنگو خاصخيليءَ جي ڳوٺ واري رستي سان چٽوڙيءَ جي قبرستان کان اڳيان پينگهاري جي ڊِبَ هوندي هئي، جنهن ۾ بگهڙن توڙي ٻين خطرناڪ جانورن جي هجڻ بابت بہ خبرون ٻُڌندا هياسين ۽ ٿورڙو پريان وري لَڪيءَ وارا چشما بہ هوندا هيا، جتي جي گندرف گاڏڙ پاڻيءَ ۾ وهنجڻ وارن جي خارش جي بيماري ختم ٿي ويندي هئي. اهي ٻيئي شيون هاڻي ايئرپورٽ جي نهڻ بعد پنهنجو وجود وڃائي وينيون آهن. ٻارهين ميل جي موجوده پيٽرول پمپ ۽ مسجد جي وچ وٽان، اوپر طرف ديوين جي گهاٽي جهنگ مان هڪڙو پيچرو هوندو هيو، ٿورڙو هلڻ سان ئي راڻي پِيل جو گهرُ ايندو هيو ۽ اهو پيچرو ان گهر جي پاسي مان اوپر طرف گذرندو هُيو.

ان زماني ۾ اسان جي ڳوٺ مان شهر بحر نڪرڻ جي واٽ نظام الدين مهاجَر جي گهر وٽان ٿيندِي، دوسي جي پٽڙيءَ ذريعي هلي، دوسي تي رڪيل ڪانيءَ تان اُڪري محمد خان جوٽيجي جي فارم تائِين هُوندِي هُئي. گهڻو پوءِ جڏهن دودي ڪانهيي جي ڳوٺَ ۾ ڪِتِ پِتِ ٿي تہ حاجي محرم ڪانهئي، پنهنجو موجوده الڳ ڳوٺُ ٻَڌائي، ڪَچي رَستِي ٺَهرائِي هئي. تڏهِن رمضان ڪانهيي ٻارهين ميل جي اولهندين پاسي جو جهنگُ وَڍِي، لاهَ ڪَڍِي، ڪَکائِين لانڍِي ناهي، هوٽَلُ کڊيو هيو، هوٽل بہ چا هيو، لانڍيءَ ۾ هڪڙو فوٽ ڏيڍِ جو ويڪرو ٿلهو ناهي ان جي مٿان تڏا وڇائي چڏيا هيائين، ۽ ٻن آنن ۾ چانهہ جو ڪوپ پيارڻ لَڳو هيو. تڏهن ايڪڙ ٻيڪڙ واندي خلق سندس هوٽل تي اچي ويهندي هئي. ۽ چانهہ جو ڪوپ پي پٽن جي راند جا سٽڪا پئي ڪندي هئي. تن ڏينهين هڪڙو تہ هوٽلن جو رواج ڪونہ هيو ۽ جي هيو تہ بہ عام طور تي هوٽلن تي ويهڻ کي عيب سمجهبو هيو، ۽ هوٽلن تي کير وڪڻڻ کي تہ مورڳهين وڏو گناه سمجهيو ويندو هيو، ماڻهو چوندا هيا تہ ابا کِير پِير آهي، تنهن کي ڪو نياڳو ئي وڪڻندو. کُجهہ وقتَ بعد مرحوم جانِبُ خاصخيلي بہ اچي رمضان ڪانهئي سان سلهڙيو هيو، سو وري انهيءَ هوٽل جي ٻاهران، ٻَبُرَ جِي ڇانوَ ۾، هتڙادو ناهيل رنگين شربتن جا ڊِگها شِيشا رکِي وڏا هوڪا ڏئِي ايندن ويندن کي پِيو بنان برف جي ٽڌو شربت پيارِيندو هُيو. ۽ بہ چار آنا روز ڪمائي خوش ٿي، هرڪنهن سان پيو ڊاڙا نڪاو هڻندو هيو.

قِصو هُيو منهنجي ڇهين درجي ۾ مڊل اِسڪولَ ڪانڙيءَ ۾ داخلا جو، خان محمد ڪانڙيءَ جو سُونهُون هُجي، اسان ( مون ۽ پرتاب ) لاءِ تہ ڪانڙي بنهي نئون جهان هيو، ۽ مون تہ عمر ۾پهريون ڀيرو بابا ۽ امان کان سواءِ گهر کان ٻاهر پير رکيو هيوءِ لاريءَ ۾ بہ

اڪيلوپهريون پيرو چَڙهيو هيس. جنهن ڪري انهيءَ ڏينهن ڏاڍو ڏپ پئي ٿيم، تہ ڪٿي لاريءَ مان ڪِري نہ پوان يا ورندي مهل مورڳهين لاريءَ جيڪڏهن بيهي ئي نہ تہ گهر ڪيئن پُڄان يا وري مُورڳو گهر پُڄڻ کان اڳ۾ ئي پُلجي نہ پوان. پرائمري اسڪول جي ڪچيءَ ڪونيءَ ۾ پنج سال پڙهي جڏهن ڪانڊيءَ جي اسڪول ۾ پهريون قدم رکيو هيم تہ ڪانڊيءَ جي مدل اسڪول جِي پَڪِي ۽ سُهڻِي بلڊنگ، چئوديواري، پارڪُون، گُل، ٻُوٽا، وَڏا وَڏا وَڻ، تَلاءُ ۽ بينچن بَجاءِ ڊيسڪون ڏِسي دل ڏاڍِي خوش ٿي هئي، پر جيڪر ايئن چوان تہ هيانءُ ئي نري پيو هيو تہ انهيءَ ۾ بہ ڪو وڌاءُ ڪونہ ٿيندو. اسڪول ۾داخلا ٿي تہ تلاءَ جي سامهُون ورڪشاپ جي ڪمري جي ڪلاسَ ۾ ڇهون ڪلاس پڙهڻ شروع ڪَيوسِين. هن اسڪول ۾ سڀ وَڻَ وَڻَ جِي ڪانِي هُجون. جيتوڻيڪ سڀ پر پاسي وارن ڳوٺن جا هياسون پر پوءِ بہ اهي ڳوٺ اسان ٻارن لاءِ وڏيءَ ڏِسِ تي هجن. انگريزي جو پهريون ڪلاس ٽيچرُ مرحوم علي اڪبر جروارهُيو. مرحُوم خُوبروجوان هُيو، ڪانڊيءَ جي ئي هڪڙي معزز استاد ۽ خوشحال ماڻهوءَ حاجي پير بخش جروار جو پُٽ هيو. مرحوم علي اڪبر آڏِي سِينڌ ٺِڪتل وارنِ ۾ تمام گهڻو تيل هَڻندو هُيو، زِبانَ ۾ اَٽڪ هُوندي هُيَسِ، ڳالهائِيندي مُنجهندو هُيو. پر انگريزيءَ تي چڱي موچاري دسترس هوندي هيس. جيئن سندس والد مرحوم حاجي پيربخش کي سنڌي گرامر تي عُبور هيو، تيئن سائين علي اڪبر کي انگريزي گرامر تي عُبور هوندو هيو. اسان جي انگريزي صحيح معني ۾ مدل اسڪول ۾ ئي ڪجهہ نہ ڪجهہ جُڙي نہ تہ اڳتي هلي، لالا مال خلاص ٿي ويو هيو. جيڪي قصا اڳتي ڪنداسون.

تنهن زماني ۾اسڪول وڃڻ لاءِ اسين پنڌ ئي پنڌ ڳوٺان نِڪرِي دوسي جِي پٽڙيءَ جي ڏُسڙ تان هَلندا، پر جي چئون تہ ڏُسڙ جهاڳيندا، حاجي دودي ڪانهيي جي ڳوٺَ جي سامهُون دوسي تي رَڪِيل ڪانِي اُڪِري، محمد خان جوڻيجي جي فارم تان بَسِ ۾ چڙهندا هُياسين. رستي ۾ دوسي جي پَٽڙيءَ تي گهاٽن ڪَبڙنِ جو هڪڙو جُهڳٽوهوندو هُيو، جيڪو اجان بہ ساڳيءَ حالت ۾ موجود آهي، جنهن کي ٺنڍِڙو لوڙهوڏِنلُ هوندو هُيو. حاجي دودي جي ڳوٺ جا ڪانِهيا، پنهنجي فوت ٿِيَل معصوم ٻارڙن کي اُتي دَفنُ ڪندا هُيا. اُنهيءَ جاءِ کي هو حيدرشاهہ چوندا هُيا. مون کي اُتان ايندي ويندي ڏاڍو ڊِڄُ ٿيندو هُيو. ڪوشِشِ ڪري اُتان لنگهڻ وقت سَيِنِي جي اڳِيان اڳِيان ۽ تِڪو تِڪو هلندو هُيس. جڏهن انهيءَ ڪبڙن جي جُهڳٽي کان گهڻو اڳتي مَٿي ويندا هياسين تڏهن وڃي ساهہ ۾ ساهہ پوندو هيو. ڪُجهہ وقت بعد وري ٻيو ڏچو پيدا ٿيو جو جوڻيجي فارمَ جو رَهاڪوُ چوڪو پِيل دُڪاندارچريو ٿِي اِيندَنِ

وِيندَنِ ڪي پِتَرهڻ لڳو هيو، پوءِ تہ اسان لاءِ نسورو ئي ويل تي پيو هيو، هڪ بہ پيرا پتر لڳا تہ پڇي جان ڇڏائي سون، نيٺ اسان ڏپ ۾ اُتان اچڻ وڃڻ ئي ڇڏيو ۽ پوءِ سِڌا دوسي جي پنڙي ونڃي وڃي پڪي روڊ جِي موريءَ تان روڊ تي چڙهِي، لاريءَ ۾ ويهندا هُياسين. جيڪو پنڌُ ڳوٺ کان لڳ ڀڳ چار ڪلوميٽر هوندوهُيو، صبح جو تہ ٽڌ جي پهر ۾ پنڌ جي پرواهہ ڪونہ هوندي هئي، پر شام جو واپس ورندي مهل بُکَ جا سَتايَل ڪتابن جون هَڙُون ڪڇِي، ساڳيو چار ڪلو ميٽر جو پنڌ ڪندي ڳوٺِ پُڄندي پُڄندي هڄُ تي پوندا هُياسين. امتحانن جي ڏينهن ۾ اسٽاپ تي بيهي، بسن جو انتظار ڪرڻ بجاءِ دوسي تان روڊ تي چڙهي پنڌ ئي پنڌ ڪانڙي هليا ويندا هياسين. انهيءَ خيال سان تہ جيڪڏهن بس خراب هجي ۽ ٽائيم تي نہ اچي تہ اسان جو پيپر رهجي ويندو. اڄ جڏهن پنهنجي ئي اولاد کي اهو پنڌ موٽرن ۾ ويهي ڏيکاري چئون ٿا تہ اسان هينئن بہ پنڌ ڪري ايندا هياسين تہ اها ڳالهہ سندن ڏُول ۾ ئي ڪونہ ٿي ويهي ۽ هنن لاءِ ناقابل يقين ٿي هجي.

مڊل اسڪول ڪانڙيءَ جي هيڊ ماستر سائين نور محمد ناريجي جي حشمت ڪان، شاگرد تہ ڇا پر اُستاد بہ لَهرائيندا هُيا. مرحوم جي چيلهہ ڪُٻِي هئي، نيٺ جي لڪُڻ تي ٽيڪَ ڏئي هلندو هُيو. خاص ڪري انين درجي کي انگريزِي پڙهائيندو هُيو. ۽ گهڻو ڪري ڪلاس روم بجاءِ اسڪول جي اڳيان بينل جهنگ جليبيءَ جي وڻ هيٺان پڙهائيندو هيو. سندس پڙهائيءَ کي ياد ڪري، اڄان بينل جهنگ جليبيءَ جي وڻ کي ڏسي اڄ بہ اکيون آليون ٿيو ٿيون وڃن. بيو تہ نهيو پر ڪلئي ميدان ۾ ايئن پڙهائيندو هيو ڄاڻ ڪا فلم هلندي هجي. حرام جو ڪو ٻار هيڏانهن هوڏانهن لوڏو هڻي، پلي تہ پاسن ۾ ڪو بينو دُهل ڏماچا وڄائي. مرحوم الهہ بخش پِتِي، جنهن کي ماتا جا سينورا مُنهن تي هوندا هيا، سنهڙو سيپڪڙو هوندو هيو، سو ٽنڊي الهيار جو رهاڪو هوندو هيو، اتي ئي ڪانڙيءَ ۾ ڪنهن وٽ رهندو هيو، سو خاص ڪري سيني ڪلاسن کي انگريزي گرامر پڙهائيندو هيو. پڙهائڻ وقت ايئن لڳندو هيو ڄاڻ انگريزي گرامر جو ڪو طوفان اُٿندو هجي، حرام جي ڪا هبڪ هجيس، حرام جو گهڙيءَ ڪن لاءِ ئي ڪنهن ڪتاب مان سهارو وٺي، پوءِ ڪجهہ اسان ٻارن کي ٻُڌائي. اصل ايئن سمجهبو هيو تہ گرامر جا جملي ڪتاب ۽ جملي بيهڪون، جملي نشانيون۽ جملي زمان سندس اندر مان اُدما ڏئي پيا نڪرن. گهڻو پوءِ ساڳئي اسڪول مان ئي ڪنهن اوڙي پاڙي جي نياڳي يار مان سائينءَ کي يَنگ پيئڻ جي عِلت پيدا ٿي، ايئن ٿيندي ٿيندي فقيري رنگ ۾ هليو ويو، نيٺ هڪڙو ڏينهن اهڙو بہ آيو جو نوڪري ڇڏي ٽنڊي الهيار ۾ ڪنهن صوفي بزرگ جي درگاهہ وڃي وسايائين، ۽ پوءِ الائي ڪيترا سال

اڙيال سنڌين ڪي مفت ۾ ڏاڍا ڦيٽا ڪندو ۽ ڏيندو رهيو. سائين الله بخش پانئيان ٿو تہ هاڻ هن جهان ۾ ناهي رهيو.

۽ اسان جو پرائمريءَ جو سائين محمد حيات جروار، جيڪو پرائمريءَ جو استاد هوندي بہ ساڳئي اسڪول ۾ ڊيپوٽيشن تي پڙهائيندو هيو، سو تہ اسان سيني شاگردن کي پُٽن جيان پيار ڪندو هيو. خاص ڪري اسان لاءِ تہ چپر ۽ ڇانوَ هيو، هڪڙو تہ هو اسان جي ڳوٺ ۾ ماستر رهي ويو هيو ۽ بقول سندس تہ منهنجي پيٽ ۾ اوهان جي مائٽن جا ڪارايل اَپرا سَيرا ٽُڪر اجان ڳريا ئي ڪونهن. ګڏوګڏ ماما رمضان سان لوهان لوه ياري بہ هوندي هيس. ان ڪري بہ اسان بنان روڪ ٽوڪ ۽ جهل پل جي سندس گهر هليا ويندا هياسين، سندس گهرواري ۽ والده اسان لاءِ امان ۽ ڏاڏيءَ برابر هونديون هيون، ۽ پائينديون بہ اوترو ئي هيون.

انهيءَ سالِ 1970 وارا ووٽ ٿيا هُيا، تڏهن مون کي حڪومتُن، ووٽن ۽ سياست جي سُڌِ ٻُڌِ ڪونہ هُئي، رُڳومُون کي نہ پر مُون جيڏن سيني جو ساڳيو حال هُيو. ڪڏهنِ ڪڏهنِ ووٽن لاءِ ايندڙ وڏيرن جي جيپُن جو جلوس، ڌُوڙِ اُڏائيندو، اچي رُڳهي مل جي اوطاق ۾ وارِد ٿيندو هُيو. ڪير ڪهڙيءَ پارٽيءَ جو آهيءِ ڪير ڪنهن جو ساٿي آهي. اَسان ٻارن کي اها سُڌِ ئي ڪونہ هُوندي هُئي. پوءِ هڪڙي پيري الائي ڪِٿان، ڪنهن هِڪَ جيڏي جي وات مان جيئي پٽو جو اکر نِڪتو، پوءِ تہ اصل رونشو ٿِي پِيو، اِيندڙ وِيندڙ جيپن اڳيان ڌوڙ اُڏائي جيئي پٽو جا اُبَ ڏاريندڙ نعرا هڻندا هُياسين. اها خبر ئي ڪونہ هوندي هُئي تہ پُٽو ڇا آهي ۽ پٽو ڪيرُ آهي؟ بَس جيئي پٽو جي ڌُومر هُوندي هُئي. ۽ جڏهن پُٽي جي مُخالفن آڏو بہ ساڳيا نعرا هڻندا هُياسين تہ جيپن وارا وڏيرا چِڙِي، جِيپُون روڪي پوُندا ۽ گاريون ڏئِي، پتر هڻي اسان ٻارن کي رستي تان ڀَڄائي هَليا وِيندا هُيا. رُڳو پوُندنِ ۽ گارين تي بہ خيرڪونہ ٿيندوهو. پَرَ ايندڙ ڏينهن وري اسان جي وَڏڙن لاءِ وڏي شامَتَ اِيندِي هُئي. ڇئي، اوهان اسان کي ڏِسِي ٻارن کي چوري جيئي پٽو جا نعرا هَٽايا آهن. مصيبتن جا ماريل ويچارا وڏڙا، پوءِ وڏيون ميڙون مِنٿُون ڪري پنهنجي جانِ ڇَڏائيندا هُيا. جيتوٽيڪ هرڪو وڏڙو، وڏن ماڻهن جون ڇڙٻُون، داٻا ۽ دڙڪا ٻُڌي، پيرن تي ڪري لِيلائي معافيون وني، جان آجي ڪرائي، گهر پهچي اسان ٻارن جي ڇگي موچاري ڪن مَهٽ ڪندو هيو. ڪو تہ ڦيهہ بہ ڪيندو هيو، پر اسان ٻارنِ جِي ٻِئي ڏِينهن وري بہ ساڳِي ڪيتي ۽ ساڳِي جيئي پُٽو جي ڌُومَ هُوندي هُئي. .

اُن سال پولِنگ، يونين ڪائونسل ڪانڙيءَ جي بلدنگ ۾ ٿِي هُئي. جيڪا ڪندرن جيان اڄ بہ اُڀي آهي. اسان جي ڳوٺَ مان ووٽ ڏيڻ لاءِ چاليهارو ڪنُ ڏِڳي ڳاڏِيون پَرجِي نِڪتِيون هُيون. اَسين رونشي ڪوڏِيا ٻارَ بہِ ڏِڳي ڳاڏين ۾ چڙهِي پِيا هياسِين. ماما رمضان، مير تاج محمد جي چَوڻَ تي، پُٽي جِي پارٽيءَ جي مير علي بخش ٽالپر( موجوده ايم اين اي مير منور ٽالپر جو والد) جو ايجنٽ وينو هيو، جنهن تي اوڙي پاڙي جا ڪافِي ماڻهو ماما رمضان تي ناراض ٿيا هيا. جيئن هاڻ عام طور تي اسان جي ڇِڪ ۾ ووٽن ۾ پيپلا ۽ ليگلا آمهون سامهون هجن ٿا، تيئن اڳي بہ ايئن ئي هيو، ڀُٽو صاحب، جنرل ايوب جي سنگت ڇڏي عوامي عدالت ۾ آيو هيو، اجان ايوب جو دابو ملڪ تي هيو، خاڪين جي مارن ۽ خوارين ڪان ڇڳا موچارا وڏيرا، تڏهن ايوب جي ناهيل ڪنوينشن ليگ جا هيا. ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ نانگا ماڻهو اڇي ڀُٽي ساڻ بينا هيا. اڄ جي شهيد ڀُٽي واري پارٽيءَ جا ڍِنگ ڍِنگ تڏهن ڪَن لِڪائڻ ۾ پورا هوندا هيا. تن مان گهٽا ٽٽا تہ گهٽو پوءِ بہ هر چڙهندي سج جا سلامي ٿيا ۽ ٿيندي ٿيندي ڀُٽي جي پارٽيءَ جا وارث ٿي ويا، وري جڏهن ضياءَ جو وارو آيو تہ مڙس طوطا ڪبڍي ڪندا ڀٽي جي پارٽي مان هليا ويا. ۽ ڀُٽو صاحب بي ڏوهو ٽنگجي ويو، رڳو غريب، مسڪين ماڻهو پوءِ بہ ڀُٽي سان بينا رهيا. باقي هنن مڙسن جي ڪنن تي جونءَ بہ ڪانہ سُري. پرانهن مان ڪي تہ وتيا ٻيون ٻيون ۽ ٿيون ٿيون شاديون ڪندا. وري بينظير صاحبہ آئي تہ مڙس ڪُڏڪارون ڪندا، ڳُڙ تي مَکين جيان وريا. ايئن اڄ ڏينهن تائين ڪندا اچن، پر سندن واسڪوٽين جي نہ ڪڏهن استري ڦِٽي، نہ ئي وري اهي ڪڏهن ميريوُن ٿيون. پاڻ گهٽي ڦُلر ۾ ڪونہ ٿا پئون، نالا لِکڻ شروع ٿياسين تہ اصل ڪم اتي ئي رهجي ويندو. رڳو ڪَن ڳِٽائي چئون ٿا تہ موجوده پيپلز پارٽيءَ جو ميرپورخاص وارو صدر، قابل احترام ۽ عظيم انسان مير علي بخش ٽالپر جو فرزندِ ارجمند ۽ ايم اين اي، مير منور خان ٽالپر، شهيد ڀٽي کي ڦاسي ڏيندڙ جنرل ضياءَ جي مجلس شُوري عرف عام مجلس شُودا جو ميمبر هيو. موجوده پيپلز پارٽيءَ جو ڊويزنل سربراه پير آفتاب شاهہ جيلاني، ضياءَ جي لاڏلي رئيس غلام مصطفي جتوئيءَ جي نگرانيءَ ۾ وفاقي وزير هيو. بس شادي پلي، ڏَکِي پَلِي.

قصو پئي هليو، ڏِڳي ڳاڏين ۾ چڙهي، ڪانڙيءَ جي پولنگ تي ووٽ ڏيڻ جو ۽ هليا وياسون الائي ڪيڏانهن، سو ڏِڳي ڳاڏِين تان ياد ٿو اچيم تہ، اڳي گهر گهر ۾ ڏِڳي ڳاڏيون هونديون هيون. بابو غريبت هوندي بہ ڏِڳي ڳاڏين جو لٽِ شوقين هوندو هيو، انهيءَ شوق ئي ڪيس حيدرآباد جي واڍن جو پاڙو ڏيکاريو هيو. پهريون پيرو مرحيات جمعي ڪيرئي، کي

سونهون ڪري ساڻ ونئي ويو هيو، پوءِ تہ سڄي راڄ جو سونهون ٿيو، پاڻ پيو گڏيو پيو ويندو هيو. هونئن بہ اوڙي پاڙي ۾ ڪنهن هاريءَ وٽ ڪا موچاري ڏِڳي گاڏي ڏسندو هيو تہ واپار ڪري، پنهنجي ڏِڳي گاڏيءَ ڏيڻ سان گڏ چڱو موچارو اُتر ڏئي اها وٺندو هيو. ۽ ها اڳي اوڙي پاڙي ۾ شادين مُرادِين جون ڄڃُون، ڏِڳي گاڏِين ۾ ويندِيون هُيون. ڄڃَ چڙهڻ کان گهڻو اڳُ تياريون ٿينديون هيون، ڏِڳن کي وڏن شيشن سان تيلَ جا ڏُڪَ ڏِبا هيا. ڪجهہ تيلُ بچائي ڏِڳن جا سِڱَ بہ چمڪائِبا هئا، سُهڻا مُهرا، نُڪُتا، ٺَئنور، سُهڻِيون واڳُون، ڳانديا، ڳانيون، گهنگرا ۽ متر نُهرائِبا هيا. جِنِ ۾ رَنگبَرنگي ڦُندڻ توڙي مَڻيا لَڳَلَ هُوندا هئا. ڏاند گاڏِين جي ڌُرِين ۾چاڪن کي تيلَ جُون اَڳِڙيُون بوڙي سنهين شيخن سان تيل ڏبو هيو، تہ جِيئن گاڏيءَجي هَلڻَ وَقت ٺِڙ ٺِڙ جا آوز نِڪرَنِ. ۽ اوڙي پاڙي وارا بہ چون تہ واهہ مڙس تنهنجي گاڏي. ڪي مُڙس وريو گاڏيءَ جي بَانڪُنِ ۾لَئِيءَ يا ديوِيءَ جُون سنهيون تَلهِڙيُون گولائيءَ ۾ ٻَڌِي مَٿَس سُهڻِيُون رَلِيون ٻَڌَندا هُيا، تہ پَردوءَ چانوَ بہ ٿِي وِيندي هُئي. اُن کي رانوتِي چوَندا هيا. ڄڃَ جي گاڏِين جو جُلوس جڏهن ڳوٺَنِ جي پَرسان گُذرندو هُيو تہ ڏِڳي گاڏين جي مَڪڙِين تي وينل سُوارَ، ڏِڳن جي پُڇن تي ٻِليُون رکِي وَڏِيون ٻُچڪارُون ڪري، رَنگِين گُلنِ وارِين واڳِن کي جاٽي واٽي تَٽَڪ ڏيندا هيا تہ ڏِڳا ٻِلِينِ جي تڪليف سان تِکا ٿِي ڪَندَ ڌُوڻَ ڪندا هيا، تڏهن سندُن مَٿَنِ، سِڱَنِ ۽ پيرن ۾ ٻَڌَل گُهنگهرن جي آواز ۽ مائين جي ڪِيچن، هار ٿو جوڙائي، يا ٻانهين جوڙائِج نِهرِي، سان عجيب قِسم جي موسيقيت پيدا ٿِيندي هُئي. اهڙي موسيقيت ٻُڌڻ لاءِ اڄ بہ روح سَڏُون ٿو ڪائي، پر ڇا ڪجي اهي ڏينهن پاڻ سان گڏ رڳو پنهنجون يادون ئي ڇڏي ويا آهن. اڄڪلهہ جي جوانڙ مڙسن کي تہ ڏِڳي گاڏيءَ جي پرزن جي نالن جي بہ خبر ڪونہ هوندي. اسان جي ٻاروتَڻ ۾ ڪوڙ سارن هڪ جيڏن جي شادِين جُون ڄڃُون ڏِڳي گاڏين ۾ مختلف ڏِسُن تي ويون هيون. جن ۾ وڏي شوق سان شريڪ ٿي فخر محسوس ڪندا هياسين. تنهن ڪان سواءِ عام طور تي بہ ڇگَن مَنن جي سواريءَ جو واحد ذريعو ڏِڳي گاڏي ئي هوندي هئي. ڪن ڪن وٽ اڪيلي سر چڙهيءَ لاءِ گهوڙا بہ هوندا هيا. نہ تہ امير توڙي غريب جي باقبيلي سواريءَ لاءِ ڏِڳي گاڏيون ئي هونديون هيون.

ڳالهہ پئي هلِي 1970 جي اليڪشن جِي. سو اسان جي وڏڙن مير تاج محمد جي چوڻ تي پُٽي جِي پارٽيءَ جي ميرعلي بخش ٽالپر کي ووٽ ڪري، هن تر جي سموري وڏيرڪي راڄَ جو ناراضِپو سِرَ تي کنيو هيو. مير علي بخش صاحب تہ نہ اڳُ ڏِٺو هُيائون ۽ نہ وري پوءِ ڏسڻ نصيب ٿيُن. پر انهن ووٽن ڏيڻ سان ايترو ضرور ٿيو هيو جو ڳوٺ مان، اوڙي

پاڙي جي وڏيرن ڏاڍيون چوريون ڪرايون هيون. اصل رات خالي ڪونہ هوندي هئي، هِڪَڙيءَ راتِ چور اسان جا ڏاند بہ ڪاهِڻ آيا هئا، ۽ بابو جاڳي پيو هيو، ۽ ڏاندن وٽ ڏاريو همراهہ بينل ڏسي هَڪلَ ڪيائين ۽ هڪل ساڻ چورن گهوباٽو اچلي هنيُس. ۽ ان تِکي گهڙيل گهوباٽي جِي چُهنب بابا جي ٽنگ ۾ کُپِي وئي هئي. بندوق جو هِڪڙو فائرُ ڪري، بابا ويهي رهيو. ٽنگ مان چِڪي گهوباٽو ڪڍيوهيائين. اُنهي رات نينديون ڪري وهندڙ، بابا جورتُ ڏِسي، مُنهنجي ڊِڄڻي طبيعت ۾ الائي ڪِٿان دليري آئي هئي، جو هڪدم بابا کي چيو هيم، بابا آئون وڏو ٿِي چورُ ٿيندس ۽ تُنهنجو پلاند ڪندُس. ۽ پوءِ ايئن ٿيو بہ، پر الائي ڪيئن پڙهي پيس ۽ ڪامريڊ مان ڪاٽڪو ٿيندو وڃي ڪامورو ٿيس.

هوڏانهن ڪانڙيءَ ۾ اسان جي پڙهائِي ڌڙا ڌڙ جارِي هُئي، اُن وقت سائين گل محد لاشاري نئون ماستر ٿي آيو هيو، ڏاڍو مارِيندو هُيو، هرو ڀرو بہ هرڪنهن کي چڱي موچاري ڦيهہ ڪڍِي ڇڏيندو هيو. اسين هرروز صُبح جو دُعا گهري اسڪول ويندا هُياسين تہ، الله ڪري اَڄُ سائين گل محمد کي تَپُ اچي. پر الله سائين اسان جون دعائون ڪونہ اگهائيندو هيو، ۽ هرروز صبح جو سائين چڱو ڀلو ۽ نوبنو اچي اسڪول ۾ وارد ٿيندو هيو. سائين گل محمد گهڻو پوءِ ماستري ڇڏِي، يوسف لغاريءَ سان وڪالت ڪرڻ لڳو، اُتي بہ دِل نہ لَڳس. تہ گهر وينو رهيو، ۽ الله الله ڪندو رهيو. الله وَڏي حياتِي ڏئيس!.

سُتتِ ئي 1971 جي پاڪ ڀارت جنگِ لڳِي هئي، تہ سرڪاري حڪم سان ماستر قومي رضاڪار بڻجي، واهَنءِ شاخُن جي پُلين تي پَهرا ڏيڻ ڪان سواءِ، ڳوٺِ ڳوٺِ وڃِي، جنگ جي حملي ڪان بچاءُ جون تَدبِيرون ٻُڌائڻ لڳا هيا. اسان جي ڳوٺَ ۾بہ رضاڪار آيا هيا، سموري ڳوٺ کي سَڏي گڏُ ڪري سمجهايائون تہ رات جو بَتِي يا باهہ نہ ٻاريو. چاڪاڻ تہ سوجهري تي مَٿان اُڏامندڙ دشمن جو هوائي جهاز بَمُ ڪيرائي سگهي ٿو. اُن کي بليڪ آئوٽ ٿي چيائون. زمين تي ليڪا ڪڍِي انگريزيءَ جي وِي جَهڙي شِڪَل جا بہ چار ڪڏا کوٽرايائُون، پوءِ ڳوٺ وارن کي سمجهايائُون، تہ هوائي جهاز جي حملي جي صُورت ۾ ڊوڙِي اُن کاهيءَ ۾اونڌي مُنهِن سُمهِي رَهجو تہ وڏو بچاءُ ٿي ويندانوَ. جنگ جي ڏينهن ۾ هر روز ريڊيو پاڪستان تان مائي نورجهان جي مَڌُر آواز ۾ فوجين جي همت وڌائڻ لاءِ گانا هلندا هُيا. ميريا ڍول سپاهيا، تينون رب دِيان رَکان جهڙا گانا تن ڏينهين تمام گهڻو مشهور ٿيا هيا. وِچَ وِچَ ۾ گانا روڪي جنگ جي تازين خبرُن۾اعلانَ ٿيندا هُيا تہ پاڪ فوج اوير پاڪستان ۾فِلاڻو محاذ فتح ڪري اڳتي وڌي پئِي، دشمن جا هيترا هوائي جهاز، هيتريُون ٽينڪون تباهہ ڪيون اٿئون، الهندي محاذ تي هيترا ڪارناما سرانجام ڏناسون

وغيره وغيره. اهي خبرون ته جڏهن وڏا ٿياسون، تڏهن پِيون ته نورجهان جي گانن جي هِيرن ۾ جوڏن، وطنِ عزيز جي لَکين هزارين ڪنوارين نينگرين جون لڄُون لُٽيون، لکين بنگالين جو ڪوس ڪري، پنهنجو ئي وطن پيئي فتح ڪيو. تن ڏينهين ريڊئي پاڪستان جي اهڙين خبرن تي ڏاڍا خوش ٿيندا هياسون. وڏيون ڪچِيون هٽندا هياسون. هڪ ڏينهن ريڊيو خبر ڏِني ته چوڌري اسلم، صدر يحيٰ خان سان مُلاقات ڪري جنگ جي فنڊ ۾ هڪ لک روپين جو امدادي چيڪ ڏنو آهي. چوڌري اسلم اَلائي ڪهڙو هُيو پر واه واه ٿي اسان جي مُجيريءَ جي. سيڪو پيو چوي يَلا يُورا تُنهنجِي دِلِ!!! سچو سارو لَکُ روپيه. هَتِ، واه سائين واه!!! ها سچ ٻهراڙيءَ جون مايون گهٽو ڪري صدر صاحب جو نالو ڪونه وٺنديون هيون، جيڪي نالو ڪٺنديون هيون سي به ڦِڪيون ڦِڪيون پيون ٿينديون هيون، اصل اهڙيون جو ڪنن جون پاپڙيون به شرم کان ڳاڙهيون ٿي وينديون هُين. ڪي وريو چونديون هيون مُئا پناڻ ڪي چريا آهن، هيڏي ساري پائيءَ جو نالو ڪهڙو نه ڪِنو رکيو اٿن.

هڪڙي ڏينهن صبح صبح جو باهه جي مچ ۾ ٻچي پيل ٽانڊن تا هٿ پئي سيڪياسون ته سِڄ اُڀرئي ساڻ ئي هندستاني جهاز زُوزاٽ ڪندا، اسان جي ڳوٺ جي مَٿان مَٿي ويا. گهڙي نه گُذري جو ميرپورخاص جي اسٽيشن تي بم وسائي موٽيا. بمن جا ڌوڙيا اسان هتي به پئي ٻُڌا، ايئن پئي لڳو پاڻ ڌرتي پئي ڏُٻي. حملي ڪندڙ جهازن ڪي نه لهر نه لوڏو آيو!!، نه رَنڊَ نه روڪ ٿي!!. ڪو به روڪِڻ وارو ڪونه مِليو، پوءِ ته جڻ هِري پيا ۽ گسُ لَڳي پين، هر روز صُبح جو اُيرندان تيزيءَ سان زوزاٽ ڪندا ايندا هُيا، پنهنجي مرضِيءَ سان جتي وٹندو هين اتي، يَرپُور حملا ڪري، آرام سان هليا ويندا هُيا. ريڊيو پاڪستان پوءِ به اعلانن ۾ روز نوان محاذ فتح ڪرڻ جا ڌوڙيا لايو بيٺو هوندو هُيو. اوير پاڪستان ۾ مُڪتي باهني خلاف وڏِيون فتحون ٿيڻ جا اعلان ٿيندي ٻڌندا هُياسين. الشمس ۽البدرجا ڪارناما ته وڏا ٿي پوءِ خلقن واتان ٻُڌاسون۽ حمودالرحمٰن ڪميشن جي رپورٽ ۾ پڙهياسون. تڏهن سوچيوسين ته انهي زماني جي هنيل ڪچِين تي ٻُڌي مرڻ گهُرجي ها ته بهتر هيو.

هڪڙي ڏينهن، ڪانڙيءَ ۾ سائين نور محمد ناريجو جهنگ جليبيءَ جي وڻ هيٺان اسان کي انگريزي ڊِڪٽيشن لکرائي رهيو هيو. جو ڳوٺ جو هِڪڙو ماڻهو فلپس ڪمپنيءَ جووڏو ريڊيو هَٿَ ۾ لوڏِيندو وَڏِيُون ٻرانگهون پَريندو آيو. ۽ سائينءَ کي چَيائين ماستر، يحييٰ خان جو قوم کي خطاب ٿو ڪري اوهان به ٻُڌو. چٽو ياد آهي ته ڏڪندڙ آواز وارِي، يحيٰ خان جي تقريراَسان ٻارن به ٻُڌي هئي، جنهن ۾اوير پاڪستان۾ جنرل نيازيءَ پاران،

جنرل جگجيت سنگهه اروڙا آڏو هٿيار ڦِٽا ڪَرڻ بعد، مغربي محاذ تي به رات جو ٻارهين وڳين کان جنگ بنديءَ جو اعلان ڪيوهيائين. اُن راتِ عمرڪوٽ طرف وڏا وڏا ڌماڪا ۽ باهه جا شُعلا آسمان سان ٽڪرائِبا ڏِناسين، چون ٿا ته جنرل ٽِڪا خان مشرقي پاڪستان جي هار جو بدلو وٺڻ لاءِ اَڪَ وَڍِي جي پِٺ تائين پُهتلَ هندستاني فوج تي وڏو حملو ڪري ڪين تمام وڏو جاني نقصان ڏنو هيو.

جيتوڻيڪ نيازيءَ جهڙي جوڌي، پنهنجي جوڌپائيءَ سان اڌ ملڪ وڃايو هيو، گڏوگڏ لڳ ڀڳ نوي هزار جوڌا هندستان جي ٽُرم ۾ واڙايا هيا. هڪڙو نيازي چو چئون، سندس پويان راڄ نيازين جا هيا. ڪهڙا ڳِٽي ڪهڙا ڳِٽيون. جيتوڻيڪ انهيءَ وقت به سنڌ بنگالين سان گڏ بيٺي هئي، ۽ سنڌ جي سڃاڻ ماڻهن جو اندازو هيو ته هنن کان پوءِ اسان جو وارو به ايندو. سنڌ مان ڄام ساقي پهريون سياستدان هيو. جنهن پنهنجن جوڌن جي ڪُڌن ڪرتوتن جا بي بي سي ذريعي چوڏا لاٿا هيا. ۽ قاضي فيض محمد ته عوامي ليگ جو مرڪزي وائيس چيئرمين هيو. تنهن به حڪمرانن جي انهيءَ پاليسيءَ تي سخت تنقيد ڪئي هئي. پوءِ جڏهن مڙسن جا سپ ترڪتال هلِي ڇيهه ٿيا. تڏهن شهيد ڀُٽي ڪي ٻاهرئين ملڪ مان گُهرائي باقي بچيل ملڪ جون واڳون هٿ ۾ ڏيندي پاڻ اڳتي لاءِ پان ڪيائون. ڀٽو صاحب ڳائي وڃائي سندن پر جهلو ٿي بينو، نوي هزار مڙس ڇڏائي ڏنائين، ڀني سِني خالي خزانو ڀرپائين، تنهن جو جيڪو سلو مليس سو سڄيءَ دنيا ڏنو. ڄام ساقيءَ ڪي بنگالين جي حمايت ڪرڻ تي جيڪو اعزاز ڏنائون سو به ڳُجهو ڪونهي. قاضي فيض محمد مرحوم لانگوٽو ٻڌي واٽيو ٻڄي پيرين اگهاڙو باردر ٽپي جان بچائي. جيتوڻيڪ سنڌ جا ماڻهو ذهني طور بنگالين سان گڏ هيا، پر اڪيلي ڀُٽي صاحب پاران جوڌن جو پرجهلو ٿيڻ ڪري، بنگالي اڄ به سنڌين کان شديد نفرت ڪري ٿو، اهي خبرون ته اڄهو هاڻ قربان علي شاهه ڪيون هيون. جيڪواسان جي پياري پاڪستان جي ڪُک مان جنم وٺندڙ بنگلاديش ڪنهن ڪورس لاءِ ويو هيو.

1971 جي جنگ ۾ اسان وٽ ڪنيارن جا ڪجهه گهرڙا به لڏي آيا هيا، جن بابت به ڪجهه چوندا هلون ته ڀلو، سو قصو هينئن آ ته جيتريقدر يادگيرو ٿو اڃيم ۽ هُن جي ڏنڌلڪي تصوير اکين جي آڏو ٿي اچيم ته "اچڙي ميرڙي توپي مٿي تي، هرڪَ جا پر پراٽا ۽ ميرڙا ڪپڙا پاتل، پيرن ۾ سخت چم جي جُتي جنهن ڪي ٽريا "موجو" چون، هڪڙيءَ اک تي مٿي کان ڦيرائي اڳڙي ٻڌل (پاڻ اک تي ڪا آنڙي نڪري ڦُرڙيءَ جيان ٿي پئي هجيس) ڏاتو هٿ ۾، جيڏيءَ مهل ڏِسُ گاهه واريءَ اڇيءَ پوتيءَ جو ڪانبو ٻڌيو، ٻنين جي ٻَنن ۽

اَڏُن تان ڇپر ۽ ڏنِهہ جو ڳاهہ ڏاتي سان لُٽندو وتندو هيو. مُڇن جي ريھ لتل هيس ۽ ڪاڏيءَ تي ڏاڙهيءَ جا اُڀري آيل ٿورڙا وار بہ چڱا خاشا وڌيل هوندا هيس. هو 1965 جي جنگ ۾ طالسر مان ترجي نڪتل ڪاڪي آچار جو وڏو پُٽ ابراهيم هيو. طالسر جو ڳوٺ هندستان جي ڇهوٽڻ تعلقي ۽ ٻاڙهمير ضلعي جي ڪا ننيڙي وسندي آهي. سندس ننيڙي خاندان جي نئين منزل ڀانيان ٿو تہ ڪوڪري پار لڳ ڀِٽاري نالي ننيڙو ڳوٺ هئي جتي سندن سيٽپو هيو، ۽ شايد قسمت ڪي اجان بہ ڪين رولٹو هيو، ٻن ٽئن سالن بعد 1971 جي جنگ ۾ سيٹن سوڏو ڪاڪي منوءَ ڪنيار جي سانگي سان هتي لڏي آيا هئا.

تن ڏينهين ناني گل حسن، اسان جي ڳوٺ ۾ پاڻ ئي ڇيڪي متي ڪوڏر سان ولي، پُسائي، ڳوهي، گنب متيءَ جا پنوڙا پُنن تي ڊوئي، اوڏڪي اوساري ڪري، هڪڙي ننيڙي مسيت ٺاهي هئي. ڳوٺ ۾ جيڪي بہ مسلمانڪا (شرن ۽ ڪنيارن جا) چار گهرڙا هيا، تن مان ڪو هڪڙو اڌ قرآن سميت سنڌيءَ جا بہ هڪڙو يا بہ ڪتاب پڙهيل هيو. تنهن هوندي بہ نماز جي پاسي گهٽ لاڙو هين، پوءِ نانو گل حسن پاڻ ئي ڪڏهن جمعاٹي چاندپاٹي وجي مسيت سڳوريءَ جي ٻهاري ڪيندو هيو، قرآن شريف تي ويڙهيل پوش ۽ پوتيون لاهي ڇنڊي ڦوڪي وري پهرائي ساڳيءَ جاءِ تي رکندو هيو ۽ جي دل ۾ ايندو هيس تہ بہ چار سجدا ڏئي ونندو هيو.

نہ تہ اسان واري مسيت سڳوري گهٹو ڪري هندو مسلمين سيني لاءِ عزت ۽ احترام واري اهڙي جاءِ هوندي هئي، جنهن ڪي ساري اوڪيءَ اٹائيءَ ويل تي مِنيون ڪُنيون باسبيون هيون، ۽ مرادون پوريون ٿيڻ تي اهي رڌي، ڳوٺ جي معصومن ڪي سڏي مسيت سڳوريءَ جي در تي ويهاري دعائون گهرائيبيون هيون. ڪي مايون وري مرادون پوريون ٿيڻ تي قرآن شريف ڪي اڌ وال ڪپڙي جو اڇي پهرائينديون هيون. تنهن زماني ۾ ٻجليون ٻجليون هيون ڪونہ، مسيت سڳوريءَ ۾ سوجهري ڪرڻ جي لاءِ ڪاڪو منو بہ چار ڏيئا ٺاهي هڪڙيءَ ڪُنبڙيءَ ۾ رکي ويندو هيو. جنهن جو تيل وري مسيت تي باسون باسيندڙ مينگهواڙ توڙي شر ۽ ڪنيار پاڻ هرتو وڏي شيشي ۾ مسيت جي آڳر جي ننيڙيءَ پت تي رکي ويندا هيا. جنهن ڪي ڏيئي ۾ اوتي نانو گل حسن ئي سدائين سج لهڻ مهل مسيت ۾ ڏيئو ٻاري سوجهرو ڪندو هيو. ڇو جو سندس گهر مسيت سڳوريءَ سان لڳو لڳ هوندو هيو.

ابراهيم وارا جڏهن هن ڳوٺ ۾ آيا هيا، تڏهن کان بہ الائي ڪيترو اڳي کان هو پنج وقتي نماز جو پابند هوندو هيو. هتي اچڻ ساڻ هن ئي اسان واري ڪچيءَ مسيت جي چنڊ ڦوڪ

ڪري، هِتان هُتان ڏوڪڙ هٿ ڪري چِنل تنئوريون مٿائي نيون تنئوريون آنديون هيون ۽ مسيت ۾ پنج وقتي اذان ڏئي نماز پڙهڻ شروع ڪئي هيائين.
تڏهن اسان جي مِٽن ڪي ڪنهن سجڻ صلاح ڏني هئي ته ابراهيم کي چئو ته اوهان جي ٻارن کي قرآن پڙهائي، ايئن پوءِ اسان ڏهاڪو کن هڪ جيڏن صبح جو اسڪول کان پهرئين هُن وٽ قرآن مجيد پڙهڻ شروع ڪيو هيو. جنهن جو هن ڪوبه اجورو ونڻ ڪان نابري واري ڇڏي هئي. پوءِ هوريان هوريان ڇهن مهينن اندر اسان قرآن شريف پڙهي پورو ڪيو ۽ ڪوڙ ساريون سورتون ته برزبان ياد به ڪري ورتيون هيون سين. جڏهن مون قرآن شريف پڙهي پورو ڪيو هيو ته بابي خوشيءَ ۾ خدا ڪارڻي هڪڙي پٽ جي ديڳ لاٿي هئي. جنهن ۾ مونکي ۽ منهنجي استاد ابراهيم کي نندين منجين تي ويهاريو ويو هيو. مونکي قرآن شريف پڙهي پورو ڪرڻ تي ململ جو پٽڪو ٻڌرائي، مبارڪون ڏنيون ويون هيون، ۽ پوءِ ابراهيم کي به پٽڪو پارائي ٻُڙي اجرڪ اوڍائي وئي هئي. ۽ سمورن مائٽن پاران مون کي نصيحتون ڪيون ويون هيون ته ”ابا! هاڻ ڳرو بارو ٿجانءِ، نياٽيءَ سياٽيءَ جي ساجاهه ڪجانءِ ڇو جو قرآن پيٽ ۾ اٿئي“. ايئن هرهڪ هڪ جيڏي کي واري واري سان قرآن پورو ڪرڻ تي پٽڪا ٻڌايا ويا هيا ۽ خيراتون ڪيون ويون.
پوءِ اسان جي ڳوٺ جي مسيت ۾ باقائدي پنج وقتي نماز ٿيڻ لڳي ۽ ڳوٺ جي مسيت جو اڻ اعلانيل پيش امام ملو ابراهيم ٿي ويو. تنهن زماني ۾ اسان جي ڳوٺن ۾ مسيتن ۾ جمعي تي جتوئيءَ جي خطبي پڙهڻ جو رواج هيو، سو اسان جو ملو ابراهيم به ڪتان جتوئيءَ جي خطبي وارو ڪتاب وٺي آيو هيو ۽ پوءِ هر جمعي تي خطبو اسان مان ڪو پڙهيل ڇوڪرو پڙهندو هيو باقي نماز ابراهيم پڙهائيندو هيو. ڇو جو ملو ابراهيم سنڌي پڙهيل ئي ڪونه هيو. الائي ڪي ڪيترا سال ملو ابراهيم پنهنجي روزيءَ روٽيءَ لاءِ ڊوڙ ڊوڙان سان گڏوگڏ مسيت سڳوريءَ ۾ امامت به ڪندو آيو ۽ پوءِ وقت بدلجڻ سان مُلي ٿيڻ ۽ پيش امام ٿيڻ جا پيمان به بدليا ته ڳوٺ وارن ٻيو ملو لقمان پيش امام ڪري رکيو، ۽ هوريان هوريان جتوئيءَ جي خطبي جي جاءِ به عربيءَ واري خطبي والاري.
انهيءَ وچ ۾ ڪاڪو آچار گذاري ويو، ڏهه ڏينهن پندرهن ڏينهن مِٽن مائٽن اچي تپايس ” چئي ڪنيارڪي ريت موجب ڪاڪي آچار جي پويان خيرات ڪر“. مُلو صفا دڙهو هٽي بيهي رهيو” چئي ابي کي ثواب پهچائڻ لاءِ چار قل پڙهي بخشيندس، قرآن شريف جو ختمو ڪدائيندس، باقي اوهان جي چوڻ جي پٽ جون ديڳيون رڌي، ايندن ويندن کي کارائڻ سان ابي کي ڪهڙو ثواب ٿيندو؟ اهو ته سڌو ٻڌو ٿيو گڏهن ڪان ڳرو پيلائڻ، مرڻ مري ويندس

ايئن ڪونہ ڪندس. پوءِ ڪنيارن ۾ ڪو پٽُ پوٽُ ٿيندو هيو يا ڪا مرٽي تي خيرات ٻيرات ٿيندي هئي، تڏهن مهمان ٿي آيل ڪنيار مُلي ابراهيم کي ٺوڪون هڻندي چوندا هيا " اڙي اِيريا!! تانهجو ابا آچار او اُوئي ڪيجڙ مٽي ٻينو اهي، آن ڪُلان نان پيو ڪَهي کي ايرئي مانهنجي لاريا خيرات ڪو ڪَريانتي؟( او اِيريا (ابراهيم) تنهنجو ابو آچار، تو پاران خيرات نہ ڪرڻ جي ڏک ۾ قبر ڇڏي، او هُن سامهين وڻ تي وينو آهي ۽ شڪايت پيو ڪري تہ ابراهيم منهنجي پويان خيرات ڪانهي ڪئي). ابراهيم بنان ڪنهن حجاب ۽ ارهي ٿيڻ جي مِٽن مائٽن کي روڪڙي ورندي ڏيندو هيو" مِين خيرات ڪو ڪَرِي توهيج مانهجو ابا ڪيجڙ مٽي ٺَڍِي هوا مين ٻينو اهي، ايان خيراتان تي اِتا خرچ ڪريا توهيج اوهان جا مائيتر اِتي گرمي ۾ قبران مين پيا سڙين"( مون خيرات ناهي ڪئي تہ بہ منهنجو ابو وڻ تي ٿڌي هوا ۾ وينو آهي، اوهان خيراتن تي هيڏا خرچ ڪيا پوءِ بہ اوهان جا مائٽ هھڙيءَ گرميءَ ۾ قبرن ۾ پيا سڙن). مُلي ابراهيم جو روڪڙو جواب ٻُڌي، مٿس ٺوڪون ڪندڙ سيئي مائٽ ماٺ ڪري ويهي رهندا هيا.

تيستائين اسين بہ وجي جوان ٿياسين ۽ڪامريڊن سان پيچ اڙاياسين. تڏهن بہ ملو ابراهيم اسان ڪان الاهي وڏو هوندي بہ اسان جهڙو ڪامريڊ ٿي ٻينو. هر ڪچهريءَ هر اجلاس ۾ ملو اڳيان اڳيان هوندو هيو. ٿيندي ٿيندي سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو اسان واريءَ يونين جو صدر بہ ڪيس چونڊيوسين. پوءِ ملي ابراهيم جا سمورن ڪامريڊن سان اهڙا تہ پيچ اڙيا جو هارين جي بيدخليءَ خلاف ڪيترن ئي ڪيسن ۾ خود ئي ڏُرتي ڪيس داخل ڪيائين. هڪڙي ڪيس ۾ تہ اڳلو وڏيرو بنهي سگهو هيو، جنهن ڪورٽ مان ٻاهر نڪرندي چيس "مُلان! تون پانيان ٿو مونکي نٿو سڃاڻين، منهنجو نالو. . . . . . . . . . . اٿئي، آئون هن جيپ جي پويان ٻڌي گهليندو سانءِ". تنهن تي مُلان ڪلندي وراڻيوهيس" سائين جڏهوڪا مينهن تڏهوڪا پاڻي ۽ تو جڏهن ايئن ڪيو تڏهن ڏسنداسين". پوءِ تہ ڪو زمانو اهڙو بہ آيو جو سموري ڳوٺ جي ڇيڙي نبيري ابراهيم جي هٿ وس تي وئي جيڪا اجان بہ گهٽي ياگي ايئن ئي آهي.

وري زمانا بدليا، تفرقا وڌيا، پوءِ بہ ملو ابراهيم نہ بدليو، هندو مسلمان سيني جي لاءِ هڪ جهڙو، ۽ هڪل ساڻ حاضر. ڪنهن کي جي ڪڪڙ ڪُهائڻو آ تہ هلو ابراهيم وٽ ۽ جي ڪنهن کي ٻڪر ۾ سِير وجهرائڻي آ تہ بہ هلو ابراهيم وٽ. مال جو وري اهڙو پارکو جو ڪنهن جي ڪا ٻڪري نڪري، ڍڳي يا مينهن بيمار ٿئي تہ بہ سيڪو ڊوڙي هن ڏي، ٻيلي ابراهيم واروڪر. ۽ ابراهيم آ سو نہ ڏسي نہ رات، نہ ڏسي جُهڙ نہ مِينهن، هڪيو تڪيو

حاضر، رڳو گُهت هڻي ته به نماز جي فرضن پڙهڻ جي، وري اجيو بکيو ساڳئي هنڌ پهچيو وڃي. مطلب ته اڄ ڏينهن تائين ڳوٺ جي هر ماڻهوءَ سان ڏک سک ۾ توڙي مرڻي پرڻي ۾ ايئن سلهڙيو اچي، جهڙو ڇائو نپنو ئي هنن سان هجي. ٻيو ته نهيو پر ڳوٺ ۾ جيڪر ڪنهن مينگهواڙ جي گهر ۾ به ڪو مرڻو ٿي پيو ته سيني کان اڳي ملو ابراهيم پُهچندو ۽ جي رات هوندي ته هنن سان هُنن جيئن سموري رات جنازي جي پر ۾ ڪنڌڙو نوايون وينو هوندو، جي ڪنهن جي چوري چڪاري ٿي ته به سيني کان اڳ۾ ملو ابراهيم ئي هوندو جيڪو رڙ جي جواب ۾ آيو چئي پيرين اگهاڙو اچي پُهچندو. پوڳائيءَ سان پوڳ، رُڪي سان رُکو، جهڙو ماڻهو تهڙو ابراهيم.

ٽيهارو ورهيه اڳ اسان جي گهر ۾ ڪو ننڍڙو ڪاڄ هجي، مرحيات وڏي ڪانهئي ڪي پت رڌيندي ڪو پوڳ سُجهيو سو ابي مرحيات ڪي چيائين ”يار اڪبر ڪنڀ ته جام بچت پئي آ، همراه گرميءَ ۾ ديڳين تي ڪم ڪري ساٽا ٿي پيا آهن، سو مُلي ابراهيم ڪي چئه ته ڪنڀ جو شربت ناهي سيني ڪي پياري“. ابي ڪي ڪهڙي خبر ته ڪو ڪنيارالائي ڪهڙي ڪاوڙ ۾ ڪنڀ جو نالو ئي ڪونه ونن ۽ ڪيس مِناڻ چون. ۽ مگٽهار مُگن ڪي مورڳهين. . .

. . . داٽا چون. ۽ جيڪر ڪو ڪاڄ ڏٽي، ڪاڄ هلندي ڪنيار ڪي ڪنڀ ۽ مگٽهار ڪي مُگن جي بابت ڪوبه ڪم چوندو ته همراه چڙي ڪپڙا ڦاڙي وجهندا. ۽ ڪاڄ ڏٽيءَ ڪان نئون وڳو وننداا. سو ابي مرحيات جو مُلي ابراهيم ڪي شربت لاءِ چوڻ ۽ هُن جو چرڙاٽ سان قميص ڪي ڦاڙي شيرواني ناهي، ڪلهن مان ڪدي ديڳ جي چَرِ ۾ اُڇلڻ. سمورو چنو ڊوڙي آيو، مُلو چاتي بگڙيو، ملو چاتي بِگڙيو؟ تيڏيءَ مهل مُلو به ڪو جهليو ٿئي چا؟ چئي اڪبر ڪنڀ جو نالو چو ورتو؟ هوريان هوريان ٿڌو ڪيوسونس. ڊوڙندي گهران ڪپڙن جو نئون وڳو آڻي ڏنو مانس. پر عيوضي ۾ مليل نئون وڳو واپس ڪندي چيائين ” ير مڙئي يت ۾ هيو ڪِل پوڳ جو مزو ڪرڻو، ڪا وڳي جي بُک هيم چا جو توکان ونان؟

انهيءَ ابراهيم تي پوءِ رانجهن اهڙو راضي ٿيو جو هڙئي پُٽڙا سپوت تي پيس، حق حلال جي ڪمائڻ وارا تي پيس، ۽ گهر واريءَ سميت حج به ڪرايائونس. هاڻي سپ ڪم به مولا معاف ڪيا اٿس رڳو وينو الله الله ڪري. پر مرڻي پرڻي توڙي اوڪيءَ سوڪيءَ ۾ ڳوٺ جي مينگهواڙن، ڪنيارن ۽ شرن جو پرجهلو جهڙو اڄ به ابراهيم ٿئي ٿو، اهڙو پُٽ اسان واري ڳوٺ ۾ اجان ڪنهن ماءُ ناهي ڄڻيو. اڳتي جي خبر خاوند ڪي.

ٻالهہ پئي هَلِي چارڪلوميٽرپنڌُ ڪري، بس ۾ چڙهي ڪانڙيءَوڃڻ جي، سو ڇهين درجي جي امتحانن دوران ڳوٺان سوير پَرا نِڪري پنڌ ئي پنڌ ڪانڙيءَ وِيندا هيا سين. اُنهي پَئو ڪان تہ متان بس خراب هُجي، ٽائيم تي نہ اچي ۽ پيپررهجي وڃي. ٻي وَڏِي ڳالهہ تہ سنڌڙيءَ ڪان ڪيراهو شاخ تائين، روڊ جي اوسي پاسي وارن ڳوٺن مان اَچا اسان تي جٽا ئِي انگريزي پڙهڻ ويندا هُياسين. باقي سَيڪو پنجون پاس ڪري مائٽن جي ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائڻ لڳو هيو. تنهن زماني ۾ اسان جي وڏڙن جو پاروءَ موچيءَ سان آهَٺُ هُيو، جنهن موجب گهرَ جي مرد ۽ عورت پاتِين جي لاءِ سال ۾ هڪُ پيرو هِڪَ نئين جُتِي ناهي ڏيندو هُيو. باقي سڄو سال اُنهن جُتين جي ڳِنڍَ توپ مفت ڪندو هُيوۓ ڪٽڪ جي ڪري جِي بَٺائِيءَ ٿيڻ ويلَ ڪيس ڪٽڪ جي هِڪَ ٻورِي ڏِبي هُئي. ڪانڙيءَ جي ڪلر ڪان الله اَمانَ ۾ رکي، مَاڪُن جي ڏينهنِ ۾ اهڙواُڦرندو هيو، جو ماٺهو بيني بيني تِرڪِي پوندا هُيا. اُهو ڪلر اسان جي جُوتن ڪي سالن بجاءِ مهينن ۾ ساڙي ڇڏيندو هُيو. ڳِنڍَ، توپَ، جَندا ۽ ڇَتِيون خان محمد ڪي وٽنديون ڪونہ هُيون، ڪڏهن واپسيءَ ۾ جُتِي دوسي جي ٽِن واٽرن مان ڪنهن هڪ جي مادِول ۾ لوڙهي پيرن اگهاڙوگهرِ ايندو هيو، تہ بابا پُڇندو هيس، پُٽ پيرن اگهاڙو آيو آهين، جُتِي ڪيڏانهن ڪيئہ؟ همراه ڏاڍِي ادب سان وراٽيندو هيو، چاچا، جُتي ڪلر ۾ پرجي وئي هئي اصل پيرن مان نڪتي ٿي وئي سو لاريءَ مان لَهندي الائي ڪِٿي ڪِرِي پئي. بابا سائين، خان محمد جي سِڌي پِڌي ڪوڙ تي شوڪارو پري ماٺ ڪري ويهي رهندو هيو، ۽ ورندي ڏينهن خان محمد وري مُنهنجي جُتي ڦُري ونندو هيو ۽ آئون ڪنهن نہ ڪنهن ڪان پِنَ جا هوائي چمپل وٺي سَٽڪَ سَٽڪَ ڪندو اسڪولِ پهچندو هيس. ڪڏهن ڪڏهن هوائي چمپلن جا ڪشا، ڪلر جي وزن سبب ڇِڪي پير ڪٽڻ جي ڪري ٽُٽي پوندا هيا. يا پاڙ ڪان ئي نڪري ويندا هيا تہ چمپل هٿ ۾ ڪٽي ونندوهيس. ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو هيو تہ چمپل جو هڪڙو ٽاڪ هٿ ۾ هوندو هيو تہ ٻيو وري پير ۾ هوندو هيو. ان تي ڪنهن بہ قسم جو ڪو بہ ڊپ ڊاءُ ڪونہ هوندو هيو، يا ڪابہ ڦِڪائي ڪونہ ٿيندي هئي، بس مڙوئي ڳاڏ و ڳيڙٽو هوندو هيو. رڳو ايئن نہ تہ اسان جي گهر جي اها حالت هوندي هئي، پر سڀ جا سڀ شاگرد هڪجهڙا ۽ غريب هوندا هيا.

اهو 1972 جو زمانو هيوۓ1972 تائين، هن ڳوٺ ڪي آباد ٿئي لڳ ڀڳ پنجويهہ ورهيہ ٿِيا هوندا. هندُو مسلمان پائرن جِيان رهندا هُيا. ڪو بہ نندِو يا ڪوبہ وڏو ڪونہ هُيو. ڳوٺ جي اُتر اولهہ واريءَ ڪُنڊ تي، نندِڙِيءَ ڪَڇِي مسيت ڪي 1965 جي جنگ بعد، لَڏِي آيلُ مُلو ابراهيم ڪنيار آباد ڪندو ايندو هيو. جنهن اسان مڙني ڪي بنا ڪنهن اَجُوري جي قرآن

شريف پڙهايو هيو. اُن مسجد ۾ محراب جي پر ۾ رکيل نڪر جو ڏيئو ٻارڻ لاءِ ڳوٺ جا ڪيترائي مينگهواڙ ٻه مُلي ابراهيم کي تيلُ ڏئي ويندا هُيا. اڪثر مينگهواڙ جمعي جي ڏينهن مِٺي پت جو ديڳڙو لاهي مسيت جي در تي ويهي معصومن کي کارائي خوش ٿيندا هيا. ڳوٺ ۾ ڪنهن مينگهواڙ وٽ ڪو مهمان ايندو هيو ته ڪُڪُڙ ڪُهائڻ لاءِ مسلمانن کي ڳوليندا وتندا هيا. مطلب ته مذهبي فرق ڪوبه ڪونه رکندو هيو، قرب ٻه ايترو هيوجو رمضان جي عيد جو چنڊُ ڏسڻ ساڻ مينگهواڙ، توالن ۾ پليٽون ويڙهي، اسان جي گهر جو رُخ ڪندا هيا. ۽ ڇپر هينان وِڇايل رَلين تي اَچي گڏُ ٿيندا هُياءِ شرن جي جُملي گهرن مان سيويون، سِيراءِچانور رَڌِجي، ديڳڙن ۾ ڪِجي ايندا هُيا. پوءِ بابا سائين، پنهنجي هَٿن سان وِرهائيندو، هر هڪ کي کارائيندو ويندو هُيو. آئون ٻه امڙ کان گهڙيءَ گهڙيءَ سيوين جي پليٽ وَٺِي، پنهنجي هم ڪلاسين کي الڳ ويهاري، کارائي خوش ٿيندو هُيس.

وري هندن جي ڏياريءَ جي راتِ جو، سمورا مسلمان، رُگهي مل جي اوطاق ۾ اچي ڪَٺا ٿِيندا هئا. ڦوٽي حلوائيءَ جون مِنايون پاپڙ ۽پُوريُون، گهر گهر مان ايندِيون هيون. ڪي دارونءَ جا شوقين چُڪڙو ٻه چاڙهيندا هيا. پوءِ سيئي کائي خوش ٿِي، کِل يوڳَ ڪندي، سيني سان گڏجي ڦٽاڪا ٻارڻ لاءِ ڪليل ميدان تي گڏُ ٿيندا هئا. ڦٽاڪي کي تِيلِي ڏيئي، هڪ ٻئي ڏانهن اُڇلي ديجاربو هيو، ته تاڙيون وَڄنديون هيون، هوڪرا ٿيندا هئا. اُن مهل هِندوُ، هِندوُ نه رهندو هيو، ۽ مُسلمان، مُسلمان نه رهندو هيو. سڀ يائر هوندا هئاءِ سڀ انسان هوندا هئا. ٽڏڙيون، ٽِيجونءِ آڪاٽيجون ايندِيون ته پنهنجن هم ڪلاسين سان گڏجي سندن مائُرن هٿان پَڪل، مِنا لولا کائيا هئا، رَڪڙِي پونم تي هِندو ييرن هٿان رَاکيون ٻانُهنِ ۾ ٻَڌائي خوشيون ڪَيِيون هيون. مسلمانن جي اُضحيٰ جي عيد ايندي هئي، ته بابو مِڙني گهرن مان مينگهواڙن جي حصي جو گوشت گڏُ ڪري، وڏي ٿالهه ۾وِجهي مَٿي تي کڻِي گهرِ گهرِ وجي ورهائي ايندو هيو.

وڏي ڳالهه اها ٻه هوندي هئي ته انهيءَ زماني کان وٺي اڄ تائين، غربت جي ڏينهن کان سرنديءَ وارا ٿيندي تائين، هندن جي مذهبي عقيدت جو خيال رکندي سموري ڳوٺ ۾ ڪنهن ٻه مسلمان ڪڏهن ڪا وَهُڙي اضحي ڪونه ڪئي آهي. جيتوڻيڪ هاڻي ڳوٺ ۾ مُلپ تمام گهڻي وڌي وئي آهي، پيڏيءَ تي سُتڻون رکي، گهڻا مُڙس هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندا وتن. پر اهو سو اجان خيال اٿن، جو ٻئي جي مذهب سان ڇيڙڇاڙ ڪونه ٿا ڪن. ها سچي وچ ۾ هڪڙو مُلي ابراهيم جو ياءُ مُلو حڪيم نئون مُلو ساماٽو هيو، جنهن بابري مسجد جي واقعي تي ڪاوڙجي مينگهواڙن جي گهرن کي تيلي ڏيڻ لاءِ نندي پوش کي

سنبرايو هيو. پر پوءِ سيني جي ڦٽ لعنت ۽ زماني سازيءَ ڪيس بہ روادار بنائي ڇڏيو هيو. اها رواداري مون گهڻو پوءِ حاجي اسلم گهمڻ ۾ ڏٺي هئي جيڪو عام طور تي پيلن، مينگهواڙن، ڪولهين ۽ اوڏن جا فيصلا ڪندي ڪين سڏي مسجد منجهہ ويهاريندو هيو، ۽ اڄ تائين ايئن ڪندو اچي. هو صرف نماز واريءَ ٿيئوريءَ جي مٿان اڇو ڪپڙو وڇارائي ڇڏيندو آهي. جنهن تي هندو ويهي پنهنجا فيصلا ڪرائي ادب ۽ احترام سان اُٿيا هليا ويندا آهن. اڄڪلهہ جا يار تہ ڪنهن ٻئي فرقي جي مسلمان جو مسجد ۾ ڊري وڃڻ بہ سُنو نٿا سمجهن ۽ ست ست ڀيرا مسيت سڳوريءَ کي ڌوئاري پوءِ تا نمازون پڙهن. انهيءَ ڳالهہ تان هڪڙو ٻيو بہ قصو ياد آيو اٿم ڀانيان ٿو ڪندو هلان، گهڻا سال پوءِ اسان جو هڪڙو عزيز مُلو ٿيو، پر اهڙو ٿيو جو يارن وجي ڪيس ڪشمير ۾ جهاد لاءِ پهچايو. گهڻن سالن تائين مڙس جو ڪو ڏس پَتو ڪونہ پيو تہ ماڻس روئي پِٽي مُئو سهسائي ويهي رهي. هڪڙي ڏينهن همراه اوچتو اچي وارد ٿيو، وڏا احوال ڪيائين، پر گهڻو خوش انهيءَ ڳالهہ تي هيو تہ اڻ ڳڻيا ڪافر جهنم ڀيڙا ڪري وريو هيو. سو هڪڙي ڀيري مهمان ٿي مون وٽ آيو، اوطاق تي چانهہ آئي تہ شرارت ڪندي مُڙس کي چيم يار مون تازي بينڪ جي نوڪري ڇڏي آهي، انهيءَ مان جيڪي پئسا مليا اٿم سي وري ٻيءَ بينڪ ۾ رکيا اٿم، انهن تي ملندڙ وياج مان گهر جي ڪنڊ چانهہ ٿي اچي، تنهنجي لاءِ اها چانهہ حرام هوندي، ايترو ٻڌائڻ منهنجو فرض هيو اڳتي تنهنجي مرضي چانهہ پيئين يا نہ پيئين. ۽ مُلي اُتي جو اُتي ڪٽي چانهہ جي ڀريل ڪوپ مان هٿ ڪڍيا. هتي جو مڙس کي شينهن ٿي اچڻ تي هيڏيون عزتون مليون، تہ همراه ڏينهون ڏينهن ڦُندبو ويو، ايتريقدر جو پوءِ تہ عام غريبن ۽ مسڪينن جي گهرن ۾ ڏُڪو ڪٽي ڪاهي پوندو هيو، چئي تي وي نہ وڄايو، ٽيپ نہ وڄايو، اها بدعت آهي. هڪڙي ڀيري گڏيو تہ چيومانس، ڀائو غريبن جي گهرن ۾ ايئن ڪاهي ٿو پئين، مون وٽ بہ ٽي وي پئي هلي سا نٿو بند ڪرائين. تہ ڏند ٽيڙي چيائين نفعي نقصان مان اسين بہ سمجهون ٿا.!!. سچ هڪڙي ڀيري ڪار ۾ ڪيري مان آيس پئي، تنهن ڏينهن گرمي بنهي گهڻي هئي. جان ڪٽي ڏسان تہ اهو ساڳيو جهادي ملو روڊ سان پنڌ پيو وڃي. رحم ڪائي ڪٽي ڪار ۾ ڪنيومانس، گاڏيءَ ۾ ويهندي ئي وڄندڙ ٽيپ رڪارڊر جو آواز بند ڪيائين. مون ڀانيو تہ همراهہ جو هٿ لڳي ويو هوندو. سو آواز کوليم، همراه وري بند ڪيو، پڇيومانس، هي ڇا پيو ڪرين؟ تہ ٺهہ پهہ وراڻيائين اهو راڳ ٻڌڻ بدعت آهي. چيومانس گرميءَ کان بچڻو اٿئي تہ اها بدعت ٻڌڻي پوندئي، نہ تہ پيلي پنڌ اچ. همراهہ کي گرميءَ اهڙو تپايو هيو جو راڳ ٻڌڻ قبوليائين، پر پنڌ ڪونہ ڪيائين. هاڻي تہ ڏينهون

ڏينهن زماني جي هوا سان گڏ مڙس پاڻ مَتڪي ڪمائڻ وارو ٿي پيو آهي، انهيءَ ڪي هو ڪڏهن گهاٽيِ واڙِي يا وياج جي زُمري ۾ ڪونه ٿو آڻي، هاڻ منهنجي به ماني ڪايو وجي پر ماڻهن ڪي اجان به چوندو آهي ته منهنجي مسلمانيءَ ۾ڪيس شڪ آهي.
ڳالهه پئي ڪئي سون ڳوٺ جي قُرب جي ۽ هليا وياسون مُلن ڏي، سو چَيُم پئي ته ڳوٺ جي اهڙي سُڪ ۽ سانت واري ماحول ڪي الائي ڪنهن جي نظر لڳِي. هونئن به ٻه ٽڪر گڏ رکبا ته ٺڙڪندا ضرور آهن پر هتي ته قصو ئي اور ٿي ويو هيو، جو هڪڙي ڏينهن بابوسائين ۽ رُگهي مل جو پُٽ بيڪو، ڪنهن ڳالهه تان تِڪا مَنا ٿيا، تان جو وَڃِي لنيون ڪنيائون. را را ٿي، حال سارو سيڪو لٺ ڏ ڪو ڪٽيو پڄندو آيو، وڏِي لٺِ لڳِي، ڏڪا نيلها ته ڪنهن ليکي ۾ ئي ڪونه هيا. لنين جا مَتن ۾ لڳڻ جا ٺڙڪا توڙي پاڻ ۾ لڳڻ جا ٺڙڪا پري پري تائين پئي ٻُڌا. نيٺ بابي سائينءَ ۽ رُگهي مل جا مٽا ڦاٽا. ٻنهي جو رتُ نيندِيون ڪري نڪتو، تڏهن ڪنهن سڄٽپائي ڪندي هِن هُن ڪي ڏڪا نيلها ڏئي جهيڙو ٽاريو هيو.
تن ڏينهين اسان ڇهين درجي جا ٻار جهڙوڪر ڳينگها هياسون. پر خان محمد ڪجهه سَبَر هُيو، مينگهواڙن سان وِڙهڻ لاءِ وڏيون لوُهون پاتائِين، پر روڪي وڌائُونسِ. رگهي وارن رات جي پيٽ ۾ زميندار حاجي اسلم کي اطلاع ڪرايو، پر مزي جهڙي ڳالهه اها هئي جو ٻنهي ڌرين جا ڏڪِي ڊِڳي گاڏِين۾، هڪ ٻئي جي اڳيان پُنيان حاجي صاحب جي اوطاق تي سِي پوٺي پُهتا هئا. ڪمپائونڊر، مختيار ٻنهي ڌُرين جون پَٽيون ڪَيون. وري به ساڳِئي پنڌ سان ٻئي ڌُريون ڊِڳي گاڏين ۾هڪ ٻئي جي اڳيان پويان اچي ڳوٺ پُهتا هيا. هوڏانهن امڙ به پوتيءَ جي پاند مان به روپيه چوڙي خان محمد کي ياڙي جا ڏيئي ولواريءَ مان مائٽ گُهرايا هيا. رات ٽيندي ئي، راڄ شرن جا اچي لٿا، جيسين سِجُ اُڀري ۽ جهيڙو مَچي، حاجي اسلم فجر جو ئي اچي پُهتو، ٻنهي ڌُرين جون ڳالهيون ٻُڌِي، مکڻ مان وارُ ڪڍِي، ڏوهيءَ کي ڏوهِي ڪري، ڏنڊ وِجهيءَ بخشائي، ياڪر پارائي خيرُ ڪري ڇَڏيائين. چَون ٿا ته بابا کي، موتومل، نالي مليريا سپروائيزر جي لٺ لڳي هُئي، موتو مل سنهڙو سيپڪڙو، وڏيون مُڇون رکندڙ هيو، جيڪو نوڪريءَ سانگي رگهي مل جي اوطاق ۾ رهيو پيو هوندو هيو.
۽ انهيءَ جهيڙي بعد جلديءَ ۾ بدلي ڪرائي پنهنجي ڳوٺ چاچري هليو ويو هيو. انهيءَ جهيڙي ڪان گهٽو پوءِ، جوان ٿي آئون رِتون رِتيندو هُيس، ته خدا ڪري موتومل، مهمانُ ٿي مينگهواڙن وٽ اچي ته آئون پنهنجا هَٿَ ناريان. يا ڪو اهڙو وِڳهُ ملي جو آئون ٽر وڃي به پيءُ جو پلاند ڪريان. گهٽو پوءِ ماستريءَ دوران هڪڙيءَ اليڪشن ۾ چاچري ۾ڊيوٽي لڳي هئي، ته موتو مل ڏنم، گهٽيئي سِتون سِنيم، پر تن ڏينهين ٽر ۾ روڊ رستا

ڪونہ هيا، پڇڻ جي ڪا بہ گهتي نہ سُڌي تہ هٿ مَهتي هليو آيس. ورهيہ گذري ويا نہ موتومل آيو، نہ ئي وري منهنجا هَٿ ٺَريا. موتومل گهڻا سال پوءِ مونکي ٽانيڪو تي ٽڏهن هٿ آيو. جڏهن منهنجي اندرجو شر، پنهنجي موتِ مري. پلوڙ انسان جو رُوپ وَٽِي چُڪو هُيو. ٽڏهن بہ مون کي هٿ مهٽڻا پئجي ويا هيا.

ڳالهہ پئي هلِي ڪانڙيءَ جي ۽ خان محمد جي ڏِنگائين جي، هڪڙي ڏينهن دوسي جي پٽڙيءَ تي پوڪيلَ، حاجي اسلم جي ڪمند مان، خان محمد لَٺِ وَڍِي، تہ واهيءَ يا هاريءَ وزيرڪانهيي دڙڪو ڏِنُس، هن همراه دڙڪي واري ڳالهہ دِلِ ۾ رکِي. ٻئي ڏينهن شام ڏاري اسڪول مان موٽيا سين تہ همراهہ ڪيسي مان ماچيس ڪڍي لڳو ڪمند کي باهہِ ڏيڻ، ان مهل اسين چار ڄڻا اسڪولي شاگرد گڏ هُجون، لوٽيو ڇهين ۾ نئون آيو هُجي، آئون ۽ پرتاب ڊڄڻا هُجون، واٽر جي پٽڙيءَ تان ڊُسڙِ جا ٻُڪ ڀري باهہ وِسائي سون، تہ شرارتيءَ لوٽئي وري خان محمد کي ٻي جاءِ ڏَسِي، تہ مُڙس اُتان وجي تِيلِي ڏني، وري اسان مِٽي اُڇلي اتان بہ باهہ وِسائِي، تيسين ٽِينءَ جاءِ تان ڏِنل تيلي پيپڙ تي پَڙڪِي، ان کي بہ وسائڻ جي ڪوشش ڪئي سين، جڏهن نہ وساٽي، تہ بيوس ٿي وني پَڳاسين. خان محمد ۽ لوٽيوتہ باهہ لڳڻ سان ڪڏهوڪا گولي ٿي ويا هئا ۽ اسان ٻنهي جي پيرن ۾ هُجن ڪَلرَ پريل هوائي چمپل، ڊوڙوُن تہ ترڪيو پئون، نيٺ چمپل هٿن ۾ ڪري وني ڀڳا سون. مون تہ ڊَپ ۾ گهر اچي سوڙِيون اوڍِيُون هيون، پرخان محمد، ٻي اونو ٿي، ڪمند جي وَڍَ تي بابا، امان ۽ جيجان ڏي اِيئن هليو ويوڇڻ ڪجهہ ٿيو ئي نہ هُجي. ڪمند جي باهہ جا دونهان ۽ ٽڙڪات پري پري تائين ٻڌڻ ۾ پئي آيا. پري پري تائين دونهون ئي دونهون هيو، سوين هارين جي وَٺُ پڪڙ بعد مَسين مَسين وجي باهہ وِساٽي هئي. پوءِ بہ لڳ ڀڳ ڇهہ ايڪڙ ڪمند سڙي ويو هيو. باهہ وسائڻ بعد گهڙِي نہ گُذري هئي جو ورهڙو پير ڪٽي اچي اسان جي گهتيءَ جي ويجهو پُهتو هيو. باهہ ڏيندڙن جا پير، اسان جي گهرن ڏانهن ايندا ڏسي ورهڙو واپس موٽيوهيو ۽ حاجي اسلم کي اطلاع ڪيائون. رات ٿي تہ حاجي اسلم صاحب بہ آيو، وڏي خلق گڏ هجيس. اسان چِئني کي ڪچهريءَ ۾ گُهرايو ويو، سَيني سچُ ٻڌايو، خان محمد کان آخر ۾ پڇيائين، ان بہ جيئن هُيو تيئن ٻُڌايو. حاجي اسلم رج اشراف ماڻهو هُيو. اسان جون ڳالهيون ٻُڌي، ٻنان ڪنهن ڊيگهہ ۽ ويڪر جي فيصلو ٻُڌائيندي چيائين، بابا ٻارن کان ٻاراڻِي ٿي آهي، مون ڪين معاف ڪيوءِهاريءَ جو حصو بہ آئون ڀَري ڏيندُس. جيڪر چاهي ها تہ گهٽ ۾ گهٽ ان زماني ۾ ڇهہ ايڪڙ ڪمند جا پنجاهہ هزار ٿيا ٿي. سي اسان جي

وڏڙن کان وصول ڪري ها، يا سندن ڪاتي تي لکي ها، تہ بہ اسان جا وڏِڙا ورهين جا قرض لاهڻ بعد وري وڏنِ قرضن جي بار هينان اَچي وجنِ ها.
اُن حاجي صاحب سان لڳ ڀڳ چاليهن ورهين بعد، منهنجي نيازمندي وَڌِي، ايتري قدر جو هميشہ گڏ هُوندا هُياسين، پير پاڳاري کان وني انهيءَ پائي جي وڏن، وڏن ماڻهن سان منهنجو تعارف ڪرائي چوندو هُيو تہ هي منهنجو دوست امير بخش آهي، جنهن ننڍي هوندي منهنجي ڪمند جا ڇهہ ايڪڙ ساڙيا هُيا، ڪڏهن بہ اهو محسوس ڪرڻ ڪونہ ڏنائين تہ آئون سندس ئي هڪڙي غريب ۽ مسڪين هاريءَ جو پٽ آهيان. هڪ ڀيرو تہ وزير اعليٰ سنڌ جي ڪچهريءَ ۾ بہ کِلندي، کِلندي اها ڳالهہ ڪيائين. ان تي وزير اعليٰ ارباب غلام رحيم، ڏاڍو کِليو هُيو. ها ياد اٿم تہ اُنَ رات حاجي اسلم، معاف ڪرڻ سان گڏ اسان کي پنج پنج روپيہ خرچي بہ ڏِني هُئي. ڳلن تي هٿِڙا ڦيري چيو هُيو، ٻچا اڳتي لاءِ ائين نہ ڪجو.
1972 ۾ اجان ستين درجي ۾پڙهندو هُيس، جو بابي سائينءَ ۽امان سائنڻ کي اڪيلي پُٽ جي مُرادَ ڏسڻ جي هوراڪورا لڳِي. روزانو پاڻ ۾ ويهي صلاحون ڪَنِ. پر سندن صلاحون ٻيهن ئي نہ. سوچي سوچي هڪ ٻئي کي چون تہ ڀلا پاڻ تي ڪير وَڙُ ڪندو؟ پاڻ وٽ تہ ناهي بدي جو سڳ ۽ نہ ئي وري پئسو پنجڙ؟ ڀلا نَلِهہ تي ڪيرُ ٿورو ڪندو؟ ڀلا سُجائيءَ ۾ پاڻ سان ڪيرُ سيٽپو ڪندو؟ اهي سوچون ڳچ ڏينهن هلنديون رهيون، منهنجي سامهون صلاحون نهنديون ۽ ڊهنديون رهيون پر ٿيو ڪجهہ بہ ڪونہ. نيٺ هَٽِي ماري پُڦيءَ ۽ هاشم، مٽن وڏو وَڙُ ڪَيو. چئن ورهين جي نياٽيءَ جي ٻانهن امڙ جي هٿ ۾ ڏيندي چيائون، هيءَ اڄ بہ اوهانجي سياڻ بہ اوهان جي. پوءِ تہ سائين ابي امان جي عيد ٿي وئي، اصل هڪڙي پير تي پيا نچن. خوشين ۾ نينگرين سينگرين کي گڏي ٿلهي تي سَهِرا ڳارايائون، ڳُڙ ورهايائون، امڙ سائنڻ، پوتيءَ جو هڪڙو وَالُ، انهيءَ نينگريءَ جي مَٿي تي اوڍائي، نُنهَن قبولي پنهنجي ڪري آئي. تن ڏينهين پاڻ کي ڪا مَتِ ئي ڪانہ پئِي پَئي تہ مَگَ ڇا هُوندي آهي؟ يا زال ڇا ٿِيندي آهي؟ بس، جيڪر امان سائنڻ خوش آهي ۽ بابا سائين بہ خوش آهي تہ آئون بہ خوش هوس. اجان منهنجي مگٽي کي مهينو ڏيڍ مَس گُذريو هيو، جو هڪڙيءَ رات جو امان اوچنگار ڏنِي، رڙڪئِي، ڊُنڊڪار ڏني. امان ڇاتيو؟ امان ڇاتيو؟ ڊجي ڊجي امان کان پڇيو هيم. اَبا تُنهنجِي مَگَ مُدي جي تپ ۾ گُذاري وئي. امان سان گڏ هُنن جي گهَرِوِيو هيس، هُوءَ بي جانِ کٽ تي سِڌِي ليٽيل هئي، هڪڙي پراٽي پوتِي مٿان پَهرايل هيس، جنہ تي مکين لامارا پئي ڏنا. ڪيس ڏِسندو ئي رهيُس. ٻئي ڏينهن، وڏڙا ڪيس مُقام

۾ پوري آيا. جڏهن رات ٿي ته خواب ۾ مَگَ جو لاشُ ڏٺم. ڇرڪ ڀري امان کي ياڪُرپاٺم، امان ڏِڄان ٿو!!. رات گُذرندي رهِي الائي ڪهڙا ڪهڙا خواب ايندا رَهيا. امڙ جي چوڻ تي سموري رات ڪلما پڙهندو رهيُس. ڏينهن ٻِن ۾ جڏهن ڳالهه وِسرِي وئي هئي، تڏهن وڃي ڊپ ختم ٿيو هيو.

اجان انهيءَ قصي کي چار مهينا ڪن مس گُذريا هيا ته بابا ۽ امان کي وري ٻه ساڳِي هورا ڪورا لَڳِي. پُٽ جي مُراد ڏِسُون. اوڙي پاڙي ۾ سَڳِن جُون پُڇائون ٿِيُون. هن ڀيري ڪُٽو نِڪتو، حاجيءَ سومر مرحيات تي. هَڪلي هوڪاري وِيا، هڪُ سير ريوڙيون ۽ والُ پوتِيءَ جو ڳِندِ ۾ ٻَڌِيو وِيا، ڀانءَ وَڃڻ جي دير هُئِي. بس ويندا ۽ ها ٿيندي، منائي ورهائي موٽندا. ۽ ٿيو ٻه ائين، ويندي جي ويرَ ٿي. اُتي پُهتا، چاندو پاٽي ڪري احوال ڏنائون. اڳِلي ٻنان ڪنهن آنا ڪانيءَ جي ها ڪَئِي، پوتي اوڍائي، ريوڙيون وِرهائي موٽيا. خوش خوش ۽ ٻهڪندا آيا هيا. ٽي مهينا مَس گذريا، ته اتان ٻه خبر آئي ته اُها مَگَ ٻه الله کي پياري ٿي وَئي. بابا ۽امان جي اکين مان لڙڪ لَڙِيا، جنازي تي ٻه پُهتا. آئون اسڪول هُيس، ڪونه وِيس، ٻيءَ مگ کي مَگَ ٿيڻ اڳ توڙي پوءِ، نه جيئري ڏِٺُو هيمءِ نه مُئي ڏٺم. اُن ڪري رات جو خوابن ۾ ڊِنسُ ٻه ڪونه.

ابي امان کي وري ٻه آنڊ مانڊ ٿِي پُٽ جي مُراد ڏسئون. ڳالهه ڇيڙيائون. هِن هُن سان. ڪنهن چَيُن، ڇورو نياڳو اٿوَ ڪُڙي ڏِنِپيوسُ، ٻه ماريون اٿئين، اجان هليا آهيو ٽينءَ جي پويان!!! هڪ ڪَنَ مان ٻُڌي، ٻِئي مان ڪَڍيائون. پُڇائون هَلنديون رهُيون، اوچتو نانا گل حسن چَيُن، منهنجي ڏوهٽِي، ننگر خان جي ڌيءَ ڇوري چني، وڏِي سارِي ويني آهي. ڇا ٿِي پيو جي اميري کان اٺ سال ڪن وڏي آهي. پو ٻه پنهنجي ته آهي!، گهرُ سنياليو وينِي هُوندي تيسين اميرو ٻه مَڇِي مُڙس ٿيندو. انهن سان هلي تا ڳالهه ڇوريون. نانا گل حسن جي اها صلاح بابا ۽ امان کي ٻه وڻي. اُهي بابا جا ناناٽا ٻه هُجن.

سو هڪڙيءَ صُبح جو ڳُڙَ سان مانيون ٻَڌي، بابا ۽ نانا هَڪِليوپنڊ کي نوابشاهه ڏانهن. ٽِن راتِين بعد موٽيا. امڙ کي احوال ڏِنائون ته ماموحسين بخش وَٽِ گهوڙوٻَڌَڻُ ئي ڪونه ٿو ڏِئي چي، اَڪُو، تو وٽ نه سَڱُ، نه مالُ، نه پئسو، ڇوڪرِي وڏِي ڇوڪرو ننڍو، سَڱُ ڪونه ڏيندس. ان هوندي ٻه امان، دِل ڪونه لاٽِي، ڪجهه وقت بعد حاجي سومر کي موڪليائين، سو ٻه خالِي خبرون ڪٽي موٽيو هيو. ٽين ڪاهه ۾ امان، بابا، حاجي سومرءِ نانا گل حسن، ڦهريائين پُڦيءَ جي مُڙس حيسب خان وٽ ويا. اُتان حيسب خان، پُڦي ۽ ڏٽي بخش ٻه گڏجي وِيَا. ٽي راتيون ڌرڻو هٽي وينا رَهيا تان جو حسين بخش ۽ ننگر خان راضي ٿيا. سو ٻه

هڪ ڏاندن جي جوڙي ۽ هڪ سَڱ تي. سَڱُ جڏهن ٿيو تڏهن گُهربو. باقي ڏِڃن جو جوڙو انين ڏينهن اچي ڪاهي ويندا. ڳالهيون مهاڙون طيءِ ڪري پوءِ پوتِي وِڏائون، منايون ورهائي موٽيا. تہ هتي بہ مبارڪون مبارڪون ٿيون.

منهنجي نئين مَڱَ، منهنجي ماساتِ بہ ٿيندي هُئي. آئون جڏهن بہ امڙ ۽ بابا سان نواب شاهہ ويندو هُيس، تہ بابا هڪڙي رات پنهنجي مامي حسين بخش وٽ ضرور رهندو هُيو، تڏهن ماساتِ، مون کي ڪَچ تي ڳٽي رانديون ڪرائيندي هُئي، لاڪي جي ڳوٺ جي ڪوه تي بينل جاڱرين ٻيرِن مان پڪل ٻير چوندي مون کي کارائِيندِي هُئي. سڄي ڳوٺ جي گهرَ گهَر ۾ گهمائيندي، چوندي هُئي، منهنجو مِنڙو ماساتُ آيو، منهنجو مِنڙوماساتُ آيو. اُها رات مونکي پنهنجيءَ ڪَچَ ۾ سُمهاريندي هُئي، هونئن امان کان جُدا سُمهندي مونکي ڊپ ٿيندو هيو، پر ماساتِ سان گڏُ ڊپ ڪونہ ٿيندو هُيو. آئون ڪيس ٻاتڙي ٻوليءَ ۾ ادي. . . . . . . . . چوندو هُيس. جڏهن امان ۽ بابا نواب شاهہ مان سَڱ وٺي موٽيا تہ آئون انين درجي ۾ پڙهندو هُيس. مَڱ ۽ شاديءَ جي تڏهن بہ ڪا سُڌ ٻُڌ ڪونہ هُيم. اُن ڏينهن امان مُبارڪن وٺڻ مان واندي ٿي تہ هوريان هوريان پُڇيم. امان! ادي. . . . . . . . . . . . هاڻِ منهنجي زال ٿيندي؟ امان کِلندي، وات تي هٿ رکِي چيو، چُپُ ڪر چَريا. . . . . . . . . . . . هاڻي تنهنجي ادي ڪانهي، زال آهي زال. آئون پَلڪن ۾ ماساتِ جي اَديءَ مان قِري زال ٿيڻ واري عمل تي حيران هُيس. سمجهہ ۾ ئي ڪونہ پئي آيم تہ ائين ڇو آهي؟ اُها ماساتِ بعد ۾ منهنجي زال ٿي، پنهنجي زندگيءَ جا ستاويهہ سال مونسان گڏُ گذاريائين، ماءُ ۽ پيءُ جوانيءَ ۾ پير رکندي ئي موڪلائي ويم، تہ مون کي صحيح معنيٰ ۾ انسان بنائڻ ۾ اُن عورت ئي سمورو ڪِردار ادا ڪيو.

جيتوڻيڪ سِيني مائٽن جو ساهہ پنهنجي اولاد ۾ هوندو آهي، هوءَ ڇوٽي آ نہ تہ مائٽ آهي پَٽُ ۽ اولاد آهي وَٽُ. سو ان زماني ۾ ابي امان جو هيڪلو اولاد هوندي، آئون امڙ جوتمام گهڻو دادُلو هوندو هُيس. امڙ جو مون ۾ جهڙوڪر ساهُ هُيو. اصل مون تي ڪڪُ بہ ڪونہ سهندي هئي، شل نہ ڪو تپُ تاءُ اچيم، امڙ جو اصل سُک ڦٽي ويندو هيو. گهڙيءَ گهڙيءَ اورون گهورون پئي ٿيندي هئي. تنهن زماني ۾ پُٽي صاحب جي حڪومت اسڪولن جي ٻارن جون سالِيانيون رانديون رِٿيون هيون تِندي جان محمد ۾. گهڻن ئي شاگردن مختلف راندين ۾ نالا لکرايا هيا. انهن سان گڏجي مون بہ وڏي جمپ ڏيڻ ۾ نالو لکرايو هيو. پر انهيءَ لانگ جمپ ۾ جيئن جو تيئن هارايو هُيم. تندي جان محمد ۾ اجان هِڪڙي رات ئي رهياسين جو ٻيءَ صُبح جو امان، جيرام کي پاڙو ڏئي موڪليو، تہ منهنجو پُنڙو آٽي ڏي.

نہ تہ منھنجو ھيانءُ ٿو ڦاٽي. ھونئن بہ آئون ننڍي ھوندي کان ئي ڏڄڻو ڏاڍو ھوندو ھيس. تن ڏينھين ماڻھو ڳالھيون ڪندا ھُيا تہ ٽرڪن وارا ٻناڻ ننڍڙن ٻارن کي اغوا ڪري خرڪار ڪيمپن ۾ پورھيا ڏيا ڪرائين. تنھن ڪري اھو ڊپ اندر ۾ ويٺل ھوندو ھُيو، اسڪول ايندي ويندي روڊ تان ڪائي ٽرڪ گذرندي ھئي تہ ھاسيڪار روڊ کان پري ٿي بيھندا ھياسين، متان ڪو ٻناڻ ڊرائيور ڪٽي نہ وڃي. ٻي ويڏن وري اھا ھوندي ھيم جو رات جو جِنَنءُ ڀوتن جو ڊپ بنھي گھڻو ٿيندو ھيو. اونداھي ٿي ناھي ڊپ شروع ٿيو ناھي. ايتريقدر جو گھر جي ٿلھي تي ھيڏانھن ھوڏانھن ھلندي ڦرندي بہ لوٽا ھٽندو ھيس تہ متان ڪو جِنُ نہ بيٺو ھُجي. وڏو سارو ٿي ويس تہ بہ پِرڪار اھي ئي ھيا، ڳوٺ ۾ ڪو مرڻو ٿيندو ھيو تہ رات جو ھلندي ڦرندي مرڻ واري کان ڊپ ٿيندو ھيو، ڪٿي اھو جِن ٿي اڳيان نہ اچي وڃي. ٻي بہ مصيبت ھئي، ڳوٺ ۾ مينگھواڙ بنھي گھڻا ھوندا ھيا، سي جنن کان بنھي وونءُ ويندا ھيا، ايندي ويندي يا تڪيءَ واءُ تي گھر ۾ ڪو نڙڪو ٿيندو ھُين تہ رڙو رڙ ھوندي ھين، گھوڙا ڙي جن آيا. جِنن تان ھڪڙي ڳالھ ياد آيم تہ اسان جي مامي قاسم جي گھر جي پاسي ۾ جانجھي مينگھواڙ جو گھر ھوندو ھيو، ھڪڙي ڀيري سندس گھر ۾ ڪنھن مائيءَ وني ڌُوڻڻ شروع ڪيو، چيائون پئي تہ گھُٽي آئي اٿس. جانجھي مائيءَ کي ھڪل ڪري چيو فقير ھاڻ اھا ڌوڻ بند ڪر. نہ تہ آئون ٿو قاسم کي سڏُ ڪريان تہ بندوق ڪٽي اچي. ٻنھي مُڙسن جي گھر جي وچ ۾ رڳو لوڙھي جي آڙَ ھئي، قاسم اھو گفتو ٻُڌي ورتو، تن ڏينھن قاسم پُست جي ڪڻ کان وني، ڌوڏي ۽ آفيم تائين، جيڪو بہ نشو ھٽ ايندو ھيس سو ڳڙڪائي ڇڏيندو ھيو. تنھن جو ٽُناريءَ ۾ ھوندي اھو ٻُڌو سو ھڪل ڪري چيائين، نہ ابا نہ مان غريب ماڻھو آھيان، مِنھنجي جِنن سان دشمني نہ ڪراءِ، مان بندوق ڪونہ آڻيندس.

سو اھڙا قصا ٻُڌي ٻُڌي ھرويرو بہ بدن مان ڌُرڙيون نڪري ويندڙيون ھيون، ٻانُھن جا وار اُڀا ٿي ويندا ھيا. ايتريقدرجو رات جو پيشاب ايندو ھيو، تہ امان يا بابا کي سڏي چوندو ھيس تہ ھلي مَتان بيھو تہ پيشاب ڪريان. نہ تہ پيشاب پلي ڪانچ ۾ وھي وڃي ڪيرو ٿيو پيو ھوندو ھيس. تن ڏينھن غُربت سبب گھر ۾ ڪٽُون ڪونہ ھونديون ھُيون، اونھارن ۾ پيھِين تي سُمھندا ھُياسين، ڪاٺ جي ڏنگين ڦڏين توٽين تي بيٺل انھن پيھِين تي چڙھڻ صفا سولو ھوندو ھيو ۽ لَھڻ مُرڳھين ڏکيو ھوندو ھُيو. توٽين جي اَنگھن ۾ پير ڦاسائڻ لاءِ وڏا جُھد پٽڻا پوندا ھيا. سو تن ڏينھين، ڪڏھن ڪڏھن رات جو پيشاب جي گھٽي زور تي پيھيءَ تان لھڻ بجاءِ اُتي ئي توٽيءَ جي پاسي وٽان بيني بيني ئي، پيشاب ڪري ڇڏيندو

هُيس. ڪڏهن تہ مورڳو ڪانچ ۾ ئي الو ميان ڪري ڇڏبي هئي، يا ننڍ ۾ ئي ڪانچ ۾ پيشاب وهي ويندو هيو.

اها1972 جي پڇاڙي هُئي، بابا ۽ اَمان کي اُڻ تُڻ ٿِي، تہ اميري جي مَڱَ وڏِي سارِي وينِي آهي. ڇو نہ جلدِي پَرڻائجي. مَڱڻي کي اجان بہ مَهينا ئي مَس گُذريا هُيا. جو شاديءَ جُون تياريون شروع ٿيون. اَنين درجي ۾ پڙهندو هُجان. خان محمد اسڪول ۾هڪ جيڏن شاگردن سان ڳالهہ ڪَئِي، تہ هڪ جيڏا ڏاڍو ڪِليا. هيترڙي ٻار جي شادي؟؟!. . سيني جي سامهون ڦِڪو ڦِڪو پِيو ٿِيان. شادي ڇا آهي؟ سا تہ ڪا پروُڙ نہ هُيم. ٻين کي سندن شادِين تي نوان ڪپڙا، نوان بُوٽ ۽ٽوپيُون پاتل ڏِسي دِل ۾ خوشي پئي ٿي. مون کي بہ نوان ڪپڙا مِلندا، رَکي رَکي احساس پئي ٿيم تہ ماساتِ بہ اسان جي گهر اِيندِي، بَس اِها هُئي سُڌِ ٻُڌِ ۽ منهنجي سمجهہ شاديءَ بابت. شاديءَ جون تياريون بہ عجيب هُيون، گهوٽ ۽ ڪنوار لاءِ هڪ هڪ وڳو آيو، جُتي آئي، مون لاءِ ٽوپِي، واچ ۽ اجرڪ تہ ڪنوارِ لاءِ چانديءَ جو ويڙهُ، چار چانڊِيءَ جون واليُون، نَڪ جو سونو ڪوڪو، وڏي ڳالهہ ٿي وئي. پوڄو درزي آيو، ڪپڙن جي ماپ ورتائين.

نوَنِ ڪپڙن تي ڏاڍو خوش ٿِيُس. اڳ عيد براد تي بابي کي ڪپڙن وٺڻ لاءِ روز ڪنن تي ڳالهِ هڻبي هُئي. نيٺ هڪ ڏينهن سنبرندو هيو ۽ شهر ويندو هيو تہ اسڪول جي موڪل بعد اُتران واتر جي ”ڦُڙ“ تي نرا ڏيوپيا ڏِسنداهُياسين. اِجهوبابا آيو، اِجهو ڪپڙا آيا، ڪپڙا ايندا هيا تہ ڊوڙُون پائي گهرِ گهرِ ڏيکاربا هئا، ”ڏسو اَسان جا نوان ڪپڙا، ڏسو اسان جا نوان ڪپڙا“. وڏڙيون مايون مُبارڪون ڏِينديون هيون، ۽ جڏهن ڪپڙا سِبجِي گهر ايندا هئا، تہ عيد تائين صُبح توڙي شام، انهن جي اُتل پُتل ٿِيندي هئي، روز ڏِسبا ۽ڏينهن ڳڻبا ڪڏهن عيد ايندي جو پائِجن.

پوڄي درزيءَ تان ياد آيُم، اُن سال باباءِ امان مون کي پوڄي درزيءَ وٽ درزڪو ڪم سِکڻ لاءِ ويهاريو. چئي ”ابا هُنر پيٽ ۾ هوندو تہ ماڻهو بُک کونہ مرندو“. پهريان ڪاڄ ۽ ٻٽڻ هڻڻ سِکيُس، ڪوريل ڪپڙو سِلائِي ڪَيُم. ڪَٿائِي اجان نہ سِکيو هُيس جو شاديءَ جي تيارين ۾ درزڪو ڌنڌو ڇڏيم. هُنر جي ڳالهہ تان ياد آيم تہ امڙ مون کي اڳٺ ۽ سَڳِيُون ناهڻ بہ سيکاريون هيون، جيڪي ڏاڍيون خوبصورت ناهيندو هُيس. ڪتون واٽڻ بہ سِکيس. سو ڳالهہ پئي هَلِي، شاديءَ جي تَيارِين جي، نانو گل حسن، نواب شاهہ مان چنڊ جي تاريخن تي ڏينهن ڇٽا ڪري، وَنواهہ ڪرائي موٽيو، انگريزي تاريخ ٻينٖي پهرين جنوري 1973. مامو، ڊينگاڻ مان اِري چانورن جون ٻوريون ڊِڳي گاڏيءَ ۾ ڪٽائي آيو، مون کي ڳانو

ٻڌائون، روز رات جو ٿلهي تي ماڻ جا ميڙ گڏجيو سهرا، ڳيچ ۽ لاڏا ڳائن، آءُ ڪٽ تي هٿن پيرن کي ميندي لايو ڀيرن جيان ويهان.

اُن زماني ۾ شاميانن جو رواج نه هيو، ڪانيون وڍي، سرن جا ڇپر ۽ ڇنا ناهبا هُيا. ماما، ڊينگاڻ ۾ شاميانا ڏنا هُيا، اعلان ڪيائين ته شاديءَ ۾ شاميانو لڳائبو، ڄڃ لاءِ به سڄي ساري بس پاڙي ڪبي، سمورو خرچ منهنجو هوندو. دعوتون هليون، ڳوٺن مان ديڳيون گڏ ٿيون. هنڌ ٿيڙ آيا. مِٽ عزيز آيا. ڄڃ جي روانگيءَ کان هڪ رات اڳ ۾ ماموءَ ڄڃ جي پاڙي ڪيل بس ۾ وڏا لائوڊ ۽ بيٽري ڪٽائي آيو. اسڪول جي سامهون ميدان ۾ سرينهن جي وڻ جي چوٽيءَ ۾ لائوڊ ٻڌائون، فوني ۾ رڪارڊ چڙهيا، لائوڊ وڳو، واه واه ٿي وئي. نوربانو، ڪزبانوءِ مائيءَ پاڳيءَ جا رڪارڊ هليا، اصل بلي بلي هُجي. رات جو آتم مينگهواڙ لائوڊ تي چرمِي ڳائي، واه واه وصول ڪئِي.

فجرجو ڄڃ روانِي ٿي. مون کي نوان ڪپڙا پهرائي موڙهه ٻڌي، گهوٽ ڪري، اڳيئن‌ءَ سيٽ تي ويهاريائون، راڄ جا جملي ماڻهو گڏ، پيارو خان ايڊوڪيٽ ته رائفل به آندي هُجي، هڪ ٻه فائر ٿيا ته سيڪواڪيون مهٽيندواُٿي آيو. بابا جو مُرشد بقاءُ محمد قريشي به آيل هُجي، مون کي نئڊڙونوٽن جو هارُ پارايائين، وڳو ڪپڙن جو ڪنوار لاءِ ۽ وِيهه روپيا پوئوڏنائين، خلق پهريون پيرو ڪنهن پير کي مريدن تي خرچ ڪندي ڏٺو، حيرت ۽ تجسس مان.

پهرين جنوري 1973 جي سڄ جا پهريان ڪرٽا منهنجي مُنهن تي پاتل موڙهه تي تڏهن پيا جڏهن ننداڪڙين اڪين سان بس مان لهي، ساهُرن جي گهرَ جي گهٽيءَ تي، باهه جي مچ آڏو سيج تي سينگاريو وينو هُيس. بابا، پُڦي جي ڳوٺان، ديڳيون ڪٽائي ۽ مُلي حاجيءَ کي ڏيڳي گاڏيءَ ۾ ونيو آيو. نڪاح ٿيو، ڳيچ ٿيا، ڍڪڻ پڳُم، لانئون ٿيون، سهرا ۽ سنئوڻ ساڻ ٿيا، ڳُڙ جي ٻُصري کاڌم، مُبارڪون مليون. ٻارهين ڏاري ماساتِ (ڪنوار) سميت ڄڃ واپس وري. سج لهڻ کان ٿورو اڳ، ڳوٺ پُهتي، ته به مبارڪون مليون. سج لٿي کان اڳ نِڪيتي ٿي، ماساتِ جي پوتيءَجي پلوَ کي منهنجي اجرڪ جي پلوَ ۾ ٻڌي اڳيان پويان ڳيچن جي جهونگار ۾ گهر پُهتاسين.

ڇپر ۾ رلين تي راڄ مائِين جا وينا هُجن، وچ ۾ گهوٽ ڪنوار جي سيج واري کٽ تي ويناسون، ماني مِلي، گڏ کاڌي سون، سفر جي ٿڪ منهنجا لِڱ ساٽا ڪري ڇڏيا هُيا. الائي ڪهڙيءَ مهل نند اچي وئي. سُهاڳ رات ته پوءِ ٻُڌم، خبر ئي نه هُئي. صُبح اُٿيس ته کٽ جي چوڦير پٽ تي، مائُون ٻارن سُوڏيون سُتل هُيون، ماساتِ فجرُ جو ئي اُٿي، امڙ کي ڪم ڪار ۾ هٿ وندائڻ لڳي هُئي.

منجهند جو هئو مئو ٽريو، ته امان، ماساتِ جي هٿ ۾ ڪُنجي ڏني، سا به هڪڙي ۽ نئينءَ پيتيءَ جي. جنهن ۾ ڪنوار جا ڪپڙا ۽زيور ڦُلفجي هَليا هُيا. ٻيو گهرَ ۾ هُيو به ڇا؟ ڪاريءَ وارا ڪَڪَ، نه دَرُ نه دَري وڏو ڇپَر. ها سچ ماساتِ جو ڏاجُ گهر ۾ وَڏِيو هُيو. سو به هڪ ڪنجهي جو وٽو، هڪ ڪنجهي جي ٿالِهي، هِڪُ تڏو، هِڪُ هنڌ ۽ هڪَ پيتي الله الله خير سلا.

سُتت ئي حاجي اسلم جو مقاطعو ختم ٿيو، مير تاج محمد ڇَن جي زمينَ پنهنجي وڏي پُٽ مير ناري خان کي ورهائي ڎِني. جنهن مقاطعن بجاءِ خود ٻنيون سنيالڻ جو فيصلو ڪيو. پهريون پيرو ڳوٺ ۾ آيو هيو ته پراٽا خاڪي ڪپڙا پَهرِيل هُيس، پُراٽي جُتي، اونِي ٽوپُ مٿي تي، هلڪي ڪاري ڏاڙهي، وڏيون اکيونءِ بندوق کُلهي تي. مون زندگيءَ ۾ پهريون پيرو مير نارو ڏٺو هيو، مسلمانن سان هٿُ ملايائين، هِندنُ سان نه ملايائين. کٽ تي ته وينوپر پاٽي به نه پيتائين، حُڪم جي انداز ۾ چيائين هندو سڀ هن ڳوٺ مان لڏي وَجن، سو به اَنن ڏينهن ۾، نه ته گهرن تي بلڊوزر هلائيندُس. باقي مسلمان منهنجا پائرآهن سي وينا هُجن، ڪين هارپو به ڏيندُس. انهن ٻن جملن بعد پڙکو ڪائي اُٿيو، پانئيان ٿو ته گامڻ مري گڏ هُيس، ويندي ويندي بندوق سان ڳيرا ماريندو ويو.

سڄي ڳوٺ وارن کي ڄڻ نانگ سُنگهي ويو هيو، مير صاحب جهڙي ڏاڍي سرڪار آڏو ته ڪير به نه ڪُڇيو هيو، سيني جا ڪنڌ هيٺ ٿيل هيا ۽ مُنهن لٿل هئا. پر پوءِ به هرڪ ماٺ هيو. هڪ ٻئي ڏي ڏِسيو اکيون پرجيو ٿي آين، شام تائين صرف ٽڌا شُوڪارا پئي پريائون. هڪ ڏينهن به ڏينهن ۽ نيٺ مير صاحب جي ڏنل مدي، يعني هڪ هفتي ۾ ڳوٺ ويران ٿي ويو، هندوءِ مسلمان جي ناتي ورهاست ٿي وئي، سيني هڪ ٻئي کان روئي موڪلايو، رُڱهي مل جو سمورو پاڙو، ڏهروڙي ڏانهن حاجي اسلم جي ٻنين تي لڏي ويو، جاڻن جو سمورو پاڙو، وڻ وڻ جي ڪاني ٿي ويو، ڪي ڪيڏانهن ويا ڪي ڪيڏانهن، باقي شرن ۽ ڪنپارن جا گهرڙا وڃي بَچيا هئا. اُن ڏينهن شام ٿي هئي ته هيڏي وڏي ڳوٺ ۾ ڪُڪڙوڪُو هُجي، تنهن رات مسلمانن جي گهرن ۾ به ڪي ڪين پَڪَو هيو، سيُڪو روئي، شوڪارا پري، ٻُڪيوئي سُمهي رهيو هيو. مون کي سمجهه ۾ ڪونه پئي آيو، ته اُهو کهڙوڦُرب هُيو، مينگهواڙن سان ڪنهن جي نه مٽي نه مائٽِي، نه سَڱ نه ٻَند، هو هندوهيا ۽ اسين مسلمان هياسين، پوءِ به وڇڙڻ جو ايڏو ڏک هيو!!؟ گهڻو پوءِ اها خبر پِيَم، ته سيني کان وڏو رشتو طبقي جو آهي، سڱ ٻَند، مذهب، مِٽيون ۽ مائٽيون سڀ پوءِ آهن.

مير صاحب هفتي بعد وري ڳوٺ ۾ آيو هيو، ان ڏينهن ميرپورخاص جو دڪاندار رمضان بيڪانيري گڏُ هُجيس، ڳوٺ کي سُجيو ڏِسي، ڏاڍو خوش ٿيو هيو، مجني مرحيات جي پاءُ، قاضي سالار کي ڪمدار ڪيائين. بچيل هارين کي ٻَنيون ورهاست ڪري ڏنائين، نئين سر هارپو شروع ڪيوسين. ٻنيءَ جو خرچ پَڪو توڙي هاريءَ ناريءَ کي اويل سويل جو خرچ رمضان بيڪانيري ڏيندو هُيو، جيڪو شايد مير صاحب سان مُنافعي ۾اڌَ جو ڀائيوار هُيو. ايئن مير صاحب جي هارپي جو پهريون فصل پوکيوسين. انهن ڏينهن ۾ هڪ ڀيري بابو ۽ آئون رمضان بيڪانيريءَ کان خرچ جا پئسا وٺڻ ميرپورخاص وياسين. سندس دُڪان تي وينا هياسين، وٽس ڪُرسيون ئي ٻہ هُجن، جن تي آءٌ ۽ بابو وينا هياسين. اسان کي ڪٽنگ چانهہ پياريائين، پئسا ڏنائين، صلاح ڪيائين تہ گهر جو سامان خريدي، پوءِ منجهند جي ماني مون وٽ ڪائجو. اجان سندس دڪان جي ڪرسين تي وينا هُيا سين، جو ميرصاحب جي جيپ اچي بيٺي. مير صاحب جي اسان تي نظر پَئِي يا اسان کي ڪرسين تي وينل ڏٺائين، تہ موڊ خراب ٿي وِيس ۽ ڊرائيور کي زور سان چيائين تہ هَلُ، جيپ وري چالو ٿي، رواني ٿي ۽ هلي وئي. رمضان بيڪانيريءَ ۽ بابا هڪ ٻئي جي اکينِ۾ نهاريو، مون اندازو لڳايو تہ مير صاحب کي اسان جو ڪُرسين تي ويهڻ نہ وڻيو آهي، چاڪاڻ تہ مير صاحب خود ٻہ انهن ڪُرسين تي ويهندوهيو. جنهن ڪرسيءَ تي مير صاحب ويهي اُن تي غريب هاري ڇو وينا.؟ان بعد مير صاحب جي ڪاوڙ کي رمضان تہ الائي ڪيئن منهن ڏنو هوندو؟، باقي، بابا سان جيڪا ٿي اُن جو ذڪر اڳتي ايندو.

ان ڏينهن اسان کي رمضان بيڪانيري، منجهند جي مانيءَ تي پنهنجي گهر وٺي ويو. نائي پاڙي ۾ حويليءَ نُما گهر هيو، جيڪو ڪنهن ملڪ مان ٽڙيل واٽئي ڇڏيو هيو، ۽ رمضان، اهو ڪليم۾ حاصل ڪيو هُيو. گهر جي بينڪ واري ڪمري ۾ صوفا، پلنگ، ٽيبلون پيل هُجن، صوفن جو فوم ايتروتہ نرم هيو، جوويهندي اندر لَهِي پيا وجون. مانيءَ ۾ڪوڙ طعام آندائين، مڇي تريل، ٻڪر جو گوشت، چانور، چوڪنڊا اُڦراٽا. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو پلوڙ ماني، عزت سان صوفي تي ويهي ٽيبل تي رَکي ڪاڌم، نہ تہ سدائين اٽيي ماني لسيءَ جي وٽي سان ڪائيندا هياسون. تڏهن دل مان حسرت نڪتي، ڪاش منهنجو ٻہ اَهڙو گهرُ هُجي. رمضان اندر ويو، تہ بابا سان ڳالهہ ڪيم "بابا خدا ڪري پنهنجو ٻہ اهڙو گهرُ هُجي". ان ويل بابا جي چهري تي "ڪَڙِي مسڪراهٽ" آئي ۽ وَئي. پڪ سان سمجهيُم تہ، بابا جي مُسڪراهٽ جي پويان سالن جا ڏُک، درد ۽ پِيڙائون ڪَرُ ڪٽيو بينيون آهن ۽ هاڻ زندگيءَ

جي سمورين آسائشن ڪان نا اُميد ٿي، منهنجي اِن ٽِيٽي خواهش تي مون کي راضي ڪرڻ لاءِ مُسڪرائي پِيو.

رمضان بيڪانيري، مُهاجر ٿي ڪري الله لوڪ انسان، نيڪ ۽ ايماندار ماڻهو هوندو هُيو. هاريءَ ۽ مُجيريءَ جو فرق نہ رکندو هُيو، بابا سان ٻتيهہ دليون هُونديون هُيس، هميشہ کيس ”ادا اڪبر“ ڪري سڏيندو هُيو. سوچيان ٿو، شايد هندستان ۾ بہ اسان جي غريب طبقي جو هيو ۽ هِتي ڪليم ۾ مالُ هٿ ڪيو هُيائين. نہ تہ وڏو ماڻهو ۽ ماڻهپو! اهو ڪوڙو ئي نٿو لڳي. ان بعد ورهيہ گذريا، زمانا بَدلِيا، مير صاحب ويو، بابا ويو، امڙ وئي، پهرين گهر واري بہ وئي، ۽ آئون بہ بابا سائينءَ ۽ امڙ سائڻ جي دعائن سان، الائي ڪٿان جو ڪٿي وڃي پُهتس. رمضان تان ئي ياد ٿو اچيم تہ 2001 ڌاري اسلام آباد ۾ هُجان. عيد ويجهي هُئي، فلائيٽ عيد جي رات جو هُجيم. گهر واريءَ فون ڪري عيد جي سامان جو چيو تہ، چيومانس پڙهيل لِکيل آهين، ڪارِ بيني اٿئي، ڊرائيور سان وڃي، پاڻ ئي وٺي اچُ. سا سڌي رمضان بيڪانيريءَ جي دُڪان تي وئي، سامان جو چِٺو ڏنائين، سامان پيڪ ڪرائي، گاڏيءَ ۾ رکندي،

رمضان پُڇيس امان اوهان ڪير آهيو؟

موتَ ۾ ذاتِ ۽ زوجيت، وقت منهنجو نانءُ ٻُڌِي رمضان جا لُڙڪ لڙِي پِيا. پهريائين تہ منهنجيءَ خوشحاليءَ تي هٿ کڻي وڏي واڪ رب سائينءَ جا شڪرانا مڃيائين. ۽ پوءِ منهنجيءَ گهر واريءَ کي مَٿي تي هٿُ رکندي چيائين ”امان تون منهنجي دوست جي نُنهن آهين، معني منهنجي بہ ننهن آهين. وقت ايترو بدلجي ويوآهي، جو تون خود دڪان تي هلي آئي آهين، آئنده امير بخش نہ هُجي، تہ سامان جي لسٽ ڊرائيور سان موڪلي ڏيندي ڪر، پاڻ نہ اَچُ، مون ڪان اهو برداشت نٿو ٿئي تہ منهنجي دوست جي نُنهن بازار ۾ دوڪانن تان پاڻ سودو خريدي“. اهو هيو هڪڙي مهاجر جو ماڻهپو. ماڻهو ڪيئن مڃي تہ مهاجر سڀ اندر جا ڪارا هوندا.!!

سو ڳالهہ پئي هلي مير صاحب جيءَ اسان کي ڪُرسين تي وينل ڏسي ڪاوڙجي جيپ موٽائڻ جي. ورندي ڏينهن ٻنيءَ تي ايندي ساڻ ئي، بابا کي گار ڏيندي چيائين ”اڙي. . . . . . . . . . . . . ڪالهہ ڪنهن جي اجازت سان شهر ويو هُئين“؟ بابا کي هونئن بہ گار تان تمام گهڻي چِڙَ ايندي هُئي، اوطاق جي ڪچهريءَ ۾ بہ جيڪر ڪو هڪ ٻئي کي گار ڏيندو هُيو تہ بہ بابا چِڙي پوندو هُيو. هاڻ جو سِڌي خود کي گار مِليس، تہ ٻِگڙي پيو، جوڙو چڙيندي ئي ”پاٽِڙو“ کڻي، ميرصاحب تي ”لُوهہ“ ڪيائين، جيتوڻيڪ بندوق هٿ ۾ هجيس،

پر بابا جا تيور ڦريل ڏسي، مير صاحب ڏِنو ته ماريندو، سو رڪيائين ڪُڙين تي زور. بندوق ڪلهي تي، اڳيان مير صاحب ۽ گامڻ خان، ته پويان بابو پاٽو هٿ ۾ ڪنيو وڦلندو پئي ويو، نيٺ بابو سائين، مير صاحب سان ڊوڙ ۾ پُڄي نه سگهيو ته سَهڪي بيهي رهيو. ۽ مير ثاري خان پڃي جان ڇڏائي هئي.

تن ڏينهين عالم ڪيريو هن تر ڳُجهو توڙي بنهي ارڏو مُڙس هيو، سوڙهه سڪوڙ ۾ سيڪو وتس پڃي ويندو هيو. هو به مڙس جهيڙي جوتڻ ۽ ڪيسن ڪرڻ جو ڪوڏيو هوندو هيو. جنهن سان به گڏجي بينو ته انهيءَ جو ٿي ويو. انهيءَ تان پوءِ ڪوبه خان خانان ڪونه هٿائي سگهندو هيس. سو به مير صاحبن جي ڪجهه ٻني پنهنجي هارين کان هارپ تي پيو پوکائيندو هيو. پر ڪجهه وقت کان مير تاج محمد سان ڪنهن ڳالهه تي رُنو وينو هيو، گڏوگڏ ڪيس اها به خبر هُئي ته مير صاحب جي ڇن واري لڳ پڳ 158 ايڪڙ پلوڙ ٻني، يُٺي صاحب زرعي سڌارن هيٺ ٺوڙي ڇڏي آهي. ۽ اجان تائين اُنهيءَ ٻنيءَ جودعويدار ڪوبه ڪو نه ٿيو آهي. تن ڏينهين هونئن دعويدار ٿِين ته گهٽيئي ها، پر ميرپورخاص جو مختيارڪار مرحوم عبدالاحد شيخ ۽ ڊي سي هاشم ميمڻ، صفا ايماندار آفيسر هيا، ڪوڙي دعويداريءَ ڪرڻ واري ڪي ٽِيپَ ڪائڻ جي پَڪ هئي. مڙسن جي ايمانداريءَ ۽ اصول پرستيءَ جي هنڌين ماڳين هاڪ هوندي هئي. خاصخيلي صاحب جو ته تعلقو هيو، هاشم ميمڻ صاحب جو ته ضلعو هيو ضلعو به ڪو جهڙو تهڙو ڪونه هيو، هاٽوڪو عمرڪوٽ، ٿرپارڪر ۽ ميرپورخاص ٽئي ضلعا انهيءَ هڪڙي ضلعي ۾ هيا. سو عالم ڪيرئي، جو ٻُڌو ته بابا ۽ ميرصاحب ۾ ڇِڪ ڇِڪان ٿي آهي، سو مڙس رات جو ئي اچي نڪاءُ ڪيو ۽ ڳوٺ وارن ڪي سڏي پاڻ سان گڏ ويهاري پوءِ ڳالهه ڪيائين ته اها زمين هاٽي مير صاحب جي ملڪيت ڪانهي رهِي، سرڪار جي سَندي آهي سَندي. هاڻ رڳو ڇئين آني واري درخواست ڏيڻ جي دير آهي. ٻني اوهان جي ٿي ويندي.

انهيءَ مهل ته وڏيري عالم جي ڳالهه سيني کي ڦوڪ لڳي پئي، ڇو جو سيني کي خبر هئي ته مير صاحب ڪو جهڙو تهڙو ڪونه هيو جو يٽو صاحب انهيءَ کان مائٽاٽي ملڪيت ڦُري ڇڏي. پر پوءِ به هٽي ماري سيني جي صلاح بيني ته ڪجُهه نه ڪجهه ڪجي، پوءِ وري اها به صلاح ٿي ته رُڳهي جي پاڙي جي لڏي ويل مينگهواڙن کي به سڏائجي، سيئي هڪڙي صلاح ٿي پوءِ گڏجي دعويداريءَ لاءِ دانهين ٿجي. ميگهواڙن ڏانهن نياپو ويو، منجهائن به چار جٽا آيا. ورندي ڏينهن مختيار ڪار ڪي ستن اٺن مُڙسن گڏجي درخواست ڏني. مختيار ڪار وٽ انصاف به هيو ته يُٽي جي ٽائيم جي ڪامورن وٽ تڪڙي داد رسي

بہ هئي. بس رڳو درخواست ڏيڻ جي دير هئي، نہ ڊيگهہ تي نہ ويڪر تي، گهڙيءَ ۾ ئي تپيدار گهُرائجي آيو، قرآن شريف ۽ گيتا ڪجي آيا، وچ تي ٻئي پاڪ ڪتاب رکي، ديهہ جو نقشو رکي، قران ۽ گيتا تي هرهڪ کان سروي نمبر سُڃاڻائي، خسره گرداوري ڏِسِي، اوڏيهہ ماڻهن کي اُتي جو اُتي، ٻنيءَ جي مالڪيءَ جا پَٽا ناهي ڏِنائين. نہ پئسو نہ پنجڙُ، نہ ڳِهل نہ گينداڙَ. سيني کي پَٽا مِليا، تہ پنا ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا، پٽي صاحب جو انصاف ڏسي ۽ ست پيڙهيائتي هارپي واري ٻنيءَ جي مالڪ ٿيندي. ڪِن جي اکين مان بي اختيار خوشيءَ لڙڪ پئي لڙيا. خير ميرپور مان واپس اچي، اهي پَٽا ماٺ مِيٺ ۾ گهرن ۾ آڻي رکيائون. ڪجهہ ڏينهن بعد شرن جا اسان وٽ ۽ ميگهواڙن جا رڳهي مل وٽ امانت ڪري رکيائون. عالم پنهنجا پَٽا پاڻ سان ڪٽي ويو. ايئن سيڪو ٽانيڪو تي وجي لڳو پنهنجيءَ پنهنجيءَ ٻنيءَ جي ڪِرت سان. پويان بيڪي ۽ عالم ماٺِ ميِٺ ۾ ڪاغذي ڪم پي اُڪلايا، پندرهين فارم ۾ پئي داخلائون رکرايائون، پاڻِيءَ جي شيئر لسٽ بہ نُهِي تيار ٿي. مير تاج محمد صاحب توڙي سندس پُٽ مير ناري خان کي جَنِ نہ ڪَنِ، پويان ڪم پئي لَٿو. الاٺ ٿيل زمين مان ڪجهہ ٿُڪرن تي اسان شرن مير صاحب جي هارپي سان فصل پوکيو هُيو. جيڪو بہ هاڻ اچي تيار ٿيو هيو. هوڏانهن ماما رمضان کي اُن قصي جي خبرئي ڪونہ هُئي، مُڙس ڪمدارين ۾ پورو هو. ايندو بہ ڇهين ڇهين مهيني ڳوٺ هيو. سو هڪڙي ڏينهن ڳوٺ آيو، تہ بابا، سموري ڳالهہ ڪندي ڪاغذ ڏيکاريَسِ. ماما رمضان کي مير تاج محمد جي هستيءَ۽ هلنديءَ جي خبر هئي، ان ڪري مير صاحب جي ڏمر کان ڏاڍو ڊِنو. ۽ سيني ڳوٺ وارن گڏ ڪري مير صاحب جي ڏاڍ ۽ ڪاوڙ جي ياد ڏيارِيائين. حال گهڙي تہ شينهن ٿيل شرن ۽ مينگهواڙن کان ڊُرڙيون نڪري ويون هيون، ڪي تہ ماما جا احوال ٻُڌندي ئي جهنگ جي خيال لاءِ اُٿي ويا هيا. پانيان ٿو تہ مير صاحب جي پئو کان مڙسن جا دست هليا ويا هيا. گهڙي ئي ڪونہ گذري تہ سيني ڏڪندي ڏڪندي اچي ماما جي اڳيان ٻنين جي پَٽن وارا ڪاغذ رکيا. ۽ صلاح ڏيندي چيائونس تہ، رمضان مير صاحب کي چئجانءِ تہ اسان ڪابہ درخاش ڪا نہ ڪئي هئي، سرڪار پاڻهي گهر ويني اچي هي ڪاڳر ڏنا هيا. ايئن مامو مڙني کان ڪاغذ وٺي، عالم ڪيرئي کان لڪَ ڇپَ ۾ اهي ڪٽي مير صاحب وٽ ويو هيو، ۽ ٻنين جا اُهي پَٽا، مير تاج محمد جي هَٿ ۾ ڏِيندي چيو هيائين، تہ سائين! هي ٻنيءَ جا ڪاغذ حڪومت اسان کي ڏِنا آهن، پر اسان ابن ڏاڏن کان تنهنجي در جو نيمڪ کاڌو آهي، اسان ڪونہ ٿا رکون، هي وَٺُ ڪاتا ۽ پَٽا. اسان ابن ڏاڏن کان تنهنجا

هاري هياسون، اسان جو اولاد بہ تنهنجو هاري رهندو، نيمڪ چور نہ اڳي هياسون ۽ نہ ئي وري هاڻ بہ ٿينداسون.

چوندا ڪونهن تہ هر ڪمال کي زوال هوندو آهي سو پانئيان ٿو تہ اُهي ڏينهن مير تاج محمد صاحب تي زوال جا آيل هيا. هوئن بہ هڪڙو مسڪين ماڻهو، جنهن سڄي ڄمار مير صاحب جهڙي هستيءَ جو هارپو ڪيو هجي، تنهن کي پُٽو صاحب ميراڻي ملڪيت ڦُري، اُن جو مالڪ ٿاهي ڇڏي، سو ئي وري وجي مير صاحب کي چوي تہ سرڪار تہ مون کي مالڪ ٿاهيو آهي، پر آئون توتي ٿورو ڪري مالڪ ڪونہ ٿو ٿيان. تہ اهو فطري آهي تہ مير صاحب هجي يا ڪو ٻيو گرم تہ ٿيندو، ماما اهو تہ سوچيو ئي ڪونہ هيو تہ ڪو مير صاحب ويتر مٿس ڪاوڙبو. ۽ وري ايستائين مير صاحبن مان ڪنهن کي بہ ڪائي ڪل ڪانہ هئي تہ هاڻي اها زمين سندن ڪانهي رهي. مير صاحب ماما جي ڳالهہ نہ سمجهندي بہ ڪانئس ڪاغذ ورتا ۽ ڪاغذ پڙهي، ماما کي اُچلي مُنهن ۾ هَنيائين ۽ بنهي گهٽو اول فول ڳالهائي، بنگلي مان ٻاهر نِڪرڻ جو حڪم ڏيندي چيائين رمضان، مون تي ٿورو نہ ڪر، مون کي سڀ ڪجهہ ڪرڻ اچي ٿو. منهنجو نالو مير تاج محمد آهي، سا تہ توکي بہ خبر هوندي. ۽ ايئن ماما کي مير صاحب جي نوڪرن ڌڪا ڏئي بنگلي مان ڪڍيو هيو، پانئيان ٿو تہ جُتيءَ پائڻ جي بہ مڙس کي گهٽي ڪونہ ڏني هيائون. اهي ڳالهيون ماما ڪنهن سان سَليون تہ ڪونہ هيون، اندر جو سور اندر ۾ رکيو هيائين، پر وُٽي جون خبرون پاڻدين پئي ڏنيون ۽ پڪ بہ اهائي هئي تہ مير صاحب ماما سان اڻ ٿيڻي ڪري بنگلي مان ڪڍيو هيو. ان ڏينهن ماما مير صاحب ڪان موٽيو هيو تہ، عمر ۾ پهريون ڀيرو مير تاج محمد جي در تان تڙجي ٻُڇڙو ٿي نڪرڻ تي ٻرُ ٿِيو آيو هيو، هوريان هوريان سُرٻاٽن ۾ بابا سان مير صاحب پاران ڪيل بي عزتيءَ واري ڳالهہ ڪئي هيائين، تڏهن بابا، ماما رمضان تي ڏاڍو ڪِليو هيو، اصل ٻڌا ٿهڪ ڏيندي چيو هيائينس تہ ادا مون کي تہ اڳي ئي اها پڪ هئي تہ ايئن ئي ٿيندو، ۽ مير صاحب توکي ڳاڙهن گلن جا هار پارائي واپس موڪليندو. ۽ پوءِ وري ڪلندي ڪِلندي چيائينس تہ ادا رمضان، چڱو جيڪي ٿيو سو خير ٿيو، جيڪر دل جهلي سگهين تہ هتي ويهہ، نہ تہ تون وڃي پنهنجي ڊينگاڻ وساءِ، پويان اسان ڄاڻيون تہ تنهنجو مير صاحب ڄاڻي. اسان کي پلي ڪٺاهيءَ ۾ ترائي ڇڏي، جي جيئرا هياسون تہ اچي خبرون ونجانءِ، جي مئاسون تہ پرتاسون رب کي. ڄاڻ ٿيئي تہ اچي ڪانڌي ٿجانءِ نہ تہ بہ تنهنجي مرضي. پاڻهي پيا راڄ وارا پوريندا.

جيئن اڳي ڪونہ ڪتابن ۾ پڙهيو هيوسي تہ ڪُوئنِ جي صلاح هلي هئي تہ ٻِليءَ جي ڪنڌ ۾ گهنڊڙي ٻڌڻي آهي، پر ٻَڌِي ڪير؟ سو مسئلو هيو ڪوئن سان توڙي اسان سان. سو اسان وٽ بہ صلاحون شروع ٿيون تہ، زمين جو قبضو ڪيئن ونجي؟ ڪيراڳرائي ڪري؟ صلاحون هلنديُون رهيون. راڄ ميگهواڙن جو هيو، شرن ۾ بہ اهڙي ٿوم ڪونہ هئي جو مير صاحب کي منهن ڏئي سگهن. ڪيرين جوهڪڙو گهر هيو، انهيءَ مڙس ۾ قلڪون هيون، اصل گُسڻ جهڙو ڪونہ هيو، پر هڪڙو تہ مڙس هيڪلو ٻيو وري پُڇڙيءَ ۾ بہ هيو، خير انهيءَ وچ ۾ مير صاحب ڪورٽن جا در ڪڙڪائي ڪيس ڪڙا سرڪار تي داخل ڪري چُڪو هيو، تان جو مرچن ۽ وونئڻن جو فصل بہ اچي تيار ٿيو، عالم ڪيرئي جي صلاح سان هڪڙي ڏينهن بابا بندوق ڪنئي ۽ ڪوڏر ڳنئي، چيائين هلو تہ هلي پنهنجو پاڻي ٻَڌون. اسين ننڍا هُجون ڪنهن لٺ، ڪنهن ٻانئو ڪنيو، واٽر گهرن جي سامهون ئي هيو، بسم الله ڪري وڃي واٽر کي ڳنڍيو ڏئي، پاڻي ٻَڌوسين. ميرصاحبن جا ڪمدار ڊوڙندا آيا، بابا چَيُنِ، ٻجي پري ٿيو، زمين منهنجي کاتي جي آهي، سرڪاري شيئر لسٽ موجب پنهنجي واري جو پاڻي ٻَڌو اٿم. جنهن بہ ٿين ٿين ڪئي تہ سڌي بندوق هڻندو سانس. مير صاحب جا ڪمدار ڪاراوا اسان ڪان بہ چٽ هيا. سوسپ ڪنهن مانڙي ڪري پوئتي موٽڻ جي ڪئي. نہ جهيڙو ٿيو نہ ڦڏو، عالم ڪيريو پُٽن سوڏو پَريان بينو هُيو، سو بہ آبدار کي وٺي آيو. مير صاحب جي ڪمدار کي واپس گُهرائي، پاڻي ءَ جا وارا ۽ ٽائيم ٻُڌايائينءَ شيئر لسٽ بہ ڏنائين. ٻئي ڏينهن اِلاتي ميگهواڙ بہ پنهنجي ڪڪين موٽيا. اڇي اسان جيان پنهنجين ٻنين جا ڌڻي ٿيا.

هوڏانهن مير صاحب ڏي بہ ماڻهو ڊوڙيا، وڏي وٺ ونان ڪَيِئِين، لوفر لُنب آندائين. هٿيار پنهوار آندائون، ڏاڍا ڏڏا ڏکر ٿيا، پر ايئن سمجهجي تہ ڪجهہ ڪونہ ٿيو. ايئن لڳو پاڻ اسان سيني جا پِير زُور هُيا نہ تہ ڇا رگهي جي ڳوٺ جا ميگهواڙ، ڇا ميگهواڙن سان ڳڏ وينل شرءِ ڇا مير تاج محمد جي زمين تي قبضو، سو بہ ٻنان ڪنهن جهيڙي جهتي ۽ خون خرابي جي، اصل ڪوڙو ئي ڪونہ ٿي لڳو. بس قدرت جو ڪو ميرن تي ڪو ڏمر هيو جو اڻ ٿيٽيون پئي ٿيون.!!پوءِ بہ مير تاج محمد جو تہ سج لهي چڪو هيو يا لهڻ وارو هيو، باقي مير ٺاري مرحيات پهريون ڪم اهو ڪيو جو 100 ايڪڙ ٻني2100 روپيا في ايڪڙ جي اگهہ سان وڪڻي. سرڪار تي ڪيسن جي ذم لائي ڏنائين. جيتوڻيڪ قانوني حساب سان اهي سڀ ڪيس حڪومت جي خلاف ٿيندا هيا، پر اسان کي انهيءَ ۾ لازمي ڏُر ٿيڻو پوندو هيو. اها ڪار ايستائين هلي جيستائين مير صاحب هيو. ڳڏڳڏ هڪڙو ٻيو بہ ڪم ڪيائين

جو ڦهريائين هڪڙا ڪاهاٽي ٻروچ اچي ٻنيءَ تي ويهاريائين، جيڪي صفا اهڙا ٻُرَ هيا جو هنگندي مُتندي به رائيفل ڪلهي مان ڪونه لاهيندا هيا. پوءِ ڦلهڏين جا مري ٻروچ حاجي قادوءَ جي اڳواٽيءَ ۾ آيا، پوءِ وري آٽاه جا شر ٻروچ آيا. سيني کي ٻني ڇڏائي ڏيڻ جي صورت ۾ اڌ ٻني ڏيڻ جو آسرو ڏنو هيائين. شروع ۾ ته اسان سيني کي ڏاڍو ڏڀ ٿيندو هيو ته ڏِنگا ماڻهو اچي لٿا آهن. هاٽي الائي ڇا ٿيندو. پر توڙ تائين ٻنهي طرفين رڳي ڪيڪرات ئي ٿيا، ڪو وڏو ڏچو ڪونه ٿيو. تڏهن اسان کي به پڪ ٿي ته مير صاحب جا آندل ڏاڍا مڙس به اسان جهڙا ئي ڪمزور آهن. ۽ مير صاحب جي سادگي ۽ سچائيءَ کي ڏسي سڀ مڙس ڳلَ سائي ڪرڻ هليا هيا. اهي قصا الائي ڪيترا سال هلندا رهيا، ايتريقدر جو اسين اولادي عيالي به ٿي وياسين.

خير هاڻ هلون ٿا پوئتي، اُن سال مڊل اسڪول ڪانڙيءَ مان اٺون پاس ڪَيُم، خان محمد سال کن اڳ۾ ئي اٺون پاس ڪري ميرپورخاص پڙهڻ ويو هُيو. گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي هاسٽل۾ رهندو هُيو. جڏهن مون اٺون پاس ڪري نائين ۾ داخلا وٺڻ لاءِ پَرَ پئي ساهيا، تڏهن اسان جي گهر ۾ غربت جو ديرو ڄمايل هيو، ويلي تي ويلو پوندو هيو، قرضن جا ڪوٽ هيا. ان ڪري غربُت سبب ٻن ٻارن جوخرچ ڪرڻ لاءِ مائٽ ڏاڍا پريشان ٿيا. تڏهن ماما، بابا ۽ امان کي چيو ته پاڻ هڪڙي خان محمد کي پڙهايون ٿا، ۽ اميرو پلي ٻني جو ڪم ڪار ڪري. بابا سائينءَ ماما جي انهيءَ صلاح تي هڪدم ها ڪَئِي هئي. پر انهيءَ مهل اَمڙ وچ۾ پئي چيو، نه ادا، توهان وٽ خرچ ڪونهي ته خير آهي، پر ڪجهه به ٿئي آئون پورهيا ڪري به پنهنجو پُٽُ پڙهائيندِيسِ. امان جو فيصلي نُما جُملو ٻُڌي ماما ڪٽي ماٺ ڪئي. ۽ ٻئي ڏينهن آئون امان جا ڏنل به روپيا ۽ سرٽيفڪيٽ ڪيسي ۾ وجهي، وڃي ميرپورخاص جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول۾ خان محمد وٽ پُهتس. ڦٽا ڦٽ داخلا مِلي وئي هئي، نائون اي ڪلاس مليو، هاسٽل ۾ خان محمد سان گڏُ ڪمروبه اِلاٽ ٿيو، ٻنهي جون به ڪُرسيون، به ميزون، به ڪٽون، وڏي لئيءَ تي وئي. اُنهيءَ زماني ۾ گورنمينٽ هاءِاسڪول ميرپورخاص وڏيءَ اوج تي هُيو. بلڊنگ آڏو وڏا خوبصورت راند جا به ميدان، سائي ڇهڇ ڇبر، وڏا وڏا وڻ۽ بهترين پڙهائي هوندي هئي. پانئيان ٿو ته سائين حبيب الله ميمڻ هيڊ ماستر هوندو هيو، اسان جو ڪلاس ٽيچر سائين غلام رسول جتوئي هيو ۽ خان محمد وارن جو عبدالفتاح ميمڻ هوندوهيو. نئون ماحول ۽ نئون اسڪول ڏسي حال گهڙيءَ ته وائڙو ٿي ويس، پوءِ آهستي آهستي وڃي انهي ماحول سان هِريس.

منهنجي اَچڻ سان خان محمد تي بہ بوجهہ پِيو، اسان ٻن ڄڻن جا ميس جي مانيءَ جا پئسا مائٽ ڪونہ ٿي ڪَري سگهيا. هڪڙو ڪائي ۽ ٻيو ڏِسي، اهو اسان جي مُنهن تي ڪونہ ٿي پيو، ان ڪري ميس بہ بند ڪرڻي پئي، ڳوٺ آياسين ۽ امان ۽ جيجان سان اهو احوال ڪيوسين، تن ٻنهي رات جي پيٽ ۾ ڏهن سيرن جيترو اٽو، جنڊ تي پِيهي ورتو، ۽ ورنديءَ صبح جو اهو اٽو ڪپڙي جي ڳوتريءَ ۾ وِجهي اسان جي حوالي ڪيائون. جيئن تہ آئون عمر ۾ ننڍو هيس انهيءَ ڪري اخلاقي ۽ اصولي طور هر هفتي اها اٽي جي ٻَڌَ منهنجي مٿي سَجي ميرپور هلندي هئي. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ ڪپڙي جي ڳوتريءَ مان اٽو ڇڻي منهنجي وارن ۾ بہ جذب ٿيندو رهندو هيو، تن ڏينهين اسان ٻنهي کي هفتي جي خرچي بہ روپيا ملندي هئي، جنهن مان هفتي جي موڪل وارو اوٽ موٽ جو ڀاڙو بہ ڪرڻو پوندو هيو. اسين اهو اٽو ميس جي سرڪاري بورچيءَ محمود بنگاليءَ کي ڏيندا هُياسين، جيڪو اسان کي انهيءَ مان ٻن ويلن جي ماني پچائي ڏيندو هُيو، محمود بنگالي، ڪڏهن ڪڏهن صُبح جو رحم ڪائي، اميرن جي ٻارن جي چانهہ مان بہ ڪوپ بہ مفت ۾ڏئي ڇڏيندو هُيو. منجهند ۽ رات جو رُکي ماني ڳِهي ڪونہ سگهندا هياسين، اصل ماني ڀٽاري نڙيءَ مان لهندي ئي ڪونہ هُئي، تہ گرهہ ڳِهڻ لاءِ پاٽيءَ جا ڍُڪ ڀَريندا هُيا سين. پاٽيءَ سان وري ڪڏهن ڪڏهن پيٽ ۾ سُور پوڻ لڳندو هُيو. پوءِ ڀِينل ڳاڙهين مرچن جي هڪڙي پُڙِي ٻن آنن ۾ خريدي آندي سون. ٿورڙا ڀينل مرچ پاٽيءَ ۾ پُسائي اُن ۾ ماني ٻوڙي ڪائيندا هُياسين. ڇا جو احساس محرومي؟؟، ڇا جي رِيس؟؟ڇا جون حسرتون، تہ هاسٽل ۾ رهندڙ اميراڻا ٻار، ميس ۾ ڪُڪڙ ۽ قورما ٿا ڪائين، ۽ اسان رُکي سڪيءَ تي گذارو ٿا ڪريون. بس ڌُن هُئي پڙهڻ جي ۽ ڪانہ ڪا منزل ماڻڻ جي، ٻيو ڪجهہ بہ نہ!!. ها سچ هاسٽل ۾ هڪڙو اسان ڪان بہ وڌيڪ غريب، حمزو بروهي هوندو هيو، جيڪو ميرپورخاص جي اولهہ طرف جو رهاڪو هيو، انهيءَ ويچاري کي تہ بہ بہ ڏينهن ويلا پوندا هيا. موڪل جي ڏينهن ڀاڙو ڪونہ هوندو هيس جو گهر وڃي. پڙهي نڪرڻ ڪان پوءِ ان جو ڏس پَتو ئي ڪونہ پيو تہ ڪهڙي جهان ۾ آهي.

ڪپڙن تان ياد آيو اٿم تہ تن ڏينهين مليشيا رنگ اسڪولي ٻارن جو يونيفارم هوندو هيو، اسان وٽ مليشيا جو هڪڙو ئي وڳو هوندو هُيو. سڄو هفتو اسڪول ۾اهو هڪڙو ئي وڳو پائبو هيو، پگهر جي ڌپ جو بہ احساس ڪونہ ٿيندو هيو، تہ وري استري يا ڪپڙن جا گهُنج ڪنهن کي بہ ياد ڪونہ هوندا هيا. هر ڇنڇرتي واپس گهر ايندا هُياسين. صبح جو امڙ، واٽر جي ڪَپر تي ڪپڙن ڌوئڻ جو ڪُنو چاڙهيندي هُئي، رڳو اسان جا نہ پر سڄي

گهر جا ڪپڙا آچر آچر تي ڌوپندا هيا. اسين مائرن جون پوتِيون گوڏ ٻڌي، مَهتي پُسايل تيل ميٽ سان وِهنجي، واٽر تي ئي ويهندا هياسين. ايستائين، امان ميرن ڪپڙن کي ڪُني ۾ لاٽا ساڙي ناهيل کارُ سان ٻَرهڪائي، نيپوڙي، سيپوڙي، واٽر تي ئي چبر يا ڪنهن وڻ تي سُڪٽا وجهندي هُئي. ڪلاڪ ڪن اندر سُڪل ڪَپڙا پهري گهر اچبو هيو. وري نئين هفتي ساڳيا ڪپڙا ڌوپندا هُيا. اها حقيقت آهي ته غربت جي ڪري سُرهي صابڻ جي ٽِڪي اسان جي گهر ۾ عيد براد تي ئي ايندي هئي نه ته ٻيو ٿيو خير.

ڪڏهن ڪڏهن، هاسٽل جا ٻه سُڪيا شاگرد اسماعيل چانهيو يا نبي بخش بروهي چانهه لاءِ شاگردن کي صلاحي، آمريڪن اسپتال جي سامهون فرنٽيئر هوٽل تي وني ويندا هُيا. جِتي رات جي ٽڪار ۾ نورجهان جا گانا ٻُڌي، چانهه جو ڪوپ ڪوپ پي پوءِ هاسٽل ڏي موٽندا هُياسين. اهڙيءَ ئي هڪڙيءَ راتِ جو اَنن ڏهن جڻن جي گُروپ ۾ چانهه پي هاسٽل ڏانهن موٽندي، گاما اسٽيڊيم وٽان گذرندڙ گاڏين جي قطارمان شهيد ڀُٽي ڪنڌ ٻاهر ڪڍي هٿُ لوڏيو. پانئيائين ته سندس استقبال لاءِ بينا آهيون. ڏاڍا خوش ٿياسون. پنهنجي اهميت ڏِسي. وزير اعظم ڀُٽي جهڙيءَ هستيءَ اسان کي سلام ڪيو ته وَني زور زور سان نعرا هنياسيون، جيئي ڀٽو، سدا جيئي ڀٽو، اسماعيل چانهيو، پير پاڳاري جو مُريدُ هُيو، پير پاڳاري جا مُريدَ ڀُٽي صاحب کان پريرا هوندا هيا، پر انهيءَ رات اسماعيل ٻه اسان سان گڏ نعرن جا ڏُوڙيا لڳايا هيا، پوءِ ٻَئي مِنٿُون ڪيائين ته ڪنهن جماعتيءَ سان ڳالهه نه ڪجو. اهو اساعيل چانهيو پوءِ ڊاڪٽر ٿيو، باقي نبي بخش بروهيءَ جو ڪو ڏس پتو ڪونهي ته ڪٿي ۽ ڪهڙي حال ۾ آهي.

ماما، هڪ پيرو ڇهين مهيني ڪمداريءَ تان ڳوٺ آيو هيو، آچر جي ڏينهن معمول جي خرچيءَ کان علاوه خان محمد کي لِڪائي، ڪي ڏهاڪو ڪن روپيا ڏنائين. هڪڙيءَ شام جو خان محمد مون کي هاسٽل ۾ اڪيلو ڇڏي فلم ڏسڻ ويو. موٽندي مون لاءِ مِنو پانُ ۽ سگريٽ وني آيو. پهرين پيرو پانُ کائِي، زندگيءَ جو پهريون سگريٽ دُکايم، ڪنگهيُس ته دريءَ مان سائين غلام رسول جتوئي صاحب جي نظر پئجي وئي، سگريٽ ته پورا پورا ٿي وِيو، پر سائينءَ جي ٺڦڙ ڪنن مان دونهان ڪڍي ڇڏيا. اَصل ڳُالُ ئي ڳاڙهو ٿي ويو هيو. اها هئي ان زماني جي ماسترن جي سختي، اڄڪلهه جي ماسترن جو ته قصو پري رهيو، پر چون ٿا ته هاڻ ٻچن شل پيءُ پُٽ گڏ وينا نشا پتا ڪن. ڪا پرواهه ئي ڪانهي ته هي ڇا وينا ڪريون، هي اسان پنهنجي اولاد کي ڪهڙي رستي تي پيا لاهيون. ها سو سگريٽ جي

ڳالهہ تان ياد آيم تہ گھڻو پوءِ جڏهن تسِينگ ٿيس، ڪامورو ٿيس، تڏهن اها سا علت پئجي وئي جنهن مان اڄ تائين جان ناهيان ڇڏائي سگھيو.

اُنهيءَ زماني ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ آيل سنڌي ٻوليءَ جي بِل تان سنڌين ۽ مهاجرن ۾ ڇڳّي موچاري تنگا ڪَشِي ٿي هُئي، رئيس امروهويءَ جي، اردو ڪا جنازا هي ذرا ڌوم سي نڪلي، مهاجرن ۾ ممڻ مچائي ڇڏيو هُيو. اُن ڏِينگا مُشتيءَ ڪي ويتر ميرپورخاص مان تڏهن هوا مِلِي. جو ڪامپريهنسيو هاءِ اسڪول ۾ ٻہ ٽي شاگرد ڪنهن معمولي ڳالهہ تان اَٽڪِي پيا ۽ شهريار نالي مهاجر شاگرد مارجي ويو هيو. اهو ڪيس مير تاج محمد جي پُٽ علي احمد، پوءِ جي مشهور داروغي مظهرشاهہ عرف ٽانڊو شاهہ ۽ اڪبرمستوئيءَ مٿان داخل ٿيو هيو. مهاجرن ڪٽي شهر مٿي تي ڪنيو هيو. سڄيءَ سنڌ ۾ سنڌي مهاجر جهيڙا ايترا تہ وڌي ويا جو پُٽي صاحب ڪي مجبور ٿي پنهنجي ٽيلنٽيڊ سوٽ ممتاز علي ڀُٽي ڪي وزارت اعلي تان لاهڻو پئجي ويو هيو، گھڻو پوءِ تہ ماڻهن ڳالهيون ڪيون هيون تہ ايئن ڪونہ هيو، ٻوليءَ جا جهيڙا بہ اصل ۾ شهيد ڀُٽي جي اعلانيل زرعي سڌارن ڪي روڪڻ لاءِ ڪيا ويا هيا. ۽ پوءِ اهو قصو هميشهہ لاءِ سنڌ جي ماڻهن جي نڙيءَ ۾ مڇيءَ جي ڪنڊي جيان اٽڪي پيو هيو، جيڪو اڄان تائين ايئن اٽڪيو پيو آهي. هاڻ جيڪر اسان سمجھون تہ انهيءَ سازش ۾ سنڌي وڏيرو ايم پي اي، يا ايم اين اي شامل هيو تہ پاڻ اهو چئي سگھون ٿا تہ ٻوليءَ واري جهيڙي جو طوق وڏيري طبقي جي ماڻهن ئي اسان جي ڪنڌ ۾ وڌو هيو، رڳو پنهنجون ملڪيتون بچائڻ لاءِ. جيئن غوث علي شاهہ بہ هڪڙو وڏو طوق سنڌ جي ڳچيءَ ۾ وجهي ويو، جيڪو اڄان پيو گھوگھا ڏئي، نہ ڄاڻ ڪيتري تائين ڏيندو رهندو.

تن ڏينهين اسان جو نائين جو امتحان ٿيڻ وارو هُيو. رات جو دير تائين پڙهي، پڙهي، ٻي اُونا هاسٽل ۾ سُتل هُياسين، جو صُبح سويل بابا اچي سَهڙيو، چئي شهر ۾جهيڙن جو ٻُڌي سڄي گھر جا ڀاتي سڄي رات ڳُٽين ۾ سُتا ئي ناهيون، تہ اسان جي ٻچڙن جو الائي ڪهڙو حال هوندو؟ بس هاڻ اٿو ۽ هينئر جو هينئر هلو ڳوٺ ۽ هلي مائرن کي منهن ڏيکاريو، جن سڄي رات روئيندي ڪَٽي آهي. ائين پوءِ ٻَڌي ٻُوٽ ڳوٺ آياسين. ۽ پوءِ مون نائين جو امتحان ۽ خان محمد ڌهين جو امتحان، ڳوٺان روز ٻَسُن ۾ وڃي ڏنو ۽ پاس بہ ڪيو.

هاڻ ڳوٺ ۾گھڻو رهڻ جي ڪري، اويل سويل ٻنيءَ ٻاري جي ڪم ڪار ۾ بہ بابا مرحيات جو بہ هٿ ونڊائڻ لڳو هيس. اُن ئي زماني ۾ مذهبيت جي طرف لاڙو وڌڻ لڳو هيم. هوريان هوريان آئون حد کان وڌيڪ مذهبي ٿيندو پئي ويس. جيتوڻيڪ هن ڳوٺ ۾ ڪو

بہ اهڙو ماٺهو ڪونہ هيو جيڪ مونکي پَٽيون پڙهائي ها. يا منهنجي ويهي ڪا سِڪلائي ڪري ها. پر الائي ڇو جنونيت مون تي حاوي ٿيندي پئي وئي. تن ڏينهين ڳوٺ جِي ڪچي مَسيت جي ٻُهاري ڪيڻ، ڇٽڪار ڪرڻ ۽ رات جو ڏيئو ٻارڻ، منهنجا اولين فرض هوندا هُيا. هر روز صُبح جو قرآن شريف جو دور ڪرڻ، پنج وقتي نماز پڙهڻ، ٽيهَئي روزا رکڻ، تراويحون پڙهڻ کان علاوھ جُمعي جو خُطبو پڙهڻ تہ ذِمي ئي منهنجي هُيو. ڪڏهن ڪڏهن مُلو ابراهيم ٽر هليو ويندو هُيو تہ اهي بہ چار ڏينهن سڀني نمازن جي امامت بہ آئون ڪندو هُيس. تن ڏينهين جيرام ميٽرڪ پاس ڪري، ماستر ٿي ڳوٺ ۾ آيو هُيو. اُن سان گهٽي آڳاٽي ۽ گهاٽي سنگت هُجيم، تن ڏينهين هُو پليجي جي مائو نواز ڪميونسٽ پارٽيءَ سان واڳجي چڪو هُيو، ڪوڙ ساريون اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب مون کي ڏيندو هُيو. جن کي گهٽي غور سان پڙهندو رهندو هيس.

پر پوءِ جيئن جيئن مون تي غالب پوندڙ مذهبي ڪٽرپڻي پنهنجا رنگ ڏيکارڻ شروع ڪيا هيا، تيئن تيئن، جيرام کان ڇِڊو ٿيڻ لڳو هيس، ڀائيندو هيس تي تہ هي جيرام تہ هندو آهي ۽ هر هندو ڪافر آهي، ۽ هر ڪافر منهنجي مذهب جو دشمن آهيۦ جيڪو منهنجي مذهب جو دشمن آهي سو خدا جو بہ دشمن ٿيو ۽ سو بہ اڳتي هلي ڪيس دوزخ جي باھ جو ٻارڻُ ٿيڻو آهي، تنهنڪري هِن جيرام سان منهنجي دوستي تہ مورڳهين مذهب سان دشمنيءَ جي برابر ٿي ٿئي. سو تن ڏينهين نہ ڏني نہ ورتي جيرام سان ياري ٽوڙي ڇڏي هيم. ٻيو تہ نهيو پر پوءِ نندين نندين ڳالهين تي ڳوٺ جي هڪ جيڏن مينگهواڙن سان اٽڪي، وڏا وڏا مذهبي حوالا ڏئي پاڻ کي، مذهبي طور اُتم ظاهر ڪندو هُيس ۽ ڪين نِج ڪافر ڇئي ڪوٺيندو هُيس. تڏهن سمجهندو هيس تہ خدا آهي ئي رڳواسان مسلمانن جو، اها خبر ئي ڪونہ هيم تہ هندو بہ خلقيل تہ اُنهيءَ خُدا جا آهن. رت جو رنگ بہ ساڳيو ڳاڙهو اٿن، جسماني بناوت بہ ساڳي، پوءِ اسان ڇو اُتم آهيون ۽ هو ڇو نيچ آهن؟؟؟ اهي خبرون گهڻو پوءِ پيم، جڏهن ڪامريڊن جي ور چڙهيس ۽ ڪوڙ سارا ڳاڙها ڪتاب پڙهيم. تڏهن ڳوٺائي يارن سان پنهنجن انهن پراڻن روين تي ڏاڍو افسوس ٿيم. اڄ بہ انهن سوچن تي حد کان وڌيڪ پڇتاءُ اٿم.

۽ جڏهن نائين درجي جي رزلٽ آئي هئي، ڏهين درجي ۾ داخلا جا ڏينهن آياهئا، تڏهن خان محمد جيئن تہ ڏهون پاس ڪري چڪو هيو، ان ڪري ماما رمضان، ڪيس سروري اسلاميہ ڪاليج هالا پڙهڻ لاءِ موڪليو. تڏهن آئون اڪيلو ٿي پو هيس. هوڏانهن امڙ جي دِل بہ ڳائُون مائُون ٿيڻ لڳِي هئي، ڇوي تہ شهرن ۾ مُئن مهاجرن جا جهيڙا آهن، منهنجو هيڪلو

پُٽ اسڪول ڪيئن وجي؟؟ اُتي نہ ڄاڻ ڪنهن بابي کي صلاح ڏني هئي، تہ هاءِ اسڪول ڪنڊياري ويجهو آهي. انهيءَ اسڪول جي پڙهائي بہ سُٺي آهي. اميري کي اوڏانهن موڪليو، روزانو بسن ۾ وڃي، اسڪول ۾ پڙهي وري شام جو پنهنجي گهر هليو اچي. انهيءَ صلاح سان سهمت ٿي، بابا سان گڏ وڃي، هاءِ اسڪول ميرپورخاص مان اسڪول ڇڏڻ جوسرٽيفڪيٽ ورتو هيم.

نيٺ هڪڙي ڏينهن، اهو سرٽيفڪيٽ کڻي، هاءِ اسڪول ڪنڊياريءَ سنبريس، پيرن جو چمپل ڦاٽل هُيو، بابا جي ڪُرم واري ڳاڙهي جُتي پائي وِيسِ. بابا اُن ڏينهن پيرين اُگهاڙو بنيءَ تي ويو هيو. مون کي پهرئين ئي ڏينهن داخلا ملي وئي هئي. پهرئين ڏينهن ئي ڪلاس ۾ وڃي اڳئين بينچ تي ويٺُس، جيڪا الائي ڪهڙي شاگرد جي هئي جيڪو شايد انهيءَ ڏينهن موڪل تي هيو. رسيس ۾ خبرپئي تہ هگورني ۽ قلهڏين جا ڪافي مائٽ نائين درجي ۾ پڙهندڙ آهن. ڪانڙيءَ جا لاشاري، بہ محمد عليءَ جي اڳواڻيءَ ۾ ڪنڊياريءَ ۾ موجود هُيا.

گورنمينٽ هاءِاسڪول ڪنڊياري، خان بهادرغلام محمد وساڻ شروع ڪرايو هُيو، اسڪول جي هاسٽل ۾ پري پري جا غريب شاگرد اچي رهندا هُيا، مِڙني کي تہ وقتي ماني، وساڻ صاحب پاران مُفت۾ ملندي هُئي. پانيان ٿو تہ ڪپڙا بہ مفت ڏوپي ملندا هُئا. سنڌي مسلمانن جا اِهي وڏا ڪارناما چئبا، جو سرند وڏيرن مان ڪِن باقائدي اسڪول کولايا هئا. جن ۾ ڪنڊياريءَ جي وساڻ صاحب ۽ پٽ پائٽيءَ جي محمد عثمان مريءَ جا نالا قابل ذڪر آهن. خانبهادرغلام محمد وساڻ، وڏي دل گردي وارو ماڻهو هوندو هيو، سياست ۾ سدائين ڪاميابيون سندس قدم چمنديون ايندِيون هيون، انگريزن جي زمانن کان اليڪشن کٽيندو ايندو هيو. 1970 جي اليڪشن ۾ زندگيءَ۾ پهريون پيرو ڀُٽي صاحب جي طوفان آڏو پاڻ نہ جهلي سگهيوءِ زندگيءَ ۾ پهريون پيروهَارَکاڌائين، ۽ اُن هار جي صدمي ۾ئي فوت ٿي ويو هُيو. جيئن تہ کيس ڪو پُٽاڻو اولاد ڪونہ هُيو. اُن ڪري سندس ملڪيت غلام حيدر ۽ نياز محمد وساڻ کي ورهائجي ملي هئي. نياز محمد، پوءِ نندي وهيءَ ۾ ئي ڀُٽي صاحب جي ڪابينہ ۾ سائنس ٽيڪنالاجي جو وفاقي وزير بہ ٿيو هُيو. وري بينظير صاحبہ جي دور ۾ ٿائيلينڊ جو پاڪستاني سفير بہ رهيو هيو. تن ڏينهن اڄ جيان تعليم ڪاروبار ڪونہ ٿي هئي، ان هوندي بہ، ڀٽي صاحب اهي سمورا اسڪول جيڪي پرائيويٽ طور سنڌي وڏيرا خيراتي طور هلائيندا هئا، سي بہ قومي ملڪيت ۾ وٺي ڇڏيا هيا. ان هوندي بہ هن اسڪول جي هاسٽل اڃا بہ آباد هُئي، وساڻ صاحب جي پونيرن پاران شاگردن کي ماني، اڳي جيان،

جيئن جو تيئن ملندي هُئي. ٻيو تہ نهيو پر اسان پارا هاسٽل ۾ نہ رهڻ وارا غريب شاگرد بہ منجهند وارو ويلو ٽاري ونندا هُياسين، ڪنهن بہ شاگرد ڪي ماني کائڻ کان ڪا بہ جَهلَ ٻَل ڪانہ هوندي هئي.

هاءِ اسڪول ڪنڊياريءَ ۾ تن ڏينهين ڏهين ڪلاس کي انگريزيءَ جو سبجيڪٽ، هيڊماستر مرحوم صفدر حسين اسرائيلي پڙهائيندو هُيو. اسرائيلي صاحب جي پڙهائي ڏاڍي دلچسپ هوندي هئي، سبق شروع ٿيو، پڙهائيندي پڙهائيندي شاگرد کان ڪنهن انگريزي لفظ جي معنيٰ پُڇي، انهيءَ معنيٰ تان ڳالهہ نڪتي، انهيءَڳالهہ مان ٻي ڳالهہ نِڪتي، سبق اُتي ئي رهيو، سائينَ اسرائيلي صاحب جي جوانيءَ جا قصا ڪهاڻيون شروع ٿيون، تان جو پيرڊ پوروتي ويو. سُياڻ جون ڳالهيون وري سُياڻ سان، چئي اسرائيلي صاحب ڪلاس مان الله واهي ڪندو هيو. اسڪول ۾حسابن جو ڪو بہ استاد ڪونہ هوندو هُيو، وساڻ صاحبن جي هارين جا ليکا چوکا ڪندڙ قاضي امداد، وساڻ صاحبن جي حڪم تي واندڪائيءَ ۾ اسان کي حساب پڙهائڻ ايندو هُيو. نہ تہ قصو ايئن ئي پئي هليو. سائين مدد علي مري، سائنس پڙهائيندو هُيو، سو پنهنجي ليبارٽري سنڀاليو وينو هوندو هيو ۽مرحوم الهہ بخش سهتي صاحب، جهڙو زبردست استاد صرف نائين درجي ۾ ئي پورو هوندو هُيو.

ڪنڊياري، اُن وقت ٻنهي ننڍڙوشهر هُيو، تڏهن بس اسٽينڊ، هاٽوڪي مين روڊ بجاءِ اندر يونين ڪائونسل جي آفيس جي سامهون هوندو هُيو، ان جي بلڪل ڏڪٽان، هڪڙو مُسافر خانو هوندو هُيو. جنهن ۾ گُوارِٽيون مايون، مِسِي، مُساڳ، چُوڙيون ۽بَڪَل رکيو، مُسافر عورتن جي انتظار ۾ ويٺيون هونديون هُيون. بس اسٽينڊ جي اولهہ طرف ڊِگهي مانڊٽين جي قطارهئي، اُتر طرف ناڪي جي پويان، قبرستان سان لڳ، هڪ ڪچِي رستِي يونين ڪائونسل جي پنيان نِڪري اسڪول طرف ويندي هُئي. رستِيءَ جي اولهہ کان هِندُن جا ڪُجهہ گهرڙا لوڙهن ۾ هُيا. يونين ڪائونسل جي اولهہ طرف پيل خالي پَٽ کان گهٽو اڳتي، سيٺ اُوڌم داس جو هڪڙو ئي دڪان هوندو هيو، ان کان ٿورو اڳتي وري خالي پَٽُ هوندو هيو، پوءِ هڪڙي بينڪ هوندي هئي ۽ پوءِ بازار سڌي اولهہ طرف ويندي هُئي، اڳتي هلي بازار جي ڏکٽئين پاسي هڪڙو بنگلوهيو۽ پوءِ ڏکڻ ۾ ٻنيون هونديون هيون. بازار وري مُڙي ڏکڻ اتر طرف ٿيندي هُئي. اُنهيءَ ڏکٽئين بنگلي ۾لاشاري رهندا هُيا، مائٽ سُکيا هُين، مسواڙ جو بنگلو ۽بورچي بہ هين، نوابن جيان رهِي پڙهندا هُيا.

ڪلاس ۾ چالهيارو ڪن شاگرد ۽ اسڪول ۾ ٻہ ٽي سئو شاگرد هُياسون. رِسيس ۾ يا ڪنهن خالي پيرڊ ۾ بانَ واھ جي ڪپرن تي هليا ويندا هُياسين، هي اهو بان واھ آهي، جنهن کي منڙائو ڪئنال بہ چئجي ٿو، پر هن تر جا جملي ماڻهو ڪيس بان واھ چوندا آهن. چون ٿا تہ جڏهن هي واھ نهيو پئي تڏهن هن واھ کي ڊزائين ڪري سرزمين تي بيهي نهرائڻ واري انگريز انجنيئر، سنڌ جي وڏيرن ڪان هارين جون تمام وڏيون چيڙون ورتيون هيون. جيئن تہ انهيءَ انگريز انجنيئر جو نالو هيو، مسٽر بارن، ان جي ڪري عام ماڻهو اڄ ڏينهن تائين منڙائوءَ ڪئنال کي بان واھ چوندا اچن. سو انهيءَ بان واھ جي ڪپرن تي بينل ٽالهين ۽ ٻبُرن جي وڻن هينان ويهي، پيرن کي بان واھ جي ٿڌڙي پاڻيءَ ۾ لڙڪائي، ڪتاب پڙهندا هياسون يا ڪچهريون ڪندا هُياسون. اُن زماني ۾ جن بہ شاگرد ساٿين سان دوستيون ٿيون، سي اَڄُ تائين ايئن جو ايئن هلَن پيون. مرحوم محمد علي شرسان تن ڏينهين اهڙا تہ ٻنڌڻ ٻَڌا هئا، جو رات ڏينهن گڏ هوندا هياسين، جيڪر بہ ڏينهن نہ ملياسين تہ هڪ ٻئي کي وڏا وڏا خط لکي پيا احوال ڪندا هياسين. نيشنل بينڪ جي هاڻوڪي ڪاموري قاسم ناريجي، سان بہ اُتان ڪان دوستيءَ جا عهد وپيمان ٿيا، اڄ تائين ايري سيري حال سارو هڪ ٻئي سان ايئن نڀائيندا اَچُون، جيئن سڳا ڀائر نڀائين.

اُن زماني جي سرڪاري رٿا موجب موجوده پاڪستان ايئر فورس جو سنڌڙي ايئرپورٽ، موجودھ جاءِ ٻجاءِ روڊ جي اوپر طرف ناهڻو هيو، انجنيئر ماپون ڪري نشان ڏيندا هُيا. ٺيڪيدار، ريتيءَ، ڪرش ۽ سِرُن سان نشانن جا ٻن فوٽن جا ٿنيا ناهيندا ويندا هُيا. آئون گهڻو ڪري موڪلن ۾ يا ڪڏهن، ڪڏهن اسڪول ڪان گُسائي، بابا جي ڊڳي گاڏي جوٽي، مزدوريءَ تي ريتي ۽ سِرُون روڊ ڪان ڪٽي مختلف نشانده جاين تي پهچائي، شام جو چاليھ، پنجاھ روپيہ ڪمائي، بابا جي هَٿ جي ترِيءَ تي رکندو هُيس، تہ بابا ۽ امان، اڪيلي پُٽ جي پهرين ڪمائي ڏِسي خوشيءَ جا لُڙڪ لاڙي ويهندا هُيا.

ڳالھ پئي هلي ڪنڊياري هاءِاسڪول جي، سو اسڪول جي موڪل بعد، بس اسٽينڊ جي اولهنديان، ماندڻين جي قطار آڏو ڀِيل ٻن بينچن تي بس جي انتظار ۾ اچي ويهندا هُياسين. اُهي بينچون، خدا بخش ناريجي پنهنجيءَ ماندڻيءَ آڏورکيون هيون. خدابخش، هڪ ٽنگ ڪان جَڏوءِ ڏاڍوقربائتو ماڻهو هوندو هُيو. بس اسٽيند تي هڪ گاڏي وارو ڪير واريون قلفيون ڪٽي ويهندو هيو. ڪنڊياريءَ جو موجوده وڏيرو منظور وساڻ، تڏهن شايد انين درجي ۾ پڙهندو هيو، موڪل بعُد انهيءَ گاڏي مَٿان ويهي لڳاتار قلفيون ڪائيندورهندو هُيو. مون کي قلفيون ڏاڍيون وڻنديون هُيون، پر غربت ۽ مِسڪينيءَ سبب ڪائي نہ سگهندو

هُيس. منظور وساڻ ڪي ڦُلفيون چوسيندي ڏِسي منهنجي وات ۾ پاڻي پرجي ايندو هُيو. دِل ئي دِل ۾ ڦُلفيءَ کائڻ جا سَڪڙا مزا پيو وٺندو هُيس.

ڪنڊياريءَ ۾ شاگردن جي يونين بہ هُئي. علي اڪبر راهمون صدر ۽ منظور مير بحر جنرل سيڪريٽري هيا. شاگرد چوندا هُيا تہ اُها يونين ڪجهہ ورهيہ اڳ مئٽرڪ پاس ڪري ويندڙ ٻن شاگردن تاج مريءَ ۽ امداد چانڊئي نهرائي هُئي. امداد تہ تمام گهڻ پر تاج مري، جُمعاڻي، چانڊاڻي اسڪول مان پيرو پيو پَجندو هُيو. اُن وقت تاجُ، شاگردن جي مضبوط تنظيم سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو مرڪزي اڳواڻ هيو. بہ ٽي پيرا جيل ڪاٽي چُڪو هُيو. اُستاد توڙي شاگرد، سنڌس تمام گهڻو احترام ڪندا هُيا. آئون پري ڪان ئي ڪيس ڏسندو رهندو هُيس. تاج سان اڳتي هلي چڱا واسطا وڌيا. جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو.

امداد چانڊئي لاءِ گهڻو پوءِ، مون کي مرحوم الله بخش سَهتي ٻُڌايو تہ، جڏهن امداد جا وڏڙا سڪرنڊ کان ڪنڊياريءَ لڏو ڪٽي آيا، تہ امداد سڪرنڊ جي ڪنهن مدرسي يا اسڪول جي مهتمم جو خط کڻي مون وٽ آيو هيو. لِکيل هُيو، سهتا، لِڏِ ۾ لعل لِڪلُ آهي توڏي موڪليان ٿو اُميد تہ ڳولي لهندين ". اهو امداد پوءِشهيد نذير عباسي کان پوءِ ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن پاڪستان جو چيئرمين ٿيو هيو، ضيائي دور ۾ آمريت سان چڱو موچارو مُهاڏو اٽڪايائين، ست ورهيہ سزا ڀُڳتڪن سُوڌي ڪاٽيائين، ضيائي باقيات جي اک ۾ ڪنڊو ٿي اُڀريو. اڄڪلهہ لطيف يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽريٽ ڪري پيو، اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت ۾ اتي ئي بين الاقوامي تعلقات پڙهائي ٿو. شل رب ڪري اجان بہ ترقيون ماڻي.

مئٽرڪ جو امتحان، هاءِ اسڪول سانگهڙ جي سينٽر مان ڏنوسين، رِزلٽ ٻن مهينن بعد اچڻي هُئي. ٽيسٽائين اسڪول مان واندا ٿي، وجي گهرن پيڙاٽياسين. انهيءَ واندڪائيءَ جي ڪري، هڪڙي ڏينهن بابا چيوتہ، پُٽ مامَهين رمضان، نئون شوق ڪري ڊينگاڻ مان ٽيهارو ڪن رڍون، اوڏر تي خريدي آنديون آهن، جن جي پويان اڪيلو جان محمد ڀُٽڪندو وتي، تون بہ ڪڏهن ڪڏهن جان محمد ڪي ساهيءَڏيڻ خاطر رڍون چارڻ ويندو ڪر. اُنهيءَ طرح آهستي آهستي جهنگ ڏانهن وڃڻ ۽ رڍون چارڻ لڳس. اُن زماني ۾ مون جيڏا، مون سَرتا ڏاڙهيون ڪُوڙڻ لڳا هئا، مونکي اچي اُونَ ورايو هيو تہ الائي ڇو مون کي ڏاڙهِي نٿي اچي؟ جڏهن، ڪنهن پاڻ جيڏي سان صلاح ڪئي هيم تہ يار ڏاڙهي ڪونہ ٿي اچي، الائي ڇو. تنهن تي صلاح ڏني هيائين، يار تون هينئن ڪر جو رِڍُن جو ڪير ڏُهي، روزانو مُنهن تي لائي، انهيءَ جي مٿان بليڊ ڦيراءِ، تہ ڏاڙهي سِگهي ايندي. پوءِ انهيءَ صلاح تي

عمل ڪندي، اڪثرڪري منجهند جو رڌون، واٽر جي اوسي پاسي ۾گهاٽي ٻبرجي ڇانوَ ۾ ويهاري، لوٽيءَ ۾ رڌن جو ڪيرڏُهي، ٽِريٽ بليڊ جو اڌ پَجي، سرَ جي تِيليءَ ۾ ڦاسائي، ٻنهي ڪُندن تي ڏاڳو ويڙهي، نَنڍڙي ٽڪَ گوڏي تي رکي، ويهي بليڊُ مُنهن تي گُهمائيندو هُيس. اهو روز جو معمول ڪري ڇڏيم. ساڳيو بليڊ ساڳِي سَرَ جي تِيلي، ساڳيو واٽر جو ڪَپُ ۽ آئون. الائي ڪيترا ڏينهن اهو سلسلو هلندو رهيو. تان جو روز روز جي بليڊ جي ڦير ڦيران ۽ رڌن جي گرم ڪير اثر ڏيکاريو ۽ ڏاڙهي به اچڻ شروع ٿي وئي.

هوڏانهن اڃان مئٽرڪ جي رزلٽ اچي ئي اچي، منهنجي مُنهن ۾ ڏاڙهي پوري لَهي ئي لَهي، آئون شينهن مُڙس ٿيان ئي ٿيان، جو ماساتِ منهنجيءَ ڀيڻ ڏيءَ کي جَنميو هيو. اجَان ڇني به نه ٿي هئي ته ماساتِ جي مائٽن جا نياپا پُڳا هيا. ته اڪوُءَ جي ڏنل زبان موجب اهو سَڱُ اسان جو آهي. ماساتِ جي مائٽن جا نياپا ايندا رهيا. اُنهيءَ وچ ۾ بابا ۽ ماما خان محمد جي شاديءَ جي تيارين ۾لڳا. ڏينهن ڇٽا ٿيا. ٻُڪيءَ جي ڏينهن، اوڙي پاڙي جو عورتون جيئن ئي ڳيچ ڳائينديون، اسان جي گهر جو ٻَنجرو ٽُپي، ڪنواريتن جي اڱڻ تي پُهتيون، ته خان محمد جو سهرو، ڪرڙ خان لٺ ڪٽي اُٿيو، ڇئي مون وَڙُ ڪيو هيو تڏهن، جڏهن اوهان وٽ سَڱُ نه هُيو، هاڻي سَڱُ اَٿو. ڀرپائين مون کي بَدو ڀري ڏيو، پوءِ ٻُڪي وجهو. ماما رمضان جا واجڻ وڄِي ويا. بابا ڏانهن نهاريائين. جنهن نه ڪئي هم نه تم، اصل ڦٽا فٽ ڪنواريتن کي چيائين اچو منهنجي پوٽيءَ تي پوتي پارائي، پنهنجي پُٽ جي نانءِ ڪريوءِپوءِ ٻُڪِي وِجهڻ ڏيو. ۽ پلڪن ۾ ائين ٿيو، آئون انهيءَ ڏينهن به رڌون چارڻ ويو هُيس، شام جو موٽيس ته ماساتِ اڪين مان لڙڪ لاڙي، قِصو ٻڌايو هيو. تنهن ڏينهن مائٽن جي اهڙي ابهري فيصلي تي ڏاڍو ڏک ٿيوهيم، ڏيءَکي ڄائي هفتو ئي مَس ته ٿيو هيوجو اَڻ ڏِٺل جي نانءِ تي وئي هئي.!! هي ڪهڙو انصاف آهي؟ جيئن ته اڳ۾ به عرض ڪري آيو آهيان، ته ماساتِ مون کان عمر ۾ اٺ سال وڏي هئيءَ ڪافي سمجهدار به هُئي. مون کي انسان ٻڻايو هُيائين سو مون کي ملول ڏسي ڪاٻي ٻانهن پنهنجي مُنهن تي ڦيري، لُڙڪ اُگهي، يڪدم چيائين. ماسات، اهو پنهنجن وڏن جو فيصلو آهي، پاڻ کي هر حالت ۾ آمين چوڻو پوندو، آئون ته ڏاڍِي خوش آهيان. لُڙڪ ته خوشيءَ ۾ آيا اٿم. تون به بابا کي ڪجهه نه چَئجانءِ. اُنهيءَ ويل پڪ سان سمجهيو هيم، ته هُن جي اندر ۾ اُڌما هئا. اصل ڪَڙهِي پَئي ڪڙهي، پر وڏڙن جي احترام ۽ ڳَڏيل ڪٽنب جي ڀَلي خاطر، وڏڙن جو فيصلو تسليم ڪري ويني هُئي.

ڳوٺ وارن ڪي اسان سميت جيتوڻيڪ زرعي سڌارن ۾ ڪجھ زمينون مليون هُيون، پر پُڇڙي جو واٽر هجڻ ڪري پاڻيءَ جي گھٽتي ڪوٽ هوندي هئي، فصل اڌوگابرا پچندا هيا ۽ وڌندڙ مهانگائيءَ سبب ڳوٺ جي رهاڪن جي مالي حالتن ۾ ڪو خاص ڦيرو ڪونہ آيو هُيو. ساڳيا لاٽون، ساڳيا ڇُڳھ هيا، آٽيون چاڙهيون هُئي. اُنهيءَ زماني ۾ دلور اسٽاپ تي بجلي آئي هئي ۽ رائٽ مل جي پٽ پرمانند عرف پمونءَ واٽئي، بجليءَ تي هلندڙ اٽي پيهڻ جي چڪي لڳائي هئي، جيئن تہ اها بجليءَ تي هلڻ واري چَڪي هئي. تن ڏينهين ماڻهو بجليءَ ڪي گھٽو ڪري پانور چوندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن گرمين ۾ فجر جو امڙ ڪي جنڊ پيهندي پَگھر ۾ شَلُ ڏِسي دِل چوندي هُئي، تہ امڙ کي عذاب مان ڇڏايان ۽ چَڪيءَ تان اٽو پيهائي اچان. ڊِڳي گاڏي جوتڻ جو آسرو ڪونہ هوندو هيو، ڇو جو ڊِڳا گھٽو ڪري ٻنيءَ جي ڪمن ۾ قابو هوندا هُيا. تڏهن مَنوءَ ڪنڀار ڪان سوالي گڏھ ونی، مڻ ڪٽڪ جو گڏھ جي پُنن تي رَکِي، دلور جي چَڪيءَ تان اٽو پيهائڻ ويندو هُيس. پيسائي جا پئسا ڪيسي ۾ ڪونہ هوندا هُيا، چَڪيءَ واري سيٺ پمونءَ مل، ڪي پِيسائيءَ ۾ اٽو ڪاٽڻ جو چئي، هڪڙو روپيو روڪڙو بہ وٺندو هُيس. جنهن مان نکي بروهيءَ مرحوم جي هوٽل تي دود پَتِي چانهہ پي خوش ٿيندو، گڏه تي اٽو لَڏي گھر موٽندو هُيس. ويندي وقت تہ منوءَ ڪنڀار وارو گڏهُ فضيلت سان هلندو هُيو، پر واپسيءَ ۾ گھَرَ جي تانگھہ يا ٻُک سببان ڳوٺ ڪي ويجھو ٿيندي ئي، ٻَڌا ٽُپ ڏيئي ڊوڙڻ لڳندو هيو. آئون اٽو سنڀاليندي، سنڀاليندي ڪڏهن ڪڏهن، اٽي سوڌو پاڻ بہ وجي هيٺ ڏوڙ ۾ڦھڪو ڪندو هُيس ۽گڏھ پُستيون هڻندو گھَرَ پڄي ويندو هُيو. پوءِ ڏُوڙ ۾ پيوٽ ٿِي، اٽو متي تي ڪٽي، اچي گھر پهچندو هُيس. اٽو، مِتيءَ پگھر گڏجي منهنجي مُنهنَ جي اهڙي تہ حالت ڪندا هيا جو وجي ٿيا ست خير!!!.

چوندا آهن تہ ڏُبريءَ ڪي ڏُک بہ گھڻا هوندا آهن، سو خان محمد جي شاديءَ ۾ماساتِ جا مِٺَ آيا، تہ هڪ بہ ڏينهن وڌيڪ ترسِي پيا، هَئو مئو ٽريو تہ بابا سان ڇِڪ ڇِڪان ڪيائون، چئي، تو پيٽ لکي ڏنو هيو، تنهنجي سَڱ ڏِيڻ جي زبان هُئي، سَڱ ٿيو تہ ٻين ڪي ڏِنُئي، اها سنئين سڌي ۽ ديناداستي بي واجبي آهي، جيڪا اسان ڪان هرگز سَني ڪونہ ٿيندي. ايئن ڇِڪ ڇِڪان شروع ٿي تان جو وڌندي وڌندي، دڙڪو ڏنائونس، چئي اسان پنهنجي ڇوڪري وٺي وجي ٿا ويهاري ڇڏيون، اڄجانءِ تہ آڱونو ڏينداسونءِ. پهريائين اسان ڪي سَڱ ڏيئي پوءِ وٺي وڃجانءِ.

ماساتِ جي مائٽن جي اها بن ڏينهن جي رينگ رينگان، ماساتِ ڪَنڌُ هيٺ ڪَيون پَئي ٻُڌي. سا بہ ڪا مائٽن تي اندر ئي اندر ۾ڪڙهِي ويني هُئي، ۽ هيٺ ڪنڌ ڪيُون گھڙيءَ

پئي پير جي آڱوٺي سان مٿي ڪوٺيائين، نيٺ تنگ ٿي، ڪَنڌ ڳٽي پيءُ کي چيائين، اَبا او ابا، مون کي وِڪُيَوَ، ڏِڳا ورتو، ٽَڪا ورتوَ، اجا به ڏوهُ نه ٿِيوَ. حيفُ هُجيوَ، جو اجان به سکيو ٽڪر ڪائڻ ڪونه تا ڏيو. سو آئون نه اَڄ اوهان جي ڏيءُ نه سُياڻ به اوهان جي ڏيءَ. جيڏانهن جا آهيو تيڏانهن وَڃو. آئون نه اڄ هلانوَ نه صبحاڻ هلانوَ، منهنجو مرڻ جيئڻ هاڻ هتي ٿيندو، ۽ خدا کان دعا ٿي گهران ته هتان منهنجو جنازو ئي نڪري. ماسات جي ايڏي وڏي همت ڏسي اسان جا ته وات پٽجي ئي ويا هيا، ايڏي همت!!! بلي.!!!

۽ پوءِ ماساتِ جيڪي چيو سو ڪري به ڏيکاريائين، ورهيه گذريا، سندس مائٽن ۾ ڪيترائي مرٽا ٿيا، ڪيترائي پرٽا ٿيا، ته به اک ۾ ڳوڙهو ڪونه آيس. نه ئي وري اباٽي وطن جي سِڪَ سَتايُس. جڏهن پرٽجي آئي هُئي ته ويڳو ياءُ ابراهيم، ٻن ٽن ورهين جو هوندو هيو، سو جوان ٿيو. لاکي جو ڳوٺ ڦِٽو، ته سٺ ميل تان لڏي شهدادپور آيا، پر ماساتِ پنهنجو وچن قائم رکيو آئي. ابراهيم جوان ٿي، ويڳيءَ ڀيڻ جي سِڪ ۾ پُڇائيندو آيو. ٻارهين ميل تي آيو ۽ اچي منهنجي پُڇا ڪيائين. آئون سامهون وينو هيس، ٻُڌان وينو، ڏِسان وينو، اڳلي پُڇيس، جنهن جو پڇين تو اُن کي سُڃاٽين به ٿو يا نه؟

وراٽيائين، اٿم ته ڀيڻ جو مُڙس پر ڪيس ڏِٺو ڪڏهن به ڪونه اٿم پوءِ ڇڪي ڪٽي ڇاتيءَ سان لاتو مانس. پيٽس وٽ آندم، ڇئي هيءُ ڇوڪروڪير آهي، جنهن کي گهر ۾ وني آيو آهين؟ جڏهن ٻُڌايو مانس ته ياءُ اٿئي ابراهيم.!! ته جهِجي پئِي. ورهين پُڇاٽان ويڳي ياءُ سان مِلي، ته ٻنهي جون اکيون ڀِنيون ڏاڍو رُنا. اُن وچ ۾ عيد براد تي ماساتِ جو بابو پيو پيروڪندو هيو. گهٽا ورهيه پوءِ جڏهن ڏُک ڏور پجي ويا، ۽ سُک آيا، ته هڪ ڏينهن گاڏيءَ کي مختلف رودن تان گهمائي ڦيرائي، لاکي جي ڦِٽل ڳوٺ ويجهو وڃي گاڏي بيهاريم. ماساتِ کي چَيم گاڏيءَ مان لَهُه، لَٿي ته چَيومانس، يادُ ڪَرَ هيءُ علائقو، هي وڻ ٽڻ اڳي ڪڏهن ڏٺا اٿئه؟؟ اونهي سوچ ۾ پئجي وئِي هيڏي هوڏي نهاري، وٽن ٽٽن ڏي ڏِسي، نِوڙِي مِٽيءَ جي لَپَ پري سُنگهيائين. مِٽي سُنگهندي ئي اکين مان ايندڙ لُڙڪ اُگهي چيائين ماسات ڳوٺ جي سُڃ ۽ ويراني ڏسي، پهرين ته پڪ ئي ڪانه پئي بينم ته هي جنم جي جاءِ اٿم، پر هِتي جي مِٽيءَ مان اَمڙ جي هڏڙن جي خوشبوءِ سُنگهي پڪ ڪَيم ته هيءُ اُهو ئي ڦِٽل ڳوٺ آهي، جِتي جايس، نِپيَسِ، ڳُڏڙين سان رانديون ڪيڏِي وڏِي ٿيس، زندگيءَ جا ويهه سال گذاري تنهنجي پَناري پِيس.

تنهن زماني ۾بابا کي گوڏن ۾ شديد وائِي سور ٿيندو هُيو. سور به اصل اهڙو جورڙو رڙ پئي پوندي هيس ۽ گهر جا سمورا پاتي مٿس ويهي رات گذاريندا هياسين. هڪڙي پيري

پاڙيءَ جي واري جي رات جو ڪيس گوڏن سان گڏ ٽنگن جي ٻُڪين ۾ به اچي سور پيو. سور به اهڙو جو مڙس وَٽَ پئي ڪاڏا. تان جو اوچتو بابا کي پاڙيءَ جي واري جو سڌ ٿيو هيو. ان رات سُور جي شِدت ۾ بابا ڦتڪندي به اٿيو، ۽ اُنهيءَ حالت ۾ به لَٺ جي ٽيڪ تي اُٿي ڪوڏر ڪنيائين. ان وقت مون ۾ الائي ڪٿان همت آئي هئي، اڳتي وڌي، بابا کان ڪوڏر وٺندي چيم ته بابا بَسَ، هاڻي گهڻو ٿيو، آئون ٻني ڪندُس، پاڻي ورائيندس، توهان آرام ڪَريو.

تن ڏينهين صفا ڏِڄڻو ۽ گيدِي هُجان. رات جو ڪَٺَ تان به نه لَهان، هوا جي سُوسٽ تي به ڏڄي هيڏانهن هوڏانهن لوٽا ڦيريان رڳو جنن ڀوتن جي ڀئوَ کان. پرانهيءَ رات الائي ڪٿان دليري آئي هيم، همت ڪري پاڙيءَ جي واري تي هليو ويو هيس. سڄي رات ٻنيءَ ۾ هيڪلي سر پاڻي ورايم، نه ڏپ ٿيو نه ڊاءُ. جڏهن تاري اُڀرئي مهل ٻنيءَ ۾ بيٺل ٻن ڏُنبن ٻَرُن جي هيٺان آيس، ته منهنجي پيرن جي ڪڙڪي تي مٽي ٻهرن تي ويٺل، به چار نڌاڪرا ڳيرا، چرڪَ ڀري، ڀڙڪو ڪائي اُڏاڻا. ڳيرن جي اڏامڻ جو ڀڙڪو ايترو ته اوچتو ۽ اڻ سوچيو ٿيو، جو تن بدن مان ڏُرڙيون نڪري ويون، ٿورو ٿوروسيئاندو ٿيو، سڄي جسم جا وار اُڀا ٿي ويا، هلڪي ڏڪڻِي به ٿي. پهريائين ته ڳيرن جي خبرئي نه پئي، ڀانيم الائي ڪهڙي بلا هئي؟ ڪو جن هيو يا ڀوت هيو. پر پوءِ اندازو ڪري ويس ته اهي نڌاڪرا ڳيرا هيا، جن منهنجو هينئون ٿي ڦاڙيو.

پوءِ به ٻنيءَ کي مڙسان مڙسي پاڻي ڏيندو ۽ هلندو رهيس، فجر ڏاري جڏهن مُلي ابراهيم، اسان واري ڪچي مسيت مان ٻانگ ڏني هئي، ته بابا، لَٺِ جي ٽيڪ تي ٽِڙندو ٽاٻڙندو مون لاءِ چانهه جي ڪٽلي ڪڻي آيو هيو، منهنجي ڏڄڻ جي عادت سبب پريان کان ئي هَڪَل ڪئي هيائين ته ابا راتِ جو ڊِنين ته ڪونه؟ وڏي زور سان اُتان ئي وراڻيو هيم، نه ابا نه، ٿُپ ڪونه ڊنو آهيان. بابا ويجهو پُهتو ته ڳراٽڙي پاتي هيائين، جسم کي هٿ لڳندي ئي چيائين، اڙي توکي ته تپ جا آڙاهه آهِن، آڙاهه، ٻَرِين پيو ٻَرِين. بس هاڻي هَلُ گهر، آئون پاڻهي پاڻِيءَ جا آواندا ڏگها ڪري، گهر ٿو اچان. ايئن انهيءَ فجر جو تپ ۾ هُڙڪندو گهر آيو هيس، امڙ ۽ ماساتِ، سوَڙين جي ڀَري مٿان سَٽِي هئي، ته به سيءُ ڪونه لٿو هيو، تڏهن ڪي ڊاڪٽر ته اوڙي پاڙي ۾ سُجهندا ئي ڪونه هيا، ان ڪري سِجُ اُڀريو ته ماڻهو ڊوڙايائُون، ڪيرين جي ڳوٺ مُلي لقمان ڏي تعويذ لاءِ. مُلي لقمان، تعويذ ڏيندي، چيو ته، همراهه کي ديوَ جي جهڙپ اچي وئي آهي. تڏهن پڪ ٿيم ۽ دل ۾ به سوچيم، راتوڪو ڀَڙڪو ڀانءِ ديوَ ئي ڪيو هو.

اهو تپ تہ الائي تعويذ سان لٿو يا پاٺهي لٿو هيو، پر ان واقعي ۾ ديو جي جهڙپ جي ڪجهہ ڏينهن بعد، تعويذن جو هڪڙو ڪِتاب ورتم. اُن ۾رات جو ڊڄڻ وران لاءِ تعويذ ڳوليم. هڪ هنڌ لِکيل هُيو، جيڪو ماڻهو رات جو ڊڄندو هُجي، اُن کي هيءُ تعويذ ناهي، ڪنڌ ۾ ائين پارائجي، جو دل جي مٿان لَڙڪندو هُجيس، تہ اهو ڪڏهن بہ نہ ڊڄندو. پاڻ ئي پنهنجي لاءِ تعويذ لکيم، امڙ کان اَگِڙيءَ ۾ پوئائي، سُٽ جي ڪاري ڌاڳي ۾ سبائي ڪَنڌ ۾ پاتم، تہ دلير ٿي ويس. ڊپ ڊاءُ سڀ ڪافور ٿي ويا هيا. پاٽيءَ جو اڳلو وارو، ٻيو وارو، ٽيون وارو، ڊپ نہ ڊاءُ، صفا شينهن ٿي پيس، مِٺَ مائٽ حيران هجن تہ هي ڇا ٿيو؟ ڊڄڻو مُڙس دليرڪيئن ٿيو؟ تعويذ جي ڳالھ ڪنهن کي ڪونہ ٻُڌائي هيم، اصُل ۾ هيو ائين جو ڊڄندو تہ اجان بہ ڏاڍو هُيس، پر بابا جي تڪليف سَنِي ڪونہ ٿيندي هئي. اُن ڪري ڳالھ ڪنهن سان ڪونہ ڪندو هيس.

ائين آهستي آهستي، بابا جون دُعائون ڪَنڻ لاءِ تعليم چڙهي پڪو هاري ٿي پِيُس. تن ڏينهين بہ طرفي ٻني پوکيندا هُجون، پنهنجيءَ الاٽ ۾ پنج ڇھ ايڪڙ، حاجي محمد حسن راڄڙ وٽ هارپي تي ٻن جوڙن جي ٻني. ٻئي جوڙي تي جان محمد هوندو هيو، تن ڏينهين، گهرَ گهرِ ۾ ڏاندن جا جوڙا هوندا هُيا. جنهن جي بہ گهَر ۾ ڏاند نہ هوندا هيا تہ اُهو گهرئي نياڳو چئبوهيو. جنهن هاريءَ جا ڏاند اَيرا هوندا تنهن لاءِ بہ چوندا هُيا تہ ادا، جيڪو ڳگدامن کي ٻُڪيو رکي، سو ڪڏهن بہ نہ سُڌري. اسان جي ڳوٺ ۾ چالهياروڪن ڏاندن جا جوڙا هوندا هُيا. جوڙن جا سلهٽَ ٿيندا هئا، اَيرن سَيرن هارين کي ٽيڪو ڏِبو هيو، وڏيون وڏيون چيڙُون ٿينديون هيون، ٻَنين مان سُڪيءَ جا پنج ڇھ هَرَ نڪرندا هيا وتوهڙ سان پتر پچبا هياءِ پوءِ وري ڏاندن جون ڪِيٽون لڳنديون.

هڪڙو قصو گهٽا ڏينهن اڳي لکيو هيم تہ ابي جي گوڏن جي وائي سور جي ڪري هڪڙيءَ رات دل جهلي ڪوڏر ڪلهي تي ڪٽي پاٽيءَ جي واري تي ويو هيس ۽ پوءِ ٻبر هيٺان وجي بيهڻ تي نندڪرن ڳيرن جي پڙڪو ڪائي اڏامڻ واري ڊپ ۾ سيئو تپ چڙهي ويو هيم. اهو قصو رهيو اتي، تپ لٿو تہ بسم الله ڪري ابي سان ڪيل وعدي موجب پڙهڻ چڙهي وجي هارپي ۾ هٿ وڌو هيم. هونئن بہ هيُاسي تہ جدي پُشتي هاري هاريءَ جا پُٽ. پر خبر اها بہ ڪانہ هيم تہ هر هڪلڻ لاءِ ڊِڳن جي ڪلهي ۾ پوندڙ پاجاري ابتي ڪيئن آ تہ سُبتي ڪيئن آ. تروٽ کهڙي اتس تہ ٽَنيري کهڙي، ڏورٽو ڪٿان پوندو تہ ناڙو ڪٿي وجهبو. پهرئين ڏينهن ئي ابتي پاجاري ڊِڳن جي ڪنڌ ۾ وجهندي ابي ڏسي ورتو تہ ڪِل ۾ ويڙهجي ويو هيو. پوءِ هن مونکي پاجاريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪاٺين جا نالا ياد ڪرايا، ڊِڳن جي ڪلهن

۾ پاجاري وجهي ڏورٽا پچائڻ سيڪاريا، پوءِ هر ڪٽي، پاجاريءَ ۾ ڪاڪي يا روءَ جي ناهي ڏنل چمڙي جي ناڙي کي عجيب طريقي سان وڪڙ ڏئي هر جي هرِنهن ۾ انهيءَ کي ناڙي کي وڪڙي ڪُڪُري ڦاسائي هئي. پوءِ آندرو ڊگهي جي سِير( نڪ ۾ نتيل رسو) وني هر جي هنڌل جي مُنئي ۾ ٻڌي هيائين ۽ پوءِ سنهڙو پاٽو( ڪچڙو لڪڻ) هٿ ۾ وجهي بسم الله پڙهي ڊگهن کي هڪلي، جاٺ هنئي هيائين. مونکي بہ هر جي مُنئي ۾ هٿ وجهڻ جو چيو هيائين. ٻن ٽن گهمرن تائين تہ جهڙو هر ۽ ڊگهن جي پويان گهلبو ويس ۽ نيٺ ابي کي چيم تہ هاڻ آئون پاڻهي هر هلائيندس، پوءِ هر مان هٿ ڪيندي هدايت ڪئي هيائين تہ خيال ڪجانءِ هر تورو مانو اٿئي ۽ ڦار بہ نئون نپيل آ متان هٽي ڊگهو نہ کو وڍي وجهين. بس ايئن بسم الله ٿي، پوءِ ڊگهن جي ڪيڻ هٽڻ سيڪاريائين، ها سچي هڪڙي ڀيري بہ جوڙو سانهر پئي ٻجائيءَ واريءَ ٻنيءَ کي هنيوسون ۽ ٻئي ڇٽا سانهر تي چڙهيل هياسون، ابي ڀانيو هيو تہ هاڻ آئون ڪاريگر ٿي ويو هوندس سو رسي جي ڪائي جَهل منهنجي هٿ ۾ ڪانہ ڏني هيائين، ٻني تان جو لوڏو آيو، سانهر ٽِڙيو تہ ڏو اميرو ٻوٽ پر ٻنيءَ ۾، ۽ سانهر پُٺن تان وهي ويو. هلڪيون سلڪيون روڙون آيون، ڪپڙا تہ ڇنديم الائي نہ پر ٻوٽ تي هٽڙو ڦيري وري بہ ڊوڙي وجي ڊگهن جون سيرون جهلي سانهر تي چڙهيس. بس پوءِ سال کن اندر اهڙو پڪو هاري ٿي ويس، جو ٻنيءَ ٻاري جو هرڪم ڪار گهٽن جڏن هارين کان الاهي ڀلو ڪندو هيس ٻيو تہ نهيو پر ڪاٽيءَ ٻاٽيءَ ۾ ڪانو بہ گهٽن کان اڳي ڪوٽي ويندو هيس. پر اهو سمورو سلسلو هليو رڳو هڪڙو سال.

سو ڳالهہ اها ڪرٽي هئي تہ منهنجو درويش ابا، جنهن تي مائٽن ڪارو نالو رکيو هيو ”اَڪُ“. جيڪو اڳتي هلي سڏاٽو ”اڪو“. ۽ وقت جيئن جيئن ڦرندو ويو، تيئن ابي جو نانءُ بہ ڦرندو ٿيو ”اڪبر“. ۽ هاڻ هن جهان کي ڇڏئي جي بہ ٽيهارو ورهيہ پوءِ خلق جا ڪوڙ ماڻهو تا سڏينس مرحوم” رئيس غلام اڪبر شر “. تنهن مسڪين هيڏا وڏا ڏُک ڏسي ۽ پاهوڙين سان خلقن جي مال جي وٿاڻن جا ڇيٽا ٻُهاري پنهنجي هيڪلي پُٽ کي پڙهايو، نہ رڳو سرٽيفڪيٽن ۽ ڊگرين لاءِ ۽ نہ ئي نوڪرين لاءِ پر جيڪر چئجي تہ ماڻهپي لاءِ پڙهائي باقاعدي ماڻهو ناهيو. سو ابواڪبر اٿندي ويهندي رب سائينءَ کان هڪڙي دعا گهرندو هيو تہ” اي منهنجا پرودگار پنهنجيءَ هلنديءَ هلائجانءِ، جڳ جي محتاجيءَ کان بچائجانءِ“. پڇندو هيو مانس تہ ابا انهيءَ دعا جو وري ڪهڙو مطلب آهي تہ چوندو هيو” اميرا پُٽ هاڻ اهي زمانا ناهن رهيا جو جواڻ مڙس، ڪٿن تي پيل مَڙهن مائٽن جون چاڪريون ڪن. جيتوڻيڪ تون منهنجو هيڪلو پُٽ آهين پر پوءِ بہ رب کان دعا اها ٿو گهران تہ مونکي

پنهنجيءَ هلنديءَ هلائي ۽ ڪارن وارن ۽ اڇن ڏندن هوندي پاڻ ڏي گهرائي ونئي. جيئن پيريءَ ۾ توتي بہ ڪو بار نہ ٿيان. “ ۽ پوءِ سچ بہ سندس دعا اگهاڻي ۽ اڄ ڪان ٽيهارو ورهيہ اڳي منهنجو استاد، منهنجو رهبر، منهنجوسپوڪجهہ منهجو ابو اڪبر، هن ئي مهيني ۾ ويني ويني، مون ڪان موڪلائي اهڙي پار اُڏاڻو جتان اڄ تائين ڪو ناهي موٽيو ۽ نہ ئي وري موٽندو.

هاڻ زمانو الاهي بدلجي ويو آهي، ابي جي ساٺارين مان ڪي ڪي اجان بہ جيئن پيا، پر جي جِئون تہ جيئن ڪهڙو مڙوئي تڳن پيا، ساهہ جي ڏور اٽن سا نٽي ٽُٽِين باقي قصو پورو اٽن ۽ انهن جي اولاد آڏو محتاجيءَ جي حالت ڏسي، وري ابي اڪبر جي انهيءَ اگهاڻل دعا کي ياد ڪري ٿڌو شوڪارو نڪري ويندو اٿم. ۽ سوچيندو آهيان تہ ڪهڙي خبر تہ جي اڄ ابو حياتيءَ هجي ها ۽ مان ضعيفيءَ ۾ هُن جي ايتري خدمت نہ ڪري سگهان ها، جيترا هن جا مون تي احسان هيا ۽ هو مون ڪان لهڻيندو هيو. تہ پوءِ جهڙوڪر پڙهيو نہ پر ڪَڙهيو هيس.

تن ڏينهين، بابا جي، جانو بروهي جي ڳوٺ جي بروهين سان دوستي تمام گهاٽي هوندي هُئي. اويل سويل ٻنيءَ جي ڪم جي سوڙهہ سڪوڙ ۾ ۾ بروهين جي جوڙن کي وَنگارُوڪري گهُرائيندو هيو. اسان جي ڳوٺن جي آس پاس بروهين جا ڳچ جيترا ڳوٺ آباد هيا ۽ اڄ تائين بہ آهن. سندن پاڙا تہ محمد حسني، پانيزئي، زهري، پندراڻي سميت ٻيا ڪيترا ئي آهن، پر هڪ ٻئي جي پاڙن تي عجيب نالا، پاڻ ئي رکيا هيائون، جن سان اڄ بہ هڪ ٻئي کي سڏيندا اچن. مثال طور گومبڙا، گدڙ ۽ ٻگهڙ وغيرهہ. سو بابا جي دوستي گومبڙن بروهين سان هئي. آئون نئون، نئون هاري ٿيو هُجان، اصل اهڙو جو هر ڪيڙيندي سُٽڻ جا ور ڳُنجڻ بہ ڪونہ پيا اچنم. هڪڙي ڀيري بابا الاهي سارن جوڙن جي ڇيڙ ڪئي هئي، ڳوٺ جي جوڙن ڪان سواءِ، ڏهاڪو ڪن جوڙا ٻيا بہ آيا هيا. سي سيئي گومبڙن بروهين جا هُجن. بروهي صفا ڪَٽ مست، سَگهاءِ صفا ڇريا هجن، نہ سمجهن نہ سُٽن. جيڪي مُنهن ۾ اچين، اوڏانهن الله توهار ڪريو ڏين. سيئي پلن ڍڳن سان هُجن. ڪي منهنجي جوڙي جي اڳيان تہ ڪي پُنيان ٿيا ۽ ڪئي سون، هرن ڪيڙڻ جي بسم الله. هلندي هلندي اڳين همراهن کي جُوجِڪي چڙهي تہ وَنيو ڏاند پَجائين، جيسين آئون سُٽڻ جا وَر ڪٽي، پوءِ منهنجي ڏاندن کي پاٺي جون ڇُنگون ڏئي تِڪو ڪريان ئي ڪريان، تيسين بروهين جا پويان جوڙا بہ پاسو ڏيو نِڪريو وڃن ۽ اڳيان جوڙا بہ وراٺو واپس وَرِيو اچن.

انهيءَ ڇِڪ ڇِڪان ۾ هڪڙيءَ ويل پوئين جوڙي جا ڏاند منهنجي مٿان چڙهيِ آيا ۽ٻاهروءَ ڏاند جا سِڱ جڏهن اچي منهنجي پُنن ۾ لڳا، تہ هَرَ جي مُنئي مان هٿ ڪڍي وٺي ڀڳسُ. هَرَ ۾ ڦارُ هُجي تهدر نئون چڙهيل، سو منهنجي آندرُو مليري ڏِڳي جي پير ۾ ڪُپي ويو. ڏِڳي جي پير ۾روڏو گهاءَ ٿي پيوءِ ڏاڍي رَتُ هلي، آئون، بابي جي دڙڪن جي ڊپ کان ڏاڍورُنس. ڇريا بروهي بجاءِ افسوس ڪرڻ جي ۽ دلداري ڏيڻ جي، اٽلو مون تي ڏاڍوکِليا هيا، هي هي هي هي هي هي هي!!!!. جڏهن بابو ٻنيءَ تي ماني ڪٽي آيو هيو تہ مون کي ڪجھ ڪونہ چيو هيائين. ان سال، باقي فصل ٽن ڏاندن تي، چوٽون ڏاند ڪڏهن هُن کان ڪڏهن هِن کان وٺي، جيئن تيئن ڪري پوڪيو هيوسين. پير وڏيل ڏاند ٻن مهينن تائين مس وڃي نيڪ ٿيو هيو. پوءِ بہ اڳيون ڦلڪون ڪونہ رهيس.

تن ڏينهين حاجي محمد حسن راڄڙ، مير ٿاري خان کان سئو ايڪڙ زمين خريد ڪئي هُئي، ٿيو هينئن هو جو جڏهن مير ٿارو خان، الاٽين سان لَٿِ ڏُکي ۾ نہ ڪٽيو، تہ ڪورٽن ۾ ويو. راڄڙ کي زمين وڪٽي اسان الاٽين تيءِ ڀٽي جي سرڪار تي ڪيس ڪيا هُيائين هاءِ ڪورٽ سميت الائي ڪهڙين ڪهڙين ڪورٽن ۾. اهي ڪيس پوءِ بہ الائي ڪيترا سال هلندا رهيا، مير صاحب صفا سادو، سڌو ۽ ايماندار ماڻهو هوندو هيو، ڪوڙ ڳالهائي ڪونہ سگهندو هيو، وڪيل ڪيڏو بہ سيڪاري بيهارين، پر همراھ ججن جي سامهون بہ نج نبار سچ چئي ڇڏيندو هيو. اٽلو چوندو هيو تہ ايئن آهي تہ ڪونہ، پر مونکي وڪيل سيڪاريو آهي، تہ جج صاحب جي آڏو ايئن چئجانءِ. هڪڙي پيري ڪورٽ جو سڏ ٿيو، اسان اَٿ هاري ۽ نائون مير صاحب، پيش ٿياسون. جج پڇيو، بابا اوهان مان مير صاحب ڪهڙو آهي؟؟ مير صاحب ڇاتي نوڪي چيو، جج صاحب! پراڻن ڪپڙن ۽ سادگيءَ ڏي نہ ڏِسُ، ميرُ آئون آهيان، هي حرامي تہ ڪپڙا بہ ڪنهن ڌوٻيءَ کان مسواڙ جا وٺي پائي آيا آهن.

ان زماني ۾ حاجي محمد حسن راڄڙ کي ڇن ۾ ڪيلا پوکڻ جو شوق ٿيو، الائي ڪٿان ڪيلي جي ٽُڙين جي ٽريڪٽر ٽرالي ڀرجي آئي هئي، سڀ هاري سڏيائين، ڇئي ڇيڙ ۾ ڪيلا پوکايو، اها اپريل مهيني جي پڇاڙي هُئي، جيئن جيئن ڏينهن تتو تہ لُڪ ساڙڻ لڳي، مَٿو اگهاڙو، پير اگهاڙا، گنجي ۽ گوڏ ۾ ڪيلي جو ٽُڙيون ڍوئيندي، منهنجي اچي چمڙي، جهولي جي سٽ نہ سهي سگهي، تہ تپ اچي ويو. اصل آڙاھ هجن، هُڙڪان پيو. حاجي صاحب ۽ ملوڪ راڄڙ جو والد ولي محمد مرحوم، مٿان بينا هُجن. هڪل ڪيائون ڇوڪرا، ڊِرو نہ ٿيءُ، ٽڪو آهين ڇا؟

وراڻيم، سائين بُخار اچي ويو اٿم. حاجي صاحب وَڏِي ٻانهن کي هٿ لائي ڏٺو، ۽ پوءِ زور سان چيائين، اڙي يار هيڏو تپ!!!. پوءِ زور سان کِليو، ٺهڪ ڏيندي بابي کي چيائين، اَڪُو، تنهنجي هن ٻاڙهي پُٽ کان ٻنيءَ جو ڪم ڪٿي ٿو ٿئي يار؟ ڏس تہ سهي تپ ڪيڏو آيو اٿس. تڏهن اڄڪلهہ جيان ڪِرين تي ووئنڻ پوکڻ جو رواج ڪونہ هوندو هيو، ووئٽن جون ناڙيون ٿينديون هُيون. تَڪن جا تَڪ ريج ٿيندا هيا، ٻجائيءَ ۾ ڏِکَن جا ٻہ ٻہ هر، سائيءَ جا نڪرندا هئا، پوءِ سُهاڳو ڏٻو هيو، جنهن کي ڪي سانهر تہ وري سانهور بہ چوندا هيا. ٻنيءَ کي ڏَکي پوءِ، اڳليءَ رات جو ڪڪڙاپُسائبا هيا، ورندي ڏينهن تاري اُيرئي ڪڪڙن جي ٻوريءَ کي پاٽيءَ مان ڪڍي ڪنهن اڏوير تي رکبو هيو تہ جيئن انهيءَ مان پاٽي ڳڙِي نڪري وڃي، پوءِ انهن پُسيل ڪڪڙن کي مٽيءَ سان مَلي ڪٺو ڪٺو الڳ ڪبو هيو، ۽ پوءِ ناڙي ڪَبي هئي، اهي هميشهہ جهولن جا ڏينهن هوندا هُيا، ٻنيءَ جي ريج ڪٽڻ جو يَئوهوندو هيو. هوڏانهن ٽاڪ منجهند جو ڪٽڪ جي هلر ٻَڌڻ لاءِ بہ ڪمدارن جي ڇِڪ ڇِڪان هوندي هئي. تہ وري ووئٽن جي ناڙيءَ جي بہ اُون هوندي هئي.

ٻجائيءَ جي ڏينهن ۾ اسين تاري اُيرئي اُٿي ڏاندن تي پاجاري وجهندا هُياسين، پاجاريءَ تان ياد آيم تہ هاڻ تہ اڄڪلهہ جي جوان مُڙسن کي، هر، پاجاري، ناڙو، ڪُڪري، ڪلي، ڦار، هندل، هرينهن، ڏورٽو، تروٽ کان وني ٻنيءَ ۾ ڪم ايندڙ جملي اوزارن جا نالا اوپرا ۽ نوان لڳندا هوندا، يا تہ ايندڙ وقت ۾ اُهي ڪين ڪنهن عجائب گهر ۾ ڏسي حيرت مان پنهنجن مائٽن کان ائين پُڇندا جيئن منهنجي پُٽڙن، ڏِڳن جو جوڙو ڏِسي، مون کان پڇيو هيو تہ بابا اهي مينهون ڪيڏيون نہ متاريون آهن. سو ڳالهہ پئي هلي تاري اُيرئي هر ٻڌڻ جي، پوءِ اسين ٻارهين ڏاري هَر کولي، ڏاندن کي گاهہ جي مُٺ ڏئي، ساهي ڪٽندا هيا سين. ڪلاڪ ڪن بعد، ڪو وڃي هَلرَ ٻڌندو هُيو تہ ڪو ناڙي ڪندو هيو.

ياد ٿواچيم، پهرئين سال هارپي واري ڪٽڪ جي وَندي ملي هئي. ڪٽڪ جون اڍائي مڻ وزن جون ٻوريون يڪي سر ڪُلهي تي ڪٽي ڏِڳي گاڏيءَ ۾ سَٽيم ۽ لاٿم تہ ڪُلهي جي چمڙيءَ مان رَوڙ اچڻ سان ٿورڙو رَتُ سِميو هيو، رت ۽ پگهر پاڻ ۾ مِليا هيا تہ ڪُلهوڏاڍو ٽِچڪيو هيو، پر سموري سال جو وروءُ هڪڙيءَ جاءِ تي ملڻ جي خوشيءَ ۾ هلڪو ڦلڪو سور پيٽاري ويو هيس.

هڪ پيري فجر جو پيرين اگهاڙي هرَ وهندي، گپ ۽ مٽي پيرن جي ترين تي ايتري تہ ٿڦجي وئي هئي جو يادگيرو ئي ڪونہ رهيو هيو تہ پير اگهاڙا اٿم، يا ڪا جتي پاتل بہ اٿم. اوچتو هر جي ڦار ۾ ڪو ڇٻر جو ٻُتو اچي ڦاٿو هيو. ڇٻر جي انهيءَ ٻُٽي کي ڪڍڻ لاءِ هَر

جي ڪَن تي پير جي تِري رکي، انهيءَ جو زور ڏنو هيم، جيئن هميشه ڪندا هياسون. پر اڄ ته پير اگهاڙا هيا. هوڏانهن هر جو ڪَنُ به گسي گسي ڪاتيءَ جهڙو تکو ٿي ويو هُيو، پير ۾ ڪاتيءَ جيان کُپي ويو، ڏائي پير جي ترِي ائين چيرجي وَئي جِيئن مهاٽو مَڇيءَ کي چِيري. وڃي ڊاڪٽرن پيڙو ٿيو هيس، سڄا سارا اَٺ ٽانڪا لڳا هيا. مهينو کن کٽ تي پيو رهُيس. ها سچ ان زماني ۾ ڪاتيءَ جون مشينون ڪونه آيون هيون، ٻُڪن جا ماريل ويچارا هاري ڪوڏرن سان ڪاتي ڪٽندا هيا. آئون جڏهن پهريون پيرو دوسي جي ڪاتيءَ تي وِيو هيس، ته ماٺهو بابا تي پيا کِلن. گهڙيءَ گهڙيءَ پيا چونس، اَڪُو، هِن لاسڙاٽ ڇوڪري کان ڪٽي ٿو دوسي جو ڪانو ڪوٽجي.!! ۽ جڏهن سيني سان گڏُ پنهنجي حصي جو ڪانو ڪوٽيم. پَرَ ياد اٿم ته گهٽن جڏن هارين کان اڳ ۾ ڪوٽيو هيم، ته واه واه ٿي وئي هئي. ائين هڪڙي پيري واٽر جي ڪاتيءَ ۾ به ڪوڏر ٽِڙي اچي ڏائي پير ۾ لڳي هئي، ٻه ٽي انچ اندر لَهي وئي هئي، ڪوڙ سارا ڏينهن ڦَٽُ هيو. اڄ جڏهن اولاد کي پنهنجي پيرن تي اُهي ڦٽن جا نشان ڏيکاريندو آهيان، ته حيرت ٿيندي اٿن ۽ يقين ئي ڪونه ايندو اٿن ته مون کو هارپو ڪيو هوندو يا هيڏا سور سَنا هوندا. هڪڙي پيري واٽر جي ڪاتي ڪٽندي مرحوم خدابخش شر، رستي تان لانگهائو ٿيو هيو، بابا کي چيو هيائين، ماما، هِن کي ڪٽي قاضي يا مُنشي ئي ڪَر، ڪنهن وڏيري وٽ. ڪنهن سيٺ وٽ دُڪان تي ئي ٻيهار، ائين ته نه مارينس. بابا ٺڏو شوڪارو پري ڪاٻه ورندي ڪانه ڏني هئي.

تن ڏينهين، مير ناري خان کي وري جُوجکي چڙهيءِ حاجي محمد حسن راڄڙ کي ياد ڏياريو هيائين، ته توهان کي ٻني ئي انهيءَ شرط تي وِڪي هُيم، ته الاٽين کي هارپو ڪونه ڏيندئو. پر اوهان وعدي جي خلافي ڪري الاٽي هارين کي هارپو ڏنو آهي. جيتوٽيڪ هاڻ مير صاحب ڪيترو به ڪاوڙجي ها پر ڏُڏل ڪير ٽٽين ڪونه پوي ها. پرحاجي محمد حسن کي به ياناڀان ٿو ته مڙوئي بهانو ڪپندو هيو. سو ٻين سان گڏ نوڪي بابا کي به هارپي جو جواب ڏنو هيائين. تن ڏينهين اسان جو گڏيل عيال وڏو هُجي، الاٽ جي پنجن ڇهن ايڪڙن مان گذارو ڏکيو بنهي ٿِي پيو هيو، تڏهن ڪنهن مزدوريءَ لاءِ جهوتون ڏيڻ لڳو هيس. نيڪ تن ڏينهين ڀُٽي صاحب جي عوامي حُڪومت، قومي اسيمبليءَ ۾ پير غلام رسول شاه جيلانيءَ جي پيش ڪيل رٽ کي مانُ ڏيندي، ايئرپورٽ جي پهرين تجويز رد ڪري، اوڀر بجاءِ، مين روڊ جي اولهه طرف پينگهاري جِي ڊِٻَ واري سرڪاري زمين طرف ايئر پورٽ ناهڻ جي رِٽَ رِٽي ۽ عمل ۾ به آندي. تڏهن اسان اويرنديڻءَ ٻَرِ جي ڳوناٺن سُک جوساه ڪنيو هيو ۽ ڀُٽي صاحب کي جام دعائون ڪيون هيون. ايئرپورٽ جو ڪَم شروع

ٿيو، تہ جهڙوڪراسان غريبن جي روزي کُلي پئي هئي. تڏهن نہ هوندا هُيا، ڊوزر نہ ڊمپر، واريءَ جي وڏين پٽُن جي مِٽي، مزدورن هٿان ٽريڪٽر ٽرالين ذريعي ڪڍٽي هُوندي هئي، اهڙي مزدوري کُلي تہ ڏاڍا خوش ٿياسين، اسان جي ڳوٺ جي اتن ڄڻن ڳڏجي مزدورن جو ٽولو ناهيو هيو، بيلچا ورتا هيا، ٽريڪٽر ٽراليءَ واري سان مزدوريءَ جو حساب ڪتاب طئي ٿيو. اسين رات جي ماني کائي وجيو ٽريڪٽر تي چڙهندا هياسون. سڄي رات بيلچا هڻي، مُلي جي بانگ مهل وَرُندا هياسون. جيتوڻيڪ واري ڊوئي ڊوئي بدن جي رونءَ رونءَ ۾ واري پرجي ويندي هئي، نڪ جي ناڦاڻن ۾ آڪسيجن سان گڏ واري ڌُوڙيا ڪندي ويندي هئي. پر پوءِ بہ ٽيهارو روپيہ روزانو ڪَمايو اچون، تہ وڏا سُک بہ ٿي پيا، روز جي ايندڙ پئسي گهٽين ڳٽتين مان آجو ڪري وِڌو هيو. گڏوگڏ راتين جي اوجاڳن ۽ بيلچن هَڏ گڏُ ٽڪائي وِڌا هُيا. ائين لڳندو هيو پانءِ ورهين جو ٿڪُ جسم ۾ لهي آيو هجيم.

تان جو 1977 جو سال بہ آيو، شهيد ڀُٽي، قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي اليڪشن جو اعلان ڪيو هيو، تہ علائقي جا چڱا موچارا وڏيرا محمد خان جوڻيجي جو پاسو ڇڏي، پير غلام رسول شاھ جيلانيءَ ڏي ويا هيا، جيڪ هاڻي ڀٽي صاحب سان گڏ هيو. عالم ڪيريو، بنهي هوشيارماڻهو هوندو هيو. اسان جي ڳوٺ تي چڱن جيان پوريءَ حياتيءَ تائين پنهنجو هٿ رکيو آيو. ٿوري گهڻي اهنج ايذاءَ تي ڊوڙي وٽس ويندا هياسين. ڪِن جو داد فرياد ٿيندو هيو، گهٽا ماڻهو چوندا هيا تہ وڏيرو عالم، اسان جي ڪمن جي آڙ ۾ پنهنجي ذات وارن سان دشمنيون بہ پاڙي ويندو هُيو. پر اسين توڙي اسان جا وڏڙا اڄ بہ اهو سمجهون ٿا تہ مرحيات جا هن ڳوٺ تي وڏا ٿورا آهن، جيڪي لاهي نٿا سگهجن تہ ڳائجن ضرور.

ڳالھ پئي ڪيم اليڪشن جي ۽ عالم ڪيرئي جي. سو عالم جي پويان پير غلام رسول شاھ جي بنگلي تي اويل سويل پيا پيرا ڪندا هُياسين. ويتر جو هن پيري پاڻ، پُٽس آفتاب شاھ جيلانيءَ، سوڌو قومي ۽ صوبائيءَ جي اليڪشن ۾ لٿو هيو، تہ روز بنگلي تي پڳا بينا هُجونس. منجهند جوڳاڙهن بوڙن سان مانيون کايو، زردا پُلاءَ کايو، وڏيون اوڳرايون ڏيندا پيا موٽندا هُياسين.

اسان جي ڳوٺ ۾ جڏهن پيپلا پهريون پيرو ورڪن تي آيا هيا، تہ سڄي ڳوٺ ۾ٽِرنگا جهندا ڦڙڪائي ءِأپ ڏاريندڙ نعرا هڻي سندن آجيان ڪئي هئي سون. ان عمل جو سڄو ڪردارءِ ڪريڊٽ وڏيري عالم ڏي ويندو هُيو. چاڪاڻ تہ ڏُرڏٽي، اسان ڪي نہ ڄاڻيندا هُيا نہ سُڃاڻيندا هُيا. نہ ئي وري اسان ۾ ڪو لَلُ هيو جو پنهنجي سُڃاڻپ بہ ڪرايون.

شهيد ڀُٽي جو جڏهن گاما اسٽيڊيم ۾ جلسو ٿيو هيو، ته عالم ڪي پير صاحب به سرڪاري بسون ڏنيون هيون، جيڪي ٻئي بسون، اسان جي ڳوٺ مان ماڻهن سان ڀَريون هيون. تنهن ڏينهن جيئي ڀٽو جي نعرن جي گونج سان، بسن جي ڇتين تي ڊانسون ڪندا، گاما اسٽيڊيم پُهتا هياسون. شهيد ڀُٽي ڪي روبرو تقريرڪندي ويجهي ڪان پهريون ڀيرو ڏٺو هيم. ڇا ته ڏاهپ ۽ ڏانءُ هيس تقرير جو. اصل ايئن ڇئون ته مُڙس بلا جو مقرر هُيو. تقرير ۾ هڪڙي هنڌ مزاح پريندي، مولانا شاهه احمد نورانيءَ جو نالومولانا لاهه احمد شوراني ڪري ورتائين، ته پنڊال مان ڏاڍيون تاڙيون وَڳيون هيون. اليڪشن ويجهي آئي هئي ته چورن اسان جي ڳوٺ ۾ رڻ ٻاري ڏنو هيو. اصل رات خالي نه هُجي، ڳوٺ ۾ وڏو راڄ هيو، سو به مينگهواڙن جو، پهرا ڏئي بيزار ٿيو پئون. شرنءُ ڪيرين جي چوري ڪونه ٿئي، ٿين رُڳو مينگهواڙن جون. ويچارا غريب جو ٿيا. انهيءَ جي حقيقت ڇا هئي خدا ٿو ڄاڻي!!!. انهيءَ زماني جي ماڻهن نعرا به عجيب ٺاهيا هيا، جيئي ڀٽو، ڊگن جو جوڙو ڄُٽو. ٻيو مشهور نعرو هيو جيئي جيلاني، ٻوڙ ماني.

اسان جي پولنگ شاهه بخش لاشاريءَ جي ڳوٺ ۾ ٿي هئي، پير صاحبن جون موڪليل ٽرڪون پري، اصل ٽرڪن ۾ سٽجي پُهتا هياسين، تڏهن لاشارين جي ڳوٺ ۾ وڏي ساوڪ هوندي هئي بغ ئي باغ هوندا هيا. سو اسان جوانڻ مڙسن ڪي لاشارين جي باغ ۾ وڃڻ ئي نه پيا ڏين، چيائون ٿي ته پير غلام رسول شاهه صاحب جا ٽاڻي بولاخان مان آيل هٿيار بند مُريد وينا آهن، ڪنهن جهيڙي جهٽي جي صورت ۾ ڪم اچڻ لاءِ.

تن ڏينهين ملڪ ۾ڏاڍا ڊالرهليا هيا، ڪاڪي ڪسنجر جي ڌمڪيءَ ڪم ڏيکاريو هيو، طيءِ ٿيل پلان تحت قومي اتحاد، صوبائيءَ جي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو. پير صاحب پاڳاري جا فقير، صوبائيءَ جي پولنگ تي ڪونه آيا ته جاوا تي پيا هيا. ڏڙاڏڙ ڪوڙا ووٽ هلايا هياسون. منهنجو ووٽ داخل ئي ڪونه هيو، ننڍو هُيس ته به ٽتو خيري جون پرچيون ڳٽي، الائي ڪيترا پيرا نالو ۽ ولديت مٽائي، پ پ پ جي پير آفتاب شاهه جيلانيءَ ڪي سترهن ڪوڙا ووٽ ڏنا هيم. قومي اتحاد نون ستارن تحريڪ هلائڻ جي ڌمڪي ڏني هئي. پر انهيءَ وچ ۾ سنڌ جي ڪابينا جُڙي هئي ته پيرآفتاب شاهه جيلاني، تعليم جو صوبائي وزير ٿيو هيو. تڏهن وڏيون ڳڳيون هنيون هيون سين، بغليون وڃايون هيون سين ته واهه واهه ٿي وئي، هاڻ ته نوڪريون ملنديون. لئي ٿي ويندي.

هوڏانهن مُلڪ ٻَرِي پيو هيو، لاهور ۽ ڪراچيءَ ۾ مني مارشل لا آئي هئي، مهاجرن شهر بند ڪيا هيا. ريليون، باهيون ۽ ڌرڻا ٿيا هيا. پر ڀُٽي صاحب جي ڪَن تي جونءِ به نه سُري

هئي. پير آفتاب، وزير ٽي بنگلي تي پُهتو هيو ته وڏيري عالم سان گڏجي وٽس ويو هيس. پُراڻا ڪپڙا، پيرن ۾ هوائي چمپل، سنڌيءَ ۾ ماستريءَ لاءِ درخواست لکي، وڏيري عالم معرفت پير صاحب کي ڏني هيم، پير صاحب نوٽ هنيو ته. Pl: appoint him، صحيح ڪيائين، نپو لڳو، هدايت DEO ڏانهن هجي، خوشيءَ ۾ نه پيو ماپان، تعليم جي وزير جو حڪم آهي، نوڪري پڪي، وڏيرو عالم اُتي ئي وسريو هيو. هوائي چمپل جي جي ستڪ ستڪ ڪندو DEO جي آفيس ۾ پُهتو هيس. سڌو هليو ويس آفيس ۾، DEO کي درخواست ڏنم. ڏسي، پڙهي، درخواست واپس ڏيندي چيائين، پاڻ وٽ رَکُ، جڏهن جايون خالي ٿيون ته نوڪري ملندئه.

چيم پر سائين _! وزير صاحب لکيو آهي.

وراڻيائين، بابا جيڪي چيم، سو ڪونه ٻُڌءِ ڇا؟

ساڳين پيرن تي واپس موٽيس، دل ۾ پُور پچائيندو اچان ته وزير صاحب جو حڪم نه مڃڻ تي، پڪ ئي پَڪ DEO جي نوڪري وئي، ٻچا رُلي ويندس!!! ها ها پيل ته رُلنس، مونکي ٿَڪي جيتري به عزت ڪونه ڏنائين، آخر ته تعليم جي وزير جو ماڻهو ۽ ووٽر هيس. پير صاحب جي بنگلي تي پُهتس ته وڏيرو عالم ڪونه هُيو، دِل ٻڌي پير صاحب سان مِليس، سموري ماجرا ٻڌائيم، سائينءَ شايد سجاتو ڪونه، ٻُڌو اڻ ٻُڌو ڪيائين. ته وري اٿي بيهي چيم "قبلاDEO کي فون تي ڪا دٻ پَٽيو!!!". سائينءَ مون ڏي ڏنو ڪاوڙ ۾ چيائين ته نٽو ڪري ته آئون ڇا ٿو ڪري سگهان؟؟

زور پريم ته چڙِي چيائين هَلُ ٻاهر مون کي ٻين سان ڳالهائڻ ڏي. مون کي وڏو ڌڪو لڳو، پلڪن ۾ جڙيل مڪڻ جون ماڙيون ڊهندي ڏٺم، سوچيم، ڪالهه نه سڃاڻيندي به پاڪرُ ٽي پاتائين، اڄ وزير ٿيڻ سان ايترو بدلجي ويو. مار!! اتي وينل، اوڙي پاڙي جي ماڻهن ٻي عزتو ٿيندي ڏٺو، نيٺ قِلهو ٻُوٽ ڪري ٻاهر نڪتس!.

گهڻو پوءِ جڏهن حبيب بينڪ جو مينيجر ٿيس۽ بينڪ زميندارن کي زرعي قرض ڏيڻ شروع ڪيا، ته ساڳيو پير صاحب مون ڏي سفارشي فون ڪرڻ ۽ وزيٽنگ ڪارڊ موڪلڻ لڳو. آئون ماٺِ ميٺ ۾ سندس ماڻهن جا ڪم ڪري ڇڏيندو هُيس. ڪڏهن به اُن واقعي جو سفارشي چنيون آڻيندڙن سان ذڪر ڪونه ڪيم.

هيءَ دنيا به عجيب آهي، اهو وقت مَٽيو، آفيسر ٿيس، رٽائر ٿيس، اڇا ڪپڙا پَهريم، وڏيرو سڏجڻ لڳس. رئيس سڏجڻ لڳس، ته ساڳيو پير صاحب، پاڪر پائي ملڻ لڳو، پانءِ ورهين جا واسطا هجن، وٽس اسلام آباد جي فيڊرل لاج ۾ وجي چانهيون، پي بسڪيٽ کائي،

ڪچهريون ڪيم. تڏهن سوچيم وتايو سچو هُيو، جئي اچن ڪپڙن کي عزت آهي. مِٺو پيو تہ طبقاتي فرق ئي ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ کان پري ڪري ٿو. نہ تہ ڇا اَکُوءَ جو پُٽ اميرو؟ ڇا اسلام آباد؟ ۽ ڇا پير صاحب؟بس رنگيءَ جا رَنگ نرالا آهن. پير صاحب کي ووٽ پوءِ بہ ڏيندا اچون. اڄ تائين بنان لوڀ ۽ لالچ جي، بنان ڪنهن ڪم ڪار گهرڻ جي،

تن ڏينهين، جيرام، ڳوٺ ۾ ماستر ٿي آيو هيو، تہ پليجي وارن جو رنگ چڙهيل هيس، ڳاڙها ڪتاب آڻيو ڏئي سي وينو پڙهان، روز هلال پاڪستان اخبار آڻي، سا بہ پڙهان، رڳو پڙهان نہ پَرَ چَٽيو ڇڏيان. جيرام وڏا وڏا قصا ٻڌائي، انقلاب جا انقلابين جا ۽ اُنهن جي ڪمن جا، ڏاڍو مُتاثر ٿيان. جيئن جيئن پڙهان تيئن تيئن مذهبي ڪٽرپڻو گهٽبو وڃيم، مَن جي ڪَٽُ لهڻ لڳي. سوچيان، علم واقعي علم آ، اَندر اُجرو ڪرَيو ڇڏي. اڄ ٿو سوچيان ٿو جي جيرام نہ هجي ها تہ چور هُجان ها يا ڦورو هجان ها، روز پوليس ٻُڌبڻ ڪُٽي ها، يا مُلو هجان ها مسيتون وسايو وينو هُجان ها.

مولابخش ڪوسي، محمد علي ٽالپر، حبيب الله ملوڪاڻيءَ ۽ ٻين جا پليجي سان اختلاف ٿيا تہ جيرام وارا الڳ ٿيا. سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن ٺاهيائون. آئون سندن ميمبر نہ پر همدرد ضرورهُيس.

تِنِ ڏينهن ۾ ٻني ءَ جي ڪم مان واندو ٿي، ڏاندن کي گاهہ ڏئي نلڪي هينان يا واٽر تي بنان صابڻ جي وهنجي، ساڳيا پڳهر وارا ڪپڙا پهري، گهڙي ڪن آرام ڪندو هُيس، يا جيرام سان ڪچهري ڪندو هيس. رات جو ڪير جي وٽي سان ماني ڪائي، پراڻي ڪچي اسڪول ۾گهڙيءَ ڪن جيرام سان ڪچهري ڪري، گهر اچي سمهي پوندو هُيس.

اُنهيءَ سالِ پراڻن پڊن کي ڇڏي رائٽ مل جي اوطاق ۾ گهر ناهڻ جو سوچيوسين. ڪوٽ اڳ۾ آيو پيو هُيو. اوڏن کان ٽي ڪچيون ڪوٺيون، ونگائين وراندي سميت ٺهرايونسين، ڇت لاءِ اوڙي پاڙي مان ٻَبُرن جون ڪاٺون وڍي آياسين. سر لُٽاسين، دلور تان مانجهليءَ جا ڪايا خريدي، ڇت وِڌي سُون. درَ درَين جيترا پئسا نہ هُجن. پوءِ بہ پريان ڏسيو خوش پيا ٿيون تہ واہ جا گهر ناهيا اٿئون، اصل لانگ پئي لڳي.

هڪ ڏينهن بابا مون کي سَنبرائي چيو تہ هل، حمير شر جي ياءُ رحيم خان، مَتل جي ڪمداريءَ ۾ وساڻن جي نئين ڳوٺ ۾ دُڪان کوليو آهي. توکي اُتي نوڪريءَ ۾ بيهاري اچان. هنن هرن ڪاهڻ کان چڱو آهي تہ تڏيءَ چانوَ ۾ وينو هُوندين. ان ڏينهن بان واهہ جي نئينءَ موريءَ تي بس مان لهي، پنج ميل پنڌ ڪري، انهيءَ ڳوٺ ۾ پُڳاهياسين. بابا، حمير خان سان ڳالهہ ڪَئي، اڳلي جهٽ ۾ ئي ها ڪئي هئي، نہ پگهار جي ڳالهہ ٿي نہ مُهاڙ ٿي،

بابا ماني ڪائي واپس وَرِيو ۽ مون وجي نئين ڳوٺ ۾ رحيم خان سان گڏ ريزڪي دُڪان سنڀاليو، سڄا سارا چار مهينا انهيءَ دڪان تي رهيس ۽ آخر ۾نوهيو تي نِڪتس، نہ پگهار مليو، نہ پئسو مليو، باقي چئن مهينن ۾ ماني سا ڊوءَ تي ملي. باقي ٺيو خير، نہ ڪڏهن بابا چَيَنُ، نہ ئي مون ڪا رڙ ڪئي. مانڙي ڪري وري اچي ٻنيءَ کي لڳس.
ان ئي زماني ۾ نون ستارن جي ميڙي چوندي گڏ ڪيل اتحاد پنهنجا رنگ ڏيکارڻ شروع ڪيا، جن کي پُٺي جي ضرورت هئي تن جي هاڻ ڀٽو صاحب ضرورت ڪونہ رهيو، تہ ضياءَ جي نالي ۾ ساڄي ڏُر جي سڌي پِڏي فوجي سرڪار جوڙيندي، ڀٽي صاحب کي جيل ۾ واڙيائون، وڏا ڪِيس ٺيڻ شروع ٿيا، منهنجي عمر ايستائين سترهن کن ورهيہ هئي، پر سچي ڳالهہ اها آهي تہ مون کي سياست جي ڪائي سُڌ ٻُڌ ڪانہ هئي، ملڪ ۾ ڇا پيو وهي ڇا پيو واپري، ان جي اون ئي ڪونہ هوندي هيم. جيتوڻيڪ جيرام جو ڏنل ڳاڙهن ڪتابن جي پڙهڻ سان ذهن تي طبقاتي فرق، طبقاتي سماج جي بابت ٿور گهڻي پروڙ پيم پئي. پر اصل ڳالهہ اها بہ هئي تہ غربت ۽ پيٽ جي پاندي پوري ڪرڻ جي اُون ۾ ٻي ڪا ڪل ئي ڪانہ هيم.
ربيع 1978 ۾ ڇهہ ايڪڙ ڪٽڪ پوکي هيم، ان سال ڪٽڪ جو نئون ٻج آيو هُيو، اُن کي ماٺهو چون پيا ڪارٺهي ڪٽڪ. اُن ڪٽڪ جي سَنگَ جا سِرا ڪارا هوندا هُيا ۽ جسم کي لڳڻ سان منجهانئُن تمام گهڻي خارش ٿيندي هُئي. ايتري قدر جو جسم تي ڪَنِهي ڪَنِهي ڊَٻڙ ٿي ويندا هُيا. ٻين فصلن جيان معمول جي جملي مرحلن مان اُڪري، جڏهن اها ڪٽڪ پٺاري پَڪِي، تہ هر سال جيان، اسان جي گهر جي سمورن ڀاتين گڏجي لابارو ڪيو، ڪٽڪ جي وَلِ جون ڀَريون مَٿن تي ڍوئي، موجوده پرائمري اسڪول واري جڳهہ تي گرو ناهيوسين. اُن زماني ۾ ڪٽڪ ڳاهڻ جا ٿريشر ڪونہ آيا هُئا، ڪٽڪ جي ول گول دائري ۾ رکي، وڏو ڦيڙهوناهبو هُيو. ڪٽڪ پٺاري آيُن ۾ ايندي هئي، تہ هاريءَ کي اچي ڊنگهر ڳولڻ جي اُڻ تُڻ ورائيندي هئي ۽ لاباري جي تيارين ڪان اڳ ئي پري پري کان ڳولهي ڦولهي، ڪنڊيءَ جي وڻ جو ڊنگهرُ وڍبو هيو. ان ڊنگهر کي کِهلي ٻنيءَ ۾ آٽي متانئس وزن ڏئي رکبو هيو. لابارو پورو ڪري، وَل ڍوئي، وڏو ڦيڙهو ناهي، ڪنهن سومر جي منجهند کان بادشاهہ پِير دستگير جي نالي پنجين روپئين جون ريوڙيون ورهائي، پوءِ هَلَر شروع ڪبي هئي، پهريائين ڦيڙهي جي چوٽ تي چڙهي، اُن جي چوٽيءَ تان ٿوري ٿوري ڪٽڪ جي ول لاهي، ڦيڙهي جي گول دائري ۾ زمين تي پکيڙبي هئي، ان بعد ڪنڊيءَ جي سُڪل ڊنگهرَ جنهن کي ڦرشو بہ چوندا هيا، ان تي ٿورڙي وَلِ وڇائي، ڊنگهر جي

ڪنهن سَگهيءَ اَنگهہُ يا ٻيلانگهيءَ ۾ سنگهر وِجهي، ڏاند ن جي ڪُلهن تي چڙهيل پاجاريءَ ۾ سنگهر قابو ڪَبي هئي. ڪنڍِيءَ جي ڍِنگهر جي اَنگهائين ڪَنڍَن ۾ ڏاندن جي پيرن، سبب اپريل جي لُڪن ۾سُڪي پُڳڙا ٿيل وَلِ پُرندي ويندي هُئي، رَکي رَکي ٻِيانيءَ سان پُرندڙ وَلِ کي اُٿل ڏبي رهبي هئي. تان جو اها وَل ٻُوهہ ٿيندي ويندي هئي، ايئن وري مٿان ٻي وَل لاهبي هئي. وَل لاهڻ جي اهڙي عمل کي چئبو هيو پَڳَرَ وجهڻ ٻِيانيءَ يا ٽنگڙيءَ سان اُٿل ڏيڻ کي چئبو هيوتوپ ڏيڻ. ائين سئوکن مڻ ڪٽڪ، وڏ ۾ وڏ، ويهن، پنجويهن ڏينهن ۾ وجي ڳهَندي هُئي. پوءِ ڳاهيل ڪٽڪ مان ٻوهہ ۽ انُ، الڳ ڪرڻ لاءِ ان کي ڍِڳُ ڪري ڏڙو ناهبو هيو، جڏهن سٽائي واءُ لڳندي هئي تہ ٽنگڙيءَ ذريعي واٺُر شروع ڪبي هئي. واٺُر دوران، اڌ پُريل سنگ، ٻَہُر جي سنهيءَ ۽ سائيءَ ڍِنگهريءَ سان تاري الڳ ڪبا هيا، انهن کي ڪَڏا چئبو هيو. واٺُر پوري ڪري، پوءِ اُنهن ڪڏن کي پڪيڙي، وچ ۾ ڪاٺ جي مُني ڪوڙبي هئي، جنهن چوندا هُيا ميڙهِہ. پوءِپنج ست ڏاند هٿ ڪري، تن کي پاڻ ۾ سلهاڙي، هڪ ڏاند کي ميڙهہ سان ٻڌبو هيو، جنهن کي چئبو هيو ميڙهي ڏاند. انهيءَ ڪَڏنِ پورڻ وارِي هَلر کي گهٽو ڪري گانبولِي چئبو هيو. جڏهن اهي ڏاند ڪَڏن مٿان هلندا رهندا هئا، تہ ڏٽي جهونگاريندو رهندو هيو، هلي ملهي، هلر هلي، رَکي رَکي ڪڏن کي اُٿل بہ ڏيندو رهندو هيو، تہ سنگ پُري ويندا هئا. ٻئي ڏينهن انهن کي بہ واٺُري اهي صاف ٿيل داڻا اَنَ جي راهہ ۾ وجهبا هُيا. اهو سمورو عمل اپريل جي جهولن ۾ شروع ٿي، مئي جي وچ ڌاري پُڄاڻيءَ تي پهچندو هُيو.

ڪٽڪ جي گري تي هڪڙو ماڻهو چوڪيدار ڪري رکبو هيو، جنهن کي عام طور ڪانگ ٽَڙو چئبو هيو، انهيءَ ڪانگ تڙي وٽ هڪڙو ڪاٺ جو نهيل زمينداري ٺپو هوندو هيو. هُن جي ذمي اهو ڪم هوندو هيو هيو تہ اَن جي تيار ٿيل راهِ تي پاسن کان ٽورڙي وِٽيرڪِي مِٿي وجهي، اُن جي مٿان اُنهيءَ ڪاٺ جي ٺپي کي رکندو هيو تہ ڪاٺ تي اُڪريل اکر لِڪجي ويندا هيا. معني تہ راهہ تي ٺپو لڳي چُڪو. هاڻ تہ ٿريشرن جي اچڻ بعد اڳيان رواج ئي مَٽجي ويا آهن. نہ تہ اڳئين زماني ۾ ڪٽڪ جي گري جي ٻَٽئي ڪرڻ وقت جيڪي هاري اَنَ جي ڏڙن جون ڪانبيون پرڻ لاءِ اَن جي راهِ ۾ ويهندا هيا، تن کي ڳالهائڻ جي اجازت ڪونہ هوندي هئي، مٿي تي ڪپڙو ٻَڌل هوندو هُين، پير اگهاڙا ڪندا هيا، چوندا هيا تہ ايئن ڪرڻ سان اَن مان برڪت ڪونہ ويندي. بادشاهہ پير جي نالي ريوڙيون يا نقل ورهائي، پوءِ بسم الله ڪري پهرين ڪانبِي، بادشاهہ پير جي نالي جي اَن سان ٺُپُ ڪري پَرِبي هئي، پوءِ هڪڙو همراهہ اها ڪانبي ڪٽي گول راهہ ۾ ڪٽو ڪٽو اَنُ هارِيندو،

جڻ تہ راهِ پيجڻ جو اعلان ڪندو ويندو هيو. اُن ڪانبيءَ جوباقي بچيل اَنُ بادشاهہ پير جو ڏڙو ڪري الڳ رکبو هيو، جنهن جي نالي خيرات ڪبي هئي، پوءِ تور شروع ڪبي هئي، اڳئين زماني ۾ سڀ ڪم آهت تي ٿيندا هيا، سڀ ڏيتيون ليتيون ڪري لٿي ڪبيون هيون، اُن ڪري سيني آهتين، يعني واڍي، موچي، لوهار، ڪنيار، درزي ۽حجام کي ڪري ٻڌئيءَ ڪرڻ جو اطلاع ڪيل هوندو هيو، هرڪو پنهنجو آهت وٺي خوش ٿي روانو ٿيندو هيو، مسيت سڳوريءَ، غريب غربي، سيد توڙي اوڙي پاڙي جي رن زال لاءِ بہ ڏڙو ڪڍي رکبو هيو. چگن زميندارن جو رواج هوندو هيو تہ پَٽ ۾ ڪُڙيءَ ٻوڙ جيترو اَنُ هاريءَ جي ڪُڍيءَ لاءِ ضرور ڇڏيندا هيا. جيڪا مايون اچي ميڙي بہ ٿي ٻوريون اَنُ گڏ ڪنديون هيون. ڪري جي ٻڌئيءَ جو ٻُڌي اوڙي پاڙي جا ٻارڙا ماڪوڙين جيان سِرڪي اچي پُڄندا هيا. ڪنهن کي ڪو دڙڪو ڪونہ ڏبو هيو، آخر ۾ پَٽُ ميڙي هرهڪ ٻار کي قميص جي جهوليءَ ۾ ٻُڪ بہ ٻُڪ ان ضرور ڏبو هيو، جنهن کي خوراڪ يا ڪڙاڪ چوندا هيا. ڪنهن کي بہ ڪري تان خالي ڪونہ موٽائبو هيو، پوءِ پل تہ هاريءَ کي وندبيءَ جي ڪٽڪ مان ڪجھ بچي يا نہ بچي. همراهہ ڻلهي ڳُوڻ ڪُلهي تي ڪٽي واپس ورندي بہ چوندو ويندو هيو تہ ادا خير آ، نوان پراٽا تہ ٿياسي.

سو ڳالهہ پي ڪيم ڳري نهڻ جي، ڪٽڪ پٽاري ڊوئي، ڪرو ناهي، اپريل جي وچ ڌاري هلر شروع ڪيم. ڪار ٿُهي ڪٽڪ جا تکا سراءُ سخت جهولن ۾ جِسم کي لڳن تہ شديد خارش ٿئي. منهن ڪان وٺي سڄو جسم ڊٻڙ ٿيو پوي، هلر هلندي، هر روز دعائون گهُران، منهنجا مولا_مِهر ڪَر، ٻيو ڪو ڏنڊو ڏي، هِن ڪَمَ مان جانِ ڇڏاءِ!!!

هڪڙي ڏينهن هلر پي ڳاهيم تہ بابا منجهند جي ماني آندي هئي، لوڻ، بصر، لَسي ۽ ماني، ڪري لڳ ننڍڙيءَ ٻُٻُريءَ جي ڇانوَ ۾ ٿي ويناسين. مُڪ سان بَصر پَچي، مٿس لوڻ ٻُرڪي، لسيءَ ۽ ماني سان گڏ کائڻ شروع ڪيم. اُيرندان اچيءَ ٽوپيءَ سان ڪو ماڻهو ايندو ڏِسي، بابا چيو پُٽ، ڏِسُ اهو ڪير پيو اچي؟

گوڏن ڀَرِ ٿرو ڪٽي ڏِٺم، سائين گل حسن جروار آهي بابا، ايئن چئي، ماني کائڻ لڳس. سائين گل حسن، تن ڏينهن ۾ سي پونو جي اسڪول ۾ ماستر هُيو، سو اسڪول جي موڪل ڪري واپس پئي وريو، ويجهو آيو تہ وڌي ملياسين. منهنجي ڳاڙهي چمڙي ڪٽڪ جي خارش سبب ڊٻڙ ٿيل ڏسي، بابا کي چيائين، اڪبر، امير بخش هوشيار آهي، گڏوگڏ مئٽرڪ بہ پاس آهي، تون ڪٿان پندرهن سئو روپيہ هَٿِ ڪري اَچُ، تہ آئون سپاٽي ئي

ماستري وني ڏيانس. سائينءَ جي ڳالھ ٻڌندي ئي، اسان ٻنهي جي ڪوماٽل چهرن تي الائي ڪٿان ڪوڙ ساري مسڪراهٽ اچي وئي. دِل ئي دِل ۾ ڏاڍا خوش ٿينديِ، سائين سان ها ڪئي سون. سائين ويو، تہ خوشيءَ ۾ هَلَر نہ پئي هلي، ڏاند ڪولي، گهر اچي، امڙ سان ڳالھ ڪئي سون. امڙ بہ ڏاڍي خوش ٿي، اصل واھ واھ پئي ٿي. پر سوال اهو پيدا ٿيو تہ آخر اُهي پندرهن سئو ڪٿان اچن؟ گهر ۾ تہ پندرهن روپيہ بہ ناهِن. ڏئي وني هڪڙي ٻارن ڪي ڪير پيارڻ جي ٻڪري وِڪي سون، سا بہ مُرڳهين ٿِن سَوَنِ ۾. امان جو چانديءَ جو هَسُ، جيڪو الائي ڪيترين پيڙهين کان وڏڙين جي ڳِچين جو سينگار ٿيندو پئي آيو، سو بہ هَليو ٿِن سَوَن ۾. نوسئو اجان بہ کُٽا ٿي، الله ۾ آسرو رکي رات جو سُمهي پياسين. سِج اُڀريو تہ جهولي جهلي، برادريءَ جي ماٺهن ڏانهن پلاٽيوسين. هڳورني ۾ لهندي ئي مُنهن ۾ غفور مليو، بابا کان احوال ورتائين ۽ ڪلندي ڪلندي ڪيسي مان ڇهہ سَوَ ڪڍي ڏنائين، بابا چيس، ابا تون تہ اسان کان بہ وڌيڪ غريب آهين، هي پئسا ڪِٿان آندئي؟؟ چيائين ماما، هڪڙوپوڙهو ڏاند ڇهن سونِ ۾ وڪيو هُيم، اچ انهيءَ جا پئسا مليا هيا، توهان جو ڪم ٿئي، پوءِ جون ڳالهيون پوءِ سان، اڳتي وياسين، چار سئو مرحوم گل بيگ ڏنا، سئو اجان بہ کُٽي پيو، بابا چيوهلُ، اهو سئو ماستر گل حسن کان ئي اُڌارو گُهرنداسون.

هڪلي هوڪاري، سائينءَ وٽ پهتاسين، جنهن اوڏيءَ مهَل ئي ميرپورخاص هلڻ جو چيو. ان ڏينهن شام جا تي ٿيا هُيا، چوٿين مئي 1978 جو ڏينهن هُيو، جو اسان وڃي، ايس ڊي اي او جي آفيس ۾ پُهتاسين. اُن زماني ۾ ماستر ڀرتي ڪرڻ جا اختيار، ايس ڊي اي او جا هُيا، اڄڪلھ تہ اُهي وزير اعليٰ وٽ بہ ڪونهن. سائين گل حسن، احوال ڏيندي مون ڏانهن آڱر ڪٽي چيو تہ هيءَ منهنجو شاگرد، غريب ۽ هوشيار آهي، مون هنن کي اوهانجي منائيءَ لاءِ، پندرهن سئو روپيا چيا هيا، پر هنن مسڪينن کان ٿيا ئي ”چوڏهن سئو“ آهن. مهرباني ڪري هن کي ماسترڪريو“.

ايس ڊي اي او صاحب گهنٽي وڄائي، هيڊ ڪلارڪ کي گهُرائي ۽ هدايتون ڏنيون. مون کان سرٽيفڪيٽ ۽ درخواست ورتائون. آرڊر ٺهيو، صحيح ٿي، نپو لڳو، روانگي رجسٽر ۾ چڙهيو، نمبر لڳو، پنو منهنجي هٿ ۾ مليو، خوشيءَ مان اُڇلان پيو، ٽِهڪان پيو. بابا ڏي نهاريم. خوشي جا لڙڪ اکين مان اُتلڻ تي هُجنس. آرڊر ڪٽي شام جو خوش خوش گهر موٽياسين. امان ڏاڍي خوش ٿي. ماساتِ خوشيون ڪيون. پنج سيرڪٽڪ دڪان تي وڪٽي، چانور خريدي ڳُڙ جو تاهِري پَتُ رَڌي، معصومن کي کارائي، الله جا شڪر ادا ڪياسين. اوڙو پاڙو، پُڇيون، ماسيون مبارڪون ڏيڻ آيون. ڇنل کٽَ تي ويهي، ايئن پيو مبارڪون

وصول ڪيان، يانءِ وَري گهوٽ ٿيو هُجان. يانءِ ڪو حَج ڪَيو هُجيم، يانءِ ڪا وڏي ڪيپ ڳتي هُجيم.
سرڪاري ملازمت ماستريءَ جي پهرين پوسٽنگ، گل محمد رند جي ڳوٺ ٿي هئي. جيڪو ڳوٺ رتن آباد ريلوي اسٽيشن کان ڏکڻ طرف ڪاڪ بنگلي کان ٻه اڳتي هوندو هيو. هَڪلي، هوڪاري اتي پُهتس. انهيءَ ڳوٺ جا جملي ماڻهو رند ٻروچ هيا، سنهڙا، سيپڪڙا، سنهڙن آوازن وارا، سرائيڪي ٻولي ڳالهائيندڙ هُجن. نائين درجي جا هم ڪلاسي زمان ۽ شريف رند ٻه ڏنم ته خوش ٿيس. اسڪول بند پيل هيو، چيائون ته اسڪول جي چاٻي ۽ چارج چاچي تاج وٽ آهي. چاچي تاجَ جو ڏسُ نڪو هيو پَتو. رات ٿي وئي ته اوطاق تي ڪچهري مَتي، راڄ مُڙسن جا اچي ڪَنا ٿيا، مانيءَ جي مهل ٿي ته ماني ٻه آئي، پر هجن ٻه سنهڙا ڦُلڪا ۽ انهيءَ سان گڏ ٻوڙُ ٻه هيو، ٻن ڦُلڪن مان منهنجو ڍوءُ ته ڪونه ٿيو هيو. پر رندن جي ڳوٺ ۾ پهريون ڏينهن هجڻ جي ڪري حجاب ۾ وڌيڪ ماني ڪونه گهريم، سوچيم ته ٻروچ الائي ڇا سمجهن ته مُڙس ٻنهي ڪو پيٽي آهي.
ان رات ڪچهريءَ ۾ هڪڙو سهڻو ۽ اڇڙو چوڪرو آيو، وڏا وار هُجنس، چيائون پئي چاچو تاج آهي، ڏسڻ ۾ سَيني کان ننڍو پئي لڳو ۽ سيني چاچو پئي چيو، آئون حيران پئي ٿيس!!، ته هي ڇا قصو آهي؟ سيني کان ننڍو ۽ سيني جو چاچو. رسمي عليڪ سليڪ بعد، اسڪول جي چاٻي ڏئي چيائين، ماستر هاڻي تون ڄاڻ تنهنجو اسڪول ڄاڻي، اسان جي الهواهي. چاچو تاج اصل ۾ تاج بلوچ هيو، تاج رند هيو، اڳوڻو ڪميونسٽ ۽ هاڻوڪو سگا جو اڳواڻ. تاج بلوچ تن ڏينهين نئون نئون، مليريا ڪاتي ۾ نوڪريءَ سان لڳو هيو، ڳاڙهو ڳتول خوبرو جوان هوندو هيو، سنڌ يونيورٽيءَ مان ايم اي انگلش ۾ ڪيل هيس. ڇون ٽا ته ووٽرلسٽون سنڌيءَ ۾ ڇاپڻ ۽ ون يونٽ خلاف هلندڙ تحريڪن ۾ تاج بلوچ، اسان واري لڏي جي شاگرد ونگ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو اڳواڻ هوندو هيو، ۽ عزيز مهراڻويءَ سان گڏجي اوچتو جلسن ۾ وارد ٿيندو هيو، ڏاڍي پلوڙ تقرير ڪري اسٽيج تان لهي، ننڍڙي ٻار جيان خلق جي وچ ۾ الوپ ٿي ويندو هيو. پوليس ۽ سي آئي ڊي جا ماڻهو تاج بلوچ جي پويان نُوسيندا وتندا هيا ۽ هيءُ همراهه هنن جي آڏو ٻارن جيان ٽينگ ٽپا ڏيندو گم ٿي ويندو هيو.
ڇون ٽا ته سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٻن شاگردن علي مردان شاهه ۽ جان محمد ڪيڙو جي مارجي وڃڻ واري ڪيس ۾ پوليس ڪيس ڳوليندي اچي ڳوٺ پهتي هئي، هيءُ همراهه ٻه ڪو اوطاق آڏو وڻن جي ڇانوَ ۾ کٽ رکي وينو هيو، اوچتي پوليس ڏسي، پڙڪو ڪائي پاسي

۾ بلورن سان راند ڪيڏندڙ ٻارن سان گڏجي راند ڪيڏڻ شروع ٿي ويو، پوليس جي آفيسرن ڪيس ۾ ٻين ٻارن تي به زور پريو، ته ٻڌايو تاج بلوچ ڪٿي هوندو؟ همراهه پنهنجو پاڻ ئي پوليس کي ورنديون ڏيندو رهيو ته چاچو هتي آيو ئي ڪونهي، يونيورسٽيءَ پڙهڻ ويو آهي. جيتوڻيڪ تاج هينئر ڪافي پوڙهو ٿي ويو آهي، پر سندس جذبا اجان به جوان آهن، سگا ميرپورخاص ڪان وٺي ٻين ڪوڙ سارين تنظيمن ۾ جيڪر تاج بلوچ نه هجي ته اهي ڪاغذي هجن. سندس ڪمٽمينٽ جو اڄ به اهو حال آهي، جو ڪوبه ڏکيو ڪم سندس ذمي ڪري وڃي ٻانهن سيراندي ڪري سُمهي رهو. تاج ڄاڻي ته ڪم ڄاڻي. گهڻن پراڻن يارن جيان نه گهٽي ڦلَرِ يا اجائي ڊيگهه ويڪر ڪونه ڪندو، پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻو آهيس، ڪنهن يار دوست ڪان جي شڪايت به آهي ته اها به هوريان هوريان ۽ لڳ ڀڳ ڪَنَ ۾ چوڻي آهي، ڇو جو پٽين کي به ڪن آهن. ٻيو ڪو به پئو ڪونهي، پر متان ميار ملي وڃي.ڪهڙوبه سنڌ جي ماڻهن جي ڀلي لاءِ ٿيندڙ پروگرام هجي، ڪٿان نه ڪٿان خبر رکو پوي. چاچو تاج، انهيءَ پروگرام جي ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ ۾، هٿ ۾ هڪڙي به اخبارون ويڙهيو وينو هوندو. جي ڳالهائڻ يا تقرير جو چيائونس ته سيني کي سچ منهن تي ئي چئي ڇڏيندو. اُتي وري ڪنهن جي رک رکان ڪونه ڪندو. ڀلي ڪيڏو به وڏو ماڻهو يا ڪامورو هجي. ٻُڌو اٿئون ته وڏي ياءُ حاجي نور محمد ڪان پوءِ هاڻي گهڻو وقت ڳوٺ کي ڏئي ٿو. رب ڪري جتي به هجي سندس آواز جو دٻدٻو ۽ جذبا جوان هجن. ۽ پيريءَ ۾ پاڻ جهڙا ڏاڍڪو ڪن تاج به پنهنجي ڳوٺ ۾ پيدا ڪري وڃي. ته اهو سنڌ تي سندس وڏو احسان هوندو.

انهيءَ ڳوٺ ۾ ئي تاج بلوچ جو پائيتو ابوبڪر رهندو هيو، جيڪو ڪنهن زماني ۾ آزاد ماروئڙا استوڊنٽس فيڊريشن جو اڳواڻ رهيو هيو، ۽ انهيءَ زماني ۾ هڪڙي ٻئي سوٽ، اسماعيل رند سان گڏ ووٽرلسٽون سنڌيءَ ۾ ڇاپڻ واري تحريڪ ۾ يا ون يونٽ خلاف هلندڙ تحريڪ ۾ گرفتاري ڏئي جيل ڪاٽي آيو هيو. پوءِ ابوبڪر به سُرخو ٿي ويو هيو، ڪامريڊن جي گهڻو ويجهو رهيو هيو، اڄڪلهه جيتوڻيڪ هو چڱو موچارو وڏيرو ٿي ويو آهي، پانيان ٿو ته ڪوڙ سارا حج ۽ عمرا به ڪري آيو آهي، تڏهن به روزاني عوامي آواز ذريعي ورهين ڪان پنهنجي اندر جو اوبر عوام آڏو آڻيندو رهي ٿو. يار وٽ رک رکاءُ ڪونهي، جيڪي محسوس ڪيو سو ٻُوٿ تي چوڻو آهي، پوءِ ٿوري گهٽي رومال ۾ ويڙهي چو ڳالهه ڪجي. اصل ڪجي ته سڌي راند سونٽي جي ڪجي نه ته ڪجي ئي نه. مون سان گهڻو ويجهو رهڻ جي ڪري، منهنجي لِکت سُڃاڻي ويندو آهي، ڀلي پوءِ اها

کهڙي ٻہ نالي سان لِکي هجيم. گهڻا ورهيہ پوءِ ميرپورخاص پريس ڪلب ۾ ڪنهن وڏي ماڻهوءَ هڪڙي پريس ڪانفرنس پئي ڪئي. جيڪا لِکيل منهنجي هئي. انهيءَ پريس ڪانفرنس دوران آئون بہ ڪنهن ڪُنڊ ۾ وينو هيس. سوالن جوابن جي وقفي ۾ ابوبڪر ڪانئس هڪڙو بنهي ڏکيو سوال ڪيو. تہ همراهہ مُنجهي پيو، هڪڙي بہ ڳيت ڏنائين، نيٺ ابوبڪر چئي ڏنس، تہ سائين ايئن چئو، تہ اهي سِٽون امير بخش لِکيون ئي ڪونہ هيون.
سو انهن رند بلوچن جي اوطاق تي روزانو رات جو ڪچهريون مَچنديون هيون. روزانو، نوان نوان مُهاندا ايندا هيا، نوان نوان چهرا ايندا هيا، الاهي ڪتاب پڙهيل لکيلءَ داناءُ ماڻهوالائي ڪٿان ڪٿان اچي نڪرندا هيا. فضول ڪچهريون ڪونہ ڪندا هيا، اڪثر ڪري سندن مُک موضوع ملڪ جون سياسي ۽ معاشي حالتون هُوندو هيو، سندن واتان سُرخ انقلاب جون ڳالهيون ٻڌندو هيس، سوشلزم جون ڳالهيون ٻڌندو هيس، مسڪين ماڻهن جي دردن ۽ درمانن جون ڳالهيون ٻڌندو هيس. بلڪل اهڙيون ڳالهيون، جهڙيون جيرام بہ اڳي مون سان ڪندو رهندو هُيو. نيٺ ڳالهين ڳالهين ۾سپ ڳالهيون کُلنديون ويون، خبر پئي هوسپيئي ڪامريڊ هُيا. هن ملڪ جي ڪورٽ سڳوريءَ پاران پابندي مڙهيل ڪميونسٽ پارٽيءَ جا ڪارڪن. ڪامريڊ جام ساقيءَ جا ڪارڪن، حيدر بخش جتوئيءَ جي سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جا ڪارڪن ۽ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا ڪارڪن. هُنن جا ڪچهرين ۾ ڪَيل قصا ٻڌندو رهُيس، هُنن جا آندل ڪتاب پڙهندو رهُيس، ذهن تي هٿوڙا لڳڻ شروع ٿيندا هيا، نيٺ ذهن کُلندو ويو، ۽ مَنَ تي چڙهيل ورهين جي ڪَٽُ ايئن ڏوپڻ لڳي، جيئن فوجي بندوق کي ڪوسي پاٽيءَ مان ڏوئڻ مهل ڪٽ ڳاري لاهيندا آهن. ۽ پوءِ رندن جي ڳوٺ ايندڙ يارن پاران مون لاءِ ڳاڙهن ڪتابن جون پريون ايندي‌ون رهيون، تان جو سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو خفيہ ڇپجندڙ ۽ ترجمان پرچو هلچل بہ منهنجي هٿن تائين اچي پهتو هيو، نيٺ ٿيندي ٿيندي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ترجمان سرُخ پرچم بہ رِڙهي اچي رَسيو. جنهن جي ڇپڻ وارن لاءِ الائي ڪيترن ورهين کان يارڙا نوس نوس ڪندا پئي وتيا.
تن ڏينهين تاج بلوچ جي پاءَ حاجي نور محمد رند جي اوطاق هلندي نہ پر جيئن جو تيئن وَهندي هئي. مون پارا ڪيئي اُڙيا ٿُڙيا، مفت جون مانيون کايو، وڏيون اوڳرايون ڏيو، کٽُن تي اَهليا پيا هوندا هيا. ڪجھ دائمي مهمانن ۾ مون کان سواءِ تر جي ڳوٺ چوٺهيار جا بہ سميجا پائر محمد خان ۽ سونهاروخان بہ هوندا هيا. جيتوڻيڪ تن ڏينهين، سونهارو سميجو سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪيمسٽريءَ واري شعبي ۾پهچي، ڪامريڊن جي وَرِ چڙهي چڪو

هيو، پر اجان ترقي ڪري ساغر سميجو ڪونہ ٿيو هيو. ان زماني ۾ رندن وٽ ايندڙ عام سنڌي اخبارن ۾ ڪامريڊ غلام حسين شر ۽ مانڌل شر جا نالا ۽ خبرون پڙهندو ايندو هيس. سو هڪ ڏينهن سونهاري سميجي کان پڇيم تہ يار انهن مڙسن کي سڃاڻين ٿو؟ جنهن تي نهہ پهہ وراڻيو هيائين تہ اهي بہ اسان واري لڏي جا ڪامريڊ ئي آهن. بس، پوءِ ڳالهہ آئي وئي ٿي وئي هئي. جيتوڻيڪ منهنجي انهيءَ پُڇا پويان نسل پرستي يا شر پرستي ضرور شامل هئي. الائي ڇو دل ۾ ايندو هيم تہ انهن مڙسن سان مِلان ۽ دوستي رکان. انهيءَ ڳالهہ کي ڪافي ڏينهن گذري ويا هيا، ڪجهہ وقت بعد سونهارو بہ يونيورسٽيءَ هليو ويو هيو، ۽ اُتي وڃي ڪا لَڪڙ تار ڪئي هيائين. هي جو اڄڪلهہ مختلف فرقن جا تبليغي گروهہ نوجوانن کي پاڻ ڏانهن لاڙڻ لاءِ جتن ڪندا وتن، تيئن تڏهن ڪامريڊ ايئن ڪندا هيا، اصل شل نہ ڪنهن سان ڪو ڪوڙو سچو، انڌو منڊو واسطو نڪرين. مڙس راتورات ڇَنبن ۾ چائجي ويندو هيو. مون سان بہ اهائي ڪار ٿي هئي، سونهاري جي ڏُڪايل دونهينءَ هٿي وڃي هنڌ ڪيو هيو. هڪڙيءَ رات اسڪول کان موڪل ڪري ڳوٺ آيل هُيس تہ منهنجيءَ يونگيءَ نما اوطاق ۾ بہ اڻ ڪوٺيا ڪامريڊ اچي سهڙيا هيا. هڪڙوهيو سنڌ يونيورسٽيءَ جو باٽنيءَ جي شعبي وارو موجوده پروفيسر ڊاڪٽر شير محمد مگريو. ۽ ٻيو هيو ڪامريڊ غلام حسين شر. نالا ٻُڌندي ئي ٻَڪجي پيو سانِ، پانءِ ورهين کان وڇڙيل مليا هجون. پانءِ ڪا پراڻي ياراني هجي.

تنهن زماني ۾ مولابخش ڪوسي ۽ محمدعلي ٽالپر وارو لڏو، رسول بخش پليجي کان رُسي نڪتو هيو، ۽ سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جي نالي سان پنهنجي ڌار تنظيم جي ديڳڙي چاڙهي هيائون. سي جيرامداس ابوجهي معرفت مون تي ڦيٽا رکڻ ۾ لڳا پيا هئا. ۽ مون ۾ شعور جي انڌي منڊي سُڌ ٻُڌ آندي بہ جيرام هئي، پر شر پرستيءَ ۾ جيرام ۽ انهيءَ جي دوستن کي ڇڏيم اُتي ئي ۽ پاڻ وڃي هنن ڪامريڊن سان گڏيس.

تنهن زماني ۾ شهيد عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي پاڙيسريڻ شيرين سومريءَ جي واقعي سڄي سنڌ کي لوڏي وڌو هيو. ٻين سان گڏ مون وارو يار سونهارو سميجو بہ ترقي ڪري ساغر سميجو ٿي وڃي ٽُرم ۾ پهتو هيو. هڪڙي رات جو سپاف لاڙڪاڻي جي ٽن شاگرد اڳواڻن ايازسومرو، اسد ابڙو ۽ احمد علي سومري کي ڪاري ٽوپي لِڪائي ڇِپائي ميرپورخاص جي جيل ڪٽيو پئي آئي. ڪامريڊ غلام حسين شر روپوشيءَ ۾ روپ مَٽائي بلوچستان پئي ويو. روهڙيءَ جي اسٽيشن تي سنگهرن ۾ سلهڙيل مڙس ڏسي روح نہ رهيس، وڃي صوبيدار سان عليڪ سليڪ ڪيائين. صوبيدار صاحب بہ ڪو هجي پير

پاڳاري جو مريد، جيئن ئي هُن ڪامريڊ کي اها ڳالهه ٻڌائي ته هيءُ همراه پيچ پاڳارا چئي ٻڪين پئجي ويس. ٻڌل همراهن جا نالا ذاتيون پُڇي، اُتان ئي اسان واري لڏي ڏي خط روانو ڪيائين ته مُڙسن جي وڃي واهر ڪريو. متان پاڻ کي هيڪلو سمجهن. ڪامريڊ جو خط مون وٽ چا پهتو هيو، جڻ هنڌين ماڳين لڪڙ تار هلي وئي هئي، خط ملڻ جي ٻئي ڏينهن کان ئي، جيل تي همراهن جي ملاقاتين جي لانڊ لڳي وئي هئي. مڙس وائڙا هجن ته هن شهر ۾ نه ڄاڻ نه سڃاڻ، هي ڪيترا ملاقاتي پيا اچن. پوءِ جڏهن اهو ٻڌايوسونِ، ته روهڙيءَ جي اسٽيشن تي جيڪو صوبيدار جو جماعتي مليو هيو، سو اصل ۾ ڪامريڊ غلام حسين شر هيو ۽ ان ئي هيءُ ممڻ مچايو آهي. تڏهن سپاف جا هي نوجوان، ڪامريڊ ۽ ڪامريڊن جي خلوص تي حيران ٿي پيا هيا. گهڻو پوءِ احمد علي سومرو ويچارو ته ڪنهن ظالم جي گوليءَ جو نشانو ٿي ويو هيو، اسد ابڙو شايد ڊاڪٽري پيو ڪري، باقي اياز سومرو اڄڪلهه جو سنڌ جو وزيرِ قانون آهي. اهو به الائي ميرپورخاص جيل جي ملاقاتي ڪمري جي ڄارين مان اسان جون ڏِنل اخبارون سُٽڻ جي وَرَنِ ۾ لڪائڻ وارو ڪارڪن اياز آهي يا وقت جي وِير ۾ لُڙهي سچ پچ به وزير ٿي ويو آهي.

ها سچي هڪڙي ٻي به ڳالهه ياد آئي اٿم، سا به پانيان ٿو ته ڪندو هلان. اياز سومري وارن سان هڪڙيءَ ملاقات دوران اتي جيئي سنڌ جا ڪي اڳواڻ مليا هيا، هڪڙي جو نالو به ڏنڌلڪو ياد ٿو اچيم، الائي غلام رسول زرداري هيو يا غلام رسول ڏاهري. مُڙس اصل بيٺي بيٺي چنبڙي پيو، چئي پائو تون اسان جي جيئي سنڌ ۾ شامل ٿيءُ. خير اوڏي مهل ته ٻروچ کان ٻروچڪيون گُهتون گوهيون هٽي جان ڇڏائي هيم. پر گهٽن ڏينهن بعد جڏهن آئون پڪو سُرخو ٿي چڪو هيس، تڏهن جيئي سنڌ وارن، انهن همراهن جي لڪڙ تار تي جيئي سنڌ جي آريسر واري لڏي جا به چڱا موچارا مهانڊا اقبال ڪيهر ۽ تيجڏان چارڻ، مون کي جيئي سنڌ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ اچي ڳوٺ نڪتا هيا، مانيءَ ٽڪيءَ کان پوءِ جڏهن حال احوال ٿيا هيا ته مڙسن پنهنجي ماجرا ٻُڌائي هئي. ۽ پوءِ مڙسن قوم پرستيءَ جي حق ۾ دليلن ڏيڻ سان وسان ڪونه گهٽايو هيو، سموري رات ساٽن ڪچهري هلي هئي، آئون ڦِريو ڦِريو وريو چوانِ، اوهانجي ڳالهه صحيح هوندي پر مونکي سمجهه ۾ئي ڪونه ٿي ويهي، همراه جتان ڳالهه کي ڇڏين وريو اُتان کان ٻيهن. پر منهنجو قصو وري به ساڳيو، سهي جي ٽن ٽنگن وارو. همراهه حيران به هجن ته هيڏي دماغ واري مڙس کي ڳالهه ڇو ڪونه ٿي سمجهه ۾ اچي. تن ڏينهين آئون ٿورو ٿورو چور پُٽ به هوندو هيس، مون وٽ حاجي رمضان مري به رهيل هيو. اسان وارا قصا ٻُڌي ٻڌي حاجي رمضان چوي، يار حيرت

آهي، آئون ٿُپ اٺپڙهيل آهيان، سو بہ ڳالھ سمجهي ويو آهيان. تون پڙهيو لِکِيو بہ پڙُ ڪديو بينو آهين، تہ سمجهان ڪونہ ٿو. هاڻ ڪيس ڪهڙو جواب ڏيان، آئون سمجهي سُٺِي پيو حراميائي ڪريان. بس مون کي جو سمجهڻو ڪونہ هيو سو سَمڌُس بہ ڪونہ. اها رمز هنن کي بہ ڪونہ آئڙي هئي. وري ڳڻا ورهيہ پوءِ تيجڏان تہ وطن ڇڏي بي وطن ٿي هندستان هليو ويوهيو، باقي اقبال ڪيهر سان عمرڪوٽ ۾ بينڪ جي نوڪريءَ دوران وڏيون ڪچهريون قائم ٿيون هيون. تنهن کي جڏهن اصل ڳالھ ٻُڌائي هيم، تہ حيران ٿي چيو هيائين، مار پوئي تون تہ ڪو وڏو لاهہ آهين. تنهن رات تہ اسان ٻنهي توکي ٿلهي دماغ وارو ڪورو ڇٽ سمجهيو هيو. پر تون اسان سان ڀَٽي ڪري ويو هئين. ايئن چئي پنهنجي اشهد آڱر وات تي رکي چوي، اسان کي اها ڪل ئي ڪونہ هئي تہ ڪامريڊن ۾ بہ ڪا ايڏي ڏاهپ ۽ لِڪ هوندي.

ڳالھ پئي هلي، ڪامريڊ غلام حسين جي، همراھ کي ڇڙ جا گهوڙا هوندا هيا، شل نہ ڪنهن سان ڪنهن ڳالھ تي اَڙجي، اصل وڻ گهوڙو ٻڌڻ ئي ڪونہ ڏيندو هيو. غلام رسول سهتي تي تہ اصل اُلٽيءَ ڪُهاڙيءَ جيان ايندو هيو. ٻيو تہ ٺهيو پر پنهنجي اهم پناھ گاھ، بلوچستان، جتي صوفي عبدالخالق جي اثر هيٺ ٻنهي صوبن جي دنگ تي وهندڙ واھ جي ڪپ تي ڪٺ رکيو سُتو پيو هوندو هيو، جي هيءَ پوليس آئي تہ هوڏانهن هليو ويندو هيو ۽ جي هوءَ پوليس آئي تہ هيڏانهن. صوفي تن ڏينهين پارٽيءَ جي پولٽ بيورو جو ميمبر هيو، هڪ ڀيري ڪامريڊ ان تي بہ ڪاوڙجي پيوءِ چيائينس تہ، صوفي! تون بہ ڍِنگهرن تي اُٺو هاريندو وتين. اسان جي ڳوٺ جي امرئي مينگهواڙ جي مٽين خاني جا ڪجھ نٽ ڍِرا هوندا هيا، سو ڪامريڊ جي ڪچهريءَ ۾ اڪثر وينو وڏيرن تي ٺيندڙ وَٺُ ٻڌندوهيو، تنهن هڪ ڏينهن نوڪي ڪٽي زَٺُ هنيو تہ فلاڻي وڏيري اسان جي ڦٽيون چونديندڙ لاهيارن کي يرغمال ڪري ورتو آهي. همراھ بندوق ڪٽي اٿيو، پوءِ جيسين ڪوڙ، ڪوڙ ٿئي ۽ سچ سچ ٿئي تيسين مڙس کي روڪڻ ۾ جيڪي اسان ٻڪ وڏا سي رب ٿو ڄاڻي، ٻيا جيڪي حياتيءَ آهن سي.

رحمدل بہ ايترو جو هڪڙي ڀيري مرحيات عرس ڪانهئي جي زمين جي ڦڏي ۾ سندس گهر تي رات جو پهرو پئي ڏنائين جو مرحيات عرس چيس تہ ڪامريڊ مون وٽ ڪائڻ لاءِ اٺو بہ ڪونهي ٻڌاءِ تہ ڇا ڪريان؟ ڪامريڊ پڙڪو ڪائي اٿيو ۽ پنهنجي ٿيلهي مان چانديءَ جا بہ وزني پير ڪڙول ڪدي ڏنائينس. الائي اهي پنهنجي ٻچڙن جا هيس يا ٻئي ڪنهن جا؟ تن ڏينهين ڪامريڊ تي پارٽي فنڊ گڏ ڪرڻ لاءِ غير قانوني ذريعا استعمال ڪرڻ جهڙا

ڪجھ غلط الزام بہ لڳا هيا. حقيقتون هڪڙو رب ٿو ڄاڻي ٻيا پارٽيءَ جا اهي ذميوار جيڪي فنڊ استعمال ڪندا هيا.

هو جڏهن هتان ڪان ڪراچيءَ ويو هيو تہ ڏاڙهي رکيل هيس، وار وڏا هيس، اُتي لطف ۽ امام بخش پيرزادن جي گهران جهلجي پيو هيو، پر پاڻ ڪي پيرزادو ۽ لطف وارن جي ٻڪرين جو ڏراڙ ٻُڌائي ڇُٽي ويو هيو. ۽ وري بہ هتي ئي آيو، تہ مٿو، ڏاڙهي ۽ مُڇون ڪوڙيل هيس، مٿي تي ملنگن واري رليءَ جي ٽُڪرين جي ٽوپي پيل ۽ هٿ ۾ ڪجيءَ جو ڇٻو هيس. رمضان ڪانهئي جي هوٽل ۾ ڇهين آنين ڪوپ واري چانھ پئي پيتائين. آئون ڪيس ڪونہ سڃاڻي سگھيو هيس. تڏهن هوريان هوريان منهنجي پويان ايندي سڏ ڪيوهيائين، آواز مان سڃاڻي چيو مانس، ڪامريڊ تون تہ جهلجي ويو هئين.! تڏهن وراڻيوهيائين تہ انهيءَ قصي ڪي ڇڏ، منهنجو پاڙو ڪُٺل هيو تڏهن توڏي آيو آهيان. نہ تہ يارڙا نوس نوس ڪندا پويان ايندا هوندا. اهو سندس اچڻ آخري هيو.

ناري جي اورينءَ پر تي بان واه جي ٻنهي ڪپرن جي ڍاڪي ۾ اڪثر ڪري شر قبيلي جا گهر ڏسي پير پاڳاري جو ننڍڙو خليفو مرحيات حاجي شفي محمد راهو چوندو هيو تہ هي بان جي ڍاڪي ۾ صرف انهيءَ ڪري ٿا رهن جو ڪاريون ڪري ماريل مائين جا لاش لوڙهڻ ۾ سولائي ٿي ٿئين. سو انهيءَ قبيلي مان هي جُنگ جوان پيدا ٿيو هيو، جنهن اميد خاتون ۽ حسن بانو، شرياڻين ڪي، ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪوٽا تي ماسڪو پڙهڻ لاءِ موڪلي ڇڏيو، گهٽن ڪي اها خبر ڪانهي تہ اميد خاتونءَ جي لکيل مينگھي فقير ڪان ماسڪو تائين جي پويان ڪهڙو اهم ڪردار هيو.

اهو ڪامريڊ جڏهن 21 آگسٽ تي گذاري ويو تہ ڪلهي ڪانڊي ٿيڻ لاءِ اسان واري ڪامريڊ لڏي مان وڙلي ڪي هيا، نہ تہ ٿيو خير. ٻيو تہ نهيو پر ٽُنڊڙ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي آخري سيڪريٽريءَ ڄام ساقيءَ ڪي بہ سال ڪان پوءِ آئون ئي سندس تڏي تي فاتحي وٺي ويو هيس. تڏهن سندس والد مرحيات عبدالرزاق جي سامهون ويهندي اسان جون ڦڪائيءَ ۾ اکيون هيٺ هيون. ان ڪامريڊ جون ڪيئي ورسيون آيون ۽ خاموشيءَ سان گذري ويون.

بس جيڪي چُلھ تي سي دل تي، جيڪي اُسريا سي وسريا واري ڪارِ آهي هن زماني ۾.

ڳالھ پئي ڪيم رندن جي ٻن ڦُلڪن جي، سي بہ صفا سنهڙا، اصل ڪاغذ جهڙا هوندا هيا، جن مان منهنجو ڍوءُ ئي ڪونہ ٿيندو هُيو. نڪو ئي وري حجاب ۾ ٻي ماني گهرندو هيس. بس مڙوئي اڌ ٻڪ تہ اڌ ڍئوءَ تي پئي قصو هليو. ان زماني ۾هرروز رات جي مانيءَ ڪان پوءِ، رند، هڪ ٻئي ڪي سَڏ ڪندا هُيا. سنهڙي آواز جا سڏ، هلو ڙي هلو، سِگها ٿيو هلو!!.

آئون ڏسندو هُيس تہ هو هر روز ساڱريءَشاخ يا ڪنهن ٻيءَ شاخ مان پاڻي چوريءَ ڪرڻ لاءِ، ڏهاڪوڪن مُڙس وني ربڙ جو پائيپ پاڻيءَ ۾ لاهڻ لاءِ، ڪامريڊ ابوبڪر جي اڳواڻيءَ ۾ويندا هُيا. پنهنجو چوريءَ وارو ڪاج پورو ڪري اهو ربڙ جو پائيپ وري اچي اوطاق ۾ ڦٽو ڪندا هيا. هڪڙي ڏينهن اهو پائيپ ڪٽي ڏنم، مشڪل سان ڏيڍ مڻ ڪن وزن هُجيس. تن ڏينهن آئون اڍائي مَٽي ڪٽڪ جي ٻوري ملا مليءَ ڪٽي ويندو هيس. سو هڪڙي ڏينهن دِل ٻڌي، نوڪي حاجي نور محمد جي سامهون ئي ابوبڪر ڪي چيم، پائو، هي جو هيترا ماڻهو پائيپ ڪڻڻ لاءِگڏ ڪرين ٿو، ان ڪان تہ مون ڪي ڊوءَ تي ماني ڪاراءِ. آئون اڪيلوئي اهو پائيپ ڪٽي شاخ ۾ لڳائي ڏيندوساںءِ. حاجي نور محمد جي ڳوٺ وارا رند ٻروچ، سمجهُو ماڻهو هُيا، مون ماستر ڪان پائيپ تہ ڪونہ ڪٽايائون پر پوءِ هميشه لاءِ مانيون ٻن ٻدران چار اچڻ شروع ٿيون. تڏهن وجي منهنجو بہ ڊئو ٿيو.

اهو وقت ايئن گذريو جيئن ڪالهوڪو ڏينهن، انهيءَ ڪان اوڻٽيهہ ورهيہ پوءِ وزير اعليٰ سنڌ جي، ايديو ڪيشن مانيٽيرنگ ٽيم جي ميمبر جي حيثيت ۾ ساڳيو اسڪول وڏي دٻدٻي سان وجي وزٽ ڪيو هيم. ۽ هيڊ ماستر ڪي چيم پراڻو رڪارڊ تہ ڏيکار. ويچارو ڏڪندي، ٿِڙندي، ٿاٻڙندي، سوتليءَ سان ٻڌل مِٽيءَ هاڻن رجسٽرن جي پَرِي ڪٽي اچي آڏو ٻينو. 1978 جي ماسترن جي حاضريءَ جو رجسٽر ڪوليم، پنهنجون صحيحون ڏٺم. نيڻ پرجڻ لڳا، پنهنجي نالي تي آڱر رکي ماستر ڪان پُڇيم تہ پائو، هن ماستر جي خبر اٿئي تہ هينئرڪٿي آهي؟؟ وراڻيائين، سائين ٻُڌو اٿم گهڻو اڳ ماستري ڇڏي ويو هو. هاڻي الائي ڇا ٿو ڪري سا خدا کي ئي خبر آهي. تڏهن نيڻن مان نير وهي هليا هيا، وزير اعلي جي ٽيم جا باقي ميمبرحيرانءِ پريشان هجن، تہ هن سان ويني ويني ڪهڙي ماجرا ٿي آهي؟ نيٺ گهڻي اسرار تي ٻُڌايو هيو مانِ تہ اهو ماستر آئون آهيان ۽ اُن دور جي غُربت جا ڏينهن ياد ڪري لُڙڪ لَڙيا اٿم.

ڳالهہ پئي هلي، پهرينءَ نوڪريءَ جي، سو جڏهن نوڪريءَ جو پهريون پگهار مليو، تہ اهو هيو ٽي سئو ڏهہ روپيا. بابا، انهيءَ ڏينهن يَتَ جي ديڳ لاٿي هئي. غفور ۽ گل بيگ کي ٿورا ٿورا ڪري قسطن ۾ پئسا ڏيندو آيس. ڪجهہ مهينن ۾ ئي پي ٽي سيءَ جي ٽريننگ لاءِ آرڊر ٿيو هيو. رندن ڪان موڪلائي، ميرپورخاص پُهتس، ٽريننگ ڪاليج، ميونسپل هاءِ اسڪول جي عمارت ۾ کُليو هُيو، ماستري پڙهڻ دوران فرسٽ ايئر، انٽر جا ڪتاب بہ ورتمءِ پڙهڻ لڳس. اِن وچ ۾بين ڪامريڊن سان گڏجي تاج مريءَ جي اڳواڻيءَ ۾منهنجي ڳوٺ ڪان سواءِ، تگوسر، هنگورنو، سميت ڪافي جاين تي سنڌ هاري ڪميٽي جا يونٽ

ڪولياسين، مزي جي ڳالهه اها هوندي هئي تہ جيڪر هڪڙي ڏينهن ڪنهن نئين ڳوٺ ۾ پهتاسين، همراهن سان رات جو ڪچهري ٿي، تاج پاران ٻئي ڏينهن اخبارن ڪي خبر جاري ٿي ويندي هئي، تہ فلاڻي ڳوٺ ۾ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو يونٽ کليو، فلاڻا فلاڻا عهديدار چونڊيا. آئون سوچيندو هيس تہ ايئن ڪيئن انقلاب ايندو، بس هڪڙي ڪچهريءَ ۾ ماڻهو اسان جا ٿيا بہ سهي ۽رات وچ ۾ ليڊر بہ ٿيا، سي ڪهڙو انقلاب آڻيندا؟ پانئيان ٿو تہ تاج مريءَ سميت سموري سنگت، پارٽيءَ جي مرڪز ۾ جواب ڏيڻ لاءِ رڳو انگ پورو ڪندي هئي. تاج مريءَ جو قصو هليو آهي تہ ڪجهہ سندس ساروڻين ڪي بہ ساريندو هلجي

تنهن زماني ۾ ميرپورخاص جي سنڌين ۽ مهاجرن جي جهيڙن ۽ هلڪيءَ ڦلڪيءَ ڪِٽِ پِٽِ ڪان ڊڄي، ابي ۽ امان ڪجهہ ڏينهن لاءِ پنهنجي هيڪلي پُٽ اميري ڪي ميرپورخاص جي هاءِ اسڪول مان ڪڍي اچي گهر ويهاريو هيو ۽ نيٺ گهر ۾ ويهي مکيون مارڻ ۽ اجايا اوڙي پاڙي جا ڪُتا ڪُٽڻ جي سُوران، لڳ ڀڳ ڇئن مهينن بعد وري ڪنڊياريءَ جي هاءِ اسڪول ۾ ڏهون درجو پڙهڻ لاءِ موڪليو هيائون. ايستائين جيتوڻيڪ شهيد ڀٽي، سنڌ جي چند خدا ترس ماڻهن جا جوڙايل ناميارا خيراتي اسڪول قومي ملڪيت ۾ وٺي ڇڏيا هيا. پر تڏهن بہ خانبهادر غلام محمد وساڻ جي جوڙايل ڪنڊياريءَ واري هاءِ اسڪول ۾ غريب شاگردن لاءِ هاسٽل ۽ ٽن ويلن جي پلوڙ ماني وساڻ جي خاندان پاران مفت ۾ ملندي هئي.

اهو 1974 جو زمانو هيو، جو پهرئين ڏينهن پيرن ۾ جتي نہ هجڻ ڪري ابي جي جُتي پائي، مون وڃي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪنڊياريءَ ۾ ڏهين درجي ۾ داخلا ورتي هئي. تڏهن اها خبر بہ ڪونہ هئي تہ شاگردن جي بہ ڪا يونين هوندي آهي، ۽ نہ ئي يونين جهڙي بلا ڪٿي ڏٺي ۽ ٻُڌي هئي سون. پر هتي شاگردن جي يونين نهيل هئي، جنهن جو صدر، چاچري جو هاڻوڪو اي ڊي او تعليم علي اڪبر راهمون ۽ جنرل سيڪريٽري منظور ميربحر هيا. شاگردن واتان ٻڌو هيم تہ اها يونين تاج مريءَ نالي ڪنهن اڳوڻي شاگرد ٺهرائي هئي جيڪو انهن ڏينهن ۾ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو سرگرم ۽ مشهور اڳواڻ هيو.

سندس نالو ٻُڌي گهڙيءَ ڪن لاءِ منهنجي بہ دل ۾ آيو هيو تہ انهيءَ وڏي ماڻهوءَ ۽ شاگردن جي نالي واري اڳواڻ تاج مريءَ سان ملاقات ڪجي. پر پوءِ اسڪول جي پڙهائيءَ دوران اها ڳالهہ ئي وسري وئي هئي. تان جو مئٽرڪ پاس ڪري هڪ اڌ سال هارپو ڪري 1978 ۾ جڏهن پندرهن سئو ۾ ماستر ٿيس ۽ ڪامريڊ رندن جي ڳوٺ ۾ مقرري ٿي تڏهن انهن

جي معرفت ذات پرستيءَ جي جنون ۾ ڪامريڊ غلام حسين شر سان ڏيٺ ويٺ ٿي. ۽ ٿيندي ٿيندي آئون بہ سُرخو ٿي ويس، تڏهن سُرخن ڪامريڊن تاج مريءَ کي ئي مون کي سياست جا سبق پڙهائڻ واسطي توڙي سياسي ڪم ڪار جي رپورٽ وٺڻ ۽ پارٽي لائين ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيو. هيءُ اهو ئي تاج مري هيو جنهن ڪنديايءَ جي هاءِ اسڪول جي يونين ٺهرائي هئي. ۽ ڪيس ڏسڻ ۽ ملڻ لاءِ ڪڏهن دل جي ڪنڊ ۾ ڪو شوق جاڳيو هيو، خير پوءِ هن باقاعدي منهنجي سياسي تربيت ڪرڻ شروع ڪئي. جنهن ۾ پارٽي لائين موجب سمجهاڻين ڪان علاوه اسٽڊي سرڪل ۽ پارٽي سيل جون گڏجاڻيون بہ هيون.

تڏهن هونئن تہ هجئون نہ هجئون پر گهڻو ڪري اسان سڀ ڪامريڊ پاڻ کي هروڀرو بہ روپوش سمجهندا هياسين ۽ پانيان ٿو تہ ڪجھ وقت تاج مريءَ منهنجي فرضي نالي سان بہ روپوشي گذاري هئي، ڇو جو جوانيءَ ۾ اسان جا مهاندا ٿورا گهڻا هڪ ٻئي سان ملندا هيا. هونئن بہ روپوشين ۾ تاج مري اسان واري سموري لڏي ۾ وڏوسئوٽي سمجهيو ويندو هيو، ڇاڪاڻ تہ هو ٻين سمورن سُرخن جي ابتڙ اڪثر ڪري گرفتاريءَ کان بچي ويندو هيو. الائي ڪيئن؟ سا خبر تہ ڪيس هوندي. ٻي سندس رب کي ۽ ٿين سندس والد چاچي فضل حسين کي جيڪو تن ڏينهين پيپلز پارٽيءَ جو اڳواڻ بہ هيو. چوٿين پڪ سان شازيہ مريءَ جي والد مرحوم عطامحمد کي هجي ها جيڪو سندس ويجهڙو عزيز هيو پر هاڻي هن جهان ۾ ناهي رهيو.

سنئوٽي هوندي بہ تاج ڳچ ڀيرا پوءِ بہ ڪاٺ ۾پيو هيو، پر هڪڙي ڀيري پارٽيءَ جي حڪم تي صحافين جي تحريڪ ۾ تاج پاڻ ئي ڪنهن مارٽي ڏاند جيان پوليس کي ٿُونا هڻي وڃي گرفتاري ڏني هئي. ۽ پوءِ منهاج برنا سان گڏجي جيل ۾ مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال تي ويهي رهيو هيو. انهيءَ ڊگهي مدي واري بُک هڙتال کي ڪراچيءَ جي اردو اخبار امن لاڳيتو پنجاهي کن ڏينهن ايڏي تہ وڏي ڪوريج ڏني هئي جنهن جو ڪوئي ماپو يا ماڻ نہ ٿو ڪري سهگجي. صحافين جي انهيءَ تحريڪ جي نتيجن بجاءِ، تاج لاءِ جيڪي تڪڙانتيجا نڪتا هيا سي هيا، سکر جيل جو بند وارڊ، ڏندا ۽ آڙا ٻيڙيون.

سو تاج، روپوشيءَ دوران هڪڙي ڀيري عيد ڪرڻ لاءِ حيدرآباد مان بس ۾ويهي پنهنجي اباڻي ڳوٺ لاءِ روانو ٿيو، بس ۾ ويني ايئن ئي وهم ٿيس تہ متان ڪٿي ڪو سي آئي ڊيءَ وارو پويان نہ هجي، هيو بہ ايئن تہ هڪڙو سي آئي ڊي جو ماڻهو حيدرآباد کان بس ۾ گڏيو آيو هيس. رات جو انين وڳين ميرپورخاص مان سانگهڙ ويندڙ ايس آر ٽي سيءَ جي آخري بس ۾ ويهي تاج جڏهن ڳوٺ لاءِ روانو ٿيو ۽ هُن يار واپس وڃي رپورٽ ڏني، تہ

تاج هٽيڪو عيد ڪرڻ لاءِ رات جو انين بجي واري ايس آر ٽي سيءَ جي آخري بس ۾ سانگهڙ ويو آهي. هيڏانهن تاج جي به شايد ڏائي اک ڦرڪي هئي، جو ڳوٺ وڃڻ بجاءِ رستي ۾ ٻارهين ميل تي ئي بس مان لهي، عيد جي رات اچي مون وٽ ٽڪيو هيو. هوڏانهن ڄامشوري ۽ حيدرآباد جي ڪوڙ ساري پوليس، ٻن ڊي ايس پين سوڍو وجي راتو واه، تاج جي گهر تي ڇاپو هنيو هيو. ۽ تاج نہ لڌن تہ سندس اوطاق ۾ ئي لڏو لاهي ويهي رهيا هيا. ٻئي ڏينهن تاج عيد نماز اسان سان گڏجي عالم ڪيرئي جي ڳوٺ ۾ هلي پڙهي هئي. نماز بعد تاج جي چوڻ تي سندس ڳوٺ جو احوال ۽ چاچا فضل حسين کان تاج جي خرچ لاءِ ڪجھ پئسا وٺڻ لاءِ جڏهن آئون اتي پهتو هيس، تہ سندس گهر توڙي اوطاق کي ڪاري ٽوپي گهيريو بيٺي هئي. مون وڏي مشڪل سان سنڌڙيءَ جو شيخ سڏائي، ڪنهن قضيئي تي وڃڻ لاءِ تاج جي ننڍي ڀاءُ ڪاظم جي گاڏي ڀاڙي تي ڪرڻ لاءِ اچڻ جو بهانو ڪري پنهنجي جان آجي ڪرائي هئي

پوءِ پارٽيءَ ۾ اقليتي، اڪثريتي، قومي ۽ طبقاتي سببن جي ڪري وڏي ڀڃ ڊاھ ٿي ۽ پارٽيءَ جوسمورو جهان ٽِتَر ٻِتَر ٿي ويو. تڏهن ڪجھ وقت سانھ سَتي ۾ ويهڻ بعد سُک نہ آيس تہ تاج مري بہ ٻين ڪامريڊن جيان صحافت جي ڪَچ ۾ سُڪون ڀانئيندي اوڏهن ئي پَر ساهيا، ۽ نيٺ ڪراچيءَ جو هڪڙو ڄاڪوڙي صحافي بڻجي ابريو هيو، پر پوءِ بہ مڙني ڪامريڊن جيان سدائين خيالن ۾ اُڏرندڙ ۽ هوائي تجزين تي ئي ڀاڙيندو رهيو. پر اهو ضرور هيو جو پارٽي ٽٽڻ بعد بہ نظرياتي طور جتي ڪامريڊن ٻيهاريو هيس اتي ئي بيٺو رهيو. جيتوڻيڪ هوريان هوريان سڀ ڪامريڊ سٽيا ٿيندا، پنهنجي مڃيءَ مانيءَ وارا ٿيندا ويا، پر تاج مري پنهنجن نظرياتي عقيدن ۽ تجزين جي ڪري جهڙو شروعاتي ڏينهن ۾ ”اٽيو“ هوندو هيو، تنهن کان بہ ڪي ۾ رتيون گهٽ ”اٽيو“ ٿي ويو. اهو ئي سبب هيو جو هن جون معاشي حالتون ڏينهون ڏينهن وڌيڪ بگڙنديون ويون.

اهو تاج شهيد بينظير صاحبا جي پهرئين دور ۾ نوجوانن جي سرڪاري وفد ۾ منيلا ويو، بينظير صاحبا صحافي ڪالونيءَ ڪراچيءَ ۾ پلاٽ ڏنس، سوبہ ڀڳڙن جي مُٺ تي هلائي ڇڏيائين. الک اخبار جو ايڊيٽر ۽ حصيوار مالڪ ٿيو، ٻي خلق مال ميڙيا، اخبار بند ٿي تہ تاج ٻانهون لوڏيندو هٿين خالي واپس وريو. وطن دوست جي گل صديق پناڻ جي مدد سان هڪڙيءَ پيسٽيسائيڊ ڪمپني پاران ڪاروبار شروع ڪيائين، پهرئين سال جي لَکن واري ڪمائيءَ مان ڪاري، ڪِٽُ ڪلر واريءَ زمين جا اٺ ايڪڙ خريدي، ڪاروبار کي الله واهي ڪيائين. سڄي عمر جي ڪمائيءَ مان سچل ڳوٺ ڪراچيءَ ۾ هڪڙو گهر ورتائين، اوچتو

وري ڪار ونڻ، ۽ گهڻا پلاٽ وني وڪڻڻ جو جو شوق ٿيس، ته گهر وڪڻي ڪار ورتائين، ۽ باقي پئسن مان ٻه ڪن پلاٽ، پڇاڙيءَ ۾ اها ڪار مال جي آهُري مثال ٿي بيني رهي ۽ پلاٽن جا ڪاغذ ٻه موڳهين ڪوڙا نڪتس ته مانڙي ڪري ويهي رهيو.

2003 جي نئين ۽ اين جي اوز جي دور ۾ مون جڏهن سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ۾ بحيثيت ملازم ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هيو ته اچڙي ٽر جي عوام لاءِ سياسي تعليم جي هڪڙي ورڪشاپ ڪرائڻ لاءِ مون تاج کي ئي چونڊيو، ڇو جو ڪيري واري اچڙي ٽر ۾ سياست تي اهو ئي ماڻهو ٿي ڳالهائي سگهيو جيڪو اتي جي زميني حقيقتن کان واقف هجي. ان لاءِ مون کي تاج کان وڌيڪ ٻيو ڪو ماڻهو ڪونه ٿي سُجهيو. جيڪو لال ٻه ليي ۽ پريت نه وجي جيان منهنجو ۽ سِڳا جو ٻيڙو تاري وجي ۽ اهڙيءَ غلطيءَ تي منهنجي هڪڙي لنگوٽئي يار، مون خلاف سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي ”ٻن وڏن دانشورن“ ولي محمد روشن ۽ علي حسين بروهيءَ کي هڪڙي شڪايت ڪئي هئي، جنهن ۾ مون تي وڏو الزام اهو ٻه هيو ته مون عام ماڻهن جي سياسي تعليم جو هڪڙو ورڪشاپ تاج مريءَ جهڙي ”غير سياسيءَ ماڻهوءَ“ جي هٿان ڪرايو هيو. جيڪو غلط هيو.

۽ پوءِ سگا پاران ڪرايل انهيءَ انڪوائريءَ واري ڪميٽيءَ جا چڱا مڙس هيا، ڪرم الاهي چنو، نذير ڀنڀرو ۽ علي حسين بروهي. جن جي ”دانشمند ۽ دور انديش نظرن“ ۾ آئون هڪڙو ڪورو ڄٽ ۽ سڌو پڌو ضدي ٻروچ هيس، جيڪو علم ۽ عقل جي ”عين“ کان ٻه ناواقف هجي. ڪميٽيءَ جي انهن تنهي ڏاهن ماڻهن آڌو منهنجي وڏي تمهيد بعد، ڪرم الاهي چني جيڪو ننڍڙو جملو چيو هيو، سو هيو پائي تو ٻه هڪڙي ”ناڪام سياستدان“ کي ڪٽي هيڏو وڏو پروگرام ڏنو آهي ته دانهن ته ٿيندي. انهيءَ مهل ڪرم الاهيءَ جو اهو جملو ڏاڍو ڏکيو ته نهيو پر گوليءَ جيان لڳو هيم. ۽ پوءِ ”ٻين گهڻن سببن“ سان گڏ ڪرم الاهيءَ جي انهيءَ جملي جي ڪري سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن سان هميشهه لاءِ ناتا ٽوڙي ڇڏيا هيم، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن سان گڏجي ڪم ڪرڻ واري تجربي جا ٻه وڏا داستان هن سيني ۾ سانديل آهن، حياتي رهي ته اهي ٻه توهان کي حرف ٻه حرف پڙهائبا.

سو آئون اڄ ٻه ڊنڪي کي چوٽ تي تاج مريءَ کي پنهنجو سياسي استاد سمجهندو آهيان. ۽ هن ملڪ جي ناپاڪ سياست ۾ تاج منهنجو آئيڊيل رهيو هيو ۽ آهي ٻه، آئون هن جي شرافت ۽ اخلاق سميت، عقل ۽ ڳالهه جي ڇيد ڪرڻ جا مثال ڏئي خلقن کي سمجهائيندو هيس ته تاج هيڏو وڏوداناءُ آهي. هاڻي هيڏي وڏي تجربي ۽ زماني جي مختلف ڏنڌن ۾ ڏڪ کائڻ بعد پنهنجي انهي تجزئي تي ٿورڙو عجب ٿو لڳيم، ايئن ناهي ته آئون اڳي تاج

ڪي عظيم سمجھندو هيس ۽ هاڻي قديم سمجهان ٿو، هو مون لاءِ ڪالھ بہ عظيم هيو، اڄ بہ آهي ۽ صبحاڻ بہ رهندو. پر اهو سو ضرور چوندس تہ سياست جي هن بازارِ يوسف ۾ پنهنجي جواني لُٽائڻ وارا تاج پارا گهڻا ڪامريڊ، جتي ڪالھ هيا الائي ڇو اڄ بہ اُتي ئي بيٺا آهن. معذرت سان چوان تہ جهڙا لڪير جا فقير ۽ اڄ بہ جهڙا پراڻي پارٽي لائين تي هلندڙ. نہ زميني حقيقتن جي ڄاڻ وٺندا نہ ئي وري گهڻومطالعو ڪندا، نہ معاملي جي پوري ڄاڻ رکندا، نہ ئي وري صحيح معني ۾ اپ ڊيٽ ٿيل هوندا. اصل ايئن لڳندو آ تہ مذهبي مشنرين وانگر جيڪو مٿي ۾ ويهاريو ويو اٿن سوئي پيا ڪن. پنهنجي دماغ سان ڪونہ ٿا سوچين. ۽ نئين زماني جي نواڻ واري هوا پاسو ڏئي بہ ناهين لنگهي.

سو تاج هڪ پيرو وري صحافت ۽ سماج سڌارڪيءَ سميت وري وڃي ڪامريڊن جي جوڙيل عوامي ورڪر پارٽيءَ سان سلهڙيو آهي، ڊڄان ٿو تہ وري خدا خير ڪريس، سوچيندو آهيان هن درويش جي صاف گوئي، سچائي ۽ پاڻ ارپڻ واري جنون سبب اها نئين پارٽي بہ ڪانئس الائي ڪيترين ۽ ڪهڙيون قربانيون وٺندي. ۽ موٽ ۾ بہ الائي ڪهڙا سِلا ڏيندي؟ ڇو جو ويجهي ماضيءَ ۾ جڏهن هن جي دل مورڳهين هٽن مان ٿي وئي ۽ مون ملڪ جي سمورن نيٽ ورڪن تي وٺي ٻاڪاريو هيو تہ "ڪامريڊو! ٻيلي وارو ڪريو تاج ٿو هٿن مان وڃي. هٿ هٿ ڪري علاج ڪرايونس ". تڏهن پوري پاڪستان ۾ موجود لکين سٽين سُرخن مان هڪڙو رمضان ميمڻ ئي ڇاتيءَ تي هٿ هڻي سيئي بار سر تي کڻي بيٺو هيو، باقي ڪُل پيران دا خير لڳو پيو هيو. ٻيو تہ نهيو پر مون کان خود ڪان بہ ڪجھ ڪونہ پُڳو هو. تاج تہ پنهنجي جذبي سان سچائيءَ سبب انهيءَ ڦٽيل دل جي ڳنڍ ٿوپ ڪرائي، ابتا سُبتا ٽانڪا لڳرائي وري اچي ساڳئي ڪُن ۾ ڏوڪاريو آهي ۽ يارن جي " مهربانين " واري انهيءَ قصي کي صفا پُٺن تي واري وري پنهنجيءَ ڌُن ۾ مگن لڳو پيو آ. هاڻ ڏسئون تہ هيءُ ملڪ ۽ هن ملڪ جا سابق ۽ هاڻوڪا سُرخا ۽ سُرخن جا آئيڊيل پورهيت ماڻهو، تاج کي اڳتي هلي ڪهڙو سونو روپو تاجُ ٿا پارائين.

تن ڏينهين ماروٽ خان محمد، سروري اسلاميا ڪاليج هالا کي ڇڏي اچي شاه لطيف ڪاليج ميرپورخاص جا وڻ وسايا هيا، ان بہ ڪاليج ۾ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو يونٽ بہ کوليو هيائين، پوءِ ڪاليج کان علاوہ بہ هرهنڌ باقاعدي ميٽنگون ٿيڻ لڳيون هيون ۽ ڳوٺن ۾ اسٽڊي سرڪل بہ هلڻ لڳا هيا ۽ سرخ انقلاب جي انتظار جون تياريون ٿيڻ لڳيون هيون، انقلابي تحريڪ جي هراول دستي جي اڳواڻيءَ جون تياريون ڪرڻ لڳا هياسين.

ڪميونسٽ پارٽيءَ جي خبر مونکان سواءِ باقي نون ساٿين مان ڪنهن کي بہ نہ هُجي. آئون بہ پارٽيءَ جو رڳو نالو ٻُڌندو اچان، اجان ميمبر نہ هجان. اها سُڌ ٻڌ هجيم تہ هي سڀ ڪامريڊ، ڪميونسٽ پارٽيءَ جا ميمبر ۽ عهديدار آهن. پارٽيءَ تي پابندي هجڻ جي ڪري مختلف فرنٽ جوڙي، ان ذريعي ڪم پيا ڪن. اسان واري ڪميونسٽ سنگت، تن ڏينهين مرحوم غوث بخش بزنجي ڪان الڳ ٿي پنهنجي سياسي پارٽي ناهي هُئي. نيشنل پروگريسو پارٽيءَ جي نالي سان، اعزاز نذير صدر ۽ هاٽوڪو سرحد صوبي جو سينيئر وزير، افراسياب خٽڪ جنرل سيڪريٽري هيو. ساغر سميجي جو ڀاءُ ڊاڪٽر محمد خان سميجو، ان پارٽيءَ جو سنڌ لاءِ مُک عهديدار هُيو. ڊاڪٽر محمد خان ٽريننگ ڪاليج ۾ باقائدگي سان مون سان ملڻ ايندو هُيو، ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ترجمان سرخُ پرچم ۽ هلچل جون ڪاپيون مون کي پهچائي ويندو هيو ۽ آئون اهي اڳتي ورهائيندو هيس. سرڪاري ادارا ڳول ڳولان ۾ هوندا هيا تہ سرخ پرچم ۽ هلچل ڪير ٿو ڇاپي ۽ ڪٿان ٿا اچن؟؟ پر ڪين ڪل ئي ڪانہ پوندي هئي. تہ اهو خطرناڪ مال ڪٿان ٿو اچي. پرچا باقاعدگيءَ سان پڙهندڙن وٽ پهچندا رهندا هيا.

هڪڙي ڏينهن ڊاڪٽر محمد خان سميجي جي ثاقب آريسر تي نظر پئي، جنهن ڊيپوٽيشن تي اسان ماسترن کي سنڌي ٿي پڙهائي. تہ يڪدم مونکي چيائين، انهيءَ ماٺهوءَ کان بچجانءِ!!حيران ٿيندي چيم، ڇو ڀلا؟ تنهن تي وراڻيو هيائين، تہ اهو ايجنسين ۽ جماعت اسلامي جو پگهاردار آهي. تن ڏينهين، ثاقب بہ مون کي قوم پرست سمجهي، دوستيءَ جو هٿ وڌايو هيو، ڀانيو هيائين تہ جماعت اسلاميءَ لاءِ هڪڙو مسلمان وڌائي ثواب ڪٽيندسُ. مون ڀاران مانائتي موٽ ملڻ تي اسان جي دوستي وڌندي وئي، ثاقب، مونکي ڪٽر قوم پرست سمجهي، منهنجي دل ڪٽڻ لاءِ ڪميونسٽن کي زن دُختر گاريون ڏيندو هيو، آئون ثاقب جي چانهہ جو ڪوپ پي، پنهنجو پاڻ کي ڪوڙ ساريون گاريون ڏياريندو هيس. گهڻو ڪري رهندو خاموش خاموش هوس. ڪڏهن ڪڏهن فقرو هڻي ڇڏيندو هيس تہ، هان سائين ڪميونسٽ اهڙا آهن!! هان سائين پوءِ تہ هي وڏا ڪافر ۽ اسلام دشمن ڇئبا!! بلي!! مار!!. تيئن سائين وڌيڪ شَهَ ۾ اچي ڪميونسٽن تي گارين جا ڏوڙيا لائيندو هيو. سو ايئن ثاقب سان گهرائپ وڌندي وئيءِ ورهين ڪان وني، اڄُ بہ آهي، اهو ثاقب نہ ايجنسين جوپگهاردار هيو نہ ئي وانو هيو، رڳو جماعتي ذهن هُيس ۽ اڄ بہ اٿس. ان ذهني سوچ سبب، يورپائيءَ ۾ هُوڙهيائيون ڪري غلطيون بہ جام ڪيائين، پر ڪنهن بہ ڪامريڊ يا قوم پرست تي آگر ڪٽي، ضيائي مارشل لا ۾ تنگايائين ڪونہ. وري ڪو وقت اهڙو بہ آيو

جو سندس گهاٽا صحبتي ۽ يار اسان ڪامريڊ ٺي رهياسين. اسان ڪان سواءِ نہ هُن جي سرندي هئي ۽ نہ وري اسان جي هُن ڪان سواءِ سرندي هئي.

ميجر ڪفايت جي ڏاڍ مڙسيءَ جي ڪري سموري سنڌ ٻري پئي هُئي. شاگردن پاران ڄامشوري ڦاٽڪ تي ڪيل سخت احتجاج، جنهن ۾ ڪجھ فوجي جوان بہ هلي چُريا هيا، تنهن ڪيس ۾ اسان جي ساٿين مان ٻين سان گڏ ساغر سميجو بہ جهليو هيو. سرفراز ميمڻ ملڪ ڇڏي ڀڄي ويو هيو. ڪجھ وقت ۾ حاجي صاحب يعني، ڄام ساقي بہ پنهنجن ٽرين جي ٽورن سان پناڻ ڪالونيءَ حيدرآباد مان اقبال ميمڻ جي گهران جهلجي ويو هيو. ڀاڀيءَ سکان ڏک ۾ پنهنجو پاڻ کي کوھ ۾ ڪٽي ڦٽو ڪيو هيو، عبرت ۽ هلال پاڪستان ۾ ڀاڀيءَ سُکان جي خودڪشيءَ جون خبرون وڏين سرخين سان لڳيون هيون. مون کي انهن ٻنهي ٻي وقتن واقعن جو ڏاڍو ڏُک ٿيو هيو. ڄام، الائي ڪھڙن ٽارچر سيلن ۾ هُيو. ۽ پنيان سڄي سنگت وٽ وَٺان ۾ هئي. ڄام تان ياد آيو اٿم تہ تن ڏينهين اسان جو آئيڊيل ڄام ساقي هوندو هيو، پانيان ٿو تہ پاڪستان نهڻ بعد سنڌي ڪميونسٽن جي هتان لڏي وڃڻ بعد، ڪميونسٽ پارٽيءَ تي ٿيل ٻاهرين يلغار سبب وڙلي ئي ڪو سنڌي اڳواڻ پارٽيءَ جي اهم پوزيشن تي هيو، سڄو ڪار وهنوار ٻاهران آيل دوست هلائيندا هيا. ۽ گڏوگڏ سپريم ڪورٽ پاران پارٽيءَ تي پيل پابنديءَ ڪان پوءِ جي پوري عرصي ۾ صرف بہ سنڌي پارٽيءَ ۾ گهٽو اڳتي آيا هيا. جيڪي ٻئي ٻنهي غريب ۽ مسڪين هيا. انهن مان هڪڙو شهيد نذير عباسيءِ ٻيو ڄام ساقي هيو. جيتوڻيڪ سگهارن مُڙسن نذير جو وجود ئي اسان ڪان ڦُري ورتو هيو، پر ڄام کي جنهن حالت ۾ جيئدان مليو هيو سو بہ شهادت ڪان گهٽ ڪونهي. هوڏانهن پارٽيءَ جي اهم عهدن تي وينل سرڪاري ملازم، جيتوڻيڪ جيل ۽ ريل ۾ ڄام وارن سان گڏ هيا. پر هڪڙن حياتيون ڏنيون، ٻيا جڏا ۽ اپاهج ٿي جيلن مان نڪتا، ٽِين ڏہ ڏہ سال سزائون ۽ ڦتڪا ڪاڏا. پر جيلن مان نڪري بہ جن جون پينشنون جاري ٿيون تن مڙسن جي خبر اڄ تائين ڪونہ پئي تہ کهڙي ڪُوفي مان هيا. سو ڄام ساقي، سنڌين جي پڙهيل لکيلءِ غريب طبقي جو هي آئيڊيل شخص زماني جي وڏن لاهن چاڙهن مان گذرندي بہ جتي ڪالھ هيو، اڄ بہ اتي بيٺو آهي، ذري جيترو چئون يا تر جيترو چئون پنهنجي جاءِ تان ڪونہ ٽڙيو آهي. ڄام تي پيپلز پارٽيءَ ۾ وڃڻ جون آڱريون ڪڻڻ وارا منهنجا دوست پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي ڏسن تہ ڪيترا آهُرا ۽ پاهُرا متايا اٿن. هو تہ جتي بہ ويو آهي اتي بہ انهي طبقي جي وڪالت اڄ بہ ڪري پيو ۽ ڪالھ بہ پئي ڪيائين. هونئن بہ اسان جي سنڌ، سنڌ جي هاريءَ، سنڌ جي مزدور، يا ڪٽي چئون تہ سموري ملڪ

جي مزدورن ڄام لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ جيڪو سڄي ڄمار هنن لاءِ وڙهندي، ڪڏهن ريل ۾ يا ڪڏهن جيل ۾ رهيو. پارٽيءَ جي سنگت، پارٽيءَ جي ميمبرن تڏهن ڪجھ بہ ڪونہ ڪيو هيو، جڏهن مڙس مرڳهين هٿن مان ٿي ويو. تڏهن وري بہ انهيءَ طبقي، جنهن جي خلاف ڄام سموري ڄمار جنگ ڪئي هئي. انهن ئي مدد ڪئي هئي، يعني گورنر محمود هارون، سرڪاري رقم منظور ڪري علاج لاءِ لنڊن موڪليو هيس.

انهيءَ ڄام سان پارٽيءَ جي سرگرمين دوران ڀانيان ٿو ڪڏهن ملاقات ڪونہ ٿي هيم. جي هوندي تہ بہ تڏهن نالا ۽ شڪليون ئي مَٽِيل هونديون هيون. نہ ئي وري اها همت هوندي هئي جو گڏ گهمندڙ ڦرندڙ هڪ جهڙن ڪارڪنن کان اصل نالو ۽ ذات پُڇون. ۽ جي ڪنهن ڀُل چُڪ ۾ ڪنهن کان اهڙو سوال پُڇي ورتو، تہ مڙس سڄي عمر مشڪوڪ هوندو هيو. هاڻي ڄام ساقيءَ سان منهنجا جيتوڻيڪ گھر جي ڀاتيءَ وارا رشتا آهن. سندس سموري خاندان ۾ منهنجي حيثيت گھر جي ڀاتيءَ واري آهي. ڄام جي راڄ وارا هزار ڳالهيون ڪن، مائٽ ۽ دوست هزار ڳالهيون ڪن، پر هن مڙس جي واتان حرام جي ڪنهن لاءِ بہ ڪا ٻڙڪ بہ ٻاهر نڪتي هجي. ڪيترو بہ پڇبو. جواب هوندو ادا ڏِسين پاڻهي پيو. جيتوڻيڪ پارٽيءَ جي ڪوٽا تي پنهنجي ڀاءُ سلطان کي سوويت يونين مان پڙهايائين. پٽ سڄاد بہ انجنيئر ٿيو، پر اهي بہ ڇو؟ اسان مان گهڻا ٽڻا خود توڙي انهن جو اولاد ڄام جو ئي ڪيڙُ ٿئي ٿو. ڀانئيان ٿو تہ سيڪو ميڇيءَ مانيءَ وارو آهي، پر ڪنهن بہ اڄ تائين ڄام کان اهو ڪونہ پڇيو آهي تہ ظالم وقت جو گاڏو بنان ڪنهن آمدنيءَ جي ذريعن جي ڪيئن پيو گيڙي؟ اهو ضرور آهي تہ پنهنجن پراڻن ساٿين ۽گھر جي ڀاتين کان جيڪر ڪڏهن انتهائي مجبوريءَ ۾ جيڪر ڪي چار پئسا اڌارا گهُريا هونداٸين تہ هُو هوا ضرور ڪئي هونداٸون.

تن ڏينهن ۾اوچتو هڪڙي ڏينهن حيدر جو خط مليو. حيدرجتوئي، ڪامريڊ غلام حسين شر جو ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ فرضي نالو هوندو هيو. خط ۾لکيائين تہ لاڙڪاڻي جا ڪجھ دوست شاگرد، اياز سومرو، احمد علي سومرو ۽ اسد ابڙو ميرپورخاص جي جيل ۾ آيا آهن. جنهن ڳالھ جو ذڪر اڳ۾ بہ ڪري آيو آهيان. سنگت کي ٻُڌايوسين ۽ ملاقاتون وجي ڪيونسين، تہ مُڙس متان هِمت هارين. جيتوڻيڪ ٿئي همراہ سُڀاڻ جا هُيا. پر ڪامريڊ غلام حسين جي انقلابي جذبي، سندن مدد ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهيو. اسين عيد جي ڏينهن سندن ملاقات تي وياسين. آئون ۽ جيرام. مِنائي ۽ اخبارون وَٺي وياسين. ڪڏهن ساڻن ملاقات ئي ڪونہ ٿي هئي، تنهنڪري همراہ سُڃاڻن بہ نہ پيا. ڪين روهڙي اسٽيشن

واري ڳالهه ٻُڌائي سون، تہ ڏاڍا خوش ٿيا. ميرپورخاص جي شهر ۾ ڪامريڊاڻي سنگت ڪي مڙسن جا احوال ڪياسين، پوءِ تہ جيل تي سندن ملاقاتين جي لانڍَ لڳي وئي. اسين بہ هر ٻئي ٽئي ڏينهن ملاقات لاءِ ويندا هياسين. هنن يارڙن مان هڪڙو وجي وزارت تي پُڳو آهي. سو ساڳيو آهي يا ٻيو ٿي ويو آهي، سا ڪَٿ ۽ ماپ تور ڪرڻ جا ڏينهن هاڻ ڪڏهوڪا وجي چڪا آهن. هاڻ تہ جيئي جيئي جو زمانو آهي، الله سائين هرڪنهن کي امان ۾ رکي. ٽريننگ دوران اسان ماسترن جي ئي هڪڙي مُهاجر استاد پانئيان ٿو عبدالحميد نالو هيس ۽ اسين کيس پاشاني بہ سڏيندا هياسون، تنهن هڪڙي سنڌي شاگرد ماستر سوني دل کي ٺڦڙ وَهائي ڪڍي. اسين بہ مهاجرن ۽ مليٽريءَ جا گهٽا ستايل هُجون، سو ٻِڳڙي پياسون. نوڪي ڪٽي ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيوسون، وٺي زوردارنعرا هنياسون، نعرا بہ سياسي، جو ضياءُ جويار آ، سوغدار آ، غدار آ، ۽ تنهنجو ساٿي منهنجو ساٿي، ڄام ساقي، ڄام ساقي. اصل اسان جي ڦٽيءَ جا پار هيا، سرڪاري نوڪر ۽ نعرا سياسي، سو بہ سڌا پڌا، اهڙي ماڻهوءَ جي خلاف جيڪو اڳي ئي سنڌين تي ٻريو وينو هجي. وري ٻئي ڏينهن سوير ئي ڪلاسن رومن جي تالن ۾ نوڪي ڪٽي ايلفي وجهي ڇڏي سون. سمورا شاگرد گڏ ٿيا تہ جلوس ڪڍي شَهر ۾ ڪاهي پياسين. نعرا وري بہ سياسي ڏبياسين. فوجين تي ڦٽڪار، آمريڪي سامراج تي لعنت جهڙا. شهر جي خلق حيران هجي تہ هوڏانهن ضياءَ جا اسلامي ڪوڙا، سياسي ڪارڪنن جا ٻُنڊڻ پيا ٺوڙينءِ هنن ماسترن جي ڪيئن ڦِٽي آهي. جو نوڪريون بہ ٺا وجائين ۽ ٽيپ ڪي بہ پيا سڏ ڪن!! ماسترن جا چڱا مُڙس هجون آئون، رشيد خاصخيلي ۽ عُمر مَهر (سپاف). ٽئين ڏينهن هيڊ ماستر جي آفيس ۾ تنهي کي الڳ الڳ سَڏِ ٿيو. وجون تہ فوجي ميجر وينو آهي، دڙڪا دهمان، دڄ، دپ، جيل ڪوڙا، آخر نوڪرين مان ڪڍڻ جو دڙڪوڏنائين. تن ڏينهين ٽئي مُڙس سُڄا ٽَٽِڙينگ هجون ڊجي پياسون. ٻيلي ٻچا رُلي ويندا. هنن يارن تہ الائي ڇا لکيو يا ڇا چيو، پر منهنجوانقلاب رهيو رستي ۾، انقلاب جون آجيائون هليون پنڊ ۾، هيڏو سارو معافي نامو لکت ۾ ڏئي، جان آجي ڪرائي. پوءِ آفيس مان ٻاهر نڪري، سنگت آڏو ڪنڌ هيٺ ڪري وينو رهيس. ايئن ڪونہ هيو تہ فوجي پائرن اسان مان هٿ ڪڍي ڇڏيا هيا، مُڙسن اندر خاني جانچ پڙتال پئي ڪئي، هر هڪ جو رڪارڊ جانچيائون، لسٽ ٺاهي تعليم کاتي کي ڏنائون. هڪڙا اُهي جن جيئي پٺو جا نعرا هنيا، ٻيا اُهي جِن ڄام ساقيءَ جا نعرا هنيا. ٽر جا گهٽا ٽٽا ماستر ڄام ساقيءَ کي ٽريو ڳوٺائي سمجهي نعرا هڻڻ سبب اُن لسٽ ۾ آيا. نيٺ109 ڄڻن لاءِ حڪم

ٽيو تہ جيئن ئي ٽريننگ ختم ٿئي، تيئن ڊويزن بدر ٿين. تڏهن سنڌ ۾ ڊويزنون هُيون ٽي، ڪراچي، سکر ۽ حيدرآباد. اسان کي سُڌ ئي نہ هجي پويان اسان جو ڪم لٽو پيو هُجي.

تن ڏينهين هلال پاڪستان اخبارجي وڏي ڳالھ هئي. سنڌ جا چڱا موچارا پڙهيا لکيا مهاندا اتي نوڪريون ڪندا هيا. جيتوڻيڪ ضياءَ الحق انهن ڏينهن ۾ پيپلز ٽرسٽ ٽوڙي، شيخ سلطان ٽرسٽ ناهي اخبار انهيءَ کي ڏني هئي. پر ملازم ساڳيائي هيا. سو گهٽ ڪونہ ڪندا هيا. اڄ سن جي سائينءَ، سائين جي ايم سيد جي جنم جو ڏينهن آهي. جيتوڻيڪ هي بندو ٻاروتڻ جي ڏينهن کان ئي "سُرخن" جي بحري باز جهڙن چنبن ۾ چائجي چڪو هيو. جنهن ۾ پَٽيون ئي اهي پڙهايون ويندي‌ون هيون تہ هن طبقاتي نظام جي "لانديءَ" جي "ڪاڄڻ واري ڪاني " ئي وڏيرو آهي، ۽ پاڻ طبقاتي نظام جي اوڏڪين ٻِتين جي پاڙن تي گهيڙا ڪٽيو ڪوٽ ڪوٽان ۾ لڳا پيا آهيون. تنهنڪري وڏيرڪي سنگت کان ايئن وونءُ وچڻو آهي جيئن گنجو وجي پاڪيءَ کان. اهو ئي سبب هيو جو هن بندي پنهنجي اڌ صديءَ واريءَ ڄمار ۾ ڪوڙ سارن "ڪاٻن" جا هٽ ڏوئاري ۽ ڪانئن گهڻو ڪجھ سکيو تہ اڄ بہ سِکي پيو. پر سن جي سائينءَ جي هڪڙو ڀيرو بہ زيارت توڙي صحبت نصيب ڪونہ ٿي. نہ ئي وري سن جي سائينءَ جي ساٿين سان ڪا گهڻي حجت ٿي، ٽي هوندي تہ سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ جي باقي ٽيو خير. پر سن جي سائينءَ جو هن بندي تي هڪڙو اهڙو ٿورو هيو. جنهن جي ڪل هڪڙي سائينءَ کي هئي تہ ٻي هن بندي کي. سو ٿورو هينئين تي بہ اڄ ڏينهن تائين بار ٿيو بينو اٿم.

۽ڪوڙ سارن سالن کان سائينءَ جي ٿوري جو هينئين تي جيڪو بار بہ هيو. گهڻو ئي سوچيم تہ چَپ سِبيل ئي هجن تہ سُنو. پر روح نہ رهيو، نيٺ هينئين جو بار هلڪو ڪرڻ جو فيصلو ڪندي هي چند سِٽون لکڻ جو فيصلو ڪري ورتم. جن سان اهو ثابت ٿيندو تہ سن جو سائين ڪيڏو وڏو ماڻهو هيو. جيتوڻيڪ هنن سِٽن تي بہ اڳي جيان انيڪ قسمن جا تبصرا ٿيندا. طعنا يا مهڻا ملندا، پر پاڻ صوفياٽي پَرِ پاريندي اڳواٽ ئي چئي ٿا ڇڏيون تہ " ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي، مان جوئي آهيان سوئي آهيان.

قصو هينئن آهي تہ 1978 جي پڇاڙيءَ الائي 1979 جي شروع وارن ڏينهن ۾ هن بندي سرڪاري ماستر بڻجي ماستريءَ جو ڪورس پئي ڪيو، ڪتابن پڙهڻ جي پٽ ڪامريڊن اڳ۾ ئي وجهي ڇڏي هئي تنهنڪري ماسترن جي پڙهڻ واري ڪاليج جي لائبرريءَ ۾ نہ ڇڏيو هيو ڪو اهڙو ڪتاب يا پنو جيڪو نہ پڙهيو هجيم. تن ڏينهين ملڪ ۾ هلال پاڪستان اخبار جي وڏي هاڪ ڪوندي هئي. ۽ پياري پاڪستان جي آسمان تي ضياءَ جي

مارشل لا جا ڪارا ڪڪر سج کي ڍڪيو بيٺا هوندا هيا، هلال پاڪستان دبئيءَ جي شيخ جي نالي جو ٽرسٽ بڻجي نئون جُبو پائي چُڪي هئي. پر تڏهن به هلال پاڪستان ۾ ڪم ڪندڙ ڪارڪنن رومال ۾ ويڙهي پنهنجو "ڪم" جاري رکيو هيو. سو پانيان ٿو ته هلال پاڪستان وارن جي ڪا ڪوٽ ڇپي هئي ته سنڌ جي ٻن عظيم هڏ ڏوڪين ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي ۽ ڀڳت ڪنور رام تي ليک لکي موڪليو ته ڇاپيون.

هي بندو "ڪامريڊ" ۽ "ڪاٽڪو" ٽيڻ جا جوڪا سر تي کڻي چڪو هيو. هاڻي وري نئين جنون ۾ هيو ته "اخباري ليکڪ" بڻجي، جيئن ماڻهو به واهه واهه ڪن ۽ نالو به وڃي. سو جيئن ئي هلال پاڪستان اخبار جي اها ڪوٽ پڙهيم ته پنو ۽ پين کڻي وينس ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ تي مضمون لکڻ. پر ڇئن سِٽن کان مٿي هڪڙو به اکر لکي ڪونه سگهيو هيس. وري ٻيو پنو کڻي ڀڳت ڪنور رام تي سوچيم، پر قصو ساڳيو ئي بيٺو. تن ڏينهين لائبرريءَ مان آندل سائينءَ جو ڪتاب " جنب گذاريم جن سان" پڙهيم پئي. نوڪي کڻي سائينءَ جي انهيءَ ڪتاب تا حرف به حرف ٻنهي همراهن بابت نقل هڪڙي هڪڙي مضمون جيترو مواد نقل ڪيم. ۽ اهو پنهنجي نالي سان هلال پاڪستان اخبار کي موڪلي ڏنم. ۽ هلال پاڪستان وارن به انهيءَ ڳالھ ڏي ڌيان ئي ڪونه ڏنو ته هڪڙو نئون ۽ الهڙ ماڻهو هيڏي پُختگيءَ ۽ روانيءَ سان سنڌي لکي سگهي ٿو. جڏهن سائينءَ جا لکيل اهي ٻئي مضمون منهنجي نالي سان اخبار ۾ ڇپيا ته هُو هوا تي وئي، وڏيون لانگون هڻي ڳوٺ جي هر ننڍي وڏي کي اهي ڏيکاريندو وتيس. ڏسو منهنجا ليک اخبار ۾ ڇپاڻا آهن. منهن ۾ ٽڪي جو به گهنج نه هجيم جو پرائي محنت چوري ڪري پنهنجي نالي سان ڇپائي هيم.

ءِپوءِ جيون جا هيڏا لاها چاڙها ڏسڻ بعد خبر پئي ته مار!! هڪ هڪ اکر لکڻ ڪيڏو نه اَوکو آهي. ۽ لکندڙ کي پنهنجو هڪ هڪ اکر، انهيءَ جي معني توڙي مفهوم ايئن هينئين تي اُکري ويندو آهي جيئن ٻار ڄڻيندڙ ماءُ کي پنهنجي پيدا ٿيندڙ ٻار جي هر حرڪت ۽ هر گهرج جي خبر هوندي آهي. ۽ ڪوئي تخليقڪار به هڪڙيءَ ماءُ جهڙا سور سهي کي سِٽون گهڙي ٿو. يقينن سائين جي ايم سيد، مون الهڙ پاران چوري ڪيل هن جون سَرجيل سِٽون پڙهيون هونديون ۽ چپن ئي چپن ۾ مسڪرايو هوندو. ۽ سوچيو هوندائين ته هن جوانڙ مڙس ڪري ته حد ڇڏي جو ٻئي جي ڪئي ڪمائي پنهنجي نالي ڇپائي ويو آ. ۽ اهو به يقين اٿم ته سائين اهو سور به صرف ۽ صرف ان ڪري پيتو هوندو ۽ دل ئي دل ۾ چيو هوندائين "ته هلو نيڪ آ، هڪڙي الهڙ نوجوان جي دل ضرور خوش ٿيندي ۽ اڳتي

هلي پڙهندو ۽ لکندو، نيٺ تہ سمجھ پريو تي چوراٽي پٽ چڏيندو". پوءِ ٿيو بہ ايئن. ٿوري ئي وقت ۾ پاڻ چوراٽو جهان تہ ڇڏيو ئي ڇڏيو. پر الائي ڪيترا ورهيہ ڦڪائيءَ ۾مان ڪجھ لکڻ کان ئي گيسي ڪئي.

اڄ عمر جي هن ڏاڪي تي پُڄي جڏهن پوئتي نهارجي ٿو تہ انهيءَ قصي کي ورهيہ گذري ويا پر سائين جيستائين هن جهان ۾رهيو تيستائين اهڙي ٻاڦ بہ ٻاهر نہ ڪيائين. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ هو ڪيڏو نہ عظيم انسان هيو، جنهن پنهنجي عظمت سان هڪڙي ابوجھ ۽ الهڙ جوان جي هيڏي وڏي غلطيءَ کي درگذر ڪري ڇڏيوهيو. نہ تہ جيڪر چاهي ها تہ هن بندي جي من ۾ موريل لکڻ پڙهڻ وارو سَلو انگورجڻ کان اڳ ئي چيپاٽي سگهيو پئي. پر هُن جي عظمت، دور انديشي ۽ ڏاهپ هن کي ايئن ڪرڻ کان روڪيو هيو. نہ تہ اڄ جيڪر اسان پاري ڪنهن جون سٽون ڪوئي ايئن چوري ڪري تہ ايڏو تہ ٻائيتال ٻاريون جو اڳلو ڪن لڪائڻ ۾ پورو هجي.

تنهنڪري هن بندي جي دل چوي ٿي تہ سن جي سائينءَ کان مُئي پڇاڻان معافي گهرجي. جو جو سن جوسائين بہ هڪڙو اهڙو شهيد آهي جنهن جي روح رياستي نظربنديءَ دوران ئي جسم جو ساٿ ڇڏيو هيو. ۽ سن جي جي سائينءَ جيڪو خواب ڏٺو هيو ان جي پوري ٿيڻ کان اڳ سندس روح متان عالم ارواح ڏي نہ ويو هجي. ۽ جيڪڏهن ايئن آهي تہ سندس روح اڄوڪي معافيءَ واريون سِٽون پڙهي ايئن ئي مُسڪرائيندو جيئن اڄ کان پنجٽيھ ورهيہ پهريان هن جي بندي جي حماقت تي چپن ئي چپن ۾ مسڪرايو هوندو.

اهو 1979 جو سال هيو، جو ماڊل ڪاليج ميرپورخاص مان فرسٽ ايئر ۽ انٽر جو پرائيويٽ فارم ڀريو هيم، امتحان ڏنم لاڳيتو ئي پي ٽي سيءَ جو امتحان بہ ڏنم. انٽر سيڪنڊ ڊويزن ۾ ۽ پي ٽي سي فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيم. ڏاڍو خوش ٿيس تہ پگهار ۾انڪريمينٽ وڌي ملندي. اڃان انهن خوشين ۾ ئي هجان، جو تعليم کاتي، 109 ڄڻن مان 22 سکر ۽ باقي خيرپور ضلعن ڏانهن بدلي ڪيا. تڏهن ڪروڙ مان هلال پاڪستان ۾ هڪڙو مضمون لکيو هيم. جنهن جو عنوان هيو، ٿر پار ڪر جي 109 استادن سان هيءُ ويڌن ڇو؟ مضون ڇپيو تہ تعليم کاتي سان لاڳاپيل هر هڪ آفيس ڏانهن فوٽو ڪاپي ڏياري موڪلي هيم. مضمون پڙهي پ ٽ الف جي هڪڙي اڳواڻ غلام محمد لاکي صلاح ڏني هئي تہ ڪامورن سان پاڻ بہ وڃي ملان. سڀ کان پهريائين ملڻ ويو هيس ڊي اي او سان. تڏهن ڊي اي او هوندو هيو ميرمحمد سيال، تنهن تہ ملندي ئي ڪنڌا ڪٽي ڇڏيا هيا. دڙڪا، داٻا ڇڙٻون نصيب تہ ٿيون. پر آخر ۾ پِنون ۽ پاراتا بہ ڏنائين. پر بدليءَ جي باري وريو ڪجھ بہ ڪونہ!.

فوجي جنتا جي حڪمن جي پوئواريءَ ۾ تعليم کاتي پاران سزا ۾، سکر بدلي ٿيڻ جي هڪ هفتي اندر، سفر جو سامان ٻَڌِي گهرن کان نڪتا هياسين. سنگت ۾اسان واري تر جا سَت اٺ ڄڻا هُجون. حيدرآباد کان وجي سکر جي بس ۾ ويناسين. حيدرآباد ٻه ان ڏينهن زندگيءَ ۾پهريون ڀيرو ڏٺي هيم. زندگيءَ جو پهريون ۽ ڊگهو سفر هُجيم. رينگ رينگان ڪندي رڙهندي رڙهندي سِجَ لهڻ ويل، بس مس وجي خيرپور پُهتي هئي، آئون رَستي ۾ ئي بخارن ۾ ونجي ويو هيس. باقي سنگت سڄي خيرپور جي آرڊرن واري هئي، اڪيلو آئون سکر جو مسافر هيس. انهي ڪري اڳيان ڪا پَوا ڪانہ سُجهندي، آئون ٻه يارن سان گڏ بس مان لهي پيو هيس. اها رات سنگت سان گڏ خيرپور جي مُسافر خاني ۾ گذاري هيم، سڄي رات بُخار جا مَچَ هُجن. هڪڙي ڪُندڙي وني پئي هُڙڪيس. جڏهن ورندو سِجُ اُڀريو هيو، تہ همراهہ سَڀيئي ٿيا هيا تعليم کاتي جي آفيس طرف روانا. باقي ٻچيس آئون هيڪلو، سو سکر جو سونهون ٻہ نہ هُجان. بخار جا ٻہ مَچَ هُجن. ڪُجھ دير تائين سوچي سوچي وڃيم واپسيءَ جي پنڌ ڪي. قلهو ٻوٽ ڪري اچي امڙ جو سلام ڪيم. ڳوٺ پهچڻ بعد ٻہ هفتو ڪن بخارن ۾ پيو رهيس، ٻئي هفتي تاج مري ڳوٺ آيو هيو، سربستي ڳالھ ڪئي هئي مانس، صلاح اها بيني هئي، تہ وڃڻو ضرور پوندو. سکر ڪامريڊ لڏي سان پريو پيو آهي، ڪوڙ سارا دوست آهن. تاج چيو چوين تہ چني لڪي ڏيانءِ. ٻنهي لهرائين تہ آئون توسان گڏجي ٿو هلان. تاج جي گڏجي هلڻ واري ڳالھ سان دل تي ٻہ چنبو پيو.

تاج تن ڏينهين سيني ڪامريڊن جيان سڄي پڇي يا هرويرو ٻہ روپوش هُجي. پروگرام موجب هڪڙيءَ سج لٿي مهل ميرپورخاص مان پَلاٽيوسين سکر ڏي. حيدرآباد پهچي، رات جي ماني تاج جي چاچي ۽ ٿيڻ واري سَهُري جي گهر کائي، غلام شاھ ڪلهوڙي جي مُقبري کان پنڌ ئي پنڌ هلندا اَچي سکر جي بس ۾ وينا سين. بس جو ڀاڙو مُرڳهين ويھ روپيا في ماڻهو هيو. رستي ۾ الائي ڪيڏيءَ مهل گهري ننڊ اچي وئي هيم، ڊگهي سفر جي خبرئي ڪونہ پئي هيم. فجر ويل سکر پهتا هياسين۽ پوءِ هڪڙي رڪشي ۾ ويهي پراڻي سکر پهتا هياسين، سڌا سائين رڪن الدين قاسميءَ جي گهر. تاج مري منهنجي ٻانهن قاسمي صاحب جي حوالي ڪئي، انڏي منڊي نيرن ڪئيءَ پوءِ وڃائين پنڌ ڪي ڪنہ ٻئي طرف. قاسمي صاحب جي ڏَسن پارن تي رڪشائن ۾ ڏڪ ڪائي، تعليم کاتي جون آفيسون ڳولي هٿ ڪيون هيم. مونکي پوسٽنگ ملي هئي روهڙي تعلقي جي ڳوٺ وَسَ ۾. روهڙيءَ کان اڳتي اسان واري تر جهڙو اجڙي تر وارو علاعقو هيو. ڪوئي روڊ رستو ڪونہ هيو. ڪچن رستن سان جيپون وينديون هيون سو هڪڙ صبح جو ٻين مسافرن سان

جيپ وسيلي واريءَ ڳاڏڙ ڊُسڙ متي تي وسائيندو سنگرار جي شهر ۾ پُهتو هيس. اڳتي جو سفر ڏهين روپئين جي ياڙي تي ڳڏهه ذريعي ڪرڻو هُيو، نه روڊ هيا نه رستا هيا، اڃڙو ٽر هيو، ٻيو ته نهيو پر وڻ ٽڻ به ڪو وڙلي هيو، سنگرار جي اسڪول ۾ نيو ڇور جو رهاڪو ماستر موهن سوٿهڙ مليو، جيڪو اڄ ڏينهن تائين ماستر هئڻ سان گڏ گهورڙيو ڊاڪٽر به آهي. پرديس ۾ پنهنجو پاڙيسري ڏسي، جهڙوڪر ساهه پئجي ويو هيم. موهن جي به مون واري ساڳي ڪيفيت هئي. رات موهن وٽ رهي، صُبح جو بسم الله ڪري پاڙي جي ڳڏهه تي چڙهيس ۽ ڳڏهه وسيلي ئي وَسَ ڳوٺ ۾ پهتو هيس. وس جو وڏيرو صوبدار خان ڪانئيچو هيو. صوبدار خان ڪانئيچي جو هيءُ ڳوٺ، انديا جي بارڊر سان ويجهو هوندو هُيو، اسڪول به عجيب هيو، ڇپرائين لانديي، به ٽي ٻار، چار بينچون ۽ آئون. منهنجو روح اتي رِجي ئي نه پيو. ويتر رات جو ڳِدڙن جي اوناڙين ڪان ڊپ مان ڊُرڙيون نڪريون وجن. ڪلما پڙي ڪٽ تي ويهي راتيون گذاريان، پانيان ٿو انهن چند راتين ۾ جيترا پيرا ڪلمي شريف جو ورد ڪيو هيم ايترو سموري زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪونه ڪيو اٿم. هٽي ماري هفتو رهيس، نيٺ هڪڙي ڏينهن هفتي جي موڪل جي درخواست لِکي، پاڙي جي ڳڏهه تي سوار ٿي سنگرار پهتس. رات موهن وٽ رهي، ٻئي ڏينهن سکر وجي، سائين رڪن الدين قاسميءَ وٽ پُهچي، ڪيس سموري ماجرا ٻُڌايم. منهنجون ڳالهيون ٻڌي پهريائين مُرڪيو ۽ پوءِ پائيپ مان دونهون ڪيندي، ٻيهر مُرڪندي چيائين، ڪامريڊ ۽ ڊپ!! ڳالهه سمجهه ۾ ئي ڪونه ٿي اچيم؟؟ ايتري ۾ سائين رڪن الدين قاسميءَ سان ملڻ لاءِ هڪڙو ڳاڙهو ڳِتول جوان به سندس آفيس ۾ لنگهي آيو.

قاسمي صاحب، سندس تعارف خادم سومري جي نالي سان ڪرايو. اتي ئي ڪيس منهنجي مسئلي جو چيائين، جنهن ڇاتيءَ تي هَٿُ هٽي چيو، اتي ته هينئر ئي هلون ٿا، الهداد ٻوهيو سکر جو ڊي اي او ۽ منهنجو واسطيدار آهي. هينئر ئي ڪم ٿيندو. تن ڏينهين سکر جي ڊي اي او جي آفيس ۽ ضلع ڪائونسل جون آفيسون گڏ هُونديون هيون. آئون ۽ اهو قاسمي صاحب وارو خادم سومرو رڪشا ذريعي اتي پهچي، جيئن ئي رڪشا مان لٿاسون، ته پوليس جا ڪتڪ آفيس کي گهيرو ڪيو بيٺا هئا. شايد ان ڏينهن ضلع ڪائونسل جي چيئرمين لاءِ سردار غلام محمد مهر جي چونڊ پئي ٿي. پوليس تي نظر پوندي ئي، خادم سومري جي مُنهن جو پنو لَهي ويو. مڙس صفا ڪاراتجي ويو هيو. سندس چوڻ تي هيٺ ڪنڌ ڪري، تِڪا تِڪا آفيس ۾ داخل ٿياسين. بقول خادم جي، ته هو به ٻين ڪامريڊن جيان روپوش هيو، ۽ گيٽ تي وڏي اتالي سان بيٺل ڊي ايس پي سُڃاڻيندو هُيو، تنهن جو ڪامريڊ

ڏنا هيا، ته الرٽ به ٿيو، ڇو جو اسان ڪان اڳ ۾ ملان رشيد انڙ جهڙو ڪامريڊ به آفيس ۾ پهتو هيو، ان ڪري ڊي ايس پيءَ ڪي خطري جي بوءِ آئي هئي. خادم جي قيادت ۾ اسان ٽئي ڄڻا مرحوم الحداد ٻوهئي صاحب سان مليا هياسون، الحداد ٻوهئي چند منٽن ۾ ئي آچر گهٽيءَ پرائيمريءَ اسڪول جو آرڊر ڪڍي ڏنو هيو. آفيس جي ڪمري ڪان ٻاهر نڪرندي ئي، خادم سومري چيو ته هاڻي پاڻ کي مُک دروازي بجاءِ پويان ديوار ٽپي ڀڄڻو آهي، ڇاڪاڻ ته پوليس مون کي سڃاڻي ورتو آهي ۽ پارٽيءَ جي فيصلي تحت مون کي گرفتاري ناهي ڏيڻي. تنهن تي حيران ٿي چيو مانس ٻيلي تنهنجو ته ڪو ايڏو وڏو نالو ٻڌو ڪونهيم جو تنهنجي پويان پوليس هجي. ائين پُنيان جبل جي طرف ڪان ڀڄي نڪتا هياسين. ۽ پگهر ٻه وڃي ٻيءَ رات ڳوٺ ٺاريا هياسون. خادم سومرو پوءِ ٻه سال ڪن تائين ٻه واري تڙ روڊ تي مون سان گڏ رهيو هيو. سکر جي مختلف علائقن ۾، مختلف ماڻهن ۾ پارٽيءَ جو ڪم گڏجي ڪيو ٻه هيائين. مون کي آخر تائين اها خبر نه هُئي ته خادم سندس فرضي نالو آهي. هڪ ڀيري ميرپورخاص جي شاهه لطيف ڪاليج ۾ شاگردن جو جلسو ٿيو هيو. آئون ٻه هُجان ۽ خادم ٻه هُجي، ٻئي گڏ وينا هُجون. ان وقت اسٽيج تان اعلان ٿيو ته هاڻي سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو مرڪزي اڳواڻ، امرلال شاگردن کي خطاب ڪندو. اُن وقت منهنجيءَ پر ۾ وينل خادم سومرو ٽپ ڏئي اُٿيو هيو، اسٽيج تي وڃي تقرير ڪيائين، تڏهن خبر پيم مار هيءُ ته امرلال آهي.!! ڪامريڊن جوايڏو ڳُجهه! پنهنجن ڪان ٻه ايڏي لِڪ!!. سال ڪن ڪان گڏ رهندا اچون پر پوءِ ٻه مڙس مونکان نالو لِڪائيندا اچن. اهو امر لال پوءِ پنهنجن يارن جي ڀلائين سان جيل ڀيڙو ٿيو هيو، الائي ڪيترن ٽارچر سيلن مان ٿيندو، وڃي ڄام ساقي ڪيس ۾نامزد ٿيو هيو. بينظير ڀٽو، ولي خان، بزنجوءِ ٻيا سندن بچاءُ ۾ ملٽري ڪورٽ ۾ شاهديون ڏيڻ آيا هيا. جيل ۾ واڻيو صفا ڏاڍو مڙس ٿي رهيو هيو، ڇون تا ته جيل ۾ گهڻا ڦڏا ڪرڻ سبب متس لِٽل لينن جو نالو ٻه پيو هيو، گهڻو پوءِ جڏهن آئون صفا گيدي ٿي، هڪڙي ڪُنڊ جهلي وڃي وينو هيس، ته مون کي جيل مان خط لکيا هيائين ته يائو رَليءَ جي موت ڪان سنو آهي ته ماڻهو جنگ جي ميدان ۾ مري. پر سندس خط جي اهڙن اکرن سبب ٻه منهنجي ڪن تي جونءَ ٻه ڪانه چري هئي. وقت بدليو هيو ته انهيءَ امرلال لاءِ اخبارن ۾ خبرون آيون هيون ته مشرف سرڪار جي آخري دور ۾ آمريڪي صدر بش سان ملاقاتون ڪندي، وڃي وزيراعظم محمد ميان سومري جو صلاحڪار ٿيو هيو. هاڻ ٻه ٻُڌجي پيو ته ڪو وڏو ڪاروبار اٿس. رب ڪري جتي ٻه هجي خوش هجي.

سائين رڪن الدين قاسميءَ جي باري ۾ جيڏي مهل به ڪجھ لکڻ چاهيان ٿو ته دل ڀرجيو ٿي اچيم. ڇا ته ماڻهو هيو، ڇا ته سندس شخصيت هئي، سدائين ڪِٽ ۾ رهندو هيو. فل سوٽ وري نهندو به اهڙو هيس جو وجي ٿيا ست خير. مٿان وري خوبصورت پائيپ ۾ خوشبوءِ وارو تماڪ وجهي پيئندو هيو، ته اوسي پاسي مان مَتيندڙ ماڻهو هڪڙو ڀيرو مُڙي، سائينءَ ڏي ضرور ڏسندا هيا. تنهن زماني ۾ سکر جي ڪامريڊن مٿس نالو ئي رکيو هيو ڪامريڊ قاسمينوف. هر ڏُک سک ۾ هرڪو ماڻهو وٽس پڳو بيٺو هوندو هيو. مون سان ته ٻٽيهه دليون هونديون هيس. اندر جو هرهڪ سُر مون سان ضرور سَليندو هيو. هيمون ڪالاڻيءَ جو گهر به مون کي سائينءَ ئي ڏيکاريو هيو. مزي جي ڳالھ اها به هئي ته جڏهن شهيد ڀُٽي، نعپ تي پابندي لڳائي، ٻناڻن ۽ ٻروچن کي ٽُرم ۾ واڙيو هيو ته قاسمي صاحب حيدرآباد ٽربيونل ۾ ٻين وڪيلن سان گڏ وڪالتنامو ڪٽي اچي بيهي رهيو هيو.
سو ڳالھ پئي ڪيم، خادم سومري (امر لال) جي معرفت، محترم الحداد ٻوهئي هٽان، سکر شهر ۾ بدلي جي آرڊر ملڻ جي، انهي اسڪول جو نالو هيو آچرگهٽيءَ پرائمري اسڪول. ٻئي ڏينهن ئي انهيءَ اسڪول ۾ وجي، دخلڪار ٿيس. ٿورن ڏينهن ۾ انهيءَ پاڙي ۾ رهندڙ شرافت بلوچ ۽ مُريد بلوچ سان دوستي ٿي وئي هئي. اهي ٻئي بلوچ اسٽوڊنٽس ارگنائيزيشن جا اڳواڻ هُيا. ۽ انهيءَ آچر گهٽِي پاڙي ۾ چڱي موچاري راهوٽيءَ وارا هيا. رهڻ لاءِ ڪا جاءِ ڪونہ هيم ته ڪجھ ڏينهن ته ڀنَ جون به ٿي رليون ۽ هڪڙو وهاڻو هٿ ڪري، اسڪول جون به بينچون گڏائي، انهن جي پيرن هيٺان سروٽا ڏئي، تختن جي ٻيڙيءَ نما کٽ ناهي انهيءَ تي سمهندو هيس. باٿ روم به انهيءَ اسڪول ۾ ڪونہ هوندو هيو، پيشاب به اسڪول جي انهيءَ ڪُنڊ واري ڪمري ۾ ڪري وٺبو هيو. جنهن ۾ ڀڳل ٽٽل بينچون سَٽيون پيون هونديون هيون. فجر جو ڪاڪوس لاءِ سويلُ اُٿي ڀڄندو هيس ٻاهر. اويل سويل جيڪر پيٽ ۾ ڪو وَٺُ پوندو هيو، ته اسڪول جا در بند ڪري ڀڄبو هيو پبلڪ باٿ رومن ڏانهن، جيڪي منارا روڊ ڏي هوندا هيا. جتي يا ته مڙسن جي قطار اڳئي هوندي هئي، يا ته ڊوند جي ڏپ ايڏي هوندي هئي جو الله ڏئي امان. تن ڏينهين منهنجو معمول هوندو هيو ته اسڪول جي موڪل بعد گهنٽا گهر لڳ، هڪڙي واڻئي جي هوٽل تان مورڳهين ڏيڍ ٻن روپين ۾ سستي، سُني ۽ سادي ماني کائي. وڏيون اوڳرايون ڏيندو، ڀرسان ئي غريب آباد سکر ۾ ارشد درزيءَ جي دڪان تي وجي ويهندو هُيس. جيڪو اُن زماني ۾ درزين جي يونين جو مزدور ليڊر هوندو هيوءِ سندس دڪان مڙني ڪامريڊن جو اڏو هوندو هُيو. تن ڏينهين پئسي جو حال به ڪونہ هيم، توڙي منهنجي به ڪوشش اها

هوندي هئي، جو اڪثر ڪري شام جو پارٽيءَ جي ڪم سان ڪڏهن ڪنهن سان ته ڪڏهن سان گڏ، ڪِتي ڪتي وجي رات وارو ويلو ٽاري وٺندو هيس، نه ته اُڙيو ٿُڙيو ڄاڻي واڻي ويلو ٽارڻ لاءِ، رات جو دير سان قاسمي صاحب جي آفيس جي پويان ڪامريڊن جي مخصوص ڪمري ۾ اچي کٽ تي ڪِري پوندو هُيس. بتيءَ جي روشني ڏِسي، ڪڏهن ڪڏهن قاسمي صاحب جي گهر واري دال سان چانورن جي پليٽ، ننڍڙيءَ نياڻيءَاختر هٿان ڏياري موڪليندي هُئي. نه ته بُکيو ئي سُمهي رهندو هيس. اختر اُن زماني ۾ ننڍڙي پٽڪڙي هُئي ۽ پوءِ جام ساقيءَ سان شاديءَ بعد اسان جي ڀاڀي ٿي. هوئنءَ اڪثر ڪري محرم جي مهيني ۾ ته هرروز ڪنهن نئين پاڙي جي امام بارگاهه وجي، ڇاتيءَ تي ٻه، ٽي هٿ هڻي نياز ڪائي، ڏهئي ڏينهن رات جو ويلو ٽاري وٺندو هيس. رات جو سمهڻ ٽان ياد آيم ته ڪڏهن ڪڏهن ارشد درزيءَ جي دڪان ۾ به سمهي رهندو هيس. اُتي ڪڏهن رات جو گهڻو زور وارو پيشاب ايندو هيو، ته پيشاب ڪرڻ لاءِ ٻي ڪا گهٽي ڪونه سُجهندي هئي، ڇو جو دڪان جو شٽر ٻاهران بند هوندو هيو، پوءِ دَٻي ڪٽي دڪان جي شٽر جي ڪنهن ڪنڊ وٽان ويهي، پيشاب ڪي آ پيارا ڪندو هيس. شڪر خدا جو ڪجي جو شٽر وٽان دڪان جو فرش مڙوئي ڳچ جيترو لهوارو هيو. جنهن ڪري پيشب هيٺ وهي ويندو هيو. صبح تائين ملڪ سُڪي پوٺو ٿي ويندو هيو.

انهن سورن جي قصن کي گهڻا ورهيه گذري ويا، پوءِ جڏهن حبيب بينڪ جو ڪامورو هيس، ۽ اويل سويل جهازن ۾ پيو سڪر ويندو رهندو هيس. تڏهن حبيب بينڪ جي ئي ڪاموري ۽ پراڻي ڪامريڊ رحيم بخش مهر کي هڪڙيءَ رات جو چيو هيم، ته يار هَلُ ته هلي پراڻي سنگت سان مِلي اچون. تن ڏينهين سائين رڪن الدين قاسمي صاحب صفا جهُور هُيو، اکين جي ديد به گهڻي جهَڪي هُجيس. ۽ 1980 کان وٺي مون کي ڪونه ڏٺو هيائين، ملندي رڳو اهو ٻُڌايومانس ته سائين، ڪوشش ڪري مون کي سُڃاڻو، پاڻ اڄ ويهارو سالن بعد پيا ٿا ملون. ۽ پوءِ پل ۾ ئي سُڃاڻي ورتائين. پڇيومانس سائين ايئن ڪيئن ٿيو جو پهرئين ئي ڏک ۾ منهنجو نالو ڪڍي ورتو اٿوَ. ته چيئين يار سڀ ڪامريڊ اويل سويل پيا پيرا پڄندا هيا. تو ئي هئين جنهن کي ورهيه ٿي ويا هيا. تو جو ويهه ورهيه چيو ته پڪ ٿيم ته اها سوڪڙي تون ئي آن. شبير بيدار پٽو، جڪو ڪڏهن سڄڻ پٽو به هوندو هيو. سو ڪاوش جي سڪر واريءَ آفيس ۾ وينو هُيو. گهڻائي احوال ڏناسون، گهڻائي گڏ گذارڻ وارا حوالا ڏنامانس، واري تڙ واريءَ جاءِ کان وٺي ارشد سينيءَ جي دڪان جاءِ

پَرَ همراهه مونکي نہ سُڃاتو سو نہ سُڃاتو، نہ ئي وري ڪا ڇانھ پاڻيءَ جي سڪڻي صلاح ئي ھنيائين. ماڻھوءَ ماڻھوءَ تي مدار آ.
ڪڏھن، ڪڏھن ڪامريڊ غلام رسول سھتي سان گڏ خيرپور اچڻ بہ ٿيندو ھُيو. لالا شاھ محمد درانيءَ جي گھر ايندا ھياسين جتي سنگت سان ڏکيا بحث ۽ ڏکيون ڪچھريون ٿينديون ھُيون. ڪامريڊ غلام رسول سھتي تان ھڪڙي ڳالھ ياد آيم، تہ گھڻو پوءِ سنڌ اخبار تي ڪييائين، سڄي سنگت کي ڳولي ھٿ ڪري چندا ۽ قوڙيون ڪري. ڪن کي شيئر جا دلاسا ڏئي تہ ڪِن کان اڌارا ڪري پئسا وٺندو، ھڪڙي ڏينھن مونکي ڳوليندو اچي ڪپري پھتو ھيو. ڪَنن جي پاپڙين تي بينڪ وڏن وارن کي وٺيندي، اخبار جاري ڪرڻ جو ڏکھو قصوڪنيائين. چئي نذير عباسيءَ جي نياڻيءَ زرقا جو ھڪ لک جو شيئرآھي، امداد چانڊيئي جوبہ ھڪ لک جو شيئرآھي، صالح بلوءَ جوبہ شيئرآھي، قصو ھلندي ڳالھ وڃي ڪُٽي اِنھيءَ تي تہ تون بہ شيئر رک، يا چندوڏي، ٻئي ڪم نہ ٿين تہ اُڌارا ويھ ھزار ئي ڏي. الاھي سالن کان پوءِ مُڙس جو ايئن ڳولي اچڻ ۽ اوڌر گھرڻ ڪجھ ڪجھ عجيب تہ لڳو پئي پر پوءِ بہ حصي بجاءِ اوڌ ر واري ڳالھ مون کي بہ وڻي ھئي. سو اُٺي بينڪ جي ڪيش مان ئي پئسا ڪڍڻ ويس، تن ڏينھين منھنجو سيڪنڊ آفيسر ھوندو ھيو شھاب فاروقي، چيائين سائين ايترا پئسا ڪيڏانھن ٿا ڪريو؟ سڄو قصو ٻڌايومانس تہ ڪِلي چيائين اھي پئسا بہ ويا کُوھ جي تري ۾!!. فاروقيءَ جي ڳالھ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري پئسا سھتي کي ڏئي ڇڏيا ھيم. ڪجھ وقت بعد رستي ويندي تاج مري مليو ھيو، سھتي واري ڳالھ سربستي ڪئي ھئي مانس تہ وڏا ٿھڪ ڏيئي چيو ھيائين، پائو، اول تہ اھا اخبار ھلندي ئي ڪونہ ۽ جي ھلي تہ ٻيا سڀ ڪنن جي پاپڙين تہ ھٿ رکي پڃي ويندا، باقي بچندو ھڪڙو سھتو. ان تي بہ ڪن لاٿار ڪري دل کي ڏڍ ڏيندو رھيس تہ اخبار بہ ھلندي ۽ منھنجا پئسا بہ ترندا. آئون گھڻو ڪري تاج مريءَ کي سڌو سنئون ۽ ٺُلھي دماغ وارو سمجھندو آھيان، پر ڪڏھن تاج جا تجزيا بہ ھوبھو سچا ٿي پوندا آھن. ھيءُ تجزيو بہ سچو ٿيس، قصو کُٽائڻو ايئن ٿو پوي تہ پوءِ اُنھن ويھن ھزارن لاءِ وڏا پنڌ ڪيم، جڏھن وڃان سھتي جي ڪن تي جونءَ بہ نہ چُري، چوي تنھنجا پئسا مون ڏي ڪونھن اداري ڏي آھن ۽ ادارو ئي نقصان ۾ پيو وڃي، تہ پئسا ڪٿان ڏيان. ھٽي ماري ڪجھ پئسا وڏن جُھدن بعد ايئن ڪڍايم، جيئن ٻرئي گھر جو ڏٽي بڇيل اڳڙيون قلھوري ڪجھ ھٿ ڪندو آ، پوءِ بہ ست ھزار نہ ڏنائين. اڄ ڏينھن تائين اُھي ٻُڏل سھسايم. ھاڻي بہ سھتو جتي ملندو آھي،

سنئين ڳاٽ ملندو آهي، حرام جي ڪو مُنهن ۾ گهنج هُجيس تہ هِن جي هيڏي رقم ڳڙڪايون وينو آهيان.
ڳالھ پئي هلي سهتي سان گڏ خيرپور وڃڻ جي، خير پور پريس ڪلب ۾ منصور ميراڻيءَ جي شاعري ٻُڌڻ ويندو هُيس. هڪڙو نظم سندس يا ٻئي ڪنهن جو ٻُڌايو هُيائين. اڄ تائين ياد اٿم.
منهنجو آهي هاري پيءُ،
گرمي توڙي سيءُ،
ڪاهي هَرَ، ڪڪائون گهرُ،
ليڙا ليڙا ويس، سئو ڏهين جو ڪيس،
ابو سدائين جيل ۾، اسان پويان ويل ۾.
غلام عباس پنيرو، تڏهن عبرت جو ناميارو صحافي هُيو، اُن جي جاءِ تي ڪچهريون مَچنديون هُيون. بوزدار وڏا جورهاڪو غلام عباس ٽانوري اڪثر اُتي ملندو هيو، پوءِ مون کي وڏا وڏا خط لکندو هيو. اخترعباس ٽانوريءَ جي نالي سان ادبي پورهيا بہ ڪيائين. هاڻي خبر ناهي ڪٿي ۽ ڪهڙي حال هوندو.
جيئن اڄڪلھ، ڪاوش اخبار سنڌ ۾ مشهور آهي. تيئن تن ڏينهين، هلال پاڪستان اخبار سرڪاري هوندي بہ ضياءَ جي مارشل لا ۾ ڪڏهن، لِڪائي ڇپائي، تہ ڪڏهن قِرقِر سونٽو ڪري، پڌري پٽ، سنڌي ماڻهن سان هر ڳالھ ۾ ٻِٽُ ٽيو بيٺي هوندي هئي.
تن ڏينهين، موهن جي دڙي جي مٽيءَ جو رهواسي هدايت منگي مرحيات، هلال پاڪستان جو سکر لاءِ بيوروچيف هُيو، ساڻس مٽو مٽي تي ياري هجيم، اهڙي جنهن کي اصل لوهان لوھُ ياري چئجي. ٻئي مڙس شام جي وقت، گهڻو ڪري زماني جي ڪمن ڪارين مان واندا ٿي، هرروزسج لهڻ ويل، اندس هوٽل جي هڪ ڪُنڊائتي ٽيبل تي اچي گڏبا هياسون. اوراڙ پراڙ جا احوال ڪري، چانھ جي ڪوپ، ڪوپ تي، چرس جي سگريٽن جا دونهان ڪڍي، آڌي رات ڪري اُٿندا هياسين. چرس جي سگريٽن تي ڪيل انهن ڪچهرين جو مک موضوع، ڪابي ڌر جي سياست ۽ ان سان لاڳاپيل ادب هوندو هيو. نہ ڪنهن جي گلا نہ غيبت. اهڙي ئي هڪڙي رات ڳالهين مان ڳالھ نڪتي هئي جو، هدايت مرحيات چيو يار!! خبر اٿئي تہ مشتاق شاھ اڄڪلھ شهر ۾ آهي!!؟ اُن وقت ڪَلَ ئي ڪونہ هيم تہ اسان واري ڪامريڊ سنگت مان مشتاق شاھ، ڪنهن جو فرضي نالو آهي. هوڏانهن پانئيان ٿو تہ هدايت منگيءَ، مون کي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو اهم ماڻهو سمجهي، شايد اهو سوال

ڪيو هيو. ۽ مون بہ هرويرو ئي صرف ڪنڌ ڌوڻ سان سندس سوال جو جواب ها ۾ ڏنو هيو. تن ڏينهين وارِي تڙروڊ جي، سوڙهين گهٽين مان هڪ گهٽيءَ ۾، شفقت ميراڻيءَ جي گهر مٿان هڪڙو ڪمروپارٽي آفيس لاءِ وقف هُيو. جاءِ بہ اهڙي جتي ڪابہ گاڏي نہ اچي سگهي. هڪڙي واڻ جي کٽ هئي. باقي چئني ڪُنڊن ۾ڳاڙها ڪتاب، پمفليٽ، سرُخ پرچم، هلچل پڪڙيا پيا هوندا هئا. ۽ انهن ڪتابن جي وچ ۾ ڪڏهن، ڪڏهن ڪامريڊ غلام حسين شر پنهنجو پستل لڪائي ويندو هيو تہ ڪڏهن امرلال پنهنجي اصلي نالي ۽ چوڪراڻي وهيءَ واري فوٽوءَ سان نهيل پاسپورٽ. اها اڪيلي واڻ جي کٽ، هڪڙي وهاڻي سميت منهنجو بيڊ هُوندي هئي. رُلي پِني هَجُ تي، اچي انهيءَ کٽَ تي ڪري پوندو هيس. ڪڏهن آڏيءَ ڏاري امرلال، درُ ڪڙڪائي، ننڊ ڦٽائي، اچي پاسو ونِي گڏ سُمهي پوندو هيو، تہ ڪڏهن ڊاڪٽر گهنشام پرڪاش يا غلام حسن شر دي گريٽ، تہ ڪڏهن ڪوبيو ڪامريڊ.

اُن رات هدايت منگيءَ ڪان اُتي جاءِ تي آيس، تہ شفقت ميراڻيءَ هڪڙو فوٽن جوالبم ڏيکاريو. اسان جي ساٿيءَ نذير عباسيءَ جي ننيڙي پٽڪڙيءَ ڏيءَ زرقا جي فوٽن جو، نذير جي لاڏليءَ موتيا جي فوٽن جو، فوٽو ڏسندي شفقت ۽ آئون نذير ۽ حميده گهانگهرو جي زندگيءَ بابت، زندگيءَ جي ڪين ڏنل ڪوڙ سارن سورن بابت، ڪوڙ سارا قصا ڪري، وڃي آرامي ٿيا هياسين. آڏيءَ ڏاري غلام حسين شر بہ الائي ڪٿان رلندو، اچي گڏ سُتو هيو. پانئيان ٿو ان رات فجر ويل جڏهن سڪر جي مُلن، لائوڊن تي بانگن جا ڌوڙيا بيني ڪيا، جواسان جي ان ڪُنڊائتيءَ ڪوٺيءَ جو دروازو هوريان هوريان هڪ بہ ييرا ڳڙڪيو هيو. بي مهلو دروازو ڳڙڪڻ تي ٻئي ڄڻا ڇرڪ ڀري جاڳياهياسين. اڻ لَکي ڊپ سان گڏ يقين پئي ٿيوتہ شايد ڇاپو لڳو آهي!؟ پوليس جو!؟ فوج جو!؟ ان وقت بي اختيار منهنجي نظر ڪنڊ ۾ پيل ڪوڙ سارن سرخ پرچم ۽ هلچل جي پرچن ڏي ڪجي وئي هئي. غلام حسن، پڙڪو ڪائي، پمفليٽن هينان لڪائي رکيل پستل ڪڍي، مونکي ڪُنڊيءَ کولڻ جو اشارو ڪيو. ڪنڊيءَ کولڻ ڪان اڳ دروازي جي سير مان ڏٺم، هڪڙوسنهڙوسيپڪڙو، همراه. ڪاري ڏاڙهي، بريف ڪيس هٿ ۾، فوجي جرسي پايو، دروازي ڏانهن سواليہ نظرن سان گُهوري رهيو هيو. ۽ دروازو کولڻ بعد اهي ساڳيون سواليہ نظرون منهنجي ڇهري تي ڪتل هيون. ڪيس ڏسندي ئي غلام حُسن ٽڏوساهہ ڀري چيو، يار مشتاق تون آهين!! اسان تہ پانيو هيو ڪو ڇاپو لڳوآهي. ان ويل انتهائي منڙي ۽ پرعزم آواز ۾ وراڻيائين، بلوچستان پئي ويس، ريل ۾دير هُئي، سوچيم شفقت جي گهران زرقاجا فوٽوڪٽيو وڃان. سندس ايترو چوڻ تي آئون ڪيس يڪدم سُڃاڻي ويس تہ مشتاق شاهہ، معني نذير عباسي.

هن جوڌهن تمام گهڻو تيز ڪم ڪندوهُيو. جلدئي غلطيءَ جواحساس ٿي وِيس، ته هڪ اٽواقف ماڻهوءَ آڏو پنهنجي سڃاڻپ ظاهر ڪري وينو آهيان. شفقت جي گهران فوٽن سان گڏ چانهه به آندم، ته ڪوسي چانهه ساسرڪ پيئندي اُٿيو ۽ روانو ٿي ويو. غلام حسن ڪان پڇيم همراهه تڪڙو آيوءِتڪڙو ويو. الائي ڇو؟ غلام حسن منهنجي اهڙي سوال تي صرف مُسڪرايو هيو، ڪو جواب ڪونه ڏنو هيائين. آئون هُن جي معنيٰ خيز مسڪراهٽ جو مطلب سَمجهي ڪونه سگهيو هيس. اُن ڪان ڪجهه پوءِ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪنهن فريڪيشن جي يا سنڌ ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي منهنجي ڳوٺ ۾ٿي هئي. سڀ انڊرگرائونڊ ڪامريڊ، اوورگرائونڊ ٿي وينا هيا. ڪڇيءَ اوطاق جي بند ڪمري ۾الائي ڇا ڳالهايائون، ڇا نه ڳالهايائون؟ اها رات آئون اوطاق آڏو پيل کٽن تي تارا ڳڻيندو رهيس. ان رات جو دير سان، ميٽنگ جي وقفي دوران، اڪيلائيءَ ۾مشتاق شاهه منهجي پاسي واري کٽ تي اچي ليٽيوهيو ۽ هوريان هوريان پُڇيو هيائين’مون کي سُڃاڻين؟ وراڻيم ها. چيائين,اهوئي ته آئونُ مشتاق شاهه آهيان. چيم، نه اهوئي ته تون نذيرعباسي آهين. چيائين پلا ٻڌايانءِ ته ڪڏهنءِ ڪيئن سُڃاتئه؟؟ چيم ٻُڌاءِ!!. چيائين، شفقت ميراڻيءَ جي گهرڪ منهنجي وڏيءَ غلطيءَ سان. چيم، ها صحيح ٿو چئين. ۽ ايئن اسان جي سنگت جو قصوو ڏڻ شروع ٿيو. نذير، ٽنڊي الهيار جو رهاڪو هيو اُن ڪري انهيءَ پاسي ڪان اچڻ وڃڻ ڪونه هوندو هيس، سانگهڙ ڪان ڪنڊياريءَ جي رستي ڦري ايندو هيو، ڪنڊياريءَ جو تاج مري، تن ڏينهين پائنيان ٿو، ته يا جيل ۾ هيو يا روپوش هيو، ان ڪري تاج جي ڪيل ڪم ۽ ماڻهن کي سنڀالڻ جو ذمو ڪجهه نذير پنهنجي سر تي ڪنيو هيو ۽ ڪجهه مون تي وڌو هيو. پوءِ گهڻو ڪري اسان ٻئي انهيءَ تر جي مختلف ڳوٺن ۾ گڏجي ويندا هياسين ۽ راتين جو اوطاقن جي ڪچهرين ۾ ماڻهن کي سڃاڳيءَ جا سبق پڙهائيندا هياسين. ڪنڊياريءَ ۽ ان جي پسگردائيءَ جي گهڻن نندن جوانن کي اڄ اها ڪل ئي ڪونه هوندي ته شهيد نذير عباسي مونسان ۽ تاج مريءَ سان گڏ گهڻو ڪري سيني ڳوٺن مان مشتاق شاهه جي نالي سان گهمي ڦري ويو هيو. هڪڙي ڀيري، اسان کي بان واهه جي ڪنڊياريءَ واري موريءَ جي ايرندين پَر، لوهرن جي ڳوٺ ۾ وڃڻو هيو، جتي امداد چانڊئي پنهنجي ٻاروتڻ جا ڏينهن گذاريا هيا. ان ڏينهن مقرر ٽائيم تي آئون پهچي ڪونه سگهيو هيس، ٽائيم تي سختيءَ سان پابند رهندڙ، نذيرعباسي، پوري ٽائيم تي آيو هيو، مون کي مقرر جاءِ تي نه ڏِسي، ڪا گڙٻڙ سمجهي، پنهنجي معمول موجب رفوچڪر ٿي ويو، ۽ جڏهن دير سان پهچي نذيرعباسيءَ کي نه ڏسي، جيڪا پشيماني ٿيم، سا ته رهي پنهنجي جڳهه تي، پر ڊپ اهو اچي ٿيم ته

ايندڙ ميٽنگ ۾ نذير مونکي ڏوڙ ڪري ڇڏيندو، ۽ پوءِ ٿيو بہ ايئن ئي، ٻيءَ ميٽنگ ۾ منهنجي اکين مان نماڻين نينگرين جيان ڳوڙها قطارون ڪري پئي هليا، پر نذير جوڌير ڪرڻ بابت سواليہ پڇاڻو پڇاڙيءَ تائين بند ڪونہ ٿيو هيو.

نذير آخري ڀيرو جڏهن منهنجي ڳوٺ آيو هيو، تہ ان رات انقلاب جي آمد تي وڏا بحث ڪيا هياسين، ورنديءَ صُبح جو سنڌڙيءَ مان بس ۾ ويهاريندي وِلس سگريٽ جو پاڪيٽ وٺي ڏنو هيومانس تہ چيو هيائين، يار ايترا سگريٽ نہ پيار، اڳي ئي سنهڙو آهيان، هاڻ جي جَهليس تہ مارہ ڪونہ سهي سگهندس. ۽ ٿيو بہ ائين ئي، مون ڪان وڃڻ جي هفتي ٻن اندر، جولاءِ جي آخري ڏينهنِ ۾ جَهليو، اَٺ ڏينهن ٽارچرسيلن ۾ امتياز ٻلي جا ڏنل عذاب سهندي، نيٺ زندگيءَ جي جنگ هارائي وينو. جنهن رات، بي بي سيءَ نذير جي شهادت واري خبر ڏني هئي، اُن رات ڊاڊيون ڪري رُنو هيس. ساندهہ بہ ڏينهن ماني ڪونہ کاڌي هيم. ابيءَ امڙ کي ٻڌايم تہ، هيءُ جو مشتاق شاهہ مون سان گڏ پيو هلندو هُيو، اهوئي نذيرعباسي هيو، ڪيس ظالم ضياءُالحق ماري ڇڏيو. ان رات امڙ بہ مونسان گڏجي ڏاڍو رُني هئي. گڏوگڏ ڏاڍو ڊِڃي بہ هئي، يانيائين تہ منهنجوهيڪلو پُٽ بہ مارجي ويندو. سو ڇا ڪيائين جو ورندي ڏينهن، ڳاڙهن ڪتابن جون پريون، گهر جي ڇَپر مان ڪِهلي، ٻورين مان ڪڍي، اگڻ تي رکي ساڙي ڇڏيائين.

اُن واقعي بعد سيڪوساتي ڪٽو ڪٽو تي ويو. نہ ڪنهن کي نذير جي ياد آئي نہ ان جي معصوم نياڻيءَ جي، نہ ان جي نوجوان وني‌ءَ جي. سڀ وڃي ڏنڏن ڏاڙين کي لڳاسون ۽ جڏهن ورهيہ گذري ويا، حميدهہ عذابن مٿان عذاب ڀوڳيندي جيئندي رهي، معصوم زرقا وڏي ٿي پرڻجي اولادي بہ ٿي وئي، تڏهن وري ڦرڪو ڦِريو، تہ اسان پارن ڪامريڊن کي نذير سوڌو هن جهان مان هليا وِيل سڀ ڪامريڊ ياد آيا. سندن ورسيون ۽ سالگرهون ملهائڻ شروع ڪيونسين. ڪجهہ مهينا اڳ۾ مونکي سنگت دعوت موڪلي، تہ نذير جي جنم ڀوميءَ، ٽنڊي الهيار ۾ سندس سالگرهہ تا ملهايون تون بہ اچي ڳالهائجانءِ. ۽ ورندي ڏينهن جي اخبارن ۾ ٻين سان گڏ منهنجو نالو بہ ڇپيو تہ نذير جا هي، هي ساٿي مٿس ڳالهائيندا. ان ڏينهن، شرم ۽ ڦِڪائيءَ مان ٽنڊي الهيار ڪونہ ويس. ۽ انهيءَ رات خواب ۾ نذيرعباسي کي ڏٺم. ساڻس جيڪا ڪچهري ٿي سا اجهو هينئن هئي.

ڪلندي، ڪلندي چيائين، اميرا، ڏي خبر، هي وري اڄڪلهہ کهڙا ڏنڌا شروع ڪيا اٿوَ!!؟

نڪ جي پڪائيءَ سان وراٽيم، نذير، يانئيان ٿو تہ ٻين شهيدن جيان تنهنجو روح بہ، هن ڌرتيءَ تي ئي، اسان جي اوسي پاسي ۾ ڦرندي، اسان جا پرڪار ڏسندو رهندو هوندو. سو

توکي تنهنجي روح، تو پويان بچي وِيل يارن جي پِرڪارن بابت ته گهڻو ڪجھ ٻڌايو هوندو. اُن هوندي به منهنجي واتان ٻُڌڻ چاهين ٿو ته ٻُڌ، ها، اهو به ٻُڌي ڇڏ، ته ٻين تي آئون ٽُپ ڪونه ڳالهائيندس، منهنجن پرڪارن تي پڇين ته سڀ ڪجھ سچ ٻُڌايانءِ.

ڪاوڙ مان لال ٿيندي چيائين، چئبو ته روزي روٽي بند ٿيڻ جو ڀئو اٿئي، ان ڪري ٻين تي ننڌو ڳالهائين، ڇڱو ڀلا تون پنهنجا لڇڻ ئي ٻڌاءِ.

ڪنڌ هيٺ ڪري ڪياڙي ڳنهندي وراڻيم، ادا، سنئين سڌي ڳالھ اها آهي، ته پنهنجو پيٽ پرڻ لاءِ خلق جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي، ڪاغذن تي ليڪا ڪڍي، پنهنجي ٻوٿ تي ڪارنهن وينو مَليان، ٻيو ڪجھ به نه.

ڏند ڪرٽيندي چيائين، منهنجون ورسيون ۽ سالگرهون هيترا سال ياد ڪونه آيوَ، منهنجو لاش به ايڏيءَ اڃي دفنايو، ويتر هُن پوڙهي ۽ دم جي مريض کي به اڃي سوڙھ ۾ منهنجي پاسي ۾ سمهاريائون، ان مهل به منهنجا ڏٽي ڪونه ٿيئو، هينئر پيا ڪڄيون هڻو، آخر ڇو!!؟

ڦڪو ٿيندي وراڻيم، ادا، ٻي سنگت جي ته خبر ڪانهيم، باقي تنهنجي شهادت وارن ڏينهن ۾، سچي ڳالھ اها آهي ته آئون ڏاڍو ڊڄڻو هيس، سو خاڪين جي جوتن جي ڊپ ۾ڪُوئي جيان وجي ٻرَ ۾ لڪو هُيس. باقي هن پوڙهي جي لاش سان گڏ آئون مقام ۾ ئي ڪونه آيو هيس، ٻيا يار هيا، پائنيائون ٿي ته جيڪر انقلاب آيو ته تنهنجي قبر کي وڏي عزت ملندي، ان ڪري هُن مَڙهي کي به ليءِ ڪرائڻ لاءِ سوڙھ ۾ ڪٽي تو سان پوريو اٿن.

اکيون ڦوٽاري چيائين، ڪوڙ واري عادت اڃان ڪونه وئي اٿئي؟ پوءِ هي جو وچ ۾ ڪامورو ٿيو هئين ۽ مال ميڙيا هيئي سو ڪيئن!!؟

حيرانگيءَ مان اکيون هيٺ ڪري وراڻيم، مار! توکي سڀ خبرون آهن ڇا؟ ڇڱو جي خبر اٿئي ته ٻُڌ، تو واريءَ سموريءَ سنگت، تنهنجي لاش جو اڻ سڌو سودو ڪيو هيو ۽ توکان جلدي پوءِ، ٻيا ته الائي، باقي آئون ته وڏو آفيسر ٿي ويس، تنهنجي ڏنل اجتماعيت واري سوچ تي مٽي پائي، انفرادي طور مال ميڙڻ شروع ڪيم. تون، تنهنجي پارٽي، تنهنجي زرقا ۽ تنهنجي وني مون کان ائين وسريا جيئن ڪالهوڪو ڏينهن وسريو. نذير! حڪومتون آيون ويون، ورهيه آيا ويا، تنهنجي ٻچڙن ۽ عزيزن جي ڪا به سار ڪانه لڌم. ها پر انهيءَ عرصي ۾ وڏيون وڏيون آسائشون حاصل ڪيم. بنگلا، گاڏيون، بينڪ بيلنس وغيره وغيره. ان وچ ۾ تنهنجون ڪيئي ورسيون آيون ۽ ويون، پرمنهنجون جون سرڪاري مصروفيتون ايتريون ته وڏيڪ هيون، جو تنهنجو يادگيرو ئي ڪونه آيو. ، ڪڏهن

ڪڏهن ياد ايندو هئين، ته به اڪيون پوري ڇڏيندو هيس. نذير! تون ئي ته هئين جيڪو منهنجي اونڌن پرڪارن تي پارٽيءَ ۾ گهٽي ڪن مَهٽ ڪندو هئين،
تڏهن مُسڪرائي چيائين، پوءِ هاڻ وري هي کهڙو نئون رينگڻ شروع ڪيو اٿئي!!
دل جهلي وراڻيم، ادا!جڏهن سرڪاري مال ميڙڻ مان ڍوءُ ڪونه ٿيم، تڏهن ٻڌم، ته سامراجي دنيا جا ڏاول امير، اسان جي غريب ملڪن جي غربت مِٽائڻ لاءِ خيرات طور ڪجهه مال غير سرڪاري ادارن جي نالي ۾ڏيڻ لاءِ آتا آهن، ته اهو موقعو به هٿان ڪونه وڃايم، وڃايان به ڇو؟ آخر انقلاب ته آٽٽو آ نه جاني!. پوءِ وڏيءَ ڏام ڏوم سان انهي ڪُن ۾ به ڪاهي پيس، پنهنجو ادارو به جوڙيم، ته ان ڪا به وڏن ادارن ۾ پنهنجي ٻولي لڳرائي پاڻ ڪي وِڪيم به. ادا، تنهنجي تعليم ئي اهڙي ڏنل هئي جومون تي ايڏيون ته ٻوليون لڳيون، جن جو ڪڏهن سوچيو به ڪونه هيم.
ٺهڪ ڏيندي چيائين، معني ته تنهنجي واڳ ٻئي ڪنهن جي هٿ ۾ آهي، ۽ تون پُتليءَ جيان تماشا بينو ڪرين، پلا ٻڌاءِ ته ڪهڙي ايجنڊا ملي اٿئي!.
وراڻيم، ادا، خبر اٿئي مون، وڪاٽل گهوڙي ڪي ايجنڊا ڪهڙي ملي هوندي؟ اهائي پنهنجي پراڻي!!!. جنهن ۾ هاڻ نتيجا گهربل ڪونه آهن، صرف لباڙ، چاڙي ۽ ڪاغذي رپورٽون ٿيون ڪپن. پوءِ ته منهنجو ڪم اجان وڌيڪ سولو ٿي ويو آهي، تو سميت سڀ پراڻا ۽ هي جهان ڇڏي ويل ڪامريڊ به ياد آيا، سيني جون ورسيون ۽سالگرهون ملهائيندي، تقريرن دوران هٿن جون اُڇلون ڪندي مائيڪ ٽوڙي وجهندو آهيان.
چيائين، پوءِ سڄيءَ سنڌ ۾ ڪو هڪڙو به ماڻهوڪونهي بچيو ڇا جيڪو توتي ڦٽ لعنت ڪري!!؟".
چيم، ادڙا! اهي ڏينهن ويا جڏهن سيڪو چوندو وتندو هيو ته سنڌ جي سينڌ اجان سَنڌِ ڪونه ٿي آهي، ورهين پڄاڻان، پرائي پئسن تي ڪيل، منهنجي هن عمل تي ڪو هڪڙو به اهڙو سنڌي ڪونه آهي، جيڪو مونڏي به آڱريون ئي اُپيون ڪري، يا پُنيرو بيهي منهنجي هن عمل تي ڪا اُلٽيءَ جهڙي ٽُڪ ئي اڇلائي. ڪو هڪڙو نه ڪونهي ادا، پاڻ سڀ پيا هرڪجن ته مَن ڪين به اهڙو جهٽ لڳي.
مسڪرائي چيائين، پوءِ ته تون صفا نرڄو ٿي پيو هوندين!؟
ڦڪو ٿي چيم، اڙي يار، هاڻ ته نڪ جو ايترو پڪو ۽ اک پُور ٿي ويو آهيان، جو جن، ڏاول ملڪن جي اميرن مون ڪي خريديو آهي ۽ پلي گهوڙي جيان ٿاپ ۾ ڊوڙائيندا آهن، تن جي آڏو پاڻ ڪي، لينن، مارڪس، تو ۽ پنهنجي جو وارث سڏائيندو آهيان. ٽڪي جي به

ڦِڪائي ڪونہ ٿيندي اٿم. خبر اٿئي تہ مون وارو مُجيري منهنجي انهيءَ دعويٰ تي معنيٰ خيز مسڪراهٽ سان مون ڏانهن رڳو نهاريندو رهندو آهي، پر چوندو ڪجھ بہ ڪونهي. تڏهن بہ منهنجي مُنهن ۾ حرام جي ڪو ڦِڪائيءَ جو گُهنج ايندو هجي.

چيائين، ۽ جيڪا منهنجي وارث سڏائيندڙ نئين سياسي پارٽي نهي آهي، ان جو بہ اڳواڻ هوندين!؟

چيم، نہ ادل! نہ شروع ۾ تہ پڪ هيم تہ اها پارٽي تنهنجي پيرن تي هلندي، پِيريءَ ۾ جيل ڪارائيندي، ان ڪري ڪانئس پري هُيس، پر هاڻ پڪ تي اٿم تہ اهي هوائي خبرون هيون، ۽ان پارٽيءَ جي آفيس ۾ ويهي، روز انقلاب ۽ انقلاب لاءِ گُهربل مال جو انتظار ٿيندو آهي. سو هاڻ ٿورا ڏينهن ٿيندا تہ مون بہ ان پارٽيءَ ۾ وڃڻ لاءِ پَرَ سورِڻ شروع ڪيا آهن.

تڏهن وري ڪاوڙندي چيائين، نيٺ تہ هيڏانهن عالم ارواح ۾ بہ ايندين، اهڙيون جُنيون ڪرائيندوسانءِ، جهڙيون ضياءُ الحق ۽ ان جي ساٿارين سان ڪرايون اٿم!!؟

ڪنڌ هيٺ ڪري وراڻيم، جاني! اها تہ پڪ اٿم تہ جاڻ، رَليءَ جو موت وني تو وٽ اچڻو آهيان، ۽ اها بہ پڪ اٿم، تہ عالم ارواح ۾ تنهنجو روح لکين هزارين ٻين رُوحن سان گڏجي مون تي ننوليون ڪندو، ۽ اسيمبلي ميمبرن جيان شيم شيم جا نعرا هڻندو، پلي پيا ڪجو، حال گهڙي تہ مال ميڙڻ ڏي! هونئن بہ چا ڪريان؟ مال ڏاڍو مِنو آهي، آسائشون ڇڏڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. منهنجا جاني نذير عباسي.

ڳالھ پئي هلي ڪميونسٽ پارٽيءَجي يارن جي ۽ انهن جي پارٽيءَ جي مقصد سان سچائيءَ ۽ وفاداريءَ جي، تہ انهيءَ سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ جو اهو عَالم هو، جو هڪڙي پيري سکر جي آچر گهٽيءَ پرائمري اسڪول ۾ ٻارن کي پئي پڙهايم، تہ اوچتو پناٽڪي ٽوپيءَ ۽ صدريءَ سان ميرا ڪپڙا پاتل، هڪڙو همراه ڪلاس ۾ ڏوڪيندو آيو. ٺُڙ ٺُپ ڪيس ڪونہ سڃاتم، ساڻس هٿ ملائي، جڏهن ڳالهايم، تہ سندس آواز مان خبر پئي، اڙي مار پئيس هيءُ تہ هيءُ تہ تاج مري آهي!. ڪيس حالتِ غير ۾ ڏسي حيران ٿيندي پڇيومانس، يائو، خير تہ آهي اهڙا حال ڪيا اٿئي جو سڃاڻڻ ۾ ئي ڪونہ ٿو اچين؟ تاج جيئن هونئن بہ هميشھ اُبهرو ٿي ڳالهائيندو آهي. تيئن اُبهرائيءَ ۾ وراڻيائين، في الحال منهنجن حالن کي ڇڏ، ڪيسي ۾ ڪي پئسا هجنئي تہ، مون کي ويهارو کن روپيہ ڏي تہ حيدرآباد وڃان. ڇو جو ياڙوڪُٽل اٿم. ڪيسي مان ويھ روپيہ ڪڍندي پڇيومانس، تہ يائو، رستي ۾ ماني

ٽڪيءَ لاءِ ڪجھ ڪونہ ڪپندئي چا؟ وراڻيائين نہ ڙي يار نہ، رستي ۾ راهڙيءَ ڪنهن شيءِ جي ضرورت ئي ڪونہ پوندي، بس ايترو چوندي تڪو تڪو وڏيون ٻرانگهون هليو ويو.
هڪڙي ڀيري اڄڪلهہ جي سنڌ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ڊاڪٽر شير محمد مگرئي ڪي پارٽيءَ جي هڪڙي ميٽنگ ۾، منهنجي ڳوٺ ۾، رات جو انين وڳين پهچڻو هيو، مڙس ميرپورخاص مان لاريءَ ۾ چڙهيو، وٽس لاريءَ جو ڀاڙو صرف ڪانڊڙيءَ تائين جو هيو. خودداري ايتري هيس، جو بس جي ڪنڊيڪٽر کي ڪانڊڙيءَ جو ڀاڙو ڏيئي اتي لهي پيو، ان مهل رات جا ست ٿيا هيا، نوين وڳين ميٽنگ شروع ٿيڻي هئي، ڪانڊڙي ۽ منهنجي ڳوٺ ۾ لڳ ڀڳ ڇهہ ڪلوميٽر مفاصلو هيو، همراہ ٽنگون وجائي ڏيڍ ڪلاڪ ۾ اهو پنڌ ڪري اچي ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيو هيو. ۽ ٻئي ڏينهن واپسيءَ جي ڀاڙي لاءِ جڏهن مونکي چيائين تہ سندس واتان اها ڳالهہ ٻہ نڪري وئي هئي تہ يار، رات ٻہ ڀاڙو کُٽي پيو هيو ۽ ڪانڊڙيءَ کان هيترو سارو پنڌ ڪري هتي پهتو هيس. ساڳي ڪارغلام حسين شرسان ٻہ ٿي هئي، جو جڏهن لطف پيرزادي وارن سان گڏ ڪراچيءَ ۾ گرفتار ٿي، پاڻ کي ٻلهڙيجيءَ جو پيرزادو ۽ پيرزادن جي ٻڪرين جو ڌراڙ ظاهر ڪري آزاد ٿيو هيو تہ ٻہ وٽس ميرپورخاص پهچڻ جيترو ڀاڙو مس هيو. هتان ئي ڪراچيءَ ويندڙ غلام حسين، هلڪي ڏاڙهيءَ ۽ وڏن وارن وارو هيو ۽ واپس ورندڙ علام حسين جو مٿو، مُڇون ۽ ڏاڙهي ڪوڙيل هئي، ننڍڙو ڪڇيءَ جو ڇٻو هٿ ۾ هيس، هندن جي ٻاون جهڙي حلئي سان واپس وريو هيو. هو جيئن تہ روپوشيءَ دوران اسان جي تر ۾ رمضان جي فرضي نالي سان رهندو هيو، سو هڪ ڀيري اسان چار پنج دوست اوطاق ۾ ويٺا هجون تہ امريو ميگهواڙ ڊوڙندو آيو ۽ اچي وڏي دٻ ڏيندي چيائين تہ اسان جي زميندار، ڪاڪي رڳهي مينگهواڙ کي تمام گهڻو ماريو آهي ۽ اسان جا لاهيارا ڦٽيون پيا چوندين تن تي گهيرو ڪري ويهي رهيا آهن.
غلام حسين، امرئي جي ڳالهہ ٻڌندي ئي پڙڪو ڪائي بابا جي بندوق ڪڍي، امرئي جي ڏسيل جاءِ ڏانهن ڊوڙيو، ويندي ويندي چوندو ويو، هاڻ پيا ڪيسن کي مڙس ٿي منهن ڏجو. آئون انهيءَ وڏيري جو ڪم پورو ڪري پرڀاهرو هليو ويندس. خدا ڀلو ڪري ڪجھ ٻين هارين جو جيڪي سرزمين تان ايندي جذباتي ڪامريڊ کي ڊوڙندو ڏسي ڪانئس سبب پڇڻ لاءِ بيٺا هيا. تہ ڪين امرئي جي ڪوڙ جي خبر پئي هئي، تڏهن گيتائن ۽ قرآن جا سنهن کڻي ڪامريڊ کي يقين ڏياريو هيائون، تہ ٻيلي انهيءَهمراہ جي ڳَل ٽِڙيل آهي ۽ تون انهيءَ جي ڦُوڪ تي ٿو مڙسن کي مارين ڪجھ ڌيان ڪر. تڏهن وڃي مُڙيو هيو.

هڪڙي پيري هارين جي ميٽنگ ۾ وينا هجون تن ڏينهين عرس ڪانهئي جو ٻنيءَ تي ڦڏو پيءِ هليو، جماعتين سان، تنهن وقت عرس وارن وٽ ايتري غربت هئي جو وٽن ڪڏهن ڪڏهن ويلا بہ پوندا هيا، سو عرس ميٽنگ ۾ رڙ ڪري چيو ڪامريڊ گهر ۾ اٽو ڪونهي، پاڙو ڪونهي جو پنهنجي ٻنيءَ جي ڪيس لاءِ ڪورٽ پيڙا ٽيون، تون ٿو چوين تہ سڄي سنڌ آجي ڪرڻي آهي!! چڙ ٻيلي. ڪامريڊ غلام حسين، عرس ڪانهئي جي دل ۾ لڪل درد پڙهندي ئي، پنهنجي ٿيلهي ۾ هٿ وجهي ڪنهن جادوگر جيان چانديءَ جا ٻہ وزني پير ڪڙول ڪڍي ڪٽي هٿ تي رکيس. عرس سميت سڀ دوست حيران هجون تہ هن ڪامريڊ هي شيون ڪٿان آنديون. اهو معمو اڄ تائين حل ڪونہ ڪري سگهياسون.
غلام حسين شر، تن ڏينهين روپوش هوندو هيو ۽ علائقي واسي هجڻ سبب سڪر ڏانهن تمام گهٽ ايندو هُيو. جيڪر ايندو تہ مون وٽ ضرو ايندوهيو، اُن رات ڪنهن پَلي هوٽل تي پلي ماني بہ کارائيندوهيو. رات مون سان گڏ رهندو هيوءِ صُبح جو ڪندو هيو جوڳي رَمتا پلا. سندس پاءُ ۽ هاٽوڪو ايڊيشنل ايڊوڪيٽ جنرل سنڌ، لياقت شر، تڏهن تازي وڪالت پاس ڪري، شايد شيخ اياز يا ڪنهن ٻئي جو جونيئر وڪيل هيو. هاٽي شڪل شبيهہ توڙي افعالن ۾ بہ صفا شريف لڳندڙ مڙس لياقت شر، تن ڏينهين چڱو موچاروڦڏائي هوندو هُيو. ٻچي شل مُڇون بہ وڏيون رکندو هيو، سي بہ اُپيون ۽ وَٽيل هونديون هيون. هينئر ڪورٽن ۾ججن ۽ وڪيلن سان تہ الائي ڪيئن ٿوهلي، پر اُنهن ڏينهن ۾ خاص ڪري سکر کان نري ميرواه جي بسن وارن سان پاڙي تان ڏاڍا جهيڙا ۽ ڦڏا ڪندو هيو، ٿيندو هينئن هيو آئون اڪثر ڪري جمعي جي ڏينهن واري موڪل گذارڻ، ساڻس گڏ مينگهي فقير شر جي ڳوٺ ويندو هُيس. نريءَميرواهہ جي بَسَ وارن کي لياقت پاڙي کان ٺُپ جواب ڏيندوهو، تہ جهيڙو تي پوندو هو. هر هفتي لياقت جي اها ڪارِ هوندي هُئي. لياقت جي جهيڙن دوران آئون بلڪل خاموش وينو هوندو هيس ۽ پنهنجيءَ سيٽ تان چُرندوئي ڪونہ هيس، پانءِ هينان ڪو ڪِلو لڳل هُجيم. هڪڙو پيرو، ٻيو پيرو، ٽيون پيروبہ، منهنجي ساڳي ڪار ڏِسي، نيٺ مون تي نالو رکيو هيائين ڊِيئاٽو ٻار. پوءِ تہ اهو نالو هرڪنهن کي پيوڏسيندو هيو تہ اميربخش ڊيئاٽو ٻار آهي. تن ڏينهين لياقت وارا، مينگهي فقير جي ڳوٺ مان تازا لَڏيا هُيا. سَڏ پنڊ تي اوڏڪين پِتين جا گهر، وڏي ڪوٽ سان نهرايا هيائون. هڪڙيءَ ڪوٺيءَ کي پُنيان بہ دَروازو هوندو هيو، گهرن جي پُنيان اڇيءَ واريءَ جي نندڙن دڙن تي گهاٽا سَچا سَرَ ٻيٺل هوندا هيا، اهو ڪامريڊ غلام حسين جو روپوشيءَ دوران ڪنهن ڇاپي ڏاپي ۾ ڀڄڻ جو گهٽ هوندو هيو. سندن والد مرحوم زوار عبدالرزاق جون

ڪچهريون، اجان دل تان ئي نٿيون وِسرن. هاڻ تہ سڄو ڳوٺ ٽڙي پکڙي ويو آهي، چئوطرف آبادي ئي آبادي آهي. روڊ رستا ۽ بجليون آهن. تڏهن نريءَ ميرواه ڪان پنڌ ئي پنڌ انهيءَ ڳوٺ ڏانهن ويندا هياسين. انهيءَ زماني ۾ فقيرغلام حيدر گودڙئي جو مقبرو ڏسي حيرت ٿي هيم. مار!! شر بہ اولياءُ ٿيو تا سگهن؟“!!! هيڏانهن اسان جي پاسي جا شر گهٽي پاڳي تہ سڀ چيلهہ سان رسا ٻڌيو هلندا وتندا هيا!!!. ” منهنجي انهيءَ سوچ جي تصديق گهڻو پوءِ پاڪ فوج جي ڪرنل عمر ڪرمانيءَ بہ ڪئي هئي، جيڪو ڏاڙيلن خلاف آپريشن دوران سنڌ جي چپي چپي ۾ رُليوهيو. تنهن هڪڙي نجيءَ ڪچهريءَ ۾ مون کي چيو هيو تہ، مون اڄ ڏينهن تائين ڪو بہ شر ذات جو ماڻهو يا وڏو ڏاڙيل يا پڙهيو لکيو ناهي ڏٺو، سيئي چيلهہ سان رسو ٻڌڻ وارا مليا اٿم.

فولاد فقير شر، شايد پوءِ راهہ رباني ورتي هئي، يا فقيرن جي ٻوليءَ ۾ پيالو پيتو هيو. انهيءَ زماني ۾ ڳوٺ ۾ صرف هڪ مقبرو ڏٺو هُيم. گهڻو پوءِ جڏهن ڄام ساقيءَ کي ٽورو گهڻو صوفي ازم جو رنگ چڙهيو هيو، تہ ڳِهلي وني ويو هيو، فولاد فقير جي قبر تي. هاڻ تہ فولاد فقير جي پوئلڳن سان ياريون اٿم، خاص ڪري عطا فولاديءَ سان.

تڏهن تہ سکر کان ڳوٺ وڃڻ لاءِ اڪثر ڪري شام جو بس ۾ نِڪرندو هيس، نواب شاهہ پرسان سٺ ميل تي پُڦيءَ وٽ رات رهي پوندو هيس. جيڪڏهن سٺ ميل جي بس نکري ويندي هئي، تہ مهراڻ يونيورسٽيءَ جي هاسٽل ۾ محمد علي ٽالپر وٽ رهي پوندو هيس. محمد علي، سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جو جنرل سيڪريٽري هيو، پوءِ فون کاتي ۾ڊويزنل انجنيئر ٿيو. پائنين ٿو، اڄڪلهہ ڪيناڊا ۾رهي ٿو. هڪڙيءَ رات محمد عليءَ ٻُڌايو هيوتہ ڪالهہ رات امداد چانڊيو، محمد خان سولنگيءَ شير محمد مگريو روپوشيءَ ۾ هوندي، او سامهون هُن پارڪ ۾ وينا هُيا، جيئي سنڌ وارن سُڃاتا تہ ٻَڌڻَ ڄِي ڪوشش ڪيائونِ. هي ٽيئي همراهہ بہ منهن ڏئي بينا، چڱي موچاري مارا ماري ٿي هئي، نيٺ ٽئي ڄڻا هيٺا ٿيا هيا. تہ جيئي سنڌ وارن ڪٽي ٻڌُنِ، چئي نازشي، سازشي ۽ روپوش آهن، پوليس جي حوالي ڪَيا. بقول محمد عليءَ جي هُن وڏيون منٿون ڪري همراهن کي ڇڏايو هيو. محمد عليءَ سَچُ ٻڌايو هيو الائي نہ، اهي خبرون امداد وران کي هونديون، نيٺ بہ ٽيئي مڙس حيدرآباد ۾ الائي ڪنهن جي پلائيءَ سان جهلاڻا، جنرل ضياءَ جي مهربانين مان ست ست سال ٽيپ ۽ ڦٽڪن کائڻ جي واجبي ورچ ورتائون.

هي اهي ڏينهن هيا، جڏهن عالمي سامراج جي پُڇ لٽڪائو ۽ پاڪستاني عوام جي نوڪر جنرل ضياءَ، عوامي حڪومت تي راتاهو هڻي، آمريڪي ايجنڊا تي هلندي، ڪسنجر جي

ٻالھ ڪي پاڻي ڏينديِ دنيا جي مشهور ڏاهي ۽ عالمي طور مَڃيل سياستدان ذوالفقار علي ڀُٽي ڪي ٻي ڏوهو، ڪوڙن ڪيسن ۾ جيلن ۾ واڙي، وڏا عذاب ڏنا. تہ بہ آڻ نہ مڃائي سگھيو هيو. تڏهن ڪوڙا سانگ رچائي، ڪوڙي ڪيس ۾ هٿ جي ناهيل هڪڙي صوبي جي عدالت هٿان ڦاسيءَ جي سزا ڏيارڻ جو ڊونگ ڪري، راولپنڊيءَ جي ڪُوفي ۾ سندس ساه ورتو هيو. مون کي اهو ڏينهن چٽو ياد آهي، تڏهن رابطي جا اهڙا ذريعا ڪونہ هوندا هيا، جيئن هينئر آهن، انهي نياڳيءَ رات، آئون ماما رمضان وٽان ڊينگاڻ ويل هيس. ورندي ڏينهن صبح جو واپس پئي موٽيس، ميما جي ڳوٺ مان ڊينگاڻ ڏانهن پند ايندي، رستي ۾ ڪنهن اها خبر ٻڌائي هئي. الائي ڇو ڪجھ ڪرڻ جي بجاءِ منهجي اکين مان لُڙڪن جون لارون هليون هيون. انهيءَ ڏينهن مون جيڪو بہ ماڻهو ڏٺو هيو، انهيءَ ماڻهوءَ جي اک آلي ڏٺي هئي. آئون ياٻيان ٿو تہ ڀُٽي صاحب جي واقعي تي پڪي پڪڻ رُنا هوندا. ڇو جو چوٿين اپريل جي انهيءَ ڏينهن هتي ٻي منداٿتو مينهن بہ وُٺو هيو. ڀٽي صاحب جي شهادت کان پوءِ چوٿين يا پنجين ڏينهن آئون، عالم ڪيريو، الهبچايو ۽ احمد ڪانهيو، مڄني لاشاريءَ جي ٽيڪسيءَ ۾ شهيد ڀُٽي جي فاتحاخوانيءَ لاءِ ويا هياسون. مون کي چٽو ياد آهي تہ انهيءَ ڏينهن ايئن لڳو پئي، ڄاڻ اسان ڪنهن ڌارئي ملڪ ۾ پيا وڃون. ميل ميل تي فوجين جون چيڪ پوسٽون هيون، هرهنڌ شناختي ڪارڊ ڏسي اڳتي وڃڻ جو مقصد پڇي، اڳينءَ چوڪيءَ کي اطلاع پئي ڏنائون. ايئن جڏهن اسان شهيد ڀُٽي جي قبر تي پهتا هياسون تہ اُتي موجود سوين ماڻهن جيان اسان جون بہ اوڇنگارون نڪري ويون هيون. ڀٽي صاحب جي قبر جي مٽي اڃان ڪونہ سُڪي هئي. مون انهيءَ ڏينهن سوچيو هيو تہ سنڌ وارن جي سِرن گهرڻ جي مند شروع ٿي وئي آهي، هاڻ الائي ڪيترا سال ۽ صديون اهو عمل ورجائبو رهندو. ها هڪڙي سا سوچ ضرور آئي هيم تہ روئڻ پِٽڻ کان تہ سٺو آهي تہ ماڻهن کي منظم ڪريون، تہ هاڻ سر ڏيڻ بجاءِ سر وٺڻ گهرجن. مون کي اهو بہ ياد آهي تہ ورندي مهل مون ڀٽي شهيد جي قبر تان گلاب جي گلن جون ڪافي پتيون کيسي ۾ وجهي ڪنيون هيون، اهي جڏهن ڳوٺ وارن کي ڏنيون هيم تہ ابي امان سوڌو سڀ ماڻهو انهن سڪل ڀَتين کي اکين تي رکي ڏاڍو رُنا هيا.

تن ڏينهين ايئن لڳندو هيو تہ سُرخ انقلاب آيو ڪِ آيو، بس، رڳو انقلاب آڻيندڙن جي گهوڙن جون واڳون وٺڻ جي دير هئي. ايئن جيئن سنڌ جي ريت ڀٽاندڙاوطاقن تي ايندڙ مِزمانن کي پري کان تاڙي، گهر ڏٽي، گهوڙي جي واڳ وٺڻ لاءِ بہ وِکون ڀَري هلي ويندو آهي، تيئن افغانستان ۾ خلق ۽ پرچم وارن يارڙن جي اوچتو آندل سُرخ انقلاب، اسان

ڪامريڊن ڪي اصل ڌڪيئون پاڙيئون ڪَڍِي ڇڏيو هيو، هوائن ۾ اُڏامندي، هر نئين صبح جو اُنهيءَ آسري تي اُٿي آرس ڀَڄَندا هياسين، ته پنانڻ جلال آباد کان وني ڪابل تائين سامراجيت مان پنهنجا پاند آجا ڪري، جانڻ اسان جا بند خلاصا ڪرڻ لاءِ پُهتا ڪِي پُهتا، اجمل ختڪ ته پانيان ٿو، تن ڏينهين اسان جي پارٽيءَ ڪي ڇڏي ويو هيو، باقي پختونخواهه جو هاٽوڪو سينيئر وزير افراسياب ختڪ ۽ مختيار باچا اجان اسان واري لڏي سان هيا. تن ڏينهين پارٽي لائين اها هوندي هئي ته پارٽيءَ جا ساٿي به پارٽيءَ جو نالو ڇپن تي ڪونه آٽيندا هيا. تڏهن ڪميونسٽ پارٽيءَ نالو لِڪائي، ڪامريڊن پاران روز روز جو ولي خان ۽ بزنجي جي پارٽين ۾ لِڪڻ بجاءِ جيڪا نئين نالي سان نيشنل پروگريسوپارٽي سياسي ميدان ۾ لاٿي وئي هئي، هي بئي يارڙا، انهيءَ پارٽيءَ جا اهم اڳوانڻ به هيا. تن ڏينهين، خلق ۽ پرچم جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جا مثال اسان جي آڏو هوندا هيا، ۽ نور محمد ترهڪئي، ببرڪ ڪارمل، حفيظ الله امين ۽ ڊاڪٽر نجيب پارا، اسان جا آئيڊيل هوندا هيا. مَنجهن وڏا آسرا هوندا هيا، وڏيون اُميدون هونديون هيون. اسين سُرخا ٿورڙا هوندي به شل نه ڪو، ڪنهن جو مظاهرو يا جلسو ٻُڌون، هتوڙي ۽ ڏاتي وارو ڳاڙهو جهنڊو سُتڻن جي وَرَن ۾ لِڪائي اُٿي بي دعوتيا ئي پُڄي ويندا هُياسين. جيڪر ڪنهن جو ڪو مظاهرو هوندو هيو ته پارٽي لائين ملندي هئي، ته ڪوشش ڪري هِڪڙو هِڪڙو ٿي ان جي اڳواٽيءَ تي قبضو ڪجي، ۽ پنهنجا نعرا ڏِجن. ۽ جڏهن به ايئن ٿيندو هيو، ته ڪنهن نه ڪنهن جي سُتڻ جي وَر مان ڪو بينر به نڪري نروار ٿيندو هيو، پوءِ نعرن جي ڌوم شروع ٿيندي هئي، آمريڪي سامراج مرده آباد، جو آمريڪا جويار آ غدار آ، ضيائي آمريت تي لعنت، ضياءُ ڪتو هاءِ هاءِ، ضياءَ ڪي ڪُتو چوڻ ڪُتي جي توهين آ. ۽ پوءِ رات جو انين وڳين مارڪ ٽيليءَ جي موڪليل رپورٽ جڏهن بي بي سيءَ تان نشر ٿيندي هئي ته اڪثريتي پيپلز پارٽيءَ جي نعرن جو نالو نشان ڪونه هوندو هيو، رڳو اسان جي نعرن جي ڌوم هوندي هئي. تڏهن اسان جي رَڳُن ۾ نئون روح ڦوڪبو هيو، نئين سج سان نئون عزم ڪٽي وري ڪاهيندا هياسون ملڪ جي ٻيءَ ڪُنڊ ڏانهن. انهيءَ سوچ سان ته جانڻ انقلاب آيو.

تن ڏينهين اسان جي انهن ڪڳين جو بي بي سيءَ تان بار بار نشر ٿيڻ جو مطلب اسان ڪي گهڻو پوءِ سمجهه ۾ آيو هيو، اسان ته هروپرو هُشِ ۾ خوش هوندا هياسين، پر ضياءُ انهن نعرن ڪي سَچِي به آمريڪا ۽ ان جي ساٿارين وٽ جيئن جو تيئن ڪيش ڪرائيندو هيو، هاڻ ٿا سمجهون ته تن ڏينهين، پيپلز پارٽيءَ يا ايم آر ڊيءَ ۾ شامل ٻين ڌُرين جي نعرن

ڪان وڏيڪ اسان جا نعرا بي بي سيءَ ۽ وائس آف آمريڪا تان هٽ ونڊي نشر ڪرائي، آمر ضياءُ، سامراج ڪي نياپو ڏيندو هيو ته، وارو ڪريو منهنجي مدد ڪيو، نه ته سُرخا، افغانستان ڪان باردر ٽپي جاڻ پهتا ڪِي پهتا. ۽ هو پنهنجيءَ انهيءَ پاليسيءَ ۾ ڪامياب به ويو، اسان هوائن ۾ ئي اُڏرندا ئي رهياسين، هُن مال ته ميڙيا، پر اسان جي ٽولي ڪي امتياز ٻلي جي ٽولي هٽان اهڙو ته ٽوڙيائين، جو اڄ ڏينهن تائين چيلهه سِڌي ڪونه ڪري سگهيا آهيون.

تن ڏينهين اسان سُرخن جي ساٿ ۾ ڪوڙ سارا واٽيا سَلِهڙيل هوندا هيا، جن مان نرنجن دوداڻي، امر لال ۽ ڊاڪٽر گهنشام پرڪاش، اهم نالا هيا. پاڻ ڪي اڄ يادگيرو آيو آهي، گهنشام جو، جنهن جي جو کِهگهو آواز اڄ به الائي ڪيترن ورهين ڪان پوءِ به ڪنن ۾ ايئن پيو ٻُري، پانءِ او، هُو پريان ڪنهن سان ڳالهائي بينو. جيتوڻيڪ اڄ هو مون ڪان ڪوهين ڏور دهليءَ ۾ وينو آهي، ۽ حيرت انگيز طور تي اُتي جي ڪميونسٽن سان گڏجڻ بجاءِ بي جي پيءَ سان وجي سلهڙيو آهي. پر فارسيءَ جو محاوري دهلي دور است ڪي ڏوڙ وجهي، ايئن ٿو پائنيان، ته هو مونسان گڏ پيو گهمي ڦري. چٽو ياد اٿم ته گهنشام پنهنجي ڳري آواز ۾ جڏهن نعرا هڻائيندو هيو، ته سندس آواز پري ڪان پڌرو هوندو هيو. هرڪو آواز مان ڪيس سُڃاڻي ويندوهيو. تڏهن اسان ڏرتيءَ تي گهمندي ڦرندي اوور گرائونڊ هوندي به هرويرو اندر گرائونڊ هوندا هياسين. ان ڪري هِن مُڙس جي ٻَڌجي وڃڻ جو پئو ڪجهه وڏيڪ هوندو هيو. ان ئي سبب جي ڪري پانيان ٿو ته پارٽيءَ ڪيس، گهنشام مان ڦيرائي لطيف پيرزادو ٿيڻ جي لائين ڏني هئي، ته جيئن مڙس، پنهنجو پاڻ بچائي سگهي. پر هيءُ واٽيو ٻين عام واٽين جيان ڪچي پنڊي ڪونه هيو، هيءُ ته سڌو پڌو مورئي ماڇيءَ جي پاڙي جو شينهن هيو شينهن، سو ڪيس ٻلهڙيجيءَ جي لطيف پيرزادي جي نالي ۾ لِڪائڻ پارٽيءَ لاءِ سَولو ڪونه هيو. ۽ نه ئي گهنشام جي رَڳن ۾ هرويرو لڪڻ جهڙو رَتُ هيو، هو درويش ته جهڙو اندر هيو تهڙو ٻاهر.

تن ڏينهن داٽي پاٽيءَ مون ڪي به سکر جي شهر جا وڻ ڏيکاريا هجن، سو جيڪب آباد ضلعي جي هن شينهن واٽئي سان اٽڻ ويهڻ پارٽيءَ جي مامرن ڪري اوچتو وڏيڪ ٿي پيو. جيتوڻيڪ سکر ۾ اچڻ وڃڻ، گهنشام لاءِ ايئن هيو، جيئن ڪوڙڪيءَ ۾ پاٽهي اچي پير ڏيڻ. پر هيءُ واٽيو اباڻي وطن جي سڪ ۾ لِڪي ڇَپي به ڳوٺان پيرو ڪري ويندو هيو، ۽اها خبر پارٽيءَ جي ذميوارن ڪان به لِڪي ويندي هئي. انهن ئي ڏينهن ۾هڪ پيري، مهيني جو پڳهار ڪٽي، معمول موجب ڳوٺ سَنبريس، ته گهنشام جيڪو اڳي ئي واري ٽڙ روڊ تي پارٽيءَ لاءِ اپيل شفقت ميراٽيءَ جي لڪل نڪاٽي تي مونسان گڏ موجود هيو.

تنهن چيو تہ اڄ مون کي بہ تنبوالهيار وٺو آهي، ٻئي ڳڏجي تا هلون. ايئن ان رات سکر کان ٻسُن جو ٽڪائيندڙ سفر ڪري، رات جو منهنجي ڳوٺ اچي پُڳا هياسين، اوطاق کي ويجها ٿيندي ئي پري کان ڏٺو هيم، تہ اوطاق ۾اسان جا مُرشد لَٿا پيا هجن. اُن مهل گهنشام جي آڏو ٻہ ٻہ وِيم تہ ڇهہ ٻہ وِيم، دل ۾ سوچيم هيءُ ڪامريڊ بہ ڇا چوندو، تہ ٻين کي برابريءَ جو سبق ڏيڻ وارا پاڻ پيرن جي پيرن ۾ وينا آهن!!؟ ڪامريڊ جي آڏو پٽ وائکي ٿيڻ کان پاڻ بچائڻ لاءِ کيس چيم تہ ڪامريڊ لڳي ٿو اوطاق ۾اڳ ئي ڪي مهمان لٿل آهن، هَلُ تہ پاڻ هلي تا اسڪول ۾ رهون. ۽ پوءِ گهنشام کي اوطاق سان لڳولڳ ڪچي اسڪول ۾ کٽ رکي ڏني هيم. ان رات مون جيان گهنشام بہ ٿڪل هُيو. مانيءَ کائڻ بعد جيئن ئي کٽ تي آهليو تہ سِگهوئي کونگهرا هڻڻ شروع ڪيائين. ۽ جڏهن ڏِٺم تہ مڙس وڃي خوابن جي دنيا ۾ پهتو آهي، تہ آئون بہ گهر وڃي آرامي ٿيس. صبح جو، گهنشام لاءِ نيرنءِ چانهہ کڻي نڪتس، حيرت تڏهن ٿيم، جڏهن ڏِسان تہ اسڪول ۾ گهنشام واري کٽ آهي ئي ڪونہ، اکيون بي اختياراوطاق ڏي کڃي ويون. حيرت مان اکين جي پنبڻين کي هيٺ مٿي ڪري پڪ ڪندي ڏٺم تہ، مُرشد سڳوري ۽ گهنشام جون کٽون اوطاق جي ورانڊي ۾گڏ پيل آهن، اصل ايئن جو اِيس سان اِيس مِليل اَٿن. مرشد سڳورو، گهنشام جي شلوار ۾ اڳٺ پيو وجهي، سامهون نهاريم مرشد جوخليفو نلڪو پيوگيڙي ۽ گهنشام نلڪي هيٺان وِهنجي پيو. مائٽن ۽ مرشد جي پوءِ ۾ بدن مان ڌُرڙيون نڪري ويم، دل ئي دل سوچيم گهنشام تہ اڄ لاک ئي لَهرائي ڇڏي. سوچن جو سلسلو تڏهن ٽُٽو جڏهن، مرشد سائينءَ مونکي ڏسندي ئي، هڪل ڪري ميارڏني هئي، چئي ابا، اميرا شابس ٿئي ٻيلي، پيرن ۽ پِيرزادن جا وجايو آهي جو رات پِيرزادي کي اوطاق بجاءِ اسڪول ۾ کٽ وِجهي ڏني هيئہ؟ تڏهن وڃي ساهہ پيم. اُنهيءَ ويل سوچيم، مار!گهنشام بہ وڏو لاهہ نِڪتو!. اسان جي مرشد ڪامل کي ئي وهائي ويو.

اصل ۾ ٿيو هيئن هو، جو مون پاران اوطاق بجاءِ اسڪول ۾ سمهارڻ تان، گهنشام تجسس ۾ پئجي، اوطاقي مهمانن کي ڏسڻ لاءِ، ننڊ جو بهانو ڪري، نقلي کونگهرا هَٽي، مونکي پَچائڻ جو رِٿيو هيو. ۽منهنجي گهر وڃڻ بعد، انگوڇو ڪلهي تي رکي، وڃي پِير صاحب جي کٽ مَٿان بيهي وڏي واڪ سلام ورايو هيو، مرشد جي جاڳڻ تي پنهنجو تعارف ٻلهڙيجيءَ جي لطيف پيرزادي جي نالي سان ڪرايو هيائين. مُرشد سڳوري، جو ٻڌو تہ هيءُ همراهہ پيرزادو آهي، تہ مون تي پرپُٺ ڏاڍو ڪاوڙيو هيو، ۽ ڪجهہ گهٽ وڌ ڳالهائي. اُتي وڃي گهنشام جي کَٽَ پاڻ ڪنئي هيائين. ۽ پوءِ ڏيپارجن جو ريلائي پِيرءِ ٻلهڙيجيءَ

جو پيرزادو گڏون گڏي سُتا هيا. ان ڏينهن گلَ بچي ويم، چاڪاڻ تہ چگُوتيو جو گُوٺ وارن مان ڪنهن ڪي بہ ٻلهڙيجيءَ جي لطيف پيرزادي جي اصليت جي خبر نہ هئي. نہ تہ پيريءَ مرشديءَ جي قيد ۾ ورتل وڏڙا، هڪڙي ڪامريڊ واٽئي جي مرشد سان گڏ ڪٽ تي ويهڻ تان، حال گهڙيءَ منهنجو تہ پَٽڪو ئي ڏوڙ ڪري وجهن ها.

گهڻو پوءِ، پارٽيءَ جي پيچ ڏاهہ ۾جڏهن اسان گهڻن جيان گهنشام جون آدرشون بہ پورا پورا ٿيون، جنهن انقلاب لاءِ جيل ڪاٽيا هيائين، ڦتڪا ۽ مارون ڪاڏيون هيائين، سو انقلاب جڏهن اڪثريتءَ اقليت جي جهيڙي ۾ لُڙهندو ڏٺائين، تہ بہ نہ ڀَڳو، نہ ٽُٽو، پارٽي ٽُٽِي، سڀ ڪٽو ڪٽو ٿيا، تہ بہ ماٺ ڪري ويهڻ گهنشام لاءِ مُشرڪيءَ سان مشابهت رکڻ برابر هيو، تڏهن پنهنجي جيل جي هنديوال، ڪلاسيڪل وڏيري چاچي شاهنواز جوڻيجي، جي ساٿ سان پيپلز پارٽيءَ ۾ هليو ويو. ياد اٿم، تن ڏينهين، چاچو شاهنواز وفاقي حڪومت ۾ ننڍو وزير هيو ۽ منهنجو ڳوڻائي پراڻوڪامريڊ جيرام، سرڪاري طور سندس پي آراو هيو. اُن ڪان جڏهن گهنشام جي پيپلز پارٽيءَ ۾ وڃڻ لاءِ ڪيل پريس ڪانفرنس جو احوال پڇيو هيم، تہ هڪ ٿڌو ساهہ پري چيو هيائين، نہ يار گهنشام خود بہ سمجهي ٿو تہ سندس پيپلز پارٽيءَ ۾ وڃڻ مِس فائر آهي. ۽ پوءِ سُتت ئي چاچي شاهنواز واري لَڏي ڪي، جڏهن غلام اسحاق گهر پيڙو ڪيو، تہ گهنشام ڪي پنهنجي اصلي گهر وجي پهچايائون. ٽارچر، بند وارڊ ۽ ڏنڊا ٻيڙيون وري بہ سندس مقدر بڻيون.

پانيان ٿو اُتان نڪرندي ئي علي حسن چانڊيو ڳِهلي ويو هيس، يا پاڻهي ڊاڪٽر قادرمگسيءَ جي پارٽيءَ ۾ ويو هيو، تڏهن گهڻن ڪان واٽئي جو روز روز جو رينگٽ سَنو نہ ٿيو هيو. مڙس ڪي ايئن گم ڪيائون، جيئن ڊِڳي جا مَتيان ڏند. تڏهن بہ راڄ مُک منصفن جا واري وٽيءَ سان ڪُرسين تي وارد ٿيندا پئي آيا، پر ڪنهن بہ پاڻ هرتو، هن ستن نياڻين جي پيءُ جي گم ڪرڻ جو نوٽيس ڪونہ ورتو. پانئيان ٿو هندو هو تڏهن. شايد پنهنجن جي ذهنن ۾ اهو زهر وينل آهي تہ هندو سڀ جا سڀ اُپرندين جا ايجنٽ هوندا آهن. ۽ نيٺ، ڪولين ۾ ٽارچر سهندي، اکين تي پٽيون ٻڌي باٺ رومن جي درن جا ڏڪ سهندي، سهندي دل ئي دل ۾ وطن جا وڻ ڇڏڻ جو سوچيائين، يا وري وطن جا وڻ ڇڏڻ لاءِ سگهارن پاڻ ئي سور ڏيئي تيار ڪيس. چوندا آهن نہ تہ جِت پُجڻ پيٽي ناهہ، اُت پَجڻ ڪم وريامن جو. سو همراهہ پڄي جان ڇڏائي. جوانيءَ جا قيمتي سال، جيلن ۾ مارون سهڻ واري، گهنشام سان هندستان وڃڻ ڪان ٿورو اڳ، سانگهڙ جي هڪ ادبي پروگرام ۾ ملاقات ٿي هئي. جتي هو مرحوم نماڻي سنڌيءَ سان گڏجي آيو هيو، تن ڏينهين گهنشام ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪنهن يار ڪان سواءِ،

باقي اسين سڀ سُرخا، سَٽيين ڪُرسين تي پهچي چُڪا هياسين. ۽ عيش و آرام واري زندگي گذاري رهيا هياسين، اهڙن ادبي پروگرامن ۾ وڃڻ اسان جي واندڪائيءَ جي رڳو وندر هيو، باقي ڪجهه بہ نہ.
ان ڏينهن ملڻ وقت، رسمي عليڪ سليڪ بعد پڇيو مانس، گهنشام مون کي سُڃاڻين ٿو؟ ساڳئي پراڻي گِهگهي آواز ۾ وراڻيائين نہ ته!!!. ڇيومانس، يار سوچ! پاڻ اڄ ڏهن ورهين بعد مليا آهيون. ڪي ساعتون سوچي، اوچتو ياڪرن ۾ پري، ڳل چُمندي چيائين امير بخش آن ني؟ چيم، آهيان تہ ساڳيو، پر ڪيئن سڃاتئہ؟؟ وراڻيائين، اڙي ظالم! سُرخن جي سُڪئي ٿيڻ ۽ وڃڻ ڪان پوءِ بہ سڀ ساٿي ملندا رهندا هُيا، تون الائي ڪهڙي ڪُن ۾غرق هئين، اڄ جو ڏهن سالن بعد ملڻ جو چيئہ، تہ پڪ ٿيم تہ ڏهن سالن ڪان پراڻن سُرخن مان، هڪ ئي شخص نہ مليو آ، ۽ اهوتون آن.
چيم، ڇئبوتہ جيلن، مارُن، موچڙنۀ تارچرن مان گذري بہ دماغ سالم اٿئي!. تڏهن معمول وارا ٿهڪ ڏنائين وڏا ۽ ٻڌا ٿهڪ. اهوگهنشام پرڪاش، جنهن سنڌ جي ماروئڙن جي، سورن ڪان آجپي جا انيڪ خواب سيني ۾ سانڍي، سالن تائين سگهارن جا سور ۽ سختيون سَنيون هيون، سو گهنشام، هڪ ڏينهن، ساهہ بچائڻ خاطرۀ نياڻين خاطر، وطن جا وڻ ڇڏي دهليءَ هليو ويو. ڪنهن سنڌي جوڌي ڪان ڪونہ پڇو تہ ڪيس روڪي. ڪيس چوي تہ تون دلگير نہ ٿي سٽائو واءُ ورڻو آهي، تو نہ ڏنا، تہ تنهنجو اولاد ضرور سُک ڏسندو. ڪنهن ڪان ڪونہ پڇو.!!!!
ربُ ڪري گهنشام جتي بہ هجي، پنهنجي ٻچڙن سان گڏ، سُکيو هُجي. ڇري دل چوي ٿي، داراشڪوه جي دهليءَ جي، دروديوار کي هتان ڪان ايڏي وڏي ڪوڪ ڪري چوان تہ اي! دارا جي دهلي، تو کي منهنجي سنڌ جي گهنشام پرڪاش جي پارت هجي. ۽ اها ڪوڪ ايڏي وڏي هجي جو دهليءَ جي عام ماڻهوءَ ڪان خاص ماڻهوءَ تائين پهچي، دهليءَ جي اوليائن ڪان بزرگن تائين پهچي، من موهن سنگهہ ڪان سونيا گانڌيءَ تائين پهچي.
ڪامريڊاڻي قصي مزو اهڙو ڏنو جو پاڻ بہ يڪا هليا وياسون اوڏانهن، هاڻ ورون ٽا پوئتي اصل قصي ڏانهن. سو اُنهيءَ زماني ۾ماستريءَ جي ٽي سئو ويهہ روپيہ پگهار مان پاندي پورِي ٿيندي نہ ڏِسي، هڪڙي ڏينهن تاج مريءَ سان صلاح ڪيم، يار، تون کو ڏس ڏي تہ ڇا ڪريان، هن پگهار مان تہ پاندي پوري ڪانہ ٿي ٿئي؟ تہ نهہ پهہ وراڻيو هيائين. مون جيان سرڪاري نوڪري ڇڏ ۽ تنهنجي ئي علائقي ۾پارٽيءَ جو ڪُل وقتي ڪارڪن بنجي ڪَمُ ڪَرِ. ايترو ئي اعزازيو پارٽيءَ پاران ملندئي جيترو سرڪاري نوڪريءَ مان پگهار

اٿئي. تنهن تي چيو هيو مانس، يَر تاج، اجان تہ پارٽيءَ مون کي ميمبر بہ ناهي ڪيو؟ تنهن تي هميشھ جيان نھ پھ چوڻ لڳو هيو، تہ ڪامريڊ تون ميمبر آهين، هي جو هفتيوار گڏجاڻي ڪندا آهيون سيل جي، جنهن جوسيڪريٽري بہ تون آهين. اُهو بہ پارٽيءَ جو سيل ئي تہ آهي، بس، رڳو نالو ڪونہ ٿا ونون، مَتان ڪوهمراھ ٿُتِي پئي، ان ڪري نہ تہ اها پارٽي ئي تہ آهي. تنهن زماني ۾ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر ٿيڻ، اُن جي ڪنهن ننڍڙي سيل جو سيڪريٽري ٿيڻ، يا ڪُل وقتِي ڪارڪُن ٿيڻ بنهي وڏي ڳالھ هُئي. هڪڙو وڏو اعزاز هوندو هيو. سو بہ جهڙي تهڙي کي نصيب ڪونہ ٿيندو هيو.

پوءِ تاج جي اهڙيءَ آچ تي پورا اَٺ ڏينهن سوچيو هيم، تہ غربت بہ آهي، چار نياڻيون بہ اٿم، ابوءِ امان بہ انهيءَ آسري آهن تہ پُٽ ڪمائيندو ۽ اسان پِيريءَ ۾ ويهي آرام سان ڪائيندا سون. ٻي سوچ آئي هيم تہ آئون بنهي ڊڄڻو آهيان، الائي ڪڏهن جهلجي پوان ۽ پوليس جي مار ڪٽي بہ سگهان يا نہ؟ پوءِ هڙني جا نالا ڪٽي خواريءَ جو ٽِڪر سِرَ تي ڪٽان، پوءِ دل ئي دل ۾فيصلو ڪيو هيم، نہ نہ آئون نوڪري ئي ڪندس، اڳتي پڙهندس، ڊگريون وٺندس، ابي امان کي پِيريءَ ۾ سُک ڏيندس، گهر جون مالي حالتون سڌاريندس، پوءِ جي سياست ڪري سگهيس تہ واھ نہ تہ ايئن ئي چڱو آهيان. ۽ ٻئي هفتي کي تاج کي جڏهن پنهنجو فيصلو ٻڌايو هيم تہ بہ قائل ڪرڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي هيائين، پر منهنجي ڪُتي جواب بعد ماٺ ڪري ويهي رهيو هيو.

تن ڏينهنِ تاج مري روپوشيءَ واري حالت ۾ سکر شهرِ ۾ مليو هيو ۽ چيو هيائين، تہ يار هاڻ تہ هُن ٻاڏي، جنرل ضياءَ جي ظلمءِ جبر ملڪ جي هر شيءِ کي تاراجُ ڪري ڇڏيو آهي. ۽ چئوطرف مانارٻہ ٿي وئي آهي. ۽ سموري سنگت جي راءِ آهي تہ بينل پاڻيءَ ۾ ڪو پٿر اُڇلاجي، تہ ڪي لهرون پيدا ٿين، ڪو ولولو پيدا ٿئي. اُنهيءَ ڪري صحافين فيصلو ڪيو آهي تہ، اخبارن تي لاڳو سينسرشپ ۽ ٻين ڪارن قانونن جي خلاف احتجاج ڪري گرفتاريون ڏيون. ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو بہ فيصلو آهي تہ انهيءَ جا جيڪي بہ ماڻهو صحافت جي پورهئي سان واڳجي، لڪا وينا آهن، اُهي سڀ گرفتارين لاءِ تيار رهن. سو آئون(تاج) ڪنهن ڏينهن اوچتو گرفتاري ڏئي، پنهنجو پاڻ کي ڪاٺ ۾ هٽائيندس. توکي الائي خبر آهي يا نہ، تہ آئون لِڪ ڇِپَ ۾هوندي بہ سانگهڙمان نڪرندڙ تي روزه اخبار الفقراءُ کي ايڊٽ ڪندو آهيان. ٿيو بہ ايئن تہ انهيءَ ڳالھ کي ڪي ٿورڙا ڏينهن مس گذريا تہ، تاج مري، منهاج برنا سان گڏ گرفتاري ڏئي، جيل اندر ڊگهي بُک هڙتال تي ويهي رهيو

هيو. ويندي ويندي مون ڏي نياپو موڪليندو ويوهيو تہ الفقراءُ اخبار سنڀالڻ لاءِ انهيءَ جي مالڪ ۽ ايڊيٽر فقير محمد رحيم مهر سان وجي ملان.

تن ئي ڏينهن ۾هڪڙيءَ شام جو لطيف يونيورسٽيءَ جو هاڻوڪو پروفيسرامداد چانڊيو، تنظيمي ڪم سان منهنجي ڳوٺ آيو هيو. ۽ مون ڪيس تاج وارو قصو اکر بہ اکر ٻُڌايو هيو، سو انهيءَ رات سج لٿي کان صُبح تائين، امداد مون کي اخبارن جون خبرون ناهڻ، ايڊٽ ڪرڻ، پروف ريڊنگ ۽اداريا لکڻ بابت بنيادي سمجهاڻيون ڏنيون هيون. آئون سنڌي اخبارن ۾ انڊا منڊا ڪالم اڳ ئي لکندو هُيس، ڪم جو ٿورو گهڻو اندازو بہ اڳ۾ ئي هُيم. بس امداد چانڊئي جي چئن پهرن جي پڙهائيءَ مون کي بہ رات جي پيٽ ۾ ڪوڙو يا سچو صحافي بنائي ڇڏيو هيو.

ورنديءَ صبح جو پانيان ٿو تہ تاج جي موڪليل ڪا چٺي، يا سڪڻو نياپو ۽ نشاني ڪٽي، سانگهڙ جي بس ۾ ويهي اخبار جي مالڪ بابت سوچيندو روانو ٿيس، الائي ڪهڙي قسم جو ماڻهو هوندو؟ الائي نوڪريءَ ۾ رکي بہ يا نہ رکي؟ الفقراءُ پريس تي پهچي فقير محمد رحيم جي پُڇا ڪئي هيم، جڏهن مِلايائون، تہ ڏٺم فقيرصاحب قدآور مُڙس، ڪاري ڏاڙهي، ململ جو سفيد پٽڪو، سفيد گوڏ ۽ سفيد صدريءَسان، سفيد پهراڻ پَهريو وينوهُيو. اخباري مالڪ بابت منهنجي تصور ۾ هُيو تہ ڪوئي سوٽيڊ بوٽيڊ صاحب هوندو. هِت تہ قصو ئي اور هُيو. اهڙا فقير ننڍي هوندي کان ئي پنهنجي اوڙي پاڙي ۾ ڏسندوايندو هُيس، جن وٽ مرشد کان سواءِ ٻي ڪا بہ مڃتا واري ڳُر ڪونہ هوندي هُئي، ۽ پيريءَ مريديءَ کان ٿڙيل، وهابي، ڪارا ۽ جُبيري ٿي، سندن هٿان سر عام ڳيا ڳيا ٿي ويندا هُيا. مارڻ وارا بہ ٻنان ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي، مرشد جا نعرا هڻندا وجي جيل وَسائيندا هيا. سوچيم، تاج وارن ڪامريڊن مون سان هي ڇا ڪيو، هيءَ وري ڪهڙي جُٽ ڪيائون، هِن گوڏ ۽گبريءَ واري فقير سان منهنجو ساٿ ڪِٿي ٿو هلي سگهي.؟

سو انهيءَ ملاقات ۾رسمي عليڪ سليڪ بعد، تاج جو حوالو ۽ نشاني ڏني مانس، تہ سمجهي ويو تہ آئون بہ ڪو پڪو ڪامريڊ ۽ نوڪريءَ جو گهرجائو آهيان. هوڏانهن تاج جونالو ٻُڌندي ئي فتافٽ چيائين، جيڪر منهنجو وَسُ پُڄي تہ آئون اڄ ئي پيرِ تي ڏٿُونڪو هڻي سڄيءَ سنڌ ۾ اعلان ڪرايان تہ سانگهڙ جي مَرِين جو سردار تاج آهي، نہ ڪي عطا محمد مري. هاڻوڪي وزيراطلاعات شازيا مري جو والد. اها ڳالهہ پوري ٿيندي ئي، ڪاٺ جي ميز تي پيل، نمائندن جي موڪليل ڪوڙ سارين خبرن مان هڪڙي خبر ڪڍي مون کي ڏيندي چيائين، ابا هيءَ خبر نمائندي موڪلي آهي، هاڻي تون انهيءَ کي ناهي ڏي، اها بہ

گهڻو وقت پوءِ خبر پيم تہ مرحوم جو انٽرويو وٺڻ جو طريقو ئي اهو هيو. خير، اها خبر هُئي، ڊُنڙي واري پِير حسن بخش شاهہ جي ميلي بابت. آئون خبر پڙهي ٻڌتر ۾ پئجي ويس، گهڙيءَ ڏيڏين اکين سان فقير جي اسٽائيل ڏي ڏسان، وري اهڙي اسٽائيل وارن فقيرن جي پِيرپرستيءَ ڏي ڏسان، وري انهيءَ خبر ڏي ڏسان. ۽ سوچيان هيءُ تہ پکو پِير پرست هوندو، هن جي اڳيان ڪهڙي قسم جي خبر ناهيان، ڪيئن ڪيان. پر نيٺ بہ دل جهلي، ڏڪِي ڏڪِي خبر ناهيم، سُرخي عام رواجي خبرن جيان ڏنم تہ، اچي ويو، اچي ويو، حسن بخش شاهہ جو ميلو اچي ويو. خبر پڙهيائين بہ ڪونہ، رڳو سُرخي ڏِسي ڪڙڪيدار آواز ۾ هَڪَل ڪندي چيائين، اڙي! تون ڪامريڊ آهين؟ ٻُڏاءِ!! تون ڪامريڊ آهين؟ ڏڪندي ڏڪندي وراڻيم، ها سائين آهيان تہ ڪامريڊ. تڏهن ڪڙڪيدار ۽گجندڙ آواز ۾ چيائين، اڙي پوءِ اوهين ڪامريڊ وري ڪڏهن کان پير پرست ٿيا آهيو، جو هيءَ سُرخي ناهي اٿئي!!. سندس دهشت ۽ دبدٻو مون تي ايترو تہ حاوي ٿي ويو هيو، جومون کان ڪو بہ جواب نہ پئي اُڪليو، آئون صرف سندس حُلئي ڪي مٿي ڪان پيرن تائين ڏسندو ئي رهيس.

مرحوم وڏو داناءُ ماڻهو هيو، ڪيس پيرن کان مٿي تائين ڏسڻ مهل، منهنجي اکين ۾ سمايل سوين سوال پلڪن ۾پڙهي ورتا هيائين ۽ وڏو ٺهڪ ڏيئي چيائين، اڙي درويش، ڪٿي مُنهنجي پٽڪي پهراڻ ۽ گوڏ مان مون ڪي ڪوئي پکو پير پرست تہ ڪونہ سمجهيو اٿئي؟ . منهنجي ڪجهہ ڳالهائڻ کان اڳ ئي وري بہ پاڻ ئي چيائين، اڙي يار آئون تہ موحد آهيان موحد. اوهان ڪميونسٽن جهڙو ۽ شايد اوهان کان بہ ٻہ رَتيون وڌيڪ هجان. سندس اهڙيون ڳالهيون ٻڌي، مَنُ وڏِيو ۽ ٽيبل تان نئون ڪاغذ کڻي، انهيءَ خبر جي نئين سِرسُرخي ناهيم، اها سُرخي ڏسندي ئي پڙڪو ڪائي اُٿندي چيائين، مون ڪي خبر آهي تہ مون جيڪو جهاد شروع ڪيو آهي، اُنهيءَ ڪي في الحال اوهان ڪامريڊ ئي اڳتي هلائي سگهو ٿا، حال گهڙيءَ ٻين ۾ تہ اهڙي ڪا ٿوم نظر ئي ڪانہ ٿي اچيم. پوءِ اوڏيءَ مهل ئي اخبار جي سموري عملي کي گهُرائي منهنجو تعارف ڪرائي چيائين، ابا هاڻ هي اٿوَ الفقراءُ جو نئون نيوز ايڊيٽر. وري مون ڏي منهن ڪري چيائين، ابا هاڻ اها پريس، اهو تون، اسان جي الله واهي آهي. مرحوم اٿيو ۽ نہ ڄاڻ ڪيڏانهن روانو ٿي ويو.

ٽي روزه اخبارالفقراءُ ۾ مون تمام گهڻي محنت ڪئي، اداريا، مضمون، خبرون، خَبرن جي ترتيب، پروف ريڊنگ. تڏهن اڄڪلهہ جيان ڪمپيوٽر جو دور ڪونہ هيو، هٿ سان اکر ڪٽي ڪمپوز ڪبا هُيا، ڪمپازيٽر قربان لغاري ۽ علي نواز، فورمين بهادر، توڙي فقير

جا ٻه ننڍڙا پُٽ محمد بخش ۽ محمد علي، مون سميت هٿين پيرين ڪارن لِينهڳن سان ٽڦِيا پيا هوندا هُيا. ملڪ ۾ آمر، ضياءَ جا ڪارا قانون هيا، سينسرشپ لاڳو هئي ۽ سانگهڙ جو انفارميشن آفيسر محمد جي ابڙو هوندو هيو، تنهن ڪان چگّڙيون خبرون تڳائي هلائڻ وڏي ڳالهه هوندي هُئي. اخبار ڇپجڻ جي رات ڪاپي تيار ڪري، مشين تي چاڙهي، فائنل ڪاپي ڪڍي، فائنل پروف ڏسي، گهڻو ڪري آئون ۽ فقير جا ٻئي پُٽ نظاماڻين جي سينيما تي مفت جي فلم ڏسڻ ويندا هياسين. پُنيان فورمين بهادر مهر اخبار ڇپي ونندو هيو، قربان لغاري پوسٽ ڪرڻ جي ڪاپين تي ٽڪليون لڳائيندو ويندو هيو۽ علي نوازلغاري ائڊريسون لکندو ويندو هيو. صُبح جو هڪڙو همراهه ٽپال ذريعي ويندڙ ڪاپيون کڻي پوسٽ آفيس ويندو هيو، ته ٻيو وري سائيڪل تي سانگهڙ شهر جي سمورين آفيسن ۾ اخبار پُهچائيندو هيو. تڏهن سانگهڙ جي اخبار الفقراءُ ۽ ميرپورخاص جي اخبار همدرد جي وڏي هُوڪ هُئي. ماڻهو هفتو، هفتو ٽپاليءَ جو انتظار ڪندا هُيا ته ڪڏهن ٿيون اُهي اخبارون اَچن.

الفقراءُ جي اُن وقت جي نمائندن مان عاجز منگي، فقير دين محمد، حاجي محمد رحيم ڪنير ۽ بادل ٽريءَ صحافت ۽ سياست ۾ وڏو نانءُ ڪمايو هيو. اُن زماني ۾ عبرت جو ضلعي رپورٽر هوندو هيو مولابخش سومرو، همراهه ڪا به خبر ٻُڌي يا ڪو واقعو ڏسي، فون تي اداري جي نيوز ڊيسڪ تي وينل ماڻهوءَ کي ڳالهه سربستي ٻڌائي ويندو هيو، پوءِ خبرناهڻ جو ڪم اداري وارن کي ئي ڪرڻو پوندو هيو. مولابخش لاءِ اها ئي خبر هوندي هئي، جيڪا فون تي لکايائين. جيڪڏهن اداري پاران ڪا اسٽوري ڪرڻ جو حڪم ملندس يا ڪڏهن ڪجهه لکڻو پوندس ته حال گهڙي ته ٻرجي پوندو هيو، پوءِ نيٽ ڊوڙندو ايندو هيو مون وٽ ۽ چوندو هيو، اڙي شرڙا! هي وَٺُ گولڊليف جو پاڪيٽ،! تون ٻه ڇا ياد ڪندين اسان جي سخا ڪي. گڏوگڏ بهادر فورمين کي رڙ ڪري چوندو هيو، اڙي بهادر، سيني لاءِ دود پتي چانهه ٻه کُهراءِ. جيتوڻيڪ آئون سندس مُراد پروڙي ونندو هيس. پر پوءِ ٻه هو مون ڏانهن منهن ڪري چوندو، چڱا مُڙس چڱو هاڻ ٻُڌ، قصو آهي هيءُ، هاڻي انهيءَ جي خبر ته ناهي ڏي، اداري وارن رتُ ئي سڪائي ڇڏيو آهي. ۽ پوءِ گولڊليف جي پاڪيٽ جي رشوت تي جيئن ئي منهنجي هٿان اها خبر نهندِي هئي، ته واه واه ڪندو، خبر جو پنو هٿ ۾ لوڏيندو گولِي تي ويندو هيو.

فقير صاحب جي ٻنهي ننڍن پُٽن مان هڪڙي، محمد بخش جي مون سان گهڻي لڳندي هُئي. سچو ڏينهن پيو مونکان ڪامريڊن جون خبرون ٻڌندو هيو، اڳتي هلي مون ڏي ڊگها

ڊگها خط لکڻ لڳو آئون به ڪيس وڏا وڏا خط لکندو هُيس. اهو محمد بخش، اڄڪلھ جو بخشڻ مهراڻوي آهي. مولا وڏي ڄمار ڏئيس. فقير صاحب جي پاءُ فقير حاميد جو پُٽ مرحوم معصوم سانگهڙائي تن ڏينهين شيرين سومرو واقعي ۾ علي حيدر شاھ سا ن گڏ گرفتار ٿيڻ بعد تازو ئي جيل مان آزاد ٿيو هيو. علي حيدر شاھ، ڪيس جيل مان خط لکندو هُيو. جيئن ته علي حيدر شاھ وارا جيئي سنڌ ۾ هيا ان ڪري آئون پنهنجي ڪامريڊڪي رڳ ڊوڙائي، اُهي خط چوري ڪري پڙهندو هُيس، جنهن چوريءَ جي مرحوم ڪان جيئري ئي معافي ورتي هُيم.

شهيد فقير محمد رحيم مهر، تن ڏينهين سانگهڙ جي جماعتي جوڌن ڪي ڏنو ڪونه وڻندو هيو، مٿس جُبيري ۽ ڪارو جا نالا به رکيا هيائون، هو به مُڙڻ واري ٻُوٽي ڪونه هيو، اخبار ذريعي چڱن چوڪن جي پت وائڪي ڪرڻ ڪان ڪڏهن به ڪونه مُڙندو هيو، آئون پانيان ٿو ۽ جيڪي ڳالهيون ٻڌندو هيس انهن موجب جيڪڏهن جهول ۽ سنجهوري جي تاڻن جو پراڻو رڪارڊ ويهي ڦلهورجي ته فقير محمد رحيم مهر صاحب جي بهادريءَ جي گهڻن ڪي ڪَل پئجي ويندي، ڇو جو ڪيس شهادت جي رتبي تي پُڄائڻ لاءِ جيڪي به حملا ٿيا هيا انهن جا ڪيس چڱن موچارن تي درج ڪرايا هيائين، پر اهي ايف آئي آرون سيل ٿينديون وينديون هيون. سنت ئي آئون فقير صاحب سان ڪنهن ننڍڙي ڳالھ تي ڪاوڙجي اخبار ڇڏي هليو ويو هيس، ته به مرحوم روايتي مالڪن ڪان هٽي جيڪو نوٽ منهنجي الڳ ٿيڻ تي پنهنجيءَ اخبار ۾ لکيو هيو، سو ان وقت جي اخباري مالڪن جي لکڻين ڪان نروار ۽ الڳ ٿلڳ هيو. جنهن ۾ منهنجي اداري ڪان الڳ ٿيڻ جو احوال اهڙي ته سهڻي ۽ منڙي انداز ۾ بيان ٿيل هيو جنهن جو اڄوڪيءَ دنيا ۾ تصور به ڪونه ٿو ڪري سگهجي. فقير صاحب جنهن ڪي مرحوم لکڻ تي منهنجي دل ڪونه ٿي چوي، سو هميشھ بافتي جي ڪپڙي جي هڪڙي ننڍڙي ٿيلهي هٿ ۾ کڻندو هيو. جنهن ۾ ويبلي جو ڇھ ڏڪيو ريوالور هروقت پريو تريو هوندو هيو. ڇو جو سانگهڙ ۽ ان جي آس پاس جا چڱا مڙس هر وقت فقيرصاحب جي خون جا گهورا هوندا هيا.

۽ نيٺ هڪ ڏينهن نور اسلام هوٽل جي سامهون جتي هينئر هڪڙو پناڻن جو الائي ڪنهن ٻئي جو مشهور هوٽل آهي ان جي آس پاس موٽرن جي مستريءَ جي دڪان تي رکيل کٽ تي پاسي پر، ٺونٺ جي ٽيڪ تي اهليو وينو هيو، ته پانئيان ٿو ته ٻڇائي سنگراسيءَ نالي هڪ جنونيءَ مٿس ڪارتوسي پستول سان حملو ڪيو، حملو ايترو اوچتو ۽ ڏڪ ايترو هنڌائتو هيو جو فقير صاحب پنهنجو ريوالور ڪڍي ڪونه سگهيو نه ته اها پڪ هئي ته

حملي آوارن کي ليٽائي وجهي ها. فقير صاحب جي شهادت سان سانگهڙ مان صحافت جو هڪ بي باڪ باب هميشھ لاءِ ختم ٿي ويو. اڄ بہ جڏهن سانگهڙ مان ان جاءِ تان گذرڻ ٿيندو اٿم جتي ظالمن فقير صاحب کي شهيد ڪيو هيو تہ بي اختيار منهنجي من تي پٿائيءَ جون هي سٽون تري اينديون آهن، نہ سي ووئڻ وٽن ۾ نہ سي ڪاتياريون، پَسيو بازارون هينئڙو مون لوڻ ٿئي.

تنهن زماني ۾ ماما رمضان وڏرن جي ڪمدارين تان ڇهين ٻارهين مهيني ورندو هيو، تنهن کي الائي بہ ڇو اسان وٽ ديرو ڄمائي وينل ڪامريڊ ٽُپ ڪونہ وڻندا هيا، ۽ وري قدرتي ٿيندو ايئن هيو تہ ماما جڏهن بہ ڳوٺِ ايندو هيو ۽ ڪنهن نہ ڪنهن ڪامريڊ کي ڳوٺ ۾ موجود ڏسندو هيو، تڏهن جڏهن ڪچهريون ختم ڪري هرڪو پنهنجين ڪکين وڃي آرامي ٿيندو هيو، تيڏيءَ مهل ماما پير پير ۾ ڏئي، لڪ ڇپ ۾ وڃي، سُتل ڪامريڊن کي ننڊ مان جاڳائي، ٻانهون ٻڌي چوندو هيو تہ، ٻيلي اسان ۾ لولي جو بہ لوڻ ڪونهي، هلڪي ڦلڪي دٻ جهلڻ بہ ڪانهي، پلائي ٿورو ڪري اسان وٽ نہ ايندا ڪريو. ڪڏهن تہ ڪين اوڏيءَ جو اوڏيءَ مهل هلئي وڃڻ جو چوندو هيو. بنهي نہ پُڇندو هيس تہ وري ڪڏهن مرحيات الهبچائي کي اڳيان ڪري، انهيءَ جي واتان ڪامريڊن کي اها ڳالھ چورائيندو هيو. چورائڻ تہ پري رهيو پر مرحيات الهبچائي ڪان ڦنڦٽي چالو ڪرايو ايندو هيو. تہ انهي تي ڪٽي وڃي ڪامريڊن کي ڪنهن نہ ڪنهن پاسي ڪري اچ. تنهن هوندي بہ ڪامريڊن اسان جي ڳوٺ مان پيرو ڪونہ پڳو، جُمعاٽي چانداٽي ايندا رهندا هيا. هڪڙي پيري تاج مري تپ ۾ هُڙڪندو آيو تہ بہ ماما رمضان منهن پئجي ويس ۽ ڳوٺ مان هليو وڃڻ جو چَيائينس. تپ ۾ هڙڪندڙ تاج جون ٻہ بہ ويون تہ ڇھ بہ ويون. ڳوٺ ۾ ڪا سواري بہ نہ هجي. مرحيات الهبچائي جي ڦنڦٽِي بہ ڪونہ هئي، نيٺ تاج اهڙيءَ حالت ۾ رڙهي رڙهي ساهيون ڪٽي تي ميل پنڌ ڪري دلور تي پنهنجي جيل جي ساٿي هميري مينگهواڙ وٽ وڃي رات گذاري هئي. مير ٽيٻيءَ پير شهاب ۽ غلام حسين شر سان بہ هڪڙو هڪڙو پيرو ساڳي جُنَ تي چڪي هئي. ٻيا تہ ماما جي انهيءَ دٻ تي رُنا بہ هيا، پر ورهين پُڄاڻان بہ تاج هيڪلو ئي اڄ ڏينهن تائين پيرو پڄندو اچي. مير ٽيٻو جو رُنو تہ وري نہ آيو، گهٽا ورهيہ پوءِ هڪ پيري آمريڪا مان انٽرنيٽ تي چيٽنگ دوران مليو، جڏهن پڪي سڃاڻپ ٿيس تہ آئون اهوئي ساڳيو آهيان جيڪو ساٿِن سنگت گڏ ۾ هيس، تہ مونکي ڏاڍا ڏکيا اکر چيائين، جيتوڻيڪ گهٽوئي ڇيو مانس تہ مير، اُن زماني جي حالتن ۾ ايئن تہ ٿيٺو ئي هيو. سا بہ ڳالھ تو جهڙي دانشور ماڻهوءَ کي ايڏو دل تي رکڻ ڪونہ ٿي جُڳائي، تو جهڙو

تاج بہ آهي اُنهيءَ اڄ تائين سڪٽي ميار بہ نہ ڏني آهي. ان تي اٿلو چيائين، تاج ڪي شرم حياءُ ڪونهي پر مون کي آهي. منهنجي دل ۾ آيو تہ هيڪر چئي ڏيانس تہ هو پاڻ پارٽيءَ توڙي خود سان کهڙو سچو رهيو آهي جو مون تي ٿو ميارون رکي. پر سور پي ويو هيس. ها انهيءَ ڏينهن اهو ضرور سوچيو هيم تہ ڪجھ بہ ٿئي، آخرڪار مير ٽيهو وڏيرڪو ٻار تہ آهي، ايئن نہ چوي ها تہ ٻيو پيلا ڇا چوي ها.؟

اُنهيءَ زماني ۾ ماستريءَ ۽ الفقراءَ اخبار جي نوڪريءَ کان علاوه، پنهنجي ٻنيءَ تي هارپو بہ پاڻ ڪندو هيس، مُلي جي ٻانگ مهل اُٿيو ڏاندن تي پاڃاري وِجهندو هيس، صُبح جو انين وڳين تائين هَرَ ڪيڙي، امڙ يا گھر واريءَ جي پوتي گوڏ ٻڌي نلڪي هيٺان ويهي، پاڻ ئي پاٽي گيڙي، ٻنان ڪنهن سُرهي صابڻ جي وهنجي، ٻنان بدن سڪائڻ جي، لاٽن جي ڪار سان کُني ۾ ڏوتل، ٻنان استريءَ ڪپڙا پائي، اسڪول وڃي ٻار پڙهائيندو هيس. هڪڙي پيري موجوده هاءِ اسڪول جي بلڊنگ واري ٻنيءَ ۾ هر ڪيڙيم پئي، تہ مشتاق ٻڙدي ملڻ آيو هيو. مشتاق ٻڙدي اڄڪلھ آمريڪي رياست، ٽيڪساس جو سڪيو ستابو شهري آهي. مشتاق تڏهن روزگار جي تلاش ۾ ڳوٺن بايو گيس پلانٽ لڳائيندو وتندو هُيو، ڏڳن جو جوڙو جهلي، اوڙ مان ٻاهر نڪري وڃي ڪيڪاريو هيومانس، مون سان هَٿ مِلائي چيائين تہ، ادا امير بخش ڪي تہ سڏائي ڏيو، ڪيس حاضر، چئي چيم توهان هن جهوپڙيءَ نما اوطاق جي ڇنل ڪٽوليءَ تي هلي ويهو تہ آئون ڪيس سڏي ٿو اچان. ايئن هَرَڪولي، وهنجي، ڪپڙا تبديل ڪري اچي چيو مانس، سائين اميربخش آئون آهيان هاڻ حڪم ڪريو.!

مڙس حيران ٿي ويو، تڙي ڪڙي پُڇيائين، هو هر ڪيڙڻ وارو توهان جو ڀاءُ هيو ڇا؟ مسڪرائي وراڻيو مانس، نہ اهو بہ آئون ئي هُيس. ايتري تي ڇوڻ لڳو هيو، تہ اميربخش ايتري محنت ڪرڻ جي بعد بہ توهانجون مالي حالتون سُڌرن ئي ڪونہ ٿيون ڇو؟ سندس انهيءَ ڇو جو ڪو بہ جواب وات مان ڪونہ اڪليو هيو جو ڪيس ڏئي سگهان ها.

اسلام آباد جي جبڙا چوڪ جي سامهون پوريل ٻَٽيهِيءَ واري آمر ضياءَ جي مارشل لا ۾ اهڙي تہ سوڙهي گهُٽ ڪئي وئي هئي جو ڪارن قانونن، بندشن، جيلن، ڦٽڪن ۽ ذوالفقار علي ڀُٽي ۽ نذير عباسيءَ سميت ڪيترن ئي بي ڏوهي ماڻهن جي شهادت، لڪين بي گناهن جي گرفتارين بعد، جيڪا خلق خدا ٻاهر هئي اُن ۾گهٽا ٽٽا مون پارا ٻچيا هُيا. سي بہ سڀ گهٽو ڪري ڪَن لِڪائڻ ۾ پورا هُيا. مون لاءِ نہ ڪا وندرهُئي نہ وروَنهن، نہ ڪتاب نہ اخبار، بس رڳواسڪول ۾ ٻار پڙهائي، ٿورو گهٽو ٻنيءَ جو ڪم ڪري ڪڪائين اوطاق جي ڇنل واڻ وارين ڪٽن حوالي ٿيڻ کان سواءِ ڪجھ بہ ڪونہ هوندو هيو. چوندا آهن تہ

ماڻهو جڏهن واندو هوندو آهي تہ سندس مَنَ ۾ ابتا سبتا خيال اچڻ لڳندا آهن. نيڪ تڏهن جڏهن مُلن جو مشهور ڪيل شيطان مون تي حاوي ٿيڻ جي لاءِ پَرَ سوري رهيو هيو. تڏهن سندس ٻئي روپ جي صورت ۾ منهنجو يارُ ۽ ڦلهڏين جي رهاڪوءَ حاجي رمضان مريءَ اوطاق تي اچڻ شروع ٿيو هيو. حاجي رمضان، بندري قد جو، پوري پني ڪاري ڏاڙهي، سنڌي ٽوپي پاتل يا بوسڪيءَ جو پٽڪو ٻڌل، ڪهاڙي هٿ ۾ ڪٽيو اڪثر ڪري شام ڌاري ايندو هيو. آڌيءَ رات تائين ڪچهريون ڪري واپس ويندو هيو. سندس ڪچهري جو مُک موضوع چور ۽ چوريون هوندو هيو، مُڙس پاڻ بہ ڪڙپيل“ چور هُيو. هر رات” تَرَ“ جي مختلف چورن جي ڏاڍ مُڙسين جا احوال زير زبر سان مرچ مصالحا ملائي ٻُڌائي. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڪَيل چورين جا قصا بہ ٻُڌائي. جيئن جيئن قصا ٻُڌان تيئن تيئن اُتساهہ مِليم، خوش ٿيان. هڪ پيري خبر ڏنائين تہ هڪڙي چوريءَ تي آئون ۽ اوپايو سنبرياسين. رات جويارهين ڌاري ياڳين جي ڳوٺ کي ويجها تي ”ڪِڙَ“ورتي سون تہ ڪُڪُڙُوڪُو لڳي پئي هئي، پيرُ پيرَ ۾ڏئي سِرِي ڳوٺ کي ٿورا ويجها ٿياسين، اُن رات ڏکڻ جي ٿڏڙي هوا جي لُرِ پئي لڳي، اسان کي پڪ هئي تہ هن لُرِ ۾ ڳوٺ جا ماڻهو اهڙيءَ تہ منڙيءَ ننڊ ۾ هوندا جو پَلِ تہ الهہ تلهہ ٻهاري وجونِ پر سار نہ ٿيندنِ. رات جو هڪ ٿيو هوندوجو مون وجي ڪڙهَ جو ڊِنگهرُ لاٿو، گهٽي اُڪري اندر ٿياسين، ڪکائين گهر جي اڳڻ ۾ وڇايل کٽن تي ياڳيا گهري ننڊ ۾رليون اوڊي سُتا هيا. اچا اچا پير ڏئي جانچيوسين تہ مرد ماڻهوءَ جي کٽ کهڙي آهي. ڇو جو خدا نہ ڪري ياڳيا جاڳيا تہ بہ مايون ۽ ٻار وڙهڻ بجاءِ رڳو رڙيون ڪندا، مرد ماڻهو وڙهي پوندو. سو هيٺ پيل جُتين مان مرد جي کٽ تاڙي، اوپايو گهوٻاٽو ڪٽي ياڳئي جي مٿان ڏڪَ تي بيٺوءِ مون وجي ڊِڳا کوليا، ڌاريو ماڻهو ڏسي ڊِڳن ڪجهہ ڦُوڪَٽَ ڪيا، مونکي ڊپ ٿيو تہ ڪٽي ڊِڳن جون زِيلُون ٻڌي ياڳيا نہ جاڳي پونِ. پر پوءِ ڊِڳن کي آٽاري آٽاري پُنن تي هٽڙا ڦيري ٻاهر ڪڍي اچي سلهاڙيم. پيرُ پيرَ ۾ ڏئي اوپايو بہ ٻاهرآيوءِ پوءِ وَڊيوسين پنڌ کي. اجان رات بہ وڏي هُئي. تاري اُڀرئي ڇهہ ڪوهہ پنڌ جا سرڙي، ڦُلهڏين جي روڊ تي ڊِڳا چاڙهياسين، ٻہ چار ڪوهہ روڊ سان شهر ڏانهن هلي روڊ سان ئي واپس موٽ ڪاڏي سون، موٽڻ کان اڳ۾ اڌ ڪلاڪ کن روڊ تي بيٺا رهياسين تہ جيئن ڊِڳا ڇيٽو لاهين ۽ ياڳين کي پڪ ٿئي تہ پير شهر ڏانهن ئي ويا آهن. پوءِ دوسي واهہ ۾ڊِڳا هٽي، پاٽيءَ ۾ ترندا اچي ڳوٺ جي ٻاهران نڪتاسين. اُن مهل مُلي ٻانگ ڏني هُجي، قادوءَ کي اُٽاري ڇيم ٻڪريون سويل ڪولجانءِ ۽ دوسيءَ جي اوريان پريان ٻڪريون ڦيرائي، پير ڊاهي ڇڏجانءِ. قادوءَ ايئن ئي ڪيو ۽ ورندي ڏينهن ورهڙو پير ڪٽي روڊ ونِي ڇيٽا

ڏِسي شهر جي پاسن ڪي آهوڙون ڏئي ڏئي ٺڪو پر پير نہ هلڻا هيا سي نہ هليا، وڏا وڏا پيرِي آنداٺون. جن ۾ محمد رحيم مهر، رمضان بجير، وڪيل باغ وارو ڪولهي، آٺاهه موريءَ جو وِجلوپيرِي، پر پير نہ نِڪتا ۽ ورهڙو سج لاهي واپس وريو. نيٺ وڙول هلي. اسان وٽ بہ وڙول پُڳي، بن ٽن ڏينهن بعد پُنگ گهريوسين. سڄو سارو هڪ هزار روپيا. ڳالهيون مُهاڙيون طيءِ ٿيون، پوئين پُڄا جو ڏمو وڙول واري سنگتيءَ ڪنيو، بہ سئو پاڻ رکيائين، اسان ڪي اَٺ سئو مليا بيءَ شام جو ڳوٺ مان ئي ڪيس ڍِڳا ڏناسين، همراهه اهڙو تہ ڊِڄڻو هجي جو سج بيني ڍِڳا ڪاهڻ ڪان پيو لهرائي، پوءِ تہ ڏاڍا نڪ وڍياسونس. پيٽسان پاڙيو آهين ڇا نَريل ڍِڳا ڪاهڻ ڪان ڊِڄين ٿوپيو. نيٺ دل ٻڌي ڪاهيائين. پوءِ تہ بہ ٽي ڏينهن قلهڏيون، هگورني ۽ تگوسر جي هوٽلن تي ويهي وڏا خرچ ڪياسين، اصل واهه واهه هُجي. آئون جيئن جيئن اهڙا چوراٽا احوال ٻُڌان، تيئن تيئن ڏاڍي مُڙس ٿيڻ جا خيال اچن ڦني خان ٿيڻ جا خواب ڏسان. هڪڙيءَ رات اهڙي ئي هڪڙي خواب ۾ ڏنم چوريءَ تي ويا آهيون، پاڳيا جاڳي پيا آهن، گهوباٽن جا سُوساٽ ڪيا اٿم. هڪ، بہ پاڳيا ڪِريا تہ رکيو اٿئون ڪُڙين تي زور.

وڏڙا چوندا هيا تہ ڪارو ٻڌُ ڪَبري سان جي رنگ نہ مَٽيائين تہ بہ خيال ضرور مَٽيندو. سو حاجي رمضان جي ڪچهريءَ رنگ لائڻ شروع ڪيو. آئون، ڪجھ ضياءُ آمر جي ٽورن سان ۽ ڪجھ پنهنجي افعالن سان، بي اي جو شاگرد هوندي، ڪميونسٽ پارٽيءَ جو اڳوڻو انقلابي ڪارڪن هوندي بہ، چور ٿيڻ جا خواب ڏسڻ لڳس، اُن زماني ۾ سنڌڙيءَ جي هوائي اڏي تي مقرر محمود نالي فوجي ياءُ ڍِناداستي هٿيار وڪڻندو وتندو هيو، تنهن کان ڇھ ڏڪيو چرخيءَ وارو ريوالور ورتم. پِيري لوهار کان هڪڙي رُڪ جي ڪُهاڙي بہ نهرايم. پوءِ جنهن بہ ماڻهوءَ لاءِ ٻُڌان تہ چور آهي يا ڪاڙيو آهي تہ هَڪِليو هوڪاريو اُن سان وڃيو سنگت رکان. دعوتون ڪريو مانيون کارايان. دائود لاءِ ٻُڌم تہ ڏاڍومڙس آهي، خلقن جون چوريون ڪريو، مال ٿميو، ورهڙن سان وڙهيو ۽ ڊوڙايو ڪڍي ٿو. ساڻس ڳولي وڃي سنگت رکيم، خان، قبول، پِيري، گلاب، علي دوست سميت سوين چورن سان ڳولي وڃي ياريون رکيم. تن ڏينهن ۾اصل لانگ پئي لڳي.

ڏڱاڻو ۽ پناڻ، مورهڏيءَ جي درسن جي چوريءَ ۾ جهليا تہ پوليس سڃوءَ سان ٻُنڊٽن جا چوڏا لاهي ڇڏين، پر مڙس ٻڙڪ نہ ڪُڇيا. سِڪوءَ بہ واهه جي مار ڪنئي، عثمانءِ سلطان لاريءَ مان جهليا، سٽڻن جي وَرَن مان ڪاٽ جا رنبا نڪتن، ٿوريءَ مار تي وني ڍاڍيون ڪيائون، چون ٿا تہ ٽاٽو يَري ڇڏيائون. پاڙي ڪنهن جاءِ جا، ڏوڙ هجين. مُڙس ڏِسُ ڪهڙا

پرڏر لڳا پيا هيا، پر ايمان مهمان آهي سائين ڪنهن ڪنهن جو ئي مهمان ٿيندو، سيڪنهن جو ٿوري ئي ٿيندو.

ان زماني ۾ منهنجي لاءِ ڏاڍ مُڙسيءَ جا پيمانا اِهي ئي هُجن جو جنهن جا پوليس روز ٻُنڊڻ ڪُٽي سو ڦني خان سمجهان، باقي پويان مڙس جي گهر ۾ پلي ته رِلي ٽنگيل هجي ۽ ڪُڪُڙ ٻه پلي سنئين ڳاٽ پيو هلي. تڏهن ٻارهون ميل تازو نهيو هيو، هوٽلون ڳُليون هُيون. آئون ڪم ڪار مان واندو ٿي هوٽلن تي نُوس نُوس ڪرڻ وَڃان ته ڪُهاڙي ڪُلهي تي ڪٽيو وڃان. وڏن پانئچن واريون شلوارون، ٽوپي نراڙ تي، اصل پرُن مٿان رکان. تن ڏينهين عباس چانڊئي سان ٻڪو ٻک هجيم. عباس پوءِ نامي گرامي ڌاڙيل ٿيو.

هي جو اسان سنڌين تي هنڌين ماڳين آڱريون ٿيون کڄن ته سنڌي چورءِ ڌاڙيل آهن. حقيقت ۾ سنڌين کي چور ۽ ڌاڙيل ناهيو ويو آهي. جنرل ضياءَ ۽ ان جي ساٿارين جي اها خواهش ۽ پاليسي هئي ته سنڌين کان گذر سفر جا سڀ وسيلا ڦُري کين اهڙو سوڙهو ڪجي، جو انهن جي نوجوانن وٽ منظر تي پنهنجن حقن لاءِ ويڙهه ڪرڻ بجاءِ سوچ ئي اهڙي پيدا ٿئي جنهن سان سندن ڪردار تي آڱريون کڄن. اُهي سنڌي معاشري کي جوڙڻ بجاءِ ان جي بگاڙ جو سبب بڻجن. نه ته ڪٿي آئون جام ساقيءَ، اعزازنذيرءِ نذير عباسيءَ جو پڙهايل ڪارڪن ۽ ڪٿي چوريون. ڪوڙو ئي ڪونه ٿو لڳي. اُن زماني ۾ ۽ ان کان پوءِ مون جهڙن ڪيترن ئي پڙهيل لکيل نوجوانن جهنگ مُنهن ڪيو هيو. اُن جا سبب صرف ئي صرف اُهي هيا.

خير، پاڻ اڳتي هلون ٿا. نيت منهنجي ٻه بسم الله ٿيڻي هئي سا ٿي. جڏهن پهرينءَ چوريءَ تي وِيس ته اجان ياڳين جي ڳوٺ کان گهٽوپري هُياسون جو هڪ ٻه پيرا پير ٽِڙيا. ڳوٺ کي ڪجهه ويجها ٿياسين ته ٽنگون ڏڪيون. ۽ جڏهن ڳوٺ کي صفا ويجها پهتا سين ته جسم رَڦيو ۽ جون جي مهينيءَ ڏڪٽي وني وئي، اهڙي جو ڄاڙي نه پئي بيهي ڪاٽ اڳ۾ ئي تاڙيل هيو، ٻنيءَ مان ووٽانيون وڍي لوڙهي تي رکي ٻه همراهه اندر ويا، ڪاٽڙئي همراهه ڪاٽ هَنيو. آئون الهڙ هيس ان ڪري مونکي ٻاهرتاڙ تي بيهاريائون ته مٿان ڪو ياڳيو ٻاهران نه اچي وڃي. ڪم ٿيو ٻاهر نڪتاسون. پير وڃائي ڇڏياسين. ڳالهه آئي وئي ٿي وئي. . گهورپ هَلي پر مال ڪونه وَريو. ڪُرتي ڪائي وياسون. ايئن ٻي چوري ڪيم، ٽين چوري ڪيم ته ڊپ ختم ٿي ويو. پوءِ ته ياڳئي جي گهر ۾ ايئن وڃان جيئن ڇڻ پنهنجي گهر پيو وڃان، نه ڊپ نه ڊاءُ. چوراٽو مال گهر ڪونه آڻيندو هيس، ابي امان جي

ڊپ ڪان. سليمان شاهه جي قبرستان ۾ ٻڌندو هيس، يا پر ۾ وينل پراڻي ڪاٺڪو رمضان ناريجي وٽ ٻڌندو هيس. ڪاٺ جي چوري گهڻو ڪري گلاب مگرئي وٽ رکندو هيس.

چوراڻو جهان به عجيب جهان هيو، اُن زماني ۾ ڪاٺ جون گهڻي ڀاڱي چوريون ڏسَ تي ٿينديون هيون، ڪي وِڙلي چور هٿيار کڻندا هيا، چوندا هيا ته هٿيار کڻڻ جي معني آهي جهيڙو ڪرڻ، چورته چوري ڪرڻ ٿو وڃي ڪنهن سان جهيڙو ڪرڻ ڪونه ٿو وڃي. هڪڙي لٺ يا ڪُهاڙي ساڻ هوندي، ٻه ٽي گهوٻاٽا هوندا، وڙلي ڪنهن چور سان ڪو ڪارتوسي پستول هوندو نه ته بس. ان پستول جو به استعمال ٻنهي مجبوريءَ ۾ تڏهن ڪبو جڏهن ڏسبو ته سُجاڳ ٿيل ڀاڳيا سِرُ تا وڃائين. پوءِ به ڏسي وائسي هوائي فائر ڪبو، ڀاڳيا هَٻڪِي ٻيهندا ۽ وڃبو پنڌ ڪي. ڪاٺ هڻڻ جي پلوڙ موسم هوندي هئي اونهاري واري، جڏهن گرمين جي ڪري ڀاڳيا اڱڻ ۾ کٽون وجهي ٻاهر سمهندا آهن. سيارو، ڊگهي ڊور جي چوريءَ لاءِ مناسب هوندو هيو، هڪ ته ڀاڳيا سيءَ جي ڪري اندر سمهندا هيا، ٻيو سياري ۾ راتيون وڏيون ٿين ته مالُ پنڌ به چڱو خاشو ڪڍيو وڃي. ڪاٺ جي چوري هجي يا مال جي ڏسَ ٿوري يا گهڻي ضرور هوندي. خاص ڪري ڪاٺ لاءِ ته ڏُڪَ تي ڪڏهن به ڪونه وڃبو، ڏس ڏيڻ وارو ڪنهن اوڙي پاڙي جي ماڻهوءَ سان اَڪسجِي يا ڪنهن سُڪئي ڪان سَڙِي هلندو سندس چوري ڪرائڻ. چورن وٽ اهڙي ته ڪاريگري هوندي هئي جوڏسَ واري ڪان پَٽَ تي لِيڪا پارائي، گهر جو پورو نقشو وٺندا، اوڙي پاڙي جي مُڙس ماڻهن جون خبرُون پُڇندا، ڀاڳئي وٽ ڪنهن هٿيار پنهوار جو پُڇندا. سمورو احوال وٺي پوءِ ڪاريگري ڪري چوندا، نه بابا نه اها چوري پاڻ ڪان ڪونه ٿيندي، ڏُڪي به آهيءِ اڳيان ڏُر به ڏاڍِي آهي. ٻئي ڪنهن کي وڃي چئو پاڻ ۾ ايتري دپ جهلڻ ئي ڪانهي. نيٺ جڏهن ڏس ڏيڻ وارو نااميد ٿي وڃي گهر ويهندو. مهينو به گذاري هڪڙو چور ماٺ ميٺ ۾ آني بهاني ڀاڳئي جي ڳوٺ مان لامارا ڏئِي گس گهيڙ تاڙي ايندو، ٻه ٽي مهينا گُذاري پوءِ ڪنهن دل واري يا ويجهي عزيز کي صلاح هڻندو، ڳالهه طيءِ ٿيندي ۽ گهڻو ڪري چنڊ جي اُونداهين راتين جو پروگرام ٺهندو. گهر ۾ رکيل جُتيون اهڙيون پائِبيون جيڪي اصل پير کان هڪ نمبر وڏِيون هُجن، جيئن پيرِيءَ کي بتاءُ ڏجي، جتيءَ ۾ پويان سُگتر وٺان به چار اَڱڙيون رَکِبيون ته جيئن هلڻ ۾ ڏُکيائي نه ڪري، رات جو لڳ ڀڳ ٻارهين ڏاري ڀاڳئي جي ڳوٺ جي آس پاس پهچي ڪِڙَ وٺندا، لوڙهي جي اوسي پاسي ۾ ٻينل جوئر، مکئيءَ يا گوار جي هڪڙي ڀَرِي وڍِي لوڙهي تي رکندا، جيئن لوڙهو ٿُپڻ ۾ سولائِي ٿئي. لوڙهي ۾ اندر لهِي، پهريائين هيڏاهن هوڏانهن ٿُوما ڏئي ٿُوٽي، پاجاري يا ڪيڻ وغيره ڳولي، اندرئين پاسي

ٻه لوڙهي تان اُڪرڻ لاءِ رکبي. پوءِ سُتڻ جي وَرَ مان رنبو ڪڍي ڪاٽ جي شروعات ڪندا. پڪي سر واري پِٽ پيچڻ ۾ سولي هوندي هئي ڇوجو هڪڙي سِرَ نڪتي ته جڻ سڀ نڪتيون ۽ ڪم ٿي ويو. اوڏَيون پِتيون پِجڻ ڏُکيون هونديون هيون. اوڏ، مٿيءَ کي هڪ ته گهٽي "وَلَ" ڏيندا هيا، ٻيو وري ڳولي اهڙي ڇيڪيءَمٽيءَ جون پِتيون ٺاهيندا هئا جهڙو پٿر. پِٽ ۾ ڪاٽ چاڙهي، لَٽِ تي اجرڪ ويڙهي، ڪاٽ جي ڳُڙڪي ۾ اندر ڪندا ته مَتان پاڳيو جاڳيو هجي ۽ اندارن ڏڪُ تاڙيو وينو هُجي سو جي ڏڪ هڻي ته ٻه لٺ کي ڏڪُ هڻي. جڏهن پڪ ٿيندي ته اندر سڀ خيرآ، ته هڪڙو همراه اندر لَهندوءِ ٻيو ٻاهر ويهندو، اندريون پيتيون ڪڍي ٻاهرئين کي ڏيندو ويندو. ٻاهر نڪري گهر کان ٻلاڪ ڪن پري وڃي، پيتيون پَجي، ڪم جو مال ڪڍي هڪ جيترو ورهائي، هڙوٽيون ناهي ڪٽبيون، ٻاقي نڪمو سامان اتي ئي ڇڏي ڏبو. ڳچ پنڌ هلِي، ڪنهن روڊ تي ايئن چڙهبو جو جيڪر ڏکڻ جي پاسي وڃڻو هوندو ته اُتر طرف ڏانهن ميل اڌ تائين روڊ جي ڪناري سان هلِي، پوءِ پڪي تي پير چاڙهبا. جيئن پاڳين کي پڪ ٿئي ته چور کي اتر طرف ئي وڃڻو آهي. ڳپل تائين ايئن هلي پوءِ موٽ ڪائبي ڏکڻ ڏانهن جيڏانهن اصل ۾وڃڻو هوندو. روڊ تي ڳپل ڪوهه هلي، اڳ ئي تاڙيل واٽر يا شاخ جي موريءَ وٽ پهچي جُتيون لاهي هٿ ۾ ڪري روڊ ۽ واٽر جي وچ واري ڪچيءَ زمين جي ٽُڪري تي اجرڪ وڇائي، ان مٿان اگهاڙا پير رکِي، ابتي پيرين واٽر ۾ لَهبو. ميل کن پاڻيءَ ۾ پوئين پيرين هَلبو، پوئين پيرين ان ڪري جو جڏهن پيري پاڻيءَ ۾ لهي پنهنجن پيرن سان چور جا پير جانچڻ جي ڪندو، ته خبر پوندس ته کو پيرين اگهاڙو روڊ ڏانهن آيو آهي نه کي روڊ تان لٿو آهي. گهڻا پيرِي ته اهڙا چالاڪ ٿين جو پاڻيءَ مان به پير چونديو وٺن. پاڻيءَ مان به اهڙيءَ جاءِ تان نڪربو جتي چبر يا "ڏِنِهه" جو تمام گهڻو گاهه هوندو ۽ پير نه لڳندا، جي اهڙيءَ جاءِ ناهي ته جتان گهڻن ماڻهن جي گذرڻ جي يا گهڻي مال گذرڻ جي واٽ هجي اتان نڪربو. ڪم تي وڃڻ وارا ماڻهو صبح جو سوير اتان گذرندا يا پاڳيا صبح جو سويل مال پهرائيندا ته پير ڊهي ويندا. چوريءَ کان پوءِ کي چور اهڙا ته چپٽا هوندا جو هفتو کن گهر کان ٻاهر ئي ڪونه نڪرندا، جڏهن ڳالهه نرندي ته ذرو ذرو ڪري پيا ڪُرٽيندا ۽ ڪائيندا. ان وچ ۾ جيڪر پاڳيا شڪجي ڏَسَ واري ۾ هٿ وجهندا ۽ اهو چور تي بيهي رهيو ته ٻه سُنهن ساک سان ثابت ڪبو ته هن برابر ڏِسِيو هيو پرمون اُتي جو اُتي جواب ڏنومانس، پلي قرآن ونوس جي انهيءَ ڳالهه ۾ تر جيترو به ڦيرو هجي. پوءِ به جيڪر پيرا پيٽا جو چيائون ته اڙ ڪبي ۽ چئبو ته سرزمين تي نائون نمبر پير هيو منهنجو انون نمبر آهي. پوءِ به ٻنهي گهڻو ضد

ٽيو ته پيرا پيٽا ۾ وِڪَ ماري رَڪِبي، هڪڙي وک وڌِي ته ٻِي ننڍِي، پلِ ته پيرِي ٻه ٻتال ٿئي. ان هوندي به جي سُنهن ساک تي ڳالهه آئي ٿيو آئون ڪئِي، ڪرائِي، ٻُڌِي، سُئِي جي ساک ڏيندس ۽ مون تي سئو سالن ۾ به ثابت ٿئي ته سَگُ ڇٽي پريندس. گهٽا ٽٽا پاڳيا ته اهڙي ڳالهه تي ئي اعتبار ڪري ويندا، ۽ توبهه توبهه ڪندي چوندا ادا مون بس ڪئي. جيڪڏهن ڪوئي مَجذُ نڪتوءِ پلو سونهارو ڪڻڻ لاءِ ضد ڪيائين ته اعتماد سان اُتي وُضو ڪبو، وضوءَ ڪرڻ تائين گهٽا ٽٽا پاڳيا ته يقين ڪري وٺندا ۽ چوندا ادا بس، تون به سچو ته قرآن به سچو اسان جي توبهه، ته به بچي وجبو. جيڪو صفا ضِدي نِڪتو ۽ قرآن مٿي تي کڻائڻ لاءِ مسيت ۾ وٺي ويو ته قرآن تي هٿ رکي سڀ سچ ٻڌائي ڏبو، گڏوگڏ پاڳئي کي به انهيءَ قرآن جي مُحابي عرض ڪبو ته سڀ وهنوار ڪندس، ڏنڊ ڏوهه پريندس نڪي ٻڌرائجانءِ نه ئي خوار ڪجانءِ.

ڏڳي ڍور جا چور به ايئن ئي پير وڃائيندا هيا. ڪي پنهنجي گهرن ۾ ئي ٻڌندا هيا ته ڪي پاٽاريدارن وٽ مال ٻڌندا هيا. ڪي چور وري اهڙا نياڳاءِ ٻي ساعتا هوندا هيا جن جي چوري لِڪي ڪونه سگهندي هئي ان ڪري انهن جو مال ڪير به ڪونه ٻڌندو هيو ته اُهي ڪنهن گهاٽي جهنگ ۾ ڍور ٿمي، انهن جو منهن ٻڌي ڇڏيندا هيا. گگدام سچو ڏينهن بکيا اُجيا ٻَڌا بيٺا هوندا هيا، چور ٻي رات جو اچي اٽان ڪڍندا هيا. پوءِ ڪنهن ٽانيڪي جاءِ تي وڃي ٿميندا هيا. مال جي چورن ۾ به ڪي ڪاٽڙين جهڙا چيٽا هوندا هيا ته ڪي وري وات ڦاٽوڙا هوندا هيا، سي هوٽلن تي ويهي وڏا احوال ڪندا، اجائي ڦلر به ڪندا جيڪا ڪنڌ ۾ پئجي ويندي هُين. جڏهن مال جي گهورپ هلندي ۽ وڙولون ايندي ته چور ۽ انهن جا چڳا مڙس پاڳين ڪان پاڙا وٺي، ٽيڪيسون ڪري، سنگت سات وٽ وڙول هَلائيندا ۽ چوندا ادا فلاڻو ماڻهو اسان جو پڳ مٽ پارُ آهي ۽ مال ويو اٿس پا ڪاٿ لڳو اٿس سو کهڙي به حالت ۾وراڻٿوآهي، عزت جو سوال آهي. اڳلو وري ڪائڻ مال جا پارپتا پڇندو، رنگ، قد، بت وغيره سڀ. ٻئي ٽئي ڏينهن ورندي وٺڻ جو چئي پوءِ واپس ورندا.

اسانجي سانير ۾ هن تر ۾ ڪي پيري اهڙا به هيا جو هڪ پيرو جيڪو پير ڪٽن، ان جي وک اندر جي ڦرهيءَ تي لڪجيو وجين. ماٺ ميٺ ۾ پيا چورن جون پچائون ڪن، يا جيڪو چرندڙ پُرندڙ سُجهين اُن جي وک ڏِسي ڇڏين. اڳيان توڙي هاٽوڪا پيري سچي ڪڏهن به نه ڪندا هيا. بنهي ڪا لت ڳڙي پين ته به چور جو نالو نه ڪٽندا. باقي چوري وٺي ڏيندا. ڪي ته اهڙا به پيري هيا جيڪي چور جو پير سڃاڻي، ورهڙي ڪي هڪ هنڌ بيهاري آڏ واهر يا پير آهوڙڻ جو چئي ٻن ٽن ميلن تي هلي وڃي چور جي پنيءَ تي هٿ رکي چوندا هيا ته

تنهنجو پير سچاتو اٿم، مال مون ڪان سواءِ ڪنهن کي بہ نہ ڏجانءِ. ڪجهہ ڏينهن بعد ياڳين جو بار پوندو هين تہ ڪانئن پُنگ وٺي ڪجهہ حصو پاڻ رکي باقي چورن کي ڏيئي مال موٽائيندا هئا. انهن چيٽن چورن مان هڪ الهورايو بہ هيو، ڪنهن کي خبر ڪونہ هئي تہ هيءُ جڏڙوءِ ڦڏڙو بہ ڪتنگ چور هوندو. ڳالهہ تڏهن کُلي جڏهن مڙس صفا سجيو تتڙينگ ٿيو ۽ مُلن اڇي سوڙهو ڪيس تہ رب ڏمريو اٿئي نمازون پڙهي رِيجهائينس. نيٺ جڏهن وڏي ڏاڙهي رکي پڪو نمازي ٿيو تہ در در وڃي ماڻهن ڪان بخشائڻ لڳو. هڪ ڀيري پڇيو مانس الهورايا، ڏي خبر فلاڻي ماڻهوءَ جو مون سان گڏجي ڪاٽ هنيو هيئہ اُن ڪان بہ بخشايو اٿئہ يا نہ؟ چوڻ لڳو يار هڪ تہ اهو ڪاٽ بنهي وڏو هيو، ٻيو ڏٽي بہ ڏاڍو ڏنگو آهي، بخشڻ تہ پري رهيو مُرڳهين ماري وجهندو، ان ڪري اهو قيامت جي ڏينهن رب سائينءَ جي سامهون سوال ڪري بخشائيندس.

ڳالهہ پئي ڪيم پنهنجي ڦني خانيءَ جي، چوريون ڪريو، ماڻهن جا مال پُنگ تي ورايو، هوٽلن تي ويهي ڪڳيون هٽان تہ فلاڻي جو ڪاٽ سئيءَ سڀي سوڏو ورايم، فلاڻي جا ڏاند ورايم. تن ڏينهينِ ڏِتو هن تر جو ڏاڍو مُڙس چور هُيو. هڪ ڀيري منهنجي ڳوٺ جي مينگهواڙن جي چوريءَ تي آيو. همراهن سنپالي ورتو. رڙ تي، هڪ بہ فائر ٿيا تہ وٺي ڀڳو، اڳ ورتومانس. سيون ايم ايم جي چوراٽي رائيفل هجيم. پنجئي گوليون مِس ٿِيونءِ همراهہ بچي ويو.

بي اي پارٽ ٿو جو امتحان ڏيڻ ميرپورخاص وڃان تہ ڪُهاڙي ڪُلهي تي ۽ ٽوپي نراڙ تي رکي گهران نِڪران. ڪهاڙي ٻارهين ميل جي ڪنهن دڪان تي ڇڏيو پوءِ بس ۾ چڙهان. واپسيءَ تي ساڳي ڪهاڙي هٿ ۾ ٻانهن جي لوڏ ۽ چوراٽي سنگت سان ٻکوٻک، هَلُ ڪالهوڪي هنڌ. ابي امان کي اها اُٿ ويهہ نہ وڻي تہ سمجهائين پر وڻ گهوڙو ٻَڌڻ ئي نہ ڏيان. تن ڏينهين ايترو تہ بي ضمير ۽ بي حس ٿي ويس جو ”ڪنهن بہ سُڪئي گهر جي چوري ڪونہ ڪيون، رُڳو مِسڪينان مار ڪندا وتون. سُڪين مان ڊپ ٿئي تہ متان بندوق وارو هُجي، مَتان چار چور چئي ۾ هُجنسِ، مَتان ٻَڌائي وِجهي. سُجئي مان نہ هوندي لهر نہ لوڏو، رڙندو، روئيندو، نيٺ الهہ تلهہ وڪٽي بہ پُنگ ڏيندو. سال ڏيڍ ۾ الائي ڪهڙا ڦهر ٿيا. انهيءَ حرام جي ڪمائيءَ مان بوسڪيءَ جو پَٽڪو ورتم. بہ بہ تُرا ڇڏيان. ”ٻُڪل“ هٽيو هلان. چوڦير ٻلي ٻلي هجيم.

وڏڙا چوندا آهن تہ يَرجِي يَرجِي نيٺ اُتلندي، اُتلٽي هُجي سا اڄ تي اُتلي يا سُپاڻ تي اُتلي. درياءَ ڪنڌيءَ نينگرُ ڪُڏي، اڄُ نہ ٻُڏي سُپاڻ ٻُڏي.

هڪڙي ڀيري هنگورني ڏانهن برادريءَ جي ڪنهن پَتَ جو سڏُ مليو. سنگت سان گڏ سَنبت ٿي، صلاح بيٺي ته پَتُ ڪائي رات جو پَرِ واري ڳوٺ مان ڏڳا ڪاهبا. وڻ وڻ جي ڪاٺي هگورني ۾ گڏ ٿيٺا هُجون، بس ۾ هڪڙو شر مليو، چور ته هيو پر اسان جي سنگت مان ڪونه هيو. بَس مان لٿا سون، ڪارا ڪپڙا، بوسڪيءَ جا پٽڪا، ڊگهن پائنچن سان شلوارون پيرن ۾ لڙڪنديون بازار جي مِٽي ٻُهاريندیون هَلن. سامهون بازار ۾ پوليس بيٺي هئي. پوليس ڏسي بدن مان دُرڙيون نڪتيون. الائي متان روڪي پُڇا نه ڪن، دل کي ڏڍ ڏنم، نه نه پوليس ڇو روڪيندي؟

جمعداراحمد حسين گوندل ڪُليل پِڪ اپ ۾ اڳيان وينو هيو، چار سپاهي ڊالي ۾ ڪرسين تي پويان وينل هُجن. اسين لانگون هٽندا پوليس جي اڳيان هيٺ ڪنڌُ ڪري مَتِياسون. اوچتو جمعدار جي هَڪل تي، اڙي بيهي رهو-!.

لَوٽا ڦيرائي ڏنو سين پانءِ پُليا آهيون ٻئي ڪنهن کي سڏ هوندو. وِڪ ڪنئي سون ته هڪل سان گار ڏيئي چيائين،. . . . . . . . . . . . . . اڙي ٻُڌو ڪونه ٿا، هيڏانهن اچو.

اسان جون ٽنگون ٿِڙيون، جسم مان سيئاٽو نڪتو، گڏيل آواز سان چيوسين اسان؟"!!

ٻيو نه ته اوهان جا بابا؟ ورندي ڏنائين.

سوچيم، مار، هيءُ ته ڪو ڇِتو آ الائي ڇا ڪندو؟ ايتري ۾ سپاهي ٽُپ ڏئي پڪ اپ مان لٿا، اڳيان اهو شر هيو آئون پويان هيس. هُن ڪان پُڇيائون، اڙي ڪير آهين؟

جواب ڏنائين، شر. پڇيائون ڪٿي جو؟ وراٽيائين الحداد جي ڳوٺ جو. ڪجهه سوچي چيائون، وَڃُ.

ڪُتيءَ ڪَنَ وَڏيا، هن مون ڏانهن لوٽو ٻه ڪونه هنيوءِگولي ٿي ويو. هاڻ منهنجو وارو آيو، دِل ۾ سوچيم، ڏاڍو مڙس آهيان، شر آهيان، رُکڻي مينگهواڙ جي ڳوٺ جو سڏايم ته پوليس ڪِلندي. چوندا شر ءِ وينو آ مينگهواڙ جي ڳوٺ ۾. سوچيم چوندس رمضان شر جي ڳوٺ جو آهيان، وري ٻي سوچ آيم، پر رمضان جو نالو ته وٺي تي ٻه ڪونهي. دل کي ڏڍ ڏنم، الله خير ڪندو. جمعدار پڪ اپ مان لَٿوءِ سِڌو ٿي بينو، شينهن مُڙس هُجي، مون کان پڇيائين اڙي تون ڪير آهين؟ وراٽيم شر. پڇيائين ڪٿي جو؟ وراٽيم، رمضان شر جي ڳوٺ جو. ٿوروسوچيائين پر رمضان ڪونه سُجهيُس ته هڪل ڪري چيائين، چور چور جو پُٽ آهين. دل ۾ سوچيم انگريزيءَ ۾ ڪوڙ ٿو هٽان،

انگريزيءَ ۾ چيم، سائين آئون سنڌ يونيورسٽيءَ جو شاگرد آهيان. پيرن کان مٿي تائين غور سان ڏنائين. شايد سوچيو هوندائين يونيورسٽيءَ جو شاگرد، پٽڪو، ڪارو ويس،

پَٽائين لٺ۽ ست وال سٽڻ، شايد ڪو ڪوڙو نہ لڳس. ڪيس سوچيندو ۽ گهوريندو ڏسي يڪدم چيم، ماستر بہ آهيان سائين. جلديءَ ۾ وراڻيائين تڏهن پٽڪو ۽ لَٺَ بہ اتئي.

ايئن چوندي ئي اوچتو زوردارٺڦڙ ڳل تي هنيائين تہ ڪنن مان دونهان نڪري ويا. پَٽڪو وڃي بازار جي گهٽيءَ جي ٹُڪن ۽ ڪانگهارن ۾ پريو، اجان پاڻ سنڀاليم مس تہ ٻي ٺڦڙ ٻئي ڳل تي لڳي تہ پنواتي اچي ويم، سپاهين کي هڪل ڪيائين، اڙي ٻَڌوس.

پوليس وارن منهنجي ئي پٽڪي ۾ منهنجا هٿ پُنيان ڇڪي ڪٽي ٻَڌا، گاريون ۽ پوندا ڏيندي چوڻ لڳا، چور، لوفر صاحب سان ٿو ڪِٽ مِٽ ڪرين.

ايئن چوندي ڄُندن مان جهلي ڪٽي اُڇلايائون پڪ اپ جي ڊالي ۾. پوليس وارا چڙهيا، هاڻ آئون پوليس وارن جي پيرن ۾ پيو آهيان. جمعدار هَڪَل ڪئي، اڙي اُتاري ويهاريوس، بازار جي گشت ۾ پلي تہ چور چڪار ڏسنس، پاڻ ڪان ڪَنَ هٽندا.

ٻئي هٿ پويان ٻڌل ٻيوس ۽ لاچار پڪ اپ جي ڊالي ۾ سپاهين جي پيرن ۾ اوڪڙو وينو هيس، شهر جا ماڻهو رونشو پيا ڏِسن. پوليس وارا گهڙيءَجندا پٽين، گهڙيءَ چَنبا هڻن، ڪِلن ۽ رونشو پيا ڪَنِ. سڄي شهر جو گشت ڪرايائون هڪ پيرو، بہ پيرا، ٽي پيرا. دِل ۾ دعائون پيو گهران منهنجا مولا اڄ جان ڇڏاءِ، اڳتي لاءِ توبهہ ڪيم. پئو پيو تئيم، ٽاٽي تي ضرور مارينداء ماني بہ ڍَوَ تي ڪاڏل اٿم، ڪِنَ نہ ڪيان، جي ڪِنَ ڪيم تہ ٽاٽو ڏوئارينداء بہ. سوچيان پيو مار ڪان اڳ ۾ سچي ڪندُس، سڀ چوريون باسيندس، وري سوچيان پوءِ تہ راڄ ٻڌبا، ماڻهو پاڙيو چوندا، پوءِ بہ الائي ڪيترو جيل لڳي. وري دل ۾ دعاگهران ”الله سائين تون بچاءِ، امان مري ويندي، ابي جوالائي چا ٿيندو. “؟ماستر پُٽ چوريءَ ۾ ٻڌ و وڃي!!رب سائين هتان ڇُٽان تہ ڪنيار وانگر مٽِي ڪُٽيان. منهنجي ابي ڏاڏي جي چوري ڪرڻ ڪان گيسي. نيٺ رب سائينءَ دعا ٻُڌي، حمير ڏٺو، پڪ اپ روڪايائين، جمعدار لٿو، ياڪر پائي مليا، جمعدار کي ميار ڏيندي چيائين، واه يار واه منهنجو مائٽ، سوبہ ماستر جهليو اٿئہ. جمعدار وراڻيو، چور آهي، ڏِس تہ ڪيئن ٿو چوريون باسي، رڳو ٽاٽي تي هلي.

حمير مرحوم کيسي ۾ هٿ وجهي بہ ڳاڙها نوٽ ڪڍي جمعدار جي کيسي ۾ وڌا تہ گهڙيءَ ۾ ئي بدلجندي، يڪدم سپاهين کي چيائين، اڙي ڇڏيوس. منهنجا هٿ کُليا تہ پٽڪو ڪَڇَ ۾وڌم، لٺ پوليس وارن ڪونہ ڏني، حمير مرحوم کي انڌو مندو هٿ ڏئي، الهہ واهي ڪيم لاريءَ ڏانهن، چا جا پَت؟ چا جي سنگت؟

ڳوٺ پهچي سڌو پوجي درزيءَ وٽ ويس ۽ چيم ”ڪاڪا هن پَٽِڪي مان بہ قميصون تہ ناهي ڏي، ماپ اڳئي اٿئي. چيائين، ڇو پلا پٽڪو تہ وڏي شوق مان ورتو هيئہ؟

چيم، ڪاڪا جڏ انهيءَ ڳالھ ڪي، شادي پلي ڍَڪي پَلي. گهَر پُهتس ته امان پڇيو، پَٽ تي ڪونه وئين ڇا؟ چُپ رهيس، چَپ چُرن ئي نه. ابو اُٿيو امان اُتي ڳاڙهن ڳلن تي ديوَ جهڙي جمعدار جي آڱرين جا نشان ڇٽا بينا هُجن. نشان ڏسي پڇيائون، ڪيروڙهيو اٿئي؟ هي ڇا آهي؟ چيم، نه نه خير آ ڪجھ به ڪونه ٿيو آهي. چون ٻُڌاءِ ڇا ماجرا آهي؟، نيٺ ٻڌايمِ ٻُڌائيندي روئي پيس. بابا ڪِليو وري ڪِليو، اسان ته اڳ ئي سمجهيو پئي ته ايئن ٿيندو، پر تون اڪيلو اولاد هئين، توکي ڇا چئون؟ گهڙي رکي بابا پڇيو، پَٽڪو ڪيڏانهن ڪيئه؟؟ وراٽيم، اهو ڪاڪي پوڄي کي ڏنم ته قميصون سِبي ڏئي. اڳتي لاءِ ڪونه ٻَڌندُس. ڪڏهن به نه، توبھ ڪيم، ڳيسي ڪيم. ڪجھ ڏينهن گُذريا سنگت اچي سَڏ ڪري ته لِڪيو وَڃان. ماڻهن کي چوان وڃي چئونِ ته گهرڀ ڪونهي. دل ئي دِل ۾ قسم کنيم ته ڪڏهن به چوري نه ڪَندس. پَلي ته ڪير منهنجي به چوري ڪري وڃي. ڪنهن سان پلاند به نه ڪندس ۽ ڪرائيندس. ٻيو ته نهيو پرچورن کي ماني به نه کارائيندس ۽ ڏِسي پاسو ڏيندسُ. هيستائين جي ڪرتوتن تي بَس وڏي ندامت اٿم.

اهو قصو پنجويھ ورهيه اڳ جو آهي هن عمر ۾ به سوچيان ٿو ته زندگيءَ جي انهن ٻن ورهين جي ڪارنامن تي ڏاڍو شرم ٿو اچيم. بي اي پاس، ڪامريڊ ۽ چور!!!. ٻُڌي مرڻ جو مقام هيو. ورهين پوءِ تاج مري مليو ته اهاڳالھ ڪئي مانس. ڳالھ جي تڪ تور سياسي انداز ۾ ڪندي چيائين، اهي به ضياءَ جي پاليسين جا اثر هُياءِ معاشري جي اصلاح ڪندڙن لاءِ حالتون ئي اهڙيون پيدا ڪيون ويون جو اهي اصلاح بجاءِ معاشري جي بِگاڙ ۾ لڳا. تو ته ڪجھ به نه ڪيو هيو، چڱا موچارا مُهاندا ڏاڙيل ٿيا، ڦورو ٿيا، خون ڪيائون، رت سان هوليون ڪيڏيائون. اهو جمعداراحمد حسين پوءِ SHO ٿيو، آءُ بينڪ آفيسر ٿيس، هڪ ڀيري مليوته سوچيم سندس احسان مَڃان. اندر جي شر ٻروچ چيو ٺڦڙن کي ياد ڪري بيعزتو ڪرينس. پر اندر جي چور تي تاج مريءَ جو شاگرد حقيقي انسان حاوي ٿيو، شيطان تي انسان حاوي ٿيو، ڪجھ به ڪونه چيو مانس، مري ويو ته دعائون گهريم، رب سائين مون کي انسان ڪيو اَٿائين جنت ۾ جايون ڏجانس. پٽڪي تان ياد آيم ته جڏهن 1997 ۾ ٻي شادي ڪيم ته گهڙي ڪن لاءِ پٽڪو ٻَڌمُ، تڏهن به لوٽا پيو هٽان ته متان پوليس اچي ٻَڌي. عيدن تي، شادين تي، خوشين تي، نياٽيون چوَن، بابا پَٽڪو ٻڌو، نياٽين جي دل رکڻ لاءِ گهڙي ڪن ٻَڌان ۽ جلدي لاهيو ڇڏيان. اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن گهٽڻ چورن کان چوريون ڇڏايم، اوڙي پاڙي ۾ چوري چڪاري ٿئي ڪاوڙ اچيمءِ چورن کي پوليس جي حوالي ڪري، چڱا موچارا پادر هٽايان. اُنهن سان دُشمنيون به ٿِيم، اجان به اَٿم پر هَلان پيو.

پائو عبدالقادر جوڻيجي ڪتي لکيو هيو تہ سنڌ ۾ ڪوچڙا وڏا مشهور ۽ ڪتنگ چور هوندا هيا، مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي تہ اسان جي سانپير ۾، اسان جي ڳوٺ ٻاهران نربت ڪوچڙي جو گهر هوندو هيو، ڳوٺ جا ماڻهو سڄو ڏينهن ٻني ٻاري جا ڪم ڪري راتين جو هَڄُ ٿي جڏهن واپس گهرن ۾ايندا هيا تہ چوريءَ جي ڊپ کان وارا ڻاهي ڳوٺ تي پَهرا ڏيندا هيا. پر ڪُوچڙن جي گهر کي نہ پهرو هوندو هيو ۽ نہ ئي کين چوريءَ جي پرواھ هوندي هئي. اُهي سڄو ڏينهن لاسي گڏهن“ تي چڙهي پيا گهمندا هيا. آئون دوستن کان پڇندو هيس تہ هي چو ڪونہ ٿا پهرا ڏين؟ تہ وراڻيندا هيا ” پائو، ڪوچڙا پاڻ وڏا چور آهن ڪنهن جي ڦِتي آهي جو سندن لوڙهو لتاڙي؟ هونئن بہ پاڻ وٽ سنڌيءَ ۾ هڪڙي چوٽي مشهور آهي تہ جڏهن ماڻهو ڪنهن ڏکئي انسان مان ڦاسندو آهي تہ چوندو آهي ٻيلي هن ”ڪُوچڙي“ مان منهنجي جان ڇڏايو. سو واقعي اهڙيءَ طرح دشمن کي چنبڙندا هيا جهڙا ”چچڙ“ هجن. سندن ڪاٽ هٽڻ جي فن بابت تہ پائو عبدالقادر گهڻو ڪجھ لکيو آهي، پر هڪ نئين ڳالھ جيڪا مون ان وقت ڪوچڙن ۾ ڏٺي سا هئي جهنگ مان مال مارڻ. ڪوچڙا لاسي گڏهن تي چڙهي سڄو ڏينهن ماڻهن جو جهنگ ۾ چرندڙ مال پيا تاڙيندا هيا. ڪنهن ڏينهن ڌراڙن کان اک بچائي، ڪنهن ڪَچڙي گهيتي يا آئٺ جي مُنڍي مروتي، گهڙيءَ پلڪ ۾ ڪپڙي ۾ ويڙهي، لاسي گڏھ تي لانگ ورائيندا هيا. ڌراڙ ۽ ڏٽي رات جو مال سنڀاليندا هيا، ورندي ڏينهن تائين ڪوچڙن جي گڏهن جو نہ پير نہ کُر. نربت ڪوچڙي جي گهر وٽان گذرندي هميشھ سُوتلين ۾ پويَل گوشت اُس ۾ سڪندو ڏسي مون سميت گهڻن جو روح پيو پاڻي ٿيندو هيو، گهڻو پوءِ اهي ڪوچڙا هتان لڏي وڃي ٻئي هنڌ آباد ٿيا، ۽ ڌنڌو مٽائي لليچپ شروع ڪيائون. ان ڌنڌي ۾ بہ سندن علائقا ورهايل هوندا هيا. اڄ بہ ان ڌنڌي جا ماهر آهن.

ان زماني جي چورن جو چوڻ هوندو هيو، ادا ڏِس ڪاٽي ڪجي پر ڏِس ڪاٽي نہ ڪجي. راڄ، برادري، اوڙي پاڙي جي ننگ جو وڏو خيال ڪبو هيو، اهڙي هنڌان چوري ڪبي جتي ڪنهن ڏاڍي مڙس جو هٿ نہ هجي ۽ سنگت ساٿ جي بہ ميار نہ ملي، ڪوهن تان وڃي چوري ڪبي. اڄ جيان اوڙو پاڙو ڪونہ لڄائبو. پوءِ بہ جي ڪو اک پور اهڙو ڪُڌو ڪم ڪري ويو تہ ڪانئس ڳائي وڃائي، پاءُ پاڻي ونبو. سنگت ساٿ کي سَت سَتان ڪبي، ٻيلي مڙس کي چئو، وهنوار ڪري، پاڙيو نہ ٿئي، نہ تہ مزو ڪونہ ٿيندو! پوءِ بہ جي اڳلو نہ مڃيندو تہ پلاند ٿيندو. پلاند بہ ٽن قسمن جا ٿيندا هيا، پهرئين پلاند ۾ تہ چور صاحب

جي اوڙي پاڙي مان چوري ڪبي ۽ ڳالهين مهاڙين ڪان پوءِ چڱن مَڻن معرفت، ڪَنَ جي بدلي ڪَنُ ڏيندو، يعني ڏي ۽ وٺ.

ٻئي قسم جو پلاند تمام خطرناڪ هوندو هيو، جنهن ۾ وهنوار نہ ڪندڙ چور جي گهر تي هلان ڪبي، ڪاٺ هٿيوءِ ڪٽبا رڳو، زنانا ڪپڙا، گهوڙاٽن سان گڏ سنهي لاڪُڙ چور پريان ڪان ئي وڏيو ايندا، هر اڌ فرلانگ بعد زناني ڪپڙي جي ٽڪر جي جهنڊي ناهي اُيي ڪندا ويندا تہ جيئن ورهڙي وارن کي خبر پوي تہ ڪنهن مڙس ماڻهوءَ پلاند ڪيو آهي. اهڙا پلاند اڪثر ڪري ٻروچ قبيلن جا چور سماٽ جي چورن سان ڪندا هيا.

ٽئين پلاند ۾ اڳلي جومال ڪاهي، اوطاق تي ڪلئي عام ٻَڌبو هيو، ورهڙو ويجهو ايندو ڏسي، ڳوٺ جو ڏٽي، چار وکون پري اڳتي وڌي وجي، ورهڙي وارن کي چوندو هيو، ادا او اهو سامهون توهان جو مال ٻڌو بيٺو آهي، اسان جو توهان ڏانهن، فلاڻو کي فلاڻو وهنوار آهي، اهو وهنوار ڪري پنهنجو مال ڪاهي وجو. پوءِ ٿيندو هيو چوراڻو فيصلو ۽اهڙن چوراڻن فيصلن ۾ چوراڻا وَٿَ تمام گهٽا هلندا، فيصلو ڪندڙ ئي انهن چوراڻن وٿن کي منهن ڏيندو، عام ماڻهوءَ کڏهن اهو تصور بہ ڪونہ ڪيو هوندو تہ چور فيصلي ۾ اهڙي اڻ ٽيٽي ڳالهہ بہ رکي سگهي ٿو. چورن جا امين بہ چور هوندا هئا، فيصلن ۾ ڪيئن پنهنجي ڳالهہ رکجي، ڪوڙ کي ڪيئن سچ ثابت ڪجي، اهڙا گُر چورن ڪان ئي ڪو سکي. ان لاءِ هڪڙو قصو ڪندا هلون هڪڙي ڏاڍي مڙس چور ٻُڪ مان ڪنهن جي ڪٽڪ جي راهہ مان ٻوري پري ڪنئي، ٻئي ساڳئي ڳوٺ جا ۽ ويجها عزيز بہ هجن. همراهہ پير بہ ڊاهي ڇڏيا، مالڪ جو شڪ ڏاڍي مڙس تي هجي، ڳالهيون ٿيون، همراهہ ڳالهہ ڪرڻ سان قرآن ڪڻڻ لاءِ آتو هجي، فيصلو ڪندڙ بہ چور هيو، ڪيس شڪ پئجي ويو هن يار ۾ رولو آهي، هڪڙي منٽ لاءِ چور کي ڪچهريءَ مان ٻاهر ڪڍي ويو ۽ هوريان هوريان چيائين نياڳا تون بہ ٻوري تہ ڪا نئين ڪٽين ها انهي قاتل ٻوريءَ مان داڻا ڪرندا تنهنجي در تائين تہ ويا آهن!!. همراهہ بيوقوفيءَ مان ستر تي ڏڪ هڻندي چيو، نہ يار ٻوري تہ ڏسي وائسي نئين ڪنئي هيم، داڻا الائي ڪيئن هارجي ويا. ايئن چوراڻو وٺ ڪلي پيو ۽ همراهہ ڪٽڪ جي ٻوريءَ لاءِ ڪوڙو قرآن ڪڻڻ ڪان بچي ويو. چورن جي چڱي مڙس ڳالهہ کي ليءِ مِٽي ڪندي فتوا ڏني تہ همراهہ چور تہ ڪونهي پر جيئن تہ ڏٽيءَ جو ويساهہ آهي تہ سندس چور اهو ئي آهي، ان ڪري هيءُ ڇڪايل همراهہ ڪٽڪن لٽي، ٻوري ڪٽڪ جي پري ڏيندو.

ڪجهہ ڏينهن پهريان جي ڳالهہ آهي تہ هڪڙو بابا جو ساٺاري پوڙهو اچي نڪتو، ڪنهن زماني ۾ بابا سان گڏ مال چاريندو هيو، پوءِ پنهجو سوٽ قتل ڪري جيل ۾ ويو، اتان جي رنگ مان جڏهن رڱجي نڪتو تہ ڏاڍو مڙس چور ٿي پيو، اڄ پنجهتر ورهين جي ڄمار ۾ پاڻ پٽن پوٽن سميت ساڳيءَ ڪرت سان واسطو رکي ٿو، پوليس جو ٽپايل هجي، سو اچڻ ساڻ چيائين آئون تنهنجي پيءُ جو ساٺاري آهيان، وڏي هلندي پڄندي اٿئي، پيءُ جي قبر ڏي ڏس، مون بي گناهہ جي پوليس مان جان ڇڏاءِ. هڪڙو پٽ ۽ پائيٽو اڳ ۾ ئي چوري ڪندي جاڳي پيل پاڳيو مارجي وڃڻ جي سزا ۾ عمر قيد پيا ڪاٽين. هاڻ هن عمر ۾ آئون بہ ٿو ڪاٽ ۾ پوان. مون انهيءَ حد جي پوليس عملدار ۽ ناظم سان ڳالهايو. ٻنهي جو جواب هيو تہ همراهہ ڪنهن مسڪين جا ٻہ ڍور جهنگ مان ٻڌا آهن هاڻ ڏئي ڪونہ ٿو، هن ڪي موڪليو تہ فيصلي ۾ سنهن ساڪ ڏيئي پاڻ آجو ڪري ٻي صورت ۾ پاڳيو ساڪ ڪٽڻ لاءِتيار آهي ۽ هيءُ مال پري ڏئي. مون ان شخص کي جڏهن اهو جواب ٻڌايو تہ چيائين آئون ساڪ ڏيندس تہ بابا مون پنهنجي سر نہ مال ٻڌو، نہ ڏنو ۽ نہ وڪيو، مون چيو، چاچا پوءِ تہ تنهنجو ڪم ٿيو پيو آهي. مون ناظم کي وري فون ڪري همراهہ کي اوڏانهن روانو ڪيو، ٻئي ڏينهن ناظم فون تي اطلاع ڏنو تہ سائين هن جو مسئلو حل ڪونہ ٿو ٿئي، مون حيران ٿيندي چيو، ادا هيءُ ساڪ ڏيڻ لاءِ تہ تيار آهي!!. ناظم وراڻيو سائين اوهان کي چوراڻو وٺ سمجهہ ۾ ڪونہ آيو، هيءُ بہ سچي ساڪ تو ڏئي تہ هن نڪي مال ٻڌو ۽ نڪي ڏنو، اهو سڀ عمل هن جي ڪنهن پٽ، پائيٽي يا پوٽي ڪيو آهيءِ پاڳيو دانهيندڙ هن تي آهي، ان ڪري هيءُ ساڪ ڏيڻ لاءِ صحيح آهي، باقي اولاد ۽ عزيزن جي ساڪ ڪونہ ٿو ڏئي.

ڪافي چور سرزمين تي ٻڌجي پوندا هيا، ڪي پنهنجي بي عقليءَ سان ٻڌبا هيا تہ ڪي پاڳين جي همت سان. پر چورن کي ٻڌندو هميشهہ چور هيو، ڇاڪاڻ تہ ڪيس ئي چور جي گذرڻ جي گهٽن ۽گهيڙن جي خبر هوندي هئي، باقي الهڙ پاڳين کي تہ چور گهوٻاٽن سان اڏاري ڇڏيندا هيا. بي عقليءَ سان ٻڌل چورن ۾ هڪڙو لڏو شر بہ هيو، ڪجهہ همراهہ لڏي سان گڏ ڪنهن ڳوٺ ۾ چوريءَ تي ويا، پاڳيا جاڳي پيا هڪل ٿي تہ وني پڳا، لڏو، پڄندو پڄندوسامهون نندڙن لاٽن ۾ وڃي لڪو، پاڳين ڏٺو تہ چور هتي ئي لڪو آهي، ويجها ويندا سون تہ ڪتي گهوٻاٽو يا پستول هڻي ڦٽڙ نہ ڪدي وجهي. پاڳين جي ڪُتي جو نالو بہ لڏو هيو، سو وني پنهنجي ڪتي کي زور زور سان ڪوڪاريائون تہ لڏو، لڏو، لڏو. هوڏانهن لاٽن ۾ وينل همراهہ سمجهيو تہ مار هنن تہ مون کي سڃاڻي ورتو آهي، جو

منهنجو نالو زور زور سان پيا وٺن. ان ڪري مانڙي ڪري ڏاڙهي گنهندو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ پاڳين کي چيائين، ابا ليندا سين نہ تہ ڪاڏي ويندا سين“. پوءِ تہ پاڳين اهڙي ڪيس جهڙي ٻُرڙي ڪئي ٻارن سان.

اهڙي هڪ ٻي بہ ڪهاوت آهي تہ ڪنهن ڳوٺ ۾ چور پيا تہ پاڳيا بہ جاڳي پيا، را، را، ٿي، هڪڙي ڊِڄٽي همراهہ ڪُڏ ٽي چڙهي وٺي رڙيون ڪيون تہ اتريون پاسو سنڀاليو، چور اتر طرف بابي جي گهاتي سرنهن ۾ لڪي ويندا، چورن جو ٻڌو تہ اترئين پاسي لِڪڻ جي جاءِ آهي باقي سڄو ملڪ پونو لڳو پيو آهي، چونہ ان طرف ڀڄون، سو جڏهن اوڏانهن ويا تہ خبر پئي تہ اتي پونو ئي پونو هيو، همراهہ سوگها ٿي ويا. جڏهن ٻَڌي، اوطاق تي آندائونِ تہ رڙين ڪرڻ واري ڳوٺ وارن کي چيو ڪيئن ٽا ڀانيو منهنجي ڪاريگريِ؟ ان تي ٻڌل چورن همراہ کي چيو هيو، ٻڌجي اسان بہ پياسون باقي پٽهين جي گهاتي سرنهن اسان بہ ڏٺي.

ان زماني ۾ ٻڌل چور سان وڙهڻ کي عيب سمجهيو ويندو هيو، چوندا هيا تہ ادا ڪوبہ مڙس ماڻهو پاڳيو ٻڌل چور سان ڪونہ وڙهندو. جيڪر ڪوئي ڪنهن ٻڌل چور سان وڙهيو تہ چوندا وڏو ڪو. ياڙيو آهين. پر ڪي ڪي پاڳيا انهن ريتن رسمن بجاءِ ٻڌل چور جي لاڪ لاهي ڇڏيندا هيا. اسان جي تر جو هڪڙو چور جنهن جو نالو خان هيو، ان کي دلشاد شاخ جي مگٽهارن سرزمين تي ٻڌو هيو، اهڙي تہ حالت ڪيائونس جو الائي ڪيترا سال پيٽان رت هلندو هيس، اولاد کي بہ چوري نہ ڪرڻ جون نصيحتون ڪندو وتندو هيو، پر افسوس جو سندس اولاد انهيءَ نصيحت تي عمل نہ ڪيو.

ڏاڍي مڙس چور کي جيڪر پوليس جهليو تہ ٽاٽي ۾ پلي ڏينهن گذري وڃن پر ماني نہ ڪائيندو، چانهہ جي ڪوپ ۽ بسڪوٽ تي پيو گذارو ڪندو، پلي تہ سُڪي”ٻڙهو“ ٿي وڃي. پوليس جي مار بہ اهڙي ڳري هوندي آهي، جو جهڙي تهڙي جي ڪٽڻ جي جاءِ ڪانهي، ڇگن ڇگن جا ٻرڙات نڪريووڃن، ٽاٽي ۾ ٻڌل چور ماني انهيءَ ڪري ڪونہ کائن جو متان پوليس جي مار ۾ دست نڪري وڃن. مار بہ عجيب قسم جي هوندي آهي انساني قد جي ڊيگهہ جي حساب سان چار ڪلا ڪوڙيل هوندا آهن، چور صاحب کي نانگو ڪري انهن ڪلن جي وچ ۾ منهن پر ليٽايو ويندو آهي، سندس هٿ ۽ پير ڇڪي انهن ڪلن ۾ ٻڌا ويندا آهن، ان بعد چمڙي جي نهيل سچ پٽري يعني سچوءِ سان سندس ٻنڊڻن تي وسڪارو ڪيو ويندو آهي، چور جي جيڪر ماني ڪاڌل هوندي تہ دست هٽي ٽاٽو پري وجهندو، انهيءَ مار جي عمل مان ڪو ڪو ڇڙهندو آهي.

جيڪو ٻنڌڻ ڪُتائي مار مان چڙهيو اهو وڏو نالي وارو سڏبو، خلق دعوتون ڪندس، مار جا قصا ڪٽي ٻڌائيندو. جيڪو مار ۾ ڪچو ٿيو ۽ اڳيون، پويون، ٽيون، ٽينديون، ڪيون، نہ ڪيون سڀ باسيائين، راڄ مڙسن جا ٻڌرايائين. ان کي چوندا اهو گوال ٿيو آهي، اهو گوالپ پيو ڪري وغيره وغيره. ڪي اهڙي ماڻهوءَ کي جوٽت بہ چون، يعني ادا فلاڻو پوليس وٽ جوٽيون پيو هڻي. ڪو مڙس پوليس جي ڏپ مان هميشه لاءِ پوليس جو انفارمر ٿي ويندو تہ ڪيس چوندا پوليس پٽيل. چي ادا فلاڻو پاڙيو هاڻ پوليس جو پٽيل ٿيو وتي.

ان زماني ۾ پوليس جو دٻدٻو ڏسڻ وٽان هوندو هيو، ڪٿي اوڙي پاڙي ۾ ڪا چوري ٻُڌبي تہ چورن جي بدن مان سيئاڻبو نڪري ويندو هيو، ڪن لڪائڻ ۾ پورا هوندا هيا، هوٽلن تي لانگون هڻڻ بند ٿي ويندون هين، پوءِ بہ راڄ ٻَڌبا ۽ ڪُٽبا هيا. مٿوءَ نالي اسان جو هڪڙو پورڙو عزيز آهي، هڪ ڀيري کهاڙي ڪٽيو ٻارهين ميل تي پئي ويو، ڪنهن چيس پائو ٻارهين ميل تي پوليس بيٺي آهي ۽ تنهنجا بہ چوراٽا مهاندا آهن، ڪٿي جهرڙجي نہ وڃين. همراهہ اتان ئي واپس وريو، هرڪنهن کي چوندو وتيو، يار اسين اڄڪلهہ هوٽلن تي ڪونہ وڃون، چور تہ ناهيون پر چوراٽا مهاندا اٿئون ان ڪري پوليس ٻڌي وٺندي.

ملڪ جي مُک منصف اڄڪلهہ جي پوليس کي ٽين جنس ڪري وڏو آهي. گڏوگڏ مشرف جي نئين پوليس آرڊر موجب آپريشن ۽ انويسٽيگيشن جا شعبا الڳ ٿيڻ سان بہ چورن جو پلو ٿيو آهي، هاڻي حالت اها آهي تہ آپريشن وارو صوبيدار ايف آئي آر ڪاٽي، انويسٽيگيشن ڏانهن موڪليو پاڻ تان بار لاهيو ڇڏي. انويسٽيگيشن وارن جي وري کهڙي ڳالهہ ڪجي، ايئن ٿو لڳي ڀانءِ جوابدار جي ڳوٺ ڪا ”فاتح پڙهڻ“ لاءِ ويا ۽ پيرو ڏيئي موٽي آيا. بس ڪاغذي ڪارروائي ويني ويني پوري ٿي ڪيس ڪورٽ پهتو يا نيڪال ٿيو نہ ڪنهن کي لهر نہ لوڏو.

اڄڪلهہ جي ڪميونيڪيشن جي دور تہ چورن لاءِ ويتر وڏيڪ آساني ڪري ڇڏي آهي، پڪن روڊن ۽ موبائل فونن جو جهڙو چور ڏڏيءَ استعمال ڪيو آهي اهڙو ٻئي ڪنهن بہ نہ ڪيو هوندو، اڳي ڊور ڊگهو ڪاهي ڪوه پنڌ جا هڻي ڪنهن روڊ تي چاڙهبو هيو، هاڻي هنڌين ماڳين روڊ رستا ٿي پيا آهن، ڊگا ويچارا تہ سنڌ سونهاريءَ مان ويا پر هاڻ چور صاحب، ماڻهن جون مينهون ڪاهي، پاڳئي جي گهر ڪان ٻاهر نڪري، موبائل فون تي ڌاڙسن پڪ اپ گُهرائي، مينهن پٽاري ڌاڙسن ۾ هڪيو وڃن ڇا جا پير ڇا جو ورهڙو؟

هاڻ وري هلون ٿا اصل قصي ڏي، يعني غربت جي يادن کي تازو ڪرڻ، سو غُربت جي ڏينهنِ جِي هِڪَ هِڪَ گهڙِي، هِڪُ هِڪُ پَلُ، هِڪَ هِڪَ ساعِتَ، اندر جي ڦرهيءَ تي اڄ تائين

اُڪري پئي آهيءَ وِسرڻ جوڳي ئِي ناهي. اُهي ڏينهن، اُنهن ڏينهن جون مَحروميون ۽ مَجبُوريون، سنگدل مُعاشري جي ظالم ماڻهن جا اُهي طعنا ۽ تُنڪا، رَڪِي رَڪِي اندر مان نڪتل اُهي آهون ۽ شوڪارا، ڏُکن ۽ بُکُن مان پَريل اُهي سُڏڪا، اڄ بہ ڪنهن پراڻي فلم جيان تحت الشعور مان نِڪري، اکين آڏو ڦِرندا رَهن ٿا. ايئن ٿو ڀانيان، ڄڻ هينئر ئي، ڪلاڪ اڌ پهريان اُهو سُورُ پوڳي آجو ٿيو هُجان. ڀانءِ سَنڌُ سَنڌُ، سُورن سان ساڻو هجيم. ڀانءِ اَنگُ اَنگُ، واڻن تي وينل واسينگن جي ڏنگن مان ڏنگجِي زهر ۾ چُور چُور هُجي.
ڀانئيان ٿو تہ اها 81 جي پَڇاڙي هُئي، واهوندي جا واءُ وريا هُيا ۽ سَرَ نِسريا هُيا، تڏهن ماساتِ معصوم جميلہ کي جنميو هيو. گهر ۾ اَٺهوُند وارا شُڪرانا ۽ خوشيون ڪيون هُيون سين. ضيائي ڏاڍِ ۽ جبر جي ڏينهنِ ۾ اُوئان اُوئان ڪري سنڌ ڌرتيءَ جي سِيني تي پنهنجي آمد جو اعلان ڪندڙ، هن ننڍڙيءَ جي ڇَٺيءَ کي اڃان ڇهَ ڏينهن ئي مَس گُذريا هوندا جو سندس طبعيت اوچتو هِيٺي ٿيڻ لڳي هئي، اُنهيءَ اَياڳِي ڏينهن هميشہ جيان گهرَ ۾ هِڪ رُوپيو بہ نہ هُجيمِ. ان ويلَ ماساتِ جي ماءُ واري مامتا، سوالي انداز ۾ مجبور ۽ پِنل نماڻا نيڻ مون ڏي ڪٽي، ڪجھ تڙپي، ڪجھ ڦَٿڪي، نيٺ اندر جي لوڇ پوڇ نہ روڪي سگهي تہ ڏُنيڪارون ڪري رُني ۽ رَڙي، ٻيلي! وارو ڪر!!، مُنهنجي نِياڻِي هيڊِي پِيلي ٿيندي پئي وڃي ٻيلي! وارو ڪَر، ڪُجھ ڪر!!!“.
ياد اٿمِ، ان ڏينهن هوائي چمپل جي سَٽڪ سَٽڪ ڪري، ڳوٺ جي هر سُڪئي ۽ سَرند جي در تي، هِن گهرَ کان هُن گهَرَ تائين چار ڏوڪڙ اوڌارا وٺڻ لاءِ ڊوڙيو هيس، اُن ڏينهن تَهِ سياري هوندي بہ منهنجوپگهر نہ پئي سُڪو. نيٺ وَڏيءَ جاڪوڙ بعد هيڪُوڻ جي ٻِيڻ تي ڪنهن سُڪئي ستابي، وڏو ٿورو ڪري، چار پئسا ڏِنا هُيا. اسان جلدي جلديءَ ۾ ٽيڪسي ڪَري، ننڍڙيءَ کي کڻي، اسپتال لاءِ نِڪتا هُياسين. ان ڏينهن سمي جوٽيجي جي قِتل ڳوٺ واري ڪلراٺي رستي کان ٿيندا، جڏهن سنڌڙي ميرپورخاص روڊ جي ويجها ٿيا هياسين، تہ پري کان ئي روڊ تي رُڳي خاڪي ئي خاڪي پئي ڏسڻ ۾ آيا. اک جي نهار تائين سيوڪجھ سندن جي گهيري ۾ هُيو. پَڪِي پَڪڻ بہ پئي هڪليائون، مون ۽ ماساتِ ٻيوسيءَ مان هڪ ٻئي ڏي نهاري، وري ننڍڙيءَ ڏانهن ڏٺو هيو، ۽ الائي ڇو ٻِنهي جي اندر مان هڪ ئي وقت ٿڌو شُوڪارو نڪتو هيو.!؟ ۽ پوءِ گاڏي پڪي روڊ ويجهِي ٿيندي ئي، خاڪين جي بندوقن جا نال اسان ڏانهن سڌا ٿي ويا هيا. بندوقن جي گهوڙن تي سندن آڱرين جي سختيءَ کي محسوس ٿيندي ڏٺو هيم. ۽ جڏهن ڊرائيور ڊپ مان گاڏيءَ کي بريڪ هنئي هئي، تہ اسان ٻنهي جا خيال ميرپورخاص جي اسپتال کان اوچتا موٽي سنڌڙي

ايئرپورٽ جي روڊ تي پُهتا. جتي ڊرائيور روڊ بلاڪ هُجڻ جو حڪمنامو ٻُڌي رهيو هيو، ان ويل ايئن لڳو پاڻ اوچتي مَتان ڪا وِڄَ اچي ڪَڙڪِي هُجي. بيوسيءَ ۽ لاچاريءَ مان هڪ ٻئي ڏي نِهاري اَڪين ئي اَڪين ۾ هاڻ ڇا ٿيندو جا سوال ڪياسين. پوءِ ٻه منهنجي رُوح ڪي سَٽَ آئي، ٽُپ ڏئي گاڏيءَ مان لَٿُس۽ ڏڪندڙ ٽَنگُن سان خاڪيءَ سپاهيءَ ڏانهن وَڌِيُس. سپاهي، جنهن جي جديد بندُوق جونالُ اڳَ ئي مون طرف هيو، تنهن پنهنجو هَٿُ وڏيڪ مضبوط ڪندي مون ڪي اڳتي وڌڻ ڪان روڪيو. تڏهن اُتان ئي نِماڻي انداز ۾ هٿ ٻَڌي عَرضُ ڪيو هُيم، سائين! مُنهنجي معصوم نياڻيءَ جي طبيعت تمام گهڻي خراب آهي، مهرباني ڪري اسان ڪي روڊ سان وجڻ ڏيو.

منهنجي سوال تي خاڪي خود تہ بُت بڻيو بيٺو رهيو، هن پاران سامهون بيٺل ڦُولن واري خاڪيءَ منهنجي التجا ٻُڌي، اڳتي وڌي، زوردار آواز ۾ چيو، اَڄُ گورنر سنڌ ۽ ڊپٽي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ليفٽيننٽ جنرل جهانداد خان، سنڌڙي ايئرپورٽ جي افتتاح تي اچي رهيو آهي. اُن ڪري هيءُروڊ ٽن ڪلاڪن تائين بند رهندو، توهان بعد ۾ اسپتال وڃجو. سندس جواب ٻڌي منهنجي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا هيا. ۽ همت ڪري وري ٻہ هَٿَ ٻَڌِي عرض ڪيو هيم، سائين ٽِن ڪلاڪن ۾ تہ منهنجي نياڻِيءَ جو الائي ڇا ٿيندو؟ خاڪيءَ خفي ٿيندي چيو هيو، جيڪڏهن مَري ٻہ ٿِي تہ پَلِ مَرِي وڃي، پر اسين پنهنجي قانون تي مڪمل عمل ڪندي ڪنهن ٻہ گاڏيءَ ڪي ٽِن ڪلاڪن تائين روڊ تي اچڻ ڪونہ ڏينداسين ۽ هو مُنهن ڦيري بيهي رَهيو هيو. سندس جواب تي ڪي گهڙِيون تہ آئون پنڊ پاهڻ ٿيو بيٺو رهيس. سِپاهيءَ جي بندوق اسان ڏي تاڻيل ئي رهي. اُن ويل آئون، زنده لاش جيان رڙهندو واپس گاڏيءَ وٽ آيو هُيس. تڏهن سادڙيءَ ماساتِ چيو هيو، ماساتَ! هِنِن ڪي چَئُہ نہ، تہ پاڻ هندستاني ڪونہ آهيون، او، هُو سامهون گهرن ۾ وينل شر ٻروچ آهيون ۽پاڻ ڪي وجڻ ڏين. مون هڪ ڀيرو وري پوئتي نهاريو هيو بندوق سِڌي ڪري بيٺل سپاهيءَ طرف، پر منهنجي چپن مان نہ ماساتِ لاءِ ڪو جواب اُڪليو هيو ۽ نہ فوجيءَ سان ڳالهائڻ جي هِمت ٿي هُيم. ها، سوچيو ضرور هيم تہ، اسان جي ئي اڻ سِڌي ۽ سِڌي ٽيڪس مان پگهار کڻندڙ اسان جو ملازم اسان تي ئي بندوق تاڻي بيٺو آهي. مالڪ ۽ ملازم جي تميز اِڄها اِها رهي آهي هِنَ مُلڪ ۾ ؟؟؟

ها وري سوچيو هُيم، جنرل جهانداد خان، گورنر سنڌ جو آهي، سِنڌي عوام جي ڏِنل ٽيڪس مان پگهار کڻي ٿو. جاءِ بجاءِ تقريرن ۾ چوندو وتي، تہ اسين عوام جا نوڪر آهيون. پوءِ اَڄُ هِيءُ روڊُ بند ڇوڪيو اَٿنِ؟ ڇا عوام جا نوڪر عوام کان ڊڄن ٿا!!؟؟ وري سوچيو

هيم، هي خاڪي عوام ڪان پلا ڇو نہ ڊِڄن، مُجيرين مان سيني ڪان ڏاهي ماڻهوءَ ذوالفقار علي ڀُٽي کي مُلي مشتاق هٿان ڪُوڙي فتوا ڏِياري، راولپنڊيءَ جي ڪُوفي ۾ ڪال ڪوٺڙين اندر ڇِيچائي، ڇِيچائي ماري ڇڏيائون. مُنهنجي يار نذيرعباسيءَ کي بہ تہ ڇيچائي ڇيچائي، الائي ڪيترا عذاب ڏئي ماري ڇڏيائون. ڪو داد ٿيو نہ فريادُ ٿيو!!!. هي جي لَکين، هزارين ماڻهو ٽُرمن ۾ واڙي ڇڏيا اٿائون، سندن نازُڪ، نفيس، پاڪ ۽ پوتر انگن تي پَليت ڪوڙا وَسائي، سندن گلون اُديڙي ڇڏيون اٿائون. هن ملڪ ۾ هاڻي ٻاهر تہ مُون جهڙي ڊاڊ ڊُوڊِ خلق ٻَڇِي آهي، اُنهيءَ ڪان بہ ڊَپُ اٿن!!؟ انهن سوچن سان گڏوگڏ اکيون گهڙيءَ گهڙيءَ ڊرائيور جي واچ ڏانهن کڄي ٿي ويون. پندرهن منٽ گُذريا، گاڏيءَ ۾ مُنهن هَٽِي، ماساتِ ڪان پُڇيم ڏي خبر!!!؟ ماساتِ جوڳُوه جي تري مان ٻُڏل آواز آيو، ڪڪي پَلَ پَلَ پوئتي ٿيندي وڃي. ڇيوهيومانس ماساتِ!! الله تي رَکُ، سڀ خير ٿيندو!! دل نہ لاهِ. وري واچ ۾ اکيون وڌم، اڌ ڪلاڪ گُذريو، ڪلاڪ گُذريو، ياد اٿم ڊرائيور کي ڇيو هيم، پائو تنهنجي واچ جا ڪانٽا خراب تہ ناهِن؟!واچ بيهي تہ ڪونہ رهي اٿئي؟ جواب ڏنو هيائين، نہ نہ اوهان ڪان پريشانيءَ ۾ وقت نٿو گذري!! ۽ پوءِ الائي ڪيتر ڀيرا گاڏيءَ ۾ مُنهن هٽي ڇيو هيم، ماساتِ خبر ڏي!!، ماساتِ هاڻ ٻُڌاءِ!!!، ماساتِ ڪڪيءَ جي خبر ڏي!!!".

ان ڏينهن جو پَلُ پل ڪنڊن جي سيج تي پاڻ کي پيرن اگهاڙو ٻِينل پانيو هُيم، ياد اٿم، هڪ ڀيرو وري خاڪِين کي آزيون، نيازيون ڪيون هُيمِ ۽ ٻانهون ٻَڌيون هيم، سائين مهرباني ڪريو.!! صاحب مهرباني ڪريو!!. اُن ڏينهن انتظار جا ٽي ڪلاڪ، ٽن ڏينهن ڪان بہ وڏا ٿي پيا هيا، اصل ٻنهي وڏا ٿي ويا هيا. آنڌ مانڌ ۾، اڻ تڻ ۾، ڳِٽين ۾ اکيون پُسائڻ ۾، پوڻا ٽي ڪلاڪ گذاري وياسين، تڏهن ڏُور ڏکڻ مان سائرن جي آواز تي سرير ۾ ساهُ پيو هيو، جانُ روڊ ڪُليوءِ اسپتال پُڳاسين. گاڏيءَ ڏي ڊوڙيُس ماساتِ! جنرل اچي پيو، بس، اجهو روڊ ڪُليو، ننڍڙيءَ جي منهن تان ڪپڙو لاهِ تہ ڏِسان. ماساتِ سندس منهن تان ڪپڙو هٽايو، گُلن جيان ٻهڪندڙ چهرو هيدو پيلو هُيس. نيڪ ان ويل اوچتو هِڇڪي آيس، هڪڙي، ٻي، ٽين ۽ بس. ڏٽيءَ جي شئي ڏٽيءَ ڏي واپس وڃي پُهتي. ماساتِ جي رِيهہ ءِمنهنجي اوڇنگار يڪ آواز ٿي فضا ۾ گونجيا. ڊيوٽيءَ تي بيٺل، خاڪي الرٽ ٿيا، متان جنرل صاحب جي جلوس کي ڊِسٽرب ڪرڻ لاءِ رڙين جو ڊرامو ٿا ڪَن. ان ئي ويل گاڏي ۾ واپس موٽياسين، روئيندي، سُڏڪندي ۽ سوچيندي تہ، هيءُ قتل آهي، قاتل تي FIR ڪَٽِجڻ گُهرجي، مُنهنجي گلن جهڙِي نياڻِي، هڪڙي ڊڪٽيٽر مارِي آهي، هڪڙي فوجِيءَ

مارِي آهي، مَتس ڪيس داخل ڪندس!!. وري سوچ آيم، ڪيس ڪِيئن داخل ٿيندو؟؟؟ ڪهڙي صوبيدار ۾ دِل آهي؟؟؟؟ ڪهڙي جَجَ ۾ دِل آهي؟؟؟؟؟ تڏهن هٿ کڻي، اُڀ ڏي نهاري چيم، اي خُدا منهنجو تنهنجي ڪورٽ ۾ فرياد آهي، جي تون رحيم ۽ ڪريم آهين ته پڪ سان مُنصف به هوندين، اڄ جيڪر هيءُ روڊ بند نہ هُجي ها ته مُنهنجي معصوم گُلن جهڙي نياڻيءَ جي حياتي بچي پوي ها.!!!!. اي خُدا!! اڄ پنهنجن پاڪ فرشتن کي حُڪم ڏي ته مُنهنجو فرياد لِکن، ۽ قيامت جي ڏينهن مون کي هنن ظالمن، غاصبن ۽قاتلن کان حساب وَٺي ڏِين. جيڪي مُنهنجا پگهاردار هوندي به منهنجي نياڻيءَ جو قاتل آهن، اي خُدا!!!! اي خُدا!!!!!.

ايئن ڏاڍن ڏُکن ۽ سورن سان ظالم وقت جو گاڏو گيڙ‌ِيندي، اچي ڊسمبر1983 جي ڏهين تاريخ تائين پهتو هيس. اُهو جُمعي جو ڏينهن هيو. هرڪو معمول جا ڪم ڪار لاهي اوطاق جي آڏو بينل تالهين ۽ سرينهن جي وڻن جي ڇانو هينان رڪيل کٽُن ۽ تئونرين تي، ٽڪ پجڻ ۽ ڪچهري ڪارڻ مِڙيو هيو. تڏهن اسان جي گڏيل اوطاق منهنجي موجوده گهر جي جاءِ تي هُئي. اولهہ طرف هڪڙيءَ ڪَچيءَ ڪونيءَ ۾ اسڪول جي اڳيان ٽي عدد تالهين جا وَڻَ هياءِ هڪ تمام وڏو سرينهن جو وڻ پڻ هيو. اُهي وڻ ئي اصُل ۾ اوطاق جو ڪم ڏِيندا هُيا. انهن جي اولهہ طرف رائت مل جي اڳوٽي ڪوٽ ۾منهنجو گهَرُهيو. اوطاق، اسڪول ۽ گهر جي وِچان گُذرندڙ شاهي رستو تنهي کي الڳ ڪري بيٺو هيو. گهر جو ڪوٽ صرف پنج فوٽ جو هُيو. رستي سان ٽريڪٽر ٽراليون يا ڊِگي گاڏيون گذرنديون هُيون ته به منهنجي گهر جو پردو نہ رهندو هُيو. مون ۾ نہ ئي ايتري سِگهَ هُئي جو ڪوٽُ مٿي ڪرائجي ۽ نہ هُئي ايتري طاقت جو ڪنهن کي روڪجي ته هتان هيٺ لهي گذرندو ڪر. بَسِ ڪڏهن ڪا ڊِگي گاڏي، ڪو ٽريڪٽر يا ڪا ٽرڪ گُذرندي هُئي ته اکيون پوري ڇڏيندو هُيس ياڻءِ ڪجهہ به نہ ڏٺو اٿم. ڪنهن به منهنجي ٻچڙن ڏانهن ڪونهي نِهاريو.

ڳالهہ پي ڪيم ڏهين ڊسمبر 1982جي، سو انهي ڏينهن اسان جي مسيت جو پيش امام مُلو ابراهيم، انهيءَ رستيءَ تان گذريو پئي. اولهہ طرف منهنجي گهر مان مُبارَڪون، مُبارَڪون ٻُڌي ڪَنرايائِين، ته منهنجي گهر ۾ پٽ ڄمڻ جي خبر پِيس، ڊوڙي پري کان ئي مبارڪ ڏيندي چيائين اميرا!پهرئين پُٽَ جون مُبارَڪون هُجنئي، هاڻ مون کي کير پيار". اُن زماني ۾ رواج هُيو ته پهرين پُٽَ جي مبارڪ کڻي ايندڙ کي کير پيارڻ لاءِ پلوڙ مينهن يا ڍڳي ڪِليءَ تان ڇوڙي ڏِبي هُئي. پَلِي ته مالڪ جي دَرَ تي هِڪڙي هُجي ۽ جي نہ هُجي ته قرض کڻي به مبارڪ آڻيندڙ کي کير پِيارбو هيو. اُن ڏينهن اسان جي گهر ۾ صرف پنجاهہ روپيا

هُجَنِ، سي بہ صُبح مَردان ڪيسي ۾ وِجهي نڪتو هُيس تہ خاڪو مينگهواڙ ڪي شاديءَ جوپُوئو ڏيندس. مُبارڪ ملندي ئي ڪيسي ۾ هٿ وِجهي، اهو پنجاهہ جو نوٽ مُلي ابراهيم جي هٿ تي رکيم. مُلي ڦيرايائين نوٽ کي اُبتو سُبتو ڪري ڏٺو، پوءِ مون ڏي ڏسڻ بجاءِ، ساڄيو نوٽ هٿ ۾ جهلي، پرسان بيٺل بابا ڏانهن التجائي نظرن سان نهاريائين. بابا جون سواليہ نظرون منهنجي نظرن سان مليون. مايوسيءَ مان ٻنهي ڪٽي ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو، مُلي ابراهيم بہ اسان جي نظرن جي بيوسي پڙهندي، نوٽ ڪٽي ڪيسي ۾ وِڌو، ۽ پنهنجي گهر هليو ويو هيو.

هاڻي تہ سُڌريل زمانيءِ اسان پاڻ کي پڙهيل لکيل سڏائي، وڏڙن جي ريتن رسمن کي ڪَڍي، پنهنجي پيرن تي جڻُ تہ ڪُهاڙو هنيو آهيءِ حالتون ائين وجن ٿيون آهِن جو پاڙي ناهي پروڙ تہ ڪا رات رنجائي گُذري. اڳي ائين ڪونہ هيو، ماڻهو مرڻي پرڻي، هڪ ٻئي جي مالي مدد ڪندا هُيا، پُٽ ڄمڻ تي روڪڙيون مُبارڪون ڏِبيون هُيون، وڳا ڪپڙن جا ڏِبا هيا. ڌيءَ جي ڄمڻ تي بہ روڪڙا نہ تہ بہ ڪپڙا لازمي ڏبا هيا. ائين گهر گهر مان ڪپڙا ملڻ سان غريب ماڻهو جي ٻار جو سال ٻن جو ڪپڙو لٽو ٿي ويندو هُيو. پُوئو بہ ساڳيءَ رسم سان جُڙيل هيو ۽ اهو بہ ڪاج ڏٿيءَ جي مالي مدد جو طريقو هيو. جنهن کي هاڻوڪين رسمن ڪاروبار بڻائي ڇڏيو آهي. ائين ئي جيڪرڪتي ڪو مرڻو ٿيندو هُيو، تہ سانده ٽي ڏينهن اُنهيءَ ماڻهوءَ جي گهر ۾ چُلهہ ٻرڻُ نہ ڏبي هُئي. ڪانڌي، ٽڏي تي پهچي دُعا گهري جيڪا رب جي رضا چوڻ سان گڏ پنج روپيا يا ڏهہ روپيا في گهَرَ، ڏکويل جي ڪنهن ويجهي عزيز آڏو رکندا ويندا هُيا. جنهن کي ڇاڙهہ چئبو هيو. ائين مرڻ واري جي پونيرن وٽ ايتري روڪ رقم گڏ ٿي ويندي هُئي، جو جيستائين غم مان نِڪرن، ڏُک مان نڪرن. ڪنهن روزگار جو ٻِلو ڪن. ايستائين سندن گذر سفر لاءِ ٻن چئن مهينن جيتري روڪ رقم وٽن موجود هوندي هُئي. سو ڳالهہ پئي ڪيم پُٽ جي پيدائش جي، شام تائين اوڙي پاڙي راڄ برادري مان جنهن بہ پَنڪي جو وَرُ ڏنو هُيو، سو ڏهہ روپيا ويهہ روپيا روڪڙيءَ مُبارڪ ساڻ ڪٽي آيو هيو. سج لهڻ تائين سڄا سارا ڇار سئورپيا ڪيسي ۾ جَمعُ ٿي چُڪا هُجنم. سُتيون، ڦڪيون ۽ دائِين جا خرچ بہ اُنهن چئن سون مان ٿي ويا هيا. اُنهيءَ رات خواب ۾ شهيد نذير عباسي وري ڏِٺو هيم، چوي پيو، تون مون لاءِ رُنو هُئين نہ، ڏس آئون تو وٽ ٻئي جنم ۾ آيو آهيان، هاڻ تہ راضي آهين نہ؟

ڇَٺيءَ تي ديگڙو پت جو لاهي نندڙي جو نانءُ بہ نذير رکيو هيم، جيتوڻيڪ امان ۽ بابا منع ڪئي تہ پُڇهين نذير عباسيءَ جهڙو نہ ٿيو تہ نالو گرندو. پر سندن چوڻ نہ مَڃيو هيم. قدرت

جي ڪرٽي اهڙي ٿي هئي جو ٿورن ڏينهنِ ۾ بابا جو اهوئي مُرشد پيربقا محمد قريشي وري آيو هيو. جنهن اڳي منهنجو نالو به عارب مان ڦيرائي امير بخش رکيو هيو. سو مرحوم هڪڙو زنده اولياءُ هُيو. منهنجي پٽ جو نالو ٻُڌي مون کان شهيد نذير عباسيءَ بابت مُڪمل معلومات ورتي، فيصلي جي انداز ۾ چيائين ته هن ننڍڙي جو نالو نذير بجاءِ خادم حسين رکو. پير بقا محمد جي ايتري هشمت هوندي هئي جو ڪنهن کي همت نه ٿي جو پير صاحب کي جواب ڏيون، اِئين هڪ هفتي ۾ منهنجي پهرئين پُٽ جو نانءُ نذيرمان ڦري خادم ٿي ويو هيو.

اڳئين زماني جا وڏڙا چوندا هيا، ته ابا انسان کي اعزرائيل جي اچڻ جا پروُڻ چاليهه ڏينهن اڳ ئي پئجيو تا وجن. سو بابا کي الائي ڪهڙا پسُوڻ پيا جو جنوريءَ جي پڇاڙيءَ ۾ فيصلي ڪُن انداز ۾ اعلان ڪيائين، ته خادم جو عقيقو ڌُوم ڌام سان ڪَبو. بابا کي چيم، ابا، پنهنجي گهر ۾ ته ڪِي ڪينهي، عقيقو ڪيئن ڪبو؟ وراڻيوهيائين نواب صاحب منهنجي پوٽي جي خوشي آهي، اُن ۾تنهنجو ڪجهه به ڪو نه وڃي، اهو منهنجو ڪم آهي. ته چا ٿئي ٿو، ڪيئن ٿئي ٿو ۽ ڪير ڪري ٿو. ائين خادم جو عقيقو ٿيو هيو، وڏي ڌوم ڌام ٿي هئي، وڏا راڳ رنگ به ٿيا هيا. قرض تي ڪنيل سامان جو قرض، عقيقي جي مبارڪن مان ئي لٿو هيو، بيو ته نهيو پر چار ٽڪا بچيا به هيا.

اُنهي زماني ۾ هڪڙو رواج هوندو هيو ته ڪاچَ ڏٽيءَ کي راڄ برادريءَ وارا، ڪاچ جي ڏينهن مُنجهائيندا هُيا، پوڳن پوڳن ۾ ته جيئن پُل چُڪ ۾ ڪنيار کي ڪنڊ ڪٽڻ يا ڪائڻ جو چوي يا مگٽهار کي دالِ جو ڏسُ ڏئي ۽ اُهي مُڙس مَچرجي ڪپڙا ڦاڙي ٻيهن. چون ٿا ته گهٽا ورهيه اڳ هڪڙو ڪنيار گهٽي ڪنڊ ڪائڻ سبب ڦاٽي مُئو هُيو ۽ مگٽهار سان وري دال ساڳي جُٽ ڪئي هُئي. اهي ڏينهن اڄ جو ڏينهن ٻئي ذاتيون ٻنهي نُقصانڪار نالن کان چڙيو پونِ. مگٽهار دال جو نالو ونڻ بجاءِ چون، مَچُلا داڻا. ۽ ڪنيار ڪنڊ کي چون مِناڻ. ڪاڄن ۾ جيڪر ڪاڄ ڏٽيءَ جي واتان اهو اکر نڪريو وڃي ته ڪنيار ۽ مگٽهار، تن تي پاتل ڪپڙا ڦاڙي ڇيهون ڇيهون ڪريو ڇڏين، پوءِ ناز نخري سان ڪاڄ جي ڏٽيءَ کان نوان وڳا پرايوونن. سو انهيءَ ڏينهن وڏي ڪانهئي مرحوم جي ڦوڪن تي لڳي، بابا به پُل چُڪ ۾ مُلي ابراهيم ڪنيار کي ڪنڊ جو شربت ناهڻ جو چيو. بابا جي وات مان ڪنڊ جو نالو نڪرڻ ۽ مُلي ابراهيم جِي قميص جو چرڙاٽ ٿيڻ. مڙس نئون وڳو لِيڙون ليڙون ڪري بيهي رهيو هيو، اوڏي مهل ته گهر ۾ ڪو نئون وڳو هڪيو تڪيو حاضر ڪونه هيو. سو

في الحال تہ ڪيس بابا جواڏوراڻو وڳو پارائي راضي ڪيوسين. پربئي ڏينهن بازار مان نئون وڳو گهرائي ڏيڻو پيو.

سو ڳالهہ پئي هلي عزرائيل جي پروڙ پوڻ جي، بابا سائينءَ عقيقي بعد ٻن ڏينهن کان پوءِ خادم کي گهرائي، پنهنجي هنج ۾ سمهاري ڳلن تي ڪوڙ ساريون چُميون ڏيئي، ساڄيءَ ٻانهن ۾ بد نظر جي بچاءَ لاءِ سُٽ سان وَٽيل ڪارو ڌاڳو ٻَڌو هيائين. اُنهيءَ وقت سندس اکين مان لڙڪن جون لارُون لڙندي اسان سڀني ڏِٺيون هيون. پر اها ڪَل ڪنهن کي ئي نہ پَئي تہ بابا سائينءَ پرئين پارِ پلاڻيو آهي. ٻن ٽن ڏينهن پُڄاڻان هڪڙي ڏينهن اوطاق تي ويٺي ويٺي زِبان بند ٿيس، پاسو سُن ٿيس، بلڊ پريشر هاءِ ٿيس. ڊاڪٽرن جي بقول برين هيمرج ٿيو آهي، ميرپورخاص ۽ پوءِ لال بتي حيدرآباد جو ميڊيڪل وارڊ، نالي واري ڊاڪٽرعالماڻيءَ جو وارڊ. بابا بلڪل بيهوش، ڪڏهن اکيون کولي هيڏانهن هوڏانهن ڏِسي وري بس. ساندهہ پندرنهن ڏينهنَ ۽ پندرنهن راتيون بابا جي پيرانديءَ کان پِيل اسٽول تي ويٺي اوجاڳا ڪندي، ويٺي ويٺي ننڊون ڪندي، دِل ئي دِل ۾ دعائُون گهرندو هُيس، اي منهنجا مولا، ائين نہ ڪجانءِ آئون رُلي ويندس، نہ ڏٽي نہ سائين، نہ اوهي نہ واهي، بابا ئي تہ هڪڙو سهارو اٿم، اُهو نہ کسجانءِ.

ڊاڪٽر عالماڻيءَ جو جيڏو وڏو نانءُ هيو، سندس وارڊ ۾ اوڏوئي وڏو انتيرُ هيو. سندس وارڊ جو رجسترار هيو ڊاڪٽر شريف ورياماڻي. ائين لڳندو هيو تہ جڻ وارڊ نہ پر ڪوس گهرهُجيءِ سِکيا وٺندڙ ڊاڪٽر، ڊاڪٽرياڻيونءِ نرسون انساني جسمن تي هٿ ناهيندا هُجنِ. هر روز ٻہ ٽي لاش نِڪرندا هيا، جنهن ڏينهن ڪو لاش نہ نڪتو تہ ائين پائنبو هيو تہ ماڻهن تي ڪو رب راضي ٿيو آهي. چڱا ڀلا ماڻهو، پيٽ سور جي دانهن سان پنهنجي پيرن تي هَلِي اچي اسپتال ۾ داخل ٿيندا هيا ۽ ڏينهن ٻن جي علاج بعد سندن لاش ايمبولينسن ۾ کڄي ويندا هيا. جيڏيءَ مهل بہ ڪو لاش نڪرندو ڏسان تہ دل ۾ ايندڙ اهڙن اُبتن وهمنءِ خيالن کي جهٽڪيو ڇڏيان. ۽ سوچيان، نہ نہ ربُ ڪندو منهنجو بابا ٺيڪ ٿيندو. هلندو گهمندو ڦرندو. نيٺ 27 فيبروري1983 جي ڏينهن مُلي فجر جي ٻانگ ڏني هئي تہ بابي سائينءَ اکيون کوليون هيون. مونکي وهاڻي جي ٽيڪ تي ويهارڻ جو اشاروڪيو هيائين. جڏهن ڪيس ٽيڪ تي ويهاريو هيم تہ وارڊ ۾ هلندڙ چانهہ واري کي ڏِسي چانهہ لاءِ اشارو ڪيو هيائين. چانهہ آئي هئي تہ اُنهيءَ ۾بسڪيٽ ٻوڙي وات ۾ڳِرڪائڻ جي ڪوشش ڪيائين، ائين ڪرڻ سان ڪنگهہ جو دوروپِيس. اصل جڻ اُٿاڻجي پيو هجي. چانهہ ڇڏي ڏنائين. ڪجهہ گهڙين بعد سامت ۾ اچڻ شرط، اشارن سان ٻين عزيزن جي پُڇا ڪيائين.

جيڪي اسپتال جي ٻاهران ڇٻر تي ويٺل هيا، تن سيني کي سڏايم، مُنهنجي ٻانهن وٺي وَرَ وَرَ ڪري هِڪ هَڪَ جي هَٿ ۾ ڏنائين تہ ساڃي اَکِ مان لُڙڪن جون لارون هَليس، بيوسيءَ ۽ لاچاريءَ مان هيڏانهن هوڏانهن نهاري سمهارڻ جو اشارو ڪيائين يڪدم بلڊپريشر گهٽجڻ شروع ٿيو. انجيڪشنون، ڊرپون، ايمرجنسيءَ ۾آڪسيجن پر ڪجھ بہ نہ ٿيو، رات جا ڏھ ٿيا تہ ساھ جو پکي پرواز ڪري ويو۽ بي ساهي جسم جي ڳوٺ پهچڻ کان اڳ ۾ ئي روح جو پکي وڃي اباڻي ديس جي مٿان اُڏاڻو، لامارا ڏنائين. نہ فون نہ ڦرڙو، نہ لڪڙتار نہ عام تار. پر ڳوٺ ۾ خبر پهچي وئي. سا الائي ڪيئن پهتي، ٿيو هيئن جو رات جو ٻين وڳي ايمبولينس اوطاق جي پڌر ۾پهتي هئي، ۽ اندران، امان جي ڪِيھ ٿي هئي، هاءِ الا مان لُٽجي وِيَس. سوچيم، امان کي ڪنهن ٻُڌايُو تہ هيءَ کُملي اوطاق تي آيل گاڏي خيرِي ڪانهي؟ پوءِ سوچيم ۽ سَمجهيم بہ تہ بابا سائينءَ جي روح جو پکي اُڏاڻو هُيوتہ اڳ ئي پُهچي، امان کي پرينءَ جي پرديس پَڌارڻ جو اطلاع ڏئي ويو هوندو.

صُبح ٿي اوچنگارون، ريهون ۽روج ۾ هڪڙي حيرت اها بہ ٿي هئي تہ ايڏي غربت مِسڪينيءَ هوندي بہ بابا جي مُرده جسم تي پهريل قميص جي کيسي مان ايترائي پئسا نڪتا جيترا ڪفن دفن لاءِ گُهربل هُيا. معنيٰ اها خبر هُيس تہ اعزرائيل ايندو يا سر تي چڙهيو بيٺو آهي، پچاڙيءَ جو بندوبست ڪري ڇڏيان. اُنهيءَ کي قدرت جا ڪرشما چئجن يا ڪا غيبي قوت چئجي؟ ماڻهوءَ کي ڪيئن ٿي خبر پئي؟ اسان ڪامريڊن لاءِ تہ اهو سيڪجھ دٻي ۾ نڪرين برابر آهي. پر ذهن مجي ٿو تہ ڪو نہ ڪو اسرار آهي ضرور.

پوءِ زماني جي ريتن رسمن سارو رسمي ٽڏو ٿيو هيو، وڏيون وڏيون دُعائون ٿيون هيون. ، کوڙ سارا ختما، دُرود ٿيا هيا ۽حال سارُو خيرخيراتُون بہ ڪيون سين، تہ بابا جي قبر آرامده ٿئي، ڪيل نہ ڪيل ڏوھ گناھ معاف ٿين، بهشت نصيب ٿئي. هوڏانهن انهن سيني ريتن رسمن سان گڏ منهنجي اندر ۾ اُدما هُجن ڪوئي مِٺُ ناهي ڪنهن سان رُئان، ڪنهن سان رَڙان. نہ ياءُ نہ پيڻ نہ چاچو نہ چاچي. سر جي بلا سر سان. اُنهيءَ زماني ۾ ٽر جي وليءَ ۽ درويش مولوي محمد حسن گوگاسر واري جو پُٽ، مرحوم محمد يوسف ڪنير، پاڙي ۾ نئون آيل هُيو، بابا سان ٻَتيھ دِليون هُجَنس. پاڻ زنده درويش هيو، بابا جي مرتئي جي ڏينهن، ويجهي عزيز جيان پَنڪو لاهي ٿوال مٿي تي ٻَڌائين، سارو ڏينهن تڏي تي گذاري، سمهاڻيءَ جو گهر وڃي، تہ فجر جو ڪير جي لوٽِي مٿي تي ڪٽيو منهنجي سُجاڳ ٿيڻ کان اڳ پُهچيو وڃي. مرحومَ کي روحانيت تي عبور هيو۽ گڏوگڏ وجدانيت بہ ايندي هُيس، اوچتو اکيون لال ٿي ويندِيون هيس، الائي ڇاچا پيو چوندو، هڪڙي ڏينهن تڏي تي ويٺي،

ويني وجدانيت ۾ آيو، ڏڪيو، اڪيون لالُ ٿيس، هاڻ ڪير ساڻس اَڪِ مِلائي؟ ڪنهن کي همت ئي نہ پئي ٿئي. هَڪل ڪيائين اميربخش مَلُول نہ ٿيءُ، آئون ڏِسان پيو هي ٻنيون ٻارا، هي ڳوٺ راڄ، هي واٽر واهيون تنهنجا ٿيندا. هو شهرءِاسٽاپ بہ تنهنجو ٿيندو. نہ ٿيو تہ بہ تُنهنجي نالي پويان سَڏبو، تون گهڻو اڳتي ويندين، صُبح جي ماني گهرِ ۾ تہ رات جي ماني بادشاهن سان ڪائيندين. اُنهيءَ مهل، ڪاڪي يوسف ڪنڀار جون اُهي ڳالهيون مذاق محسوسُ ڪيون هيم، دِل ئي دِل ۾ کِليو بہ هيس، پاڻ ڪنهن ساميءَ فقير جي ڊاري وانگر منهنجي ڏڪويل دِل کي، چاچو محمد يوسف رِيجهائي پيو ءِدلاسا ڏئي پيو. گهڻو پوءِ جڏهن اُنهيءَ درويش جو هِڪُ هِڪُ لفظُ، هڪ هڪ اکر مُنڍيءَ تي ٽِڪَ ٿي بيٺو هيو تہ سوچيو هيم اها ڪهڙي قُوتَ هُئي، جنهن ڪاڪي يوسف جي واتان پنجويهہ ورهيہ پوءِ ٿيندڙ واقعا اڳواٽ ٻُڌارايا هيا؟ڪُجهہ تہ آهي، ڪا تہ قوت آهي جا مستقبل جا راز درويشن کان کولرائي ماڻهو ءَ کي سوچڻ تي مجبور ڪريو ڇڏي ٿي. اسان مادي پرست، اهڙين قوتن جي وجود کان انڪارِي، مذاق سمجهي حقيقتن کان منهن موڙي، اڻ ڏٺل قوتن، اڻ ڏٺل رازن، اڻ ڏٺل اسرارن جي اڳواٽ خبر ڏيندڙ درويشن تي ٺٺوليون ڪري، هنبوڇيون ٽا هڻون. پر هنن حقيقتن کي ڏسي يقين ٿو ٿئي تہ، ڪو تہ آهي جيڪو هن چرخي ۾ هلندڙ ڦرندڙ انسانن جي دماغ ۾ اندر جا اسرار سموئي ٿو پنجويهہ، پنجاهہ سال پوءِ ٿيندڙ واقعا اڳواٽ سندن واتان چورائي ٿو. ڪو تہ آهي!!!. ڪو تہ آهي.

سال 1983، حياتيءَ جي گذاري آيل باقي ٽيويهن سالن جي پيٽ ۾، سمورن سالن کان وڌيڪ ڏُکدائڪ ۽ تڪليفن سان ٽمٽارهيو، اڳي ايڏا وڏا بار سِرَ تي ڪونہ هوندا هُيم، بابا حياتيءَ هوندو هُيو، ڪنهن ڏکيءَ سُکيءَجي ڪَلَ ئي ڪانہ پوندي هُيم. بابا جي رحلت بعد، ماما رمضان کي هٿ ٻَڌي چيم تہ ڪمداري ڇڏي اچي اسان کي سنڀال. ياد اٿم تہ انهيءَ عرض جي موٽ اُٽلو ڏڪوئيندڙ مِلي هيم. چئي، قرض ڪٽي تنهنجي پيءُ جو علاج ڪرايو هيم اُنهيءَ قرض ۾ ڪمائيندس. تڏهن روئي وينو هيس، هيڏو سارو عيال، وسيلا محدود، ڪمائڻ وارا گهٽ ڪائڻ وارا وڌيڪ، ڪيئن پُورِي ڪندس؟سا بہ پنج سئو روپيا پگهارمان!!؟ مجبور ٿي، الله تي توڪل رَکي، زندگيءَ جي اٽانگي ڪُن ۾ ڪاهي پِيُس. زندگيءَ جي سفر جي هن ڏڪوئيندڙ ۽ ٿڪائيندڙ سال ۾ ڏاڍيون تڪليفون ڏِٺيون هيم، لوڪان لِڪي، پهرن جا پهر رُنو هيس، الائي ڪيترا پيرا ڏٽيءَ جي دَرِ ٻاڏايو هيم، مولا تون مِهَر ڪرِ. پوءِ بہ حالت اهڙي تنگدستي اهڙي هوندي هئي، جو جي اٿي جي پوري ڪندو

هيس، تہ بيماريءَ سيماريءَ ۾ سور هوندا هيا. پر بس سور ئي سور هيا، ٻيو ڪجھ بہ ڪونہ هوندو هيو.
تن ڏينهين زندگيءَ جو ڪار وهنوار اِجهو هيئن وجي بينوهيو، جوفجر جو اُٿي هَر ڪاهڻ، انين وَڳي هَرَ ڪولي، ڏاندن کي گاھہ ڏئي، ڪپڙا مَٽي اسڪول وڃڻ. شام جو پاڃيون پوکي اُنهن جي گُڏ ڪيڻ، تيار پاڃيون پَٽي ڪَٺَن ۾ وجهي ڏيولي مينگهواڙ حوالي ڪرڻ، تہ جيئن فجر جي مارڪيٽ ۾ وڪامن. ائين پگهار کان علاوه هفتي ۾ چار پنج سئو ٻيا بہ اچڻ لڳا هيا، جنهن مان گهر جي خرچ کان علاوه خان محمد کي يونيورسٽيءَ جي خرچ لاءِ بہ ڏِيندو هيس. اڄ خان محمد، ۽ ان جو اولاد مَجي يا نہ مَجي، پر سندس پڙهائيءَ لاءِ ماءُ ۽پيءُ کان وڌيڪ، پهريائين منهنجي بابا سائينءَ محنت ڪئي هئي ۽ پوءِ مون ڪئي هئي.
ايتري قدر جو سندس ايم ايس سيءَ پاس ڪرڻ بعد بہ سال بي روزگار هجڻ جي زماني ۾ بہ پنهنجي ماستريءَ واري پگهار کٽي پهريائين سندس خرچن جو پورائو ڪندو هُيس، پوءِ گهر جا ٻيا خرچ پورا ڪندو هيس. ۽ جي ڪجھہ بچندو هيو تہ پنهنجون ضرورتون پوريون ڪندو هيس نہ تہ ٿيو خير. موصوف او جي ڊي سي ايل جي نوڪريءَ ۾ وڃڻ کان اڳ چئن ٻارن جو پيءُ هُيو. سندس ٻارن جو ڪپڙو لٽو، جُتي، خرچي سڀ منهنجي ذمي هوندا هُيا. سي بہ پهريائين خان محمد جي ٻارن جي لاءِ پوءِ منهنجن لاءِ. ٻيو تہ ٺهيو پر بعد ۾او جي ڊي سي ايل جي نوڪري ڇڏي ماستري ڪرڻ جي شوق تان مون ئي وڏين مشڪلاتن سان ڪيس لاٿو هُيو. نہ تہ همراھ پڙ ڪڍي بينو هيو تہ اها نوڪري پري آهي ۽ آئون ڪونہ ڪندس. اها ڇڏي ايڇ ايس ٽي ماستري ٿو ڪريان.
آمر ضياءَ جي خلاف ايم آر ڊي ءَ جي تحريڪ جي زماني ۾اسان جي گهر جي اها حالت هُئي، جو ڪڏهن ڪڏهن گهرَ ۾ اٽو ڪونہ هوندو هُيو ۽ ويلا پئجي ويندا هيا، اڄ بہ چِٽو ياد اٿم تہ اُن تحريڪ دوران ٿيندڙ بلدياتي چونڊن ۾ يا ريفرنڊم ۾ حڪومت پاران ماسترن جون ڊيوٽيون لڳائي ڪين اڳواٽ ئي ٽي سو روپيا ڏيڻ جي اعلان تي ڏاڍو خوش ٿيو هيس. ۽ هڪڙيءَ صُبح جو تعلقي اسڪول ميرپورخاص ۾ ماسترن جي ڊگهي قطار ۾ بيهي، ٽي سئو روپيا وصول ڪري، اٽي جي ٻوري گهرِ آڻي ڏاڍو خوش ٿيوهُيس. ان زماني ۾غربت، پريشانين ۽ ڏُکن اهڙو تہ وڪوڙيو هيو جو ايم آر ڊي تحريڪ دوران ان تحريڪ ۾ ڪوبہ ڪردار ادا نہ ڪري سگهيس. سيئي ڪامريڊ بہ وِسري ويا هُيا. تن ڏينهين منهنجو ساٿ ڏيڻ واري صرف هلال پاڪستان اخبار هُئي، ۽ شهر جي لائبريرين مان آندل سنڌي ادب جا ڪتاب هُيا، جن جي ذريعي اُنهي سال ايم اي سنڌيءَ ۾ پاس ڪَئي هيم.

تنهن زماني ۾ ميرپورخاص ۾ سيٺ نسيم عُمرچنيوٽيءَ جو ماڊل ڪارخانو، جنهن جو اصل نالو خدابخش انڊسٽريز هيو، اهو ڪارخانو هن سڄي ٿَرَ جي ڦُٽين جي خريداري ڪندو هُيو. وڏا وڏا وڏيرا، توڙي ننڍيرا آبادگار ۽ واپاري، ذاتي ضمانتون ڏيئي، توڙي هڪ ٻئي جون ضمانتون ڏيئي، ٻنيءَ جي خرچ لاءِ اڳواٽ ڪاپاڙو ڪري، ڪارخاني مان رقمون وٺندا هُيا. انهن ڪي ڏسي دِل ۾ خيال آيم ته آئون به اِئين ئي ڪريان، سو هڪڙي ڏينهن دل جهلي ڪارخاني ۾ ويس. سيٺ کي وڃي عرض ڪيم، منهنجي ذاتي ضمانت الائي ڪنهن ڏني هئي يا نه سو ياد ڪونه اٿم. نسيم عمر پندرهن سئو روپيا منظور ڪري ڏنا هيا، ان زماني ۾ پندرهن سئو روپيا وڏي ڳالهه هئي. اُن زماني ۾ عام جام نڪي اسٽاپ هيا نه وري ايترا ڪانٽا به ڪونه هوندا هُيا. اُڙيا ٽُڙيا چونڊڪي جا واٽيا ڪانٽا لڳائيندا هيا. ٽاٽي ٻولا خان جا واٽيا جن کي جابلو واٽيا چئون ٿا، سي اجان ملڪ ۾ ڪونه پکڙيا هيا. اسان وارو شهر ٻارهون ميل ئي ڪونه هُيو. واٽيا واپاري هوندا هيا، جيڪي ڦُٽين جي اگهه ۾، توڙي تور ۾ وڏيون هيرا ڦيريون ڪندي خلق کي مُڏي ڪاٽيءَ سان ديناداستي پيا کُهندا هُيا. واٽيا اڪثر ڪري ڪانيءَ جي ڪاني سان ڦٽيون توريندا هيا، اُنهيءَ تور لاءِ وٽن هڪ به ملازم رکيل هوندا هئا جن کي ڏَڙوائِي سڏبو هيو، اهي ڏڙوائي، نڙ نپ اٽپڙهيل هوندي به، پنهنجي ڪم ۾ بلا جا ڪاريگر هوندا هيا. تور جي ڪاني تي ٻانهن اهڙي طريقي سان ورائي رکندا هيا جو ڦٽيون وڪڻڻ واري کي خبر ئي ڪونه پوندي هئي، ۽ هرهڪ اڌ مڻ جي ڏڙي جي پويان سير، به سير آرام سان تڳائي ويندا هيا، گڏوگڏ مالڪ جي چر پر تي به اک رکيو ايندا هيا، گهڙي پلڪ لاءِ مالڪ جو ڌيان هيڏانهن هوڏانهن ٿيندو هيو ته واڪ ۾ پوئتي هٽي ويندا هيا، يعني ايڪانوي، ٻيانوي، ٽيانوي اڳ ۾ پُڪاريل هوندو هيو ته به وري ٽيانوي چوندا، اهڙيءَ طرح هر برڪيءَ تي ڪوشش ڪري هڪڙي ڏڙي جو فرق وجهي، اڌ مڻ ڦُٽيون الڳ سان تڳائي ڪٽي ويندا هيا. اهي ڏڙوائي سينين جا ڪاٽو پُٽَ هوندا هئا. جيستائين ڏڙوائي دڪان تي نه هوندو هيو، ڪنهن مرٽي پرٽي تي وِيل هوندو هيو. تيستائين سينيون سودي ڪيل ڦٽين جي تور قطعي ڪونه ڪندا هيا. ڀلي اگهه ڪرندو وڃي ته به پرواهه ڪونه هوندي هين.

اُنهيءَ سال پنهنجو عَقِل ڊوڙائي، مير صاحب جي سورهن الاٽي هارين کي چيو هيم ته توهان ڦُٽيون واٽين کي ڏيڻ بجاءِ، سيٺ نسيم جي ماڊل ڪارخاني ۾، منهنجي اڪائونٽ ۾ موڪلي ڏيو. ۽ ٻئي ڏينهن مون سان گڏُ هلي، ڪارخاني جي انهيءَ ڏينهن جي اگهه سان روڪ رقم وٺو. منهنجي صلاح ڀَلِي به هئي ۽ مڙني جي فائدي جي به هُئي، انهيءَ ڪري

مڙني هارين خوشيءَ سان ها ڪري، پنهنجون ڦٽيون واٽين ڪي اڏ ملهه ۾ ڏيڻ بجاءِ، ڪارخاني ۾، منهنجي ڪاتي ۾ موڪلڻ شروع ڪيون هيون. ان زماني ڪاخانن ۾ اليڪٽرانڪ ۽ ڪمپيوٽرائزڊ ڪاتا ڪونہ هوندا هيا. ڪارخانن ۾ ٽن مڻن جون برڪيون، ٽياس واري عام ڪانٽي تي چاڙهي توربيون هيون. مونکي هڪڙي ڏاهي ماڻهوءَ گُرُ سيڪاريو هيو تہ مزدورن سان ڏي وٺُ تي ڳالهاءِ تہ تنهنجي ڦٽين جي تور وڌندي. پوءِ ايئن ئي ڪندي ڪارخاني جي دروازي تي نهيل ٻاڪڙا هوٽل ۾ ويهي، مزدورن جي جمعدار کي چانهہ جو ڪوپ پياري، سئو سئو جا ٻہ ڳاڙها نوٽ سندس ڪيسي ۾ وجهندو هيس. تہ اهي منهنجي هرهڪ ٽرڪ تي ست، اَٺ مڻ ڦٽيون وڌائي چڙهيندا هيا. ائين ٻہ نہ هو تہ مزدور، هرويروڪارخاني جي مالڪ کي ڪوٽ ڏيندا هيا. پر وڏن ۽ غير حاضر زميندارن جي تور ۾ ڪوٽ ڏيڪاري، ڪين خرچي ڏيڻ وارن جي تور وڌائي بيلنس برابر ڪري چڙهيندا هئا. سو انهيءَ سال الاٽين جون ڦٽيون منهنجي ڪاتي ۾ ويون، ڪين اگهہ ۽ رقمون بہ صحيح مليون ۽ ڦٽين جي واڌِ، جيڪا منهنجي حصي ۾ آئي هئي، سابہ ٽي هئي سڄا سارا ٻاونجاهہ مڻ. جهڙوڪر هارپي جيتري ونڊي اچي وئي هئي. انهن پئسن مان، پهرئين سال مِڙني گهرياتين لاءِ سُنا ڪپڙا ورتا هيم. گهر لاءِاسٽيل جا سُنا ٿانو ورتم. هڪڙو چينيءَ جو ڊنر سيٽ ورتم تہ واهہ واهہ ٿي وئي. اڳي اسان جي گهر ۾ رڳو ڪوپر جون پليٽون ۽ ڪنجهي جا وَٽا هوندا هُيا، سي بہ وڏڙيون پنهنجن پورهين مان گهور تي ڪٽي ايندڙ ٺاٺارن کان ونديون هُيون. گهٽو ڪري ڪاڏي پيتي لاءِ ڪنيارن جا ٺاهيل تباک جن کي پاٽوڙا بہ چوندا هياسون سي هوندا هيا، نڪر جون جَمنيون هونديون هيون، جيڪي وٺي جو ڪم بہ ڏينديون هيون، تہ رب بہ ٺاري انهن ۾ پيئبي هئي. هنڌ ٽپڙ جو تہ سپ خير هوندو هيو، وڏڙيون ويچاريون، پراڻن ڪپڙن جا گمبور گڏ ڪري، ڪار جي ڪُنن ۾ ڪاڙهي، ڌوئي، انهن کي رنگي اپريون سيريون رليون ٺاهينديون هيون. سوڙيون، پٽراٽيون، فراسيون ۽ ڪٽن جا ٽوال رڳو ڪنهن پيت پوت ۾ يا ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي گهر وجي ڏسندا هياسون نہ تہ ٻيو ٿيو خير.

انهن ڏينهن ۾ هڪڙو مست، الست ۽ درويش، وڏيون ٻانهون هٽندو، ڊگهيون ٻرانگهون پريندو ڳوٺ ۾ گهُمندو وتندو هُيو. ماڻهو اڪثر ڪري سڏيندا هُيس پهلاج. هو پيرين اگهاڙي، ميرڙي قميص پايو ۽ گوڏ ٻڌيو، ململ جو پراڻو ۽ هنڌان هنڌان ڦاٽل پٽڪو مٿي تي ٻڌيو، وات مان گِگَ ڳاڙيندو هلندو وتندو هُيو. اُن سال ئي هُن صُبح صُبح جو منهنجي اسڪول ۾ پيرو ڪرڻ شروع ڪيو. ماٺڙي ڪري اسڪول ۾ ايندو، ڪجهہ گهڙيون ٻارن سان گڏ بينچ تي ويهي رهندو هيو. اهي گهڙيون مون ڏانهن ۽ ٻارن ڏانهن حيرت سان

ڏسندو رهندو. پوءِ اوچتو اُتندو ۽ لُوهه پائي مون کي کن ڪان وٺي، رُول هٿ ۾ ڪٽي، پُنن تي وسائڻ شروع ٿي ويندو هيو، ايستائين مارايندورهندو هيو، جيستائين آئون اهو نه چوان ته، تون منهنجو گُرو آهين ۽ آئون تنهنجوچيلو آهيان. منهنجو ايئن چوڻ ۽ هُن جو رول ٽيبل تي رکي تکو تکو اسڪول مان ٻاهر هليو وڃڻ. جيترا ڏينهن ڳوٺ ۾ هوندو هيو اهو ئي معمول هوندو هيس. اڄ تائين به اهو ئي معمول اٿس. آئون اهو سمجهان ٿو اها مار نه پر هن جي دُعا آهي، جنهن شروع کان وٺي اڄ تائين پنهنجا رنگ به ڏيکاريا آهن. گهڻو پوءِ جڏهن بينڪ مينيجر جي حيثيت ۾ مختلف شهرن ۾ هوندو هُيس ته ڳولي اچي لهندو هيو. گوڏ جي ڳنڍ مان ڏهه روپيه کولي منهنجي پٽيوالي يا گارڊ کي ڏئي چوندو، وڃ اميري لاءِ هوٽل تان ماني وٺي اچ. ڪڏهن ڪڏهن روڊ سان ويندي ڪار جي آڏو اچي ويندو. بيهندس ته دروازو کولي ڪالر مان وٺي ڪار مان لاهي، وچ روڊ تي ٻه چار چنبا هڻي چوندو، هاڻ پلي وڃ. الائي ڪهڙو اسرار آهي ڪهڙي معنيٰ آهي انهيءَ رمز ۾. خلقون ڪلنديون آهن، ته اڙي هو ڏسو، هن عزتدار ماڻهوءَ کي هي چريو سرعام ڪيئن پيو ماري. پر منهنجو هرڪنهن کي جهليل هوندو آهي ته هُن درويش ۽ منهنجي معاملن جي وچ ۾ ڪوبه نه اچي.

جيئن ئي 1983 ۾ ايم اي پاس ڪئي هيم، تيئن فيصلو ڪيو هيم ته هر مهيني جي پگهار مان پنجاهه روپيا، رکو ڪا وڏي نوڪري ڳولڻ تي خرچ ڪندس، ۽ ٽپال جي ذريعي هيڏانهن هوڏانهن درخواستون موڪليندس. ايئن درخواستن موڪلڻ جو ڏنتو لاڳيتو ڪندو پئي آيس پر ڪٿان به جواب ڪونه ٿي آيو. نيٺ 1984جي آخر ۾ هلال پاڪستان ۾ پي ٽي وي جي نيوز پروڊيوسر جو اشتهار ڏسي درخواست موڪلي هيم. اُتان انٽرويوءَ جي لاءِ جوابي خط آيو هيو. ته ڪراچيءَ ۾ اچي انٽرويو ڏيان. ڪراچي ڏِٺل ئي ڪانه هُجيم. مرحيات الهبچائي کي عرض ڪيم، جنهن هلي ڪراچي ڏيکاري. مهيني ڪن بعد لکت جي امتحان جو نتيجو آيو ته پاس هيس. وري زباني امتحان لاءِ گهرايائون. وري به مرحوم الهبچايو گڏ هليو هيو. ٻين ڪوڙ سارن ڪامورن سان گڏ عبدالڪريم بلوچ به انٽرويو وٺندڙن ۾ شامل هُيو. ايم ڊيءَ مون کان پهريون سوال ڪيو هيو ته اوهان کي پي ٽي ويءَ جا ڪهڙا نيوز ڪاسٽر پسند آهن؟ اهڙي سوال جي جواب تي مُسڪرائي، ٿڌو ساهه ڀري وراڻيو هيم، قبلا منهنجي ڳوٺ ۾ بجلي ناهي ۽ اُن ڪري مون نه ڪڏهن ٽي وي ڏٺي آهي ۽ نه ئي وري ٽي ويءَ جون خبرون ٻُڌيون اٿم ته نيوز ڪاسٽر ڪيئن پسند ڪندس؟، باقيءَ ريڊئي جا نيوز ڪاسٽر چئو ته ٻُڌايان.

منهنجي غير متوقع جواب تي ايم ڊي صاحب حيران ٿي، مرحوم عبدالڪريم بلوچ کان پُڇيو هيو، تہ ڇا هيءُ سچ ٿو چوي؟ بلوچ صاحب جهڙي بي ڊپي ۽ بهادر انسان نہ پهہ وراڻيو هيس تہ، سائين مون کي اها پڪ آهي تہ منهنجي صوبي سنڌ جي اسي سيڪڙو ڳوٺن ۾ بجلي ناهي، تي سگهي ٿو تہ هِن جو ڳوٺ بہ اُنهن مان هڪ هُجي.

ملڪ جي اهم نشرياتي اداري جي سربراهہ جي معلومات جو حال ڏِسي دِل ئي دِل ۾ مُسڪرايم پئي، انٽرويو تمام ڊگهو هليو هيو، جڏهن ختم ٿيو تہ انتظار جو ڪرڻ جوڇيائون. ان زماني سنڌين لاءِ پي ٽي وي سميت سيني وفاقي ادارن جا دوازا بند هُيا. خدا ڀَلو ڪري ايم آر ڊيءَ جي شهيدن جو. جن جي قربانين جي سِلي ۾، احساسِ محروميءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ، وفاقي کاتن ۾ ڪَٽي ۾ ڪاسو سنڌين کي آٽڻ شروع ڪيو هيائون. سو انهيءَ ئي سلسلي ۾ 1985 جي اوائل ۾ منهنجو بہ آرڊر بہ پي ٽي وي سينٽر اسلام آباد تي نيوز پروڊيوسر لاءِ اچي ويو هيو.

آرڊر ملڻ وقت خوشيءَ ۾ ماپان ئي نہ پيو. ڳڏوڳڏ ڳڻتي بہ هجيم ڇو جو اسلام آباد جي لاءِ پاڙو نہ هُجيم، پاڙي لاءِ ڪجهہ ڏينهن هيڏانهن هوڏانهن ڦتڪيس، پر ڪٿان بہ لايو سجايو ڪونہ پئي ٿيو، نيٺ ان زماني جي سُڪئي بينجهي مينگهواڙ، 1500 روپيہ ٻيڻ جي وياج تي ڏنا هيا. بينجهو مينگهواڙ اڄ بہ حياتيءَ آهي، غربت سندس در تي ديرو ڄمايو آهي. هاڻ بہ گڏهہ گاڏي تي ڳوٺن ۾ پاڇيون وڪڻندو وتندو آهي. سو تن ڏينهين وڏيءَ اوج تي هيو. اڻ ميو پئسو هوندو هيس. اسان پارو ڪوبہ اڙيال در تي ويندو هيو تہ ڪلاڪ اڌ تہ سڏ ئي ڪونہ ورنائيندو هيو. ۽ پوءِ بہ ايندي ايندي، چوندو ايندو هيو هيو، تہ پيٽسان سُجين مان اڙجي ويو آهيان. صبح ساڻ اچي در جهليو اٿن. ايئن آٽا ماٽا ڪري ڇيچائي ڇيچائي پوءِ چار پئسا وياج تي ڏيندو هيو. پانين ٿو تہ هينئر خدا انهيءَ تڪبر جو نتيجو ڏنو اٿس. آئون ڳوٺ ايندي ويندي گڏه گاڏي تي ايندڙ بينجهي مينگهواڙ جي حالت ڏسي پُٽن کي چوندو آهيان تہ يار ڪڏهن بہ زندگيءَ ۾ تڪبر ۽ غرور نہ ڪجو. هن همراه جا حال مون ڏنا هيا تہ امير هيو اڄ مٿس رحم ٿو اچي.

سو قصو پئي هليو اسلام آباد وڃڻ جو، حيدرآباد مان ستياسي روپين جي لاهور جي ٽڪيٽ وٺي عوامي ايڪسپريس ۾ زندگيءَ جي پهرئين ۽ ڊگهي سفر تي پهريون پيرو اڪيلو روانو ٿيوهيس، نہ رستن جو واقف نہ شهرن جو، نہ گهٽن جو نہ گهيڙن جو. تن ڏينهين لاهور جا لليچا ۽ نڳ مشهور هوندا هيا. سو لاهور جي لليچن ۽ جي ڊپ مان پنج سئو شلوار جي ساڄي پاسي جي اُبداٽي ۾۽ پنج سئو کابي پاسي جي اُبداٽي ۾، بہ سئو

ٿيلهي ۾ ۽ باقي ٻه سئو اڳئين ڪيسي ۾ رکيا هيم، ريل هلي، سنڌ ٽپي، پنجاب آيو. رحيم يار خان، بهاولپور، لوڌران، ملتان، رات کُٽي وئي پر لاهور نه اچڻو هيو سو نه آيو. هوڏانهن پئسن نڪري وَڃڻ جي ڊپ ۾ سڄي رات ننڊ به نه آيم. صُبح جا نو ٿيا ته گاڏي لاهور پهتي. لاهور جي اسٽيشن کان ٻاهر نڪتس ته هڪڙي رڪشا واري جو سَڏُ ڪري پنجابڪيءَ چيو هيو، سائين ڪٿي جاڻان؟ وري ڏاڍو ڊپ ٿيم، مار پوپس، هِن ڪيئن سُڃاتو ته سنڌي آهيان؟!. ڊپ مان انهيءَ رڪشا ۾ ئي ڪونه چڙهيس. هڪڙو پوڙهو ۽ ڏاڙهيءَ وارو رڪشا وارو ڏسي ان سان چڙهيس، راوي روڊ جي ڇيڙي تي شاهدره ويجهو محمدي مسجد سان لڳولڳ ڪرشنا مندر ۾ جيرام رهندو هيو. ڳولا ڪندو وڃي مندر پُهتس. جتي ڪامريڊ جيرام مليو. جيرام ڪي ڪجھ ورهيه پهريائين ئي انفارميشن کاتي ۾ نوڪري ملي وئي هُئي. انهيءَ سان گڏجي لاهور گهُميس، ڏاڍو خوش خوش هيس، هڪڙي رات رهي، ٽڪ پيجي، صُبح جو سوچيم ته اجان اسلام آباد پنجن ڪلاڪن جي پنڌ تي آهي، مار پوپس هيڏو پري ڪير ٿو نوڪري ڪري. ڊوڙ وڃي پائي اهڙي نوڪري،؟ بي عقلائي ڪندي لاهور جي اسٽيشن تان بجاءِ اڳتي جي نوڪي حيدرآباد جي ٽڪيٽ وٺي واپس هليو آيس. ڳوٺ پهچي وري اچي پنهنجو پاڻ تي ڦٽ لعنت ڪرڻ لڳس. ته اهڙي پلي نوڪري ٻنان ڪنهن ٿوري جي ملي هئي، سا به ڇڏي ٿو ڏيان ۽ پوءِ به پنهنجي قسمت تي ميارون ٿو ڏيان. وري چوٿين ڏينهن پلاٽيم لاهور ڏانهن، لاهور پهچي جيرام ڏي وڃڻ بجاءِ جي ٽي روڊ وسيلي ڪوچ ۾ راولپنڊيءَ لاءِ روانو ٿيس. جيرام ٻُڌايو هُيو ته ڪانڙيءَ جو اسماعيل جروار راولپنڊيءَ جي ٽينچ ڀاٽا جي علائقي ۾ رهي ٿو. گهر جي ائڊريس کان هوبه لا علم هُيو. پنڊي پهچي سوزوڪيءَ ۾ ٽينچ ڀاٽا جي علائقي ۾ پهتس. ٽينچ ڀاٽا، وسيع علائقو هيو، ميرپورخاص جي سيٽلائيٽ ٽائون جهڙو ۽ جيڏو. ٿيلهو هَٿَ ۾ ڪٽي هَر گهٽي مان اينڊڙ وينڊڙ کان پُڇا ڪندو هلندو رهيس ته ڀائي، هتي ڪو سنڌي رهي ٿو؟ الائي چو انهيءَ ڏينهن نا اُميدي ۽ نراسائي بلڪل ڪونه پئي ٿي، هونئن به ڳوٺان ئي هن پيري پڪو وعدو ڪري نڪتو هيس، ته همت ناهي هارڻي. ها ها، ڳوليان پيو ٿو، اجان ته سِج به هاڻ لٿو آهي. هَل هلان، پُڇ پُڇان، هڪڙي گهٽي، ٻي، ٽي، چوٿينءَ پنجين، اوچتو ساهه پئجي ٿو وڃيم. سامهون ديوار تي ڳاڙهن اکرن ۾ سنڌ هائوس ڏِسان ٿو. همت موٽي ٿي اچيم، سوچيان ٿو جيڪو به هُجي سنڌي ته هوندو، من وڏيڪ ڪٽي نه تڏهن به اڄوڪي رات ئي رهائي وڃهي. اڪيون پوري وڃي گهنٽي وڄايم. هڪڙو بدن ۾ پريل ماڻهو دروازي تي آيو. پُڇيو مانس ته توهان سنڌي آهيو؟ جواب ڏنائين، ها، ها پر پهريائين اندر ته اچو سائين!!. ۽ پوءِ رسمي

عليڪ سليڪ ۽ حال احوال ٻڌڻ بعد چيائين، ادا اهو اسماعيل جروار هتي ئي رهندو آهي، هيءُ اسماعيل جو ڪمرو ئي آهي، جنهن ۾ اوهان ويٺا آهيو، هو هڪ مهيني جي موڪل تي ڳوٺ ويو آهي، توهان پلي هِتي رهو، پريشان نہ ٿيو. تڏهن وجي ساهہ پيٽ ۾پيو ۽ دلجاءِ بہ ٿي تہ صحيح جاءِ تي پهتو آهيان. اهو نجم ڏيپر هيو، ملٽري اڪائنٽس ۾ آڊيٽر. اهو ئي صبح جو مون کي پي ٽي وي جي هيڊڪوارٽر تي پهچائي، واپسيءَ جا رستا ۽ گهٽ گهيڙ سمجهائي، پوءِ ئي هو پنهجي ڊيوٽيءَ تي ويو هيو.

پي ٽي ويءَ جو راولپنڊي اسلام آباد سينٽر، تڏهن اجان چڪ لالا ۾ هيو، صبح جو اُتي جوائنگ لاءِ ويس تہ ٽي سنڌي پروڊيوسر مليا هيا. پير محمد پروانوعرف ڪيلاش، نثار بلوچ، ايوب پناڻ، واه واه ٿي وئي، پنهنجا جو ڏنم تہ همت ويتر وڌي وئي. ڊاڪٽر ڏي فٽنيس لاءِ موڪليائون. اتي وڏي جُٺ ٿي. ڊاڪٽر اردوءَ ۾ چيو تہ توهان پنهنجو ازاربند کوليو. مون کي خبر ئي نہ هجي تہ هي همراه ڪو اڳٺ کي ازار بند پيو چوي. پوءِ جڏهن سمجهيم تہ اڳٺ کولڻ جو ٿو چويم. تہ بہ پڙُ ڪڏي بيهي رهيو هيس تہ نوڪري ملي تہ ملي نہ ڪٽي ملي. ڊاڪٽر جي آڏو ڪو اڳٺ کوليندس چا.؟ ڊاڪٽر ڪافي سياڻو هيو تنهن نيٺ ريهي ريبي الف اگهاڙو ڪري چيڪ اپ ڪيو هيو. پوءِ بہ ڪي ڏينهن ڊاڪٽر جي اوگهڙ ڏسڻ تي ڦڪو پيو ٿيندو هيس.

اُن زماني ۾ عبدالقادر جوڻيجي جي ڊرامي ديوارين جي پنجاب جي گهر گهر ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ڌوم هُجي. ڊرامي جي ٽائيم تي راولپنڊيءَ جي شهر جا روڊ رستا ويران ٿي ويندا هُيا. اسان ٽيئي سنڌي پروڊيوسر يا سينٽر تي ئي يا وري پاڙي جي ڪنهن هوٽل تي گڏ جي ويهي، اهو ڊرامو ڏسندا هُياسين، جنهن ۾ پنهنجي ديس جي ماڻهن جي حالتن ۽ رهڻي ڪرڻيءَ جي اهڙي تہ واضح عڪاسي ٿيل هوندي هئي، جو هر ڪنهن جي اکِ پِنَل هوندي هُئي. پنجاب جي سُڪئي صوبي جا ماڻهو سنڌين جي اها حالت ڏسي اهو قطعي ڪونہ مَجيندا هيا تہ اها بہ ڪا حقيقت آهي. پوءِ جون بي بي سيءَ جون مشهور انائونسرياڻيون ثريا شهاب ۽ ماه پاره صفدر، تڏهن اجان پي ٽي ويءَ تي هُيون، ساڻن ڊگهيون ڪچهريون ٿينديون هيون. آمر جنرل ضياءَ جو پُٺيلواظهر لوڌي، جيڪو پوءِ ضياءَ جون سَڙيل هڏيون پُورڻ وقت ٽي ويءَ جي لائيو ڪوريج دوران ڊاڍيون ڪري رُنو هُيو. سو بہ اتي هوندو هيو، اُنهيءَ جي اسان سنڌين سان بنهي گهَٽِ پوندي هُئي، ڪَٽر پنجابي پرست هُيو، ڪيس هڪ ئي وقت نيوز ۽ ڪرنٽ افيئر جي شعبي ۾ چار سنڌي پروڊيوسر ڏِٺا ڪونہ وڻندا هُيا. اُن زماني ۾ اڳوڻي ڊڪٽيٽر پرويز مشرف جي زال صبا پرويز جي

نالي سان ڪوئٽا سينٽر تان خبرون پڙهندي هُئي. اُنهيءَ وقت اسان مان ڪنهن کي بہ اها ڪَلَ نہ هُئي تہ اڳتي هلي هيءَ مائي صاحبہ زوريءَ هن ملڪ جي خاتون اول ٿيندي. تن ڏينهين پهريون پيرو پير محمد پرواني عرف ڪيلاش سان گڏ خبرنامو پيش ڪندي، منهنجون اکيون پرجي آيون هيون. نيوز ڪاسٽر، سدره ظهير سميت سموري معاون عملي خبرنامي جي آخر ۾ نيڻ پرجڻ جو سبب پُڇيو هيو پر ڪين ڪجهہ بہ نہ ٻُڌايو هيم. پير محمد پاسي ۾ وينو هُيو. تنهن جڏهن سنڌيءَ ۾ پڇيو هيو تہ ٻُڌايو مانس، تہ يار اسان مسڪين ماڻهو، هر هاريءَ جا پُٽ، ڪڏهن تصور بہ نہ ڪونہ ڪيو هُيو سين تہ ڪنهن اهم جاءِ تي ويهي ڪو اهڙو عَمل بہ ڪري سگهون ٿا جنهن کي ڏسڻ لاءِ سڄو مُلڪ انتظار ڪري، اُن ڪري خوشيءَ جا لُڙڪ لڙي پيا آهن ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. تن ڏينهين ڊيٽي ڪنٽرولر نيوز خالده مظهر هوندي هئي، جيڪا منهنجي اُٿڻ ويهڻ، هلڻ ڳالهائڻ تي ڏيدين اکين سان ڏيان پئي ڏيندي هُئي. آئون بہ ڪيس ڏيدين اکين سان ڏِسي وٺندو هُيس، پر سمجهڻ کان قاصر هُيس تہ آيا هوءَ منهنجي ڪارڪردگيءَ تي نظر رکي پئي يا منهنجي جٽڪن ڪپڙن ۽ سينڊل تي غور ڪري ٿي. يا ٻنهي ڪنهن ٻئي خيال کي دِل ۾ سانڍي ويني آهي. نہ هُن کي همت ٿي چوڻ جي، نہ مون کي همت ٿي پُڇڻ جي، تنهن زماني ۾ هڪڙي چڪواليءَ چوڌريءَ مُڇن کي زيتون جو تيل پياري پياري اهڙو تہ ڏاڍو ڪري ڇڏيو هيو، جو جهڙو سَرن جو رسو هجي. مار پويس تنهن نوڪي ننڍڙي ڪيري وين مُڇن سان وين ڇِڪي هئي. تنهن جي ڪوئي فلم پري آيو هيو، سا خبر مون کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري رات جو ستين بجين وارين انگريزي خبرن ۾ هلائڻي هئي، جڪي تنهن زماني ۾ شائستہ زيد پڙهندي هئي. مون سان جٺ اها هئي تہ منهنجي انگريزي تن ڏينهين دٻي ۾ ٺِڪرين برابر هئي. بس ايئن چئجي تہ ڦوڪن تي گذارو ڪري ويندو هيس. سو انهيءَ ڏينهن اچي ڦاٿس تہ مُڇن کي انگريزيءَ ۾ ڇا چئبو آهي. سوچي سوچي ٿڪس، تہ نيٺ هليو ويس ميڊم خالده مظهر جي ڪمري ۾، ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري مُڇن جي انگريزي پُڇي مانس. مائيءَ معني تہ ٻُڌائي، پر حيرت مان مون ڏي ڏسندي رهي، انهيءَ ڏينهن ڦِڪو ايترو تہ ٿيس جو زمين جاءِ ڏئي ها، تہ هوند اندر هليو وڃان ها. ياد اٿم تہ جيئن تيئن ڪري خبر تہ ناهي هلائي هيم پر ڦڪائيءَ مان اها رات سُتو ئُپ ڪونہ هيس. ۽ پوءِ ورندي ڏينهن بازار مان انگريزيءَ جا ڪوڙ سارا نصابي ڪتاب ونيءِ، ايئن سمجهو تہ ڇهين درجي واريءَ انگريزيءَ کان نئين سئين پاڻهي پڙهڻ شروع ڪيو هيم. پي ٽي ويءَ تي گذاريل اهو وقت

تمام ٿورو هيو لڳ ڀڳ هڪڙي مهيني جي برابر، سو ايئن ئي واچوڙي جيان گذري ويو، ڪَلَ ئي ڪانہ پئي.
اجان پي ٽي ويءَ تي مهينو ئي ڪونہ گذريو هيو جوڳوٺان خان محمد جو خط آيو هيو، پوءِ هڪڙو بہ ٽي، لاڳيتا خط آيا تہ امان سخت بيمارآهي جلدي ڳوٺ واپس اچ. هڪڙي هفتي جي موڪل ورتم، پر ساھ مُٺ ۾ هجيم، تڏهن نہ هيا فون ۽ نہ ئي ڪو ٻيو رابطي جو بہ ذريعو هيو. امڙ جي ڪيئن خبر وٺان ها. راولپنڊيءَ کان ٽرين ۾ وينس، هڪلي هوڪاري، ٻيءَ رات گهر پهتس تہ امان واقعي سخت تڪليف ۾ هُئي. مون کي ڏِسي جڻ تہ ساھ پئجي ويس. اُٿي ويني هئي. منهنجي وڃڻ بعد پاڙي وارن ڦوڪ ڏني هُيس تہ، اسلام آباد اسان جي ڳوٺ کان ڪوئي ست سمنڊ پار آهي. تنهن تي هينئون هاري ويٺي هُئي. اڪيلي پُٽ جي پرديس پڌارڻ جي جهوراٽي ۾ جهڄندي وڃي ڳٽ ورتي هيائين. منهنجي پُهچڻ بعد، ڊاڪٽرَ آٽڻ صرف بهانو هيا ۽امڙ ٻن ڏينهن ۾ نوبني ٿي وئي. هڪڙي هفتي بعد منهنجي واپس سنبت ڏسي، مٿي تي ڪَيَل ٻانڌٽي پوتي ڪٽي پيرن ۾ اڇلايائين. چئي، توکي منهنجي مامتا جو قسم آهي، اها نوڪري نہ ڪر! توکي انهيءَ پوتيءَ جو قسم آهي. حيرت مان پوتي ڪٽي مٿي تي ڪرائيندي چيوهيومانس تہ امان تنهنجي مرضي آهي تہ مان ايڏي وڏي نوڪري وڃايان ۽ وري بہ اچي ماستري ۽ هارپو ڪريان؟ تنهن تي چڙي چيو هيائين، ابا جي هن ڳالھ کي حُڪم سمجهين، عرض سمجهين يا ڌمڪي سمجهين، پر جيڪي سمجهين سو سمجھ، پر اها نوڪري ڇڏ. ايئن امڙ جو حڪم اکين تي رکي ماٺڙي ڪري ويهي رهيس، ماساتِ ڪَڇِيءَ پِتين واري ڪونيءَ جي لوگهن مان لِڪي، ڏِسي مُسڪرايو پئي. گهٽو پوءِ سمجهيم تہ ماءُ جي اُنهيءَ حڪم، ڌمڪيءَ ۽ عرض پويان ڇا هُيو؟ هُن سمجهي ورتو هُيو يا سندس فقيراڻي طبعيت مان ڪِٿان ڪيس حُڪم مليو هُيوتہ جيڪر مون کان اُها نوڪري نہ ڇڏائي ها تہ اسلام آباد جي رنگينينءَ اڇين چمڙين ۾ آئون ايئن وڃائجي وڃان ها، جيئن سنڌ جا سوين ايم اين ايز ۽ آفيسر اسلام آباد پهچي ٻيهر ۽ ٽيهر گهوٽ ٿيو پون. آئونُ هڪڙي مسڪين ماڇهو جو پُٽُ، وڏيون محروميون ۽ محڪوميون ڏسي اُتي پهتو هُيس. اسلام آباد جون آسائشون ۽ آرامده جايون، سُهڻا رنگ مون کي پلڪن ۾ هِرڪائي پنهنجو ڪن ها. اُن ڪُنَ ۾ غرق ٿيندي، پويان چار نياڻيون، پُٽڙو ۽ ماساتِ بہ وسري وَڃنم ها. امڙ ۽ امڙ جو راڄ وسري وڃي ها.
چڱو ٿيو جو نہ ماستري ڇڏي ويو هُيس ۽ نہ ئي پي ٽي ويءَ تان ڪو پگهار ورتو هُيم. ڏُک مان واپس ساڳِيءَ ڪچيءَ ڪونيءَ ۾ ٻار پڙهائڻ ۽ شام جو ٻنيءَ جي ڪِرت سان لڳي

ويس، رَڪي رَڪي اسلام آباد جا وڻ، ٽڻ، گُل، ٻوٽا ۽ ماڻهو ياد اچڻ لڳندا هيم. تہ اندر مان سرد آه نِڪرندي هُئي. هڪڙي پيري انهيءَ ئي سال جي، آڪٽوبر ۾ چِٽن جي گرمين ۾ پاٽيءَ جو واري تي هيس، پڱهر ۾ شل هجان، گوڏن سوڏو گپ ۾ پريل هجان، پاٽيءَ تي ڊوڙ ڊوڙان هجيم، ٿورڙو ڏينهن لڙيو هيو تہ امان مون لاءِ ٻنيءَ تي چانهہ ڪٽي آئي هئي. وڻ جي ڇانو ۾ ويٺا هياسون، انتهائي گهٽي ڏک ۽ ڪروڌ مان چيو هيم، امان، تنهنجي ضد جي ڪري، کهڙي نہ پلوڙ نوڪري وڃائي ڇڏيم!! ايئن چئي اکيون مٿي ڪري امڙ ڏي ڏٺو هيم. انهيءَ مهل جيجل امڙ جون اکيون ڪاوڙ ۾ ڳاڙهيون تي ويون هيون. ياڻءِ اکين جي ڏورن مان رت سِمي نڪرندو هجيس، اُن ڪيفيت ۾ چيو هيائين، آئون اعتماد ۽يقين سان چوان تي تہ توکي اُنهيءَ کان بہ سُٺي نوڪري ملندي، اِتي ئي ملندي، اُبهرو نہ ٿيءُ، تون ماءُ جي دعا جا رنگ ڏس تہ سهي. سندس ڪاوڙ پريل اکيون ڏسي ۽ دُعا جا عجيب لفظ ٻُڌي مون وت ڳالهائڻ لاءِ باقي ڪجهہ بہ ڪونہ بچيو هُيو.

اُن سال ٻارهين ميل جي اوپر طرف چوڌري اسلم ويهارو ڪن دُڪان ٺهرايا هيا، اولهہ طرف حاجي محرم جا ايترائي دُڪان اڳ ۾ هُيا. هاڻ ٻارهون ميل چڱو موچارو شهر تي پيو هيو. ڪوڙ ساريون هوٽلون کُليون هيون، جلال چانڊئي جا ڪلام وڏي آواز ۾ وڃڻ لڳا هيا، تہ ڪڏهن ڪڏهن شوق ڪري گهمڻ ويندو هُيس. نہ تہ ماستري مان واندو ٿي، ٻنيءَ جو ڪم ڪار لاهي، هلال پاڪستان اخبار ۽ ڪڏهن ڪي سنگت ساٿ کان هٿ ڪيل ڪتاب پڙهي گهر ئي وينو هوندو هيس. تن ڏينهنين فقير محمد لاشاري هلال ميگزين ايڊيٽ ڪندو هيو، انهيءَ هلال ميگزين ۾ ڪڏهن اميرشر، ڪڏهن اميربخش شر، ڪڏهن نامعلوم شر ۽ وري ڪڏهن صنم شر پر گهٽو ڪري انوکن نالن سان ننيون کهاڻيون، شاعري ۽ مضمون لکندو بہ هُيس، جيڪي باقاعدگيءَ سان ڇپبا هيا. نالا مَٽائڻ جي اها پٽ ڪامريڊن وڌي هئي. جيڪي چوندا هيا تہ ماڻهن تائين پنهنجي ڳالهہ پهچي، سائي وڏي ڪيپ آهي جيڪا پاڻ ڳتي تہ لڪُ تي پيو. نالا تہ ڪائي حيثيت ڪونہ ٿا رکن.

تن ئي ڏينهين سنڌين جي قاتل آمرضياء، جڏهن مرحوم محمد خان جوڻيجي کي وزير اعظم ٿاڦيو هُيو، تہ پوري علائقي جي ماڻهن کي ڏاڍي خوشي تي هئي. مرحوم جوڻيجو راڄائتو ۽ رَڄُ اشراف ماڻهو هُيو. هُن پنهنجيءَ سموريءَ ڄمار ۾ وسين لڳي ڪڏهن ڪنهن سان قِتايو ڪونہ هيو نہ ئي وري ڪنهن کي رنجايو هيو. هو جڏهن وزير اعظم تي پهريون ڀيرو سنڌڙيءَ جي هوائي اڏي تي تي آيو هيو، تہ انهيءَ ڏينهن پيپلا، ليگلا ۽ سِيپلا سيئي، پاڙي ۽ راڄ جي هن رَڄ اشراف مڙس جي آجيان لاءِ سنڌڙيءَجي هوائي اڏي ڏانهن سمنڊ

جي چولين جيان اٿلي پيا هيا. هونئن ته پاڪستان جي هوائي فوج جا چاڪ وچوبند اهلڪار، ڪنهن به ماڻهوءَڪي هوائي اڏي جي حدن ۾ وڃڻ ڪونه ڏيندا آهن، خاص ڪري هندُن کي ته ٽُپ ڪونه ڇڏين. پر ان ڏينهن ضياءَ جي فوج پنهنجي هن نئين چونديل وزيراعظم جي مانائتي آجيان سموريءَ دنيا کي ڏيکارڻ جي لاءِ اهي پابنديون به لاٿيون هيون. ان ڪري جوڻيجي صاحب جي هارين جون به هنڌان هنڌان ٽريڪٽر ٽراليون پرجيو پئي آيون. مزو اهو پئي ٿيو ته هنن ويچارن کي هڪڙو ئي نعرو ياد هيو، پيج پاڳارا جو، باقي ڪجھ به نه. انهيءَ ڪري هو رُڳو پيج پاڳارا جي نعري ۽ خالي هو هو جي رڙو رڙ لايو بيٺا هيا. الائي ڪنهن جي دل ۾ خيال آيو ته ڪين نعرو ٺاهي ڏنائين، تنهنجو شان منهنجو شان، محمد خان، محمد خان. پوءِ ته وٺ ونان ٿي وئي هئي. هوڏانهن وري جوڻيجي صاحب جي هارين جي اڪثريت هئي، بروهين، پيلن ۽ پاٺن جي، ۽ بروهين جي ٻولي ته بچي شل ڌٻي ۾ نڪرين جيان هئي، باقي پيلن ۽ پاٺن ۾، سنڌيءَ ۾ شين جو اُچار سين سان اچاريو ويندو آهي، پيلن ۽ پاٺن وٺي نئين نعري جي ڌم لاتي، تنهنجو شان، منهنجو شان، محمد خان، محمد خان. تڏهن ڪنهن سمجھ پرئي ماڻهوءَ هڪلون ڪري وڃي ڪانئن اهو نعرو بند ڪرايو هيو.

تن ڏينهين ماروٺ خان محمد، مرحوم محمد خان جوڻيجي سان گهڻو ملندو هيو. منهنجي مرحوم جوڻيجي سان ڪڏهن به ڪا ملاقات نه ٿي هئي، هڪڙي ڏينهن خان محمد نوڪريءَ لاءِ عرض ڪيس ته يڪدم ڪانئس درخواست گهريائين. خان محمد ڳوٺ اچي مون کي درخواست لکي ڏيڻ جو چيو، تڏهن بي ايماني ڪندي پنهنجي درخواست به لکي هيم. ۽ پوءِ اهي ٻئي درخواستون هڪڙي لفافي ۾ وجهي ماروٺ خان محمد جي حوالي ڪيون هيم، جنهن بند جو بند لفافو وڃي وزير اعظم کي ڏنو هيو ۽ وزير اعظم وري اهوسندس سيڪريٽريءَ محفوظ جي حوالي ڪيوهيو. اڳتي وڃي مرحوم جوڻيجي قانوني طريقو استعمال ڪندي ميرٽ جي چونڊ لاءِ اهي درخواستون وسطيدار ڪاتن ڏانهن موڪليون هيون. تن ڏينهين پنجابي لابي سنڌين لاءِ نوڪرين جا در بند ڪرڻ لاءِ مختلف حيلا هلائيندي هئي، سو چا ڪيائون جو خان محمد جو انٽرويو ليٽر اهڙي طريقي سان ٽپال ۾ موڪليائون، جو او جي ڊي سي ايل مان انٽرويو ليٽر اُنهيءَ تاريخ جي شام تي هُن وٽ اچي پُهتو هيو، جنهن تاريخ تي انٽرويو ٿي چُڪا هيا. ان ڏينهن اسان کي يقين ٿيو هيو ته پنجابي انتظاميه سنڌين کي پوئتي ڌِڪڻ لاءِ اهڙا حربا گهڻي وقت کان هلائيندي رهندي آهي. ان ڏينهن خان محمد ته ٺڙ نپ هيٺئان لاٿ ٿي ويهي رهيو هيو، ته هاڻي ڪجھ ڪونه

ڏيندو، پر مون سندس همت وڌائيندي ڪيس چيو تہ پاڻ وٽ لفافي تي لڳل ٺپال ڪاتي جي مُهر جي تاريخ وڏو ثبوت آهي، ۽ اهوثبوت طور ڪٺي ڪراچي هلون ٿا. ايئن اهو سڪٺو لفافو کڻي، ڪراچي ۽ پُهتاسين. پي آئي اي جو اصغر جروار اڳيئي اتي هيو، آئون ۽ خان محمد هتان وياسين. صبح جو او جي ڊي سي ايل جي ڪراچيءَ ۾ موجود بالا عملدارن سان ملي ثبوت ڏيکارياسين، پر اسان کي ڪُتو جواب ڏنائون تہ انٽرويو ڪالهہ ٿي چڪا هاڻ ڪونہ ٿيندا، ان تي بگڙي پر زور احتجاج ڪيوسين. نيٺ همراهن کي رحم پيو يا ٻرندڙ سنڌ ۽ سنڌين جي هينئين تي ڇندبو رکڻ لاءِ مجبور ٿي، اسلام آباد مان رسمي اجازت وٺي، اڪيلي خان محمد جو انٽرويو ورتائون. جنهن ۾ هو پاس بہ ٿيو.
گڏوگڏ مونکي بہ بينڪنگ ڪائونسل طرفان آفيسر گريڊ 111 جي انٽرويولاءِ ليٽر پُهتو هيو. راڻي باغ حيدرآباد ۾ شاميانا لڳائي، لِکت جو امتحان ورتائون. اميدوارن جو تعداد هزارن ۾ هيو. اُتي جو اُتي ئي لکت جي امتحان جي ڪلاڪ ٻن اندر نتيجا لائوڊ اسپيڪر جي ذريعي ٻڌائڻ شروع ڪيائون. ڇندڻ جو رهاڪو امير بخش جوٽيجو، وزير اعظم جو ويجهو عزيز ۽ اهم سفارشي هُيو. پر لکت جي امتحان ۾فيل ٿي پيو هيو. آئون پاس ٿيوهيس. تہ وڏي واڪ احتجاج ڪندي چوڻ لڳو هيو، سفارش مون ڪرائي هئي ۽ پاس تون ٿيو آهين. اها نالي جي پُل آهي. آئون هينئر جو هينئر ٿو وزيراعظم سان ڳالهايان ڏِسجانءِ ڪيئن ٿي رزلٽ تبديل ٿئي. ان ڏينهن واقعي بہ مون کي ڏاڍو ڊپ اچي ٿيو هيو، تہ ڪٿي هي سفارشي وڏيرو مون غريب جي حق کي نہ ماري وجهي. ڪُل ملائي پنجاهہ کن اميدوار پاس ٿيا هياسون، جن کي ٻئي ڏينهن ئي زباني امتحان لاءِ گهرايو ويو هيو.
ٻئي ڏينهن شهباز بلڊنگ ۾ بينڪنگ ڪائونسل وارن جي ٽيم سان گڏ ٻن سنڌي ڪمشنرن محمد هاشم ميمڻ (پانئيان ٿو)۽ نثاراحمد صديقيءَ زباني امتحان ورتا هيا. انتهائي اهم ۽ ڏکئي انٽرويوءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ تائين ماضيءَ جي گذاريل گهڙين سميت، علم ۽ ادب بابت اهم سوال ڪيا ويا هيا. بينڪنگ ڪائونسل وارا ڪامورا تہ مڪيل چڪيل ۽ سوٽيڊ بوٽيڊ هيا، پر روينيو جي ٻنهي ڪامورن جڏهن مونکان ذاتي زندگيءَ بابت سوال ڪيا، اهڙن چُيندڙ ذاتي سوالن تي منهنجي پرجي آيل نيٽن ڏانهن ڏسي، پاڻ بہ اڪيون پرائي وينا هيا تہ پڪ ٿيم تہ هو بہ مون جيان غريب مسڪين خاندان جا فرد آهن ۽ ڪافي ڏکين ڏهاڙن کي ڪاٽي هتي پُهتا آهن. تڏهن ئي تہ منهنجي ڏُک جي داستان تي اکڙيون افسرده اٿن.

اڄ سوڏو گهٽا ماڻهو سمجهندا آهن ۽ چوندا آهن تہ مون کي ۽ خان محمد کي، وزير اعظم محمد خان جوڻيجي نوڪرين ۾ آندو هُيو. اُن لاءِ عرض ڪندو هلان تہ جوڻيجو صاحب مرحوم نہ تہ مون کي سڃاڻيندو هُيو نہ ئي ڪڏهن مون لاءِ ڪنهن چيس. خان محمد بہ خود هينئين جي زور تي وڃي ملندو هيس. بنان ڪنهن سفارش جي، اصل ۾ ائين هُيو تہ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سنڌين جي پاڻ ارپڻ واري جذبي سول ۽ فوجي بيوروڪريسيءَ جون وايون بتال ڪري ڇڏيون هيون. ان بعد ئي فوجي ۽ سول بيوروڪريسيءَ کي سنڌين جي احساسِ محروميءَ جواحساس ٿيو هُيو. خود مرحوم محمد خان جوڻيجو بہ هزارين سنڌين جي ڏنل عظيم قربانين جي سِلي ۾ ئي تہ وزير اعظم ٿيو هيو ۽ ضياءالحق ۽ ان جي ساٿين جي نئين پاليسي هُئي تہ وفاقي ڪاتن ۾ سنڌين کي ڪجھ ڪوٽا ڏياري ڪين ٽٽو ڪجي. ان ڪري ئي 85-84 ۾ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحان مان رهجي ويل سنڌين کي سڏائي نوڪريون ڏنيون ويون. بينڪنگ ڪائونسل پاران پڻ راڻي باغ ۾ شاميانا لڳائي انٽرويو ڪرڻ، اُتي جو اُتي لائوڊ تي نتيجا ڏيڻ، او جي ڊي سي ايل جو تاريخ گذرڻ بعد انٽرويو وٺڻ، سڀ اُن سلسلي جون ڪڙيون هُيون. ڪافي سنڌي استادن ۽ يونيورسٽين جي پروفيسرن کي ڊي ايم جي ۽سيڪريٽريٽ گروپ ۾ سڌو سنئون کڻڻ بہ ان سلسلي جي ڪڙي هيو. جيتوڻيڪ آمر ضياءَ، پير پاڳاري جي چوڻ تي مرحوم جوڻيجي جهڙي ڪوڙي گوري ڪاڏي هئي، پر ظاهري طور شريف ڏسڻ ۾ ايندڙ مرحوم جوڻيجو ضياءَ جي نڙيءَ ۾ مڇيءَ جي ڪنڊي جيان اٽڪي پيو هيو، سو هڪڙو الڳ داستان آهي. اهو بہ مڃيان ٿو تہ مرحوم جوڻيجي جهڙي شرافت ڪنهن سياستدان وٽ ڪونہ هُئي. پراهو بہ چوندس تہ نوڪرين جي معاملي ۾ وٽس ايتري سخا بہ ڪونہ هُئي. ڪائنس اڳ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي، غلام مصطفي جتوئيءَ، ممتاز ڀُٽيءَ ڪائنس پوءِ غوث علي شاهہ، مظفر حسين شاهہ ۽ ڄام صادق عليءَ پنهنجي علائقي جي پڙهيل لکيل نوجوانن جون انتظامي پوسٽن تي سِڌيون ڀرتيون ڪيون هيون. ۽ جڏهن وقت گذريو، تہ تڪليفن جي دور ۾ اُهي ڪامورا ڪين ڪم بہ آيا. پر مرحوم جوڻيجي ائين ڪونہ ڪيو هيو. نہ ڄاڻ چو؟ شايد هن پنهنجا اصول ٽوڙڻ ڪونہ پئي چاهيا يا هو مورهيان ئي ان معاملي ۾ ڪنجوس هيو، سو رب ٿو ڄاڻي!. اِن تي زور اُن ڪري بہ ڏئي چوان ٿو تہ آفيسر ٿيڻ بعد جڏهن هيڊ آفيسن ۾ اسان جون فائيلون ڏٺيوسين تہ مرحوم جوڻيجي اسان جي درخواستن تي نوٽ لڳايا هُيا تہ، جيڪڏهن درخواست گذار ميرٽ تي پورو لهي تہ کيس نوڪري ڏني وڃي. اهڙي نوٽ کي سفارشي ٻوليءَ ۾ سفارش نٿو چئي سگهجي.

ٻيو تہ اُنهيءَ سال مون کي ٽي نوڪريون مِليون هيون، شماريات، پي ٽي وي ۽ بينڪ ۾، پبلڪ سروس ڪميشن مان ڊپٽي سپرٽنڊنٽ جيل جو لکت وارو امتحان پاس ڪيو هيم ۽ساڳيءَ ڪميشن مان سنڌي ليڪچرار جوبہ. خان محمد کي بہ نوڪريون مليون هيون، او جي ڊي سي ايل ۽ تعليم کاتي ۾ ايچ ايس ٽي. اڳ ۾ بہ ذڪر ڪيو اٿم تہ وزير اعظم جو ويجهو عزيز اهڙي ئي نوٽ سبب لکت جي امتحان ۾ فيل ٿي گهر هليو ويو. خدا جي خلق چوندي آهي تہ خان محمد مَهر کي بہ محمد خان نوڪري ڏياري هُئي پر آئون سمجهان ٿو ائين ڪونهي. منهنجي ڄاڻ مطابق هُو خليفي عاقل جي بلدياتي وزير هُجڻ واري عرصي ۾ ڪراچي ميونسپل ۾ لڳو هُيو. پوءِ پنهنجي مُڙسي ۽ ذهانت سان اڳتي وڌندو ويو هيو. ان ۾ هن کي ڪنهن بہ سفارش جي ضرورت ڪونہ هئي. مرحوم جوٽيجي پنهنجي ويجهي دوست ساجن راڄڙ جي ايم اي پاس پُٽ محمدخان راڄڙ کي بہ نئين روشني پراجيڪٽ ۾ هلڪي ڦلڪي نوڪري ڏياري هئي، جيڪا هن جي دور ختم ٿيڻ سان هلي وئي، ٻئي ويجهي دوست حاجي صابو پهوڙ جي ڀائيٽي قاسم پهوڙ کي ايئر پورٽ سيڪورٽي فورس ۾ صوبيداري ڏياريائين، جيڪا هو ڇڏي ڀڄي آيو هيو.

ڊسمبر 1985 جي آخر ڌاري حبيب بينڪ ۾ آفيسر گريڊ III جو آرڊر ڪوڙ ڏينهن جي دير سان ٽپال ۾ رُلندو اچي مليو هيو. انهيءَ ڏينهن ڏاڍو خوشِ خوشِ گهر آيو هيس. جيجل امڙ کي اچي اهو آرڊر ڏيکاريوهيم، ان مهل امڙ مسڪرائيندي چيو هيو تہ، ”پُٽ اجان نٿو مڃين تہ ماءُ جي دُعا ڇا ڇا ٿي ڪري“!!!؟ انهيءَ مهل خوشيءَ جا لڙيل لڙڪ قميص جي ٻانهن سان اُگهندي، ڊوڙي وڃي امڙ جا پير چُميا هيم. موٽ ۾ امڙ ڪوڙ ساريون دعائون ڏنيون هيون تہ ٻچڙا رب ڪندو، سدائين اڳئين کان اڳرو هوندين. ٻچن مان شهر ٿيندئي. ڪڏهن ڪوسو واءُ ڪونہ لڳندئي. ڀائنيان ٿو تہ اها گهڙي رب جي سرڪار وٽ غريبن جي دعائن جي اگهامڻ جي گهڙي هئي، ۽ ان ڏينهن جيجل امڙ جي اها ڪوسي واءُ نہ لڳڻ واري دعا اگهامي وئي هئي، جنهن جو منو ثمر اڄ ڏينهن تائين پيو کاوان.

اُن زماني ۾ بينڪ جي نوڪريءَ حاصل ڪرڻ بعد بينڪ ۾ دخلڪاريءَ لاءِ ٻن قسمن جون ضمانتون ڏيڻيون پونديون هيون، پهرين هوندي هئي پنجاهہ هزار روپين جي ذاتي ضمانت، جيڪا نئين ملازم جي لاءِ بينڪ ۾ اڪائونٽ هلائيندڙ ڪوبہ ماڻهو لکت ۾ بينڪ جي تجويز ڪيل هڪڙي دستاويزي فارم ذريعي ڏئي سگهندو هيو. ۽ ٻي هوندي هئي ٻہ هزار پنج سئو روپيہ روڪ رقم جي ضمانت، جيڪا نئون ملازم روڪ جي صورت ۾بينڪ ۾

جمع ڪرائي، انهيءَ جي رسيد پاڻ وٽ رکندو هيو. روڪڙي ضمانت جو مرحلو ٻئي درجي جو هيو، جنهن ۾ اجان ڪجهه دير به هئي. پهرين پريشاني اها اچي ٿي هيم ته وڏي ۽ پنجاهه هزار واري دستاويزي ضمانت ڪير ڏيندو؟ ڇو جو تنهن زماني ۾ ڪنهن جا بينڪ ۾ پنجاهه هزار هجڻ تمام وڏي ڳالهه هئي ۽ ٻيو ته ڪو به اهڙو واسطيدار سنگتي ساٿي توڙي مِٽ مائٽ سُڪيو ڪونه سُجهندو هيم، جنهن جو بينڪ ۾ اهڙو اڪائونٽ هلندڙ هجي، جنهن ۾ ڇهه ماهي مجموعي رقم ۽ حاضر رقم ٻئي گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه هزار يا انهن کان به مٿي هجن.

سوچيندي سوچيندي اوچتو يادگيرو آيم ته ماما رمضان، ڊينگاڻ پرڳڙيءَ ۾ ٽيهارو ورهين کان ڊِنگ وڏيرن جون ڪمداريون ڪندو وتي، ڇو نه ڪيس وڃي چوان ته سندس مُجيرين کان اهڙي ضمانت وٺي ڏئي. يادگيرو ايندي ئي مُنيون پيڙي پڳس ڊينگاڻ واريءَ لاريءَ ڏي، جيڪا تنهن زماني ۾ ميرپورخاص جي قائم ٽاڪيز سينيما وٽان ماڻهن ۽ مال سان سٽجي جهلوريءَ واري رستي سان هوريان هوريان لُڏندي لَمندي ڊينگاڻ ويندي هئي. لاريءَ مان لهي ڊينگاڻ کان رئيس عبدالقادر پرڳڙيءَ جي ديهه ميما واريءَ ٻنيءَ جي ميل ڏيڍ پنڌ ڪي وکون ئي چار ڪيم. رات ماما وٽ رهي صبح جو ڪيس گڏ وٺيون آيس ته جيئن شهر ۾ موجود سندس نوَن توڙي پراڻن مُجيرين کان ڪائي ضمانت ڏياري سگهي، جنهن جي رات ماما پڪ به ڏني هئي ته هو ڪيس انڪار ڪونه ڪندا ۽ ضمانت ڏيندا.

پهرئين پهرئين سيٺ عبدالعزيز نواب خان وٽ اناج منڊيءَ ميرپورخاص جي سندس ڪاروباري آفيس ۾آياسين، جنهن وٽ رئيس عبدالقادر پرڳڙيءَ جي زمين مقاطعي ۾ هئي جنهن تي ماما ڪمدار هيو. جڏهن نوڪرن ٻڌايو ته سيٺ صاحب موجود آهي ته مون ۾ جهڙوڪر ساهه پئجي ويو هيو. ماما، ساڻس ڳالهائڻ لاءِ سندس ڪمري ۾ اندر ويو هليو، آئون ٻاهرينءَ ڪرسيءَ تي ويهي پير سوريندو رهيس، ڪجهه دير کان پوءِ ماما ٻاهر نڪري ٻڌايو ته سيٺ عبدلعزيز چوي ٿو ته اسان جو اول ته ڪنهن بينڪ ۾ کاتو ناهي ۽ جيڪر هوندو به ته انهيءَ ۾ پنجاهه هزار جيتري رقم ڪونه هوندي. ماما جي ڳالهه ٻُڌندي ٺپ ئي ٺري ويم. حيرت ۽ عجب مان ماما جي مُنهن ۾ نهاريندي سوچيندو رهيس.

ته هڪڙو ماڻهو ميرپورخاص جي نواب ڪاٽن فيڪٽريءَ جو مالڪ آهي جنهن ۾ڪروڙن جي ڦٽين، تيل ۽ ڪڪڙن جو ڪاروبار ٿئي ٿو، ڪراچيءَ ۾ پراڻن بحري جهازن کي خريدي ٽوڙي انهن پرزن کي اسڪريپ جو ڪاروبار اٿس ۽ هزارين ايڪڙ زمين جو مالڪ

ٻہ آهي تہ مقاطعيدار ٻہ. پر چوي ٿو تہ بينڪ ۾ ايترا پئسا ئي ڪونہ اٿم جو ڪنهن جي ضمانت ڏئي سگهجي!!

منهنجي ٻوٽ تي ٻارهن وڄندي ڏسي، ماما پنهنجي ٻئي واسطيدار ۽ ميرپورخاص جي وڏي واپاريءَ غلام حسين شيخ وٽ وني ويو، جنهن وٽ ٻہ ڪمداري ڪئي هيائين. جتان ٻہ بقول ماما جي بينڪ ۾ڪاتي ئي نہ هُجڻ جو جواب مليو هيو، وري وڃيو هيوسين پنڌ ڪي سيٺ نسيم عُمر چنيوٽي ڏي، جنهنجي ڪارخاني ۾ ٿورڙيون ڦتيون ڏيندا هياسون، ان ڪان ٻہ ساڳيوجواب مليو. ماما هڪڙي ڏينهن جي چئن پنجن ڪلاڪن ۾ٻن ٽن جاين تان روڪڙا جواب ٻُڌرائي، ٻي اونو ٿي، وڃيو پنڌ ڪي ڊينگاڻ ڏي ۽ ويندي ويندي چوندو ويو، ابا اميرا! ڏوڙ وجھ نوڪريءَ کي، تون مانڙي ڪري وڃي هر ڪاهہ ۽ پنهنجي مائٽاڻي چار ٻارا ٻنيءَ کي سنڀال. ٻيو تہ بينڪ جي نوڪريءَ ۾ ڊينگاڻ جي آس پاس جي هڪڙي وڏيري جو پُٽ تہ اهڙو ڦاٽو هيو جو ڪي سال جيل ڪٽيائين هاڻ ٻہ پٽس سموري ٻني وِڪٽي، سندس ٽوٽ پيري آ پر پوءِ ٻہ جان ڪونہ ٿي ڇُٽيس. ماما جي اهڙي اونڌي صلاح ڏاڍي ڏکي لڳي هيم. روئٽهارڪو ٿي چيو هيم نہ ماما نہ آئون ڪهڙيءَ بہ حالت ۾ نوڪري ڪندس.

پوءِ تہ هڪڙي، ٻي ۽ ٽين رات پريشانين ۾ۦ نيون نيون اٽڪلون رٿيندي گذرندي هئي، اصل ننڊون حرام هُجنم. اهڙو سُکيو جيڪو ضمانت ڏئي تنهن کي ڳوليندي، ست ڏينهن گذري ويا، نيٺ الهبچائي مرحوم، نجب الدين لاشاريءَ کي وڏين منٿن سان ضمانت ڏيڻ لاءِ راضي ڪيو هيو. جيڪو تن ڏينهن ۾ هلڪي ڦلڪي ٺيڪيداري ڪندو وتندو هيو. الهبچائي جي گهڻي زور ڀرڻ تي، پروپوزل واري فارم تي صحيح ڪيائين، سندس اڪائونٽ مسلم ڪمرشل بينڪ لميٽيڊ سرسيد روڊ برانچ ۾ هيو. اتي جي مينيجر کان نجب الدين مرحوم جي صحيح ويريفاءِ ڪرائي، ڪٽي حيدرآباد پڳُس، ۽ اهو ڪاغذ حبيب بينڪ وارن کي ڏيکاريم تہ قبول ڪيائون، گڏوگڏ اصلي دستاويز ڏيندي چيائون، تہ هاڻي هيءُ اصلي دستاويز صحيح ڪرائي اچ. ان وچ هڪڙي رات گذري وئي هئي.

وري الائي ڪهڙو ڦرڪو ڦِريو جو مرحوم نجب الدين لاشاري، الله جنت نصيب ڪريس، ڦيرو ڪاڌو. ڏنائين هي غريب جو ٻار، صبحاڻ بينڪ ۾ ڪا هيرا ڦيري ڪري وڃي تہ آئون ڦنگِبُس. ان ڪري صحيح نہ ڪرڻ گهرجيم، ۽ هو الهبچائي کي سنگت ۾ سڌو سنئون جواب ڪونہ ٿي ڏئي سگهيو، ان ڪري گم ٿي ويو. سندس ڳولائون ۽ پڇائون ڪندي، سڄو ڊسمبر گذاري ويس. هڪڙي رات مرحيات نجب الدين جو ڪراچيءَ ۾ ڏس مِليو، سڄ لٿي ويل بس ۾ سوار ٿي ڪراچيءَ ويس ۽ سندس ڀائيٽيو ابوالحسن ٻہ گڏ هليو هيو،

سڄي رات ڳولائون ڪندي بہ مڙس هٿ نہ آيو، تڏهن گلشن اقبال ۾ مرحوم الهبچائي ڪي ڳولي هٿ ڪيم. جنهن وڏي وٺ وٺان بعد اصغر جروار جي مدد سان فجر ڏاري نجب الدين ڳولي هٿ ڪري ڏنو. پوءِ اصغر جروار، ميان پير محمد، الهبچائي ۽ مرحوم غلام حسين ڪيرئي ڪُجھ دير جي منٿن بعد ڪيس راضي ڪيو هيو. تڏهن وڃي ڪاغذن تي صحيح ڪئي هيائين. دير سان يا سوير صحيح ڪرڻ ڪان هٽي ڪري بہ مرحوم نجب الدين جو اهو ٿورو لاهڻ جو ئي ناهي، پر جيڪر سموري ڄمار ڳائجي تہ بہ گهٽ آهي.
اڄ بہ اهو يقين سان چوان ٿو تہ مرحيات نجب الدين منهنجي ضمانت نہ ڏئي ها تہ منهنجي زندگيءَ ۾ هيءَ تبديلي ڪونہ اچي سگهي ها. تنهن زماني جو مارڪسي ليني ڪامريڊ ۽ هاٺوڪو تبليغي مولوي ميان پير محمد، مرحوم غلام حسين ڪيريو، پي آئي اي جو اصغر جروار ۽ مامو الهبچايو ڪيس ريهي ريبي، ياريءَ دوستيءَ جا واسطا ڏئي، ميڙون منٿون ڪري آماده نہ ڪن ها تہ اڄ بہ پرائمري ماستري ڪندي، ڪنهن وڏيري جو مُنشيپو بہ ڪندو هجان ها. يا تہ مورڳهين ٻارن جي ولر جي پاندي پوري ڪندي مري ڪپي چُڪو هجان ها.
اها 07 جنوري 1986 جي باڪ ڦٽڻ جي ويل هئي، ڪراچيءَ ۾ مرحيات نجب الدين جنهن فليٽ ۾رهيل هيو، سو الڪرم اسڪوائر ۾ ميان پير محمد جي ملڪيت هيو. ۽ اتان ئي حيدرآباد جون بسون ملنديون هيون، بسن جي انهيءَ اڻ اعلانيل اڏي آڏو ريڙهي تي نهيل هترادو هوٽل تان بيني بيني چانھ جو ڪوپ پي، حيدرآباد جي بس ۾ وڃي وينس، وڏيل ڏاڙهي، ميرڙن ڪپڙن، اٽين وارن ۽ ڦاٽل چتيون لڳل چمپلن سان صبح جو نوين وڳين کان اڳ، حبيب بينڪ سرڪل آفيس حيدرآباد پهتو هيس، جتي ڊيوٽيءَ تي پهچندڙ هرهڪ آفيسر منهنجي اجڙيل حالت ڏي گهري نظر سان ڏسندو، ڪوئي قرض وٺڻ وارو، تتڙينگ نندو آبادگار سمجهي پنهنجي ڪرسين تي ويهڻ لاءِ هليو پئي ويو. تن ڏينهين بينڪ جي سرڪل آفيس جو اسٽاف آفيسر اختر حسين هوندو هيو، جيڪو پوءِ وائيس پريزيڊنٽ بہ ٿيو هيو. انهيءَ موصوف ڪي جڏهن پنهنجو ڪم ٻڌايم تہ مٿي ڪان وني پيرن تائين منهنجي حال ڪي طنزيہ انداز ۾ هڪ، بہ پيرا ڏسي، مون ڪي سرڪل چيف وٽ وني ويو، جنهن بہ منهنجي حالت تي اچاتري نظر وجهندي، مونکان صرف اهو پڇيو تہ ڪٿي جو آهين؟ ۽ مير پور خاص جو ٻڌائڻ شرط ميرپورخاص زون جو ليٽر ڏيڻ جو حڪم ڏنائين، ايئن پنهنجي قسمت بدلائڻ وارو اهو لفافو لوڏيندو لوڪل بسن ۾ ڌڪ ڪائيندو اچي حبيب بينڪ جي ميرپورخاص زونل آفيس پهتس. جتي بہ منهنجي حالت تي سڀ آفيسر هوريان

هوريان سرباٽن ۾ عجيب وغريب تبصرا ڪندا رهيا. اسٽاف آفيسر هڪڙو مهاجر خوجا هيو، نالو وسريم ٿو. موصوف انتهائي ڏنگو ماڻهو هيو، الائي ڪيترا ڪلاڪ زونل چيف سان ملائڻ لاءِ انتظار ڪرائيندو رهيو، اتاولو ٿي هڪ ٻه ڀيرا صاحب سان ملائڻ جي گذارش ڪرڻ تي چڙٻون ٻه ٻڌم. نيٺ گهڻي انتظار بعد زونل چيف اقبال احمد خان سان ملاقات ڪرايائين. جنهن صاحب حبيب بينڪ جي غريب آباد برانچ ۾ ٽريني آفيسر جي حيثيت ۾ جوائن ڪرڻ جو حڪم لکت ۾ڏنو. ان وقت ڏاڍو خوش هُجان. جيجل امڙ جي دعائن وارا سمورا لفظ پَل پَل پيا ياد اچن. هاڻي بينڪ مان موڪل جي وقت جو انتظار هُجيم، ته ڪڏهن گهر پُهچي امڙ جا پير چُهان. تان جو موڪل ٻه ٿي، بسن ۾ ڌڪ ڪائيندو، شام جو ڳوٺ پُهتس. ۽ امڙ جا پير چهيم، وري وري دعائون ورتم.

اوڙي پاڙي مان مُبارڪون مليون. هرڪو پاسي ۾ ويهي هوريان هوريان پُڇي پيو، ته بينڪ ڪهڙي آهي؟، ڪيئن آهي؟، بينڪ ڇا هوندي آهي؟ اسان جي ڳوٺ جي ماڻهن جي غربت جا حال اهي هُجن، جو اڪثر ڳوٺ وارن بينڪ ڪونه ڏٺي هئي. ايتريقدر جو منهنجي مرحوم ماسيءَ حيرت مان پڇيو، ابا، بينڪ ڪهڙي آهيءَ ڪيئن آهي؟؟ وراڻيومانس، ماسي تون ڇا ٿي سمجهين ته ڪهڙي هوندي؟؟ چوڻ لڳي هئي اڙي ابا، آئون ڀانيان ٿي ته پئسن جي ڪا پريل ڪوٺي هوندي ۽ تون اُن تي لٺ ڪٽي پهرو ڏيندو هوندين!!. ڪو وڏڙو وري چوي، ابا خيال ڪجانءِ، متان پرايو ڪو روپيو، پئسو اڳتي پوئتي ٿي وڃئي ته ڪاٺ ۾ نه پئون. ماما ٻه ٻن ٽن ڏينهن بعد ڳوٺ آيو هيو، تنهن ته ويتر هيانءُ ئي ڪڍي وڌو هيو. چئي ڊينگاڻ ڏي هڪڙو ٻه وڏيرن جا ٻار بينڪ جي نوڪرين ۾ ويا هيا، اتي ڪا چوري ڪيائون يا نڳي، همراهه جهلجي جيل ۾ پيا آهن، مائٽن سموريون زمينون وڪٽي بينڪ کي پئسا ڀري ڏنا آهن ته ٻه جان ڪونه ٿي ڇُٽين. ٻيلي تون ڀلائي ڪجانءِ اسان غريبن ۾ ڪا ٻه دٻ جهلڻ ڪانهي.

منهنجي بينڪ ۾ وڃڻ جي شروعاتي زماني ۾ ڳوٺان ڪوئي ماڻهو پنهنجي ڪم ڪار سان شهر ايندو هيو، ته بينڪ جي اڳيان وائڙن جيان ٻه ٽي ڦيرا ڏيندو هيو. گيٽ تي بيٺل بندوق واري جي ڀَئوَ ڪان اندر اچڻ جي همت ڪونه ساريندوهيو. دروازي يا دريءَ مان مٿن نظر پوندي هيم، ته ڊوڙ پائي ڪين اندر وٺي ويهاريندو هيس. اسٽاف وارن کي ٻُڌائيند و هيس ته هيءُ منهنجو عزيز آهي. سندن پراڻن ميرن ڪپڙن، وڌيل ڏاڙهين ۽ اٽين وارن ڏي ڏسي اسٽاف جا عملدار خاص ڪري صابر مهاجر کلندا هُيا ۽ ٺٺولين جي انداز ۾ ساٽن

ملندا هُيا. اهوسڀُ ڪجهه سمجهندي به ڪين ڪجهه ڪونه چوندو هُيس. رڳو دل ئي دل ۾ چوندو هيس ته ويکي جا مولا دي رنگ.

اُن سال ئي حبيب بينڪ آفيسرس انسٽيٽيوٽ مان بينڪ آفيسر جي ٽريننگ لاءِ ڪراچيءَ موڪليو ويس. تڏهن به لالو کيت ۾، سنڌي هوٽل جي سامهون، انفرميشن کاتي جي ڪلارڪ الاهي بخش ساهوال جي هڪڙي ڪمري واريءَ گُڏيءَ ۾، مرحيات الهبچائي بندوبست ڪري ڏنو هيو. جتي مڇرن جي شديد مارا ماريءَ کان بخارن ۾ ونجي ويو هيس جتان پوءِ مازيه اسڪوائر ۾ اسٽيٽ بينڪ جو حاجي خان جروار، پي ٽي وي جو حفيظ ميرجت، ۽ حبيب بينڪ جو اعجاز ميمڻ گڏ رهندا هياسين. حفيظ ميرجت جا ٻڌا ٺهڪ ۽ تکيه ڪلام آنٽي، اڄ تائين ڪونه وسريا اٿم. ڪجهه وقت بعد اصغر جروار جي فيملي ڳوٺ رهڻ لڳي ته کِهلي، يوسف پلازا وني آيو. نيٺ آخر ۾ حبيب بينڪ جي ڪجهه دوستن گڏجي يوسف پلازا ۾ C-71 فليٽ مسواڙ تي ورتو. جتي خيرپور ميرس جو انور ميتلو، ميرپور خاص جا حميد ملڪ ۽ رضا مهاجر گڏ رهندا هيا. ٽريننگ انسٽيٽيوٽ، بينڪ جي اينڪسي بلڊنگ ۾ نيو چاليءَ ۾ هُوندو هيو. جڏهن پهرئين ڏينهن ٽريننگ تي ويو هيس ته بس مان لهڻ ۽ چڙهڻ وارين جاين جون نشانيون ياد ڪري ڇڏيون هيم. شروعات ۾ احتياط سان اچڻ وڃڻ لڳو هيس ته ڪٿي هيڏي وڏي شهر ۾ پُلجي نه وڃان. پلجڻ واري ڳالهه تان ياد آيم ته جڏهن ڪراچيءَ پهريون پيرو مرحوم الهبچائي سان گڏ پي ٽي وي جو انٽرويو ڏيڻ ويو هيس، ته تين هٽي پل وٽ بس بيٺي هئي، منهنجي اڳيان مرحوم الهبچايو هجي، سو جيستائين لهي ئي لهي، سگنل ڪلي ويو هيو، بس اوچتو رواني ٿي مون ڏنو ته واقفڪار همراهه لهي ويو هاڻ رُلي ويندس. سو ڊپ مان هلندي بس مان ڪٽي ٽُپ ڏنو هيم، ذري تي ٽنگون ڀڄايون هيم. گهڻو پوءِ ۽ نيٺ آهستي آهستي شهر جو واقف ٿيڻ لڳو هيس. ۽ پوءِ گهڻن جو سونهون ٿي ڪين ڪمين ڪارئين ڪراچيءَ ڏي پيو وني ويندو هيس.

مهينو کن ميرپورخاص ۾ نوڪري ڪئي هيم، پر پگهار ڪونه مليو هيو، هتي اچي بينڪ پهرين ٻن مهينن جو گڏيل پگهار، هر ماه 1701 روپيه جي حساب سان ڪراچيءَ مان مليو ته ڏاڍو خوش ٿيس. پهريون ڀيرو پنهنجي ايڏي وڏي ڪمائي ڏِسي اکين ۾ لُڙڪ اچي ويا هيم. تن ڏينهين بس ۾ صدر مان گذرندي، ريڊي ميڊ ڪپڙن جي دُڪانن تي خوبصورت زنانا ڪپڙا ڏسي، دِل چوندي هُئي، ته خدا ڪندو جام پئسا ٿيندا، امڙ ۽ گهر واريءَ لاءِ اهڙا ٺهيل وڳا وٺندس. پگهار ملندي ئي امڙ گهر واري، ڏيئرن ۽ خادم لاءِ خوبصورت ريڊي

ميڊ جا وڳا وٺي ڳوٺ پهُتو هيس. ٻار خوشيءَ ۾ نہ پيا ماپن. امڙ ۽ ماسات ِ ڪپڙن کي اُٿلايو پُٿلايو، هڪ ٻئي ڏِسيو پيون مُسڪرائين. ۽مون کي چون پاڻ ٻروچ ماڻهو، پنهنجو ويس، هُلواڻ جو گهگهو ۽ گربيءَ جي سُٿڻ، هي ڇا آندو اٿئي چريا؟اِنهيءَ سان تہ برادريءَ وارا پاڻ کي راج ڪاج مان ئي ڪڍي ڇڏيندا. وڏي بحث بعد بہ امڙ اهڙي ويس پَهرِڻ تي راضي نہ ٿي هئي، ٻئي جوڙا ماساتِ ڪنيا هيا. اُنهيءَ فيشن ۽ تبديليءَ تي اوڙي پاڙي راڄ برادريءَ جيڪي طعنا، تنڪا ۽ مِهڻا ڏِنا هيا سي ڪيترا سال ڪنن ۾ آڱريون وجهي ٻُڌا هيم.

اسين اڃان ٽريننگ لاءِ ڪراچيءَ ۾ ئي هُجون جو مهاجرن ۽ پناڻن ۾ ٻاکُر ڪٽو پيو هيو، ٽيندي ٽيندي اورنگي جي پهاڙين تان پناڻن حملا ڪري، ڪِپل مهاجر ماريا هيا، تہ سموري شهر ۾ ٻائيتال ٻري پيو هيو. پناڻن جي پيريل دُڪانن کي لُٽي، سامان وچ روڊ تي رَکي، ٻاهيون ڏيئي هٽ پير ٻڌل پناڻن کي ٻرندڙ باهہ ۾ جيئرو پئي جلايائون، جيئري انسان جي ماس جلڻ جي بوءِ اسان کي يوسف پلازه جي فليٽن ۾ ويهڻ ئي نہ پئي ڏئي. ان وقت جي سرڪار سموري شهر ۾ ڪرفيوءَ جو اعلان ڪيو تہ اجرڪون ۽ سنڌي ٽوپيون پَهري، يوسف پلازا کان ڪينٽ اسٽيشن تائين پيادا زور زور سان هڪ ٻئي سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا پُهتاهياسين. ڇڱو ٿيو جو ميرپورخاص جا ٻئي مهاجر آفيسر حميد ملڪ ۽ رضا، سنڌي ڳالهائي ويندا هُيا. نہ تہ خير سان ڪونہ پهچون ها. ڪرفيو ۽ جهڳڙن جي اها راند سڄو سال وقفن وقفن سان جاري رهي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪرفيوءَ ۾ تہ ٻہ ڏينهن فليٽ ۾ واڙيا وينا هوندا هُياسين. ڪنهن ڪلاڪ اڌ جي وقفي ۾ ڪاڌي پيتي جو سامان وٺي ايندا هياسين. ڪڏهن وري ڳوڙها آڻيندڙ اڪين ۽ نڪ مان پاڻي ڪيندي هئي سو تہ ٿيو خير پر جيڪي ڇڪون ايندءون هيون انهن سان گڏ وائي بادي بہ نڪري ويندي هئي. تڏهن دل ئي دل ۾ مهاجرن تي گارين جا ڏوڙيا لائي ڏيندا هياسين. شروع جي مهينن ۾ پريڪٽيڪل ٽريننگ لاءِ لالو کيت برانچ ۾ وڃڻ لڳو هيس. لالو کيت، هاٽي لالوءَ جو نہ پر لياقت علي خان جي لياقت آباد هوندو هُيو. سنڌي ڳالهائڻ ۽ سمجهڻ وارو ڪوبہ نہ ملندو هُيو. سنڌي فلمن ۽ ٽيليويزن جي مشهور اداڪاره شهزاديءَ جو گهر بہ اُنهيءَ علائقي ۾ هوندو هُيو ۽ اڪائونٽ اُنهيءَ بينڪ ۾هيو. هوءَ پنهنجي نالي جي اڳيان ڊاڪٽر لِکندي هُئي. منهنجي هوندي جڏهن پهريون ڀيرو بينڪ ۾ آئي هئي تہ سوچيم هيءُ چهرو ڏٺل پيو لڳي. ڪافي سوچ ويچار بعد بہ ڪونہ سُجهيو هيم، رڪارڊ مان پتو پيوهيو، پوءِ وڏي وجي تعارف ڪرايم، هوءَ بينڪ ۾ سنڌي ڳالهائڻ وارو ڏسي ڏاڍي خوش ٿي هئي. مون

ڪي ايئن محسوس ٿيو جڻ هوءَ ڪنهن اهڙي ديس ۾ هجي جتي پنهنجي ٻولي ڳالهائڻ وارو ڏسي ماڻهو حد کان وڌيڪ خوش ٿئي. پوءِ جڏهن به بينڪ ۾ ايندي هئي ته منهنجي ٽيبل تي ايندي هئي، ساڻس وڏيون ڪچهريون ۽ ڪِل ٻوڳ ٿيندا هيا. جيتوڻيڪ هوءَ اُن وقت وهيءَ کان چڙهيل هُئي پوءِ به سندس اکيون ۽ سندسُ حسن تجلاپيو ڏيندو هُيو. ڪڏهن ڪڏهن ته ٻوڳن ٻوڳن ۾ مونکي چوندي هئي، ڇورا تنهنجا ڳل ته ڇورين جهڙا آهن هيترا سال هُئين ڪٿي ماريا؟ ۽ آئون نياڻين جيان شرمائي، هيٺ ڪنڌُ ڪندو هيس ته مُسڪرائي هلي ويندي هُئي. ٿوري وقت بعد يوسف پلازا ويجهو، النور سوسائٽي برانچ وجڻ شروع ڪيم، ماساتِ جهڙن مهاندن واري انچوليءَ جي رهاڪو شيعا فرقي جي شاهانه ساڻ هوندي هُيم. نه ڪو رشتو نه ڪو ناتو، بس ۾ ساڳيءَ سيٽ تي گڏُ، انسٽيٽيوٽ ۾ پاسي وارين ڪُرسين تي گڏُ، نه هُن جي مَنَ ۾ ميرُ نه منهنجي من ۾ دغا. النور ۾ وجون ته پنهنجي مانيءَ سان گڏ مون لاءِ به ماني ٻڌيو اچي. النور جي سيڪنڊ آفيسر پنجابي سيٽلر آفتاب مون کي سنڌيءَ ۾ ٽوڪڻ شروع ڪيو. ٿيندي ٿيندي آئون به آفتاب سان چرچن ۾ شامل ٿيو وجان. ڪڏهن ته وات مان گُٽا اکر به نڪريو وجن. اسان پائيون ته مائيءَ کي ڪهڙي خبر ته سنڌيءَ ۾ ڇا پيا چئون؟ سال کن بعد منهنجي الوداعي دعوت ۾ جڏهن ٻِلُ ڦوڙيءَ کان وڌيڪ آيو، ته آفتاب جي نراڙ تي پگهر جا ڦُڙا ڏِسي پڇيم ڇا ٿيو اتئي هڪڙا پگهر لهن ٻيا چڙهنئي پيا؟

۽ تڏهن انهيءَ مائيءَ صاحب کان به رهيو ڪونه ٿيو هيو ۽ نيٺ سنڌيءَ ۾ چيوهيائين، پائوڪهڙو ڪنڊ جو جهاز ٻُڏو اتوَ. مائيءَ کي سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو ڏسي، اسان ٻنهي جا ٻُوٽ به آنا ڇهه آنا تي ويا هيا. ۽ ڦڪائيءَ مان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيا هياسون. مائيءَ وري به اگرائي ڪندي چيو هيو ته ادا، آئون حيدرآباد جائي آهيان، سنڌي ڳالهايان ٿي، اوهان جا مون بابت سمورا رمارڪ، تبصرا ۽ ٽوڪون، سڄو سال صبر سان پئي ٻڌم ۽ سَنم، اِنهيءَ ڪري ته اوهان صرف رِمارڪ ڏنا پئي. ٻي ڪابه هلڪڙائپ ڪانه پئي ڪَئي. ۽ انهن ڳالهين کي درگذر ڪندي به آئون اوهان جي اخلاق کان مُتاثر آهيان، اوهان ڪنڌ هيٺ ڇو ٿا ڪريو؟ تڏهن وجي اسان جي نراڙ تان سياري جا ٿڌا پگهر سُڪا هئا ۽ پيٽ ۾ به ساهه پيو هيو. انهيءَ ئي مائيءَ جا هند سنڌ جي مشهور فنڪار مهدي حسن جي خاندان سان اڄ وڄ جا واسطا هوندا هيا، مهدي حسن جو گهر به النور سوسائٽيءَ ۾ هوندو هيو. سندس پُٽ ۽ ڏيئرون به بينڪ ۾ ايندا رهندا هيا. هڪڙي ڀيري انهن سان گڏجي مهدي حسن جي گهر به

ويو هيس ۽ ساڻس تمام ڏکهي ڪچهري ڪئي هيم. مونکي مهدي حسن فقير منش لڳو هيو، هيڏو وڏو فنڪار هوندي بہ نہ ٺانءِ نہ ٽيڳر، صفا سادو ۽ سڌو ماڻهو.

ان زماني ۾ حبيب بينڪ جو دستور هُيو تہ، ٽريننگ بعد سنڌ جا آفيسر پنجاب موڪليا ويندا هئا. هڪڙي ڏينهن سوچيم تہ انهيءَ جو اڳواٽ ڪو ٻلو ڪريان. اصغر جروار صلاح ڏني هئي تہ پنهنجي تر جو هڪڙو وڏو ماڻهو، پاڪستان جي وڏيءَ حيثيت وارو آهي، انهيءَ تائين پنهنجي رَسائي نہ سهي، چو نہ انهيءَ جي فرزند سان مِلبو رهجي جيئن اوير سوير ڪم اچي سگهي. ۽ پوءِ ايئن ڪيو هيوسين. موصوف سان ملي پنهنجي ماجرا ٻُڌائي هئي سون. وري حاجي محرم ڪانهيو هڪڙي ڀيري ڪراچيءَ آيو هيو، تہ اُنهيءَ سان گڏجي بہ ساڻس وجي مِليو هيس. ائين واسطا وڌائيندو رهيس، ٽريننگ جي آخري مهيني ۾ هلي مَلهي وجي موصوفَ کي عرض ڪيم تہ قبلا منهنجي بدلي هيئن پنجاب ڏي ٿيڻي آهي، سو توهان جيڪر اڳواٽ فون ڪري ڪنهن ڪاموري ڪڙي کي ڪنُ ڪڏايو تہ هي اسان جو ماڻهو آهي ۽ جتي چوي ٿو اُتي ئي ڪيس رکو، تہ مون غريب جو ڀلو ٿي پوندو. منهنجي رڳو ڳالهہ پوري ڪرڻ جي دير هئي، موصوف فورن ٽيليفون ڪري اسلام آباد ۾وزير اعظم جوڻيجي جي سيڪريٽريءَ محفوظ کي مون واري ڳالهہ نوٽ ڪرائي هئي. . دل ئي دل ۾ ڪڳيون هڻندو، وجي فليٽ تي پلور نندون ڪيم. ٻئي ڏينهن وڏيءَ ٽيڳر سان ٽيلارڙا ڏيندو وجي، هيڊ آفيس مان وجي پُڇا ڪيم تہ مون لاءِ وزير اعظم صاحب جو اسلام آباد مان ڪو سفارشي فون آيو هيو؟ جواب مليو تہ نہ اهڙو تہ ڪوئي فون ڪونهي آيو. . تڏهن وري ڊوڙيس وري صاحب ڏي ۽ سهڪندي سموري ماجرا ٻڌائي مانس. هُن صاحب وري بہ اسلام آباد فون کڙڪايو. ايئن هڪ بہ ٽي ڀيرا ڪيم، پر پوءِ تہ هر ٻئي ڏينهن وٽس وڃان، نيٺ هلي هلي جُتيءَ جون کُڙيون گسي ويون ۽ صاحب بہ روز فون گهُمائي. ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ اچيم تہ وزيراعظم جو پٽ، هرروز فون ڪري وزير اعظم جي سيڪريٽريءَ کي چوي، پوءِ بہ ڪم نہ ٿئي؟!!. وري سوچيان مون کي مطمئن ڪرڻ لاءِ خالي فون تہ ڪونہ پيو گهُمائي!!، وري دِل کي ڏڍ بہ ڏيان، تہ نہ نہ ائين ڪونہ هوندو. هيڏو وڏو ماڻهو ائين ڪيئن ڪندو.؟!!

آسرن آسرن ۾ هڪڙي ڏينهن هيڊ آفيس مان خبر پئي تہ منهنجو بهاولپور جو آرڊرٽي چڪو آهي. ڪنهن ڏينهن اوچتو ئي اوچتو روانگي ڪندا. انهيءَ وچ ۾ روزن واري عيد آئي هئي، تہ موڪل تي ڳوٺ آيو هيس، عيد جي نماز پڙهي وري اسد صاحب وٽ سنڌڙيءَ ويوهيس، سوين ڀيرا بيان ڪيل ماجرا وري ورجائي هيم. انهِيءَ ڏينهن هاجي محرم ۽

حاجي محمد خان شر بہ منهنجا سفارشي ٿي بينا هيا. ان ڏينهن الائي ڪهڙي قِتل هيم، جوچگي موچاري دَبَ بہ مِلي هئي ۽ نڙ نپ جواب بہ مليو هيو. انهيءَ ڏينهن سوچيم هيءُ ڪراچيءَ ملڻ واري صاحب کان بلڪل مختلف پيو لڳي. ائين چو آهي؟ تڏهن ڪامريڊن جو پڙهايل سبق ياد آيم تہ وڏيرو ڀهراڙيءَ جي سادن ۽ ابوجهن ماڻهن تي دابي لاءِ ڳوٺ ۾ جيڪي رويا رکي ٿو، شهر ۾ ان کان مختلف هُجي ٿو، ان ڪري ئي اج اهڙي طريقي سان مون سان ڳالهايو اٿائين، پاڻ سُجاڻي ئي ڪونہ ٿو. خير پوءِ بلڪل نا اُميد ٿي گهرموٽيوهيس.

چوندا آهن تہ بندي جي مَنَ ۾ هڪڙيءَ مالڪ جي مَنَ ۾ ٻي هوندي آهي. سو هُن مَٿئين يار ڪي منهنجو ڪم ڪهڙيءَ بہ حالت ۾ ڪري، امڙ جون دعائون اگهائٽيون هُجن. انهيءَ لاءِ اهڙي ڪار ڪيائين، جنهن جو وهم گُمان ئي نہ هُجيم. ٿيو هيئن هو جو هڪڙي پيري هفتي واري موڪل تي گهر آيوهيس، تہ امڙ ٻڌايو، پُٽ ڪوئي پاڙي واري ڳوٺ جو لاشاري تو لاءِ نياپو ڇڏي ويو آهي تہ سندس دوست سياڻي شڪار لاءِ ايندا ۽ منجهند ڏاري تو وٽ چانهہ پيئندا. پٽ، چوڪرن ٻُڌايو پئي تہ انهيءَ پائيءَ چيو پئي تہ اهي آهن بہ تنهنجي بينڪ جا آفيسر. سو ابا وجي انهن جي اڳيان پويان ٿِجانءِ. بابا مَنَ انهن ۾ ڪو اهڙو هُجي جيڪو تنهنجي بدلي مير پورخاص ڪري ڇڏي. امڙ جي اهڙيءَ سادگيءَواريءَ سوچ تي مُسڪرائيندي چيو هيم، او منهنجي درويش امان، هنن ويچارن لاشارين جي اهڙي سنگت ڪٿي آهي جو ايڏو وڏو ڪم ڪري سگهن. هونئن بہ وزير اعظم جي پُٽ کان جنهن ڪم لاءِ ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيو، سو تنهن ڪم ۾ هي ويچارا ڇا ڪندا؟ پر چوندا آهن تہ ماءُ، ماءُ هوندي آهي، سو امڙ جي اُميد پوءِ بہ قائم رهي، مونکي چيائين، تڏهن بہ پُٽ ڪهڙي خبر؟ مون کي، توڙي خود لاشارين کي بہ اها خبر ئي نہ هجي، تہ وٽن شڪاري مهمان ايڏيءَ وڏيءَ پهچ ۽ ڪُرسيءَ وارو آهي. قدرت وارو صرف ڪيس موڪلي ئي منهنجي ڀَلي لاءِ پيو. ۽ شڪار تہ صرف بهانو آهي.

۽ جڏهن ورندي صُبح ٿي هئي، شڪاري پُهتا هيا. ٻنين ۾ تِڙَ ٿي، ٻہ چار بندوقن جا ڌوڙيا ٿيا، ۽ ٻہ چار تِتِرَ ڪِريا، بس پوءِ شڪاري ڪامورا چانهہ لاءِ مون ڏانهن لُڙيا هيا. ۽ جڏهن مليا هياسون تہ، پير بخش لاشاريءَ منهنجي تعارف ۾ ڪين ٻُڌايو هيو تہ هيءُ بہ حبيب بينڪ ۾آفيسر آهي، ۽ منهنجو ننڍو ڀاءُ آهي. تڏهن انهن سيني کان وڏي مونکان منهنجي پوسٽنگ جي جاءِ پُڇي هئي. ، پوءِ نالو وري پُڇيو هيو، ذهن تي وري زور ڏيندي ڪجهہ ياد ڪندي چيوهيائين تہ تنهنجو ٽرانسفر بهاولپور ۾ ٿيو آهي، هفتي ڪن ۾ رلِيو ٿيندين.

وري بہ پاڻ ئي ڳالھ جاري رکندي چيو هيائين، پريشانيءَ جي ڳالھ ڪانهي، خير آهي، تون واپسيءَ ۾ مون سان گڏ هلُ، جتي چوندين، اُتي تنهنجي ٽرانسفر ٿيندي. سوچيم تہ بدليءَ وارو هيءُ بُندبہ تہ بنهي ڳرو آهي، جهڙن تهڙن ڪامورن جي ڪٽڻ ڪان بنهي پاري آهيءِ شايد هيءُ همراه بہ سڀاجهڙن ڳوناٽن اڳيان پنهنجي ليءَ لاءِ ٿا ايئن ڪن، سوچيم هنن سان گڏ وڃڻ ۾ ڪو هرج بہ ناهي، بدلي ٿئي يا نہ ٿئي ڪراچيءَ جو پاڙو تہ بچي پوندم.

جڏهن شام جو وٽن جا پاچا لريا هيا، تڏهن لاشارين جا اهي مهمان حبيب بينڪ جي هڪڙيءَ وڏيءَ وين ۾ ڪراچيءَ لاءِ واپس روانا ٿيا هيا، تہ آئون بہ ساڻن گڏ روانو ٿو هيس. همراھ پاڻ ۾ ڪچهريون ڪندا پئي هليا، وڏا ڌاڙا نڪاوَ بہ هٽندا پئي هليا ۽ آئون ڪُڪُڙ ٿيو، هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ وينو، سندن خبرون ٻُڌندو رهيس. وين جڏهن يوسف پلازا وٽ پُهتي هئي تہ عرض ڪيو هيو مانِ، تہ سائين مون ڪي هتي لهڻو آهي. ۽ جڏهن وين بيٺي هئي تہ منهنجي لهڻ مهل، مُک مهمان پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ ڏيندي چيو هيو، هي وٽ ڪارڊ، انهيءَ ائڊريس تي صُبح جو مون وٽ اچجانءِ. جڏهن اهو ڪارڊ پڙهيو هيم، تہ زمين ڪان بہ فوٽ مٿي ڪجي ويو هيس. مار هي تہ حبيب بينڪ جي ميمبر بورڊ آغا فصيح الدين جو سيڪريٽري، ۽ بينڪ جو بہ سينيئر نائب صدر، سيد سعيد احمد آهي. دل ۾ چيم، جيڪر هاڻ بہ ڪم نہ ٿيو تہ پوءِ ڪڏهن بہ ڪونہ ٿيندو. ۽جڏهن ٻئي ڏينهن حبيب بينڪ پلازا جي 21 فلور تي پُهتو هيس. تہ موصوف ڪمري جي شيشي مان ئي مون ڪي ڏسندي، آڌر ڀاءُ لاءِ ٻاهر هليو آيوهيو. وڏي احترام سان ويهاريائين. چانهہ ۽ ڪيڪ آيا. پرسنل ڊويزن جي هيڊ ڪي گهُرائي پراڻو آرڊر ڦاڙي اتي ئي منهنجي رضامنديءَ سان نئون آرڊر ناهي، خود صحيحون ڪري فائيل ۾ رکي چيائين، هاڻي وڃي آرام ڪر. جنهن ڏينهن ٻين ڪي آرڊر ملندا، اُنهيءَ ڏينهن توکي ڪونہ ملندو، ٻئي ڏينهن آرڊر ڪٽي، پوءِ وڃي رلِيو ٿجانءِ. ڳالھ ڪنهن سان بہ نہ ڪجانءِ. تڏهن خبر پئي هيم تہ آغا فصيح پنجاب جو ميمبر بورڊ هيو سڄي بينڪ انتظاميہ تي سندس حڪم هلندو هُيس. هو صاحب ڪراچيءَ ۾ ڪونہ ايندو هُيو. سنڌ جو سڄو ڪاروهنوار سعيد صاحب حوالي هوندو هُيو، جيئن وڻي تيئن ڪري.

اُنهيءَ وقت مون ڪي پاڙي جو وڏيرو ڏاڏو ياد آيو هيو، دل ۾ چيو هيم همراھ ڏئي نہ ها تہ ڏکوئي بہ نہ ها، سوچيو هيم تہ بروبر، هيءَ خلق خُدا جي سچ ٿي چوي تہ پارڙو، غريب غربي جا ڪمَڙا ڪرڻ ڪان ڪجھ مڙوئي لهرائي گهٽو ٿو. . ياد آيم تہ هڪڙي پيري ڊي آئي بي جو هڪڙو صوبيدار مون ڪي ڳوليندو آيو هيو ۽ چيوهيائين تہ صُبح جو اسپيشل برانچ جي ڊي ايس پيءَ گهُرايو اٿئي. سوچيو هيم ڪنهن ڪامريڊ پراڻا ڪرتوت پڌرا ڪيا

هونداالائي چا. تڏهن ڏاڍو ڏنو هيس تہ هاڻي ڇا ڪجي. نہ اوهي نہ ڪو واهِي. نہ ڪو ڄاڻي، نہ ئي سُڃاڻي. ڪنهن کي مدد لاءِ چوان. نيٺ حاجي محرم ڪانهئي کي ڳڌ وٺي ساڳئي وڏيري ڏي ويوهيس. صاحب منهنجي ڳالهہ ٻُڌڻ بعد اهڙي عجيب انداز ۾ ننڍڙو تبصرو ڪيو هيم جنهن جي معني ٿي نڪتي تہ آئون منهنجي قبيلي جي اڪثريتي ڏوهارين جهڙو ئي ڪو اڻ پڙهيو گنهگار آهيان. ۽ ٻئي لمحي چيو هيائين تہ نيڪ آهي تون اتي ئي ويهہ مقبول اچي تہ تنهنجو ڪم ڪري ٿو. اهو مقبول صاحب هڪڙو سيٽلرءِ رٽائرڊ صوبيدار هوندو هيو، جيڪو ڏني نہ ورتي، خلق جا چوڏا لاهيندو وتندو هيو. شل نہ ڪوئي ڪم صاحبن پاران ڪيس سونپجي، هُن جي صوبيداري چالو ئي اُتان ٿيندي هئي. سوچيم هو ڪڏهن ايندو ۽ ايندو تہ بہ مون جهڙي اڻ مَڪئي سان ڪهڙي حالت ڪندو؟ سا خُدا ئي ٿو ڄاڻي!!. خاموشيءَ سان اڃا اڃا پير ڏئي، سندس بنگلي مان نِڪري ويو هيس، ٻڌو هيم تہ ميرپورخاص جو غلام رسول جوڻيجو مرحوم سياسي گُر ڄاڻي ٿو ۽ ايندن ويندن، واقفن توڙي اڻ واقفن جا ڪم بيني پير ڪرائي ٿو ڏئي. هڪلي هوڪاري اوڏانهن ويو هيس. ٿيو بہ ائين ئي هيو، رڳو پنهنجي واقفيت ڪرائي. پنهنجي تڪليف ۽ وڏي دَرَ جي موٺ ٻُڌائڻ جي دير هئي. مرحوم ڄاڻ سُڃاڻ نہ هوندي بہ مُسڪرائيندي چيو ويهہ آئون پاڻ ٿو انهيءَ ڊي ايس پيءَ وٽ توسان گڏجي هلان ۽ پوءِ هو مون کي پنهنجي ڪار ۾ ڪٽي ڊي ايس پيءَ وٽ ويو هيو. جيڪي سوال جواب ڪرڻا هُين سي ڪرائي واپس ساڳيءَ جاءِ تي ڇڏيو هيائين. سو مُڙسن جو مهلون اُنهيءَ مَهل ياد آيون هيون. ۽ ڪامريڊيءَ جي باوجود قدرت جي ڪارساز هُجڻ جو اُنهيءَ وقت يقين ٿيو هيو، گڏوگڏ امڙ جي دعائن جو پڪو ويساهہ تڏهن ٿيو هيم.

ائين هفتو کن ڪراچيءَ جي روڊن تي مارچ ڪندي گذاري، نيٺ هڪڙي ڏينهن سموريءَ سنگت جي بهاولپور روانگيءَ وقت، سنگت سان بي ايماني ڪري، زندگيءَ ۾ پهريون پيرو وڏو ڪوڙ بہ ڳالهائيندي چيو هيم آئون هفتو کن ڳوٺ رِهي پوءِ بهاولپور ايندس. ائين اچي، حبيب بينڪ مير پورخاص جا وڻ وسائي، جيجل امڙ جا پير چُهيا هيم. ڪجهہ ڏينهن ئي زونل آفيس ۾ واندو ويهڻ بعد پندرهن ڏينهن جي رليونگ ڊيوٽيءَ تي ڪپري وڃڻو پيو هيو، جتان رفيق راجپوت موڪل تي ويو هيو، محمد صديق ٽيبو ان برانچ جو مينيجر هوندو هيو، ٽيبو صاحب زماني شناس ماڻهو هوندو هيو. تن ڏينهين هو گريڊ 11 هوندو هيو ۽ آئون گريڊ 111 ۾ هيس. جيڪو اڳتي هلي حبيب بينڪ جو نائب صدر بہ ٿيو هيو.

پهرئين ڏينهن بينڪ جي ڊيوٽي ڪندي، جيڪو پهريون گراهڪ مٿي ۾ لڳو سو امان الله هڱورو وڪيل هيو. اچڻ ساڻ چيو هيائين تہ پائو، چيڪ بوڪ وجائجي ويو اٿم، گهر ۾ اٿو ڪونہ اٿم، جلدي جلدي چيڪ بوڪ ڏيو تہ وڃي اٿو وٺان. مڙس وڏيو قسم کڻي، الله ۽ قران جا تہ سچ ٿو ڳالهايان. مون پهرينءَ نظر ۾ ڪيس چريو سمجهيو هيو. پوءِ اها خبر پيم تہ مڙس ڪپري جو ناميارو وڪيل آهي، ساڻس ان ڏينهن کان جا ياري ٿي تہ اڄ سوڌو هلندي اچي. هاڻ تہ خير سان چڱو موچارو مولوي ٿي پيو آهي. هڪڙي سا ڪني عادت اٿس تہ جڏهن بہ ملندو آهي تہ، چُمي اهڙي تہ ڏيندوآهي جو منهنجو سجو بُوٿ سندس ڳِگ ۾ ٽڦجي ويندو آهي.

بينڪ آفيسر جي حيثيت ۾ عملي زندگيءَ جي شروعات 1987 کان ڪئي هيم. جڏهن حبيب بينڪ جي هٿونگو واريءَ شاخ ۾ سيڪنڊ آفيسر جي پوسٽنگ وٺي پُهتو هيس. هٿونگو الائي ڪيتري وقت کان اڇڙي ٿَرَ جو گيٽ وي هوندو هيو ۽ اڄ تائين آهي. پر رڳو هٿونگو نہ پر جيڪر پاڻ چئون تہ نارا ڪئنال، جنهن کي عام ماڻهو ڊورو چون ٿا ۽ انهيءَ ڊوري جا جملي پتڻ اڇڙي ٿر جا گيٽ وي هيا. جن ۾ هٿونگو، ڊليار، ڏنگ، مارئي ۽ ٻيا بہ ڪيترائي پتڻ هوندا، پر هٿونگي کي انهيءَ ڪري بہ گيٽ وي مڃٽو پوندو جو هتي پراڻي زماني کان هڪڙي بازار هئي ۽ اڇڙي ٿر جا ماڻهو پنهنجيءَ ضرورت جون جملي شيون هتان ئي خريد ڪندا هيا توڙي وڪڻندا بہ هيا. تن ڏينهين پاڻ بہ جهڙوڪر گهر جا ڪڪڙ هياسين، ڇو جو پنهنجيءَ ساريءَ ڄمار ۾پاڻ هٿونگو پهريون ڀيرو ڏٺو هيو، سو بہ بينڪ وارن ڏيکاريو هيو.

ماڻهو چوندا هيا تہ ورهاڱي کان اڳ هٿونگي پتڻ جي وڏي اوج هوندي هئي، هيءُ ناري جي اپرنڊئين ڪپ تي واريءَ جي ڀِٽن تي اڏيل خوبصورت ڳوٺ آهي. ۽ هيءُ وڏو ڪاروباري مرڪز بہ هوندو هيو ۽ ورهاڱي کان پوءِ ڪي هندو سينيا هتان هليا ويا هيا ۽ شهر جو ڪاروبار بہ گهٽجي ويو هيو. پاڪستان ٺهڻ بعد هن ڳوٺ نما شهر ۾ قائم خاني برادريءَ جي آبادي وڌي هئي. قائم خاني قبيلو سنڌ جي بارڊر جي ڀرينءَ ۾ جي آسپاس مان ئي لڏي آيل لڳندو هيو، سندن ٻولي، ريتون رسمون اسان جي ٿر جي ماڻهن سان گهڻيون ٽيون ملندڙ جلندڙ هيون. هن ڳوٺ ۾ لڏي آيل گهڻا ٽڻا قائم خاني انگريز جي جي فوج ۾ سپاهيءَ کان وٺي صوبيدار تائين نوڪريون ڪري رٽائر ٿيا هيا ۽ ٻي مهاڀاري جنگ ۾ انگريز جي طرفان وڙهي چڪا هيا. پوڙها ۽ رٽائر سپاهي، حوالدار ۽ صوبيدار اڪثر ڪري بينڪ ۾ اچي ڪچهريون ڪندا هيا ۽ پنهنجي دور جون سارو ٽيون ساري سرد آهون ڀريندا هيا. ڪجھ

مالدار هندو ڪتري ان وقت بہ شهر ۾ موجود هيا، جن ۾ سيٺ چوني لال، ڪرپال داس، ڀڳوان داس ۽ ٻيا ڪافي گهر هيا، جن مان گهڻا ٽٽا تہ هاڻي هندستان لڏي ويا آهن، نہ ڄاڻ ڇو؟ ماڻهن کي اباڻو وطن ڇڏيندي هتي ناهيل ڇگا موڇارا آڪيرا ايئن ئي ڇڏڻا تا پون. بنان ڪنهن ڏک پاپ جي. شايد مذهبي فرق يا ڪنهن ٻئي سبب!

تن ڏينهين سيٺ چوني لال جي اوطاق، سنڌ جي عام طور خوشحال ماڻهن جي اوطاقن جيان هلندي هئي. اُڙيا ٿُڙيا هندو توڙي مسلمين مسافر هميشه سيٺ چوني لال جي اوطاق تي لٿا پيا هوندا هيا. قائم خاني برادريءَ مان جمعدار عالم علي خان ۽ صوبيدار فريد خان رڄ اشراف ۽ وڏي نالي وارا ماڻهو هوندا هيا. جمعدار عالم علي خان قائم خاني خدا ٿو ڄاڻي تہ هتي اچي پير پاڳاري جو مريد ۽ دعوتي ٿيو هيو يا اڳي ئي هيو. سندس پٽن مان هڪڙو امجد نالي سان انهيءَ وقت فوج ۾ حاضر سروس ميجر هوندو هيو، ننڍو پُٽ يوسف جنهن کي عرف عام ۾ پپو چوندا هيا سو آمر مشرف جي دور ۾ هٽونگي جو ناظم بہ رهيو هيو. صوبيدار فريد خان جا پٽ جعفر خان جي اڳواڻيءَ ۾ پيپلز پارٽيءَ سان واڳيل هوندا هيا.

هتي جي حبيب بينڪ ۾ لڪاڏنو مگريو منهنجو مينيجر هوندو هيو، لڪاڏنو مگريو، سنهڙو، سيپڪڙو، قدآور مُڙس، ڪاري ڏاڙهي، ڳاڙهيون اکيون، هميشه سنڌ جي نقشي جو سونو لاڪيٽ ڳچيءَ ۾ پايو پيو هلندو هيو. جيتوڻيڪ هو جماعتي فقير هيو، پر مٿس قومپرستن جو ٿورو گهڻو رنگ چڙهيل هوندو هيو. سنڌ يونيورسٽيءَ جو اڳوڻو شاگرد اڳواڻ غازي خان سمون سندس لنگوٽيو يار هوندو هيو. پهرينءَ ڪچهريءَ ۾ لڪاني سان اکيون مليون، ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ سان خيال مِليا. پوءِ ڇا جي مينجري ۽ ڇا جي آفيسري؟، هڪ ٻن ڏينهن اندر دوست ٿي ويا سين. اصل اهڙا ياڻءِ کي ورهين جا وڇڙيل هُجون. ٻنهي جون گهڻيون حالتون بہ هڪ جهڙيون هجن. لڪاڏنو، پاسي واري شهر ڪپرو ۾ ڊاڪٽر نور محمد پنيءَ سان گڏ رهندو هُجي. لڪاني جونہ ماءُ نہ پيءُ، نہ ڀاءُ نہ ڀيڻ، ڊاڪٽر نورمحمد جي صرف ماءُ حياتي هجي ۽ هاڻ آئون جو گڏ يو سانِ تہ منهنجي بہ صرف ماءُ حياتيءَ هُجي. چوندا آهن تہ چنڊو چنڊي کي سَئو ڪوهن تي ڳولي لهندو آهي. سو ايئن لڳندو هيو ياڻءِ اسان ٽنهي هڪٻئي کي ڳولي لڌو هجي، ٽنهي جي ياري لوهان لوهہ ٿي پئي. واندڪائيءَ ۾ نڊيڻ جي ڏکن سورن جا داستان هڪ ٻئي سان اوري اکيون پُسائي، عَهدُ ڪريون تہ پاڻ کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻو آهي. دنيا جي آڏو اهو ثابت ڪرڻو آهي تہ ڇورا ڇنا ۽ يتيم بہ پنهنجي محنت سان دنيا جي هن ظالم معاشري ۾ پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن ٿا. ۽ وقت ثابت ڪيو تہ اسان ٽنهي هِڪٻئي سان ڪيل اهو عهد پورو ڪيو. جيتوڻيڪ اسان بي ايمانيون ڪري مال ڪونہ ميڙيا، ڪنهن

جي پيٽ تي راتاهو ڪونہ هنيو، پر پوءِ بہ اولاد لاءِ گهڻو ڪجھ ڪيوسون ۽ اجان بہ ڪريون پيا. اُها اسان ٽنهي جي ياري اڄ سُوڏي ايئن ئي هلندي اچي. جيتوڻيڪ وقت ۽ حالتن هڪ ٻئي کان جسماني طور پري ڪري وڌو آهي، پر اڄ سوڌو هڪ ٻئي جي لاءِ ڪڏهن ڪوبہ من ۾ مير ڪونہ آيو اٿئون ۽ ڏک سُک ۾ هڪ ٻئي سان حال سارو نباهيندا بہ اچون پيا.

اڳ ۾ ذڪر ڪيو اٿم تہ هٽونگي ۾ قائم خاني مسلمانن جي اڪثريت هُئي ۽ اهي گڏيل هندستان جي فوج ۾ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي مختلف محاذن تي جنگيون وڙهيا هُجن. بينڪ ۾ اچيو پنهنجي بهادريءَ جا قِصا ٻڌائين تہ دنگ رهجيو وَجون. هڪڙي ڳالھہ وٽي تہ پوڙها پڪا اسان کي سَرَ سَرَ ڪريو ڳالهائين. مطلب تہ انگريزن جي قانون تي رٽائر ٿئي بہ پورا هجن. تہ ڪنهن بہ کاتي جي آفيسر کي سَرَ لازمي چوڻو آهي. سيٺ چوني لال کتري شهر جو سُکيو ستابو هندوهوندوهُيو. سندس پُٽ جيوت رام، اسان کي منجهند جو مولي مل کتريءَ جي مائي ۽ پکوڙن تي ٻُک ٽاريندي ڏسي، پنهنجن نوڪرن کي حُڪم ڏنو هيو، تہ بينڪ جي جملي اسٽاف کي منجهند جي ماني پهچائي ايندا ڪريو، ائين مفت جي ماني اچڻ شروع ٿي هئي. اُن زماني ۾ هٽونگي ۾ ڪوئي پڪو ٿاڻو يا جنهن کي صفا سنڌيءَ ۾ صدر ٿاڻو چئون سو ڪونہ هوندو هُيو، رڳو پوليس پوسٽ هوندي هئي. جنهن تي هڪڙو اڌ جمعدار ۽ سپاهي موجود هوندا هيا، پر جهڙا هوندا هيا تهڙا نہ چو جو عُمر ملاح ۽ پانڌي ملاح هن علائقي جا ناميارا ڌوهاري هوندي بہ، ڌاڙيل هوندي بہ هٽونگي جي هوٽلن تي هٿيارن سميت اچي چانهيون پي ويندا هيا. مرحوم علي چانهيو، جيلو جوڻيجو، گُليو مگريو ۽ دريا خان سميجو سندن گهاٽا يار هوندا هُيا. علي چانهيو پوءِ خود بہ سانگهڙ لڳ پوليس سان مقابلي ۾ مارجي ويو هيو. دريا خان سميجو، موجوده دور ۾ اڇڪلھہ کپري جو وڏو ماڻهو ۽ وڏو زميندار آهي.

ڪڏهن ڪڏهن هٽونگي کان کپري ڏانهن بس جي روانگي ۾ دير هوندي هُئي تہ آئون ۽ لکاڏنو پنڌ ئي پنڌ ڍوري جي انهيءَ پُل تي اچي ڪچهريون ڪندا هياسون، جتي اڳي پتڻ هوندو هيو ۽ مهاڻا ٻيڙين ذريعي ماڻهن کي هُن پار پڄائيندا هيا. اسان سوچيندا هياسين تہ هِن پُل ۽ هِن پتڻ جي سيني ۾ بہ وڏا راز هوندا، هڪڙي وڏي تاريخ هوندي. صدين کان هُن پار کان هِن پار ۽ هِن پار کان هُن پار اڪرندڙ ماڻهن جون يادون هونديون. هڪٻئي کان روئي موڪلائيندڙن جون هڇڪيون هونديون. رات جي اونداهين ۾ سنڌ جي آڇپي لاءِ چي گويرا جيان جهيڙيندڙ سنڌ جي سوين حُرن جا داستان هوندا. ڪاش هنن ڪپرن تي بينل وڻن کي وات هجي، زبان هجي تہ وڏا احوال هٿ ڪري ونجن.

هتونگي جي آس پاس جي ڳوٺن جا نالا بہ عجيب هوندا هُيا. سروٽن جو دڙو، سيهونجي، راڙ، دينپور رتو ڪوٽ وغيره، پڪو يادگيرو ڪونهيم تہ راڙ الائي دينپور لاءِ تہ مشهور آهي تہ شهيد عبدالرحيم گرهوڙي صاحب، ساميءَ سَت گُر ۽ دت گر جي مَڙهيءَ تي ڪاهِڻ لاءِ هتان گذريو هيو. ۽ راڙ جي يا دينپور جي سيدن کي مدد لاءِ صلاحيو هيائين تہ هنن انڪار ڪندي چيو هيس تہ اسان جي ٻنيءَ ۾ جام جهنگ تي ويو آهي سو وڍٽو اتئون ايتري بہ واندڪائي ڪانهي جو توسان سونهان ٿي هلون. تنهن تي گرهوڙي صاحب جلال ۾ اچي وراڻيو هيو تہ اوهانجي ناني( نبي پاڪ) جي ٻنيءَ جو جهنگ صاف ڪرڻ اسين ٿا وڃون، اوهين وينا پنهجين ٻنين جا جهنگ وڍيو. انهيءَ تي هڪڙو ڪامل نالي ڪوري گرهوڙي صاحب جو سونهون ٿي ساڻ هليو هيو. چون ٿا تہ شهيد عبدالرحيم گرهوڙيءَ، جلال ۾ پاراتو ڏيندي چيو هيو تہ هي سيد ڪورڪو ڪم ڪندا ۽ ڪوري سيدن واري عزت ماڻيندا.

سائين دين محمد شاهہ تنهن زماني ۾ حبيب بينڪ جو گارڊ هوندو هيو، راڙ جو رهاڪو هيو، اها سا خبر ڪانهي تہ گرهوڙيءَ جي پِٽِيل سيدن مان هيو يا ٻين مان هيو، شاهہ صاحب ڪنڊياريءَ ۾ مون سان گڏ مئٽرڪ ۾ پڙهيو بہ هُجي، تہ وري ٻنهي گهٽو حُجتي بہ هُجي، اسان کي حيرت تڏهن ٿيندي هئي جو اچڙي ٽر جا سڀاجهڙا ۽ سادڙا ماڻهو سندس مريد هوندا هيا، سي پري پري کان کَهي اچي شاهہ صاحب جي پيرن تي هٿ رکي پنهنجي هٿن کي چميون ڏيندا هيا. ۽ ڪانئس دعائون ۽ ڏاڍا ڦيٽا وٺندا هيا. مون کي عجب لڳندو هيو تہ دين محمد شاهہ ننڍو تي وڏو منهنجي آڏو ٿيو آهي، پڙهيا گڏ آهيون، هڪٻئي جي ارڪانن ۽ افعالن کان بہ واقف آهيون. مون ڪڏهن هن سيد ۾ ڪاني ڪرامت ڪانهي ڏٺي، پوءِ بہ ماڻهو ويچارا سادڙا ۽ سڀاجهڙا ڪيس پِير ڪري پيرين ٿا پون، هن کان ڏاڍا ڦيٽا وٺن ٿا. ۽ آئون هاءِ ڙي سونهاري سنڌ تنهنجا سادڙا ماڻهو ڪري ٿڌا شوڪارا ڀريندو هيس.

هڪڙي ڏينهن دين محمد شاهہ بينڪ جي اسٽرانگ روم ۾ ڪوئي بينڪ جو ڪم ڪري رهيو هُيو، تہ هڪڙي خاصخيلي ذات جي صدق واري مريد اچي مون کان پُڇا ڪئي تہ، سائين دين محمد شاهہ ڪٿي آهي؟ مون ٺٺو ساهہ ڀريندي وراڻيو هيو، ابا تو کي خبر ڪانهي پئي چا؟ سائين ويچارو تہ ڪالهہ گذاري ويو هيو. اهي اکر ٻُڌڻ سان مريد ويچاري رڙ ڪري، پنهنجو پَٽڪو لاٿوءِ بينڪ جي فرش تي ويهي ڳوڙها ڳاڙڻ ۽ وڏي آواز ۾ پار ڪڍڻ لڳو. سندس روڄ ۽راڙي تي دين محمد شاهہ ٻوٽ ٻچڙو ڪري تڪڙو تڪڙو اسٽرانگ روم مان ٻاهر نڪتو. ۽ پنهنجي مُرشد کي جيئرو ڏسي، مُريد ۾جڻ ساهہ پئجي ويو. ان ڏينهن دين محمد شاهہ ۽ سندس مريد جو وس پڄي ها تہ مونکي ڪچو ڪائي وڃن ها. پوءِ بہ وس نہ

هلندي ٻہ مون ڏي ڏسي ڏند پئي ڪرٽيائون. تڏهن لڪاڏني مگڙئي، دين محمد شاھ ڪي چيو هيو تہ هاڻ تون ۽ تنهنجو مريد، تنهنجي جيئري هجڻ جي خوشيءَ ۾ ٻاھر وجي مولي مل جو مائو ڪائو، ۽ اسان ڪي بينڪ جو ڪم ڪرڻ ڏيو. تڏهن وجي شاھ ۽ شاھ جي مريد جي ڪُڪرين ۽ ڪاوڙيل اکين مان منهنجي جند ڇُٽي هئي.

ان ڪان گهڻو پوءِ پانڌي ملاح ۽ عُمرملاح وڏا ڏاڙيل ٿي پيا هيا، عمرڪوٽ جي پاسي مان هڪڙو پنجابي آبادگار اغوا ڪيائون، جان محمد پليءَ جي گهر تي بہ هلان ڪيائون، جن ڏوهن ۾ ساڻن گڏ عمرڪوٽ جي وڏي زميندار ۽ ممتاز علي پٽي جي دوست اميد علي لاشاريءَ جو پُٽ ممتاز لاشاري گڏ هيو. تنهن زماني جي مشهور ڊي ايس پيءَ احسان علي شاھ، اميد علي لاشاريءَ جي ٻڳل پٽ تي زور بار وجهي ڪيس راضي ڪيو ۽ سندس ئي ڳوٺ تي ڪيل هلان ۾ ان ساڀئي چوڪري ڪلاشنڪوف جا برسٽ ٻنهي ڏاڙيلن تي رٽا موجب هلائي ڇڏيا هيا. عمر ٿڏي تي ئي هلي ڇُريو هيو، زخمي پانڌي کي علاج لاءِ ڪپري جي پاسي ڪنهن خاصخيليءَ جي گهر آنڌائون. تہ دوکي سان اسان جي يار ڊاڪٽر نور محمد پٽيءَ کي ڪنهن ٻئي مريض لاءِ ماڻهو وني ويا، هٿيارن جي ڇانو ۾ پانڌيءَ جون پٽيون ڪندي، ڊاڪٽر نورمحمد گرفتار ٿيو هيو. پوءِ ڊاڪٽر سچر درس وڏيون ڦلڪون ڏيڪاري، خان محمد مهر معرفت ڄام صادق عليءَ تي وڏا بار وجهي ڊاڪٽر کي ٻاھر ڪڍرايو هيو. نہ تہ گهڻن ماڻهن ڀانيو تي تہ ڊاڪٽر جي نوڪري تہ وئي پر ٻچا بہ رُلي ويندس.

مرحوم جوڻيجي جو دور جي ڳالھ ياد آئي اٿم، مرحو م جوڻيجي جي احمد ڪانهيي سان تمام گهٽي ويجهڙائپ هُئي. جوڻيجي صاحب جي حُڪم سان هڪڙي ڏينهن سرڪاري گاڏي، بجليءَ جا پول ڪٽي احمد ڪانهيي جو ڳوٺ ڳوليندي، عبدالله مهر وٽ اچي پُهتي هئي. تن ڏينهين خان محمد مَهر سنڌحڪومت ۾ سڀ ڪجهہ هُجي، خان محمد جي ڪري عبدالله مهر جي وڏي هلندي پُڄندي هئي. عبدالله مهر، نوڪي اها گاڏي اسان جي ڳوٺ موڪلي ڏني هئي. اسان جي ماڻهن اهي پول پنهنجي ڳوٺ ۾ لهرايا هيا. گهڙي نہ گذري هئي جو احمد ڪانهيو ۽ ان جا پُٽ وزير اعظم هائوس سنڌڙيءَ جو هڪڙو ماڻهو ساڻ وٺيو آيا، پول ڪنيائون، پر نعرا بہ هنيائون، هوڪرا ڪيائون. ڳوٺ ۾ سڀ مسڪين ۽ غريب هُجون، ڪو بہ ڦني خان نہ هيو، سڀ ماٺ رهيا. عبدالله مهر کي اها ڳالھ نہ وڻي هئي، تہ هُن جا موڪليل پول ڪڇي وجن. پوءِ سندس سفارش تي، خان محمد مهر جي چوڻ تي، سنڌ حڪومت الڳ آرڊر ڪري اسان جي ڳوٺ جي بجلي منظور ڪئي هئي، تڙ تڪڙ

۾ ڪم ٿيو هيوءِ ٻنهي ڳوٺن جي بجلي ڳنڍوڳنڍ ٻري هئي، وڏيون خير خيراتون ٿيون، وڏا وڏا بلب آنداسين. ان رات پاڻءِ سج لٿو ئي ڪونہ هيو، چئو طرف روشنيون هُجن، ٻيو تہ ٺهيو پر گهرن ۾ پاليل ڪڪڙيون ڪُڏين ۾ وجڻ بجاءِ ٻچا وٺي سڄي رات چوڳو ڪنديون رهيون هيون.

هاڻي ڪجھ ڪجھ مالي حالتون بہ سُڌرڻ لڳيون هيون تہ ٿوري ٿوري بچت بہ ڪرڻ لڳوهيس، وري اوچتو ٻيو ڏچو اهو ٿيو تہ1988 ۾ زوردار برساتن ۾ اسان جا ڪچا گهر مينهن جي پاڻيءَ ۾ ڳري مٽيءَ جا ڍڳ ٿي پيا هيا، آڌيءَ رات جو ڪچيءَ ڪوٺيءَ ۾ پٽ تي سُتل هجون ٻاهر زوردار وڏڦڙو سنجهي ڪان پئي وٺو، اوچتو ننڍڙي نياڻيءَ رڙ ڪندي چيو بابا مونکي ڳپ وارو پتر لڳو آهي. اٿي جو ٽارچ ٻاريان تہ ڪمري جي اولهندينءَ اوڏڪيءَ پٽ ۾ ايڏو وڏو ڏار هجي، جو ان مان سڄو سارو ماڻهو لنگهي وڃي. ٽڙ تڪڙ ۾ ٻچڙا وٺي اسڪول ۾ پناھ ورتي هئي سون، ان زماني ۾ڳوٺ ڪان بس اسٽاپ تائين ٻن ڪلوميٽرن جيتري پنڌ تي گوڏي جيڏو پاڻي جهاڳي، ڳپ ۾ هرروز بہ ٽي ڏڪ ڪائي روڊ تي پُهچندو هيس. بس ۾ سوار ٿيڻ تائين آفيس ۾ پائڻ جا ڪپڙا ۽ جتي هٿ ۾ ڪٽي ايندو هيس. ڪڏهن ڪڏهن ڳپ ۾ ٿڙي ڪرندو هيس تہ اهي ڌوتل ڪپڙا ڳپ ۽ گاري ۾ ٿڦجي ويندا هيا. روز روز جي اهڙن سورن ڪان سوچيم، چو نہ شهر ۾ مسواڙ جي جاءِ وٺي رهون. هٽي ماري هڪڙي جڳهہ بہ هٿ ڪئي هيم، پر امڙ سختيءَ سان منع ڪيو هيو، تہ اباڻا پَدَ ناهِن ڇڏڻا. گهڻ ۾ گهڻ منهنجي جيئري ائين نہ ڪر، پوءِ تنهنجي مرضي جيڪي وڻيئي سو وينو ڪجانِ. ماءُ جي نصيحت تي عَمل ڪندي بغير ڪنهن اجهي جي، سرڪاري اسڪول ۾ بہ مهينا پناھ گزين رَهُيس. پنهنجي آفيسر هجڻ تي ندامت محسوس ڪرڻ لڳس. پر ايئن سمجهجي تہ شديد قسم جو احساسِ محرومي محسوس ڪندو هيس.

هي اهي ئي ڏينهن هيا جڏهن ڏُر ڏٽين ضياءُالحق ڪان سڀ ڪم وٺي، هاڻ ڪيس ڪير ۾ اوچتي ڪري پيل مَڪ جيان ڪيڻ لاءِ جتن پئي ڪيا. سنڌي ماڻهو وڏيون وڏيون قربانيون ڏئي، پنهنجو الھ تلھ لُٽائي مانڙي ڪري وڃي ڪُندائتا ٿيا هيا. ڪنهن کي ڪوئي يقين ڪونہ هيو تہ هيءُ همراھ ڪو سِڳهو ويندو. هوڏانهن پانئجي ٿو تہ ڏُر ڏٽين جي رتائُن جي ضياءَ کي بہ پُٽڪ هئي. سو مڙس لاءِ جيڪا بهاولپور ۾ ڪوڙڪي اڏي هيائون، جڏهن اوڏاهن هلڻ لاءِ هُن جا پير پي سوريائون تہ هن همراه بہ گهڻ ڪونہ ڪئي هئي. جن جن تي بہ شڪ هيس تہ اهي سندس لالا مال خلاص ڪندا، تن سيني ماڻهن کي ميڙي چونڊي

ڪٽي ساڳئي جهاز ۾ ويهاريائين. پوءِ مڙس بي اونو ٿي ويهي رهيو ته هاڻ خير آهي. مارڻ وارا سپ گڏ اٿم.

پر ڪوڙڪي اڏڻ وارن مُڙسن جو به شايد متبادل پلان جوڙيل هيو، سپ قربان ٿين ته ٿيڻ ڏبو، پر هن مڙس کي چلتو ڪبو. ۽ پوءِ سواءِ اسلم بيگ جي سپ جا سپ هوائن ۾ سڙندا رهيا. هونئن به چوندا آهن ته آهِ غريبان قهرِ خدائي. سو هيترن سارن غريب سنڌ واسين جون آهون آخر ڪٿي ته پُڄڻيون هيون. ڪو ته انهن جو تدارڪ ٿيڻو هيو. بي گناهن جي خون جو به ته ڪو ليکو چوکو ٿيڻو هيو. ۽ بستي لال ڪمال وارن ته اهو ڪرشمو پنهنجين اکين سان ڏٺو هيو. تڏهن ميڊيا ايتري عام جام ڪونه هئي. ڏئي وڻي پي ٽي وي ۽ بي بي سي ئي ماڻهن جي خبر ملڻ جو واحد ذريعو هوندا هيا. سو جڏهن پنهنجي ڪِري پڙو ٽيل گهر جي دڙي تي آگسٽ جي گهُٽ ۽ ٻوسٽ ۾ آڏيون ابتيون تارون جوڙي، مچرن جي مارا ماريءَ ۾ هلندڙ بليڪ اينڊ وائيٽ ٽي ويءَ تان، ضياءُالحق جي هلي چُرڻ واري خبر ٻُڌي هيم. تڏهن اول ته يقين ئي ڪونه پئي آيو. ته ڪو دجال جو به موت ٿيندو آهي!!

خير زندگيءَ ۾ پهريون ۽ آخري ڀيرو هِن، هُن وٽ هلي ملهي پئي ضياءَ جي مرڻ تي مبارڪون ڏنم. جيتوڻيڪ پنهنجي سانئر ڪان انهيءَ تي يقين اٿم ته دشمن مري ته به خوشي نه ڪجي، متان ڪڏهن سجڻ به مري پوي.

خير انهيءَ بعد وڏي نڪ جي پڪائيءَ سان مڙسن ڦُلهيار مان ضياءَ جا ڏند ڳولي لڌا هيا ۽ وڏي ڌام ڌوم سان، وڏي اعزاز سان انهن جو جنازو ڪنيو هيائون. محمد خان جوڻيجو مرحوم تن ڏينهين ضياءَ هٿان گهر ڀيڙو ٿيل هيو. پر سندس وڏائي ۽ اخلاق ڏسڻ وٽان هيو، جو هن ضياءَ جي ڏندن پورڻ واري عمل ۾ شريڪ ٿي، بيلچي سان سندس قبر تي مٽي وڌي هئي، ايئن پئي لڳو ته مرحوم محمد خان جوڻيجو بيلچو هلائيندي دل ئي دل ۾ اهو چوندو هجي ته، هلي چُرڻ وارا ڀائو، صوفي سنڌين، يا فقير منش سنڌين سان وير وجهڻ جو انت اجهو اهو اٿيي. يا ايئن به هجي ته هو انهيءَ مهل اهو سوچيندو هجي ته اڄ هنن بيلچن سان جيڪا مٽي ڪٽي هن قبر تي وجهان ٿو، سو جڻ ته پاڪستان ۾ آمريت کي هميشهه لاءِ وڏي کڏ ۾ پوري رهيو آهيان.

هٿونگي جي گترين جي ڳالهه پئي ڪيم، ته شهر جي مکي سيٺ چوني لال جي پُٽ جيوت رام هلي ملهي اڇي اسان سان سنگت رکي هئي. روز پيو بينڪ ۾ لامارا ڏيندو هيو. تن ڏينهين سوزوڪي ڪمپني جون ايف ايڪس ڪارون نيون نيون آيون هيون. جيوت رام ڀانئيان ٿو ته صرف پنجويهين هزارين ۾ زيرو ميٽر ڪار ورتي هئي. هڪڙي ڀيري لکانو

مگريو بيمار ٿي موڪل تي هليو ويو. جيوت ۽ آئون سندس طبيعت پڇڻ لاءِ ڏوري ناري سنبرياسين. تڏهن ڪپري ڪان ڏوري ناري وڃڻ لاءِ بيو ڪو به رستو ڪونه هوندو هيو، سواءِ ڏوري جي ڪپ جي. جنهن جي ڊسڙ ڏوري ناري پهچندي پهچندي نڪ جي ناسُن ۾ هلي ويندي هئي. تن ڏينهين پانڌي ۽ عمر ملاح جو به وڏو پئو هوندو هيو، ماڻهو رات جو سفر ڪرڻ ڪان لهرائيندا هيا. جيوت جي پانيان ٿو ته انهن سان واسطيداري هوندي هئي. ان ڪري رات جو سفر ڪرڻ مهل ڊڄندو ڪونه هيو. اُنهيءَ رات رستي هلندي جيوت ڪي اچي اوچتو گردي جو سور پيو هيو، گاڏي هلائڻ ته پري رهيو، مڙس سِير وِڌل ڪڪڙ جيان ڦتڪڻ لڳو هيو. مونکي چيائين ته ڪار تون هلاءِ. مون ڪڏهن گڏه گاڏو به نه هلايو هجي سو اچي ڦاٿس. پر همراهه همت ٻڌائي ۽ پاسي جي سور ۾ ڦتڪندي مون ڪي سمجهائيندو هليو. ايئن آئون جيئن تيئن ڪري گاڏيءَ کي ڏوري ناري پهچائي ويس. لڪاني جي طبيعت پڇي، جيوت جي دوا وني، رات رات ۾ واپس ورياسين، ته آئون پڪو ڊرائيور ٿي ويس. ۽ اها گاڏي رات جو گهر ڪاهي آيس ته مورهيان ئي هٿ پڪو ٿي ويو. اهو جيوت دوستيءَ ۾ دوکيبازي ڪري هڪڙي رات ڪراچيءَ جو بهانو ڪري، لڪاني مگرئي جي ڳچ جيتري موڙي چٽ ڪري هندستان ڀڄي ويو هيو. لڪاني جهازن جا پاڙا پري اتي وڃي ڪنهن طريقي سان هاريو پيتو ڪري وصولي ڪيس. اڄڪلهه چون ٿا ته هندستان جي شهر احمد آباد ۾ ڊاڪٽري ڪري ٿو. ۽ ڪوئي ڪامياب ڊاڪٽر آهي. هتي ته ڪا ڊگري ٻگري ڪانه هيس. سندس چاچو ماستر پنالال به رٽائر ٿي هندستان لڏي ويو هيو، ورهين بعد جڏهن ازل ڪنيس ته ويزا وني واپس اباڻي وطن آيو هيو ۽ هتي اچي ابا ڻن پڊڙن ۾ ساهه ڏنو هيائين.

اهو 1985 جو زمانو هيو جڏهن پي ٽي ويءَ کي خيرباد چئي، واڻڪي ڏنڌي ۾ دخلڪاري ڏني هيم، جنهن کي سٽريل زماني ۾ بينڪاري چئجي ٿو، تنهن ۾رُلندو پِنندو وڃي، 1987 ڌاري هٽونگي جا وڻ وسايا هيم. اهو هٽونگو جيڪو اڄڙي ٽر جو گيٽ وي ۽ وڏو ڪاروباري مرڪز هيو. تنهن زماني جي هٽونگي واري حبيب بينڪ جي ٻنهي پاسي هڪڙو ريزڪيءَ جو ته ٻيو ڪپڙي جو دڪان هيو انهن ٻنهي جو مالڪ سيٺ پڳوان داس ڪتري هيو. جيڪو هُن دڪان ڪان هِن دڪان ڏي ويندي گهڙيءَ گهڙيءَ اسان جي بينڪ آڏو پيو لَمڪا هڻندو هيو. جيتوڻيڪ پاڪستان نهڻ ڪان پوءِ هٽونگي جي گهٽي ٽٽي هلي چلي ته قائم خانين جي هَٿِ وس هئي، پر پوءِ به سيٺ چوني لال جي اوطاق هٽونگي ۾ آئي وئي لاءِ وڏو اَجهو هوندي هئي. ڀڳواناداس عرف ڀڳواني ۾ ۽ سيٺ چوني لال ۾ رشتو ته

الائي کھڙو هيو، پر پوءِ بہ پانيان ٿو تہ هيا ويجھڙا عزيز. هي سينيا جيتوڻيڪ هٿونگي جا تُجار نہ ئي سهي پر مڇيءَ مانيءَ وارا ماڻهو ضرور هيا.
تن ڏينهن پڳوانداس جنهن کي عام طور تي لکانو مگريو ۽ آئون توڙي هٿونگي جي ڪَس جا جملي ماڻهو پڳوانو يا وڏ ۾ وڏ سيٺ پڳوانو ئي چوندا هياسين. تنهن سان مٿو مٿي تي سنگت ٿي وئي هئي، هونئن بہ هو هيو بہ يار ويس، هرڪنهن سان ٻُڌي توڙي ٻار سان هڪ جهڙو، تاڙيءَ جو نڪاءُ ۽ وڏا ٻڌا ٺهڪ هُن جي نشاني هوندا هيا. منجهند جو جڏهن اسين بہ واندا ٿيندا هياسين ۽ هو بہ واندو ٿيندو هيو تہ سيٺ مولي مل جي دڪان تان ٻُڳل مائو ۽ پڪوڙا گهرائي گڏجي ڪائڻ جي جهڙوڪر اسان ۾ عادت پئجي وئي هئي. ڪڏهن ڪڏهن صبح جو سوير اچي دال ڪاڪڙ سان نيرن ڪرڻ مهل جيتوڻيڪ هو اسان جيان نيرانو ڪونہ هوندو هيو پر پوءِ بہ ساٿ ضرور نڀائيندو هيو. وقت ڦرندو گهرندو ويو ۽ آئون بہ ڦرندو گهرندو ڪنهن ٻئي طرف هليو ويس، 1991 ڌاري هڪڙي ڀيري ڪنهن دوست ٻڌايو تہ پڳوانو ٻنان ڪنهن سبب ٻڌائڻ جي پنهنجي وڏي ڀاءُ ڪرپالداس ۽ ننڍي ڀاءُ ريواچند سان گڏجي هن ملڪ کي ڇڏي هندستان هليو ويو آهي. منهنجي زندگيءَ ۾، مون پهريون ڀيرو ايئن ڪنهن سُلجهيل، سمجهدار ۽ پڙهئي لکئي دوست کي پنهنجي ڌرتي ماءُ کي ڇڏي پرديس پڌاريندي ٻُڌو هيو. جيتوڻيڪ هن جي وڃڻ جو مونکي ڏاڍو ڏک ٿيوهيو، پر گڏوگڏ مٿس ڪاوڙ بہ هئي تہ هن ايئن ڇو ڪيو؟
خير وقت وهندڙ پاڻيءَ جيان تيزيءَ سان گذري ويو، انهيءَ وچ ۾هندستان ايندڙ ويندڙ سندس مائٽن عزيزن مان خبرون پيون پونديون هيون تہ همراه احمد آباد جي شهر ۾ وڃي ڪاروبار کوليو آهي ۽ وري خبرون پيون پونديون هيون تہ همراه جي ڪاروبار ۾ مَندي اچي وئي آهي ۽ لڳي ٿو تہ مڙس ڏُلي ويو آهي. هڪڙي ڀيري ڪنهن سندس ڀاءُ ڪرپال داس جي پرلوڪ پڌارڻ جي بہ خبر ٻڌائي هئي. ان ڏينهن سوچيو هيم تہ پڳوانو ڪيڏو بہ ڪنور دل سهي پر پڳواني کي ڀاءُ جي وڇوڙي مهل اباڻا ڪکڙا ۽ سنڌ ضرور ياد آئي هوندي. سوچيو هيم تہ پڳواني جي رت جي رڳن ۾ سنڌ جي زرخيز مٽيءَ جا ذرڙا جيڪڏهن اڃان بہ پنهنجو وجود رکندا هوندا تہ اڄ پنهنجي ڀاءُ جي وڇوڙي تي هن جيجل امڙ جي ديس ڏي مُنهن ڪري ڊُنڊڪارون ضرور ڏنيون هونديون. ڪرپال داس سان گڏ رانديون ڪيڏندڙ سنڌي مسلمانن کي ضرور ساريو هوندو. ۽ سوچيو هوندو تہ جيڪر وطن نہ ڇڏيان ها تہ هينئر اهي سڀ مون وٽ پَرسو ڪرڻ لاءِ وينا هجن ها.

وڏڙا ويچارا چوندا هيا تہ وقت وڏو ويري آهي الائي ڪيترن کي وڇوڙيو ڇڏي، تہ وري ورهين جا وڇڙيل ملائيندي دير ئي ڪونہ ڪري. مون سوچيو هيو تہ هاڻ ڀڳوان داس جو منهن ڏسڻ شايد ئي نصيب ٿئي. هڪڙو پيرو اها آس ضرور جاڳي هئي، سو بہ تڏهن جڏهن ڪوڪراپار ٽي ڪليو ۽ هندستان ۽ پاڪستان جي عوام گڏجي اچي ڪوکڙي ۽ موناباﺋو جي جي اسٽيشنن تي ڏيئا ٻاري هڪٻئي سان پياپيءَ جو اظهار ڪيو هيو، جيتوڻيڪ اصلي ڏيئا ٻارڻ وارن يارن اسان پاڪستانين بارڊر تي پهچي ڏيئا ٻارڻ ڪونہ ڏنا هيا، تڏهن بہ بہ چار ڪوهہ پري بيهي، آس پاس جي سُڪل ٻُوهن کي کُهڙ ڻاهي ساڙي اسان سامهون وارن کي سوجهرو ڏيکارڻ ۾ ڪامياب ويا هيا سون. تہ هائو ٻيلي پاڻ پائر آهيون ۽ پائر ٽي رهڻ ۾ ئي پنهنجو پلو آ. تڏهن هتان ويندڙ پهرين ريل گاڏيءَ ۾ جن کي وڃڻو هيو تنهن لسٽ ۾ منهنجو نالو بہ هيو ۽ مون خوشيءَ خوشيءَ ڀڳواني جي مائٽن کان سندس احمد آباد جو نمبر هٿ ڪيو هيو، پر افسوس جو اها ريل تہ وئي پر انهيءَ ۾ مون سميت ملان نيڪوءَ پارا بہ ڪونہ وڃي سگهيا هيا. اهو هڪڙو الڳ داستان آ.

اهو 1991 جو هليو ويل ڀڳوانو، الائي ڪڏهوڪي هندستاني شهريت وٺي، ويهارو ورهين بعد هندستان جي پاسپورٽ تي، سنڌي هوندي بہ ڌاريو بڻجي، پنهنجي اباڻي وطن جي ويزا وٺي، ڪجهہ ڏينهن لاءِ اباڻو وطن گهمڻ آيو آهي، اهو گهر ڏسڻ آيو آهي جنهن جي هڪڙي هڪڙي سِر جي خريدڻ تي هُن جي پگهر جو پورهيو هليو هيو، انهي ڍوري( هاڪڙو) کي وري ڏسڻ آيو آهي، جنهن ۾ ننڍي هوندي ٽُٻيون هنيون هونداﺋين، ۽ وڏيون ٽُٻيون هڻي هڪ جيڏن سان کُندرو رانديون ڪيڏيون هونداﺋين. اهو هٽونگو ڏسڻ آيو آهي جنهن جي اُيرنديڻءَ پٽ جي اڇڙي واري چوڏهينءَ جي چنڊ جي رات ايئن چمڪندي آهي جيئن چانديءَ جي ڏِک ڏيندي هجي. اهو رتي ڪوٽ جو مندر ڏسڻ آيو آهي جنهن ۾ راتيون جاڳي عبادتون ڪيون هونداﺋين. اهي هڪ جيڏا ڏسڻ آيو آهي جن سان اتي ڏڪر، گاٻڙي، ٻيلهاڙو، ونجهہ وٽي ۽ ڪوڏي ڪوڏي رانديون ڪيڏيون هونداﺋين. پر هي ڀڳوانو اسان جو هوندي بہ هندستاني ڀڳوانو آهي. هن جي هٿ ۾ هڪڙو حڪمنامو آهي تہ جتي بہ ويندو حد جي ٿاڻي ۾ داخلا ڪرائيندو، هاڻي جيتوڻيڪ هو ساڳي ٻولي ڳالهائي ٿو جيڪا تون ۽ آئون ٿا ڳالهايون. ريتون رسمون بہ پاڻ واريون اٿس پر هو پنهنجو وطني پوءِ بہ ناهي، ڌاريو آهي.

انهيءَ ڀڳواني، زندگيءَ جا ايڪويهہ ورهيہ پرائي ديس ۾ گذارڻ بعد، ڪالهہ 2012 جي سن ۾ الائي ڪٿان ۽ ڪيئن اچي مونکي ڳولي هٿ ڪيو، ڪي گهڙيون تہ هڪ ٻئي جي ڀاڪرن ۾ ايئن هيا سون. جيئن ماڻهو محبوبن جي ڀاڪرن ۾ هوندا آهن ۽ ڪل ئي ڪانہ پوندي

اٿن ته ڪيترو وقت گذري ويو. ۽ جڏهن پاڪرن مان نڪري هڪ ٻئي جي اکين ۾ نهاريوسين ته ٻنهي جي اکين جون پنبڻيون پُسيل هيون. ٻنهي جي اکين جي تارن جي پاسن ۾رتانوان ڏورا پاٽيءَ سان ڀريل چِٽا پئي ڏسڻ ۾ آيا.

پڇيومانس يار" هيترا ورهيه گذري ويا توکي انهيءَ جيجل امڙ جي مٽيءَ جي ياد به ڪونه آئي جنهن جي مٽيءَ مان اُپايل اَن کائي تون وڏو ٿيو هئين"؟

ته همراهه صفا ڇِهڄي پيو، اکين مان لڙڪ لارون ڪرڻ تي لڳس ته روڪي ورتائين ۽ چيائين" يار وطن ڪنهن کان ٿو وسري. ماڻهو جتي ڄائو نپنو، هڪ جيڏن سان رانديون ڪيڏي وڏو ٿيو، سي يارڙا، سي وٿاڻ، سي مارو، سو ڏٽ ۽ سي پَڪڙا سي پنهوارڪيئن وسرندا. اهو ته هن دل کان پُڇ جنهن 21 ورهيه وطن جي سڪ لاءِ تڙپندي گذاريو آهي. هنن ڪڪڙن کي ڏسڻ لاءِ تڙپيو آهيان، اولاد کان لِڪي ڇپي رُنو آهيان، پر ڪڏهن ڪڏهن ته پنهنجي منهن ڏُنڍڪارون ڪري رنو آهيان". ۽ ها تنهنجو به ته شهر ۾ گهر آهي نه، پوءِ تون ڳوٺ ڇو ٿو اچين؟ اٿئي ڪو جواب؟ يار ماڻهو جتي پيدا ٿئي ٿو، جنهن ڌرتيءَ تي بانبڙا پائي وڏو ٿئي ٿو، سا ڪنهن نپتي ڪان به ناهي وسرڻي"

چيو مانس" پوءِ ڪهڙو ڪاريءَ تي پير پيئي جو ايئن اوچتو ڪٽي اهڙي ديس پلاڻيئه جتي نه تنهنجي ڄاڻ نه سڃاڻ هئي ۽ هو رڳو تنهنجا هم مذهب هيا، تنهنجي ۽ هنن جي ٻولي، ثقافت، ريتون رسمون سڀ الڳ هيون"؟

چوڻ لڳو" سوچيو هيم ته رڳو وڃڻ جي دير اٿم، اُتي ڪي مون لاءِ مِنا روٺ پَڪا پيا هوندا، ڪير جون نديون وهنديون هونديون جن مان ٻُڪ ڀري پيو پيئندس ۽ گد گد ٿيندس، پر يار توکي ڇا ٻُڌايان ته هنن گذريل ويهارو ورهين ۾ جيڪي پاپڙ ويليا اٿم، جيڪي سور ڪاڏا اٿم، سي هڪڙو مَٽيون يار ٿو ڄاڻي ۽ ٻيو آئون ٿو ڄاڻيان جنهن پوڳيو آهي". ۽ تڏهن وڃڻ وارن شروعاتي سالن ۾ ته اها حالت هئي ته پاڻِءِ اڳيان ڪا وڏي ڪاهي هجيم جي ٿو ڪِران ته به ٿو مران ۽ پوئتي ٿو وران ته سَپ نه ته به سَپ جو سراپ ٿو ماري".

چيومانس ۽ "هاڻي جيڪر ڪير چَوَئي ته وري وٿاڻين آءُ، ته پوءِ ڇا ڪندين"؟

وراڻيائين "يار هاڻ اولاد جوان ٿي ويو، پوٽن ڏوهٽن وارو ٿي ويس، سڀ ڏنڌي ڌاڙيءَ وارا ٿي ويا. هاڻ پلي منهنجي ۽ منهنجي گهر واريءَ جي دل هيڏانهن ورڻ جي ڪري پر اولاد ڪونه ايندو. جيڪي اتي ڄاوا نپنا، تن جي اُڪير به اتي سان هوندي نه. جيئن مونکي خوابن ۾ هي روڊ رستا، هي وڻ ۽ ويڙها تا ڏسڻ ۾اچن تيئن هُنن کي به اهي احمد آباد جا پڊ ياد ايندا. بس هاڻ ته جيسين جِيئان پيو، تيسين روح ٻنهي پاسي ٽنگيل ئي رهندو. "

آئون هن جي اهڙي جواب تي ٻوڏارجي ويس ۽ سوچيم تہ اي جهان جا رب تو جڏهن هي جهان ٿي خلقيو تہ ڌرتيءَ جي ماڻهن جي من ۾ اهو بہ وجهي ڇڏين ها تہ منهنجي ۽ تنهنجي جي چڪر ۾ نہ پون، هندو مسلم، سک عيسائيءَ يهودي وغيره جي تفرقي بجاءِ سڄي عالم جو خلقيندڙ بہ تون هڪڙو تہ ديس بہ هڪڙو ئي هجي ها. ڪوبہ ڪٿي دنگ ڪري بندوق ڪڻي نہ بيهي ها تہ هي ٽُڪرو منهنجوءِ هو تنهنجو. تہ هوند ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪا پيڻ پرديسي پائرن لاءِ ڍُنيڪارون نہ ڪري ها، ڪو پيءُ پرديس ۾ پرڻايل ڌيءَ جو منهن ڏسڻ لاءِ ويزائن جي جنجهٽن ڪان آجو هجي ها. اي مالڪ اڄ بہ منهنجي ديس جي ماڻهن ۾ مذهبي رواداري آڻ تہ اهي لڪم دينڪم وليدين تي عمل ڪن. ذات پات، رنگ نسل، قوم قبيلي جي جنجهٽن ڪان آجا ٿين ۽ آسودي زندگي گذاري سڄي عالم جا خيرخواهہ بڻجن.

تن ڏينهين لڪاني مائٽن ڪان لِڪي ڇپي، حيدرآباد مان شادي ٿي ڪئي، سندس ڄڄ ۾ چند دوست هياسين، جن ۾ جيوت، غازي سمون، رشيد راڄڙ، ڊاڪٽر نور محمد پتي ۽آئون هيا سين، رمضان مگريو ۽ ٺارو مگريو بہ لِڪي ڇپي آيا هيا، جڏهن اسان جي ٽن گاڏين جو جلوس ميرپورخاص جي ماڊل ڪارخاني وٽان پئي گذريو تہ اوچتو سامهون مرحو حاجي خان محمد مگرئي جي گاڏي ڏسڻ ۾ آئي هئي، غازيءَ سمي، جلديءَ ۾ لڪاني کي سيٽ تي هيٺ ڪري لڪائڻ جي ڪئي هئي، لڪاني جيڏو ڇهہ هٿيو مُڙس، مَس جيئن وڃي حاجي خان محمد جي نظرن ڪان لڪو هيو.

انهيءَ وچ ۾ هٿونگي ۽ ڪپري جي وچ تي سوناري واٽر جي رهاڪو حاجي قادربخش شر سان چاڻ سڃاڻ ٿي هيم، مڙس پهريان تہ صفا تتڙينگ هيو، پر پوءِ ڪير جون لوٽيون مٿي تي ڊوئي، ڪپري جي هوٽلن تي وڪڻي، ٿيندي ٿيندي بنهي وڏو تونگر ٿي ويو هيو، پر صفا سادي زندگي گذاريندو هيو، شايد ٽڪڻ تي ٽوال جو سينهون ناهي، ڪير جون ڊويل لوٽيون ۽ ڪپري جا پنڌ ياد هيس، تنهن ڪري سُورن سان ڪمايل پونجيءَ جو قدر هيس. نئين ماڻهوءَ کي افعالين ايئن لڳندو هيو، پانءِ ويچارو مسڪين ويلا ٽاريندو هجي، هلڪڙي سادڙي ڪپڙي جي ميرڙي قميص پايو، ٽوال جي گوڏ ٻڌيو، پيو هلندو هيو، گڏوگڏ مُڙس رنگين چشمو پائيندو هيوءِ اڪثر ڪري انهيءَ چشمي جي هڪڙي ٽنگ ٽُٽل هوندي هئي. ڪو بہ نئون ماڻهو ڪڏهن بہ ڪونہ لَڪيندو تہ هي مڙس ڪو تَوَنگر هوندو. ڪڏهن ڪڏهن مون تي مائٽ مائٽ ڇئي خرچ ڪندو هيو، سوبہ ڪنهن هوٽل تي ماني ڪارائڻ جو

يا گولڊ ليف جي پاڪيٽ جو. وڏهل جي ويندل حاجي خير محمد مريءَ مرحوم سان گهاٽي ياري هوندي هيس. حاجي خير محمد مرحوم ٻڌائيندو هيو تہ هڪڙي ڀيري مڙس وٽ ججها پئسا گڏ ٿي ويا هجن، سو چا ڪيائين جو مونکي وني ويو تہ هل تہ هلي پئسا ڪٿي لڪايون. سو وجي سندس گهر جي لوڙهي جي ٻاهران وڏي کڏ کوٽي انهيءَ ۾ پوريا هياسين. ۽ مٿان نشانيءَ طور ڪاني کوڙي ڇڏي هئي سون. ڪجهہ وقت بعد ڪانئس اها جاءِ وسري وئي، بہ ٽي راتيون آسا پاسا کوٽيندو رهيو. جڏهن رقم نہ لڌس تہ پڪ ٿيس تہ اها حاجي خير محمد چورائي ويو هوندو. تڏهن اچي جهيڙو جوٽيائينس، حاجي خير محمد کي اها جاءِ ياد هئي سو ٻانهن کان وني انهيءَ جاءِ تي آڻي پئسا کوٽي ڏئي، پنهنجي جان آجي ڪرايائين.

حاجي قادربخش جو لاڙو پيپلز پارٽيءَ ڏي تمام گهڻو هوندو هيو، ڪپري جي شهر ۾ ويهي پيپلز پارٽيءَ جي ڳالهہ ڪرڻ ۽ ووٽ ڏيڻ جهڙي تهڙي جي وس جي ڳالهہ ڪونہ هوندي هئي، انهيءَ ووٽ ڏيڻ جي ڪري، فقير چوريون بہ جام ڪري ويندا هيس تہ بہ حرام ڪو منهن ۾ گهنج ايندو هيس. جيتوڻيڪ پيپلز پارٽيءَ وارن پنهنجن دورن ۾ ڏنو ڪجهہ بہ ڪونہ هيس، تڏهن بہ هي همراهہ جتي هيو اتي شِيخ ٿيو بيٺو هوندو هيو. پٽ جوان ٿيس، ڏنائون تہ اوسي پاسي جي ڳوٺن ۾ بجلي پئي ٻري، اسان بہ وٺون، حاجيءَ سان ڳالهہ ڪيائون تہ بگڙي پيو، چئي ابا ڏوڙ وجهوس، ڪير پيو بجليءَ جا بل ڀريندو، پاڻ ايئن ئي ٺيڪ آهيون. پُٽن ڪي اها ڳالهہ نہ وڻي، لڪ چوريءَ ۾ واپڊا وارن سان ڏنو پُٽ ڇُٽي جو ڪري ڳالهہ طيءِ ڪيائون. هاڻ مسئلو اهو ٿيو تہ بجليءَ جو سامان ڳوٺ ۾ ڪيئن لهي، جيڪر ايئن ام ڏُم تي وجي سامان لٿو تہ حاجي آسمان مٿي تي کڻي ڇڏيندو. پاڻ ۾ صلاح ڪري مون کي چيائون تہ اج رات اسان وٽ بجليءَ جو سامان ايندو جنهن ۾ پول ۽ ٽرانسفارمر وغيرهہ هوندا، صبح جو حاجي صاحب جڏهن اهي شيون ڏسندو تہ آسمان مٿي تي کڻي ڇڏيندو. ان ڪري توهان اج رات اسان وٽ هلي رهو ۽ صبح جو حاجي صاحب کي ڪنهن طريقي سان ٿڌو ڪريو. چو جو هو توهان جي ڳالهہ رکندو آهي. تن ڏينهين حاجي قادربخش جي اوطاق ڪانہ هوندي هئي، آيو ويو، سياري اونهاري، گهڻو ڪري ٻبرن هيٺان رات گذاريندو هيو. اها رات مون سندن ڳوٺ کان ايرنديئن پاسي. ٻبرن جي هيٺان سمهي گذاري هئي. مِنا مِنا سيءَ هيا، هلڪي ڦلڪي سوڙ ولهہ ۾ دٻ ئي ڪونہ جهلي هئي، سڄي رات ننڊ تہ ڪونہ آئي هيم، مڙوئي رات ڪنٽي هئي سا ڪٽي ويو هيس. رات جو ٻن مزدائن ۾ بجليءَ جو سامان بہ اچي لٿو هيو. فجرڏاري حاجي صاحب گوڏڙي پايو، ڪبڙ جو

ڏندڻ ڏيندو ٻاهر نڪتو، اوچتو گهرن جي آڏو بجليءَ جي سامان جو ڍڳ ڏسي، منهنجي گاڏي سجاڻي اچي منهنجي منهن تان رلي لاٿائين. ۽ وڏي ڪاوڙ ڪندي چوڻ لڳو مائٽ هتي ڪاتي ستو آهين؟ پوءِ ڪٿي سمهان؟ تو وٽ ته ڪا اوطاق به ڪانهي پائو. ڳالهه ڪي وڌائيندي چيم، اهو ته پڇ ته اوچتو هتي آيو ڪيئن آهيان. تڏهن چوڻ لڳو ها ها اهو ته ٻُڌاءِ. پوءِ اصل قصي تي ايندي چيو مانس حاجي صاحب ڳالهه ئي نه پُڇ، رات ڪي ٻه گاڏيون هي سامان ڪٽي تنهنجو ڳوٺ پچائينديون، اچي مون وٽ پهتيون. چيو مان ته اهو هتان گهٽو پري آهي. پڇيو مانِ، پلا حاجي قادر بخش ۾ ڪم ڪهڙو اتوَ؟ تڏهن وراڻيائون، ته ادا بينظير ڀٽو صاحبہ، خاص طور تي حاجي صاحب جي ڳوٺ لاءِ بجليءَ لڳائڻ جو حڪم ڪيو آهي، سو اهو ڳوٺ ڳوليندا تا وتون، پر اسان کي لَڀي ئي ڪونه تو. ڳالهه ڪي وڌائيندي چيومانس ته ادا پوءِ سوچيم، ته جي هنن کي ايئن ٿو تنهنجي ڳوٺ موڪليان ته ڪونه ڪو پيپلو يا مورڳهين ليگلو هترادو قادربخش ٻڌجي وچان وچ سامان جهٽي ويندو ۽ حاجي قادربخش ويچارو بجليءَ ڪان وري به رهجي ويندو، ان ڪري هنن سان گڏيو هليو آيس ۽ رات هتي ئي سمهي رهيس. ڳالهه پوري ڪري ڏنم ته انهيءَ مهل حاجي صاحب جي مُک تي عجيب قسم جي چمڪ آئي ۽ فخريہ انداز ۾ چيائين، هائو ادا هائو، بينظير ويچاري بروبر مون کي گهٽو پائني ٿي. پر هي وچ وارا وڏيرا مون کي سَهن ئي ڪونه ٿا. چڱو ٿيو جو تو آئين نه ته واقعي به هي پيپلا منهنجو سامان ڪٽي وجن ها. ۽ پوءِ گهران وجي پُٽن پوٽن کي نند مان اٿاري، اڳيان ڪري، اچي سامان ڏيڪارڻ لڳو. چوي پيو ڏسو بينظير ڀٽو ماکي ڪيترو ٿي پائني، جو رات جي پيٽ ۾ بجليءَ جو سامان موڪلي ڏنو اٿائين.

گهڻا سال پوءِ پُٽس راجا عزيز جي شادي ٿي ڪيائون، چئي ڪو پت ڪندس ۽ ڪرڻ ڏيندس چا، ڦنڊي خلق ڪائي پينگ ڪري ويندي، نه بابا نه پاڻ ايئن ڪونه ڪنداسون، پوءِ ويهي هلڪڙي ڪاڄ جي خرچ پکي جو ڪاتو لِکرايائين، ڇهه قنائتون، ڇهن ديڳين جا چانور، اڍائي مڻ ڪڪڙ جو گوشت، هڪ مڻ اٽو. ۽ بس ٻيو ڪجهه به نه. تن ڏينهين آئون هتان بدلي ٿي ويو هيس، پر واسطيداري اجان به اهڙي ئي هئي. حاجي صاحب جي پُٽن اچي مونکي سنبرايو ته هلي پنهنجي مائٽ کي سنڀال. ويس ته همراهه جو ٻِگل ڦريل هيو، چئي هي چورا پينگ ڪري ڇڏيندا، ٻيلي هنن کي سمجهاءِ. نيٺ ڏٽا پوزيون ڏئي راضي ڪيو سونس. سو به انهيءَ تي راضي ٿيو ته چڱو پلا فوزيا سومري گهُرايو ته پوءِ ڪجهه ڪونه چوندس. پوءِ اڍائي مڻن جي بجاءِ 80 مڻ گوشت هليو، هزارن ۾ ماڻهو آيا. وڏا دهل دماما ٿيا.

حاجي صاحب پيپسي ڪولا جو شوقين هوندو هيو، پُٽس جي پٽ جي رات ليمي مل واٽئي پيپسي جي وڏي بوتل ۾ شراب ملائي مون کي ڏئي ڇڏيو، ته حاجي صاحب جو تو تي اعتبار مڙوئي ڪجهه جهجهيرڙو آهي، پيپسيءَ جي بهاني هيءُ ڇُڪڙو پياري ڇڏينس ته پُٽن کي توڙي پاڻ کي تنگ ڪونه ڪندو. پوءِ ان پيپسيءَ جا ڍُڪ پريندي، گهڙيءَ گهڙيءَ مون ڏي ڪنڌ ڦيري مون کي چوندو رهيو، مائٽ هيءَ ته ڏاڍي ڪساري آهي!. ۽ آئون بار بار کيس اهو چوندو رهيس ته، مائٽ اصلي بوتل اها آهي، ڪراچيءَ مان گهرائي اٿم. هتي ته رڳو ڪپري جي واٽين وٽ نقل پيو ٿو هلي. تنهن تي ڪنڌ ڌوڻي چوندو رهيو هائو مائٽ هائو تون سچو آهين. حالانڪ اُنهيءَ رات اڳوڻي مختيارڪار رستم بوزدار ليمي جي حرڪت کي تاڙي ورتو هيو، حاجي صاحب کي گهٽو ئي منع ڪيائين ته. ادا هن ۾ شراب مِليل آهي، متان پيتو اٿئي. پر مڙس منهنجي اعتبار ۾ ڪُسي ويو هيو. ٿوريءَ دير بعد نشا چڙهيس ته حال گهڙيءَ ته فوزيا سومريءَ تي سون جا نوٽ گهوري خلق کي حيران ڪري وڌائين، پوءِ نيٺ هوريان هوريان وڃي سُتو، ۽ همراهن جو پٽ خير خوبيءَ سان گذري ويو. صبح جو جڏهن مُڙس کي سار ٿي ته سچ ڪانو ٻه مٽي چڙهي ڇُڪو هيو ۽ پَٽَ واري ميدان تي رڳو ڪانگ پئي اڏاٽا، ٻيو ڪجهه به ڪونه هيو.

سادگي ايتري هيس جو، هڪڙي ڀيري صابر خيبر کان ٽريڪٽر خريد ڪيائين ۽ اڌ رقم روڪي ڇپائين جيستائين ٽريڪٽر جي نمبر پليٽ نه ڏيندين ايستائين پئسا ڪونه ڏيندوسانءِ. ڪهڙي خبر ڪاڳر ڪوڙا هجن يا مورڳو ٽريڪٽر ئي چوريءَ جو هجئي. اصل ۾ ٽريڪٽر ڪو چوريءَ جو ئي هيو، سو صابر مانڙي ڪري هڪڙي لوهار کان نمبر پليٽ جي سائيز جي لوهه جي پٽي نهرائي، رنگ ڪرائي، مٿس نمبر لکي، هٿ ۾ ڏئي، پئسا وصول ڪري ويس. حاجيءَ کي گهٽو پوءِ خبر پئي ته ٽريڪٽر جا ڪاغذ توڙي نمبر ڪوڙو آهي. پوءِ پئي سٽرون ڪُٽيائين. پنهنجي ڪپري جي ٻئي دور ۾ مون خيبر ڪار ورتي هئي، بينڪ جي موڪل جي ٽائيم تي حاجي صاحب هرروز اچي در ته ٻيهي چوندو هيو، ته مائٽ ڦيريائين ماڪي گهر ڇڏي پوءِ تون وڃجانءِ. ۽ ڪار ۾ ويهندي ئي آئون ايئر ڪنڊيشنڊ ڪوليندو هيس ۽ حاجي صاحب ناس جي دٻلي ڪولي، دٻليءَ کي هلڪو لوڏو ڏئي، ناس پنهنجين ناسن ۾ وجهندو هيو، حاجيءَ جي ناسن کان اڳ۾ ناس منهنجي نڪ ۽ اکين ۾ پهچي ويندي هئي، ۽ منهنجي ڇڪن سان گڏ اکين مان لڙڪن جي به وارو وار هوندي هئي. پر سور پي به حاجي صاحب کي گهر پيڙو ڪري ايندو هيس.

هٿونگي ۾ ئي پڳوان داس ڪتريءَ سان سنگت جا پيچ اڙيا هيا، سي به اهڙا ته اڙيا هيا جو مٿو مٿي تي يار ٿي پيا هياسين. ڏاڍو پيارو ۽ پيار ونڊيندڙ ماڻهو هيو، سنڌ جي ادب ۽ سياست تي گهري نظر هوندي هيس. گڏوگڏ ڪاروبار جا گُر به تمام وڏا ڄاڻيندو هيو، افسوس جو بنان ڪنهن دٻ ڊاءُ جي، بنان ڪنهن زور بارجي، بنان ڪنهن پئو جي ملڪ ڇڏي پجي وجي انڊيا جا وڻ وساياڻين، سندس وڃڻ جو ڏاڍو ڏک ٿيو، ۽ اڄ تائين به اٿم. افسوس جو اڄ تائين ڪوبه رابطو ڪونه ڪيو اٿائين. ٻڌو اٿم ته گجرات صوبي جي ڪنهن شهر ۾ رهي ٿو. هن ئي دور ۾ لکاني مگرئي به هڪڙي ايف ايڪس ڪار ورتي هئي، نوابشاهه ڏانهن پڦيءَ جي پُٽن ڪو پت ٿي ڪيو ته دل ۾ آيم ته ڇو نه امڙ کي ڪار ۾ وٺي وڃان. ان ڪري لکاني کان ڪار موڪلائي جڏهن ٻن ڪلاڪن ۾ نوابشاهه جي پاسي ۾ سٺ ميل جي شهر پهتاهياسين، ته امڙ ايترو جلدي پهچڻ تي حيران ٿي وئي هئي. چيائين اها ئي مهل آهي، ڏينهن ئي ڪونه لڙيو آهي جو پهتا آهيون. امڙ جو ڪار ۾ سموريءَ حياتيءَ ۾ اهو پهريون سفر هيو. ڳالهه ڪيائين ته پٽ اڳي نوابشاهه جي مائٽن ۾ اچڻ لاءِ فجر جو اٿي ماني پچائي به گره پيٽ ۾ هٽي، باقي مانيون ڪنهن اگڙيءَ ۾ ٻڌي، ڏڳي گاڏي جوٽي، ميرپور روانو ٿبو هيو، ميرپورخاص مان ريل گاڏيءَ ۾ چڙهي نوابشاهه پهچندي پهچندي، سج لهان لهان پيو ڪندو هيو. هڻ وٽ ڪري سٺ ميل جي آخري بس ۾ چڙهي اچي اتي پُجبو هيو، ۽ پوءِ وڃبو هيو پنڌ ڪي. رات جا ڏه يارهن ٿيندا هيا جو وڃي سڌ ڪري مائٽن کي ننڊ مان جاڳائي سندن اڻ ڪوٺيو مهمان ٿبو هيو. هاڻ ته ته ڏس مُئن مهاجرن کهڙيون مشينون ڪڍي ڇڏيون آهن. ( امڙ هر شيءِ لاءِ پائيندي هئي ته اها مهاجرن ئاهي هوندي) گهڙيءَ ۾ ئي هتي پُجي ويا آهيون. ۽ پوءِ ان وقت مونکي دعائون ڪيون هيائين، ته ٻچا رب ڪندو سدائين وڏين وڏين ڪارُن ۾ گهمندين.

ستت ئي هٿونگي مان بنان جواز بدلي ٿي هئي، ۽ اچي غريب آباد ميرپورخاص ۾ قائم بينڪ جي زونل آفيس جا وڻ وسايا هيم. ڪڏهن ڪڏهن اسپيئر ٽائر جيان، جيڪو موڪل تي ويندو هيو، تنهن جي جاءِ تي ڊيوٽي ڪرڻ ويندو هيس. جنهن ۾ جام ٿي اي ڊي اي ملندو هيم. ۽ نيٺ 1989جي وچ ڌاري عُمر ڪوٽ ۾ سيڪنڊ آفيسر جي حيثيت ۾ پڪي پوسٽنگ ٿي هئي. عُمر ڪوٽ جو شهر حقيقي معنيٰ ۾ مون لاءِ اصلاح جوگهر بڻيو هيو. شروعاتي دور ۾ صرف ٻن ماڻهن سان واسطيداريون وَڌيون هيون، تن ۾ هڪڙو هُيو لائق ٽيبوءِ ٻيو هيو سليم مَهر. ٻئي هڪ ٻئي جي ابتڙ ۽ هڪ ٻئي جا ضد هئا. لائق جڏهن مون ڏنو هيو، تڏهن اهڙو ڪونه هيو، اصل ايئن چئجي ته ڪَل ٽِڙيل مُڙس هيو ته به ڪو وڏاءُ

ڪونہ ٿيندو. هڪڙو تہ نَوَ هَتِيو مڙس، جنهن جي جُتيءَ جو ڪارب ڪنهن موچيءَ وٽ نہ هجي، سو وري پانيان ٿو خوشونت سنگھ ڪي گھڻو پڙهي، سِڪن جو پٽڪو ٻڌڻ لڳو هيو، مٿان وري ڪُڙتو ۽ چوڙيدار پاجامو، پيرن ۾ پنجابي کُسو. اصل مڙس جهڙو محمد مشڪرو ٿيو پيو عمرڪوٽ جي گهٽين ۾ نُوس نُوس ڪندو هيو. پوءِ بہ هن ننڍي نيٽي مڙس جو وڏڙا بہ احترام ڪندي چوندا هيا تہ ابا هيءُ همراھ تہ اُٺ ڪتابن جا پڙهيو ويٺو آهي. اها حقيقت بہ هئي تہ عبدالڪريم پليءَ جي اوطاق تي ٿيندڙ راڳ جي محفلن ۽ ڪتابن جو هيءُ عاشق، حاضر جواب، گهڻ پڙهيو ۽ تيز ماڻهو، مذهبي رڪاوٽن کان گهڻو ٻاهر ڦِرندڙ، ڙُو معنيٰ جملن ۾ گهڻو ڪجھ چوڻ وارو. ويجهن دوستن سان ويهي تہ کُلي ڳالهائي، وزني ۽ ڀرپور دليل ڏئي، تہ هر ماڻهو سندس چڳ وڍيو مُريد ٿيو وڃي. ڪجھ وقت اڳ ڪنهن وڏي مُلان سان عمرڪوٽ ۾ مناظرو ڪندي مٿس تعزير جاري ٿي هئي. ڏنو اهڙو جو جُلابن جا ڏوڙيا هجنس، عمرڪوٽ اچڻ وڃڻ ڇُٽو، مڙس سڄا سارا ڇھ مهينا ڪن ڪُنڊائتو رهيو، ۽ جڏهن جان ڇُٽس تہ عام ماڻهن ۾ ڳالهائيندي لفظن جي، پهريائين چڱي موچاري تور تڪ ڪري پوءِ ڪو گفتو وات مان ڪڍي، سو بہ تڏهن جڏهن اڳلي کي پرکي وني، تہ هائو ٻيلي اڳلو مڙس سهپ ۽ سمجھ وارو آهي، نہ تہ چُپ رهڻ ۾ ئي پنهنجي عافيت سمجهي. پر پڙهي لِکي سنگت ۾ ويهي تہ مُڙس صفا کُليو پوي، کُل بہ اهڙي ڪري جو وڃي ٿيا ست خير. ثاقب آريسر سان پراڻي ۽ گهاٽي ياراني هوندي هيس، ٻنهي جي وچ ۾ وڏا وڏا مناظرا بہ ٿيل هيا. سو ثاقب آريسر جهڙي مذهبي ماڻهو ءَ کي تنگ ڪرڻ لاءِ رمضان جي مهيني ۾ وچينءَ نماز ويل گدرو خريدي اچي، ۽ بلڪل خاموشيءَ سان ڪنڊائتو ٿي ڏکڻ جي هوا تي ويهي، گدرو وڍي کائي. مار پويس گدري جي خوشبوءِ اهڙي تہ تيز آهي جو وچينءَ جي ويل روزيدار جي تہ چاھ، پر ڏاول جي بہ وات مان پاڻي ڳڙيو پوي. ثاقب سان بہ اها ئي جُٺ ٿئي، تہ گارين جا ڏوڙيا لايو ڏئيس. لائق، ثاقب جي گارين تي ڪوبہ ڏيان نہ ڏيندي خاموشيءَ سان سمورو گدرو کائي، پهريائين چار پنج وڏيون اوڳرايون ڏئي، پوءِ ثاقب جي آڏو وزني دليلن سان ثابت ڪري تہ روزي دوران گار ڏيڻ سان هڪڙو تہ انسان جو روزو مڪروھ ٿئي ٿو. ۽ ٻيو تہ تنهنجو ايمان ڪمزور هيو جو گدري تي وات پاڻي ٿي ويو اٿئي. ۽ واهيات گاريون ڏئي پنهنجو روزو بہ مڪروھ ڪيو اٿئي. تڏهن ثاقب ايمانداريءَ سان اها ڳالھ مڃيندي چوندو هيو تہ ها يار اهو تہ صحيح آهي، پر تو جهڙي اندر جي ڪاري کي اهو ڪونہ ٿو جُڳائي جو مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ اهڙي فتوي جاري ڪرين. لائق ۽ ثاقب جي اها ياري اڄ بہ ويرون وير وڌ آهي، باوجود انهيءَ جي

تہ پوءِ لائق بہ ميرپورخاص جي ميمڻ مهاجرن مان شادي ڪرڻ بعد پنهنجي نالي آڏو محمد بہ لکڻ شروع ڪيو هيو. تن ڏينهين سندس گهر واريءَ کان پڇيو هيم، پاڄائي ڏي خبر، مُڙسهين ۾ ڪو دين ايمان جو ذرو بہ آهي يا جهڙو ڊگهو آ تهڙو ئي اُٺ آهي. تنهن تي مرحيات پاڄائيءَ چيو هيو الائي ادا منهنجي آڏو تہ وڏا وڏا هٿ ڪٽي دعائون پيو گهرندو آهي. تہ لائق نهہ پهہ لقمو ڏنو هيو“ دعا ٿو گهران تہ تون هلي چُرين، پر اڳيان بہ ڪو هجي تہ دعا اگهامي”. ۽ نيٺ مار پئي ڪار زباني جي پوڳن پوڳن واري دعا اگهائڻ واري اگهائي ڇڏي. مُڙس اوچتو رنوڙ ٿي پيو. انهي قصي تي پڇاڙيءَ جو ايندڙسون حال گهڙي هلون ٿا اڳتي، سو سندس اُبتن احوالن جي ڪري سندس وڏو پاءُ وڏيرو ولي محمد ٽيبو جيتوڻيڪ پيار مان ڪيس ڪلندي ڪلندي ڪُتڻ جي نالي سان سڏيندو آهي.
ڪنهن زماني ۾ تہ سنڌ جا جيڏا سرتا، پانيان ٿو تہ حسن مجتبي کان وٺي حسن درس تائين ڪيس نالائق ٽيبو چوندا هيا. رڳو اهي ڪونہ پر هرڪو ڪيس نئون نالو پيو ڏيندو هيو جنهن زماني ۾ مٿس وڏي مُلي جي تعزير جاري ٿي هئي، تڏهن پانڌي ۽ عمر ملاح نالي ٻن ڏاڙيلن جو هن ملڪ ۾ وڏو زور هيو. ڪنهن وجي ڪين ڦوڪ ڏني تہ وڏيري وليءَ جو ننڍو پاءُ لائق ٽيبو، دين دنيا کي مجي ئي ڪونہ. سي بہ پنهنجي ڪيل گناهن کي ثوابن ۾ بدلائڻ لاءِ، هڪڙي پيري هن تي هلان ڪرڻ لاءِ اڳ جهلي بينا هيا، همراه هٿ جو آئُن تہ پُنن تي اهڙا سوٽا وجايائونس، جو ڪي ڏينهن مڙس پُنن تي ٽاڪوڙون ڪرائيندو وتيو هيو. ۽ ڪنهن بہ ڏاڙيل جو نالو ٻُڌندو هيوتہ چار فوٽ اُپو ٿي هيڏانهن هوڏانهن لوٽو ڦيريندو هيو. اُن هوندي بہ مُڙس اُٺ ڪتابن جا پڙهندو وتندو هيو ۽ علم ۾ اڳي کان اڳرو رهندو هيو.
جڏهن اجان پرٽيو ڪونہ هيو، تڏهن گهٽو ٽٺو حيدآباد ۾ رهندو هيو، سندس چوڪڙيءَ ۾ مرحوم عزيز پلي، حسن درس ۽ حسن مجتبي جهڙا يار هوندا هيا. اها ڳالهہ بہ لڪائڻ جهڙي آ، جو همراهہ آمريڪا وڃڻ جي شوق ۾ هڪڙي نڱ جي ور چڙهيو، جنهن بہ ڊگهو ۽ بي عقل سمجهي چڱي موچاري چَتي چاڙهي هيس. تڏهن پانيان ٿو تہ حسن درس ئي ڪٽي نوڪي لکيو هيو تہ خوشقسمت آهيون اسين جو لائق ٽيبي جي ٽهيءَ مان آهيون. تنهن تي يارن وڏا ڪينرا ڪيا هيا. تہ اهو وري ڪهڙو ڏاهو آهي. جو حسن ايئن لکيو آ. تن ڏينهين حليم باغيءَ کي چريو ڪرڻ کان وٺي، ٻيا بہ ڪوڙ الزام مٿس لڳا. پر مار رڳو ڏاڙيلن جي ڪاڏائين. ٻين کان مَلا مليءَ بچي ويو. هڪڙي پيري ڪُٽيءَ ڪنيو هيس، جو نوڪي الطاف پائيءَ کي پنهنجي نالي واري چپيل پني تي خط لکي سنڌ لاءِ صلاحون

ڏنائين. تان جو يارڙن ڪنيي اچي ڪنيس تہ هل زون تي وڏي گُهرايو اٿئي. جيسين اتي پُڄي، الطاف پائيءَ سان ڳالهائي تيسين مڙس جي ٽُڪ ئي سُڪي وئي هئي. پوءِ خبر پيس تہ اڳلي مڙس کي سندس صلاح ڪا وڻي هئي، تڏهن ئي فون تي ڳالهايائينس. ۽ پوءِ يارن جيڪو وني لطيف، لطيف ڪيو هيو سا صلاح هن مُڙس جي هئي.

گهڻو پوءِ جڏهن مُڙس جو ملڪ ۾ راڄان وڏو ناماچار ٿيو هيو، تہ مشرف جي دور جي ميرپورخاص جي عوام دوست ناظم پير شفقت شاهہ جيلانيءَ ڪنهن پڙهئي لِکئي ماڻهوءَ جي صلاح تي، هن همراهہ کي تعليم لاءِ صلاحڪار ڪري رکيو. خبر تہ سيني کي هئي تہ هيءُ قصو ڪيڏانهن منهن مريم جو ڪيڏانهن تندو الهيار وارو آهي. الائي ڪيئن مڙسن جو ڳاڏو هلندو. پر تئين ڏينهن ئي مڙس ڪتابڙا ڪڇ ۾ ڪري پڄي آيو. پڄي تہ آيو پر گڏوگڏ ماڊل ڪاليج ميرپورخاص جي پرنسپل جهڙي پلوڙ ڪُرسي بہ وِڃايو آيو هيو. وري ٻئي دور ۾ ناظمہ ڪنيز صغري جوٽيجيءَ کي ڪوئي پڙهيو لِکيو ماڻهو سيڪريٽريءَ طور کپندو هيو، سو حاجي راهو، هن کي ٻڌي ٻوٽ ڪٽي وڃي ناظمہ جي آڏو پيش ڪيو هيو. تہ بہ انهيءَ انٽرويو ۾ ڳتڪارون ڪندي ڏراڙن جيان ڄٽڪا جواب ڏيئي پاند آجا ڪرائي پڳو هيو. گورنر عشرت العباد، سنڌ جي اديبن لاءِ قلمڪار ايوارڊ جو اعلان ڪيو هيو، جنهن ۾ ڳچ جيتري روڪ رقم بہ هئي، تنهن ۾ هن همراهہ جو نالو بہ هيو. پر هن همراهہ ٻئي ڏينهن ميڊيا آڏو اچي چيو تہ پائي آئون قلمڪار آهيان ئي ڪونہ، سو اهو ايوارڊ بہ ڪونہ وٺندس. ۽ گهڻي چئو چوان بعد بہ سندس نہ کي نَوَ ڪوٽ آيل رهيا.

ويجهڙ ۾ مڙس رَنجي پيو آ، جيتوڻيڪ هڪڙو دادلو عامر سندس گهر جي چلهہ ڪونہ ٿو ٻَرڻ ڏئي، ٻين اکرن ۾ تئي ويلا ماني پُڄايو وڃيس، ٿين اکرن ۾ مُڙس سڌو سنئون پِنِ جي ٺُڪرن تي پيو پَري. جنهن بہ يار دوست کي اها ڳالهہ نئي وڻي، سو وري پرڏجڻ ۽ گهر جي چُلهہ ٻارڻ واري آٽڻ جي صلاح ٿو ڏئيس. مڙس کي صلاح ڇا تي ملي، ڄڻ ککر ۾ ڪڙو ٿو لڳي. مڙس رهندو صلاح ڏيندڙن جي ڪنڌ ۾ پيو وڃي، سڌو پڌوچيو ڇڏي، اوهان واريون ڌيو تہ شادي ڪيان. تنهن سُوران هرڪو ڪنن جي پاپڙين تي هٿ رکيو پڃيو وڃي. پر پڃي جان ڇڏائيندڙن کي بہ چوي تہ پائي جي جيئري نٽا سهسايو تہ وصيت نامي ۾ ئي لکي ڇڏجو، آئون ايترو انتظار ڪري وٺندس.

هوڏانهن سليم مهر، لائق جي پيٽ ۾ تمام ٿورو گهڻ پڙهيل هيو، پر مڙس بنهي گهڻ ڳالهائو ۽ وڏو واتراڙُو هوندو هيو. هرهڪ نشي پتي جي علت سميت، منجهس ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ هُيو. جيتو ڻيڪ هو هاڙهہ جي وينل هڪڙي مسڪين هر هاريءَ ڪاڪي قاسم مهر

جو ٻار هيو، وڏي محنت ڪري، پاڻ ٻيلچا هڻي، ڏلها ڪٽيءِ تغاريون ڪٽي، وڏا سور پٽي ۽ پورهيا ڪري پوءِ نيڪيدار بڻيو هُيو، سو گهٽي پئسي اچڻ سان پنڙيءَ تان ٿورڙو ٿِڙي بہ ويو هُيو. يا وري پئسو هٿ جو مَرُ سمجهي اڻ ميو اُڏاريندو وتندو هيو. يوڳائي بہ اهڙو هُيو جو اصل الله ڏئي امانُ. ڪچهريءَ ۾ ويني ويني ڪابہ ڪوڙي ڳالهہ ڪري منهن جو اهڙو پڪو ٿي ويهندو هيو، جو هرڪو ماڻهو يقين ڪري وٺندو هيو. هڪڙي ڀيري اسان ٻيئي ڄڻا حبيب بينڪ جي ٻاهران نهيل ٿلهي تي ڪرسيون رکي ڪچهريءَ ۾ مگن هياسين، تہ پريان ٿرَ جو ناميارو اسمگلر عُرس نهڙي، ڪارونجهر هوٽل هينان ٻينو هيو، قد ڪاٺ ۽ ڪپڙي لٽي سان عرس نهڙي ڏاڍو خوبصورت لڳندو هيو، همراه جو مون ڪي گهٽو وڻيو، تہ منهنجو روح ڪونہ رهيو ڪونہ ٿيو ۽ سليم کان پُڇيو هيم، ادا سليم اهو خوبصورت ماڻهوڪير آهي؟ تنهن تي نهہ پهہ وراڻيو هيائين تہ، اهو سهڻو جوان هتي جي لِڪل ڳاڙهي بازار جو مالُ سپلاءِ ڪندڙ آهي. هميشهہ جيان سندس ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪندي ۽ ڪوڙي دپ سمجهندي چيو هيم، ڇڏ يار سليم، ههڙو خوبصورت ڳاڙهو ڳٽول جوان، اهڙا ڪِنا ڪَم ڪيئن ڪندو هوندو؟ تنهن تي مُنهن تي رُڪ ٻَڌي، نڪ جي پڪائيءَ سان مونکي ڳِهلي عرس وٽ ويو هيو ۽ پڇيو هيائينس تہ، منهنجي هن ڪاموري يار کي مال ٿو کپي، تو وٽ حاضر مالُ آهي يا نہ؟؟ تنهن تي عرس بہ نهہ پهہ وراڻيو هيو، حاضر منهنجا يار، مال جام آهي، حُڪم ڪر ڪِٿي پُهچايان؟ عرس جي اهڙي جواب تي ڏندين آڱريون اچي ويون هيم، سوچيو هيم مار!! مڙس جو قد ڪاٺ، رنگ روپ، ڪپڙو لٽو تہ ڏسو ۽ ڌنڌا بہ ڏسو!!. گهٽو پوءِ اها خبر پئي هيم اهو مال ٻيو ڪجهہ بہ نہ، پر انديا جو ارسٽوڪريٽ شراب هُيو. جنهن جو عُرس وڏو اسمگلر هيو، ۽ اُنن جا اُٺ ڀري اچي ٿر جي پٽَن ۾ پوري ڇڏيندو هيو ۽ پوءِ چڱا موچارا ڏوڪڙ وٺي، يارن دوستن کي گهر ويٺي پهچائي ڏيندو هيو. سو تنهن ڏينهن بہ سليم ڪانئس اهو ئي مال پڇيو هيو ۽ مونکي بيوقوف ناهڻ لاءِ منهن تي رُڪ ٻَڌي ابتي ڳالهہ ٻڌائي هيائين.

جيتوڻيڪ تن ڏينهين پنهنجي جاءِ مسواڙ تي ورتل هيم، پر ڪڏهن ڪڏهن سليم جي جاءِ تي رات رهي پوندو هُيس. ۽ پنهنجي هيڏي ساري ڄمار ۾ نہ ڪڏهن شراب ڏٺو هيم ۽ نہ شرابي ڏٺا هيم نہ ئي وري ڪڏهن شرابين جي ڪنهن ڪچهريءَ ۾ وينو هيس. سليم جي جاءِ موالين جو وڏو ڏيرو هوندي هئي، رات ٿيندي ئي ڀانت ڀانت جا ماڻهو شيشي سُٽڻ جي ورن ۾ ڪٺي اچي پهچندا هيا. ۽ جام سان جام ٽڪرائيندا هيا. ڇُڪو چاڙهڻ بعد موالي لڏو هوائن ۾ اڏرندي آسمان سان ڳالهيون ڪندو هيو. ايئن لڳندو هيو پاڻ سنڌ جا والي

هجن. ياڻءِ دنيا جهان مڙسن جي پيرن ۾ پيو هجي. جڏهن موالين جون محفلون زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو اتي ڏٺيون هيم، ته عقل دنگ رهجي ويندو هيو، موالين کي خمارن ۾ ٽِڙندي، وڙهندي، پَرچندي، روئيندي ۽ کلندي ڏسي، عجب ٿيندو هيو. رات جو موالين جون خُمارن ۾ ڪيل خبرون ٻڌي سمجهندوهُيس ته هي ته سڀ چريا ٿي ويا. يا هنن مان ڪو رات جي پيٽ ۾ مري ويندو، پر صُبح جو ڪين نيڪ ناڪ ڏسِي حيرت ٿيندي هُيم. مزي جي ڳالھ اها به هئي ته ايترين سارين محفلن ۾ هوندي به اڄ ڏينهن تائين دارون نه پاڻ ئي پيتم نه ئي ڪو زبردستي پياري سگهيو. حالانڪ عمرڪوٽ جي معروف سياسي شخصيت غلام رسول شاھ عرف ٻائو شاھ، هڪڙي ڀيري مرحيات نوري هگورجي کي گڏ وٺي اچي مون تي هلان به ڪئي هئي، ۽ مون نند ڀِيل کي، ڪٽ جي واڏڻ جي رسي سان ٻڌي شيشي جا ڍُڪ ايئن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي جيئن پاڻ ڍڳي کي تيل جا ڍُڪ ڏِيون. پر پوءِ به اُلٽيون ڪري اهو ڪِنُ پيٽ ۾ وڃڻ ڪونه ڏنو هيم. الائي ڇو؟ سنگت ته سموري چوندي اٿم ته مان هن پلوڙ نعمت کان محروم آهيان. الائي اها نعمي آهي يا زحمت سا ته رب ٿو ڄاڻي، پر پاڻ کي رب بچايو آهي.

تنهن زماني ۾ عمرڪوٽ ڪاليج جو پرنسپال پروفيسر ڊاڪٽر گل حسن لغاري هوندو هيو. شام جو اڪثر ساٽس ڪچهريون قائم ٿينديون هيون. هو عمرڪوٽ ڪاليج جي هاسٽل جي هڪڙي ڪمري ۾ انتهائي سادگيءَ سان رهندو هيو. مرحوم سنڌي، عربي، فارسيءَ ۽ انگريزيءَ جو وڏو ماهرهوندو هيو، هو ايران جي اڳوٽي وزير خارجا علي اڪبر ولايتيءَ سان گڏ تهران يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي ڪري آيو هيو. تن ڏينهين عمرڪوٽ جو جيمخانو اجان شروع ڪونه ٿيو هيو، اڪثر ڪري بيڊمنٽن ۽ ٽينس راند به وڃي ڪاليج ۾ ڪندا هياسون. عمرڪوٽ ۾ يارن جو ته ڇيھ ئي ڪونه هيو، پر هنن ٻنهي همراهن کان سواءِ گهٽي اٿ ويھ ڊاڪٽر عزيز ورياماڻي ۽ ڊاڪٽر حاجي راهوءَ سان به هيم، جيڪي به مون جيان شراب جي مزن وٺڻ کان باغي هوندا هيا. ڊاڪٽر عزيز ورياماڻي، سنهڙو سيپڪڙو، ۽ داناءُ هجڻ سان گڏ حڪمت جو به وڏو ڄاڻو هوندو هيو، ورلڊ بينڪ جي تعاون سان جن ٻن ٽري ڊاڪٽرن، ٿرين کي واري جي بيماريءَ مان آجو ڪرڻ لاءِگنيورم پروجيڪٽ جو ذمو پنهنجي سر ڪنيو هيو. انهن ۾ ڊاڪٽر ايوب قاسماڻيءَ سان گڏ ڊاڪٽر عزيز به هيو. هنن ٻنهي مڙسن پنهنجي ديس جي مسڪين ماوئڙن لاءِ عذاب بنجي اُپريل هن واري جي بيماريءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ٿر جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ پَنڪي پاڻيءَ جي تراين ۽ تلائن ۾ دوائون وجهي، هن بيماريءَ جي جراثيم کي ختم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو

هيو، سو بہ بنان ڪنهن شهرت حاصل ڪرڻ جي شوق جي. تن ڏينهين ڊاڪٽر عزيز جي ياري امين ناگوريءَ سان بہ هوندي هئي، جيڪو زراعت کاتي جو ڪامورو هيو، عزيز ۽ امين ٻئي ڄڻا اڪثر ڪري پولو پائيءَ نالي هڪڙي درزيءَ جي دڪان تي ويهي رات جو ڪچهريون ڪندا هيا. بقول سندن، تہ اتي ڪڏهن ڪڏهن ڪي مست الست اچي ڪين سُتيون ڦيٽا ۽ حڪمت جا ڏس ڏئي ٽا وڃن. مون بہ انهيءَ شوق ۾ ڊاڪٽر عزيز سان گڏجي پولو پائيءَ جي دڪان جا ڪافي پنڌ ڪيا هيا، سندس پراڻي ۽ سينواريل پاٽيءَ جي ناديءَ مان ڪيئي، ڪوپر جا ڇٻا گلاس پاٽيءَ جا پري پيتا هيا. ۽ اوباسيون ڏيندي وڏا انتظار ڪيا هيا، تہ من ڪو درويش اچي ۽ مون ڪي پنهنجي دعائن سان رڱي وڃهي. پر منهنجي نصيب ۾ ڪوئي درويش ڪونہ آيو هيو. جو مون کي دعائون ڏئي ها. اُتي ئي گوگي پير جا مريد ۽ نانگن جي بادشاهن، مصري جوڳي ۽ ڦوٽي جوڳيءَ سان ڄاڻ سڃاڻ تي هُيم، ڦوٽو جوڳي، ٽر جي ڪيڪڙا سروس جي بانين مان هڪڙو هيو، پنهنجي دور جووڏو تُجار ماڻهو هيو، پر جوڳي جو ٿيو، سو پنهنجو اصل ڌنڌو يعني پنڻ واري پَرِ نہ ڇڏيائين. ايئن ئي ڏسندي ڏسندي، الائي انهيءَ ڪري يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪاروبار لڙهندو ويس، تان جو نيٺ اچي آٽيون چاڙهيون تي بيٺو. ۽ سڀِي گبري ۽ ساڳيو ڦوٽو، ساڳي اباڻي ڪرت سان لڳي ويو هيو. تن ڏينهين مصري جوڳي اُپريو، وڏي مڙسيءَ سان ڦوٽي جي جاءِ والاريائين. ڪانئس جڏهن بہ پڇندو هيس تہ مصري ڏي خبر ڦوٽو ڪيئن تباهہ ٿيو؟ تہ نهہ پهہ وراڻيندو هيو، اي سائين! ڦوٽي جيڪا جنداهوڙيءَ مائيءَ سان ٻي شادي ڪئي هئي انهي هٽي تباهہ ڪري ڇڏيس.

تن ڏينهين منهنجو بينڪ مينجر، هوت چند مهيشوري، مِڻيءَ جو رهاڪو هيو، نيڏڙي قد جو، سنهڙو سيپڪڙو هيو، عام ترين جيان ڪاري پاٽيءَ جي ڪري پيلا ڏند هوندا هيس، هو حساب ڪتاب جو انتهائي تيز هجڻ سان گڏ هلڪو ڦلڪو، وياج جو ڪاروبار ڪندڙ ۽ هندو آسٽرالاجيءَ جو ماهر هُوندو هيو. هڪڙي ڏينهن ڪچهري ڪندي چيومانس، يار هوتچند منهنجي گهر مان پريشانيون وڃن ڪونہ ٿيون، ٻُخارن ۽ بيمارين مان هڪڙو پاتي اُٿي ٿو تہ ٻيو ڪريو پيو آهي. ڪو ڏسُ ڏي!موٽ ۾ مون ڪان امڙ جو نالو پُڇي ڪاغذ تي لِکي چيائين صُبح جو سڀ ڪجهہ ٻڌائيندس.

هوتچند ورندي ڏينهن ڪاغذ جو لکيل ٽڪڙو هٿ ۾ ڏيندي چيو هيو، تہ سائين هيءَ توهان جي جنم پتري آهي. مون هندو آسٽرالاجيءَ مطابق نهيل اهو ڪاغذ انتهائي غور سان پڙهيو هيو. جنهن ۾ لکيل هيو تہ مون کي 18 آڪٽوبر تائين تمام گهٽيون تڪليفون ۽ ڏک ايندا.

انهيءَ بعد ۾ سُڪ ٿي سُڪ آهن، ۽ منهنجون بہ شاديون بہ آهن. آئون اهو ڪاغذ پڙهي، ڏاڍو کِليو هيس. سوچيو هيم، هي جنم پتري ناهڻ وارا بہ ڪيڏا نہ عجيب وغريب ڪوڙ ٽا ناهين. آئون اهڙو ماڻهو آهيان جيڪو ٻن شادين جو سخت مخالف هوندي، برادريءَ ۾ ويجهن رشتيدارن جا بہ بہ مڱڻا ٽوڙائيندو وتان. سو بہ شاديون ڪيئن ڪندس، منهنجي چپن تي طنزيہ مسڪراهٽ اُڀرندي ڏسي، هوتچند چيو هيو، سائين توهان ٻن شادين واري ڳالھ تي مُسڪرايو پيا، تنهن لاءِ تہ آئون ڏھ هزار شرط تو رکان، جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ توهان شرط کٽي ۽ آئون توهان کي رقم ڀري ڏيندس نہ تہ توهان ايتري رقم مون کي ڀري ڏيندا، توهان رڳو اهو ڪاغذ سنڀالي رکو، حياتي رهي تہ هڪٻئي ڏينهن پاڻ انهيءَ موضوع تي کُلي ڳالهائينداسين. اُهو ڪاغذ مون ڪجھ سالن تائين سنڀالي رکيو هيو. جيڪي ڪجھ لِکيل هُيو حرف بہ حرف سَچ ثابت ٿيو ۽ اڃان بہ ٿئي پيو.

چوندا آهن تہ غُربت ۾ ايمان آهي، غربت هُئي تہ اسان جي گڏيل گھر ۾ قرب هُيو. ماما، ويھ ورهيہ ڪمداريون ڪندو رهيو، پويان سندس اولاد کي لَڪا ڪونہ پئي. امان ۽ ماما، جيتوڻيڪ ويڳا ڀاءُ ڀيڻ هوندا هيا، پر هيڏي ساري حياتيءَ ۾ هڪ ٻئي سان ڪڏهن ڪڙو ڪونہ ٻوليو هيائون. زماني جا ماڻهو بابا ۽ ماما کي سڳا ڀائر سمجهندا هيا. ٿورو گهڻو پئسو آيو، خوشحاليءَ در تي دستڪ ڏني، ٻنهي جو اولاد جوان ٿيو ۽ پڙهيو پترپو تہ سيڪو پنهنجي پاسي سيرڻ لڳو. ماما سائين سڄا سارا ويھ ورهيہ ديبگاڻ ۽ ان جي اوسي پاسي ۾ڪمداريون ڪري، هارين تي حُڪم هلائي، جهور پوڙهو ٿي، جڏهن واپس پنهنجي اباڻين وٽاڻين وريو هيو، داٻن ۽ دهمانن لاءِ نہ ڪا هارين جي رعيت هُئي، ۽ نہ ڪو اهڙو راڄ هيو، جنهن تي حڪم هلن ها. لَٽي پَٽي شام جو اوطاق تي مچندڙ ڪچهريءَ ۾ انگريز دور جي ڪنهن رٽائرڊ ڪاموري جيان پنهنجي اوڄ جون ساروڻيون ور ور ڪري ورجائي ماڻهن کي ٻُڌائي تہ واہ نہ تہ ٻيو ٿيو خير. سڄو ڏينهن واندڪائيءَ ۾ نہ ڪم نہ ڪار، نہ ڏنڊو نہ ڏاڙي، مڙس صفا بيڪار ٿي جو گھر وينو تہ هوريان هوريان گهر ۾ ڪِينرو شروع ڪيائين. چئي هيئن نہ ڪريو، هوئنئن ڪريو، هيئن چو نہ ٿيو وغيره وغيرھ. اُنهن ڏينهن ۾ جڏهن بہ نوڪريءَ تان گهر اچان تہ امان اکيون پُسائي، ماما جا احوال اوري، ڪجھ ڏينهن تہ ٻُڌو اڻ ٻُڌو ڪري ڇڏيندو هيس. ڪڏهن اٽي تي جهيڙو، ڪڏهن کير تي جهيڙو، ڪڏهن ٻوڙ تي ڪروڌ، هر ڀيري ڪانہ ڪا نئين روئداد ٻڌي وراڻيان، امڙ اوهان ڀاءُ ڀيڻ پاڻ ۾ ڄاڻيو منهنجو ڇا وڃي؟ ڪڏهن ڪڏهن سوچيان تہ، منهنجي مرحيات بابا، سڄي عُمر ماما جي در جا ڇيٽا ٻُهاريا، ڇورو ڇنو يتيم ٿي گهَرَ ۾ رهيو. شايد ماما کي منهنجا

اڃا ڪپڙا نتا وٺن، تڏهن ئي ته بينڪ جي نوڪريءَ کان منع ڪندي، هڪ ٻه ڀيرا چيو هيائين ته تون ٻني سنڀال، سيٺ عبدالعزيز ۽ غلام حسين شيخ پاران ضمانت لاءِ جواب ڏيڻ کي مشڪوڪ سمجهي اها به ماما جي چالاڪي سمجهندو هيس. وري ذهن کي جهٽڪو ڏيو چوان ته نه نه اهو منهنجو وهُم آهي. ماما اهڙو نه ٿيندو.
اها 15 آڪٽوبر1989 جي شام هئي، عمرڪوٽ کان ڊيوٽيءَ تان موٽندي، سج لهي چُڪو هيو، 12 ميل تي اچي بس مان لٿس، ته خبر پيم جيجل امڙ کي دماغ جي رڳ ڦاٽڻ سبب اسپتال نيو ويو آهي، اجان اتي ئي بيٺو هيس جو امڙ جا مائٽ، امڙ سميت واپس موٽي آيا هيا، ريلوي اسپتال جي ڊاڪٽر علي محمد کين ٻڌايو هيو ته ڪنهن گوريءَ يا دوا جي ردعمل ۾ امان جي طبيعت خراب ٿي آهي. خير ٿي ويندو. اها رات جيجل امڙ آرام ۾ گذاري هئي، جيتوڻيڪ ڳالهه ٻولهه بند هيس، ان هوندي به فجر جو سجاڳ ٿي، ماسات کي سڏيندي چيائين، اُٿي نيرن ناهه، اميربخش ڊيوٽيءَ تي ويندو. امڙ جي آواز تي ڊوڙي وڃي ڏٺم، ساڳيءَ ننڊ ۾ هئي جهڙي سَنجهي ۾هُيس. ايئن لڳو ڄڻ ننڊ مان ئي سڏيو هُجيس. ايئن لڳو ڄڻ بيهوشيءَ ۾ هُجي يا ڪوما ۾ هُجي. ٻئي ڏينهن ڄيٽائي اسپتال ۾ داخل ڪرايم، سرجن عبدالستار لغاريءَ ڏسڻ سان ئي چيو ته دماغ جي رڳ ٽٽي وئي آهي ۽ هاڻي ته ڪافي دير به ٿي وئي آهيس. ٻه ڏينهن ساڳيءَ ڪوما ۾ رهي، ساڳي بيهوشي هيس، منهنجون ڏاڍيءَ جي در دعائون هيون، اي رب تون رحم ڪر، منهنجو واحد سهارو مون کان نه ڦُرجانءِ، رب سائين منهنجي دعائن جا دَرَ بند نه ڪجانءِ، پر منهنجون اهي دعائون، ڏاڍيءَ جي در ڪونه اگهاڻيون، جڏهن گهڙيال رات جا 12 وڄايا، سترهين مان ڦري ارڙهين آڪٽوبر1989 ٿي هئي. ته جيجل امڙ جي روح جو پکيئڙو سڪون سان پرواز ڪري ويو، خبر ئي نه پئي، پَلڪن ۾ دُعائن جا دَرَ ٻيڪڙجي ويا. ان رات ڄيٽائي اسپتال جي ڪمري نمبر 7 ۾ ڏاڍو رُنو هيس. گڏوگڏ انهيءَ رات ميرپورخاص ۾ مهاجرن جو ٻائيتال متل هُيو. تمام گهڻي فائرنگ پئي هلي. وڏي تڪليف سان ايمبولينس هٿ ڪري ڳوٺ پُهتا هياسين. امڙ کي بابا جي ڪاٻي پاسي دفنائيندي، منهنجيون هڇڪيون بند ئي نه پيون ٿين. ٻنهي جي آخري آرامگاهن کي شڪايتي انداز ۾ پُڻ پڻ ڪندي پيو چوان، بابا ۽ امان اوهان مونکي ڪنهن جي آسري ڇڏي ويا آهيو. ايئن زماني جون سموريون ريتون رسمون پوريون ڪرڻ لاءِ تڏي تي ڏهه ڏينهن ويٺو رهيس. يارهين ڏينهن، عمرڪوٽ نوڪريءَ تي هليو ويس.

امڙ جي اوچتو دور ديس وڃڻ بعد، ماما جا رَويا ويتر بدليا، جڏهن گهر ۾ اچان ته ماسات شڪايتن جون پَريون ٻُڌائي. سمجهايانس، چري پاڻ ٻنهي جو نه ڪو اوهي آهي نه واهي، ٻئي ڇورا ڇنا آهيون، منهنجو ته ناهي ياءُ نه پيڻ، نه چاچا نه چاچيون، پنهنجوگهر نياڻين سان پَريل آهي. پاڻ ڪي ماما سائينءَ جا مهٽا ۽ طعنا سَهي ۾ وقت گڏ گُذارڻو پوندو. ڪنڌ هيٺ ڪري هلڻو پوندو. جيستائين پنهنجو پٽ خادم جوان ٿئي، پيرن تي بيهيءِ پنهنجو سهارو بڻجي، ماساتِ ڪي ۾ اها صلاح وڻي، ۽ ان تي عَمل ڪيائين. اڳلي جو ڏنو جو سندس سڀ ڪوششون اشارن ڪناين ۾ صاب نثيون ٿين، ۽ هي همراهه جدا ٿيڻ جون نالو وٺڻ لاءِ تيار ئي ناهن. ته دلِ ئي دل ۾ زوريءَ جدا ڪرڻ جو فيصلو ڪيائين، هڪڙيءَ رات جو گهر اچان ته ماساتِ الڳ چُلهه تي ماني پچائي پئي. چيومانس چري ائين ڇو ڪيو اٿئي؟ روئيندي وراڻيائين، مِنڙا ماسات، اَبا رمضان، پاڻ ڪي زوريءَ جُدا ڪري ڇڏيوآهي، چار هنڌ، ڪاڏي پيتي جا ٿانوَ ۽ ڇئن ڪٽن ڪان سواءِ ۾ ٻوريون ڪٽڪ جون ۽ گهر جا ۾ ڪمرا ۾ ڏنااٿائين. ٻيو ڪجهه ۾ ڪونه ڏنائين. ڳالهه ڪندي ڳوڙها ڳاڙيندي رهي، دلداريون ڏنيون مانس، چري روئين ڇو ٿي پاڻ ڪي الله ڏيندو، تون دل نه لاهه. پنهنجي نيت صاف آهي ته پنهنجي منزل ۾ آسان آهي. تون ويهي ڏِس، جيڪو ڪجهه پاڻ ڪان ڦُريو ويو آهي، انهيءَ ڪان ۾ ٻيڻو ٿي ملندو ۽ جلدي ۾ ملندو. سڀ ڪجهه ٿي پوندو. تائين جا اکر چوندي پنهنجي اکين مان لڙڪ ڪونه روڪي سگهيو هيس. ميرن جي قڏي ۾ بابا جي هٿ ڪيل زمين اسان جي گڏيل ملڪيت هُئي، مال متاع ۾ گڏيل هُيو، ايتريقدر جو بينڪ پاران ٿي سال نوڪري بعد قرض طور مليل موٽر سائيڪل ۾ ڏار ڪرڻ وارن وٽان ڪونه ملي هيم. خاموشيءَ سان پنڌ ايندو ويندو رهُيس. نه آه ڪيم نه ڪنهن ڪي دانهن ڏنم. رڳو رنگيءَ جا رنگ ڏسڻ لاءِ، اُنهيءَ تي ياڙي، بلڪل ٻُڙيءَ ڪان محنت ڪرڻ شروع ٿيس، مالڪ ايترو ڏنو، ايترو ڏنو جو سنيالي نه پيو سگهان. ڌن، دولت، عزت، مال، رزق ۽ وڏو نالو، پرالائي ڇاچا مليو. اهو ئي ماما سڀ ڪجهه حسرتن سان ڏسندو رهيوءِتڏا ساهه ۾ پريندو رهيو، اڄ سوڌو سندس احترام بابا ءامان جيترو ڪندو اچان، ڪڏهن مُنهن گهنجائي ۾ نه ڳالهايو اٿمانس. .

امڙ ڪان پوءِ واري زندگيءَ جي نئين باب جي شروعات ۾ مالي حالتون سُنيون ٿي رهيون هُيون. جيتوڻيڪ عمرڪوٽ ۾ ياريون دوستيون ايتريون گهٽيون ٿي ويون هيون جو واندڪائيءَ جو وقت گذارڻ تمام سولو هوندو هيو. پر والدين جو وڇڙڻ، زندگيءَ ۽ زماني جا بار سِرَ تي اچڻ، ۽ پويان گهر جي اڪيلائيءَ تي، ٿورو مُنجهيل رهُندو هيس. سُتت ئي

ڪوششون ڪري گهرو حالتن جو عُذر ڄاڻائي پنهنجي ٽرا نسفر، سيڪنڊ آفيسر جي حيثيت ۾ عُمر ڪوٽ مان ڪپرو ڪرايم، ته جيئن روزانو ڳوٺ اچي وڃي سگهان. ڪپرو اچڻ ڪان پوءِ وقت جو ڳاڙو تيزيءَ سان رڙهڻ لڳوهيو. هڪڙي تبديلي پنهنجو پاڻ ۾محسوس ڪرڻ لڳو هيس، سا اُها هئي ته بينڪ ۾ ايندڙ سُڪين ماڻهن جي صُحبت ۾ اچي، صفا ٿانءَ ۾ پرجي خود کي وڏو ماڻهو سمجهڻ لڳندو هيس، صفا مسڪين، غريب ۽ يتيم جو پُٽ هيس، ڏُکن ۽ ڏولاون ۾ پَلجي، غريبن جي دنيا ڪان ڪوهين ڏور ٿي ويو هيس، حالت اهڙي وڃي بيني هئي جو اميرن، وزيرن، ڪارخانيدارن، سرمائيدارن جي صُحبت ۾ غريباڻي حال جون، ۽ وڏڙن جون ريتون رسمون، اوڙي پاڙي جا مرٽا پرٽا، پت برادريون سڀ وساري وينو هيس. اُن زماني ۾ سابق وزير حسن علي چانهيو، عثمان چانهيو، سهراب خان مري، سرفراز راڄڙ ۽ عبدالله شاهه خُراسانيءَ جي واسطيداريءَ سبب کنهن ڳري ڳنجي تي اک ئي ڪونه پئي پُڏيم. منهنجي سطحي سوچ اها هُئي ته دوستيون ۽ دعوتون منهنجي ذات کي آهن، ۽ آئون پاڻ هنن جهڙو ٽِسينگ آهيان. گهڻو پوءِ خبر پيم ته نه آئون پُليل هُيس. اهو سڀُ ڪجهه انهيءَ ڪرسيءَ کي عزت ڏيڻ جو طريقو هُيو، جنهن تي آئون وينل هُيس، صرف عطا محمد لغاري مرحوم ۽ حاجي عُثمان چانهيو اُن رشتي کي بنان ڪنهن طبقاتي فرق جي اڄُ سوڌو نباهيو. باقي ٿيو خير -! عطا محمد لغاريءَ جو سماجي ڪمن جي لحاظ سان ڪپري جي شهر ۾ وڏو ناماچار هيو. مرحوم سفيد پوش ۽ صوم و صلوات جو پابند سادڙو انسان هيو، شهر ۾ هوندي به سندس اوطاق آئي وئي جي آڌر لاءِ هميشهه کليل هوندي هئي. شهر جا جملي ڪامورا سندس در جا سلامي هوندا هيا، مرحوم جا وڏڙا بلوچستان، چوٽي زيرين ۽ ميرپور ماٿيلي ڪان ٿيندا اچي سانگهڙ لڪ باڪوڙي ۾ آباد ٿيا هئا. باڪوڙو ديوبند جماعت سان واڳيل هجڻ سبب علم ۽ ادب جو مرڪز هوندو هيو، مرحوم جي وڏڙن جا مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان گهرا واسطا هيا، ريشمي رومال تحريڪ ۾ پڻ هن خاندان جو وڏو ڪردار هيو، مرحوم پاڻ ٻڌائيندو هيو ته هن ٻاروتڻ ۾ والد ۽ ڏاڏي جي چيچ جهلي انگريز فيل مست ليمبرڪ سان ڪافي ملاقاتون ڪيون هيون. هو اڳوٽي جهوناڳڙهه رياست ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سان گڏ پڙهڻ به ويو هيو. ڏيپلي ۾ پرائمري ماستر به رهيو هيو. اڄڪلهه جي ڏيپلائي ميمڻ آفيسرن مان گهڻا سندس شاگرد هيا. مرحوم ڪجهه وقت بعد سرڪاري نوڪري ڇڏي، ڪپري شهر ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جا ڊرم رکي، تيل وڪڻڻ شروع ڪيو هيو. ڏسندي ڏسندي ڪپري جي ٽرانسپورٽ ۽ تيل جي ڪاروبار تي ڇانئجي ويو هيو. ٽائون ڪاميٽيءَ جو چيئرمين ٿيو، شهر کي

تمام وڏي ترقي ونرايائين. گڏوگڏ پنهنجي اولاد لاءِ به گهڻو ڪجهه ناهي ويو. چاچي عطامحمد جو لائق فرزند عبدالغفار لغاري اڄ به پيءُ جي پرِ پارينڊو اڇي. انهيءَ جي دوستيءَ ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيشن جو ميمبر به ٿيس. هڪ ڀيري سگها پاران جيم خاني ڪلب ۾ پروگرام ٿي رهيو هُيو، وٽن ڪمپيئرنگ لاءِ دعويتل ماڻهو نه پُهتو، عبدالغفار لغاري ڳِهلي ڪٽي مون کي اسٽيج تي ويهاريو. مون شيخ اياز ۽ اُستاد بخاري جي شعرن سان پروگرام هلايو ته وڏو داد مليو. خلق خدا سمجهيو ته آئون شايد ڪو پروفيشنل ڪمپيئر آهيان، پوءِ مختلف پروگرامن جي دعوتن جا ڏوڙيا ٿي ويا، جتي ڪو به فنڪشن ٿئي ته اُتي پُهچان، بلڪل ائين جيئن سنڌي محاورو آهي، ڏُهل وڄي ۽ دوسو نه نچي. مون سان به دوسوءَ واري ڪار ٿي وئي. بينڪ ۾گهٽ ۽اسٽيج تي وڌيڪ نظر اچان.

جيمخانه ڪلب ۾ موسيقيءَ جي هڪڙي ٻي به رنگا رنگ محفل ٿي هئي، شازيه خشڪ، حنيف لاشاري، ثمينه ڪنول، جمن دربدر، شازيه بلوچ ۽ مصري جوڳي آيا هيا. ڪمپيئرنگ مون پئي ڪئي. مهمانن ۾ ڊپٽي ڪمشنر امداد علي رضا سيهڙ ڪان وٺي سڄي سانگهڙ ضلعي جا معزز هُجن. آئون ڪمپيئرنگ ۾ شازيه خشڪ لاءِ بار بار اديءَ جو لفظ پيو چوان. قاضي فيض محمد مرحوم جي مينجر قاضي الهرڪئي، اسٽيج تي پرچي موڪلي ڏني، لڪيل هُيو، سائين توهان جي قبيلي جي عورتن ڪڏهن کان ناچ گانو سِکيو آهي "؟ پرچي پڙهي ڪنڌ مٿي ڪري نهاريم، ته تاڙيون وڄي ويون. سيني معززين صلاح ڪري تنگ ڪرڻ جو رِٿيو هُجي.

ترسجو ٿورڙو پوئتي ٿا موٽون، هڪڙو قصو اوچتو ياد آيو اٿم، پوءِ متان وسري وڃي، اڳو پوءِ ٻُڌندا هلو. قصو هينئن هيو ته جڏهن ڪيسٽي ڪلچر جو زمانو هيو ۽ ٽيپ رڪاڊرن رِيلون وڄهي، وڏن وڏن لائوڊن سان تارون ڳنڍي ڀهراڙين جي ٻاڪڙا هوٽلن تي ڪن ڦاڙيندڙ ڪلامن جا ڏُوڙيا وڄڻ جو دور شروع ٿيو هيو، تڏهن اسان اڃان نائين يا ڏهين درجي ۾ پڙهندا هياسين. مائٽ اسڪولن ڏي ويندي پهرين نصيحت اها ڪندا هيا ته متان اسڪول مان موٽندي ڪنهن هوٽل تي وينا آهيو. ۽ پوءِ ٿيندو به ايئن ئي هيو جو ڇوڪرا هوندي به ڪنهن پرديدار نينگريءَ جيان ڪنهن هوٽل تي وينل وانديءَ خلق جي اڳيان ڪنڌ هيٺ ڪري گذري ويندا هياسين. ڏهون پاس ڪندي ٿورڙي آزادي نصيب ٿي، ٻنيءَ ٻاري جي ڪم ڪار مان واندڪائي ملندي هئي ته جمعاٽي چانڊاٽي وڏو شوق ڪري، قميص جي جهوليءَ ۾ ان جا ٻه ٽي سير ڪٽي، ڪاڪي رُڳهي يا الياس ڪنير جي هٽ تي وڪٽي،

هڪڙو ميڊل جو سگريٽ ۽ سوپارين جي پُڙي خريدي، باقي پئسا ڪيسي ۾ وجهي، مِنيءَ سوپاريءَ جا چاٻا ڏيندي، ميڊل جو سگريٽ دڪائي دونهين جون لاٽون ڪيندا، ٻيل ٻاتم وڳي جي ڊگهن پانچن واريءَ سُٿڻ سان رستي جي ڌُوڙ ٻهاريندا، ڪنهن نہ ڪنهن هوٽل ڏي هوڪاريندا هيا هياسين.

تنهن زماني ۾ ڪيسٽي ڪمپنيون روزانو نوان نوان ڪيسٽي ڳائڻا پيدا ڪنديون هيون. جن ۾ مرحوم جلال چانڊيو، چاڪر چانڊيو، الحداد زرداري، قوتو زرداري ڪان سواءِ گرم جلال، ٽڏا جلال، جهڙن نالن وارا يڪتاري پوتا گهڻا مشهور ٿيا هيا. اوچتو هڪڙي ڏينهن ڪنهن هوٽل واري هڪڙي مشڪري جي چرچن واري ڪيسٽ وڄائي هئي. جنهن ۾ ٻين ڪوڙ سارن ڪلائڻ وارن گفتن ڪان وڏيڪ قوالن جي قوالين تي يوڳ هيا. پاڻ تن ڏينهين نوان نوان ڪچيءَ مسيت جا ٻُهاريدار ٿيا هياسين، سو مشڪري جي انهيءَ مشڪريءَ تي ڪاوڙ آئي ۽ ٻاڪڙا هوٽل جي ڏٽيءَ ڪان ڪيسٽ جو ڪوڪو وني نالو پڙهيوسين لکيل هيو " جمن دربدر". دل ۾ چيوسين مار پوين، جيڪي ههڙن ٽنا خوانن تي چٽرون ٽا ڪن، سي هونئن ئي هوندا تہ دربدر، پر رب سائينءَ بہ رُسي، اهڙي تہ مَتِ گسيِ اٽن جو پاڻهي پاڻ ڪي دربدر چوائيندا وتن.

اجان ٿورو وقت مس گذريو هيو تہ همراه جي ٻوهياڙن واريون ڪجھ ڪيسٽون بہ مارڪيٽ ۾ آيون. ڳائڻ ٻائڻ ڪونہ هيو سڏيون پڏيون هڪلون ۽ ٻوهياڙ هيا، ايئن لڳندو هيو پاڻ جيڪر همراه ڪان ٻاجو ۽ ڍولڪ پري ڪري ڇڏجن تہ جهڙوڪر ٻاجهريءَ جي ٻنيءَ جي پيهي تي ٻيهي، جي اهڙا ٻوهياڙ ڪري تہ هوند جهار پلي هڪلي.

ٿورڙو ئي وقت مس گذريو جو ڪامريڊي جهان ۾ آياسين تہ نئين خبر پئي تہ مار هيءُ مُڙس جمن دربدر بہ ڪوئي پڪو قومپرست آهي. ۽ شاعريءَ سان گڏوگڏ ماچيس جي دٻليءَ ڪي آگرين سان وڄائي بهترين قومي گيت ڳائيندو بہ آهي. تڏهن وري پنهنجي اندر ۾ همراه لاءِ رحم جو ذرو پيدا ٿيو. ۽ هوريان هوريان اهو رحم عزت ۽ احترام جي صورت وٺندو ويو. ٿيندي ٿيندي همراه جو "منهن مبارڪ" بہ مگٿهارن جي ڪنهن ٽوليءَ هڪڙي پٽ ۾ ڏيکاريو.

ايئن ٿيندي ٿيندي همراه سان ياري تي وئي، پر ڪنهن شاعر چواڻي تہ" هيءَ ياري هڪ ٻي ياري آ، ناهي ماڻهن واري" سو اسان جي بہ ماڻهن واري نہ پر هڪ ٻئي ڪي ٿونا هڻندڙ ڍورن واري ياري ٿي پئي، جتي گڏجئون هڪ ٻئي جا چوڏا لاهيو وجهون، جمن جڏهن ڏسي تہ آئون ٻنهي گهڻو وڏيو ٿو وڃان تہ ڪڪڙ جون ٻروچ سان ملندڙ خصوصيتون

ٻڌائي، منهنجي منهن کي جهڙوڪر ليپو ڏيو ڇڏي. انهيءَ وچ ۾ هو ﭘِﻦ سِن ڪري هندستان ۾ سنڌين جي ڪنهن دعوت ۾ ويو هيو ۽ آل انڊيا ريڊيو وارن سنڌ بابت ڪانئس هڪڙو گيت ڳارائي، رڪارڊ ڪيو هيو، جنهن هن کي مقبوليت جي آسمانن تائين پُڄائي ڇڏيو هيو. ايستائين حليم ۽ حاجيءَ ( حليم باغي ۽ حاجي ساند) جا نالا ڪنهن ڪنجهي جي ته نهيو پر ڪوپر جي وٽي تي به ڪونه هيا.

پوءِ وري اسان جي سنگت ۾ هُن جو سالو فقير پليڏنو ساند اچي گڏيو هيو، مرحوم هوندئن ته حليم واري ٽولي جو ئي هيو ۽ عبدالواحد آريسر سان بنهي گهرائپ هوندي هيس ايتريقدر جو حجت ۾ خلق جي آڏو آريسر صاحب جو تعارف ڪرائيندي، آريسر صاحب جو ٽريءَ وارو اڌ نالو وٺندو هيو. سو فقير پليڏنو ۽ سنڌس پيٽويو جمن دربدر، عبدالواحد آريسر صاحب جي سچن عاشقن مان هوندا هيا، پر پليڏني فقير کي جڏهن به آريسر صاحب جي سنگت ۾ ڪا اوٽائي يا ڪمي پيشي نظر ايندي هئي ته سڀ ڪسرون جمن دربدر مان ڪيندو هيو، ٻين لفظن ۾ اصل رَندي سان گهڙي لاهيندو هيس. جمن گهٽيئي هيڏاهن هوڏانهن ٿونا هڻندو هيو، پر فقير به بخشڻ وارو ڪونه هوندو هيو. پر مٿان وري فقير پليڏني جي اشاري تي آئون به ساڙيو گاڏڙيو ٻڄي، ڪٽي اُڪين تي ڪٽندو هيو مانس.

جمن دربدر مان ڦري ”ماما جمن“ طور مشهوري ماٽيندڙ شخص جڏهن ڪڏهن ڪچهريءَ ۾ ويهي ڳالهين جون ڳنڍيون کوليندو هيو ته بدين ۾ عبدالواحد آريسر سان گڏ ڪنهن تنظيمي دوري دوران پاڙي ڪٺڻ ۽ مائي پاڳيءَ جو مائٽ ٻڄي، پٽ ۾ ڳائي پاڙي جا پئسا گڏ ڪرڻ وارين ساروٽين ڪان وٺي، ضيائي مارشل لا ۾ پنهنجي ٻَڌجڻ ۽ فوجين جي ڏِڪ ڏِڪان ۾ پاسي واري ڪيسي ۾ پيل ٻن انبن جي ڦسي پوڻ ۽ انهن تي مڪين جي لامارن وارا قصا اهڙي ته پلوڙ انداز ۾ ٻُڌائيندو آهي جو ماڻهو پائيندو ته هوند سڄي رات وينو سندس قصا ٻُڌجي. ها سچي حليم کي چيڙائڻ لاءِ جڏهن ڪيس قومي ۽ مزاحمتي شاعر جي لُپري رکي، ۽اسڪولي ٻارڙن جي اهل تي چڙي پوڻ ۽ هلڪي ڦلڪي تون ڇا تون ڇا تي وڏي اخباري خبر لڳڻ جو قصو ٻُڌائيندو آهي ته حليم، حليم ڪونهي رهندو.

ڪپرو جيمخاني جي افتتاحي تقريب پانيان ٿو ته 1990 ڌاري ٿي هئي، جنهن جي راڳ رنگ واري محفل پئي هلايم، تنهن ۾ شازيه خشڪ ڪان وٺي ڪوڙ سارا فنڪار هيا. دوستيءَ جي ناتي جمن کي اسٽيج تي سڏائڻ لاءِ وڏي تهميد ٻڌي، وڏي ساراه ڪندي اسٽيج تي سڏيو هيو مانس. ۽ جيسين ڪارڊ ليس مائيڪ جي ٻٽڻ کي بند ڪريان ئي ڪريان، جمن سانَ پاڏي جيان ڌوڪيندو اسٽيج تي چڙهيو، ماشاءُ الله سان مڙس جي هڪڙي صورت

اڳيئي موچاري هئي، متان وري قميص بہ ڪلهي وٽان قاتل هجيس، پنجابين جي چادر نما سنڌي چُني متي تي بَدل ڏسي، مون کي ڪِل اچي وئي. چيم "هيڏيءَ وڏيءَ محفل ۾ اهڙا ڪپڙا پائي آيو آهين". جمن حاضر جواب ۽ پڪي گفتي وارو مُڙس هُيو ئي هيو. ۽ هُن کي کهڙي ڪل تہ مون مائيڪ جو بٽڻ بند ئي ڪونہ ڪيو آهي سو زور سان چيائين. " آئون هتي ڳائڻ آيو آهيان، ڪنهن سان نڪاح ڪرڻ ڪونہ آيو آهيان جو سُنا ڪپڙا پهري اچان". سندس زوردار آواز پوري هال ۾ گونجيو تہ ڪِل ۽ تاڙين جي هوڪرن سان جملي وڏا ننڍا اُٿي بيهي رهيا. ڳچ دير تاڙيون وڄنديون رهيون هيون.

تنهن جمن دربدر جڏهن "وني هر هر جنم وربو، منا مهراڻ ۾ ملبو" لکيو تہ واهہ واهہ ٿي وئي هيس. نہ جمن ۽ نہ ئي سندس ڪنهن دوست اهو سوچيو هيو تہ سندس اهي سٽون ايڏيون مشهور ٿينديون ۽ جمن کي اهڙو ايوارڊ ڏياريندين جهڙو اڄ تائين ڪنهن کي بہ ناهي مليو. جو نيلسن منڊيلا جيان 28 سال جيل گهاريندڙ ۽ ڏکڻ ايشيا جي سئو سال تاريخ جي اهم ڪردار جي ايم سيد وصيت ڪئي هئي تہ سندس جنازي جي متان ڏنل ڪپڙي تي جمن دربدر جون اهي ئي سٽون لکيون وڃن. پانيان ٿو تہ روحل واءِ جي هن مسڪين ماڻهوءَ لاءِ انهيءَ کان وڏو ٻيو ڪو بہ ايوارڊ ڪونہ هوندو. جو ايندڙ هزارين سالن تائين تاريخ جا شاگرد پڙهندا تہ هڪڙي 28 سال قيد ۾ رهندڙ عظيم ماڻهوءَ جي جنازي جي ڪپڙي تي روحل واءِ جي هڪڙي مسڪين جمن دربدر جون سٽون لکيل هيون تہ
"وني هر هر جنم وربو، منا مهراڻ ۾ ملبو".

ان زماني ۾ ڪپري ۾ ڊاڪٽر جبار قائمخاني ۽ سيٺ سليمان بہ وڏا پئسي وارا هيا پر الائي ڇو سندن سوچ مقامي ماڻهن کان مختلف هوندي هئي. هميشهہ هوا جي ابتي رخ سان هلندا هيا. ان ڪري مقامي ماڻهو بہ سندن عزت گهٽ ڪندا هيا. تڏهن ڪپرو جي حبيب بينڪ جو مينيجر محمد بخش ڪنير هوندوهيو، سيڪنڊ آفيسر آئون ۽ايگريڪلچر فيلڊ آفيسر قاسم ٻگهيو هوندو هيو، ٽئي هڪ ٻئي جا گهرا دوست هوندا هياسون، خاص ڪري قاسم ٻگهيو ۽ آئون تہ تمام گهاٽا يار هوندا هياسون. هڪ ڀيري قاسم ٻگهئي ۽ ان وقت جي وزير خليفي عاقل جي پٽ انور هگوري، جيڪو پوءِ ايم پي اي بہ ٿيو هيو پر ڪڏهن هڪ لفظ بہ اسيمبليءَ ۾ نہ ڳالهايو هيائين. انهن جي وچ ۾ ڏندا ڪشي ٿي پئي هئي. معاملو وڏندو ڏسي، محمد بخش ڪنير ٻنهي ڌرين جو ناہ ڪرايو هيو، ناہ ٿيڻ بعد مون قاسم ٻگهئي کي خليفي انور جي حوالي سان هڪڙي واهيات قسم جي گار ڏني هئي. قاسم ڪجهہ دير تہ انهيءَ گار تي سوچيندو رهيو ۽ اوچتو سندس ٽيبل تي پيل وزني پيپر

ويٺ ڪٽي پوري طاقت سان مونکي هنيائين، آئون تہ پنهنجو متو بچائي ويس، پيپر ويٺ ديوار ۾ لڳڻ بعد اتان ٽڙي منهنجي پويان وينل ڪيشيئر اميدعليءَ کي متي ۾ لڳو هيو. جيڪو بہ ذري گهٽ بيهوش ٿيو هيو. قاسم جو اڇلايل پيپر ويٺ ايترو تہ زورائتو هيو، جو جيڪر سڌو اچي لڳيم ها تہ منهنجا ٽپڙ پورا هيا. پوءِ جڏهن قاسم هوش ۾ آيو هيو تہ ٻڌايو هيائين، تہ تهواري گار تي مون تصور ۾ سوچيو، انور هگوري تي سوچيم تہ غيرت اچي ويم. ۽ ڌڪ هڻي ڪڍيم.
اُن زماني ۾ سموري ملڪ جي بينڪ آفيسرن ايسوسيشنون ناهي رجسٽر ڪرايون هيون. ميرپورخاص زون جي اليڪشن جي تاريخ طيءِ ٿي تہ منهنجي ڪامريڊي رَڳَ ڦڙڪي پئي. اُتندي ئي چيئرمين جي عهدي لاءِ فارم ڀرايم. حيرت انگيز حد تائين سنڌي، مهاجر، پنجابي، چپقلش منهنجي فائدي ۾ وئي. اليڪشن جي ڏينهن مهاجر آفيسرن بہ مون کي ووٽ ڪندي مد مقابل چوڌري خالد مسعود کي هارائي ڇڏيو هيو. ايم ڪيو ايم جو موجوده اڳواڻ ۽پير آفتاب حسين شاه جيلانيءَ کان قومي اسيمبليءَ جي سيٽ تي هارائيندڙ رئيس احمد خان، حبيب بينڪ ۾ اسان سان گڏ نوڪري ڪندو هيو، ساڻس تمام سٺي دوستي ۽ حجت بہ هوندي هئي، رئيس احمد خان اسان جي ايسوسيئيشن جو جنرل سيڪريٽري هيو. ان وڏي ڪوشش ڪري ميرپورخاص جيمخاني ۾ حبيب بينڪ جي تڏهوڪي سنڌ جي سربراه ۽ پوءِ نواز دور ۾ مهراڻ بينڪ اسڪينڊل ۾ جيل ڪاٽيندڙ يونس حبيب جو آجياڻو رکرايو هيو. ايسوسيئيشن جي بين اڳواڻن سان گڏ اسٽيج تي آئون بہ وينو هيس. ۽ پنهنجي واري اچڻ تي سنڌيءَ ۾ تقرير بہ ڪئي هيم جنهن تي تمام وڏو داد مليو هيو. پروگرام بعد مانيءَ جي وقفي جي لاءِ جڏهن يونس حبيب سان گڏ اسٽيج تان لٿس پئي تہ سامهون حاجي محمد حسن راڄڙ بيٺو هيو جنهن وٽ آئون هاري هيس. مون وڏي وجي ڪيس پيرين پئي هٿ ملايو هيو. ۽ يونس حبيب سان سندس تعارف ڪرائيندي ٻڌايو هيو تہ هن صاحب وٽ آئون هاري هوس. جيڪو هن يقين نہ ايندڙ حساب سان ٻڌو هيو. اُتي ئي سيٺ عبدالعزيز، سيٺ نسيم عمر بہ مليا هيا، جن منهنجي بينڪ ۾ ضمانت ڏيڻ کان انڪار ڪيو هيو، ساڻن بہ وڏيءَ اڪير سان ملي ڪين پنهنجو تعارف ڪرائيندي ٻڌايم تہ سائين آئون اهو آهيان جنهن جي توهان بينڪ ۾ ضمانت ڏيڻ کان انڪار ڪيو هيو. ٽيئي ارب پتي سيٺيا پوءِ بہ ڦڪائيءَ جي ڦڪي ڪل ڪلندا رهيا. حرام جي ڪو منهن ۾ گُهنج آين. تن ڏينهين شبير سيتائي حبيب بينڪ جو نئون نئون زونل چيف ٿيو هيو، ساڻس مينيجريءَ دوران ئي گهري واسطيداري هيم. سو هڪڙي ڏينهن حبيب بينڪ کپرو جي

سرڪاري دوري تي آيو، منجهند جي مانيءَ تي ويناسون تہ مون کي چيائين تہ تون سيڪنڊ سيٽ تي ڪونہ ٿو نهين، هل تہ توکي ڪٽي مينيجر ڪريان. ايئن چوندي محمد بخش ڪنير کي مونکي رِليو ڪرڻ جو زباني حڪم ڏنائين. ان ئي شام جو ڪپرو مان روانگي بہ ٿي واپسيءَ ۾ شبير صاحب جي گاڏيءَ ۾ ساٿس گڏيو آيس. ٻئي ڏينهن ئي مونکي چور جي مينيجر جو آرڊر هٿ ۾ ڏيندي چيائين، منهنجون دعائون توسان گڏ آهن. ايئن هڪڙو ڏينهن بہ آرام نہ ڪيم اتان ئي سڌو چور جي بس ڏي ٽاٽي اچي چور جا وڻ وسايم.

چور جي حبيب بينڪ ۾ نِمن جي ڇانوَ هيٺان ڪجھ وقت اڳ بہ عارضي طور ڪم ڪري آيو هيس. پر1992 جي آگسٽ ۾ مينيجر ٿي وڃڻ جو هيءُ **پهريون** تجربو هيو. ڪجھ انهن عارضي گذاريل ڏينهن جي پُراڻي واقفيت ڪم آئي ۽ ڪجھ نئين ماحول ۾ پاڻ کي رَچائڻ لاءِ ڪنيڙاٽيون هڻڻ شروع ڪيون هيم. اهو آمر ضياءَ جي نوازيل ميان نوازشريف جو پهريون دور هيو. جماعت سڀوري سنڌ تي راڄ ڪندڙ هئي. چور جهڙي حساس شهر ۾ ڪميونزم ۽ سوشلزم جي ڳالھ ڪرڻ تہ پري جي ڳالھ هئي، پر ماڻهو ڪنهن پيپلي سان بہ گهڙيون ويهڻ تي بہ پادر پيا ڪائيندا هيا. چڱن موچارن مهاندن موچاريون جُنيون سهي وجي ڪُندون وسايون هيون. انهن ڏينهن ۾ خدا جي معصوم مخلوق نہ ڄاڻ ڇو جماعتي جوڌن کان ڏاڍو ڏجندي **هئي.** پاڻ کي جن ڏِينهين چور جا وڻ ڏِسٽا پيا، تِن ڏينهين امراڻي جي آس پاس جي ڳوٺن، حويليءَ، پڏيليءَ، سٽوهيءَ ۽ اڪيراج جا گهٽا ٽٽا سوڍاراجپوت، اباڻي وطن جا وڻ ڇڏي، پَرينءَ پَر پَلاٽي چُڪا هيا. منجهائن ڪي ڪي جُنگ جوان، اجان بہ باردرن جي چوڪسي ڪندڙ سَگهارن جي سورن کي سهندي، اَباڻي ديس جي مِٽيءَ کي ڇڏڻ کان صفا پڙُ ڪيو بيٺا هيا. تن ڏينهين راڻا جاگير ۽ پَڏيليءَ جي سوڍن جيان حويليءَ جي نَڪُرن جي بہ بلِي يائي هوندي هئي، راجپوت نسل جا هي جوان، ڪَنيِل قسم جا ماڻهو هيا، چڱن موچارن مُهاندن جي بہ ڪاڻ ڪونہ ڪيندا هيا، ڦندي خلق جنهن کي ٻين اڪرن ۾ ڳرا ڳنجا ۽ ٽِڻي ٽامٽي چئجي، سي تہ سندن ڪنهن ليکي ۾ ئي ڪونہ ٿي آيا، نہ ئي مَٽن ڪا اک ٻُڌندي هُينِ. اويل سويل منهن سامهون ملندي، هندو توڙي مسلمان ڪين ٻانهون ٻَڌي، ڪنڌ جُهڪائي، مُجرو صاحب وارو سلام چوندا هيا، تہ موٽ ۾ سوڍا صرف ڪنڌ ڏوڻي مُجري جو جواب ڏيندا هيا.

حويليءَ وارن مان ڪمل سنگھ سوڍي ۽ چيئرمين چندن سنگھ جي وڏي بلي پائي هوندي هئي، ڪمل سنگھ جو والد وينجھراج سنگھ تہ ايڏي هلندي پڄنديءَ وارو هوندو هيو جو انگريز فيل مست بہ ڪيس چيلھ سان ڪرپان ٻڌي گھمڻ جو پروانو جاري ڪري ڇڏيو هيو. هنن راجپوت ٺَڪُرن جي ڪَٽيِل ۽ سخت جان هجڻ جا ڪيئي قصا، صدين کان وٺي اڄ تائين امرڪوٽ ۽ چور جي هوائن ۾ رَقصان آهن. ٻُڌو هيم تہ امرڪوٽ جي سجاٽپ سوڍن جي سورهيائپ جي تاريخي حوالن سان گڏوگڏ، اڳوٽي لانبي تلاءُ ۽ هاٽوڪي لانبي گرائونڊ جي ڪنڌيءَ تي شهيد گجو راٺي جي مزار بہ آهي، امراٺي جا ماٺهو چوندا هيا تہ گجو راٺو، اصل ۾ گجيسنگھ ٺَڪُر هيو ۽ پوءِ مسلمان ٿيو، تہ سندس عزيز راجپوتن کان هڪ سوڍي جو مذهب مٽائي مسلمان ٿيڻ سَنو ڪونہ ٿيو. ۽ ان ڪري ڪيس امرڪوٽ جي قلعي ۾ شهيد ڪيو هيائون. حويليءَ جي رهاڪو گھڻا وڏڙا چوندا وتندا هيا تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي والدہ بہ هن ڳوٺ جي بجيرياڻي هئي، چوندا هيا تہ اهي بَجير، حويليءَ جي سوڍي گلاب سنگھ جا نوڪر هيا، جڏهن سر شاهنواز ڀٽو، راٺا جاگير ۾ راٺي رتن سنگھ جو مهمان ٿي آيو هيو، تڏهن اها شادي ڪري موٽيو هيو، ماٺهو اهو بہ چوندا هيا تہ راٺي چندر سنگھ جا شهيد ڀٽي جي خاندان سان ان ڪري ئي گھرا واسطا هوندا هيا. خود راٺو صاحب، پاڻ بہ شهيد بينظير ڪي ڊاڪيءَ ۾ مانهنجي ڊِيڪري چوندو هيو. شهيد ڀٽي جي ڪنهن لکت ۾اهو پڙهيو هيم تہ ڀُٽن جي خاندان ۾ سندس والدہ ڪي گھٽ ذات جو سمجھي، اها عزت ۽ احترام ڪونہ ڏنو ويندو هيو، جيڪو سر شاهنواز جي گھر واريءَ جو هُئڻ گھرجي ها.

خير تاريخ جي تي ڪان ٻنهي ڪورا ماٺهو هوندي، انهي جنجهٽ ۾ پوڻ بجاءِ، پاڻ هلون ٿا اڳتي راجپوتن جي يادگيرين ۾، سو هي راجپوت سوڍا پنهنجي ريتن۽ رسمن ۾ انتهائي سختيء انهن تي سختيءَ سان عمل جا پابند هوندا هيا، منجهن پردي جو تمام گھٽو رواج هيو، وڏيءَ ڄمار جون مايُون تہ پري رهيون، پر هنن جي معصوم نينگريءَ کي بہ ڪڏهن ڪنهن ماٺهوءَ گھر کان ٻاهر ڪونہ ڏنو هيو. مرد ماٺهو صبح جو گھرن کان نڪري ٻَنيون ٻارا گُهمي، زماني جا ڪم ڪاريون لاهي، اوتاري ۾ ايندا هيا، تہ سجو ڏينهن ڪچهريون ڪرڻ ۾ ۽ آفيم ڳاري پيئڻ ۾ گذري ويندو هُين. اوتاري ۾ آئي وئي ڪي پيا آفيم ڪارائينداءِ ڳاري پيارينداهيا. سندن گھرن جو ڪم ڪار ڪندڙ نوڪرن ۽ نوڪرياڻين ڪي ماٺهو توڙي سوڍا پاڻ بہ بجير چوندا هيا. حويليءَ جي سوڍن مان ڪمل سنگھ ئي هڪڙو اهڙوصوفي منش ماٺهو هوندو هيو، جيڪو مسلمانن سان اسلام عليڪم ڪري ملندو

هيو، تہ هندن سان رام رام ڪري. ۽ گڏوگڏ صوفين جي طريقي موجب هرهڪ کي ٻانهون ٻڌي، ابا، ٻچا چوندو وتندو هيو. نہ تہ خلق چوندي هئي تہ گهٽا ٽٽا سوڍا، نيرانو ڪنهن مسلمان جو منهن ڏسڻ کان بہ لنوائيندا هيا. پوري پني قد جو، سفيد ململ جو پٽڪو ٻڌندڙ ڪمل سنگهہ، لانگوٽواهڙي تہ خوبصورت انداز ۾ ٻڌندو هيو جو ڪير بہ لَکي ڪونہ سگهندو هيو تہ ڪيس لانگوٽو ٻڌل آهي يا شلوار پاتل آهي. ساڻس واسطو، سندس پٽ فتح سنگهہ کي پڙهڻ لاءِ آمريڪا موڪلڻ وقت ويزا لاءِ گهربل بينڪ جي ڪاغذن پيري پيو، جن لاءِ هو روزانو صبح ساڻ اچي بينڪ مينيجر نسيم قائمخانيءَ جي سامهون ويهي، سندس هوائي ڳالهين تي واهہ سائين واهہ ڪري، تاڙيون ملائي، شام جو مُنهن لاهي واپس روانو ٿيندو هيو. ڳچ ڏينهن اهو لقاءُ ڏسڻ بعد نيٺ ڪيس ڦِڪي کِل کِلندي ۽ هوائي خبرن تي تاڙيون ملائيندي ڏسي، هڪڙي ڏينهن دل جهلي ڪانئس اڪيلائيءَ ۾پُڇي وينس تہ، ڪاڪا توهان روزانو اچي، نسيم سان مارواڙيون ۽ ڊاٽڪيون ڳالهائي، هوائي ڳالهين تي تاڙيون ملائي هليا ٿا وڃو، آخر ڇو“؟

ڪاڪو ڪمل سنگهہ تہ ڪو ٻَريو وينو هيو، هڪ ڊگهو ۽ ٿڌو ساهہ پرڻ سان اصل ڦِسي پيو، اسان جي صاحب ۾ ڦاٿل نہ ٿيندڙ جائزڪم ڏکويل انداز ۾ڇئي ٻڌايائين. ڇٽو ياد اٿم تہ ان ويل ڇيو هيومانس، ڪاڪا، هن ڪان جائز ڪم ونڻ لاءِ هيترا حيلا هلائڻ بعد تہ پڪ ٿي هوندئي، تہ هي ڏاريا ماڻهو نٿا چاهين تہ اسان اصلي سنڌين ۽ ڌرتيءَ جي وارثن جا ٻار سُنن ادارن ۾ پڙهن. پوءِ سندس جائز ڪم، بينڪ جي تڏهوڪي گارڊ ۽ هاٹوڪي مينيجر ميرمحمد پنيري جي مدد سان ڪري، لفافوڪيس ڏيندي ڇيو هيم، ڪاڪا، هي لفافو وڃي آمريڪا جي سفارتخاني ۾ ڏي. ايئن اسان جي معمولي مدد سان اهو فتح سنگهہ وڃي آمريڪا پهتوءِ ٻڌو اٿئون تہ اڄڪلهہ اتي جو وڏو ڊاڪٽر آهي.

سوانهيءَ ننڍڙيءَ مدد، ڪمل سنگهہ جي دل ۾مون لاءِ نرم گوشو پيدا ڪيو. ۽ ڪڏهن ڪڏهن سندس اوتاري تي وڃڻ لڳس، علم ۽ ڏاهپ جي هن پنڊار شخص سان وڏيون وڏيون ڪچهريون ڪرڻ لڳس. ڇٽوياد اٿم تہ هڪ پيري ڪانئس نياڻين جي نہ پڙهائڻ ۽ پرديس ۾ پرڻائڻ وارو نہ پُڇڻ جهڙوسوال پُڇي وينس. اهڙي اوچتي ۽ ڏکئي سوال تي سندس اکين جي ڪُندن کي پُسندو ڏٺم. گهرو ٿڌو ساهہ پريندي چيائين، ٻچا، ڏِس تہ هيترو پردوتا ڪريون، ان ڪري نياڻين جي تعليم جو سوال تہ اجايو آهي، پر نياڻين کي پرديس ۾ پرڻائڻ لاءِ عرض تہ اسين راجپوتن جي سوڍا نُک سان واسطو رکون ٿا، ان ڪري رشتا هميشہ سوڍن جي ٻين نُکن يعني ڀاٽي ۽سيڪاوت وغيرهہ ۾ ڪندا آهيون، اسان جي ريت

آهي تہ جتي ٿورو بہ رت جو رشتو هوندو، اتي سگ نہ ڏيندا سين نہ وٺندا سين. جيئن تہ ورهاڱي بعد سنڌ ۾ جيڪي بہ ٺَڪُر بچيا آهن، اهي تقريبن سيئي هڪڙيءَ ئي ٺُڪ جا يعني سوڍا آهيون، ان ڪري نياڻيون ۽ پُٽ پرڻائڻ لاءِ، اسان کي هندستان ڏانهن وڃڻو پوندو آهي. اتي وري اهو ظلم آهي جو نياڻيءَ کي سينگاري ويس وڳا ۽ زيور پارائي ناناڻي گهر ۾ ويهاريندا آهيون، اتي غير تہ نہ پر ڪيئي هندستاني راجپوت، ڀاٽيءَ سيڪاوت يا ٻين ٺُڪن جا، اسان جي نياڻي ۽ ان کي ملندڙ ڏاج ڏسڻ ايندا آهن، ڪي ڏاج مان کهڙا عيب ڪڍندا آهن تہ ڪي وري کهڙا. ڪي وري وڏيون وڏيون گهرجون ڪندا آهن، اسين ڌيءَ جا پيءُ مجبورن اڳلن جون سڀ گهرجون زرعي زمينون وڪڻي بہ پوريون ڪندا آهيون. اتي پنهنجي سنڌ ۾ سنڌ ۾ اسان جي عزت ۽ مان مرتبي کي ياد ڪري هنجُون بہ هاريندا آهيون. ورهاڱي کان اڳ تہ ڪا روڪ ٽوڪ نہ هوندي هئي، گهر گهاٽ ۾ ڳوٺ راڄ، ڏِسي وائسي پوءِ مِڱيون مائٽيون ڪندا هياسون، هاڻ تہ ورهاڱي ٽيڻ بعد ٿوري مُدي جي ويزا ٽائيم ۾ سڀ بار لاهي واپس موٽڻو ٿو هجي. ان ڪري نياڻيون مُيون سهسائي واپس ورون ٿا. مُئن سان وري کهڙا ميلا؟ اها ڌيئرن ۽ پيئرن جي آخري ملاقات هجي ٿي. سوچي سگهين ٿو تہ ان وقت ڪيڏو بہ ڪنور ماڻهو هجي جِهجي ڪونہ پوندو هوندو.!؟ ڪاڪي ڪمل سنگهہ سان ريتن رسمن، اٿين ويهڻين تي انيڪ ڪچهريون ٿينديون هيون، جيڪر سڀ ساري ويهي لکجن تہ ڪتاب پرجي وڃن.

سرڳواسي ڪامريڊ گوپال سنگهہ، اڪيراج سنگهہ ڳوٺ جو رهاڪو ۽ اسان جو ڪامريڊيءَ وارن ڏينهن جو يار هوندو هيو، هلندي مهل ڪاٻي ٻانهن جي وڏي لوڏ هوندي هيس، عجيب ۽ مخصوص انداز واريءَ هن لوڏ سان هلندي، ڪامريڊ پريان کان پڌرو هوندو هيو. هو تمام وڏي آواز ۾ ڳالهائيندو هيو، امرڪوٽ يا ڇور جي جنهن بہ گهٽيءَ مان گذرندو هيو تہ وڏي واڪ سيني سان ڪيڪارون ڪندو ۽ حال احوال ڏيندو هلندو ويندو هيو، تڏهن گهرن ۽ دڪانن ۾ ويٺل خلق کي خبر پئجي ويندي هئي تہ گوپال سنگهہ ملڪ ۾ لٿل آهي. سرڳواسي جتي بہ ملندو، جڏهن بہ ملندو، ڪير بہ پڇندس "ڪامريڊ اڄڪلهہ ڇا پيو ڪرين؟ تہ نهہ پهہ ڊاڪيءَ ۾ وراڻيندو، عوام رِي خدمت ڀِيا ڪَران، ٻِيجو وَڙي ڪِي ڪَرسان.

سڻوهيءَ جي سوڍن ۾ بہ ڀانئيان ٿو تہ هڪڙو ڪمل سنگهہ بہ هوندو هيو، جنهن وٽ هڪڙي رات مهمان ٿي، وجي ماني ڪاڌي هيم، زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو رات جو مانيءَ ۽ ٻوڙ سان گڏ لَسِي بہ ڪٽي آيا هيا، اسان ڪڏهن رات جو ڪنهن کي لسي پيئندي بہ ڪونہ ڏٺو هيو ۽ نہ ئي اهڙو رواج بہ هيو، آنا ڪاني ڪندي بہ زوريءَ گلاس ڀري ڏنائون، اڪيون پوري پيئڻ

جي ڪيم، پيتم چا، اصل هينئين ۾ لهندي وئي، هڪڙو، ٻيو، ٽيون گلاس ڏڙاڏڙ پي ويس. اڄو جيرو وجهي، ٻاهه تي ڪاڙهي، ناريل اها لسي اڄ تائين نٽي وسريم. جيترو وقت ٻه اتي هُيس، سانجهيءَ ٽاڻي سٽوهيءَ وٽان گذرندي، نڪ جو پڪو ٽي، اها لسي گُهري پيئندو هيس. ساڳئي ڳوٺ ۾ هڪڙو سيطو سنگهه هوندو هيو، سادڙو ۽ سڀوجهه سيني هيراڦيرين کان آجو، هوائي قصن تي گهڻو زور ڏيندو هيو، جڏهن شناختي ڪارڊ تي نهيا ته، مڙس وجي قطار ۾ بيٺو،

پچڻ واري نالو پڇيس، وراڻيائين، سيطو سنگهه. اڳلي چيس سيطو سنگهه يا سيطان سنگهه.؟ وراڻيائين سيطان سنگهه. اڳلي همراهه ٻه ٽوڪي ڪارڊ ۾ لکي ڇڏيو، شيطان سنگهه. هيڏانهن هن درويش کي اها خبر ئي ڪونه پئي ته ڪهڙي ڏِنگي مُڙس جو نالو مٽس پئجي ويو آهي. جڏهن سرڪاري ڪاروهنوار سان منهنجي وَرِ چڙهيو ته شناختي ڪارڊ تي نالو پڙهي دنگ رهجي ويس. هوريان هوريان چيومانس شيطان سنگهه، دوستي رکندين؟ شيطان سنگهه ٻه ڪو ٻاڙيل هيو، وراڻيائين دوستي ڇاجي، پاڻ ته اڄ کان پوءِ يائر آهيون يائر. ۽ پوءِ شام جي ويلي چور جي گهٽين ۾ ماڻهو شر ۽ شيطان کي هٽ هٽ ۾ ڏيئي، گڏ هلندي ڏسي، آڱريون ڪٽي چوندا هيا ته، ڏسو ڪيئن، هڪ ٻئي کي ڳولي لڌو اٿن!!!. ٻڌو اٿم ته اهو شيطان سنگهه اجان سٽوهيءَ ۾ آهي، رب ڪر شال ٻچڙن سوڌو خوش هجي.

گوپال سنگهه ۽ ڪمل سنگهه جي ڳالهين تان ياد آيم، ته ميان نوازشريف جي دور ۾ هندن جي مالي سهائتا جي نالي سان قومي اسيمبليءَ جا هندو ميمبر، غريبن کي سُکيو لاءِ ڪروڙن جا ڊرافٽ آڻيندا هيا، انهيءَ سهائتا جي سانگي سان تڏهوڪن قومي اسيمبليءَ جي ميمبرن جا گهڻا ٽڻا خدمتگار ڪک پتيءَ مان لک پتي ٿي، صوبائيءَ جواليڪشنون وڙهندي ڏٺاسون، پر گوپال سنگهه جهڙو تنتڙينگ هيو، جڏهن وطن جا وڻ ڇڏي اڪيلي پٽ وٽ ساهه ڏيڻ لاءِ هندستان ويو تڏهن تائين تهڙو ئي تنتڙينگ رهيو.

تن ڏينهين نئون نئون عمرڪوٽ آيو هجان، اجان ڪنهن راجپوت سوڍي سان پالو ڪونه پيو هجيم. جو هڪڙي پيري راڻي چندرسنگهه جي ياءُ اندر سنگهه جو فون آيو. هن جُوءِ جا جملي سوڍا، پنهنجي تر ۾ وَسين لڳي ماڻهن سان ڍاٽڪيءَ ۾ ڳالهائيندا هيا، اڳلو سمجهي ياڻه سمجهي، پلي ته جواب سنڌيءَ يا اردو ۾ ڏيندو اچي، پر سوڍا ڍاٽڪيءَ کي ٻُنگِيو ايندا. سو ڳالهه پئي ڪيم، اندر سنگهه جي فون جي، مون سان ٻه ڍاٽڪيءَ ۾ ئي ڳالهاڻو. پلو ٿئي وڏڙن جو جن سڄي ڄمار مينگهواڙن جي ڳوٺ ۾ گذاري، ان ڪري ڍاٽڪي فر فر ڳالهائيندو هيس. ٻروچ کي ڍاٽڪي ڳالهائيندو ٻڌي، سوڍو وڏيڪ خوش ٿيو. ڪجهه ڪم

ڪار ڏسيائين، گڏوگڏ ٻروچڪي غيرت ۽ همت جو بہ حوالو ڏيندو ويو، ۽ بس وري ڪڏهن ڪونہ مليو، نہ ئي وري ڪڏهن ڳالهہ ٿي.

هڪ ڀيري راٺو چندر سنگهہ ٿري هِندُن ڪي پنهنجي هٿن سان مالي مدد ڏيڻ لاءِ اسلام آباد مان چڱو موچارو ڊرافٽ، حبيب بينڪ عمرڪوٽ تي نهرائي آيو هيو، تن ڏينهين نئون نئون عمرڪوٽ آيو هجان. هڪ ڏينهن معمول موجب شام ويلي بينڪ بند ڪري ٻئي ڏينهن جي سرڪاري موڪل سبب ڳوٺ هلياوياسين. راٺو صاحب سچ لٽي مهل عمرڪوٽ پهتو هيو ۽ ان مهل ئي گوپال سنگهہ ڪي بينڪ موڪليائين تہ وڃي ڊرافٽ جي رقم وٺي اچ تہ صبح جو ٿر ۾ هلي ورهائي اچون. گوپال سنگهہ جڏهن بينڪ بند ڏٺي تہ ڪيس فون تي اطلاع ڏنائين، راٺي صاحب نہ ڪئي هم نہ تم ۽ ڊپٽي ڪمشنر ڪي فون ڪري حڪم ڏنائين تہ هينئر جو هينئر بينڪ کولائي رقم جو بندوبست ڪري ڏئي. اعجاز منگي ان وقت عمرڪوٽ جو ڊپٽي ڪمشنر هيو، سمجهدار ماڻهو بہ هيو، خبر بہ هيس تہ صبحاڻي موڪل آهي، مينجر توڙي اسٽاف پنهنجي پنهنجي ڳوٺ هوندا. ان هوندي بہ منهنجا ڏس پتا پُڇائي مير پورخاص جي ڊپٽي ڪمشنر ڪي فون ڪري چيائين تہ مان ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ سان فون تي ڳالهايان. تنهن زماني ۾ موبائل فون ڪونہ هوندا هيا، اسان جي حد جو ٿاڻو پراڻي ميرپور هوندو هيو. رات جا ڏهہ ڪن ٿيا هوندا جو پراڻي ميرپور جي موبائل ايس ايچ او سميت مون ڪي ڳوليندي اچي پهتي. سمورو ڳوٺ پريشان ٿي ويو، ڇو جو ڳوٺ ۾ امن ۽ شانتي ايتري هوندي هئي جو ڪڏهن ڪا پوليس ڪونہ آئي هئي. صوبيدار بہ اهڙو تہ ڏاهو، اڪابرۓ عقلمند هيو جو ضد ڪري ويهي رهيو تہ هينئرئي موبائل ۾ هلي شهر مان ڊي سيءَ سان ڳالهاءِ. اڳيان آئون بہ ضد ڪري ويهي رهيس تہ آئون ڪو چور تہ ناهيان جو موبائل ۾ پويان ويهي وڃان. تو پنهنجو ڪم ڪيو، مون ڪي نياپو مليو، هاڻ تون وڃي ڏُر ڏٺين ڪي ٻڌائي ڇڏ تہ هيءَ ورندي ملي اٿم. پوليس تہ وئي هلي پر پريشانيءَ ۾ مون سميت گهر جي جملي ڀاتين ڪي رات جو ننڊ نہ آئي. صبح ٿي تہ سوچيم تہ ميرپورخاص مان وڃي ڊپٽي ڪمشنر سان فون تي ڳالهايان. بسن ۾ ڌڪ ڪائي جڏهن ميرپورخاص پهچي ساڻس فون تي ڳالهايم تہ اعجاز منگيءَ پريشانيءَ مان چيو ادا تنهنجي مجبوري پنهنجي جاءِ تي، پر هن ”راجپوت سوڍي“ ڪي ڪير سمجهائي تہ موڪل جي ڏينهن هئڻ ڪري بينڪ ڪونہ کلندي، تون مهرباني ڪري ڪا ٽيڪسي بہ ڪري هتي پهچ تہ منهنجي بہ جان آجي ٿئي.

راڻي چندر سنگھ جي طبيعت بابت مونکي ڪجھ ڏينهن اڳ۾ هڪڙي دوست ٻڌايو هيو، جيڪو تازو ئي يو بي ايل جو مينجر ٿي، راڻي صاحب ڪان ڊپازٽ وٺڻ لاءِ سندس بنگلي تي ويو هيو ۽ ڪيس چاچا چئي پنهنجو تعارف ڪرايو هيائين. هن پاران چاچا چوڻ تي، راڻي صاحب ڀڙڪي پيو ۽ ويٺل پٽ حمير سنگھ ۽ ڀائيٽي راجوير سنگھ کان سوال ڪيو، تہ منهنجو اهڙو بہ ڪو ڀاءُ آهي جا جنهن ڪي توهان نہ سڃاڻيندا هجو؟ ٻنهي پاران انڪار ڪرڻ کان پوءِ ويٺل ماڻهن کان پڇيائين ۽ سڀني پاران انڪار تي، هن فوري طور يو بي ايل جي صدر ڪي فون ملايو، اهو تہ پلو ٿيو مينيجر جو يو بي ايل جو صدر فون تي نہ مليو، نہ تہ هن جو ڪم لهي وڃي ها. هوڏانهن مينيجر پريشان ٿي ويو تہ هن کان ڪهڙي غلطي ٿي جو نوڙ ڪنڌ ۾ پيو پوي، همراھ مانڙي ڪري کِسڪيو. ڪجھ وقت بعد ڪنهن ٻڌايس تہ تون ذات جو خاصخيلي آهين ۽ نَڪُر، خاصخيلين ڪي ٻجير چئي نوڪرن وارو ڪم وٺندا آهن، تنهنجو ڪيس چاچا چوڻ هن جي راجپوتيءَ ڪي گار محسوس ٿي، تڏهن ايترو گرم ٿيو. سو ان ڊپ سبب آئون بہ ٽيڪسي ڪري ڀڄس، بينڪ عملو گهرائي ڊرافٽ پاس ڪري رقم گوپال سنگھ ڪي هٿ ۾ ڏيندي چيم تہ توهان مون ڪي پوليس معرفت گهرائي منهنجي بيعزتي ڪئي آهي. ان جو حساب ڪتاب ٿيڻ گهرجي. گوپال سنگھ جيتو ٽيڪ پراڻو ڪامريڊ هيو ۽ اسان جو يار بہ هيو، تہ بہ ڪانئس منهنجو جملو هضم نہ ٿيو۽ ٻاهر وڃي راڻي صاحب ڪي فون ڪري منهنجي ڪاوڙ بابت ٻڌائي آيو. گهڙي نہ گذري جو راڻي صاحب جو بينڪ ۾ فون آيو ۽ مون ڪي ڊاڪيءَ ۾ حڪم واري انداز ۾ چيائين تہ مينيجر تُون هِيٺا رو هِيٺا گوپِيئي پيڙو مَانهنجِي ڪوٺڙِي تي آ. راڻو صاحب گوپال سنگھ ڪي پيار مان گوپيو چوندو هيو. هاڻي منهنجي حالت ڏسڻ وٽان هجي، سوچيم شايد ڪامريڊ ئي ٻاهر وڃي ڪي مرچ مصالحا ملائي ٻڌاياهوندا. گوپال سنگھ کان پڇيم تہ هن بہ چاتي نوڪي چيو، ها مون ڪيس سيڪجھ ٻڌائي ڇڏيو آهي. ان ويل ٽنگون ڏڪڻ شروع ٿيم، هاڻي الائي ڇا ٿيندو؟ گوپال سنگھ سان علي نواز واري ڳالھ ڪيم تہ چيائين، چريا!! ٻروچ، هُو خاصخيلي هيو تون ٻروچ آهين، اسين نَڪُر، ٻروچن ڪي پنهنجو ڀاءُ سمجهندا آهيون. توسان راڻو صاحب ايئن ڪونہ ڳالهائيندو، جيئن علي نواز سان ڳالهايو هيائين. سندس پاران دل ٻَڌائڻ تي همت ڪري، راڻي صاحب وٽ حاضر ٿيس. رسمي خوش خير عافيت کان پوءِ سامهون پيل صوفا تي ويهڻ جو اشارو ڪيائين. گڏوگڏ ناراض ٿيڻ جو سبب پڇيائين. تہ همت ڪري ڏڪندڙ زبان سان چيم، سائين اوهين راجپوت آهيو، تہ آئون بہ ٻروچ آهيان، اوهان منهنجي در تي پوليس موڪلي مون ڪي گهرايو آهي، منهنجي

ڳوٺ جي ماڻهن سمجهيو تہ آئون بينڪ مان ڪا چوري ڪري آيو آهيان, ان ڪري پوليس منهنجي پويان آئي آهي، ان جو ڏک ٿيو اٿم.

يڪدم ڊاڪٽيءَ چيائين، ٻروچ هائين اسانجي غلطي اهي، هي اوهين اسانجي غلطي رو ڏنڊ سُٺائو تو پران.

آئون اجان سوچي ئي رهيو هيس تہ گوپال سنگھ وچ۾ ٽپ ڏيئي چيو تہ راڻا صاحب ڏنڊ ۾ ٻروچ جي ڳوٺ ۾ فون لڳرائي ڏيو. راڻي صاحب فوري طور پي ٽي سي ايل جي چيئرمين خوشي محمد ٻٽو کي فون ڪري منهنجي ڳوٺ ۾ وي ايچ ايف جو پي سي او لڳائڻ جو حڪم ڏنو. حيرت جي حد اها ٿي جو ايندڙ ٻن ڏينهن ۾ منهنجي گهر ۾ پي سي او لڳي ويو. جنهن جي ڊماند نوٽ ڪان وني، ٻيا جملي اخراجات الائي ڪنهن ڀريا، مون کي ڳوٺان فون ڪري ٻڌايو ويو تہ هي منهنجي گهر جو نمبر آهي.

موجوده راڻي، حمير سنگھ سان ڪوڙ ساريون ڪچهريون ٿينديون هيون، سادگيءَ جو مثالي نمونو هوندو هيو، پاڻ ئي هلي اچي بينڪ ۾ ڪچهريون ڪري ويندو هيو، سندس سوٽ راجويرسنگھ، سان تہ چڱي موچاري دوستي ٿي وئي هئي. جڏهن بہ ايندو هيو تہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ وينو هوندو هيو، سياست جي موضوع تي وڏا وڏا بحث ڪندو هيو، پوئين دور ۾ صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر بہ ٿيو، هاڻ تہ الائي سڃاڻي بہ يا نہ؟ بحرحال ڪجھ بہ هجي امراڻي جي آس پاس جي سوڍن جو اڳيون اوج هاڻي نہ رهيو آهي ۽ بدلجندڙ سياسي، سماجي، معاشيءِ معاشرتي حالتن ۾ وري سندن ساڳي اوج اچڻي بہ ناهي. اهي قصا هاڻ صرف ۽ صرف ماضيءَ جون يادون رهجي ويندا. هاڻ جڏهن بہ امراڻي وڃڻ ٿئي ٿو تہ امراڻي جي انهن جُنگ جوانن کي ساري ٽڏي آھ نڪريو وڃي ٿي ۽ لطيف سرڪار جي هيءَ سٽ ياد اچيو وڃيم.

نہ سي وونئڻ وٽن ۾، نہ سي ڪاتياريون،

ڀَسيو بازارون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.

الرحيم ٽرانسپورٽ سروس جو مالڪ لال محمد آريسر، هاء اسڪول چور جو هيڊ ماستر هئڻ سان گڏ، زميندار ۽ پيپلز پارٽيءَ جو همدرد بہ هيو، ايئن ڪٽي چئجي تہ چور جي پيپلز پارٽي هيو ئي لال محمد آريسر، تہ بہ ڀانيان تو تہ انهيءَ ۾ڪو وڏاءُ ڪونہ ٿيندو. يا ايئن ڪٽي چئجي تہ چور جو شهر آباد ئي لال محمد آريسر جي نياز سان هيو تہ ان ۾ ڪوبہ وڏاءُ ڪونہ ٿيندو. سموري شهر جا ماڻهو وٽس صلاح ثواب لاءِ ايندا هيا. شهر جوهرڪ ماڻهوڪيس سائين ڪري سڏيندو هيو. وڏي ڳالھ تہ انهن ۾ جماعتي جوان بہ شامل هوندا

هيا. سائين لال محمد ٻه شاديون ڪيون هيون. پهرين ڏاڏي پوٽي ۽ ٻي حيدرآباد جي اردو ڳالهائڻ واري هئي. سندس ٻي گهر واري ٻارن سميت حيدرآباد ۾ رهندي هئي. سندس ٻئي وڏا پٽ ڪاروبار ۽ زمينداريءَ ۾ تمام گهڻ چاهه رکندا هيا. تنهن ڪري سندس پائيٽا نظر محمد ۽ عطامحمد گهڻو ٽڻو ڪاروبار سنڀاليندا هيا. نئين شهر ۾ مون لاءِ رهائش جو مسئلو هيو. ان ڪري پهرئين ڏينهن ئي سائين لال محمد مون کي پنهنجي اوطاق آچي. جتي عارضي طور رهڻ لڳس. ٽر جي گيٽ وي هئڻ ڪري سندس اوطاق ۾ ٿر جي مختلف علائقن جا مسافر ماڻهو ايندا هيا. جن سان ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون. منجهن سُگهڙائپ ۽ دانائپ پريل هوندي هئي. انهن مان ڳوٺ ٻانڊو جو رهاڪو مرحوم وڏيرو عبدالحميد سميجو به هڪ هيو. جنهن سان وڏيون وڏيون ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن ٽيپري پنيرا ۾ بينڪ جي اسٽاف مير محمد ۽ سندس پاءُ سلطان وٽ وجڻ ٿيندو رهندو هيو.

25 آگسٽ 1992 جو هٿ سان هينڊل گهمائڻ واري ڪاري فون تي ميرپورخاص مان ڪال آئي، اڳيان ڳالهائڻ وارو پائنيان ٿو ته تارو ميگهواڙ هيو، ٻڌايو هيائين ته پٽ ڄائو اٿم. ان خبر تي تمام گهڻو خوش ٿيس، پاڻ اڪيلو هئڻ سبب سوچيندو هيس ته خدا ڪري خادم کي به ڪو پاءُ هجي!. ڏهن سالن جي وڇوٽيءَ بعد پٽ ڄائو ته ڏاڍو خوش ٿيس. زندگيءَ ۾ پهريون پيرو وڏو خرچ ڪيم، يعني سڄا سارا ڏهه ڪلو لڏُون وني ڳوٺ پهتو هيس. مبارڪون ئي مبارڪون هجن. ان وقت بابا ۽ امان ياد آيا ته اکڙين مان لڙڪ لارون ڪري هليا. انهي پٽ جو نالو به بابا جو ئي يعني اڪبر رکيم. اڪبر جي جنم وارو سال منهنجي زندگي جي اهم تبديلين وارو سال ثابت ٿيو. جيتوڻيڪ غربت ۽ڏکن جو ماريل هيس، پر ان سال مالي، معاشي ۽ معاشرتي حوالي سان خوشحالي ۽ خوشين منهنجي در تي گهڙي گهڙي د ستڪ پئي ڏني ۽ مسلسل ڏينديون اچن. ڊسمبر ڏاران جڏهن اڪبر جو ختنو ڪرائڻ وقت دعوت ڪيم ۽ پنهنجن جملي دوستن کي سڏيم ته اوڙي پاڙي وارا اڪوءَ جي پٽ جي ايڏي واسطي کي ڏسي حيران ٿيا. گڏوگڏ کي ته چڱا موچارا مهاندا پريشان به ٿيا ۽ ٻن لکن جي جي اندر مبارڪ به ماڻهن لاءِحيرت جهڙي هئي. ان دعوت ۾ ئي اسان جي زونل چيف شبير سيتائيءَ اچي لاهور جي ڪنهن سيمينار ۾ حبيب بينڪ جي نمائندگي ڪرڻ جو ليٽر هٿ ۾ ڏنو هيو. ان ڪري زندگيءَ ۾ پهريون پيرو هوائي جهاز جو سفر ڪرڻ لاءِ تياري ڪئي هيم. عمرڪوٽ وارو يار سليم مهر به گڏ هليو هيو، پر پنهنجي خرچ تي. حيدرآباد جي هوائي اڏي تان اسان جي فوڪر جهاز جي اڏام لاهور کان

ٿيندي اسلام آباد وڃڻي هئي. لاهور جي هوائي اڏي تي رام بچومل منهنجو ڪپري جو يار اسان کي وٺڻ لاءِ آيو هيو. رام بچومل اسان کي انهيءَ هوٽل تي پهچايو جتي بينڪ جي پاران انتظام ڪيا ويا هئا. پوءِ هرروز صبح جو آئون ۽ راڻوڙ بينڪ جي سيمينار ۾ ويندا هياسين ۽ سليم مهر رام جي معرفت لاهور جي هيرا منڊيءَ ۾ پيو لامارا ڏيندو هيو. جيئن ته منهنجو هوائي جهاز جو اهو پهريون سفر هيو، جنهن لاءِ پوري حياتيءَ ۾ ڪڏهن تصور به ڪونه ڪيو هيم، ته ڪو ان منزل تي پهچندس جو سرڪاري ڪاروهنوار سان مفت ۾ هوائي جهازن ۾ چڙهندس. ان ڪر جهاز ۾ ويهندي ئي اکين مان لڙڪ لڙيا هيم. مون سمجهيو هيو ته مون اڪيلي سان اها حالت هوندي پر مونکي راڻوڙ ۽ سليم مهر ٻڌايو ته هو به غريبن جا ٻار آهن ۽ ٻئي هڪ ڀيرو اڳ به جهاز جو سفر ڪري چڪا آهن. .
لاهور جي انهي سفر ۾ رام مونکي اهو شاهي قلعو خاص طور تي منهنجي فرمائش تي ڏيکارڻ هليو هيو، جنهن جي ٽارچر سيلن ۾حسن ناصر شهيد ٿيو هيوءِ ڄام ساقي اهي عذاب ڀوڳي وريو هيو. جيتوڻيڪ ٽارچر سيل جي ان حصي تي اجان به جوڌن جو قبضو هيوءِ اسان ان پاسي ته ڪونه وڃي سگهياسون، پر ان علائقي ۾ گهمندي ڦرندي مونکي هزارين مظلوم نوجوانن جون آهون ۽ دانهون لاهور جي فضائن ۾ پڪارن جيان ٻڌڻ ۾ پئي آيون. اهڙيون بيوس پڪارون جن جو ڪو اوهي واهي نه هجي جن جو ڪو ڌڻي سائين نه هجي. پنهنجي پر ۾ مون هزراين بيگناهه ماريل جوڌن جي روحن کي ان قلعي جي آس پاس چڪر ڪاٽيندي ڏٺو هيو.
انهن ڏينهن ۾ رام، مون کي سوزو پارڪ جي رستي تي واگهه بارڊر طرف وٺي ويو هيو. جيئن جيئن واگهه کي ويجها پئي ٿياسون، تيئن تيئن هندستان ڏانهن ويندڙ ماڻهن جون ۽ ٽرڪن جون قطارون ڏسي، بي اختيار رام کان پڇيو هيم ته هي ماڻهو ۽ هي ٽرڪون ڪيڏانهن پيون وڃن؟ هن وراڻيو هيو ته اهي مزدور آهن جيڪي انهن ٽرڪن ۾ لوڊ ٿيل ڀاڄيون، ميوا ۽ ٻيو سامان ٽرڪن مان لاهي پرينءَ پر پهچائيندا. ڏينهن گذري ويا، ورهيه گذري ويا، هڪ ڏينهن ڊان اخبار پڙهندي هڪڙي تصوير تي نظر پيم، هيٺان لکيل هيو ته هندستاني مزدور پاڪستاني مزدور کي واگهه جي بارڊر تي پٽاٽن جي ٻوري ڏئي رهيو آهي. اها تصوير ڏسندي ئي منهنجو هينئڙو حضرت نيڪڻ فقير نقشبنديءَ جي اياڳي ديس، ٿر طرف هليو ويو. جتان اڳي راجا جي ريل، هرروز ميرپورخاص کان موناباءُ طرف روان دوان هوندي هئي. ٿرين جي بقول انهيءَ راجا جي ريل جو ڇڪ ڇڪ وارو خوبصورت آواز، پٽن جي گهري خاموشيءَ کي چيريندو، عجيب قسم جي موسيقيت پيدا ڪندو ويندو

هيو. ان راجا جي ريل جي ڪوڪ ٻُڌي، پري پري کان جانور ريل جي ويجهي اسٽيشن طرف ڊوڙندا هيا، ايئين لڳندو هيو ڄڻ ڪين ڪنهن ڏورانهين سفر تي وڃڻو هجي ۽ متان ريل ڇُٽي نه وڃي. حقيقت ۾ اها ريل هزارين جانورن کي باقائدگيءَ سان پيئڻ جو پاڻي پهچائيندي هئي. جتي اها ريل سوين هزارين جانورن ۽ ماڻهن کي پيئڻ جو پاڻي پهچائيندي هئي. اتي هزارن جي تعداد ۾ آس پاس جا ڳوناڻا مزدوريون ڪري پنهنجو ۽ پنهنجن ٻچن جو پيٽ گذر ڪندا هيا. اها ئي راجا جي ريل ٿر ۾ وسندڙ سوين راجپوت سوڍن جي ڏُور وسندڙ جيسلميري جوڌن سان مِٽيون مائٽيون ڪرڻ جو به سبب بڻجندي هئي.
ٿراجي علائقي ۾ هن ريل جون اسٽيشنون شادي پلي، اکڙي ڇتورو، ڍورو نارو، هاسيسر، ساڌو، سومرا سر ۽ ڇور شهر جون ننڍيون وڏيون اسٽيشنون هونديون هيون. جڏهن ته ٿر ۾ نيو ڇور، واصل ٻاءُ، پرچي جي ويري، جالوءَ جو چوئنرو، هونديون هيون ۽ اڄ به آهن. ۽ اهي خيرن سان ويران ۽ پڙپانگ، پنهنجي ماضيءَ جي حسين يادن ۽ حسين ماڻهن جي يادن کي ساري اڄ به اداس آهن.
چون ٿا ته ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي وڻج واپار جو اهم ذريعو، راجا جي ريل هوندي هئي. تڏهن ته اڄ به ڦٽين ٽاٽڻ جا ڦٽل ڪارخانا شادي پلي، ڇتورو ۽ ڍورونارو ۾ پنهنجي وقت جي عظيم آثارن جي ڏِک پيا ڏيندا آهن. چون ٿا ته تڏهن عمرڪوٽ بجاءِ ڇور ۽ نئون ڪوٽ ٿر جا گيٽ وي هوندا هيا. ۽ ريل جي سهوليت نه هجڻ سبب عمرڪوٽ پنهنجي اصلوڪي حالت وڃائي وينو هيو. راجا جي ريل جي ٿراجي علائقن کي برباد ته سکر ٿراج جي دروازن ڪيو هيو. جڏهن ناري کي دروازا لڳا، ناري جي نوابن جي لوڏ ۾ لَهس آئي، رتڙيا چانور گهٽ پوکجڻ لڳا. راجا جي ريل جي ذريعي ماڻهن جي توڙي ماڻهن جي فصلن جي پهچ خواجا اجمير تائين هوندي هئي. ايئن ڪيئي خاندان هتان لڏي هُتي آباد ٿيندا هيا ۽ مِٽيون مائٽيون ٿينديون هيون. سوڍن راجپوتن کان سواءِ انڙ آباد جي عبدالواحد آريسر کان وٺي لال محمد آريسر جون مِٽيون مائٽيون هُن پر هونديون هيون. اڄ به حويليءَ جو ڪاڪو ڪمل سنگهه سوڍو هُن پر پرڻايل نياڻين کي ساري ٽڏا ساهه پري ٿو. ته هوءَ مالهو پيلڻ هاسيسر جي ريلوي اسٽيشن جي بينچ تي ويهي پَن جي بيڙي دُکائي، هفتي ۾ هڪ وار گذرندڙ راجا جي ريل جي ڇڪ ڇڪ ٻُڌي، پنهنجن پيٽن ۽ پائرن کي ساري، وقت جي سرڪار کي هڪ ڪچي گار ڏيو ڇڏي. جيتوڻيڪ هوءَ خود به هاڻ اها مالهو ناهي رهي، پر وقت جي تک ۾ وهندي، مسلمان ٿي مريم انڙ بڻجي چڪي آهي. اڄ به سڏهوئيءَ جا شيطان سنگهه سميت سمورا سوڍا پنهنجن پيارن ۽ پيارين کي پرڻائڻ لاءِ ٻاڙمير، موناٻائو ۽ چوٽڻ

وجڻ لاءِ مهينن جا مهينا ويزا جا چڪر تا لڳائين. اڄ بہ ٽيپريءَ جو عمر پنيرو، جيسلمير چوڪيءَ جي جماعتين ڪي ساري هنجون هاري ٿو. اڄ بہ چور جو شريف ڊيزل، پنهنجي پياريءَ ڪي ڏسڻ لاءِ ٻاڙمير جا وڻ ڏسڻ لاءِ تڙپي پيو ٿو. اڄ بہ نيو چور جو راڃو حجام، پنهنجين نج نبار گهيہ مان نهيل منائين جي خواجا اجمير تائين هاڪ ڪي ساري ٽڏو ساھ پري چوي ٿو، اهي پي ڪي ڏينهن هوندا هيا. جيتوٽيڪ هاٽي انهيءَ جانوءَ نهڙيءَ جي جاءِ الائي ڪنهن والاري آهي جنهن لاءِ مشهور هيو تہ سندس سياڊپ سبب صدر ايوب خان ڪيس پاڻ سان گڏ ويهاري مانيون ڪارائيندو هيو. هاڻ جالوءَ جي چئونري جي انهيءَ لطيف سومري جي جاءِ الائي ڪنهن والاري آهي، جيڪو ايندن ويندن ڪامورن ڪي اجرڪون اوڍائي ڪين ٿر جي ماروئڙن جا سُور پشاور جي قصاخواني بازار جي ڪنهن قصا گو جيان ٻُڌائيندو هيو. اڄ بہ گوئينداٽيءَ جو رهاڪو وڏيرو عبيدالله سمون، ٻاڙمير جي رهاڪو حاجي سمن جو ڊنڊ ڪي پار ناهي گابڙي راند ڪندي ٻُڌي مرڻ جا قصا وڏي طمطراق سان ٻڌائيندو آهي. اڄ بہ شفي فقير جي ورلاپ ۾ ايترو تہ درد آهي، جوسندس اباڻي وطن ميڙاسر ڪان ٻاڪاسر تائين اهو ورلاپ پڙُن ۾ ور ور ڪري پيو گونجندو آهي، اڄ بہ ڀٽاري جو رهاڪو وسايو ڪنڀار، سرگوشيءَ جي انداز ۾راجا جي ريل جي ڊرائيور ڪي ڪانين جي پري ڏيڪاري ريل بيهارڻ جو داستان فخريہ انداز ۾ ٻڌائيندو آهي. ۽ پوڙها ٽريا اڄ بہ ڪوڪراپار شهر ۾ ارباب راهمي جي هوٽل ۾ ويهي حاجي سراج سومري جو، اقبال ايند ڪو ۾ سٺ روپين جي پگهار واري نوڪريءَ ڪان شروع ٿي ارب پتي ٿيڻ جو داستان وڏيءَ خوشيءَ سان ٻڌائيندا آهن. ۽ اڄ بہ چاچري جي ڏرتيءَ تي جونجهارن جو اوٺو، پنهنجي بهادر جونجهارن جي اولاد ڪي ڏسڻ لاءِ تڙپي ٿو. تہ ڊيبوڙيءَ جو عنايت نهڙي، پيراٽي جي پار جو حيات نهڙيءِ جمعون سومون جو ڄام مريد سمون، پَرينءَ پر وسنڌڙ پنهنجن پيارن ڪي ساري تڙپن تا تہ ڀٽاري جو ابراهيم ڪنڀار چوڻ ۾ پنهنجي ڏاڏي جي قبر تي قل پڙهڻ لاءِ هٿ مهٽي ٿو.

مجون تا تہ ”پاڪ وطن“ جي حاصلات لاءِ هنن ماڻهن، پنهنجن پيارن ڪي سارينديءَ ۽ آهون پريندي پنهنجون زندگيون گذاري ڇڏيون، پر پوءِ بہ وطني نہ ٿي سگهيا. پرڪ جا ٻنا معيار تہ ڏسو جو پنجاب جو مسلمان چوڌري ۽ خالصو چوڌري هڪ ٻئي ڪي ايترو تہ ويجها آهن جو ٻنهي پارن جون سايون پاجيون ۽ ميوا شام ٿيڻ ڪان اڳ ٻنهي طرفن جي ڳوٺن ۾ پهچيو وڃن. ۽ هن پار جا ٽريا اڏ صديءَ ڪان هڪ ٻئي جون شڪليون ڏسڻ لاءِ واجهائيندا وتن. اڄ جڏهن وقت بدليو آهي، دنيا گلوبل وليج ۾ تبديل ٿي آهي، تڏهن اسان وارن

صاحبلوڪن ڪي ڪوڪراپار بارڊر ڪولڻو پيو پوي. راجا جي ريل جي پٽڙي روان دوان ٿيڻ لاءِ تياريون پئي ڪري، تڏهن مطالبن جي مارا مار شروع ٿي وئي آهي، ته ڪوڪڙو نه ڪوليو. انهيءَ سان لوڊون اينديون، ڪٽڪ ايندا، جهيڙي واري ڳالهه اها آهي، اسان اڄ ڏينهن تائين واڳهه وسيلي وطني ٽيندڙ ڪيترا ڪٽڪ روڪي سگهيا آهيون. ڪل جهڙي ڳالهه اها به آهي ته وطنين سان ويساهه گهاتيون ڪندڙ جماعت اسلاميءَ جو نيڪڻ فقير ڪوڪراپار ڪولڻ جو وڏو وڪيل ٿي ميدان تي لٿو آهي ۽ سندس سامهون سنڌ جو هڪڙو وڏو دانشور پنهنجي پوري ٽيم سميت، پنجاب جي پاليسيءَ جي وڪالت ٻيٺو ڪري ته ڪوڪروپار ڪڏهن به ڪولڻ ڪونه ڏبو. خبر ئي ڪونه ٿي پوي ته ڪير ڪنهن جي وڪيٽ تي پيو ڪيڏي؟ دعا ڪريو ته ويران اسٽيشنون جلد آباد ٿين، تر جي مسڪين ماڻهن کي روزگار ملي، ڇور شهر ۾ مرحوم جوڻيجي جون نهرايل ڪسٽم آفيسون جلد آباد ٿين. دعا ڪريو ته ستر ۽ اسيءَ جي وهيءَ جون ٻنهي طرفن جون مائرون، ٻنهي طرفين پرڏايل پنهنجي ڏيئرن کي اکين سان ڏسن. دعا ڪريون ته تمام جلد سنڌ جا انب، ليما، ڪيلا، بصر ۽ موريون انڊيا جي بازارن ۾ وڪامن. ان لاءِ اچو ته گڏجي دعا ڪريون ته ڪوڪراپار جلدي کلي ۽ پاڻ راجا جي ريل جي ڇڪ ڇڪ ٻُڌون.

خير، پاڻ هلون ٿا واپس ڇور ڏانهن جتي چڱا موچارا مُهاندا پنهنجي هن قصي جي انتظار ۾ هوندا. سو ڪجهه وقت بعد ڇور ۾ نوڪري هوندي به عمر ڪوٽ ۾ رهائش اختيار ڪيم، موجوده ٽائون ڪميٽي عمر ڪوٽ جي ايرنڊئين گيٽ وٽ موجوده دڪان واري جاءِ ۾ حبيب بينڪ هوندي هئي. ان جي مٿان موجوده فليٽ حبيب بينڪ جو گودام هوندو هيو. ان کي خالي ڪرائي ان ۾ رهڻ لڳس. ڇور ۾ ان وقت ڇانوڻي ڪونه هوندي هئي، صرف آرمي ڊيزرٽ وار فيئر اسڪول هوندو هيو. جنهن ۾هڪڙو ڪرنل، هڪڙو ميجرءِهڪڙو ڪيپٽن هوندا هيا ۽ باقي سپاهه هوندو هيو. پراڻي ڇور ۾ انڊس رينجرس جي 31 ونگ هوندي هئي جنهن ۾ صرف هڪڙو ميجر هوندو هيو. فوجي عهدا، ڊسيپلين ۽ انهن جي جوڙجڪ مون اتي ڏٺي ۽ سمجهي هئي. حالت اها هئي جو ڪرنل، ميجر سان ويهڻ ۾ عيب سمجهي، ميجر وري ڪيپٽن سان ويهڻ ۾ پنهنجي گهٽتائي سمجهي ۽ ساڳي حالت صوبيدارڪان سپاهيءَ تائين هئي. ان سڄي ڊسيپلين واري قصي ۾ڦاٿو هڪڙو بينڪ جو مينيجر. هڪڙو اتي ته ٻيو ڪچهريءَ لاءِ اچي. ان ڪري جو آفيسر طبقي لاءِ پوري علائقي ۾ واحد سويلين آفيسر هيس. پر مزي جي ڳالهه اها هوندي هئي ته سپاهين لا به ڪچهريءَ جو واحد ذريعو آئون ئي هوندو هيس. جيتوڻيڪ سپاهي ۽ صوبيدار ويچارا

مون کي سر، سر ڪري ڳالهائيندا هيا. پر جيئن تہ منهنجي طبقي جا هيا ان ڪري آئون انهن جي آفيسرن کان وڌيڪ ڪين عزت ڏيندو هيس. فوجي پائرن سان انهن ڪچهرين جي دوران هڪ ڏينهن حيرت ۽ تجسس ۽ پريشاني تڏهن ٿيم. جڏهن هڪڙو ڇاتل سجاتل مُهانڊو بينڪ ۾ لنگهي آيو. ڪيس شهر ۾ اڪثر ڏسندو رهندو هيس پر واقفيت نہ هيم ۽ نہ ئي واقفيت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هيم. موصوف مون سان هٿ ملائي سرگوشيءَ ۾چيو، ڪامريڊ فوجين سان گهٽ ڪچهري ڪندو ڪر، هتي ايجنسين جو ڄار پکڙيو پيو اٿئي ۽ اها مفت ۾ ڪيل، ڦلهر ٿنگائي نہ وجهئي. هن نئين همراه پاران مونکي ڪامريڊ چوڻ حيرت جهڙي ڳالهہ هئي. همراه تہ ايئن چوندو هليو ويو، پر مون کي ٿڏا پگهر اچڻ لڳا، ڪجهہ دير سوچيندو رهيس تہ ڪامريڊي ڇڏيئي بہ ورهيہ ٿي ويا آهن، هتي پيپلن سان پيپلو ٿيو پيو هلان تہ وري ليگلن سان ليگلو. پوءِ هيءَ بلا ڪهڙي هئي جنهن ڪامريڊ چيو. نيٺ محمد رحيم سمي کي سڏي ڪانئس پڇيم تہ هيءُ همراه ڪير هيو.؟ جنهن ٻڌايو هيو تہ موسميات کاتي جو آفيسر سهراب جنجهي آهي. سهراب جي ذات ٻڌڻ سان زير لب مسڪرائي وينس، پڪ ٿيم تہ ڪامريڊ ڄام جو عزيز هوندو، ۽ مون کي چڱي طرح سڃاڻيندو هوندو تہ هي پراڻو ڪامريڊ هتي وينو فوجين سان دوستيون وڌائي ۽ نيائي. سوچيو هوندائين تہ هن کي ڪل ئي ڪانهي تہ سندس لاءِ توڙي سموري سنڌ جي پڙهيل لکيل سڄڻن لاءِ هنڌين ماڳين ڪوڙڪيون اڏيون پيون آهن.

ان زماني ۾ لال محمد سومرو ۽ لال محمد سميجو ٻئي ننڍڙا زميندار ۽ پيپلز پارٽيءَ جا همدرد هوندا هيا. پر جماعت سڳوريءَ سان بہ رهايو ايندا هيا، ايئن چئون تہ ڪَن لڪائيندا وتندا هيا تہ بہ ڪو وڌاءُ ڪونہ ٿيندو. ڪو جيلاني جماعت جو سهارو وننڊو هيو تہ ڪو وري سرڪاري ملازمت جو، مڙوئي وقت پيو گذرندو هُين. تن ڏينهين انهيءَ تر ۾ هڪڙو نئون وڏيرو پيدا ٿيو هيو، جنهن جو اڌ خاندان دين سان واڳيل ڪمن ۾ اڳرو هوندو هيو. انهيءَ وڏيري لاءِ خلق خدا ڳالهيون ڪندي هئي تہ دِين جي شوق بجاءِ ڏن جي شوق ۾ هڪ سال جي پيادل جماعت سان پشاور ويو هيو ۽ اتان ڪان وِهاٽي ۾ بہ ڪلو پائوڊر ڪٽي آيو هيو، جيڪا صوفي فقير جي ڳوٺ جي مسجد مان پڪڙجي پئي هئي. هن ديندار پوءِ بہ همت نہ هاري هئي، وري ٻيو ڀيرو بہ مڙس دين جي ڀلي لاءِ تبليغ تي ويو ۽ هڪ سال جي جماعت سان پيرين پيادو هلندو هلندو ڪامياب ٿي اچي ماڳ تي پهتو هيو، ۽ پوءِ اِدهر کا مال اُدهر ڪندي، بہ ڪلو پائوڊر جا بہ ڪروڙ ڪمائي، پلوڙ جايون جوڙائي، ڪجهہ جيتريون زمينون خريدي، ڪافي ڪاروبار شروع ڪري، باقائدي نيڪ نمازي ٻڻجي ويهي رهيو

هيو. منهنجي خيال ۾ خلق خدا هن ڏي هروڀرو جو آڱريون ڪڻندي هئي. هن جهان ۾ مُلو هجي يا موالي، پر نفس ڪنهن ڪنهن کان ٿو مَري. گهڻا ٽڻا اسان جهڙا نفس جا ٻڌا ٻانها ٿيا پيا هلن. سوچيان ٿو انهيءَ جي جاءِ تي اسان جهڙو هجي ها ته ٻه ايئن ئي ڪري ها. رهيو سوال رب کي ريجهائڻ جو، سو تنهن لاءِ ڪوڙ ڄمار پئي آهي.

تڏهن چور جي ڇانوڻي نئين نئين نهڻ شروع ٿي هئي، اتي موجود ڪرنل، ميجر ۽ ڪيپٽن منهنجا گهاٽا يار هيا. جنرل عبدالوحيد ڪاڪڙ، آرمي جو چيف هيو، جنهن کي ڇانوڻيءَ جي پيڙهه جو پٿر رکڻو هيو، منهنجي يارن جي معرفت مون کي جڏهن انهيءَ تقريب ۾ شرڪت جو دعوتنامو مليو هيو، ته ڏاڍو خوش ٿيو هيس، ڇو جو مظلومين ۽ محرومين جي زندگي گهاريندي ڪڏهن ٻه اهڙي ڪنهن تقريب ۾ شريڪ نه ٿيو هيس. جنهن ۾ ايڏو وڏو آفيسر هجي، پانئيان ٿو ته سموري تقريب ۾ سويلين چار ڇٽا هياسين. ڊپٽي ڪمشنر، ايس پي، سائين لال محمد ۽ آئون. جڏهن آرمي چيف سان هٿ ملايو هيم ته دل ۾ گد گد پئي ٿيس، ان وقت ڪامريڊي وغيره سڀ وسري ويون هيون، ٻيو ته نهيو پر تقريب ۾ پهچڻ لاءِ پِن جي موٽر سائيڪل تي وڃڻ وارو ٻه احساس ڪونه رهيم، جنرل عبدالوحيد ڪاڪڙ سان ساڳيءَ ٽيبل تي ويهي ريفريشمينٽ ڪرڻ وقت ٻه هوائن ۾ پئي اڏاميس. انهيءَ ئي شام جو جڏهن دعوت مان واندو ٿي بينڪ ۾وجي وينو هيس، ته سدائين سامهون نمن جي ڇانوَ ڪٽن تي ويهندڙ سفيد ڏاڙهيءَ وارو پوڙهو ظفر اتي ملڻ لاءِ آيو هيو، هن جيئن ئي مون سان ملائڻ لاءِ هٿ وڌايو، تيئن ئي مون پنهنجو هٿ پوئتي ڪندي مذاق ۾ڪيس چيو، ظفر ياءُ اڄ هيءُ هٿ مون آرمي چيف جهڙي اهم ماڻهوءَ سان ملايو آهي، ان ڪري آئون نٿو چاهيان ته اڄوڪيءَ تاريخ ۾ ڪنهن عام ماڻهوءَ سان ٻه هي ساڳيو هٿ ملايان. جيئن ته ان وقت بينڪ مان سمورو عملو وڃي چڪو هيو، صرف اسان ٻه ئي هياسين جن اهي احوال پئي ڪيا. پوڙهي ظفرکِلندي کِلندي قميص جي پاسي واري کيسي مان هڪڙو ڪاغذ ڪڍندي پڇيو ته توهان کي ڪيئن دعوت ملي هئي؟ وراڻيومانس ته هي جو سڄو ڏينهن ڪرنل کان وٺي سپاهين کي پيو ڇانهيون پياريان سي ايئن ته ڪونه آهن. ضرور انهن دعوت ڏياري هوندي.!! منهنجي ورندي ٻُڌي مسڪرائيندي ڪاغذ مون ڏي وڌائي چيائين مينيجر صاحب آئون هن علائقي جي اهم ايجنسيءَ جو باردر تائين انچارج آهيان. آرميءَ وارن توهان سان گڏ ڪوڙ سارن سول ماڻهن جي لسٽ ڏني هئي جنهن مان مون صرف چار ماڻهو ڪليئر ڪيا هيا، هاڻ ٻڌايو ته توهان کي ڪنهن موڪليو هيو؟ ان وقت مون کي ڄام ساقيءَ جو عزيز سهراب ياد آيو، جنهن هَلي مَلهي اڇي چيو هيو، ته

ڪامريڊ خيال ڪر!! ان وقت خبر پيم تہ هتي تہ رڳو ايجنسيون پکڙيون پيون آهن، ميرمحمد پنيري جي بقول تہ چور ۽ عمرڪوٽ جو هر ٻيو ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان ايجنسين جو پگهاردار يا اطلاع ڏيندڙ آهي. ياد آيم تہ عمرڪوٽ جي منهجي گهر جي پر واري جڳهہ ۾ڪجهہ ماڻهو رهندا هيا، جن مان عارف نالي هڪ همراهہ سعيد آباد جو رهاڪو۽ سنڌي ڳالهائيندڙ مهاجر هيو، جيڪو اڪثر ڪري منهنجي ننڍڙي خادم کي تمام گهڻو فروٽ وٺي ڏيندو هو. ماڻهو چوندا هيا تہ اهو بہ ڪنهن ايجنسيءَ جو ملازم آهي. تنهن هڪڙي پيري مونکي مانيءَ جي دعوت ڏني هئي تہ وراڻيو هيومانس ٻيلي آئون ايجنسين جي ماڻهن کان ڏاڍو ڊڄندو آهيان. منهنجي اهڙي جواب تي کِلي پيو هيو ۽ پوءِ هڪڙي ڏينهن مونکي منهنجي ڳوٺ، گهر، گهر ڀاتين توڙي اوڙي پاڙي جي مڪمل خبر چار ڏيندي چيائين، سائين اسان وٽ توهان جي مڪمل ڊيٽا آهي، پر جيئن تہ توهان هاڻي بي ضرر ۽ نڪما آهيو ان ڪري توهان تي وقت ڪونہ ٿا وڃايون.

ڳالهہ پئي هلي اهم ايجنسي جي پوڙهي ۽ چور جي، ان زماني ۾ هندستان ۽ پاڪستان ۾ ڪنهن معاملي تان ڇڪتاڻ شروع ٿي هئي تہ اسان جي سرڪارِنامدار وڏو همت ڀريو ڪارنامو سرانجام ڏيندي، بارڊر جي طرف 25 ڪلوميٽر تائين ڪرفيو لاڳو ڪري ڇڏيو هيو. مطلب تہ ٿر جي بارڊر کان وٺي ايتري وڏي مفاصلي تائين جا پاڪستاني رات جو پنهنجي گهرن کان ٻاهر نہ نڪرن، نہ ڄاڻ ڇو؟ يا تہ هنن يارن کي هتي جي ماڻهن جي حب الوطنيءَ تي شڪ هيو، يا وري انهي ڪرفيو جي آڙ ۾ ڪو ٻيو ڪم ڪرڻو هين. خير اسان جي زونل چيف شبير سيتائيءَ کي اڇي ڪوڪراپار گهمڻ جو شوق جاڳيو، هرروز مون کي فون ڪري تہ ڪوڪراپار گهماءِ. هڪ ڏينهن انهيءَ پوڙهي ظفر سان ڳالهہ ڪيم تہ ڇاتي نوڪي چيائين هلو. مون حيران ٿيندي چيو، پر ڪرفيوءَ جو ڇا ٿيندو؟ نہ پهہ وراڻيو هيائين، تہ سائين انهيءَ جي پرواهہ نہ ڪريو. پوءِ جڏهن اسانجو قافلو راجا واري ريل ۾ سڄو سارو گاڏو بوڪ ڪرائي ڪوڪراپار روانو ٿيو هيو، تہ ظفر بہ ٻئي ڪنهن گاڏي ۾ اسان جو همسفر هيو، ڪوڪراپار اسٽيشن تي لهڻ وقت ظفر جا ماڻهو هن نئين مخلوق کي هتي ڏسي گهيري ويا، اوچتو ظفر ڪنهن گاڏي مان نروار ٿيو اکين اکين ۾ نہ ڄاڻ ڪهڙا اشارا ٿيا، اسين ناپسنديدهہ مان وي آئي پي ٿي وياسين. وڏي ۾ وڏو ممنوع ڪم يعني پنهنجي ديس جي حسين منظرن جي فوٽوگرافي بہ ڇيڪ ڪندا وتياسين ڪنهن ڪونہ ٿي روڪيو يا پڇيو. واپسيءَ جو سمورو سفر جيپن جي ذريعي ڪري، پرچي جي ويري ۽ جالوءَ جو چونرو اسٽيشنون گهمندا آياسين پر ڪابہ رنڊ روڪ ڪونہ ٿي هئي.

چور جو ذڪر هلندي ڪن چڱن موچارن مهاندن جو ذڪر نہ ڪجي تہ پاڻ ماڻهو ڪوڙهيو ٿي مري. سو يادگيرو ٿو اچيم تہ هڪڙو عبد المجيد ناغڙ هوندوهيو، سڄي شهر جو ڪاڪو، تن ڏينهين پانيان ٿو تہ سندس عمر 85 کن ورهيہ هوندي هئي، پر بدن ۾ هٽو ڪٽو لڳو پيو هوندو هيو، مادري ٻولي پانيان ٿو اردو يا مارواڙي هيس، ورهاڱي وقت پريان ڪان آيل هيو، پر هتي رهي، هتي جو ئي ٿي ويو هيو، سنڌي ٻولي ۽ ان جي ڊاٽڪي لهجي تي عبور هيس. انگريز جي فوج کان وٺي پاڪستان جي ريلوائيءَ ڪاٽي مان نوڪريون ڪري رٽائر ڪيو هيائين. چور ۾ چڱو موچارو ڪاروبار هوندو هيس، ڪروڙپتي هوندو هيو. پر سندس وات مان گار ايئن نڪرندي هئي پاڻ اها بہ سندس ٻوليءَ جو حصو هجي. جيئن چوندا آهن تہ چري بہ پوندي مان سمجهندي آهي تيئن ڪاڪو مجيد اهو ضرور سمجهندو هيو تہ اڳلو گار سهڻ جهڙو آهي يا نہ. پوءِ جي سهڻ وارو هوندو هيو تہ الله ڏئي امان، سگريٽ جي سُوٽي سان گار جا ڏوڙيا هوندا هيا، خلق ڪنن جي پاپڙين تي هٿ رکي پڇڻ جي ڪندي هئي ۽ ڪاڪي جون هڪلون هونديون هيون. ڳالھ ڪندا هيا تہ هڪ پيري ڪاڪي جي گارين کان بيزار ٿي جمن پنيري، لال محمد سميجي ۽ ٻين دوستن ڪاڪي کي نيپ ڏيڻ جو پروگرام ناهيو، سو بہ ايئن جيئن نانگ بہ مري ۽ لٺ بہ نہ ڀڄي. صلاح سان وٺي ڪاڪي کي پوزيون ڏنائون تہ تون پوڙهو هوندي بہ پهلوان آهين اسان مان ڪنهن سان ملھ وڙه تہ خبر پئجي ويندئي. ڪاڪو ملھ لاءِ تيار ٿي ويو، مقررڏينهن تي لال محمد سميجي ۽ ڪاڪي جو مقابلو ٿيو، ان زماني ۾ لال محمد جي عمر مشڪل سان چاليهارو ڪن سال هوندي ۽ ڪاڪو 85 جو هيو. سندرا ٿيا، صلاح موجب لال محمد پنهنجو پاڻ ڪاڪي جي حوالي ڪري ڇڏيو، ڪاڪي مجيد اندريان ٻاهريان جاننا هٽي وجي لال محمد کي ڪيرايو، تاڙيون وڄي ويون، ڪاڪو هڪڙي ٽنگ تي پيو نچي، نچيو نچيو اچي لال محمد جي ٻوٽ ۾ پوندا گهروڙيو رکي. صلاح موجب ٻيءَ ملھ لاءِ لال محمد انڪاري ٿي بيٺو، ڪاڪي هڪلون ڪري ٻولائي اٿاريس، وري سندرا ٿيا، هاڻي لال محمد ٽري ملهن واري ڪانءَ ٻولاٽي ڪائي ڪاڪي کي اهڙو تہ پُنو هنيو جو مٿو مٿي تي ڏئي واريءَ ۾ پوريل سر تي اچي هنيائينس. مٿان مڙس جو مٿو ۽ هينان پڪي سر، ڪاڪو ڏِڪرجي ويو، ٽريون هنيائون، هٿ پير مهٽيائون، تڏهن وڃي ڪو ڪلاڪ کن ڪان پوءِ ڪاڪو هوش ۾ آيو. سيني کي پڪ هئي تہ ڪاڪو هاڻ گار ڪونہ ڏيندو، پر سامت ۾ ايندي ئي ڪنڌ ڏوٽي هيڏانهن هوڏانهن نهاري سيني کي پوندو ڏيندي، انتهائي ڪچي گار

ڏيندي چيائين، اوهان تہ پروگرام ناهيو هيو، پر آئون اوهان جي پيءُ ڏاڏي کان ڪونہ مرندس.

تن ڏينهين ڏاڙيل شريف ڪالرو، سندس ڀاءُ سليمان ڪالرو ۽ قلهڏين جو محمد رحيم شر اوبل سويل مرحوم نوري آريسر وٽ اچي ڪن لڪائيندا هيا. اها ڳالهہ ٻڌي محمد رحيم شر، چاچيءَ تي هٿ هنيو تہ انهيءَ همراهہ کان آئون ڳار ڏيڻ چڏائيندس، توهان رڳو مونکي ڏيکاريو. پروگرام موجب هڪ ڏينهن محمد رحيم، بگي ڪهاڙي کٽي وجي سندس دڪان تي چڙهيو. خبر چار ونڻ وقت ڪاڪي ڪي پنهنجو صحيح نالو ۽ ذات ٻڌائيندي چيائين تہ منهنجو والد گذاري ويو آهي، ڪالهہ منهنجي امڙ جي عدت پوري ٿي آهي. فيصلو ڪيو اٿم تہ امڙ جي شادي ڪرايان، ان لاءِ توهان وٽ آيو آهيان تہ توهانجي بہ گهر واري گذاري وئي آهي ۽ توهان هلي منهنجي ماءُ سان نڪاح ڪريو. ڪاڪو اهڙي ابتي خبر ٻڌي ششدر ٿي ويو، هيڏانهن محمد رحيم بہ ضد ڪري بيٺو تہ آئون پنهنجي ماءُ کي ڳار ڏئي چڪو آهيان، هل هلي نڪاح ڪر نہ تہ، هيءَ ڪهاڙي هڪڙي هٽندوساڻءِ سِسِي هُتي پئي هوندئي، هوريان هوريان ٿيندي ممڻ متو، محمد رحيم جو ڪهاڙيءَ جون الرون، ڪاڪي مجيد جون رڙيون، خلق جي جهل جهلان. سڄو شهر اچي گڏيو جيئن تيئن ڪري ڪاڪي جي جان آجي ڪرايائون. ڪجهہ ڏينهن ڪاڪو جهڪو ٿيو، جو مٿان منهنجي چور ڏانهن بدلي ٿي، خبر پيس تہ ڪوئي شر بينڪ جو مينيجر ٿي آيو آهي، ڪجهہ ڏينهن پڇائون ڪندو رهيو، تہ هُن ڪهاڙيءَ واري جهڙو تہ ڪونهي، جڏهن پڪ ٿيس تہ جهيڙي ڦڏي وارو ڪونهي، پوءِ تہ محمد رحيم جون سڀ ڪسرون مون مان ڪڍيائين، هر روز صبح جو منهنجي ٻُهٽي ئي ڳار سان ڪرائي، دڪان تان ڦيرو ڏئي پنج ست ڳاريون ڏئي هليو وڃي. هڪ ڏينهن پڇيو مانس ڪاڪا پلا مون تنهنجو ڏوهہ ڪهڙو ڪيو آهي جو روزانو ڳارين جا ڏوڙيا لايو بيٺو آهين.؟ تہ چيائين يار هُن لوفر شر مونسان اهڙي جُٺ ڪئي هئي جهڙي هيڏي ساري ڄمار ۾ ڪنهن نہ ڪئي. ان ڪري شر ذات ٻُڌان ٿو تہ منهنجي ٻُت تي ڪيڙيون ٿيون چڙهن ۽ لهن. ڀانئيان ٿو توکي ڪچو ڪائي وڃان.

پراڻي چور، جنهن کي گهٽا ماٺهو چور ٽيشڻ بہ چون ٿا، سا جوڌپور جي راجا جي ريل جو جنڪشن اسٽيشن هوندي هئي ۽ اڄ بہ آهي. اسان کي جنهن زماني ۾ چور جا وڻ وسائٽا پيا هيا، تنهن زماني ۾ چور جي اسٽيشن ۽ ان جي آس پاس جي دڪانن آڏو نمن جا وڏا وڏا وڻ بينل هوندا هيا. جن جي ٿڌڙي ڇانو ۾ تر مان ايندڙ ۽ ويندڙ مسافر پنهنجي مڏي سيرانديءَ ڪيو، آڏا پاسيرا ٿي سمهي، سفر جا ٿڪ پيا لاهيندا هيا. تہ ڪي وري سفر جي

تياريءَ لاءِ مال مڏي سوريندا نظر ايندا هيا. هتان ڪان اڳتي ٿر ڏي واهن جي پاڻيءَ جي وڃڻ جو ڪوئي رستو ڪونہ هوندو هيو. شايد انهيءَ راجا جي پاران يا انگريزن جي پاران اهو انتظام هوندو هيو تہ جيڪا بہ ريل گاڏي هتان ڪان اڳتي ٿر ڏي ويندي هئي سا انسانن توڙي جانورن جي پيئڻ لاءِ هتان پاڻي کڻي ويندي هئي. جنهن لاءِ بہ مخصوص پاڻيءَ کڻڻ وارا ٽانڪين جهڙا گاڏا انهيءَ ريل ۾ هتان ڪان جوڙيا ويندا هيا. جيڪو پاڻي اهي رستي ۾ ايندڙ اسٽيشنن تي سرڪار طرفان سيمنٽ سان ناهيل وڏن ڊڪيل تلائن ۾ لاهي جمع ڪري پاڻ ڇڪ ڇڪ ڪنديون اڳتي راهي ٿينديون هيون.

۽ جڏهن پهريون ڀيرو راجا جي ريل رستي کوکراپار پئي ويس تہ جالوءَ جي ڇئونري جي ريلوي اسٽيشن تي پهچڻ کان اڳ ۾ ريل گاڏيءَ جيئن ئي سيٽي وڄائي هئي، تہ منهنجي حيرت تيئن ئي وڌڻ لڳي هئي جو ٿر جي جهنگ ۾ بنان ڪنهن ڊراڙ جي جل چرندڙ جانور، رڍون، ٻڪريون، ڍڳيون، اُٺ ۽ گڏهہ ريل گاڏيءَ جي سيٽي ٻڌندي ئي ٿهي پري پڃڻ جي بجاءِ پُور سِراڙي ۾ کُڏڪار ڪري ريل ڏي ڊوڙڻ لڳا هيا. سندن ٿهي پڃڻ بجاءِ ريل جهڙيءَ بلا ڏي ڊوڙڻ جي ابتي عمل تي ڏندين آڱريون ڏئي پر ۾ وينل سنگتيءَ شريف ڊيزل کان حيرت مان پڇيو هيم تہ ” شريف هيءَ ڪهڙي ماجرا آهي جو هي جانور ريل ڏي ڊوڙندا اچن“؟ هن وراڻيو هيو” ٻروچ! تون ٻئراجن واري علائقي جو ماڻهو آهين، تو وٽ پاڻيءَ جون پلورون آهن، ۽ توکي تہ پاڻيءَ جي نہ هجڻ جو احساس ئي ڪونهي. هتي ڏس هي مال ڀتارو بہ ريل جي ٽائيم تي سيٽي ۽ ڇڪ ڇڪ جي آواز تي پاڻهي ڊوڙندو صرف اُڃ اجهائڻ ٿو اڇيو وڃي ۽ جيڪر ريل هڪڙو بہ ڏينهن نہ بہ هلي تڏهن بہ هي گگدام ريل گاڏيءَ جي ٽائيم تي هتي پهچي انهيءَ سيٽيءَ ۽ ڇڪ ڇڪ کي ڪنائيندا رهندا آهن، ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ ويچارا گگدام اڃيا ئي واپس هليا وڃن. انهيءَ مان اندازو لڳاءِ تہ اسان ٿر جي ماڻهن توڙي اسان جي جانورن وٽ ڳائي ۽ ماهئي گهيہ کان وڌيڪ قدر پاڻيءَ جي ڦڙي جو آهي.

هن جي انهيءَ جملي منهنجا وار ايا ڪري ڇڏيا هيا، سوچيو هيم تہ بي زبان جانور بہ اها سمجهہ رکن ٿا تہ هيءَ ريل سندن اڃ اجهائڻ لاءِ پاڻي تي آڻي.!! پوءِ آئون ڪانئس گهڻو ڪجهہ ٿر جي باري ۾ ٻڌندو، سِکندو ۽ پرائيندو رهيو هيس. سو شريف نهڙي عرف عام ۾ ڇور شهر ۾ شريف ڊيزل سڏبو هيو. مون جڏهن کيس ڏٺو هيو تڏهن هو ڊيزل وڪڻندو هيو، ٿي سگهي ٿو تہ انهيءَ سبب يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري ماڻهوکيس شريف ڊيزل سڏيندا هيا ۽ پائنيان ٿو تہ اڄ بہ سڏينس ٿا. هو مڙس نندي هوندي تہ الائي ڪيئن ۽ ڪهڙو

هيو پر جڏهن مون سان ياري ٿيس ته وڏي ڪِٽ هوندو هيو. پهرين ڳالهه ته سندس وات ڪچهريءَ ۾ جيڪي به اکر نڪرندا هيا سي سڀ ڪاروباري دنيا بابت هوندا هيا، کهڙو ڏنڊو ڪجي، کهڙيءَ شيءَ کي اسٽاڪ ڪري رکجي، پئسي مان پئسو ڪيئن ناهجي وغيره وغيره. ٻي ڳالهه ته پوڳ چرچي ۾سندس وات مان نڪرندڙ هر گفتو تور تڪ سان اهڙو ته پڪو ۽ ٻه ٽُپيو نڪرندو هيو، جو انهيءَ جي ذو معني واري مطلب تي اڳلي جا ترا نڪري ويندا هيا.

هو بنيادي طور هڪڙي مسڪين ٽرئي منا خان نوهڙيءَ جو ٻار هيو، سندس والد مرحيات ڪوئلا ناهڻ جو ڪم ڪندو هيو ۽ نندي هوندي هي به پيءُ سان گڏ جهنگ مان ڪاٺ وڍي ڪوئلا ناهي، انهن ڪوئلن جو ٻوريون ڀُنن تي ڍوئي وڪڻندو هيو. ايئن ٻاروتڻ کان ڪوئلي جي لينگهن ۾ ٿَقجي جوانيءَ تائين پهتو هيو ۽ جوانيءَ ۾ ٻاروتڻ جي ڪاڏل سورن جو احساس دل ۾ رکي سخت محنت سان گڏوگڏ پنهنجي تجربن جي آڌار نيون نيون حڪمت عمليون اختيار ڪندي ڪندي هوريان وهيءَ جي موٽڻ جي رُت ۾پنهنجي مچيءَ مانيءَ وارو ٿي پيو هيو يا انهيءَ کان به مٿي چئون ته ٽيڪجي پيو هيو، ۽ انهيءَ زماني ۾ ئي مون چور جو شهر وڃي وسايو هيو، جو مون سان ياري ٿي هيس، تڏهن هن وٽ به عدد پيٽرول پمپ هوندا هيا ۽ چور شهر ۾ به گهٽي ٽٽي ڪاروبار تي حاوي هوندو هيو.

شريف نوهڙي سنڌيءَ جا ٻه چار ڪتاب پڙهيل هيو، پر هينئين جي زور تي انڊي منڊي انگريزي پڙهي، لکي ۽ ڳالهائي به سگهندو هيو. گهٽ پڙهيل هئڻ جي باوجود به آرڪيٽيڪچر جو اهڙو ته ماهر هوندو هيو جو چڱن موچارن انجنيئرن کي هوند مات ڏئي وڃي. تنهن زماني ۾ جنهن به سڪئي ستابي کي پنهنجو پڪو گهر جوڙائڻ جو خيال ٿيندو هيو ته انگوڇو ڪلهي تي رکي هلندو هيو شريف ڊيزل ڏي. ڪڏهن ڪڏهن منهنجي ويٺي جڏهن هو صلاح وٺندڙن جي آڏو سفيد ڪاغذ رکي پينسل سان پلڪن ۾ اڳلي جي گهر لاءِ ڪنهن ماهر انجنيئر جي ماپ موجب ليڪا پائي، خوبصورت نقشو جوڙي اٿندو هيو ته مون جهڙي ڪتابيءَ کي، شريف ڊيزل جهڙي اڌ پڙهيل جي انجنيئري دماغ تي ڏندين آڱريون اچي ويندي‌يون هيون. رڳو ليڪا پائڻ تي بس ڪونه ٿيندي هئي اڳلي جي گهر ٺهندي هرروز هلي وڃي ڪيس توڙي رازن کي نيون نيون صلاحون ڏيڻ به شريف جي فرض ۾ شامل هوندو هيو. جيسين اڳلي جي جاءِ جُڙي راس ٿئي شريف جا انهيءَ تي ڦيرا هوندا هيا.

منهجي ساٿس لوهان لوهه ياريءَ ۾ هڪبئي سان ڪڏهن پڪا ته ڪڏهن مورڳهين اگهاڙا چرچا گهبا ته هوندا ئي هوندا هيا، پر ڪڏهن ڪڏهن اگهاڙين گارين کان لنگهي وجي هٿ کس تائين پُڄندا هياسين. ايئن ئي هڪڙي ڀيري 30 جون جي ٽاڪ منجهند جو ڇور مان شريف جي جيپ ۾ ڊاڙا نڪاءُ هٽندا عمرڪوٽ پيا وڃون، رستي ۾مون ٻروچڪي ڦني خاني ڏيکاريندي چيو مانس، "شريف! آئون ايترو ڏاڍو مڙس آهيان جو هينئر جو هينئر منهنجي رڳ ٽڙي ته هتان ئي هتان توکان هيءَ جيپ ڦُري سگهان ٿو. جيتوڻيڪ منهنجي ڳالهه گڏهه جي ٽِٽَ کان متي ڪجهه به ڪونه هئي. اڳيان به اهڙو ڊاتي هيو جنهن گهاٽ گهاٽ جو پاٽي پيتو هيو ۽ مڙس به ڏاهو هيو. مون واري ڳالهه ٻڌي جيپ جي ڊيش بورڊ تي پيل منهنجي سرڪاري ڪاغذن جو فائيل ڪٽي ٻاهر اڇلڻ جي انداز ۾ رڳو ٻانهن ٻاهر لڙڪايائين، گڏوگڏ جيپ جي بريڪ تي پير رکيائين. مون جو سرڪاري ڪاغذ هٿن مان ويندي ڏٺا ته بريڪ لڳندي ئي ٽپ ڏئي جيپ مان لٿس. همراه فائيل هٿ ۾ لوڏيندو جيپ جا زوزاٽ ڪيائيندو مونکي اهو چوندو ويو ته هاڻ اهي پنج ميل پنڌ جا ڪري عمرڪوٽ پهچ، پوءِ ڏسنداسون ته تنهنجي ڏاڍ مڙسي ڪيتري آهي. ۽ تنهن ڏينهن ٽاڪ منهجند جوءِ ڏر تتيءَ جو ڪابه سواري ڇور کان عمرڪوٽ ڪونه آئي ۽ پنڌ ڪندي سخت اج ۾ منهنجو پگهر ڳُڙين تائين وڃي پهتو هيو. ۽ پوءِ اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن مون اهڙي جُٽَ ٽيڻ بعد وسين لڳي، اجائي ڦلر هٽڻ کان توبهه ڪري ڇڏي.

تنهن زماني ۾ اجان پاڪ هند باردر تي تارون ڪونه لڳيون هيون، رڳو پري پري سجاٽپ لاءِ ايڪڙ ٻيڪڙ سيمنٽ جا ٿنيا هوندا هيا جيڪي ٻنهي ملڪن جي دنگ طور سُڃاتا ويندا هيا، ۽ تڏهن هتان کان هوڏانهن ۽ هوڏانهن کان هتي ڪاري ڪاوبار جو عروج هيو ۽ پاڻ وارن "ڏاڍن مڙسن" جي مدد سان، ٻين ڪوڙ سارن وکرن جي پرتي وجڻ سان گڏ " ٽڪُنڊيون" به جام اُڌر سي اِڌهر ٿينديون هيون. ۽ ڏسندي ڏسندي راڄ مڙسن جا سستيءَ ٽڪنڊيءَ تي اکيون پوري لهي پيا هيا، رڳو سچ لهڻ جي دير هوندي هئي چئوطرف مئي خانا ئي مئي خانا نظر ايندا هيا. تڏهن اسان وارو يار ۽ غريباڻو ٻار شريف ڊيزل به ڊئو جهلي ڪونه سگهيو ۽ آپي کان نڪرندي، پنهجي اصليت وساري ٽڪنڊيءَ سميت ٻين به ڪوڙ علتن ۾ وٺبو ويو. تان جو ٿيندي ٿيندي هڪڙو اهڙو ته وڏو لوڏو آيس، سواءِ گهر جي چانو جي، وڏن ڪشالن سان جوڙيل سمورِيءَ ملڪيت جو جهان واريءَ جي مُٺ جيان هٿن مان وهي هليو ويس. دودهه ڪا دودهه رهي ها ته به چڱو، مورڳهين پاٽي ڪا پاٽي وجي بچيو هيو.

اڳي گاڏيءَ مان چندي ڦوڪي زمين تي پير رکڻ وارو شريف ڊيزل ڏنو هيوسين تہ وري پوءِ لوڪل لارين ۾ ڳاڙهو ڪتو اوڊي هلندي بہ هنن اکين شريف ڊيزل کي ڏٺو.
انهيءَ ڏک کي پچائڻ هن لاءِ جيتوڻيڪ ڏاڍو ڏکيو هيو پر چوندا آهن تہ " نوڪر ڪا ڪر سنڀلني والي، جيت هي تيري هار نهين. " هن بہ نوڪر ڪاڏي هئي، سا بہ جهڙي تهڙي نہ پر جتي پير هيس اتي مٿو وجي لڳو هيس. هاڻي هو اڪيلو ڪونہ هيو، پر ولر پُٽن جو بہ جوان ٿي چڪو هيس، ۽ مٿان وري قدرت جو ڪرم اهڙو ٿيس جو سڀ پٽ سپوٽ هيس، سيني گڏجي وري نئين سنئين منڊليءَ کي مچائڻ شروع ڪيو ۽ ڏسندي ڏسندي ٿورڙن ئي ورهين ۾ پنهنجي اجڙيل سموري ڪاروبار کي وري وجي ساڳيءَ اوج تي پهچايائون، پر جيڪڏهن چئجي تہ اڳئين کان بہ اڳرا ٿي اُڀريا تہ انهيءَ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو. ڇو جو خوشحاليءَ سان پاند پوندي ئي، انهيءَ شريف ڊيزل جنهن جي ابي ڪڏهن وڏا شهر ڪونہ ڏٺا هيا. تنهن شريف نهڙيءَ وڏي جدوجهد بعد هڪڙي پُٽ عبداحميد کي چار ورهيہ اڳ آسٽريليا جي شهر ميلبورن ۾ ڪامرس جو علم پڙهڻ لاءِ موڪلي ڏنو. جيڪو بہ هاڻي پنهنجي تعليم پوري ڪرڻ وارو هوندو. اسان جهڙا عام ماڻهو جيڪي هر ڳالھ لاءِ ڪن لاٽار ڪندي عام طور تي اہ ئي چوندا آهن تہ ادا ڇا ڪريون غريبت آهي، نہ تہ اولاد کي پڙهايون ها. تن لاءِ هيءُ هڪڙو اهو هڪڙو سبق آهي جنهن جو ڪوئي نعم البدل ناهي. تہ ٽر جي پڙپانگ ٽيل هڪڙي ڳوٺ جي رهاڪوءَ ۽ ڪوئلا ناهي، گهٽي گهٽي ۾ هوڪا ڏئي وڪڻندڙ مزدور جو پُٽ جيڪڏهن آسٽريليا تائين تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وڃي سگهي ٿو تہ جالوءَ جي چئونري جي ڏراڙ، واصل ٻاءِ جي اوٺار، ڪاروڙي جي ڪنهن ميهار، مانڊل جي ڪنهن هاريءَ ۽ ٽيپريءَ جي ڪنهن حر مجاهد جو پُٽ بہ لنڊن ۽ آمريڪا جي شهرن ۾ پڙهي سگهي ٿو. تنهن لاءِ ضرورت آهي سّخت محنت ڪرڻ جي ۽ پنهنجي ڌُن ۾ پڪي هجڻ جي، جيئن شريف ڊيزل ڪري ڏيکاريو آهي تيئن اسان جي ملڪ جي غريب ماڻهن کي بہ محنت ڪري اولاد کي اڳتي پڙهڻ لاءِ ٻاهرئين ملڪن ڏانهن موڪلڻ گهرجي.

تن ڏينهين امراڻي جي تخت گاھ امرڪوٽ ڪامورڪي لڏي لاءِ ڪاري پاڻيءَ طور مشهور هجي، صاحب لوڪ جڏهن بہ، جنهن تي بہ بِگڙن تہ امراڻي موڪلڻ جي سزا ڏيو ڇڏين. اهڙي سزا جڏهن مونکي بہ مِلِي تہ بچڙن کان موڪلائيندي اکين جون ڪُنڊون پُسائي وينس، امرڪوٽ جي ڪنهن واقفڪار چيو هينئون نہ هار، امراڻو اهڙو اٿئي جو اوڏانهن بدلي ٿي ويندي هرڪو آفيسر روئيندو ويندو آهي، اتي پهچي هميشھ لاءِ اُتي جو ٿي ويندو

آهي ۽ جڏهن واپس بدلي ٿيندي اٿس ته به امراڻو ڇڏڻ جي ڏک ۾ روئيندو ايندو آهي. ٿيو به ايئن امرڪوٽ پهچي منهنجي هينئين ڪي ٽڏڙيون هيرون لڳڻ شروع ٿيون. واندڪائيءَ ويل امرڪوٽ جي قلعي جي توپن واري بُرج تي چڙهيو وجيو ويهان. تصورن ۽ خيالن ۾ ڏسان ته اُتر اوڀر جي ڪُنڊ تان شاه عنايت شهيد جي روپوش سپاهي نماڻي شاه جو روح تجلا ڏيندو پيو سلام ڪريم، ته ڪڏهن بي بي مِنان پنهنجا شفيق هٿڙا منهنجي مٿي تي ڦيري دعائون پئي ڏئي. ڏور پريان ڪان نصرالله ولي ۽ عيسب فقير جهڙا شهيد آجيان بينا ڪن. ته سَرِ اتران وري گجو راڻو پيو ڪيڪاريم. اوڀر ڏي ڏسان ته ڇاڇري مان جونجهارن جي اوٽي جا شهيد تاريخ جي ورقن مان نڪري سرخ سلام پيا ڪن ته ٻاون جي ٻيسٽي جا يڪشو هٿ ٻڌي پرنام پيا ڪن، ڏکڻان وِهري شريف مان ميون جان محمد پيو مسڪرائي. ته ان زماني جي زنده درويش ٻيبي راحت هٿ کٽيو پئي دعائون ڏئيم، اولهين ڪُنڊ مان ابوالفضل، فيضيءَ، بيربل ۽ ملان دوپيازه جو يار اڪبر پنهنجي جنم جي جاءِ تان پيرا ڏيندي پيو ڏسان. ايئن امراڻي جي اوليائن ۽ زنده درويشن مونکي هميشه لاءِ اتي جو ڪري وڌو. تڏهن هرچند راءِ ۽ الحداد ڪوسي جوامرڪوٽ اهڙو نه هيو جهڙو اڄ آهي. هرروز روڊ ڏوپندا هجن، نه ڪوجهيڙو نه جهتو، نه ڪو چور نه چَڪار، سُک ۽ شانتي، دک درد جو پري پري تائين نه نالو نه نشان. هندو هندو نه هجن ته مسلمان مسلمان نه، سڀ يائر، هڪڙي گهر جا ياتي، ڏک ۾ سک ۾ هڪ ٻئي جا ساٿي، عيدون هوليون، دسهڙا ڏياريون سڀ گڏجي ملهائين، ڪاروڙي جي موجوده صوبائي وزير علي مردان شاه جو والد مرحوم حاجي ميان شاه ۽ غلام رسول شاه المعروف ٻائو شاه ڪڏهن ڪڏهن يوڳن يوڳن ۾ مون کي اچيوچون ته هاڻي امراڻي ۾ شر آيو آهي، چوريون ته ضرور ٿينديون. ان قرب ۽ان پيارم منهنجي جوانيءَ جا لڳ يڳ اٺ ورهيه ايئن گذريا جيئن ڪالهوڪو ڏينهن. امرڪوٽ جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ منهنجون يادون اڄ به مون کي پڪارين ٿيون، اها چنڊال چوڪڙي اڄ به ساري ٿي جنهن لاءِ هي سٽون لکٽيون پيون آهن.

امرڪوٽ ۾ نوڪريءَ دوران ڪامريڊن جي چنڊال چوڪڙي اچي گڏ ٿي، شام ٿئي ته ڪچهريون شروع ٿين. امرڪوٽ جي شامُن جون اڪِثر ڪچهريون ڇُڪي جي پياڪن جون مچن. پر هن چنڊال چوڪڙيءَجا سڀ ڪامريڊڇُڪي چاڙهڻ ڪان يڳل هجون، لائق ٿيٻو، ڊاڪٽر عزيز، ڊاڪٽرحاجي راهو، مبارڪ ڪوسو، پلو فقير، جمن دربدر، شفي فقير، حليم باغي، ٻيا الائي ڪيترا، مطلب ته ٽولو ئي چوندجي گڏياسين. ثاقب آريسر، جماعت اسلاميءَ مان شايد رُسي نڪتو هُجي. سوبه اچي مليو، ثاقب، جماعتي عمائدينءِ اڪابرين ڪان مٿئين

ڏاڪي جو ماڻهو هجي، سو ڪڏهن ڪڏهن اچيو ڊپ ورائي ۽ هڪ ٻئي کي چئون، ٻيلي خيال ڪيو، مڙس ﻫﭘﻴﻮ ته ڦند ڦير ڪونهي، پر ڪيسن ڪرڻ جو مڙوئي شوق ججهيرڙو اٿس. ويجهي عزيز ڪمال الدين آريسر کان به ڪونه مُڙيو، سو پاڻ هن جي آڏو ڪجھ به ناهيون. يار سوچي سمجهي ڳالهايو، نياڳو تنگائي نه وجهي. ثاقب مان گهٽيون ارڏايون ته لائق ٿيبو روزن جي پلاري مهيني ۾ وِچينءَ ويل مٽينءَ واءُ تي ڳِدرا کائي ڪڍي چڪو هيو، پوءِ به اجا ڪانئس ڊپ ٿيندو هيو، اجان ثاقب کي اسان جي واٽ تي آٽيون ئي آٽيون، تيسين ٻيو مُلو اچي ڪنڌ ۾ پيو، نه چاڻ نه سڃاڻ، نه دعا نه سلام، بس جاڙا خان ڪُتو جهلجانءِ، واري ڪارِ تي. مڙس پوري پني قد جو، مُٺ مُٺ ڪاري پنيور ڏاڙهي، سنڌي ٽوپي نراڙ تي، خوبروءِسهڻو جوان هُجي. تن ڏينهين حاجي راهو لنڊن مان پي ايچ ڊي ڪري موٽيو هجي، پر هُجي ڳِئون پِٺارِي، جتي ويهي ڪانه ڪا چُوچڙي ڏُڪايو ڇڏي، سنگت رڙيون ڪيون ٻيلي، خيال ڪيو، هيءُ ملوته پڪوپڪ ايجنسين جو اٿائو، ٿريا چون ٿا، ته هن جيڪي وڻ سُڪايا سي ساوا ئي ڪونه ٿيا. پر راهو چُوچڙي ڏيو پاڻ ڪِسڪيو وڃي. اسان مُلي کان گهٽيئي گُهتون ڏيون، گوهيون هٽون، پر چوندا آهن ته جن ڇڏي، پوت ڇڏي، پر مُلو نه ڇڏي، همراهه اصل مَڇڙ تي لڳو. مصيبت وري اها تي جو سدائين اچي به مانيءَ جي ٽاڻي. اسان پانئيون ته مڙس سنئون سڌو ويلو ٽارڻ تو اچي. ٻيا سڀ هجن گهرن گهاٽن وارا وڃن آهستي آهستي رفو چڪر ٿيو، آئون ڇڙو ڇانڊ ۽ اڪيلو رهان سو رات جو به مُلو منهنجي ڪنڌ ۾ پئجيو وڃي، صبح جي ڇانهه به ٻن ٽن ڪوپن کان گهٽ نه پيئي. ڊاڪٽر عزيز وريامانيءَ کي پڪ هجي هن مُلي کي جماعت اسلاميءَ وارن لائق ۽ مونکي نمازي ڪرڻ جو ٽاسڪ ڏنو آهي. اسان ٻئي نمازي ٿيون ئي ٿيون، هوريان هوريان اسان جي ڪچهريءَ ۾ ويهندي مُلي جون نمازون قضا ٿيڻ شروع ٿيون. توبهائون ڪري، ڏٽيءَ در ڳِيسيون ڪري، پرٻئي ڏينهن وري به ساڳي جُٺ ٿيو وڃيس.

نالو هيس، ملو نيڪُو، پر ٿريا اڪثر ڪري کيس مُلان نيڪيئو چوندا هيا. 1965 جي جنگ ۾ پريان پچي آيل هجي، ذات جو نهڙي ۽گوگاسر جو وينل، عمرڪوٽ جي آسپاس ڪنهن اسڪول ۾ عربيءَ جو ماستر، شهر ۾ نه گهر نه گهاٽ، رَلِي ڪُلهي تي، ماني راڄ تي. گهڻو ڪري سمهي منهنجي جاءِ ۾ نه ته شهر ۾ ڪوڙ ساريون مَسيتون موجود. ڪنهن صلاح ڏني ٻيلي اوهين سڀ پُراڻا سُرخا ۽ ديشي، هيءُ پڪ سان اوهان جي سياڊپ ڪري رپورٽون ٿو رسائي. ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن ڪاٺ ۾ ضرور هٽائيندوَ. عزيز چيو چو نه ڪا جُٺ ڪريونس ته جان ڇٽي!. ٻئي ڪنهن چيو هيءُ صالح وساڻ جي مدرسي مان پِن جا ٽُڪر

ڪائي پڙهيو آهي، جهڙين تهڙين جُنين جو پڪ سان هيراڪ هوندو، ڪجهه ڪونه ورندانوَ. پر عزيز نه مُڙيو، هڪڙي ڏينهن ڪٽ جي واڍڻ ڪدي رکيائين، مُلو رَسيو ناهي، دَسيو ناهي، هٿ پير ٻڌجي ويا، وني رڙيون ۽ رانپاڙ ڪيائين، ٻيلي ڪهڙي ڏوهه اڙيس،؟ چي تون اسان جي سيادپ ٿو ڪرين. تڏهن وني پلي سونهاري جا سُنهن ڪنيائين، ٻيلي مون گهٽيئي وس ڪيا، پر اڳلن مون کي گاهه ئي ڪونه وڌو، انهن لاءِ آئون دودو ڏوڙ، چنيسر چائي آهيان. اوهان هروپرو منهنجو پٽڪو ڏوڙ نه ڪريو. تڏهن چنڊال چوڪڙيءَ کي پڪ ٿي، مڙس اسان جهڙي ڏوڙ آهي هروپرو ٿي هنڌ پرياسون. پوءِ ٿيو اسان جو پڪو يار.

مُلي جا اکر اهڙا هُجن جهڙا موتي، مار پويس، لکي وريو لاهور جي اردو رسالن ۾. نڪ وڍيُونس، غيرت جاڳايُونس. ٻيلي پنهنجي ٻوليءَ ۾ لِک. پر جهڙي تهڙي جُٽ پُنن تي واريو وڃي، اصل پوني هُجي. راهو لنڊن مان هڪڙي ڪِني عادت سِکي آيو هجي، ڪنهن ڪنهن رات حيدر جي هوٽل سامهون بينل گاڏي واري ڪان ٽانڊن تي تڪا پچرائي، ڊبل روٽي ۽ پيپسيءَ سان تِڪو رات جي ڊنر تي ڪائون. مُلو به ڪڏهن ڪڏهن مفت جو مهمان ٻڻجيو پوي. جهڙتيون ونونس، پر ڪِيسن ۾ سُجائي واڪا ڪندي وتيس، ڪڏهن کي ڳاڙها نوٽ ڏسي، راهو زوريءَ کيسن مان ڪڍيو وجيس، ته رڙيون ڪري، ٻيلي آئون غريب، مسڪين، منهنجي پينگ نه ڪر، پر راهو کُهيو وجيس. تڏهن مُلو هٿ ڪٽيو پاراتا ڏئيس الله ڪندو دست ٿيندئي. آڏي ئي نه گذري ته مُلي جي پِٺ رَسيو وجي ۽ راهوءَ جي باٿ روم ڏي پچ ڊوڙ شروع ٿيو وجي. پوءِ مُلي کان معافيون ۽ گيسيون هجن، هڪ به پيرا اها ڪار ٿي، ته مُلو مشهور ٿي ويو، دُعا پِٺَ وارو بزرگ ۽ درويش.

سال ٻيو به گذريو چنڊال چوڪڙيءَ ۾ ڪي آيا ڪي ويا، هاڻ مُلو چوڪڙيءَ جو سرواڻ ٿي پيو، چوڪڙيءَ ۾ اچي ته مُلپ ويڙهيو، ذڪريا مسجد ۾ رکيو اچي، گار جي لولي هجيس، گار به جهڙي تهڙي نه پر شد مد سان، گرامر سان، گار سان گڏ ٺهڪ ايڏا وڏا ڏِئي جو لانٻي تلاءَ کان پريان گجو راڻي جي مقام ۾ وڻن تي وينل ڳيرا به اُڏاميو وڃن.

تن ڏينهين پُوزيون ڏئي سنڌيءَ ۾ لکائڻ شروع ڪرايوسونس. ڪاوش ۾ ڇپيو ته وهواهه ٿي وئي. هڪڙو، ٻيو، ٽيون پوءِ ته لانڍ لڳي ويس، مڙس ملان نيڪوءَ ۽ نيڪئي مان ڦري ارباب نيڪ محمد ٿي پيو.

هڪ ڏينهن اوچتو ڦيرو آيس گم ٿي ويو، مهينو به مهينا، ڏس نه پتو، مار پويس ويو ڪيڏانهن؟ ڪچهريون ئي اُباٽڪيون ٿي پيون. مهيني ماس ظاهر ٿئي، سيني سان مليو، گم ٿيو وجي، ڪنهن چيو جهڙو اوپن جيل جو قيدي هجي، پيرول تي اچي مڙني سان

ملي، واپس هليو ٿو وڃي. سال ڪن اهو سلسلو هلندو رهيو، ڪڏهن ٻُڌون ته تبليغين سان گڏ پيو هلي، ڪڏهن سائي پٽڪي وارن سان، ڪڏهن اهل حديث وارن سان ته، ڪڏهن بريلوين سان، ڪڏهن ٻُڌون ته درگاهون وسايو وينو آهي. سال ڪن ڪان پوءِ واپس وريو ته افعال ساڳيا ئي هيس پر سونهاري ڪاريءَ مان ڳاڙهي ۽ ڏکهي هُجيس، سنڌي ٽوپيءَ بجاءِ ململ جو سفيد پٽڪو هجيس. هاڻ ارباب نيڪ محمد مان ڦري، حضرت نيڪڻ فقير نقشبندي، قادري، چشتي الائي ڇا ڇا ٿي پيو هجي، سنگت چيو هاڻ هيءُ مُلي ۽ صوفيءَ جو ڪاڪٽيل ٿي پيو آهي،

زال مري وئي هجيس، مائٽن ميڙون ڪري ٻي ٿي پرڻايس، مينهڙي سلطان مان، ڇئي اوهان چنڊال چوڪڙيءَ وارن کي ڪو سڌُ ڏيندس ڇا؟ حرامي آهيو، ڪنڌئو اتي ئي پٽڪو ڏوڙ. مُڙڻ وارا اسان ٻه ڪونه هياسين جيپ ڀاڙي ڪري سڄي رات، سڄي ٽر ۾ مينهڙو سلطان ڳوليوسين، پرمينهڙو سلطان نه مليو جو پنهنجي يار کي ٻيءَ شاديءَ تي جڳ ڪان وِيل ٽيڻ جون واڌايون ڏئي سگهون، ورندي ڏينهن صديق ساند، الائي ڪنهن ٻئي اخبارن کي خبر جاري ڪري ڇڏي ته ارباب نيڪ محمد شادي ڪري هني مون ملهائڻ واسطي پوڏيسر جي مسجد طرف روانو. الائي ڪهڙي اخبار ايئن جو ايئن خبر ڇپي به ڇڏي. تڏهن مُلو اچي بگڙيو، پر ڪاوڙ رڳو ايتري جو ٻه ٽي گاريون ۽ آخر ۾ ڏُوڙ اٿانوَ ٻُوٿ ۾. الله الله خير صلا.

بدرابڙو ۾ مرحوم انور پيرزادو منهنجي ڳوٺ آيا، مُلي سان ڪچهري ڪيائون، هُن جي حوالن تي بدر ته صرف معصوم مسڪراهٽ سان مسڪرائيندو رهيو، باقي انور سائينءَ کي مُلو دل ۾ ويهي ويو، جڏهن به ويجهيءَ ڇِڪ ۾ اچي ته چوي ٻيلي مُلي کي ڳول ته ڪا روح جي ڪَٿُ لاهيون. ڪچهري مڇي ته مُلي جا ٺهڪ، هوڪريا ۽ گاريون، مڙس ادب جون جُملي حدون اورانگهيو بي ادبيءَ جي انتها تي پُهچيو وڃي.

سيني فرقن کي پڙهڻ ۽ پرکڻ سان الائي اسان جي صحبت جا اثر سان مُلوصفا پلوڙ ماٺهو ٿي پيو، پيلن، مينگهواڙن سان گڏ وينو ڪائي، ٻيا مُلا حيران!!، ڪن ته ڇا ڪن؟ هڪ دستار بند عالم وينو ايئن ڪري ڪهڙي تعزير ڪدين ۽ ڪيئن ڪدين؟ هڪ ڀيري سهيل سانگيءَ گڏجي منهنجي ڳوٺ ۾ جيرام وٽ والده جي مرتئي تي ويهڻ آيو، مينگهواڙن روح افزا جو شربت آندو، مُلي کي ڏيڻ ڪان لهرائين پيا، سهيل ۽ مونکي شربت ڏيڻ ڪان اڳ ئي مُلي پڙڪو ڏئي ٽِري تان هڪ ٻه نه پر ٻه گلاس ڪٽي مينگهواڙن کي دلجاءِ ڏني ته ٻيلي پاڻ اهڙا مُلا ناهيون. هاڻ ٻه هٽ اچي ته ڇن جي پيلن ۽ رگهي جي ڳوٺ مينگهواڙن

جي هٿن جا ٿقيل لولا اکين تي رکيو پوءِ ڪائي، خلق چوي هي ڪهڙو مُلو آهي. هن جڻ ڪجھ ٻڌو ئي نہ هجي.
ڪڏهن ڪڏهن اسان جي چرچ تي ڪُڌا ڪم بہ ڪريو وجي پوءِ وتي توبهائون ڪندو. چوڪڙيءَ ۾ علي مراد آريسر ڪنجوسن جو سردار هجي، تر گهمڻ وياسين، سيني چيو علي مراد ماني ڪارائيندو، مڙس پڙُ ڪڍي بينو، صلاح بيني ڪُٽن جي، همراه مُلي ڪي ديندار سمجهي مٿس اعتبار ڪيو، چي ڪوبہ ويجهو نہ وجي مُلو ئي پرچيون ناهيندو، مُلو بہ ڪڙهيو وينو هجيس، سڀ پرچيون ناهيائين علي مراد جي نالي جون، مُڙس اعتبار ۾ڪُسي ويو، مُلي، ماني نہ ڪاڏي، اڙي مار ڪا پوَئي ڪيڏانهن مري وئين؟ چئي ٻيلي هيڏو گناه جو ڪم ڪري ديانتداري وڃايم، سو ويو هيس مسيت ۾ ڏٽيءَ ڪان بخشائڻ.
پنهنجي فن خطاطيءَ سان مون سان چرچن ۾ الائي ڪيتريون جُنيون ڪيائين، چندي جا چيڪ بوڪ، اخبار عالم ڪان وٺي علي بابا جي عدالت تائين پمفليٽ پڪيڙيائين، ايتريون ئي منهنجون بہ سَنائين، پر اڄ تائين نہ رُنو ۽ نہ مون ڪي رُسڻ ڏنائين.
انهيءَ قصي ڪي ويھ ورهيہ گذريا، وڻ وڻ جي ڪاني هُياسين، وڻ وڻ جي ڪاني ٿياسين، مُلو نہ بدليو، نہ پيرو پَڳائين، مهيني ماس منهنجي سڪ ستائيندس تہ بنان ٻڌائي اوچتو هليو ايندو، رات رهندو، بہ راتيون رهندو، ڪچهريون ٿينديون، سڪ لٿي، فجر جي نماز پڙهي بنان موڪلائي ڪندو جوڳي رمتا پلا. دل تي چوي شال سونهاريءَ سنڌ جا سڀ مولانا ارباب نيڪ محمد جهڙا ٿي پون تہ سنڌ جي سينڌ اُجري ٿي پوي.
ان زماني ۾ اسان جي چوڪڙيءَ ۾ ٻيو يار هيو، شفي فقير. جنهن اڳتي هلي وڏو نالو ۽ ناڻو ڪمايو، ناڻو تہ شفيءَ، جيئن جو تيئن ڪمايو، پر نوڙت ۽ نيازمندي، شفيءَ ڪي الائي ناناڻن مان ملي هئي يا ڏاڏاڻن مان. سا تہ رب ٿو ڄاڻي؟ سڄيءَ سنگت سان شفيءَ ڪڏهن بہ ٻُوٽ ٻچڙو ڪري نہ ٻوليو، نہ وٽيو تہ صرف لائق ٿيبي ڪي نہ وٽيو، مڙس ڪي شفيءَ جي ڪنڌ جي سِيٽ تي ڪالھ بہ اعتراض هيو اڄ بہ آهي. خير اُنهيءَ قصي ڪي اُتي ڇڏي پاڻ هلون ٿا اڳتي، مون ڪي اڄ ڏينهن تائين اها بہ خبر ڪونهي، تہ شفي ٿري مڱڻهارن جي ڏاندي ٽُڪ مان آهي يا لَنگهن مان. بس اها خبر اٿم تہ هن جا وڏڙا بہ ارباب نيڪ محمد جي وڏڙن جيان پَريان پَڃِي اچي گدڙي ۾ آباد ٿيا هيا، مولوي محمد حسن ميڙاسَر واري جي گدڙي ۾ رات جي پيٽ ۾ جوڙيل ڪَڪائين مَسيت ۾ ڪجھ ڏينهن نمازون پڙهي، بکئي پيٽ سانگي رِڙهندا رِڙهندا اچي نيو چور پهتا هيا، منهنجي ڦوھ جوانيءَ ۾ شفيءَ سان سڃاڻ ڄاڻ تڏهن ٿي جڏهن شفي، شفي نہ پر شفيو مڱڻهار هيو، سنڌ ۾ آباد عام

مگٽهارن جيان اوراڙ پراڙ ۾ پَٽَ ڳوليندو وتندو هيو، پر بقول لائق ٽيبي جي قومي راڳي جمن دربدر سان ڌُهل وڄائيندو وتندو هيو، اهڙي ئي پَٽن ڳولڻ جي شوق مان منهنجي ماروت ۽ اوجي ڊِي سي ايل جي موجوده چيف انجنيئر خان محمد، نوڪي هڪڙي ڪوڙي پَٽَ جي دعوت ڏنس، همراه مقرر ڪوڙي تاريخ تي مگٽهارن جوولر وني اچي پُڳو. تن ڏينهين اسان وٽ سُڄائيءَ جو راڄ هجي، صَفا تنتزينگ هُجون، اتي جا خالي تَس ڏکڻ جي لُريءَ ۾ واڄٽ پيا ڪن. گهرن ۾هنڌُ نہ ٽپڙ هُجي. ولر مڙسن جو ڏسي حال گهڙي تہ ڏهلجي وياسين. متان بابي جا دڙڪا تہ گهر ۾ لولي جو لوڻ نہ ليي مڙس وتن ماڻهن کي دعوتون ڏيندا. بابي جي دڙڪن کان پُسيل ڪوئي جيان ڪنڌ لڪائيندي ۽ ڇِپندي، جيئن تيئن ڪري پاڙي مان پِن جا ٽُڪر گڏي مگهڻارن جي وَلر جو پيٽ پريوسين. سَنجهو اجان مَس ٽريو تہ همراهن ڪوليا ڏُڪڙ باجا. هڪڙي چوٽي آهي تہ مَلهه ۽ مگٽهار سان ياري رکبي تہ ٻنهي مڙسن جي اک هوندي يار جي ڪِيسي ۾. سو ان رات ها، ڪرڻ سان هنن مڙسن جي بہ اک هئي اسان جي ڪِيسن ۾، خير سان اُتي تہ اڳي ئي مائي پيبنگ صاحبہ پنهنجو ديرو ڄمايو ويني هئي. ڪلاڪ بہ رِينگٽ هليا، نہ ڪجھ مِليو، نہ فقيرن ۾ جوش جاڳيو. ڪيل ختم ٿيو، اُنهيءَ ولر مان ٻين تہ الائي سمجهيو يانہ پر شفي سمجهي ويو تہ مڙس رڳو ڪپڙن ۾ ڊِڪيا وتن. ايئن شفيءَ سان ياري ٿي، ياري بہ هوريان هوريان وئي لوهان لوهه ٿيندي، منهنجي چوڪڙيءَ جا جملي يار اڄ سوڌو مونکي راڳ جو وڏو پارکو سمجهن، پر حقيقت اها آهي تہ اڄ ڏينهن تائين مونکي راڳ جون رَمزون ٽُپ ڪونہ سمجھ ۾ اچن. نہ ئي آئون راڳ جو پارکو آهيان، نہ ڄاڻان پيرويون نہ مالڪونس، نہ ٽِڪا نہ سرگم نہ ليءِ. بس شفيءَ جي ٻوهياڙن ۾ الائي ڪهڙو سُرور آهي، جو جُهومي اٿندو آهيان. تن ڏينهين شفي، اوڙي پاڙي جي پَٽَن ۾ اچي ڳائڻ شروع ڪيو هُجي، راڳ لڳي نہ لڳي، خلقون رسمون پوريون ڪرڻ لاءِ، هڪ ٻئي جون وريون لاهڻ لاءِ ونيو گهورُون ڪن، آئون ڏوڪڙن کان وانجهيل ماڻهو ٻُوٽ لاهيو ويهان، شفي، وڏي ڪاريگريءَ سان گهور ونڻ واري فقير جي ڪَن ۾ ڦُوڪ ڏيو ڇڏي، پوءِ اهو ياڳ پريو وڏو نوٽ ڪُليو ڪرائڻ جي بهاني سان منهنجي جهوليءَ ۾روپئي روپئي جو دَستيون وجهيو وڃيءَ آئون ڏڙاڌڙ گهورون ڪريو راڄن ۾ پنهنجي ليءِ بيهاريو وجهان. جنهن سال خلقن جا فصل پلا ٿين ان سال پٽ بہ ڪوڙ ٿيو پون. بس اهو ئي مُڪا ميلي جو ذريعو هجي منهنجو ۽ شفيءَ جوءِ اسان جي يارانيءَ جو، ورهيہ گذرندا ويا، شفيءَ کي شادي فقير، راڳ جا گُر سيکاريندو، پَتن سان گڏ قومي ڪاڄن ۾ لاهيندو ويو ۽ شفي وري پنهنجن مِنڙن آلاپن سان ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجي جاءِ ناهيندو

ويو. ويتر وري جو شادي فقير جو ياءُ نياز فقير طبلي تي گڏِيُس تہ مڙس ڪي پانءِ چار چنڊ لڳي ويا، نياز سان نينهن اهڙا اٽس، جو ٽِڪَن، ماترائُن ۾ سَرگمن تي هڪ ٻئي ڏي اهڙي تہ معني خيز ۽ معصوم مُسڪراهٽ سان نهاريندا، ڄڻ ڪي ورهين جا وڇڙيل محبوب هجن. جيئن شفي، ترَقيءَ جون منزلون طيءِ ڪندو، سجائيءَ ۽ پينگ ڪي پوئتي ڇڏي وڏندو ويو، تيئن آئون بہ وقت جي وير ۾ لُڙهندو، ڪامورو ٿي ڪاري پاٽيءَ جي سزا وٺي امراٽي پهتس، تہ ٻين پراڻن يارن سان گڏ شفي بہ اچي اسان جي سنگت ۾ سَلهڙيو وارد ٿيو، هاڻ شفي، اُهو شفي ڪونہ هيو جيڪو ڪنهن زماني ۾ پَتَ ڳوليندو وتندو هيو، پر ان جي اُبتڙ هاٽي پَتَنِ وارا ڪيس ڳوليندا وتندا هيا. مٿان مڙس ۾ ڦيرو وري اهو بہ آيو تہ ڪاري واسڪوٽي پائڻ ۽ پائيپ پيئڻ شروع ڪيائين ,معنيٰ مڙس ٿيو وڏو ماڻهو. ٿورو ڪَنڌُ بہ سِيتجي ويُس، ڪنڌُ بہ ٿو نہ سيتي مڙس پنهنجيءَ محنت سان ٿوم مان زعفران ٿيو هو. ڪنهن ٿورو ڪري اڳتي ڪونہ آندو هيس، ڏسڻ واري خلق ڏسندي رهي، شفي، هرڪنهن کي هٿ جوڙي اڳتي هلندو ويو.

ياد اٿم تہ ٿر تي وسڪارا ٿيندا هيا ۽ ٿر جي واريءَ مان پيج پنيءَ جي منڙي مهڪ اٿندي هئي، هنڌين ماڳين همرچا گونجندا هيا، غربت جي ماريل ماروئڙن جي مُک تي مُرڪون اينديون هيون، تہ اسان جي چوڪڙيءَ جا سڀ يار وڍيندا هياسون پِٽُن جي پنڌ ڪي. اڄ بہ امرڪوٽ ڪان اڪ وڍي تائين، امرڪوٽ ڪان ڇور تائين، مانڊل ڪان اڪيراج تائين، ٻانڌي ڪان گوئيندانٽي تائين، ڪَسَ جون جملي پِٽون، ڪَندا ۽ ٻَبُر انهي جا گواه آهن، تہ ڪيئن نہ پيج پِنيءَ جي مَهڪار ۾ اسان جي چوياريءَ جو چٽون شفي، هلندي هلندي، ٻنان ڪنهن ڏُڪڙ ٻاجي جي، کهڙيون نہ مِنڙيون لاٽيون ٻوليندو هيو. خاص ڪري حليم جون هي سٽون اهڙي رومانوي ماحول ۾ مِڙني کي جِنجهوڙي وجهنديون هيون تہ هاءِ هَنيلا هوڏِي پريتم، مُند ملهاري تون رِيسارو. تڏهن پِٽُن تي ڊوڙندي هر ڪنهن کي پنهنجا پرين ياد ايندا هيا، وسندڙ وڏڦڙي ۾ مِڙني جي پِنل اکين مان، ڪنهنجي لُڙڪ لاڙڻ جو پتو ئي ڪونہ پوندو هيو.

حليم تان ياد آيو، تہ اسان جي چوڪڙيءَ جي ئي فرمائش تي شفيءَ حليم کي ڳائڻ شروع ڪيو، تہ ٻئي هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم ٿي پيا. ڪڏهن ڪڏهن مڙس ڳنڍجيو پونِ، هو چوي تون منهنجي ڪري مشهور آهين هي چوي منهنجي ڪري، تڏهن اسان پارو ڪو وچ ۾ پئي جيسين ٻنهي کي اهو نہ چوي تہ ٻيلي ٻئي ڪِي ڪِينهيو، ڦينگرجو چا تي ٽا. تڏهن وجيو مُڙسن جي ڦوڪٽي مان هوا نڪري ۽ جهيڙو ڪُٽينِ.

تن ڏينهين مون ۾ پٽيل پائيءَ جي پٽ هجي، پرايا سور پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهڻ جو شوق بنهي زور هجيم. سو اهڙي شوق ۾ ايندن ويندن جا فيصلا زوريءَ ڪندو وتندو هجان، هڪڙي ڏينهن هڪڙو بس جو مالڪ ڊرائيور پنهنجي ٽرڙپائيءَ تي پادر ڪائي وجي تاڻي ۾ بند ٿيو، ڪنهن اچي مونکي مدد جو چيو، آئون اهڙن قصن لاءِ ٻاڙيو وينو هيس، سو هم نہ تم ڪيم تاڻي وارن کي فون، اهي بہ ڪي بيزار ٿيا وينا هجن، چيائون پائو اسين ٻنهي ڌرين کي اوهان ڏي تا موڪليون، فيصلو ڪري ڇڏيونِ، تہ معاملو ليءِ مِٽي ڪريون. تاڻي ۾ واڙيل مڙس ٻنهي کو ڳالهائڻ جو ملوڪ هجي، جيڪو ڳُفتو ڪدي پانءِ موتي پيا ڪرن. مڙس حوال ڏيندي ئي اهڙا ٻول ٻوليا جو جهڙوڪر بہ تي گاريون، مون کي بہ ڏئي چڙهيو. منهنجي ٻروچڪي رَڳَ ٽِڙي، پادر لاهي اٿيس، اصل ڪِڳَ پئي ڳِڙيم، ڌڪا ڏئي ڪڍيو مانِ. ڇا جا فيصلا؟ ڇا جو قصو؟ همراهن پَڄِي جانِ ڇڏائي. اُنهيءَ فيصلي مهل شاه مراد ڪوسو، ڪو مون سان ملڻ آيو هيو، سو سڀ ٻول ٻُڌي اَچا اَچا پير ڏئي ڪِسِڪِي ويو، ۽ لَڪَڙَ تار ڪيائين چنڊال چوڪڙيءَ کي، ڳالهہ هٿ آئي، شفي فقير کي. تڏهن احساس ٿيم تہ انگريز چريا ڪونہ هيا، جو ڊنڊورا ڏيارڻ لاءِ مڱڻهارن جون ۽ انهن جي دُهلن جون خدمتون وٺندا هيا. شفيءَ بہ ايئن ڊنڊورا ڏنا، ايئن ڊنڊورا جو اڄ ڏينهن تائين ڪنهن فيصلي ڪرڻ کان ارواح ئي ڳتو تي ويو. ٻيڙي تريس، جنهن پروگرام ۾ وجان اسٽيج تان اعلان ڪري سردار خادم حسين جتوئي(دوئم) پُڇي چڪو آهي، جنهن کي بہ ڪو فيصلو ڪرائڻو هجي، تہ ساڻس رابطو ڪري.

سنڌ ۾قديم رواج آهي تہ مڱڻهارن کي ماڻهو راڄ جي نياڻي چوندا آهن، پَٽن پوٽَن ۾ ڪانئن پُونا پات ڪونہ ونن، پر هِن مُڙس کان سنگت، سَڄِي رات ڳارائي، صبح جو ڏنڊي جي زور تي، پُوئو بہ ونيو ڇڏي. گهڻا سال اڳ، جسقم جي ڪامريڊ جميل جي شادي هجي، وڏا وڏا راڳي ڪونيل هجن، هيءُ همراهہ مون سان گڏ بس ۾ هليو، چيو مانس جي ڳارايائون تہ؟ وراڻيائين ادا، اسين مڱڻهار آهيون ۽ مڱڻهار جو ٻار روئيندو بہ سُرَ ۾ آهي، تون مولا تي رک. ۽ پوءِ ٿيو بہ ايئن، مڙس محفل لُٽي اٿيو. پاڻ، پٽ جو ڪاڄ ڪيائين، تہ خلقون پيون ڪِلن، ڇئي مڱڻهارن جو ڪهڙو پَٽُ؟ ميان هنن ڏُومن سڄي جمار ماڻهن جا پَٽ ڪاڏا، هنن کي ڪهڙي خبر تہ پَٽ ڪيئن ڪجي؟ مڙس جي راهُوٽي اهڙي هجي جو شاه عنايت جي گادي نشينن کان وني صوفي صديق جا گادي نشين ڪاڄ ڏٽي تي بيٺا، خرچ پڪا بہ سڀ انهن جا، ان رات نيوچور جي رهواسين، پنهنجي حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو. نيو چور جا نٺيڙا روڊ رستا بلاڪ ٿيندي ڏٺا. تہ ڪين ڏنڊين آڱريون اچي ويون، تڏهن اهڙن ڇڳن

چگڻ مُهاندڙن وٽس ويندي، اسان تي ڪِلُون پئي ڪيون ۽ واپس ورندي پئي چيائون ادا ذات تي ڏات ڪانهي!!

انهن قصن کي ورهيه گذري ويا، اسين سڀ پُٽن پوٽن وارا ٿي وياسين، پر جوانيءَ وارا اهي اَنگل ۽ چِلولائيون اسان مان اجان ڪونه ويون. اڄ به جتي به جنهن به پروگرام ۾ ملون ساڳيا ڏوڙيا لايو بينا هُجون. هڪڙي سا منهنجي رڳ هٿ ڪئي اٿائين، هاڻي هر پروگرام ۾ مون کي ڏسي اياز جا به گيت ضرور ڳائي، پهريون گيت، ٻي خبر ناهي پر مرڻ کان پوءِ، توسان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون، جنهن تي منهنجي اکڙين مان ڏُلھ ڳوڙها روان ٿيو پونِ، ۽ ٻيو گيت چوي، سَکي پِيا کي ملين تہ چئجان، چانڊني تو سوا نہ ٿيندي. انهي گيت تي جيڪو ماڻهوهنجون هاري، اهو منهنجي ۽ شفيءَ جي وچ ۾ راز رهڻ گهرجي، جيڪر اهو راز کليو ۽ اُهو ماڻهو ظاهر ٿيو، تہ وڏا ڪِنَ ٿيندا.

سو اهو شفي، اڄڪلھ سنڌ جي راڳين جو سرموڙ ٿي پيو آهي، شاھ عنايت شهيد جي پڙ ۾ پنهنجي ٻاريءَ وارو ٿي پيو آهي، جيئن تي مانُ ۽ مريادا مليس، تيئن تي نِوڙت ۽ هٿ جوڙ وڌيس، رولو آهيس نہ آهيس هڪڙو، تہ مڙس ڪنڌ کي سِيٽي ٿو هلي. رب ڪري اجان بہ وڌي ويجهي، سنڌ جي سينڌ سنواري گڏوگڏ پنهنجي سڪندر کي سنڌ جو سڪندر ڪري وجي.

ان دور جو ٽيون يار هيو، روحل واءِ جو رهواسي، عبدالحليم ساند المعروف حليم باغي. روحل واءِ جي زرخيز مٽيءَ، الائي تہ ڪيترن ايامن کان سنڌ ديس کي املھ هيرا پئي ارپيا آهن. گذريل زمانن جون ساروٽيون سارينداسون تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ روحل فقير کان وٺي پلوڙراڳي ۽ هرفن مولا شاعر جمن دربدر. ڪڇهرين جي مور، سگهڙ ۽ عبدالواحد آريسر جي لاڏلي مرهيات پليڏني فقير ساند کان وٺي هميشہ ابتا ٻول ٻولڻ ۾ پڙُ الهچائي ساند تائين، حليم باغيءَ کان حاجي ساند تائين، هن ئي مٽيءَ جا جنَميل يا هتي اچي آباد ٿيندڙ آهن. حليم بہ ان ئي مٽيءَ جو نازڪ ٻَچڙو آهي.

حليم جو نالو مزاحمتي شاعريءَ ۽ پلوڙ شاعريءَ جي حوالي سان پڙهندو ۽ ٻڌندو ايندو هيس. پر ساڻس ڏيٺ ويٺ ڪڏهن بہ ڪونہ ٿي هئي. پانيان ٿو تہ اهو 1989 جو سال هيو جڏهن امراڻي ۾ نوڪريءَ سانگي ديرو ڄمايو هيم. تڏهن سرءُ جي هڪڙي اداس شام جي وقت، ثاقب آريسر، هُن کي مون سان ملائڻ وٺي آيو هيو، سادڙو، سٻاجهڙو معصوم چهرو، ان معصوميت جي پويان هزارين دک، هزارين درد ۽ لکين لکل پيڙائون پلڪن پڙهي ورتيون هيم. ثاقب ويچاري کي سڄي عمر اها پُل رهي هئي، تہ آئون حليم واري لَڏي جو

ماڻهو آهيانءِ نه ئي مون به ڪڏهن ڪيس پنهنجي اصليت بابت ڪجهه ٻڌايو هيو. ڇاڪاڻ جو اسانڪميونسٽن کي هميشه مٿان کان پارٽي لائين ڏيندي هئي ته پنهنجي اصليت لِڪائجو. ۽اها به پارٽيءَ جي لائين هئي جو آئون ثاقب جون ڪميونسٽن کي ڏنل ڪچيون، اُگهاڙيون ۽ واهيات گاريون آرام سان هضم ڪري ويندو هيس. نه ته ڇا ثاقب؟ ڇا گار؟ ڇا آئون؟!

خير، تعارف دوران جڏهن ثاقب، حليم کي اهو ڇيو ته هِن جو واسطو به اوهان واري لڏي سان آهي. سو جيئن ئي ثاقب اهي اکر اچاريا ته پوڪپائيءَ مان منهنجي وات مان نڪتو نه سائين ثاقب نه، ان زماني ۾ منهنجي نظر ۾ جهڙي تنهنجي جماعت هئي تهڙي حليم جي!!. . مون کي کهڙي ڪَل ته گگر ۾ گڙو لڳي چُڪوءِ لڳو به وِچَ ماناري ۾؟ هن ناچيز جي زبان مان اهي اکر نڪرڻ ۽ حليم جو ڀِڳڙَڻُ، ڀِڳڙَڻُ به کهڙو، اصل الله ڏئي امانُ، اڻ واقف هوندي به مُڙس هَٽي وجي هنڌُ ڪيو. وڏيون آزيون، ميڙون، منٿون ڳيسيون ۽ پلاند وجهي مُڙس کي پرچاڻٿو پيو. تن ڏينهين سڄيءَ سنڌ ۾ حليم جون حسين آباد چوڪ تان وجي ورڻ واريون خبرون عام هيو. خلقِ خدا سان گڏ ماما جمن به چوندو وتندو هيو، ته انهي ڏوهه جو ڏوهاري لائق ٽيپو آهي. ماما جمن چوندو هيو ته ڪشميرين جي محبوب ليبر جو نالو ۽ حليم جي محبوب ليبر جو نالو ساڳيو هيو، جڏهن اهو ڪشميري پنهنجا سئو ورهيه پورا ڪري چَلتو ٿيو ۽ لائق کي خبر پئي ته هُن شيطان انٽرنيشنل هاسٽل ۾ گهري ننڊ پيل حليم کي ڌونڌاڙي جاڳائيندي، ڪشميريءَ جي راهِ رباني ونڻ جا جُملا اهڙي عجيب انداز ۾ چيا، جيئن حليم اُن کي پنهنجي محبوب جو مرتيو سمجهي. بقول ماما جمن جي ٽيو به ايئن، لائق جا اهي اکر حليم تي وڄ جيان ڪڙڪيا ۽ مُڙس شِيخ تي ويو، شِيخ ڇا پر ذري گهٽ پاڻ به هَلي چُريو هيو. مون جڏهن لائق کان ماما جي اهڙن الزامن جي تصديق لاءِ، ماما جمن جي ويٺي ئي سوال ڪيو هيو، ته هن پنهنجي مخصوص انداز ۾ ورندي ڏني هئي اي،! وينو ٻُڌ هِنِين جا احوال؟!!. هُن ته بائيو ڪيمسٽريءَ وارو گهوش جو لڪيل خُشڪ ڪتاب پئي پڙهيو ۽ دماغ جا پردا خشڪ ٿي ويا هُيس. هِنِين هَرُويرُو ڪٽي مون تي ڪارنهن جو نِڪرُ ڀَڳو آهي. باقي ڳالهه ۾ ڪي ڪينهي.!!

ثاقب جي سامهون اُن اڻ ٽيٽيءَ ٽيڻ جي ڪري، حليم جي دِل مان غير ڪڍڻ لاءِ مون کي روحل واءِ جا ڪوڙ سارا پنڌ ڪرڻا پيا. تڏهن وڃي حليم جي دل ۾ ويٺل معصوم ٻار مون سان ريڏو. ايئن رِيجهندي رِيجهندي همراهه مَس وڃي منهنجو يارُ ٿيو، يار به اهڙو جو اصل

وجي ٿيا ست خير. اهو ڏينهن اجوڪو ڏينهن مونکي ڪڏهن بہ سجي ناليِ سان نہ سڏيائين، هميشه ڍاٽين واري لهجي ۾ چوندو اميرو.

خير، هَلُون ٿا اڳتي. مرحوم معصوم سانگهڙائيءَ، سانگهڙ ۾ وڏو مشاعرو ڪرايو هيو، سڄي سنڌ جا شاعر ۽ شائقين اچي ڪَنا ٿيا. اسين سڀ يار بہ گڏجي اُتي وياسين. حليم کي اعزازي مهمان ڪري اسٽيج تي ويهاريائون، سامعين جي پهرينءَ صِف ۾ اسان وينل هُجون، يارُ جڏهن صوفا تي ٽنگَ ٽنگَ تي چاڙهي بالم ٻڌجي وينو، تہ سندس بُوٽ جي نوڪ ادل سومري ( مهمان خصوصيءَ) جي مُنهن ڪي بلڪل ويجهو پئي محسوس ٿي. لائق جي شيطان دماغ اها ڳالهہ نوٽ ڪري، هڪڙي والنٽيئر هٿان اسٽيج تي پرچي ڏياري موڪلي تہ ٻيلي، ٽنگَ هيٺ ڪر، مُڙس جو مُنهن ٿو ڀڃين. حليم پرچي پڙهي، واٽڙن جيان پنهنجي اُڀي ٽنگَ ۽ بُوٽ طرف ڏٺو، پوءِ شَڪِي تي ڏيڍين اکين سان سامهون وينل خلق ڏي ڏسندي، پڙڪو ڪائي اٿيو ۽ اسٽيج تان لهي ويو. جيستائين مرحوم معصوم، اسان کي اڳين سيٽن تان نہ اٿاريو، ايستائين پڙُ ڪدي بينو رهيو، ڇئي هي ڪافر اِتان اُٿندا تہ اسٽيج تي ويهندس نہ تہ نہ. ۽ جڏهن اسٽيج تان ڪمال جو رت چوي ٿو قاتل ڦُڙي ڦُڙي جو حساب ٿيندو، جهڙو پلوڙ شعر پڙهيائين، تہ اسان اُتي بيهي تاڙيون وڄائي داد ڏنس، هيٺ لٿو تہ مُڙس جي ڪاوڙ ڪافور هجي، معصوم ٻار جيان مسڪرائيندي چيائين، لخجي لعنت اٿانوَ ڪافروءِ بس جهيڙو ئي ختم.

هڪ ڀيري، ٽائون ڪميٽي عمرڪوٽ ۾ ادبي سنگت پاران ڪوٺايل ڪنهن سَندي ئي پروگرام ۾ شعر پڙهيائين، رت ديس تُنهنجي راهہ ۾ جي ڦُڙو ڦُڙو تي وهي وڃي، تہ تمام گهڻو داد مِليس، اسٽيج تان لهي اسان جي وچ ۾ ويهي سگريٽ جا ڊگها ڊگها سُوٽا هڻڻ لڳو، اوچتو، لائق، ڪَنَ ۾ ڪجهہ چيس. جهڙي جذباتي ڪيفيت ۾ اسٽيج تان شعر پڙهيو هيائين، ان ڪان وڌيڪ جذباتي اندازم ۾ لائق کي زن دختر گاريون ڏيندو اٿيو هليو ويو. اجان ڪلاڪ ڪن مس گذريو تہ ڪِلندو ڪِلندو وري اچي، ساڳيءَ ڪرسيءَ تي وينو. ويهندي ئي لائق جي ٻُوٽ تي ٻن آڱرين جو وِڪٽري نشان رکندي، وڏو ٽهڪ ڏئي چيائين ڏوڙ اٿئي ٻُوٽ ۾. پُڇيو مانس حليم، اڄ صبح، صبح ڪنهن هيڪلي وڻ هينان گُذريو هُئين ڇا؟ تہ وڏو ٽهڪ ڏيئي مُنهن، منهنجي ڪَنَ جي ويجهو ڪندي هوريان چيائين، يار هن حراميءَ منهنجي انهيءَ شعر مان رَتُ جو اکر ڪڍي ڪِني پاٽياٽ جو اکر ٽُنيي ابتي پيروڊي ناهي ٻُڌائي، تہ ٻِگڙي پيس.

ان زماني ۾ اسڪولي ٻارن جيان اسان جو روز وڙهڻ ۽روز پرچڻ هوندو هيو، پر پوءِ ٻه هُن جي اسان ڪان سواءِ نه سري نه ئي اسان جي هن ڪان سواءِ. جڏهن سنڌي ادبي سنگت، عمرڪوٽ جو سيڪريٽري ٿيو، ته سنگت پاران جيڪو به ڪاڄ ڪري، حليم اسان کي دعوت ڪارڊ ته ضرور موڪلي، پر شرارت ڪندي هيئنان لِکِيو به ڇڏي ته مهرباني ڪري اچڻ جي زحمت نه ڪندا. ايئن رُسندي پَرچندي، کِلندي، کُڏندي اسان جي ياريءَ کي سَتَ اَٺ ورهيه لنگهي ويا. ان سڄي عرصي ۾ شاعريءَ جي ڏات رُنل رهي. ۽ پوءِ جيئن وڻ وڻ جي ڪاني گڏي هياسين تيئن وڻ وڻ جي ڪانيءَ جيان ٽِڙِي پکڙي وياسين، انهن قِصن کي ڳچُ ورهيه ٻيا به گذري ويا، تڏهن هڪ ڏينهن ڪاوش اخبار ۾ خبر پڙهيم ته مشهور مزاحمتي شاعر حليم باغيءَ تي قاتلاڻو حملو. تڏهن ملڪ ۾ موبائل فون ڪونه هُيا، اُن ڪري وڻ وڻ جي ڪاني هنڌان هنڌان هلي، روحل واءِ پُهتي. زخمي حليم ڪان پڇڻ لاءِ. تڏهن ماما جمن ۽ مرحيات پليڏني فقير ٻڌا ٿهڪ ڏئي زخمي ٿيڻ جو قصو اجهو هيئنئن ٻُڌايو. ٻيلي! تنهن ڏينهن وِرانڊ جو هي اوهانجو شينهن مڙس( حليم) ٽنگ کي لوڏا ڏيندو، روحل واءِ تي آيو، ڪي اِسڪُوليا، موڪل ڪان پوءِ گهرين پئي ويا، ۽ ڪُتي تي ڪٽين جو همراهَ جي لوڏ ڏي ڏسي اَهل ڪري ايئن ئي هَليا، ۽ هيءُ مُڙس ٻِڪڙي پيو. هُوڙيائي ڪري وجي اسڪولين کي چِنبڙيو، اڳيان ڇورا به هيا ڪي سَگها، سو جان ڇڏائڻ لاءِ هٿوڦاريون هٽي، مُڙس کي ڪيري وٺي پڳا، اهو آهي اوهانجي مزاحمتي شاعر تي قاتلاڻي حملي جو احوال. ان مهل اسان مڙني ڏيدين اکين ڏٺو ويني ته حليم کي ماما جمن ۽ پَلوءَ فقير جي اهڙين ڳالهين تي به جُوجڪيون پئي چڙهيون. پر مُڙس وڏن جي آڏو، ڪري ته ڇا ڪري؟ چوي ته ڇا چوي؟

تن ڏينهين، مُلي نيڪوءَ سان منهنجي گهاٽي سنگت تان، حليم، هميشه مون کي ٽوڪيندو هيو ته اميرا! مُلي(ارباب نيڪ محمد) سان الائي ڪهڙو رشتو اٿئي؟ خبر ئي ڪونه ٿي پوي،!! ڏينهن رات مُلان جي اڳيان پويان آهين، ٺهڪ ڏيندو ويندو هيو ۽ پنهنجي معصوم ادائن سان، سگريٽ جا وڏا وڏا سوٽا هڻندو، الائي ڇا ڇا چئي ويندو هيو، ۽ پوءِ اسان جي پڙ ڇڏڻ سانڻ ئي، مُلو نيڪُو، حليم کي بحري باز جيان چنبن ۾ چائي ويو، گهڻن ورهين ڪان مڙسن جي ٻکوٻک هجي، ڪل تڏهن پيم جڏهن، هن پيري روحل واءِ ويس ته سج لٿو پئي، پري ڪان ڏٺم ته ماما جي اوطاَق آڏو، ٻه چار مُڙس واريءَ تي انگوڇا وڇايو نماز پيا پڙهن، ويجهو وڃڻ سان دنگ رهجي ويس. ڇا ٿو ڏسان ته سدائين مُلي نيڪوءَ تي ڪاوڙيل حليم، مُلي نيڪوُءَ جي پويان صف بند ٿيو، انتهائي باادب طريقي سان نماز پيو پڙهي.

تڏهن نماز بعد چيم حليم، چئبو تہ پاڳين جا پاٽا ڪڏهن خالي ناهن ٿيندا، آئون ويس تہ تنهنجو بہ روح نہ رهيوءِ مُلي نيڪوءَ سان ٻڪجي منهنجي جاءِ وجي والاريئي.!!

ڪجھ وقت اڳ ڪنهن پرائويٽ چينل تان حليم ۽ ماما جمن بابت هڪ ڊاڪيومينٽري ڏسندي اکين ۾ لڙڪ اچي ويم. سوچيم، ويهارو ورهيہ گذري ويا حليم اڃان بہ انهن حالن ۾؟؟ اهو حليم جنهن تي سنڌ ۽ سنڌي ناز ڪن ٿا، جيڪو جهرن جهنگن ۽قومي ڪاڄن ۾ جيئن جو تيئن ڳائجي ٿو، پانئيان ٿو تہ تنهن حليم کان ڪڏهن ڪنهن سنڌي قوم جي رهبر، ڪنهن قومي ڪارڪن، ڪنهن انقلابيءَ جوڏي ڪڏهن اهوبہ پڇڻ گوارا ناهي ڪيو تہ هو ڪهڙي حال ۾ ۽ ڪيئن پيو وقت جو گاڏو گيڙي؟ ڪيئن ۽ ڪٿان ۽ ڪهڙي هنڌان پنهنجي خطرناڪ بيماريءَ جي مهانگي علاج جو ٻلو ٿو ڪري؟ پانيان ٿو اها خبر هڪڙي حليم کي، ٻي حليم جي رب کي ۽ ٽين حليم جي اُنهيءَ اڳوٽي قومي ڪارڪن يار کي هوندي، جيڪو اڄ ڏينهن تائين ڏُک سُک ۾ ساٿس سَلهڙيو هلي. ايتري خبر مون کي بہ آهي تہ اُن علاج جا وسيلا ڳوليندي هنن ٻنهي يارن سان وڏن ۽ ناميارن ماڻهن اهڙيون تہ جُنيون ڪيون جو مُڙسن، ميڙُون ڪري جانِ آجي ڪرائي. ڪاش حليم ڪنهن ٻئي هنڌ پيدا ٿئي ها تہ اهڙي خوبصورت شاعريءَ تي قوم جو هيرو ٿي وڏن اعزازن ۽ وڏي ڏن سان نوازجي ها. هاءِ اها سا پڪ اٿم تہ پنهنجين روايتن پٽاندڙ پوءِ( خدا نہ ڪري جو ايئن ٿئي) حليم کي الائي ڪهڙا ڪهڙا لقب القاب ڏيندا سين. اسٽيجن تي اچي مائيڪ ٺوڙي گهاٽي يارانيءَ جا ادبي لفظ ٻولي بہ چار لڙڪ لاڙيندا سين. خدا نہ ڪري.

۽ جڏهن عمرڪوٽ جا وڻ وسايا هيم تڏهن عمرڪوٽ يا انهيءَ جي آسي هڪڙي جمن دربدر سان ٿوري گهڻي اڳ۾ بہ واقفيت هيم.

تن ڏينهين اليڪشنون ٿيون هيون، پيپلز پارٽِيءَ جو هڪڙو سُڪيو ستابو، وڏيرو فنڪشنل ليگ جي گهڻ پڙهئي، ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن کي اسڪولي ٻارن جيان پڙهائيندڙ قانوندان کي هارائي، سنڌ اسيمبليءَ ۾ پهچي، وزير بہ ٿيو هيو. وزير ٿيڻ سان سندس رَوَين ۾ پڻ ڪافي تبديلي آئي هئي، موصوف، هرهڪ آفيسرسان انتهائي تيز ۽ تُند لهجي ۾ ڳالهائيندو هيو. جڏهن دڙڪي جي انداز ۾ ڳالهائيندو هيو تہ، ڪامورڪي لَڏي جي بدن ۾ ڪنبٽي اچي ويندي هئي. جيتوڻيڪ عمرڪوٽ، سک ۽ سڪون وارو شهر هيو، گهڻا ٽڻا ماڻهو ڪراچيءَ، حيدرآباد ۽ ميرپورخاص جي هنگامن سُوران هتي بدليون ڪرائي ايندا هيا. هاڻي هن نئين صاحب جي داٻن، سندن مَتيون ئي مُنجهائي وڌيون هيون. جيتوڻيڪ هن کان پهرئين دور ۾ بہ ڪاروڙو سرسبز هيو ۽ سندس ويجهي عزيز جي هلندي پڄندي

هئي، جيڪو تن ڏينهين هارائيندڙ گهڻ پڙهئي قانوندان جو اعتماد وارو ماڻهو ليکيو ويندو هيو. هنن ٻنهي پارٽين جي ۾ماڻهن جا عجيب رواج هيا، هڪڙي ڌر جا ماڻهو هميشہ ڏيرج ۽ اخلاق ۽ پئسو هلائي آفيسرن کان جائز توڙي ناجائز ڪم وٺي ويندا هيا، نہ ڪي داٻ، دڙڪن ۽ بدلين سان. ٻي ڌر وري داٻن سان اهو ڪم ڪندي هئي، تي سگهي ٿو تہ داٻن ڏيڻ واري ڌر پاڪستاني سياست ۾ تمام گهڻو پوڄڻ باعث انهيءَ احساس محروميءَ جي ڪري ايئن ڪندي هئي. مزو اهو هوندو هيو تہ عمرڪوٽ جي سياست جو مرڪز پوءِ بہ ڪاروڙو ئي هوندو هيو. اوطاق هوءَ هجي يا هيءَ، پر ماڻهن ڪي پنڌ ڪاروڙي جو نصيب ۾ لِکيل هوندو هيو. اسان جو پراڻو يار ڪامريڊ گوپال سنگھ سوڍو تہ وڏي واڪ چوندو وتندو هيو تہ ادا ڪاروڙي جي سيدن سان نہ دوستي ڀلي نہ دشمني ڀلي. ڳالھ پئي هلي جذباتي سائينءَ جي وزيرتي ڪامورڪي لڏي ڪي داٻن ڏيڻ جي. خدا مونکي بچايو جو ڪڏهن سندس وَرِ ڪونہ چڙهيس. سندس والد مرحوم ۽ ڀاءُ انتهائي تڏا، منڙا ۽شرافت جا پتلا هوندا هيا. تن سان ڪوڙ ساريون ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون. ۽ ساٿن وڏي حجت بہ هوندي هئي

انهيءَ وقت عمرڪوٽ جي ڪاليج جو پرنسپال سائين مدد علي لغاري هوندو هيو، منهجي عمرڪوٽ جي ڪاليج جي پروفيسرن کان وٺي پٽيوالن سان دوستي هوندي هئي. آئون اڪثر ڪري شام جو بيڊمنٽن راند ڪرڻ لاءِ ڪاليج ويندو هيس. انهن ڏينهن ۾ منهنجي جماعتي يار سليم مهر، جو موجوده روحل بس اسٽينڊ جي سامهون وارو گلشن سليم ڪنهن مالهيءَ جو انبن جو باغ هوندو هيو. تنهن مالهيءَ اها باغ واري زمين ويڪوُ ڪئي، تہ سليم، توکان مونکان هُن کان هِن کان جهٽي پٽي، اهو باغ خريدي، وڏي وٺ وٺان بعد ان ۾ گلشنِ سليم جي نالي سان پلاٽنگ منظور ڪرائي هئي، تڏهن خبر پيس تہ ان باغ جي مُهڙ ۾ خالي پلاٽ ڪاليج جو گرائونڊ آهي. ڪيس ان مان رستو ڪپندو هيو، مون سان ڳالھ ڪيائين ۽ مون سائين مددعليءَ کي چيو تہ سائين همراھ کي هتان رستو ڪپي ٿو. سائينءَ اجازت ڏئي ڇڏي. ان وقت ڪاليج ۾، بہ انتهائي تيز ۽ چالاڪ ليڪچرار هوندا هيا. جيڪي هونئن تہ منهنجا بہ يار هيا ۽ آهن بہ، سي ٻئي مڙس ڪنهن نہ ڪنهن سياسي ۽ سماجي مسئلي ۾ ٽنگ اڙائڻ لاءِ هميشہ ٻاڙيا وينا هوندا هيا، مزي جي ڳالھ تہ ٻئي موصوف ڪڏهن بہ سامهون ٿي ڪنهن ماڻهوءَ سان ڪونہ ڦتائيندا هيا، سندس سوڍي واري ترار هوندو هيو سائين ثاقب آريسر، جيڪو صفا سنئون سڌو، هرڪنهن هٿ ملائڻ واري ڪي دوست سمجهندڙ، نيڪ نيت انسان هوندو هيو، پر منجهس وڏي ۾ وڏي خامي اها هئي تہ

هو هر هڪ جي ڳالھ تي اعتبار ڪندو هيو، هُنن جي جوڙيءَ ڪي جو فتنو لڌو، تہ همراهن وڏا مرچ مصالحا ملائي، سائين ثاقب جي ڪن ۾ اها ڳالھ وڌي تہ پرنسپال منهجي چوڻ تي چار پئسا وني پلاٽ جو غير قانوني قبضو سليم ڪي ڏياريو آهي. بس چوچڙي دکائي مڙس پاڻ هميشہ جيان پاسيرا ٿي ويا، سائين ثاقب وجي پنيور ڪي باهيون ڏنيون، گهڙي نہ گذري جو صوبائي وزير جي صلاح سان سائين ثاقب جي مدعيت ۾ سليم تي ڪيس داخل ٿي ويو، هوڏانهن سليم وارن بہ جماعت سڳوريءَ جي دور ۾ خلقن ڪي چڱا موچارا سورڏنا هيا، سو ڪيس بہ سيڪجھ سُجهيو ٿي، همراھ پوليس جي پادرن جي پَئوَ کان روپوش ٿي ويو. تڏهن مون دوستيءَ جو پرم رکندي، وچ ۾ اچي سندس ضمانت ڪرائي هئي، جيڪا ڳالھ شايد انهيءَ دور جي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ کي ڏاڍي ڏکي لڳي هئيءِ اهڙي پڪ بہ ڪونہ اٿم پر هڪڙي ڀيري حاجي چنيسر مريءَ اهڙو اظهار ڪيو هيو تہ، منهنجي بدلي بہ ٿي سگهي ٿي، حاجيءَ جڏهن اهو احوال مون سان ڪيو، تہ مُسڪرائي چيومانس تہ حاجي صاحب هن کان اوپر طرف تہ هندستان جو باردر آهي، تر ۾ حبيب بينڪ جي ڪابہ شاخ ڪانهي، جيڪي ڪجھ ٿيو سو منهنجي پلي ۾ هوندو. وري بہ گهر جي ڪجھ نہ ڪجھ ويجهو تہ ٿيندس.

سليم واري سنگت تان ياد آيم تہ، تن ڏينهين سليم جي گهڻ پلائيءَ واري ياري سرور پليءَ سان هوندي هئي. سرور پلي اڪثر ڪري سليم سان گڏجي بينڪ ۾ بہ پيو پيرا پجندو هيو. پاڻ کي اها ڪل ئي ڪونہ هوندي هئي تہ سرور پلي بہ ڪو علم، ادب، شاعريءَ ۽ راڳ جي يونيورسٽيءَ جو بڻياد وجهندڙ پلي خاندان مان آهي. ڪافي ڏينهن بعد هڪڙي ڀيري سليم سان گڏجي خانصاحب عطا محمد پليءَ جي ڳوٺ ويو هيس. تڏهن ڪل پيم، تہ مار هي تہ وڏو اهم خاندان آهي. ها سرور پلي، ڪافيءَ جي پلوڙ شاعر راڄ محمد پليءَ جو پُٽ هيو، ۽ سنڌي غزل ۽ ڪافيءَ جا بادشاھ شاعر عبدالڪريم پلي ۽ ولي محمد وفا پلي سندس چاچا هيا. جيتوڻيڪ تن ڏينهين عبدالڪريم ۽ راڄ محمد پنهنجو وارو وڄائي چڪا هيا، سنڌي راڳ جي اها يونيورسٽي بند ٿي چڪي هئي، پر انهي جون باقيات اڄ بہ اعجاز پلي، رسول بخش، عطامحمد ۽ اصغر جي روپ ۾ موجود هيون. مون احترام ۾ بند پيل اهو بنگلو بہ ڏٺو جنهن ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو مهمان ٿي اچي ترسيو هيو. جيتوڻيڪ عبدالڪريم پليءَ جا پُٽ اعجاز ۽ رسول بخش راڳ جا وڏا پارکو لڳا هيم، پر اوڙي پاڙي جي ڳوٺن جا بہ ڪافي ماڻهو بہ راڳ جا وڏا ڄاڻو مليا هيا. جن مان سيني کان وڏو مون

وارو يار لائق ٿيڀو بہ هوندو هيو. پوءِ تہ جهڙا ماڻهوءَ جا وارا نيارا تي وڃن، ايئن مون بہ پلين جي ڳوٺ جا پيرا ڪرڻ شروع ڪيا هيا. جيڪي اڄ تائين هلندا اچن.

نيٺ حاجي چنيسر واري ڳالهہ سچي ٿي. الائي تہ اهو ٿورو يارڙن ڪيو هيو، الائي پاڻهي ڪم ٿي ويو هيو، يا منهنجي قسمت کي ڪجھ ڀيو منظور هيو، سليم واري قصي جي هڪڙي هفتي اندر، اوچتو ئي هڪڙي ڏينهن عمرڪوٽ ۾ ويني ويني، ڪپري پَلاٽڻ جو نادري حڪم اچي پهتو. جيئن بہ ٿيو، جنهن بہ ڪرايو، انهي درويش کي شايد اها خبر ئي ڪونہ پئي سگهي تہ آئون عمرڪوٽ کان ڪپري پُهچي، پنهنجي ٻچڙن جي ويجهو ٿي ويندس. ها ڏُک صرف ۽ صرف اهو پئي ٿيم، تہ جيڪا ڳالهہ عمرڪوٽ ايندي ڪنهن چئي هيم، تہ ماڻهو عمرڪوٽ ڏانهن بدلي ٿي ويندي بہ روئيندو ويندو آهي، تہ واپس پنهنجي گهر ڏانهن ويندي بہ عمرڪوٽ ڇڏڻ جي ڏک ۾ روئيندو ويندو آهي. خير! منهنجون اکيون بہ انهيءَ عمرڪوٽ ڇڏڻ جي ڏُک ۾ پُسيون هيون، بہ چار لڙڪ بہ لڙيا هيا، اهي لڙڪ ڪنهن ڏٺا ڪنهن نہ ڏٺا پر منهنجن ڳلن تان ڳڙي، ٿر جي ٿڌڙيءَ واريءَ ۾ جذب ٿي ويا هئا. نيٺ هڪ ڏينهن عمرڪوٽ جي گهاٽين نمن کان، منڙن ماڻهن کان، درن ۽ديوارن کان لڙڪ لاڙي موڪلايم ۽ اچي ڪپري جا وڻ وسايم.

رائي پير رتُ ڪيا (آتم ڪٿا) امير بخش شر



تاريخي طور تي شر ۽ جتوئي برادريون خانہ بدوش رهيون آهن. اسان جا وڏا ڪاوڙجي يا ڦڏا فساد ڪري حلب (شام) مان نڪتا هوندا. اهي ايران کان ٿيندا، ثمرقند بخارا لتاڙيندا آخر ۾ بلوچستان ۾ واقع جتڪ نديءَ کي پنهنجو وطن ٺاهيائون. اتان بلوچستان جي ٻين علائقن ۾ آيا، اتي بہ چين نہ آيُن ۽ ڦڏا فساد بہ جاري رکيائون. سندن گذر سفر رڍن ٻڪرين تي هو. شوري ۾ ٻڙدين سان جنگ لڳي ۽ رڍن سان اچي سنڌ لٿا جنهن کي مستقل طور وطن بڻايائون. هن ڌرتيءَ جو احسان جو هن اسان کي پڙهائي رڍن جي جاءِ تي ڪتاب ڏنا. سو منهنجي مِنٿ ڀي مائٽ امير بخش شر کي ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ رڌون نہ ڪپائٽيون پيون. ماءِ پبليڪيشن سندس هي سهڻو ۽ سٺو ڪم ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي. سنگت هي ڪتاب پڙهي ڇو تہ هن ۾ شاندار مواد آهي جيڪو سندس زندگيءَ جو نِچوڙ آهي. جيڪڏهن امير بخش شر هن سڄي ڪتاب ۾ ڪٿي بہ رڍ جو ذڪر نہ ڪيو هجي تہ ڪتاب پاسيرو رکي ڇڏجو.ڇو تہ رڍ جهڙي ابوجهہ جانور سان غداري ڪنهن بہ قيمت تي برداشت نٿي ڪري سگهجي.

**شبير شر، وڪيل**
ڳوٺ مينگهو فقير شر
تعلقو ميرواهہ خيرپور ميرس

MM Publication